

سنگیت
انجلی
دکایل

ارپيان ٿو

هيءَ ڦلن مٺ

پنهنجي استاد
سائين ٻيوس کي
جنهن رڳو ياونا
روپي تلسي ڏل تي
راضي ٿي هيڏيءَ
ڏات جي بخشش
ڪئي.

* * *

پتا شري بالمڪند
ڀائي ليلارام جيسا سنگهه
صاحب، ماتا نڪل ٻائي،
ماتا موتل ٻائيءَ کي.
هڪڙيءَ پيار جي گود ۾
گيان ڏيئي ناهيو
سنواريو، ۽ ٻيءَ جنم
ڏيئي جهان ڏيکاريو.

دکايل



هوندراج ليلارام (د كايل)

سنت ونوبا جي آشيرواد

مهاڪوي شري دڪايل جي اڄ تائين ڪيل ڪاويه - رچنا جو سمورو پرڪاشن ٿي رهيو آهي، اِها خوشيءَ جي ڳالهه آهي.

ڀُوُ - دان - يگيه کي جيڪو زوردار ۽ پُر اثر شاعري توڙي سنگيت جو دان هن ڏنو آهي، اهو اَملهه آهي. اڄ ساري ڀارت ۾ جڳهه جڳهه اُنهيءَ جو پڙاڏو ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.

ڀڳوان جو وِرهُه محسوس ڪري، ڀڳت جن هميشه دڪايل ٿي رهندا آهن. ليڪن اُنهيءَ دک ۾ جو سُک ڀريل آهي، سو اُهو ٿي ڄاڻي ٿو، جنهن کي ڀڳوان اهڙو نصيب بخشيو آهي.

اهڙن ورلي پُرکن جي سماج ۾ دڪايل جيءَ جو شمار آهي. چاهيون ٿا ته اَسين سڀ اُنهيءَ ڀڳت منڊليءَ ۾ داخل ٿيون.

سيني کي پرڻام

بينگال - ياترا

١٨ مئي ١٩٦٣ 'ونوبا' جا جئه جڳت

سنگيت انجلي

(ست گل)

اسانجا ٻه اکر

ڪوي دڪايل جي گيتن جا تازو ڇپايل، ست ئي ڪتاب، هن هڪ يڪي جلد ۾ ڏيندي، لوڪ ساهت پرڪاشن گانڌيڌام وارا، پاڻ کي هڪ وڏي رڻ کان مڪت سمجهن ٿا. هن وقت تائين ڪيترن پاٺڪن توڙي ٻيئرن، ڪويءَ جي پُراڻين توڙي نين رچنائن جي گهر پئي ڪئي ۽ اسان ٻ اُنهن کي اُهي رچنائون ڇپائي پهچائڻ جا انجام پئي ڪيا. اڄ پرميشور جي ديا سان اسانجو اُهو وچن پورو ٿي رهيو آهي ۽ سنگيت انجليءَ جا لڳ ڀڳ هڪ هزار صفحا انهيءَ جي ساک ڏيندا.

هن سنڌي لوڪ ڪويءَ جي هندي رچنائن جو، لڳ ڀڳ ٻه سؤ صفحن وارو "ڌرتي کي گيت" نامڪ پستڪ پڻ، پرڪاشن پاران هن ئي سال ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي. اِهي گيت، ڪويءَ جي جدا جدا ننڍين وڏين، ڏيڍ لک ڇپايل ڇونپڙين منجهان گڏ ڪري ڇپايا ويا آهن. اُميد ته پهرئين ڇاپي جون پنج هزار ڪاپيون هن ئي سال ۾ لوڪن جي هٿن تائين پهچي وينديون، ڇو ته "سرووديه" جو سنڌر ويچار ڏينهون ڏينهن وڃي ٿو لوڪ پريه ٿيندو.

ڪويءَ جا باقي ست سنڌي ناٽڪ، سنڌس اصلوڪيون يا ترجمو ڪيل ڪهاڻيون ۽ ادب لطيف، ترت ڇپائي پڌرو ڪرڻ جو ڪاريه اسانجي اڳيان آهي.

विनोबा की आशीर्वाद

महाकवि श्री दुखायल की आज तक की काव्य–रचना का समग्र प्रकाशन किया जा रहा है, यह खुशी की बात है। भू-दान यज्ञ को जो वाङ्मय–दान उन्होने दिया है वह अमूल्य है। और सारे भारत में जगह जगह उसका प्रतिध्वनि सुनाई देता है।

भगवान का विरह महसूस करके भक्त जन हमेशा दुखायल ही रहते हैं। लेकिन उस दुख में जो सुख भरा है वह वही जानता है जिसको भगवान ने वह भाग्य बक्षा है।

ऐसे विरले पुरुषों के समाज में दुखायल जी शुमार हैं। और चाहते हैं कि हम सब उस भक्तमंडली में दाख़िल हों।

सब को प्रणाम।

बंगाल यात्रा
१८–५–६३

विनोबा का
जय जगत

پنهنجي پاران

’سنگيت انجلي‘، منهنجي گذريل چاليهه، پنجيتاليهه سالن جي زندگيءَ جو چٽچٽي ڪري ته پوتاميل ئي آهي. حياتيءَ جي جدا جدا دؤرن منجهان لنگهندي، جيئن جيئن هليو چليو يا اٿيو ويٺو آهيان، اهي سموريون يادگيريون هِنن گيتن منجهان ليئا پائي، جڻ ڳالهائين ٿيون.

ڪجهه پڪو جيون، جيڪو گذاريو اٿم، انهيءَ جي ساک، بنا ڪنهن رک-رکاءَ جي، هي گيت ڏيندا رهندا، جيسين سندن وجود هوندو. ڪيئن چوان ته هي گيت، منهنجي گذريل ڪيترن جنمن جو اُپٽو هوندو؟

ستن اٺن ورهين جي عمر ۾ چوڻ ۽ ڳائڻ شروع ڪيم. پنهنجن، پراون جذبن جي پرن تي اڏامندو رهيس ۽ اهو اڏام اڄ تائين جاري آهي. البت پکن پرن جو زور، ڪڏهن ڪڏهن وشال آڪاش ۾ ايڏيون وڏيون گهتون تو ڏياري، جنهن ڪري دپ ٿيندو آهي ته ڪٿي اهي پر ڪوهي نه ويهان. پر ڪنهن جو آڌار ۽ آسرو اٿم، انهيءَ ڪري ويساهه ڪٽي پيو ٿو هلان- جيڪو سائين ’بيوس‘ چاليهه سال اڳ بخشيش ڪيو هو.

سنگيت- انجليءَ جي ستن ئي وستارن ۾، جيڪي ڪجهه هٿ ۾ اٿم، اهو سڀ گهٽي قدر ڏنو ويو آهي. سواءِ پنجن ستن سون سِٽن جي، جن خود ٻاهر اچڻ ڪان

ناٽڪن منجهان 'هريجن اَبلا' ۽ 'نرسي مهتو' ته سنڌ ۾
ٿي ڇپيا هئا. انهيءَ کان سواءِ 'علاوالدين پدمڻي' ۽
'ڏيئي ليٽي' گراموفون رڪارڊن ۾ اچي چڪا هئا. انهن
ڇهن کانسواءِ باقي ٻي ناٽڪ 'ڀڳتياڻي ميران' 'عمر مارئي'
۽ 'اهنسا' اڃا تائين ائين ئي رهجي ويا هئا. اُميد ته هاڻي
اِنهن ستن ئي ناٽڪن کي هڪ ئي ڪتاب ۾ گڏي
ڇپائي ڀائرن توڙي ڀينرن جي هٿن ۾ ڏنو ويندو. پڇاڙيءَ
جو ايترو ئي چونداسين ته اسين، پنهنجي لکن ڀائرن ۽
ڀينرن جي شوق توڙي اُتساهه جي ڀروسي تي ئي هي
هيڏو سارو ڪارج ڪري رهيا آهيون.

آديپور (ڪڇ) — ڪرشنا

١٥ جون ١٩٦٣

جھونکار

ڪيباب. انهيءَ ڪانسواءِ ۱۹۲۳ ۽ ۱۹۲٦ ۾ اوائلي ڇپايل گين
جا ڪتاب، ڪرشن ڀڄناولي توڙي آريه ڀڄناولي، منجھ
هڪ رچنا به هن مجموعي ۾ ڏني ڪانه ويئي آهي. ڀيري
پسنڪ ته هندستان اچڻ ڪانپوءِ هيٺ مٿي ٿي ويو. ليڪ
سواءِ راجپوتي بهادري توڙي قربانين جون سنگيت. ڪتائو
جيڪي ۱۹۲٦ کان ۲۸-۱۹۲۷ تائين 'انقلاب'، 'سوراج'، توڙ
ٻين اخبارن ۾ ڏيندو رهيس، اُنهن رچنائن منجهان
هڪڙي رچنا به پاڻ وٽ سنڀالي نه سگهيس. سبب
رڳو لاپرواهي. سوامي ڌرمداس- جيون ڪوتا جون به ه
ستون، جدا ڪتاب اندر، گرمکي- لپيءَ ۾ ڇپيل آهن
انهيءَ طرح ڇنڊڇاڻ ڪٽي نه جيڪي پاڻ وٽ هو، اهو سـ
پنهنجي پائرن توڙي پيرن جي آڏو ڌريو اٿم. شل قبو
پوي.

'دڪايل'

ون کهاڙي جي کهاڻي، انهيءَ وقت
جهونگاري ويئي، جڏهن سنڌ اسيمبليءَ جو ٻيو
دفعو عام چونڊون ٿيون هيون. هونءَ نه ته هن
کهاڻيءَ جو جنم فبروري ١٩٤٥ع ۾ سکر سينٽرل جيل
۾ ٿيو هو، جڏهن آءٌ اُتي ٽن مهنن جي ٿوئين سزا
ڀوڳي رهيو هوس.

اچ ون- کهاڙي جي کهاڻي، هر سنڌيءَ جي
حافظي جو جڻ ڪمال آهي. جتي به وڃڻ ٿيندو اُتم،
اُتي انهيءَ کهاڻيءَ جي فرمايش ٿيندي ئي رهندي
آهي، ٻوءِ انهيءَ ساڳئي شهر يا ڳوٺ ۾ پنج دفعا ئي
چوڪين ويو هجان! اچو ته اِها لوڪ ڪٿا هڪ دفعو
وري ڳڏجي جهونگاريون ۽ وطن جي آزادي برقرار
رکڻ جو قسم کائون.

فهرست

پڌنامو

صفحو	سٽ	غلط	برابر
٥	٥	ٿيو تيار	تيار ٿيو
٥٢	١١	سلطان ٻٽيو	سلطان ٿيو
٥٩	١٤	دربدر	سربسر
٨٨	١	درد آنهن	گرم آنهن
٩٠	٢	روزانو ڪيو	دوزانو ڪ
٩٤	٩	چڪور	پڪور
١٠٥	٤	ڪهي شڪار	گهرجي شد

هو ٽڏيرو واءُ ويتر ونڻ ڏني سرهاڻ ٿئي،
ننڍ لوهر ڪي وٺي وئي واهہ جي آلاڻ تي.
ونڻ جي هڪ هڪ پن وڄايا جڻ سريلا ساز ٿئي،
وات مان واچوڙي جي نڪتا مٺا آواز ٿئي!
هيءَ خوشي ونڻ جي ڪهاڙي کي ٿي گذري ناگوار،
دل ۾ هن سمجهيو تہ ’پن پن ٿو ڪري منهنجي پچار!‘
واءُ لوڏيو پئي جيئن ونڻ کي لڏيو ٿئي ڏار ڏار،
ساڙ ۾ ڪارو ڪاٺو ٿيو تيئن ٿئي بي قرار!
نيٺ ٻاڙهو منهن ڪري ونڻ کي چيائين خار مان،
پل ڪِلي ڪر ڪيچ هيڪر ڄاڻ مان پڇي ٿو اچان!
منهنجي هوندي خير پنهنجي سرجو هرگز ڪين ڄاڻ،
ڪير آهيان آءٌ، هيڪر ڪول اڪ مونکي سڃاڻ.
ڪارناما منهنجا پل پنهنجن وڏن ڪان ڏس پڇي،
قبر ۾ اچ پيي نہ دهشت ڪان سڱهن ٿا جي ڪڇي.
منهنجي نالي ڪان ٿا شاهي بابرا پيلا ڪنبن،
ذات منهنجيءَ کي ڏسي سامهون، ٿا جنسي ونءِ وڃن.
جسم آهي لوهہ جو منهنجو ڪهاڙو نانءِ آهہ،
ونڻ جبل جيڏا وڍيانٺو ايڏو منهنجو هيانءِ آهہ.
تو ڪلي مونتي، جو ڏيکاريو جوانيءَ جو غرور،
ترس! اهڙي ڏوهہ جي توکي سزا ملندي ضرور.

وڻ ۽ ڪهاڙو

ٽيو خزان جو دؤر پورو نت نئون آيو بهار،
وڻ سڪل ساوا ٿيا گل ڦل ٽڙي پيا بي شمار.
هيڏر گنبذ جي ڳُاي جهولي خوشيءَ ۾ ڏار ڏار،
مست ٿي جهنگ جا پکي ڪن هيج هڪ ٻئي سان هزار.
هن سهاڻي وقت نڪتو گهر ڇڏي هڪڙو لُهار،
جنهن جي هٿ ۾ ڌار وارو هو ڪهاڙو زيبدار.
دڳ وٺيو ويو ٿئي ملي من ڪو گراهڪ مالدار،
دل گهريو جو ملهه ڏئي مونکان وٺي هي مددگار.
وات ويندي جي ڏٺائين ٻئي ڪو ايندو راهگير،
ٿئي چيائين ڪو وٺي منهنجو ڪهاڙو بينظير!
پنڌ ڪري ٿڪجي پيو آيس مٿان پاڇو لڙي،
ڇانوَ وارو وڻ ڏسي آرام لئ ترسيو گهڙي.

سال ڪن ڪاٺيون وڍي وڪڻي ڪندس پيٽ روزگار،
فيصلو آخر ڪري، ھو وڻ وڍڻ لاءِ ٿيو تيار.
ڳن ڪھاڙي لاءِ ڪپي ڪرڻي نہ پيس چنتا گھڻي،
تپ ڏئي، وڻ تي چڙھي ٽاري مُڇي آيو ڪٽي.
ڳن گھڙي نـاھـي ڪھاڙي ۾ وجھي سو ٿيو تيار،
وَڍ مٿان وَڍ ڪائي درخت نيٺ ڌرتيءَ تي ڪريو!
وڻ ڪريو ڪاري ڪھاڙي جي جھٽڪ ٻيگھي مٿي؛
طعنہ ڏيئي پنھنجي ٽارڻ پٺي گھريائين دل ٺٺي.
ڪرخبر درخت! اُھا ساڳي تنھنجي دھشت ڪٿي؟
ٺوڪبازيءَ سان ڪلڻ واري تنھنجي جرات ڪٿي؟
جيڪڏھن ٺوڪي اچا مغرور ڪو ھوندو خمار!
ياد رک ڏاري ڪندس باقي بہ عضوو ڌار ڌار.
وڻ وراڻيندي چيو ”ڪارا ڪھاڙا ڇڏ ٻٽاڪ“
ساک سگھڻي ڪر ڦٽي پنھنجي اجائي ڪر نہ ھاڪ.
منھنجي سامھون تون ٻھين ھا؟
ايڏو تو منجھہ دم نہ ھو،
مونکي ڪيرڻ ھو ڪٺن تنھنجو اڪيلو ڪم نہ ھو.
انگ منھنجو ڳن ٻڻي توسان جڏھن شامل ٿيو،
مونکي ڪيرڻ ۾ تڏھن ڪانـرجو پورھيو ٽاب پيو.
جـي فقط ٺـوٺـي رکـي ويھي ھا، سگھڻو آسرو،
ٻـار ماري ھـا بکن ۾ پاڻ کي ڏئـي ھا ٻرو!

ايترو چوندي ڪھاڙو جوش ۾ سهڪڻ لڳو؛
خون هنجي جسم جو ريءَ باهه جڻ تهڪڻ لڳو!
بي سبب ڪاوڙ ڪھاڙي جي ڏسي، درخت چيو،
مان نٿو سمجھان ته تنهنجو ڏوهه مون ڪھڙو ڪيو؟
سمجھه رک پائي ڪھاڙا! جوش ۾ ايڏو نه آءُ،
ڪوڙ ۽ سچ جو پوي ٿو ڪين ڪاوڙ ۾ سماءُ.
تون وڏو آهين ته توکان آهه وڏو منهنجو ڏٽي،
سونهن پنهنجيءَ ساڻ جنهن قدرت کي سينگاريو ڪٺي.
جي اچا آهن حياتيءَ جا کي ڪُپڙيءَ ۾ ڪٺا،
چوڏو لاهي ڪين پڇندين مر ڪرين حيلا گھٺا!
هڪ طرف ڪاري ڪھاڙي کي غضب جو جوش هو،
ٻئي طرف درخت دکايل! چپ ڪڙو خاموش هو.
نيٺ هڏ ساهي هليو لوهر ڪھاڙو جيئن ڪٺي،
نيئن اڳيان ڪانير گڏيس جنهن کي ڪھاڙو ويو وٺي.
شوق سان ورتو ڪھاڙو جهنگ جي ڪانير ڪِلي،
پاڳه لوهر جا ڪايا جو من-گھريو ويس مِلي.
ڦر ڪھاڙي جو ٻنهي ڪانير اچا اڳتي چُريو،
هن ڏٺو، سامهون ڪڙو بيٺو هو درخت دل گھريو.
خيال آيس چو نه هن وڻ کي وڍي ڪيريان ڪٺي،
مال پڻ لهندو جهجهو ڏيندو مدد ڏاڍي گھٺي.

هـــيءَ ”تنهنجي منهنجي ڪهاڻــي“
پنجويهہ سال اڳہ جي ڇپيل آهي، جڏهن سنڌ ۾
Muslim Mass Contact جي مقصد سان ڳوٺاڻي
هلچل شروع ڪئي ويئي هئي. انهيءَ وقت ڳوٺن
۾ پيرين پنڌ گهمندي، سنڌ جي عوامي زندگيءَ
جو جيڪو درشن ٿيو، هيءَ ڪهاڻي انهيءَ جي اُپج
آهي. اڄ ملڪ آزاد آهي پر ملڪ جي ڌرتي اڃا
مالڪيءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهـــي. انهيءَ
ڪري ڪروڙين ملڪي ڀائرن توڙي ڀينرن جو
حال اهڙوئي بدتر آهي، جهڙو حال سندن غلاميءَ
جي وقت ۾ هو.
اڇو تہ اسين هڪ دفعو پنهنجي آرٿڪ، سماجڪ

فخر تنهنجو خوامخواهه، آهي اجايو هي گمان،
مان ڪريو آهيان جي، پنهنجن جو ٻٽيو آهيان نشان.
ديش واسي اڄ ٻُڌي وڻ ۽ ڪهاڙي جو قصو،
ملڪ پنهنجي ڏي نهاريو، پنهنجي حالت ڏي ڏسو.
وڻ مٿي هن ملڪ جي آزادگي جاڳي سدا،
ڳن غلاميءَ جي ڪهاڙي جو نه ٿيو ڀڃ خدا.
هيءَ نصيحت ناهه ليڪن دل دکايل جي پڪار،
جا ڪندي، غافل وطن وارن کي جاڳائي هوشيار.

آزادي مندر جا راکا!

(تنھنجي منھنجي کھاڻي)

راکـــا! او راکا!
آزادي مندر جـــا راکـــا!
آزادي مندر جـــا راکـــا!
راکـــا! او راکـــا!

آڪاسي گنگـا جـــي لهرين جو پينگهو لـوڏيندو،
پرياڻي تارن کي منڙيون منڙيون لوليون ڏيندو.
روز اچي ٿو، هير جهڪورون ڪٽندو صبح سهاڻو،
گل ڦل هيج ملهائن، ٿئي چوطرف چمن چانڊاڻو.
سورج خوش رنگ ڪرڻن سان ڌرتيءَ جي سونهن وڌائي،
قدرت جي هر وستوءَ کي ٿو سونا ويس ڍڪائي.

ٿورڙي راجنيتڪ ڀاڱيداريءَ جي تپاسي ڏسون ته غلاميءَ وقت جيڪي اوڻايون اسان منجهه هيون، اُهي آزاد ٿيڻ کان پوءِ اڃا اسان ۾ آهن ڇا؟ جي آهن، ته اُنهن کي دور ڪرڻ لاءِ اسين ڇا ڪريون.

انسان کي ورثي ۾ ويسر ڏاڍي گهڻي ملندي آهي. هڪ دفعو جيڪر "تنهنجي منهنجي ڪهاڻي" وري جهونگاريون ته ڇڱو.

ڪير بنا نندڙن ٻارن جون مائر اڄ واجھائن،
چاڻ ڀِڄيءَ تي آئر ڏيئي رئندڙ ٿيون پرچائن.
هن حالت جو صرف غلامي ڪارڻ آهه بنيادي،
آزادي جي ايندي، پاڻهي ايندي پوءِ آبادي.
ديس ڪي آزاديءَ جي درسن جي پرٻل اپلاڪا،
راڪا! او راڪا! آزادي مندر جا راڪا.

(٣)

پڱسي پرڪ مهل نڪري ٿو مَنهُ چڏي ڏس هاري،
ڏاندن جي ڏٻري جوڙي تي ڪٽندو هرپانجاري.
ڏاند پيٿارا پَهرن تاءِ چبڪا پٽ پٽن ٿا؛
ڪاڏي ڪان وڌ ڪيڏو سارو پنھنجو هڏ رت ڏين ٿا!
انساني خود غرضيءَ تي آهن گگدام پڪاري،
جنهن نندڙي ڪان حيوانن جي حق تي ڪاتي ماري.
پيٽ پري جن ماءُ مِٺيءَ جو کير نه ڪڏهن پيتو؛
وڏڙي بي رحميءَ سان ويتر لوڙن پيٽو ڪيتو.
پوءِ ٻه ٻار ٻچا پاڳئي جا ويچارا پالن ٿا؛
پاڻيءَ ڪانجهيءَ سردي گرميءَ ۾ وهندي جالن ٿا.
پر جي هلندي ڏٻرا ٿيندا، ڪاٽيءَ هينان ايندا؛
ڏيهن پُچا جي داور در انسان تي دانهين ٿيندا.
پيٽ پِٿيو پاڳئي ڪان ڪرائي ٿو ڪيڏي بي دادي!
ايندي آزادي بک پڄندي، ٿيندي گهر گهر شادي.

برف پهاڙن تي پڻجي اس ۾ چا رنگ ڪيدي ٿي،
تيز هوا جي جهوتن سان ڪيئن جهر جهر ڪندي وهي ٿي.
جهرڻن مان درياهه بڻي ڌرتيءَ جي پياس بجهائن،
ڌوڻ پٽن واريا سن ڪي ٿا سائو سبز بڻائن.
قدرت جي هر ڪنهن نعمت جي ديش تي آهه عنايت،
ان هوندي پڻ ملڪ کي حاصل ناهي دل جي راحت.
هند واسين جي سامهون آهي ناشادي ناشادي،
ڇو ته وڃائي آهن وينا سي وطني آزادي.
ديش کي آزاديءَ جي درسن جي پربل ابلاڪا،
راڪا! او راڪا! آزادي مندر جا راڪا!

(٢)

ساجهر جهنگ چرڻ نڪري ٿو ملڪ جو مال پنارو،
جنهن جي کائڻ لاءِ ميسر ناهي پورو چارو.
سڙيل سڪل کي ڏانگا ٿُونگا، چاري چا ڌڻ واهي؟
مال چري، منهن چار هٽي بس ٿڪي ٿو گهر ڏي راهي!
عام چراگاهه ڪاٿي آهن، ڪاٿي ساوا چارا،
هيڏن بيلن هوندي گهر جا مالڪ ٿيا ويچارا.
هرڪي جي حيوان ڪڏهن کي ساوا پٽ چري ٿو؛
پا گيهو هن پل جي عيوض ۾ پاري ڏند پري ٿو!
اُرهه اُهي اڄ ڪاٿي آهن ميڻهن گاين وارا؛
ڌڻ چوڇاڪن؟ سڪل ڪکن تي ڏين ڪيئن کير پلارا!

(٥)

عمر سڄي پورهئي ۾ ٿو مزدور غريب گذاري،
رنج مصيبت جهڙن اَسبابن جي وچ ۾ گهاري.
گهر کان دُور، پري شهرن جي خاڪ وتي ڇاڻيندو،
خاطر ناهه عزيزن کي ڪجهه گهر ۾ پيي آڻيندو.
پورهئي مان مسڪين شهر ۾ پيٽ ڏکيو ٿو پالي،
ايڏي اُجرت ڪانهي آهي جو پروار سنڀالي.
ٻار اُگهاڙا پيٽ ٻکيا ٿا رانهون روز نهارن،
آس رکي روتي ڪپڙن جي ڏينهن ڏکيرا گهارن.
زور سياري جي پارن ۾ تن جو هڏ نه هلي ٿو،
سخت لکن جون جهڙپون کائي ننگو جسم جلي ٿو.
ماءُ دلاسي ٿي ٻارن کي روز پيئي پرچائي،
پنهنجي بيڪس حالت تي ٿي جهر جهر نير وهائي.
دانهن غريب ڏين ڪنهنجي در،
ڪنهن وٽ ٿين فريادي،
آزاديءَ ڌاران پيو تن جي ڪير ڪندو امدادي؟
ديش جي آزاديءَ جي درسن جي پرٻل ابلاڪا،
راڪا! او راڪا! آزادي مندر جا راڪا!

(٦)

مالڪ جي ماڻهن کي خود غرضيءَ جو ويو مرض وڪوڙي؛
جنهن کان ننڍڙو، وڏڙو، عالم، جاهل هرڪو لوڙي.

ديس کي آزاديءَ جي درسن جي پربل ابلاڪا،
راڪا! او راڪا! آزادي مندر جا راڪا!

(٤)

محنت جي دنيا تي ڪرميءَ جي ڪافي حقداري،
هڏ جي پورهئي کي ٿوڏئي جو پنهنجي جيوت ساري.
ڪٽنب ڪنبيلي سان گڏجي ٿو اڻ ٿڪ ڪار ڪمائي،
ڪوشش سارڻ ڪڻن داڻن مان ڪيڏا ڪيچ اُپائي.
ٻوڏ اچي يا سوڪ ٿئي هي مرد نہ هينئڙو هاري،
آئينده جي آس رکي ٿو بگڙي بات سنواري.
پر افسوس انهيءَ هوندي پي مشڪل ٿئيس گذارو،
پيٽ بکيو اڌ انگ اُگھاڙو ڪٽنب گذاري سارو.
ٻنئيءَ وقت ڪڍن ٿا ڪايا ميراڻا پيراڻا،
وياج وٺي ۽ باقي اَن جا پورا ٿين ٿا داڻا!
سال سڄو ٻارن جي خاطر ڪڻٽ ڪڻي ٿو ڪائي،
ڪوٽ تي ڪوٽ چڙهن قرضن جا،
ڪيئن سو مُور چڪائي؟
جيسين پروس ملڪ نہ تيسين هن گهر جي بربادي،
ٿيندي نجات، نہ ويندي هاريءَ جي محنت افرادي.
ديش کي آزاديءَ جي درسن جي پربل ابلاڪا،
راڪا! او راڪا! آزادي مندر جا راڪا!

انهن ڏينهين ملڪ ۾ آزاديءَ جي هلچل جو زور هو. چوڌاري آزاديءَ جا سرويچ سپاهي، سر تري مؤت جو ڪفن ٻڌي جيلن، لٺين، گولين ۽ ڦاسين جو مقابلو ڪري رهيا هئا. اُهي گهڙيون وسرڻ جون ڪٿي آهن. گانڌيجيءَ جي اهنسڪ سکيا پرماڻي سوين استريون ۽ پرش، ٻار ٽوڙي ٻيا قربانيءَ جي ڪاليءَ جو خالي کپر، پنهنجي گرم گرم خون سان پري ڏيڻ لاءِ جڻ شرطون پچائيندا هئا. اهڙي وقت نالي ۽ عزت جا بکيا سياستدان ته جڻ ڏسبا ئي ڪين هئا. البت اُهي ظاهر تڏهن ٿيندا هئا، جڏهن صاحب ٿيندو هو، يا اسيمبلي يا ميونسپالٽين جون چونڊون ٿينديون هيون. پوءِ ڏس اُنهن کير پياڪ مجنن جون ٻڌاڪون. رت ڏيندڙ مجنون ته

عام وڪيلن ڊاڪٽرن ۾ ڪا همدردي ناهي،
جيري خاطر ٻڪري ڪهندا! چوندا "اِن ۾ ڇاهي؟"
استادن کي پيٽ جي چنتا بيپرواهه بڻايو،
شاگردن جي واڌاري جو خير ڪو ڪن ٿا سڀو!
هنرمندن کي مال مشينن جي محتاج بڻايو،
فئشن جي جادوءَ خودداري ۽ ويساهه وڃايو.
واپاري مريادا کوهي، ويٺا ڪرڻ دلالي،
ذات حرام ٿي هيري هر ڪنهن، ڏسجي ٿو ڪو خالي.
نوڪر بڻجي کوهي ويٺا، ٻيا ڪي ديس جو جيون،
هاءِ غلاميءَ جي رسمي اثرن جو ڪارڻ رودن.
روئڻ مان ورندو نه دڪاپل! همت ٿيندي هادي،
خوشحالي آڻيندي هت آزاديءَ جي شهزادي.
ديس کي آزاديءَ جي درسن جي پربل اڀلاڪا.
راڪا! او راڪا!

آزادي مندر جا راڪا!
آزادي مندر جا راڪا!
راڪا! او راڪا!

ليليٰ - مجنون

بدن تي نه ڪپڙو سچو هوس ڪو،
هو بي حال هو، جڻ چريو ٿئي لڳو.
نه اڳ جي خبر ڪا نه پٺ جو سماءُ،
مڙي ساڻ ڏسندو رهيو ٿئي لقاءُ.
چمن تي هيس مُهر پر ديد تَر،
ڪڏهن آهه نڪري ٿئي ويس بي خبر.
بزارين گهٽين ۾ جتي ٿئي ويو،
ڏسي هن کي هرڪنهن چريو پئي چيو.
ننڍڙا گَل هيس ڇوڪرن جي گهٽي،
هنيس ٿي اُنهن مان پٿر ڪن ڪٽي.
ڏنائين نه پر چيڙ جو ٿئي جواب،
نه ڪاوڙجي ڪنهن تي وڌائين ٿئي تاب.

ويچارا ھونءَ بہ ڪنڌ ھيٺ ڪري بيٺا آزاد ي - لعليءَ جو جاپ جپيندا ھئا.

لعلي - مجنونءَ جي ھن ڪھاڻيءَ سنڌين کي سچ تہ حقي عاشق جي ڪسوٽي ڪرڻ سيکاري. اڇو تہ ھڪ دفعو اُھا ڪھاڻي وري ٻڌايون ۽ پنھنجي اتساھہ کي تازو ڪريون.

رکيو ياد لعلٰي هيس صبح شام،
زبان تي نہ هنجي هيو ٻيو ڪلام.
جڏهن پيئي لعلٰي کي ساري خبر،
تڏهن هنکي ڪائڻ لڳو جنسي گهر.
رنو تنهن جي مجنون هُتي زار زار،
نہ هٿ لعلٰي هاريا تنهن ڳوڙها هزار.
عزيزن جي بندش ڪان مجبور دل،
وئي وس ڪان نڪتي تنهن وهاور دل.
مکو نيٺ ٻانهيءَ جي هٿ هن سلام،
ڏکي سترچيءَ ۾ سنو سٽيو طعام.
اچي پهتي مسجد ۾ ٻانهي جڏهن،
مسافر مڙي ڪوڙ آيس تڏهن.
ڪنوري ني پيئي ٿي جنهنجي نظر،
چَتي چپ چيو تنهن اُنهيءَ هيڏانهن ڪر.
چيو نيٺ ٻانهيءَ هي اُنکي ڏيان،
اوهان ۾ جي آهي ڪو مجنون ميان.
تڏهن هڪ مسافر چيو رڙ ڪري،
اِجهو نيڪ خاتون مان ناهيان ٻري.
طلب جنهن جي دم دم، اندر تار آهہ،
مسين تنهن سڄڻ اج لڏي سار آهہ.

ڏسي ھي جي ڪنھنکي پيو قياس ٿئي،
نہ پئي ڇوڪرن کي ڇڏيائين ڏکي.
رتو رت ٿيو تنُ پيرهَنُ تار تار،
هيو موت مروان ملوڪان شڪار.
چريو هو نہ ڇا نيٺ انسان هو،
اگر دربدر يا پريشان هو.
سياڻي مگر لوڪ ڪيئن سو اندو،
وڏو جنھن ۾ سياڻپ دنيا جي سندو!
هوُ پاڳل هو، هن ۾ نہ ڦند ڦير هو،
عداوت نہ ڪنھن سان سندس وير هو.
ڪيو صبر آخر سچو ڳجھہ عيان،
نہ هوندو نہ هئي پيو ڪو مجنونءَ بنان.
ڪيو عشق من جنھنجو غمناڪ هو،
هو مجنون هو ليليٰ جو مشتاق هو.
ڏسي عشق جو راز ٿيندو پڌر،
پيو تن مجنون بچائي نظر.
پوي هن تي جئين ڪين ڪنھن جي نگاهہ،
وڃي ويجھي مسجد ۾ ورتئين پناهہ.
نہ اُج بک جي پرواهہ نہ ڏينهن رات جي،
هئس تات جي بس ملاقات جي.

خوشي منهنجي مجنونءَ لءِ آهي محال،
ڏنو عشق ورثي ۾ جنهنکي ملال.
ڇُري ۽ ڪٽورو کڻي وڃ اُٺي،
مِٺو منهنجو مجنون رهي ٿو جٺي.
وڃي ڪيس چؤ "لعليٰ بيمار آهه،
ڪٺي پيٽ جي سور لاچار آهه.
ماڻيو ڏس آٿس سياڻي لقمان جو،
دوا لءِ کپي خون انسان جو.
جڏهن حال اهڙو ڪندينءَ تون بيان،
تڏهن ٿيندي پاڌهي حقيقت عيان.
ائين چوندي لعليٰ جي دل ٿي اُداس،
محبت ڪري شل نہ ڪنهنکي نراس.
رواني ٿي ٻانهي ڪٽورو کڻي،
رهيو پيو هو مجنون جتي کپ هٽي.
اچي پهتي مسجد ۾ ٻانهي جڏهن
اُمالڪ وڏي هي بہ آيس تڏهن.
ٻڌايئين- "ڪيءَ ايڏي اڄ دير ڇو،
اَگهڻ ۾ پرينءَ جي نہ پيو خير هو؟
ڪٽورو اچا هٿ ۾ ورتئين جڏين،
پيري ڇرڪ پنڌي هٿي ويو تڏين.

گُهري خير جي پوءِ مسافر دعا،
چيائين "وڏا ٿورا تنهنجا خدا."
ڪتورو ڪُتيءَ جو هو روزاني ڪار،
ڪندو ڪائي رچ خوب هو، هي به يار.
ڪيو نيٺ هڪ ڏينهن لعليءَ سوال،
سهيليءَ! ڏي مجنون سندو ڪو ته حال؟
الائي گذاري ٿو ڪيئن غمگسار؟
رهي ٿو سدائي سندس انتظار.
ائين چوندي لعليءَ جو پنجر پڳو،
وهڻ نير نيڻن مان جهر جهر لڳو.
تڏهن هنڪي ٻانهيءَ چيو "منهنجي جان"؛
نه ڪر فڪر ايڏو مان صدقي وڃان.
ڇڏي ڏي ڏکائڻ مٺي مفت جيءَ،
گهڻا رنج جا ڪائي بيدم نه ٿيءَ!
سڄڻ تنهنجو پرديسي ناهي ڏکيو،
اڳي ڪان سهيلي! لڳي ٿو سکيو!
ڪئي عشق تنهنجي حياتي زهر،
ڏسانئي هُنَي ڪين پر ڪو اثر!
تڏهن لعليءَ جي من ۾ جاڳيو گمان،
چيائين- "مان وٺنديس سندس امتحان."

ڏنائين ته هنکي نه ٻي سار هئي،
رڳو ليلا ليلا سندي تار هئي.
مخاطب ٿي هن سان ڪيائين ڪلام،
اُٿي مجنون! ليلا ڏنا ٿي سلام.
اٿس پيٽ ۾ سور ڏاڍو پيو،
"پري رت ڪتورو ڏي" ليلا چيو.
مليو ڏس اٿس سياڻي لقمان جو،
دوا لاءِ کپي خون انسان جو.
ٻڌي ليلا ليلا پيو مڙدي ۾ ساهه،
چيائين، "چا جاڳيو آ منهنجو الله!
مٺي ناءَ ليلا تان صدقي ٿيان،
گهڙي هڪ ڪتورو ڇڙي سو ڏيان.
وٺي پوءِ ڪتورو ڇري پيار مان،
چميائين اُنهن کي وڏي چاهه سان.
ڇريءَ جا ڏئي چيهه، هن وَس ڪيا،
مگر بت مان نڪتي نه رت بُوند ڪا!
اکين مان هنجُون هن جي وسنديون رهيون،
ڏنو جن ڏنيون تن ڏنديون آگريون.
ڪٺي خوش خبر ٻانهي گهر ڏي ڳئي،
ڳالهي اصل ۽ نقل جي ڳل ٿئي.

پڇيائين عجب مان چري چو پلا؟
مهربان بانوُ! تون ڏس ماجرا!
وراڻيو تڏهن هن اي مجنون ميان!
سنبيهو ٿي توکي پرينءَ جو ڏيان.
اٿس پيٽ ۾ سوُر ڏاڍو پيو،
پري رت ڪٽورو ڏي لعاڻي چيو.
مليو ڏس اٿس سياڻي لقمان جو،
دوا لءِ ڪپي خون انسان جو.
چئي نوزبالله ڏنائين جواب،
اُهو پيو ڪو مجنون وڃي لهه جناب!
ڪٽيءَ جي ڪٽوري ني ڏي خون جو،
چيومانءِ عاشق نه آهيان اُهو.
اگر اهڙو توکي جي مجنون کپي،
خوشيءَ سان سڏي جو ڪيڍي خون ڏي.
ته هن ڪنڌ ۾ اونڌي منهن پيو اٿئي،
صبوح شام لعاڻي کي پيو ٿو سڏئي.
ائين چوندي عاشق هي وڳهري ويو؛
ڪٽورو چري هو، اُنيئي پيو!
تڏهن باني ويئي وڏي تنهن طرف،
پيو قيص پَٽ تي هيو جنهن طرف.

اُٺويھہ سؤ اُٺونجاھہ ۾ سنڌ ڇڏي آءٌ بمبئي
پهتس. ترت ئي اُنهن پراڻن جو دؤرو شروع ڪيم،
جتي سنڌي نرواسي ڇانوڻيون وسائي ويٺا هئا.
هيءَ ڳالهہ سنہ ١٩٥١ جي آهي. مڌيہ پرديش
جون نرواسي ڪئمپون خالي ٿيڻ لڳيون هيون.
هڏن سچا ۽ خوددار سنڌي، ڏنڌي روزگار سانگي
ودرڀ جي جدا جدا شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ننڍي پکڙي
پنهنجو آئيندو اڏڻ ۾ لڳي ويا هئا. هڪ اهڙي
شهر ۾ وڃڻ ٿيو، جتي ڪئمپن منجهان آيل نرواسين
لاءِ سرڪار طرفان ڪچا اجها اڏيا ويا هئا. رات
جو عام ميڙ ڪان پوءِ پنچائتي ميڙ ٿيو، جتي شهر
۾ آيل نرواسين جي روزگار، پڪن اجهن ٺوڙي
ننڍي ڌاڙيءَ لاءِ ضروري قرض بابت ڳالهہ ٻولهہ

بڌي لعلي مجنون جو پائر قصو،
اوهان اصل ۽ نقل جاچي ڏسو!
مٽان کو اوهانکي بہ ڏي کين ريب،
سنڀاليو! نہ کائو مٽان کو فريب!!
ڪٿي جي ڪتوري جا مجنون گھڻا،
مگر خون ڏيڻ وارا ڪي ڪي ڪٿا.
فدا سر جي آزادي - لعلي تان ڪن،
وطن ڪان مٿي ڪجھہ نہ وانجھي رکن.
دکايل! اُهي ديش جا گھڻگھرا،
پرن جي گھڙا ملڪ ۽ قوم جا.

اندر ئي ٻهاني ڪٻهاني پائيواريءَ منجهان سندن
نالو ڪڍي، پئسا امانت ۾ داخل ڪري ڇڏيا!
اهو حال ڏسي ويچاري پيرسن ماتا پنهنجي ڏير
کي گهٽو ئي سمجهايو ڪيو پر وريو ڪجهه ڪين.
ٿوري وياج ۽ ننهن سميت ڪيل پورهئي منجهان
ٿيندڙ پئدايش تي سندن ڏکيو سکيو گذر ٿيڻ لڳو.
نهڻس هڪ آئيس ڪئنڊي تي ڪافين لاءِ تيابيون
ڏاهيندي هئي. پر بد قسمتيءَ جي ڳالهه ڇئٻي جو
ٿو رن ئي ڏينهن ۾ ڪئمپ ۾ سندس ننهن جي چرتر
بابت چؤ پچؤ شروع ٿي ويئي. پنچات وارن جي
چوڻ ڪري مائي نيٺ آئيس ڪنڊيءَ وارو ڪارخانو
ڇڏي آئي. پنچات وارن کيس ڪجهه وقت مالي
مدد ڪئي پر اُها ترت بند ٿي وين، جو دان
ڏيندڙن ڪوليل ڳنڍيون ٻڌي ڇڏيون. مائيءَ ٻڌايو
ته اُهو عرصو پاڻ سچيءَ ڪالونيءَ جي ڄڻ نوڪرياڻي
ٿي رهي. هرڪو مٿس آيو رهندو هو. ليڪن ننڍين
ٻچن صدقي هوءَ اِهو سڀ سهندي رهي. آخر مکيءَ
مدد ڏيڻ کان لاچاري ڏيکاري! مائي چوڻ لڳي،
"تون ئي ٻڌاءِ ته هاڻي مان ڇا ڪريان." سرڪاري
ايل مدد وارا ٻه هزار به ته اچي ڪائي چڙهيا آهيون.

ٿي رهي هئي، جو اچانڪ ڪنهن ماتا وچ ۾ دخل ڏيندي چيو ”انهن مڪين ۽ معتبرن سان ڳالهيون ڪندين، ڪين اسان دکايلن جو دک سور به ٻڌندين؟“ دل-پنچات جي روبرو هن پنهنجي ڪرم ڪهاڻي ٻڌائيندي روئي ڏنو. ٻڌايائين ته ڪيئن پاڻ هڪ ودوا ننهن ۽ سندس ٻن ٻارڙن سميت ڏير (پتيءَ جي سوٽ) جي دلاسن تي لڳي، وسائڻ واري ٻن ايائي هزارن روپين جي سرڪاري مدد وٺي ڪئمپ ڇڏي هت آئي هئي. هن وڏيڪ ٻڌايو ته ڪيس ائين به چيو ويو هو ته ”جي وسائڻ واري مدد ڪين وٺندينءَ ته سرڪار توکي ۽ تنهنجي ننهن کي ’ودوا-آشرم‘ ۾ موڪلي ڇڏيندي ۽ پوءِ تنهنجي جوان ننهن کي زوريءَ شادي ڪرائي ڇڏيندي، وغيره وغيره .... انهيءَ ڪري ئي هن پتيءَ جي سوٽ سان سرڪاري مدد وٺي ڪئمپ ڇڏڻ قبول ڪيو هو. شروع ۾ ته سندس ڏير ڪاڻئن ٻه هزار وٺي پنهنجي دوڪان ۾ ننڍڙي ڀائيٽي جي نالي حصو ڳنڍيو، پر جڏهن ئي ڏٺائين ته دوڪان ڪافي چڙهندو ٿو وڃي ته سندس من ۾ لوڀ جاڳي اٿيو. هن ڇهن مهينن

ودوا

منهنجا ٺاڪر منهنجا سوامي،
گهٽ واسي انترياميِ.
مان ودوا ويچاري آهيان،
تو بن ڪنهنکي حال ٻڌايان!
ٻيا ٻنِ ڏيئي آيس تو وٽ،
مالڪ منهنجا ڪٽ دک جهٽ پٽ.
منهنجو ڪو سنسار نه آهي،
ويجهو ڪو پروار نه آهي.
سمجهين حال سڀ تو سائين!
منهنجي دک آهي تو ٺائين.
لڄ پت منهنجي، پنهنجي جاڻيِ،
ٿيندين پاڻ اچي تون ساٿي.

هاڻي ته سرڪار ودوائن واريءَ ڪئمپ ۾ به داخلا
ڪين ڏيندي .... اهڙيون ڪيتريون نه ڳالهيون
ٿيون هونديون ؟ هيءَ 'ودوا' جي ڪهاڻي به انهن
دکي جيون جي داستانن منجهان هڪ داستان آهي.
اڇو ته هيءَ دک گاٿا هڪ دفعو ڳڏ جي گنگنايون.

ڪَل نہ هيم اهڙو ڏينهن ايندو،
ايڏو تـرت وڇوڙو ٿيندو.
گڏ نہ گذاريا ڏهہ ڏينهن سارا،
هت شاهد هـيِ ميندي‌ءَ وارا.
ڪلڻ ڪٽي ويو، رودن ڏيئي،
ٿي بس بار حياتي پيئي.
ڪنهن ڪي دل جي دانهن ڏيان مان؟
غم ڪائي ٿي سور پيان مان.
ٿورا ئي، پر ڏينهن ها پيارا،
ناز نزاڪت وارا نيارا!
هو نہ سهي سگهندو دک منهنجو،
سک هن جو هو جڻ سک منهنجو.
ڪُرڪڻ منهنجي ٿي ڪُرنـــدو هو،
ڪيڏو هوُ مونکي گهرندو هو.
هن جي سڏ ۾ ليءِ هئي نياري،
دل کي ناچ نچائڻ واري.
اَکہ ۾ جادو مرک ۾ جادو،
دل کي ڪندو هو جنهن سان قابو.
اڄ ٿي هرڪا ياد ستائي،
هاءِ جدائي جڻ ٿي گهائي.

سينڌ تان سنڌر واري ريکا،
ميٽي اچانڪ هاء وڌاتا.
قياس نہ پيو پاويءَ کي ڪوئي،
عمر گذاريم روئي روئي.
هاڻي ڏينهن ڏيا ڪر،
نار نڌر تي مهر ميا ڪر.
تو ريءَ پيو ڪو ناهہ سهارو،
مؤت ڏيئي نہ تہ ڪر نيتارو.
ٿيس دنيا جي لءِ بيگاني،
در در ٿي بدنام جواني.
ڪو همدرديءَ وارو ڪونهي،
دل جو وٺي ڪو، پيارو ڪونهي.
هرڪو جڻ مطلب جو آهي،
ڪو مٽ مائٽ پنهنجو ناهي.
هيڏي ساري نيل گگن ۾،
ڪيڏانهن اُڏامان؟ سَتُ نہ پرن ۾.
وَلر وڇوڙيل آهيان پنڇي،
آنڌيءَ مؤت وڇوڙيو ساٿي.
هڪڙي وڇڙئي، ڪل جڳ وڇڙيو؛
جڻ نہ مسافر ڪان ڏڳ وڇڙيو!

پاڇ پرائو پيڻ پرائي،
ٻارُ تي سمجهي جڻ پاڇائي!
ماءِ بنا ڪو ساءُ نہ آهي،
گهر ۾ آدر پاءُ نہ آهي.
سس سهرو ٿا ڏائڻ سمجهن،
اُٺندي وهندي ندوري ڪوٺن!
ويٺي تي قسمت تي رونان،
لڳل ڪلنڪ هنجن سان ڌوئان.
منهنجو سور نٿو ڪو سمجهي،
دل وارو ڪو هجي، جو سمجهي.
درد پري آهہ ڪرم ڪهاڙي،
پر نہ ٻڌڻ وارو ڪو پراڏي.
پاڳہ ڦٽل، وڌوا جو آهيان،
ڪنهن سان ڪيئن پوءِ سينو ساهيان؟
آءٌ پڇانٿي توکان ناڪر!
آهہ آنياءُ نہ مونسان ناڪر؟
سون-پري مان هيس سهاڳڻ،
پاڳہ رنو، تي پيس ڏهاڳڻ.
پاڻ سان ڪين مون وئل وهايو،
قدرت اهڙو ڪيس ڪمايو.

ڪيل خوشيون پڻ ننڍڙي واريون،
اڄ ڪاله ڏاڍو ياد پئون ٿيون.
ياد پون ٿيون سي هڪ جيڏيون،
جن سان مون ٿي راند يون ڪيڏيون.
گڏڙين گڏڙن جا رانديڪا؛
ريل ۽ موٽر ياد پون ٿا.
ياد پون ٿا ڏينهن بي ڳڻتيا،
ڪاندي ڪڏندي جيڪي گذريا.
جو گذريو جڻ خواب ٿي گذريو،
ڪل ٿو ڦري اڄ، جو ڪاله وسريو.
موتي ايندا سي نه ڏهاڙا،
جي ڪنئاري بابل وٽ گهاريا.
اڄ بابل جو پيار ڪٿي آهه،
گود امڙ جي آر ڪٿي آهه؟
پنهنجن ۾ نه رهي پنهنجائي،
پنهنجائي ٿي پيئي ڌاريائي.
رت وارا خود ڌاريا ٿي پيا،
ماءُ جڻيا سڪٽيءَ سک ڪان ويا.
ڪنهنڪي ڏيان ڏوراپو ويهي؟
ڪين رهيو ڪو جڏهن سنيهي!

تون هڪ ٿو ڄاڻين دل منهنجي،
مجبوري ۽ مشڪل منهنجي.
منهنجي ڏک جا پيا نہ ٿلاهي،
آهن جي نہ سماج جا واهي.
ڌرم جا ٺيڪيدار سڏائن؛
پاڻ نہ ڪن، ٻين کي سمجهائن!
ٻڌون! جن کي مانُ ڏنو ٿي،
اڳوانيءَ جو شان ڏنو ٿي.
سچ تہ اَنڌي اَڌرم جا راڪا،
کهڙي ڪريان اهڙن جي وياکيا؟
هو پاڙيءَ کي وَهڻ نہ ڏين ٿا،
مطلب خاطر بند ٻڌن ٿا.
چاهن ٿا سڀ ڪجهہ هو ماڻن،
مون جهڙيون پنهنجي گهر آڻن.
وحشي آهن گندا آهن،
بي حد بچڙا مندا آهن.
چڙ نہ اُنهن تي بار اسانجو،
پيڙو ڪر تون پار اسانجو.
ڪير جو هي مونکي سمجهائن؛
مطلب ڳانڍيڙ گيان ٻڌائن.

آهه سماج کي جو سمجهائي،
مونسان کيڏي ويڏن آهي.
سچ پچ جڻ قيد ياڻي آهيان،
بي عرصي باندياڻي آهيان.
آهه اُٿڻ ويهڻ تي بندش،
دور پلا هيءَ کيئن تنهن بندش؟
بندش بهتر مرضيءَ واري،
دل کي هوند لڳي جا پياري.
لکَ چپ جو نه ضرور پوي پو،
تنهن نه اِشارو کي نه چوي کو.
خود پنهنجن پڻ جاتو ناهي،
مونکي کنهن به سڃاتو ناهي!
سمجهن ها، هي حال نه تنهن ها،
جندڙي هيئن جنجال نه تنهن ها.
آءُ رئان، مِٺ رهڙون ڏين ٿا،
تنگ، رهڻ منهنجي مان ٿين ٿا.
لڙڪ نه من نارڻ لءِ آهن،
پاڻ ٿا پنهنجن کي پڄرائن!
اڄ امرت تو آگ لڳائي،
لوڪ ڏسي تو حيرت کائي.

اسانجي ديش ۾ هزارين گهر اهڙا هوندا، جتي
شراب ايندو هوندو ۽ انهن گهرن جون ’گرهه-
لڪشميون‘، پنهنجا ڳلن جهڙا ٻکيا ٻار، ڪڇ ۾
ڪري، سڄي رات پنهنجي شرابي پتيءَ کان ملبل
ڦارين جو سمرڻ ڪندي، پاسا ورائيندي رات
گذاريندي هونديون. رتو ديرو گانڌي خدمت گهر ۾
شرابيءَ جي آڪاڙي، ناٽڪ جي صورت ۾ هزارن
ونا ٽن ڏني ۽ ٻڌي. سنڌ جي ٻين ڳوٺن توڙي
شهرن ۾ به هي ’سنگيت-روپڪ‘ منچ تي ايندو
رهيو. ورهاڱي کان پوءِ هت هندستان ۾ به اِها
ڪاڙي گونجندي رهي ۽ اڄ به هن آڪاڙيءَ جي آڌار
ي گانڌي ڌام ۾ هڪ چٽرن جو نماءُ ڪيو ويو. اڇو
ه هيڪر اسين ۽ ٿو هين اِها ’شرابيءَ جي آڪاڙي‘
ري سُرسان پڙهون ۽ ٻين کي ڳائي ٻڌايون.

پريم پتيءَ جو جاڳان ٿي مان،
پنهنجو ڌرم سڀاڳان ٿي مان.
پل جو ساٿي عمر جو ساٿي،
مون وٽ آهي منهنجو ساٿي.
ٽنبي - ويس ۾ ٿي چت منهنجي،
راکو ٿي رکندو پت منهنجي.
ٻيڙيءَ منهنجيءَ کي ڊپ ناهي،
ويٺو جو هن جي هٿ آهي.
واءُ اچي جي پل طوفاني،
ٿيندو هن جو پيار سُکاني.
تو منجھ شل مان هن کي پاپان،
ساڳيو روپ مان توکي پايان.
تو بن ٻئي کنهنکي نہ سڏيان مان،
دامن تنهنجو ڪين ڇڏيان مان.
آئت بڻجي آءُ مراري!
ٻيڙا من جي ڪَٽ گرڌاري.
نام دان پنهنجو ڏي مونکي،
ٻيو نہ دکايل کي ڪجھ گھرجي.

چو نہ اوجاڳا ڪري هڪ اڌ هجي جي رات ڪا،
روز جي آهي مصيبت، هت تہ ناهي بات ڪا.
هون؏ تہ شاديءَ جي ٿو سنبنڌ ڪي چڱو هرڪو چوي،
پر پاوءِ جنهن سان پوي شل ڪنهن چڱي سان ئي پوي.
جت چڱائيءَ جو پري ڪان ناهہ ٿورو واسطو،
ٿي پوي ٿو نيٺ اُت شاديءَ جو ڳورو واسطو.
پر انهيءَ هوندي بہ ناري فرض ٿي پيارو ڪري،
ٿو رهي هن جو پتي توڙي ڪٺي هن ڪان پري.
هت سشيلا جي پتيءَ جو سچ تہ اهڙو حال هو،
جنهن ڪي پنهنجي اَرڌانگنيءَ جو نہ ذرڙو خيال هو.
ڏينهن سارو هوُ سِرن جي لءِ ڪُتيندو هو مٿي،
شام جو ليڪن ڳُتي تي هو ڪندو پڳسا ٿٿي!
ياڻ جهڙن سان وڃي گڏجي هوُ پيئندو هو شراب،
جنهن ڇڏيو گوپال جو آخر ڪري خانو خراب.
ڪن جوارين ۽ شرابين ساڻ هنجو سنگ هو،
جنهنڪري هن تي بہ ساڳيوئي چڙهي ويو رنگ هو.
نيٺ هڪ ڏينهن ڪن شرابين سان سندس جهڳڙو ٿيو،
چائڙيءَ تي ڪيس جهلجي جنهنڪري وڃڻو پيو!
روز جو هي معاملو ٿي روز جو پيو هي قصو،
روز ٿاڻي تي سلاميءَ جو ڳاي پيس ڪرڪنلو.

شرابي

کنهن جي چنتا ۾ پلا هن جي وهاڻي راتڙي،
کنهن جي اوسيڙي ۾ ڪاٽي ٿي نماڻي راتڙي.
ٿورڙي ڪڙڪي ٿي چرڪي ٿي ڏکياري ڏر پٺي،
پر نراسائيءَ ڪان ساڳيا پير پٺتي ٿي مٽي!
پَهَرَ ويجهي ڪانهه ڏسجي ٿي انڌاري رات ۾،
چپ چپاتي موت واري آهه ڪاريءَ رات ۾.
جڳهه سُنڌل آهي مگر هوءَ ٿي اُپي اُپ ڏي تڪي،
ڪام ڏک جي ڪان ٿي پنهنجو ماس ڏندن سان چڪي،
رات اونداهيءَ سان اونداهو ٿيو ابلا جو نصيب
لڙڪ ڏهه ڏهه ٿي وهائي حال هيڻي ٿي غريب
ناهه ڪو همدرد ويجهو، ناهه ڪو ساٿي سڄڻ
انگ ورنائا وهايس عمر سورن ۾ هيڻ

هو سندبن نالو سشيلا جهڙو، تهڙي هئي سشيل،
پاڻ تي پاڙڻ سگهي قدرت کان بيشڪ جا سبيل.
چو ته آخرڪار ڀارت ورش جي ناري هئي،
پنهنجي سکه کان وڌ پتيءَ جي جنهن کي لڄ پياري هئي.
نردئي هو، نيچ هو، پاپي ڪٽي هنجو پتي،
ته به پتيءَ جي لاءِ جڻ هوءَ هئي ديا جي مورتي.
ڌرت، ڌيرج ۽ ڪميا ايڏو هو ڪو هن نار ۾،
جوش ۽ ڪاوڙ متي ويندو هو شرڌا پيار ۾!
ڀل ڪمائي ڪين، پر اڳوات پوڄن هي ڪندو،
جو پتيءَ ڏاران نه پتنيءَ کي گرهه هڏ ڀيسندو!
ايڏي خذمت ۽ ادب هوندي به ٿيو هن سان نه نياءُ،
نيٺ هڪڙي ڏينهن چانديءَ جي ڪڙن تي ٿيو وٺاءُ.
هو نشي ۾ چُور پيتل هوس ڏاڍو ڪو شراب،
زور سان زيور کسڻ جي هن ڪئي ڪوشش شتاب.
داءِ هڪڙي ۾ ڪڙا بيئي جوئاري ويس ڦري،
پيو ته ڪجهه گهر ۾ نه هو، چا لءِ وڙهي، چا چا گهري؟
نيٺ پنڪڻ ۽ گهٽي دارونءَ پيڻ جو ٿيو اثر،
سور گردي جو ٿيس، پيدا نهائينءَ ۾ پٿر.
سور ڪنان ڦنڪڻ لڳو، وڪلڻ لڳو، بيبڻ لڳو،
پنهنجي ڪرڻيءَ تي ڪري پڇتاءُ هٿ مهٽڻ لڳو.

ٺڦ ٺڦڙ يا گار گند ھن لءِ نہ ھئي ھرگز سزا،
ھنڪي وٺندا ھا سدا نالين جي گپ چڪ جا مزا!
ڪنھن گٽر جي ڪنڊ ۾ پيو ھوندو ھو جي بي خبر،
ڇوڪرا رؤنشو مچائڻ لءِ ڪندا ھا ڏمچڪر.
جيڪڏھن ڏاٽي يا گٽرن مان ھيس ملندي نجات،
ڪنھن گٽي جي ٻاھران ڪاٽيندو ھو پنڪين ۾ رات.
پر ڪڏھن جي ڪنھن چڱي ماڻھوءَ کي پوندو قياس ھو،
ڏيڙ کائيندو شرابي پنھنجي گھر ھو پھچندو!
ھي ڏسي ابلا سشيلا ٻاڳہ تـي رئندي ھئي،
پنھنجي ڳوڙھن سان نماڻي پنھنجو منھن ڌوئندي ھئي.
جنھن ٿي پنھنجي پيٽ پالڻ جو نہ رڳڙو بار ھو،
ڇئن ٻارن جو ولر جنھن جي پٺيان پيو ڏار ھو.
ڇا ڪري ڪنھن وٽ وڃي ڪنھن کي وڃي فرياد ڏي،
اڄ غريبن جو دکايل ڇوءُ ڪٿي ٿـو داد ٿئي.
پاڻ مارڻ ھو سشيلا لءِ نہ مشڪل معاملو،
جر مگر آندن جي ٻچڙي موھ ٻارن جو برو.
نيٺ ڪنھن سھنجي سگھئي گھر ۾ ڪرڻ ورتڻ لڳي،
ھئي سگھڙ سياڻي گھڻو ئي گھر جھاڙوءَ ۽ ھڏ ڀڳي.
جنب جي پورھئي منجھان اُت خرچ ڪجھہ ڪيندي ھئي،
بي مدد ھن کي ڪندو ھو ڪجھہ نہ ڪجھہ ڏاگو سئي.

’ليلا چنيسر‘ جو قصو، سنڌ جا پيُمت شاهہ لطيف جي ڏوهيڙن ۾ ڳائيندي ڳائيندي رات گذاري ڇڏيندا هئا. تازو ڪنهن دوست بمبئيءَ ۾ فرمايش ڪئي تہ جيڪر تون اِهو قصو ’نرتيہ-ناٽڪ‘ لاءِ سنگيت ۾ لکين. ڳالهہ وڻي ۽ دل جون اُچلون ڪاغذ تي ڪيڏڻ لڳيون. ٻہ ٽي سال ٿيا جو اِهو ’نرتيہ-ناٽڪ‘ جيپور جي سنڌي ڪلاڪارن اُتي ڪنهن موقعي تي رنگ-منچ تي ڪيڏيو ۽ اُن ڪان پوءِ، ساڳين ساٿين احمد آباد ۾ ڪنهن سڪول جي مدد لاءِ اِهو ساڳيو ’ليلان-چنيسر‘ وارو سنگيت-نرتيہ-ناٽڪ ڏيکاريو. چون ٿا تہ عام لوڪن کي ڏاڍو پسند پيو. ’آڪاش-واڻي‘ بمبئيءَ وارن هڪ سال اڳي منهنجي ئي زباني

جيئن سچي پريتا جا گوڙها اکين ۾ پئي ڇايا،
تيئن پتي - پتنيءَ ٻنهي لءِ در خوشيءَ جا ٽئي کايا.
ان کان پوءِ گوپال جي پيڳوان عادت ڪيءَ ڪئي،
پر سشيلا جي پتي ورتا ڏرم جي جيءَ ڪئي.
اڄ پتي پتنيءَ ۾ آهي پيار ساڳيو بي حساب،
ڇو ته گهر ۾ ٿو اچي اڄ ڪين شيطاني شراب.
هندواسي هن بريءَ عادت کان اڄ پاسو ڪري،
ڇو نه پنهنجو گهر ڇڏيو ٿا سون چانديءَ سان ڀري.
هن ڪني پاڻيءَ کان بهتر کير جا پيالا پيئو،
کير جا پيالا پيئو نت نت جيئو، جُڳ جُڳ جيئو.
ڪر ڀري اهڙو دکايل! شوخ شيطاني شراب،
هر ڌرم مذهب وجهي لعنت ٿو جنهن تي بي حساب.

ليلان چنيسر

(نرتيہ - سنگيت - ناٽڪ)

(نظارو پهريون - قافلو)

ڦذ جي ڳائن ٿا.

راهي ! او راهي !

هل ڪاهيندو هل، او راهي !

هل ڪاهيندو هل !

ساهيءَ ۾ گمراهي راهي !

پير پٿونءَ ٿين پل

او راهي !!

هل ڪاهيندو هل !

اِها آڪاڻي رڪارڊ ڪري، سنڌي عوام جي ڪنن تائين پهچائي ۽ ڪڏهن ڪڏهن پرسارت ڪندا رهن ٿا. اِج اُها آڪاڻي يا سنگيت روپڪ 'نرتيہ-ناٽڪ' جي روپ ۾ اوهانجي اڳيان آهي. سنڌي ڪلا پريمي جيڪڏهن هيءَ ننڍڙي ۽ نماڻي پيٽ قبول ڪندا تہ مونکي ازحد خوشي ٿيندي.

١

...ت پريندي ٿي هلي کا ڳَڻ ڳڻيندي ٿي هلي،
...يت جائيءَ کي دلاسا خوب ٿي ڏيندي هلي.
...نظارو ٽيون - محل)
...داسين جو پهرا - نرتيه)
...از- آواز.
...ڏ پورو ٿيو چنيسر راڄ ۾ پهتيون اچي،
...ل موچاريءَ سي ويجهو محل جي نڪتيون اچي.
...ر اندر داخل ٿجي ڪيئن ؟ پهه پڇائيندي يون رهيون،
...ب وسيءَ پنهنجيءَ تي ڏاڍا خار کائيندي يون رهيون.
...ڪسي دربان داسين جي هئي در تي ڪڙي،
...ي ڏسي ڪجهه سوچ ۾ پئجي ويئون سي کا گهڙي.
...ت داسين کي ڪري وَس دام سان اندر هليون،
...ڻ موتين جون ڪٽي ٿيلهيون ٿي سوداگر هليون.
...ل ۾ پهتيون اچي آخر سي راڻيءَ جي اڳيان،
...هن مٽين تي مست ٿيندڙ مُنڌ سياڻيءَ جي اڳيان.
...يلان جو لاڏ - نرتيه)
...نهن ليلان جي ڏسي ڪنڍڙُو ته دنگ رهجي ويئي،
...يئن قبوليندو چنيسر، خيال ۾ پئجي ويئي.
...ڏ هئي جنهن جي عجب جنهن جو سوايو شان هو،
...ت پٽ-راڻي هئي، هن جو وڏو طومان هو،

(نظارو پيو- رستو)
(ڪنڌرو ۽ سندس ماءُ جو اچڻ)
ساز- آواز:

حسرتن جا هارَ هوءَ پُڻندي هاي ٿي ڪير آهه،
چانڊ تارن جي ڪٽڻ رئندي هاي ٿي ڪير آهه؟
ڪير آهي جا اُميدن جي ڏيي پيرن تي هلي:
بي خبر ڏينهن رات جو پيئي ڏکيا چارا چلي!
پر سفر پورو بہ ٿيندو يا نہ سو جاڻي نٿي،
چاهه جي اُتساهه کان ڪجهہ خيال ۾ آڻي نٿي.
هل هلان آهي حياتيءَ ۾ تہ منزل دور ناهہ،
جي سٽائو واءُ آ، پيڙيءَ کي ساحل دور ناهہ.
پنڌ ۾ آهي تہ پڇندي نيٺ پنهنجي هنڌ تي،
شوق شائق کي وٺي ويندو سچائل سنڌ تي.
گهر ڇڏي نڪتي نماڻي وَر ڇنيسر واسطي،
آهہ ڪنڌرو دربدر اڄ پنهنجي دلبر واسطي.
ماءُ جي ممتا ٿي پنڌن ۾ هلي آڻت بڻي،
هونءَ پلا ڪانئي سگهي ها، ڪيئن سفر هڪڙي جڻي.
پيار جو هٿ ۽ دعائون ساڻ آهن ماءُ جون،
ڪانڌ پائڻ لءِ صلاحون ساڻ آهن ماءُ جون.
نيٺ آندو آهہ جيجل ماءُ جو، ڌاري نہ آهہ،
ڏايءُ جي سڪ کان مٿي جنهن کي ڪا شيءِ پياري نہ آهہ.

(ليلان جي محبتا - ترنم)

موهجي پيئي مٽين تي مور مستڪ جو مٿي،
هن ڏني مرڪي قبوليت هن مهانگي شرط تي!
پر چيائين، جيئن ڏکيءَ ۾ ڏيول هوءَ نڪري چڙهي،
جو وڃي پنهنجو اُتاريان ڪانڌ ڏونداڙي سڌي.

ساز- آواز

(ڪنئرو ۽ ليلان جو ترنم)

شرط ليلان جو جوابي جهٽ ڪيو ڪنئروءَ قبول،
چي، جي رب راضي رهيو پاٽهي ڪندو ڪندن کي قول.

(ليلان جو هار وٺڻ)

نوَ-لکي جي لوڀ ليلان کي بڌي سوگهو ڪيو،
ڪين ڪا جيڪر ڪري، هن کي اُهو ڪرٽو پيو!
تيار ٿي هٿ ساڻ پنهنجو سک ڦٽائڻ واسطي،
پاڳه جو پارو هٽي سڀ ڪجهه لٽائڻ واسطي.
رات هڪڙيءَ جو اِهو ويندو لنگهي عرصو قليل،
پنهنجي دل کي پاٽهي ڏيندي رهي دوکو دليل.
نوَ-لکو آخر وٺي ڪنئروءَ کان هارائي هاي،
ريت ڪلُ سيبجا - پيوَن جي ڪيس سمجهائي هاي.

ساز- آواز.

هاءِ ليلان ڇا ڪيءِ؟ سوچيءِ ڪڏهن هن جو انجام،
پريت ڏُکڻي آهه ڏاڍي ست نه هي سهندي قيام.

پير ڌرتيءَ تي نہ ھو ھن جو، اڪيون آڪاس ۾
روپ ھن جو خوب چانيل ھو سڀئي رڏواس ۾
چو نہ پنھنجي وَر چنيسر کي سدا پياري ھئي
ھونءَ بہ پنھنجي روپ رنگ ۾ منڌ موچاري ھئي
نازسان ڏسندي رھي ھڪ ھڪ ڪري موتي مٽيو
نيٺ ڍِڳہِ موتين منجھان ھڪ ھار بس ھن کي وٽيو
ڪنھن بہ قيمت تي خريدڻ لاءِ ليلان تيار ٿي
پرماي شيءِ ڪيئن سا، جي ڏيندڙ ڪري انڪار ٿي

(ڪونئَروءَ جي ماءُ جو نرنيہ)

ماءُ ڪنئَروءَ جي چيو ھي ھار ويڪائو نہ آھ
سوڪڙي وڏڙن جي آ سرڪار! ويڪائو نہ آھ
شرط ھڪڙي تي ڪڍي ڏينديس ھِنئَين جو ھار مان
پنھنجي وڏڙن کان مليل ورثو سدا جو پيار مان
لاڏ مان ليلان چيو "ڪر ڳالھہ دل جي بي گمان !"
ماءُ ڪنئَروءَ جي جھڪائي سِرُ چيو "صدقي وڃان."
رات ھڪڙي ڏيءُ منھنجي گھوٽ تنھنجي سان رھي
جي ڪرين منظور تون پل پَر ۾ ھي سؤدو ٿِھي
عمر پَر تنھنجو چنيسر، ھي ٿي چاھي رات ھڪ
ھار پڻ پائج ھميشه تون رڳو مڃ بات ھڪ

سر رکي سيجا تي پيرانديءَ کان سوچيندي رهي،
پنهنجي دل کي پاڻهي آٿت ۽ ڏي ڏيندي رهي.

(پسن جون لانيون)

مرني ويلي پکين جي لات ٿي جاري جڏهن،
نب مان راجا جي جاڳڻ جي ٿي تياري تڏهن.

(چنيسر- نرتيه)

ڏ پنيل اک هن جي پيئي جيئن ئي ڏاريءَ زال تي،
چرک ماري جوش کان جاڳي اُٿيو سيجا چڙي.
ڪڙڪندي آواز سان هن کان پڇائين "ڪير تون؟"
ڪٿي ليلان؟ چو ڏسجين ٿي هتي هن وير تون؟

ڪنئروءَ جو نرتيه)

ياز سان ڪنئروءَ جهڪايو ڪنڌ قدمن ۾ ڪِري،
زمايو داڻ هن راجا تي پنهنجو آخري.
اجرا ساري چنيسر کي ساڻائين هار جي،
الهه پنهنجي جيت جي، ليلان جي ڪاڏل هار جي.

چنيسر جو نرتيه)

الهه ڪنئروءَ جي تي راجا کي نه آيو اعتبار،
ن اِئين سمجهيو مڃاڻان آهه هيءَ عورت مڪار.
انهيءَ دم بدگماني جڙ نه ڪر موڙي اُٿي؛
از الفت جي سا هڪ هڪ تار کي توڙي اُٿي.

پيار کان وڌ هار جاتيءَ ؟ مَٺ ويءَ ڪيئن مارجي !
سڌ مچاڻا ڪاڻ هونديءَ پوءِ جي آزار جي .
وچ وچي هاڻي وري پنهنجي وڏاڻا کي مچاءِ ،
يا ته ساري عمر ويندي هار تي هنجون وهاءِ .
(نظارو چوٿون - سيجا پون) (ليلان جو وڃڻ)
(ڪنئرو خوش - نرتيه)
آس اولي هاڻ ڪنئرو دل جي سڪ پوري ڪندي ،
خواب جو گذريس سمو، تحقيق تاءِ پهچندي .
آرزو بي تاب ڪي تسڪين اچ ايندي تمام ،
چو ته سو ماندو سڄڻ جنهن لءِ ڪيم ننڊون حرام .
رات جو دل ڏڙڪندڙ سان در جهلي بيٺي اچي ،
هوس دپ، نڪري مٺان پوئين پريکيا ۾ ڪچي !
(چنيسر جو اچڻ)

(ٻئي گـلُ)

مَـڻ ۾ متوالـو چنيسر آيـو خلوت گـاهـ ۾ ،
قرب سان ڪنئروءَ جهلي سوگهو ڪيو سو ساهه ۾ .
هن خوشيءَ کان ٿي پئي ڪنئروءَ جي دل چا باغ باغ ،
نا اُميديءَ ۾ ٻريو اچ جڻ اُميدن جو چراغ .
صبح جي پَر وِسوسن کان هن جو من ماندو رهيو ،
شاهه جي ناراضپي جو خوف هيڪاندو رهيو .

(ليلان مورچا - نرتيہ)
ساز آواز - گيت.

اُڻ تڻ مَن ۾ ساجن ساري،
نبل نماڻا نيڻ ڪٽي ٿي روئي راهہ نهاري،
اُڻ تڻ مَن ۾ ساجن ساري!
ڪچ ڪوڏين ٿي سون چنيسر
وڪٽي ڪيئن وساري - اڻ تڻ ....
هار ٿي هرڪ چڏيائين هاري،
هاڻ هنجون ٿي هاري - اڻ تڻ ....
ڪٿ ليلان ڪٿ ڪوجهي ڪنڱرو؟
ڪير لڪئي ڪي ٿاري - اڻ تڻ ....
سيج سڄي جي ناهہ چنيسر،
ڪانڌ بنا ڪيئن گهاري - اڻ تڻ ....

حڪم ٿيو ليلان کي آڻي هن گهڙيءَ حاضر ڪريو،
جوش جي چڙه باهه کان راجا جو ٿئي هردو ٻريو.

(ليلان جو اچڻ)

شرمندي ليلان اچي بيٺي مٿي منهن ڪيئن ڪٽي،
معاف ٿئي هن جي منڊائي جي چنيسر کي وٺي.
ڏاب پيو هن جو نه ڪو حيلو وسيلو ڇا ڪري؟
وَر وڃائي منڌ ويٺي، ڪيئن لکيو لوهي ٽري!
پيار ٻي مانو ٻٽيو ليلان جو ڪسجي ويو ڏٺي،
دل جي آسڻ تان ڪري راڻي فقيرياڻي ٻٽي.
ٻاگهه ڪنئروءَ جا ڪليا مشڪل سندس آسان ٿيو،
پيار قربانيءَ جي وس هڪ رات ۾ سلطان ٻٽيو.

(چنيسر ۽ ڪنئروءَ جو وڃڻ)

مهل ڦٽسي پرک جي ٿي پرک سوني جي سچي،
پرک جنهن ۾ هاءِ نڪتي نيٺ سا ليلان ڪچي.

(ليلان جو پڇتاءُ - نرڙيم)

ڪوڙ موتيءَ تي مٿيو موٽي سچو جنهن پيار جو،
سور تنهن کي پيو سدا سهڻو سچي سنسار جو!
ڪيئن ڏڏو پوندو ٽٽئين، ٽيڙهو جيڪي ٿي ويو،
ٻاگهه ليلان جو ڦٽو، ڪنئروءَ کي ڀر پنهنجو ڪيو.
دل جو مالڪ جيڪو دنيا جي مٿين تي ٿو مٽي،
ڪيئن پيريءَ بازار ۾ سگهندو دڪايل سو وٺي!

موٽندو! موٽي آيس پر قيد جي چار ديوارين اندر باند ڪيو ويس. لاڙڪاڻي ميونسپل پريزيڊنٽ شري پرپداس ٽولاڻي، ڊاڪٽر پوهومل ٻٺاڻي ۽ ساڌو ريجهومل جو فرزند ٻاءُ واڌو لاهوري انهي وقت اندر ساڻ هئا. اُنهن کي نظربندي قانون هيٺ سکر سينٽرل جيل ڏانهن اُماڻيو ويو ۽ مونکي ڇهن مهنن جي سخت جيل جي سزا ڏنائي ويئي، جيڪا سزا اپيل کان پوءِ گهٽائي ٻه مهنا جيل يا پنج سؤ روپيه ڏنڊ ۾ بدلائي ڇڏيائون. آزاد ٿيڻ کان پوءِ بزرگ ساٿين جي صلاح سان هندستان هليو آيس ۽ دادا جئرام‌داس دولترام جي صلاح سان پارٽ - پرمٽ لاءِ نڪري پيس. ساڳئي وقت ٻائي پرتاب ڪڇ جي ڪناري؛ تي ڪنڊلا بندر ۽ گانڌي ڌام نگر جي وسائڻ جا گهاٽ گهڙي رهيو هو. هڪ طرف پرچار ۽ ٻئي طرف وستار جو ڪاريه هو. ساڻ هئا ساٿي ڪم ڪندڙ ۽ سدا جو ساز ڪنجڙي. انهيءَ وقت پرشارٿيءَ جي ڪهاڻي منهنجي روز جو راڳه هو. جتي ويندو هوس اُتي ڳائيندو هوس - اِها ڪهاڻي يا آپ بيتي. اچو ته هڪ ڀيرو اُها گذريل ڪال جي چوڏهن سال پراڻي ڪهاڻي هڪ دفعو وري دهرايون.

جهاز اچا بمبئي بندر تي لنگر هنيون ئي
کين هو، جو هيءَ 'آپ - بيتي' لکي پوري ڪيم.
سرگباسي پياءُ شانتي شهاڻيءَ لکيو هو تہ "جڏهن
تون سنڌ ڇڏي هت ايندين، تڏهن اسانکي
مهارائا پرتاپ وانگر پٽ تي سمهندو ۽ پاتال ۾
کائيندو ڏسندين؛ اسين اڄ پهاڙن جي دامن ۾
ڇانوٽيون هڻي ويٺا آهيون. ڪهڙو نہ چڱو ٿئي
جو تون بہ هت ڪاباڻ ۾ اچين ۽ اچي پنهنجي
پائرن جو پير- جهاو ٿئين." لاڙڪاڻي ۾ سترهن
ارڙهن مهنا ورهاڱي کان پوءِ گذريا، اُهو عرصو
منهنجي يوگ - ساڌنا جو عرصو هو جڻ. ڪيئن نہ
گهڙيءَ گهڙيءَ موت جا سڏ پيا پوندا هئا. هڪ
دفعو تہ سچي سنڌ چاڪاري آيس. مائٽن ۽ دوستن
سمجهيو پئي تہ سٺين لڳين تہ لاڙڪاڻي ڪين

مون تہ پنھنجو فرض پالڻ ٺٺي گھريو،
جُڏ جفا سان جوٺي، جالڻ ٺٺي گھريو.
پر سَٺو ٿيو حاڪمن ڪان ڪين سو،
مون ڪرڻ پنھنجن لءِ جيڪي پئي گھريو.
راڄ جا باني پلا جاني نواب،
نياءَ جا تاني لھڻ بي سود خواب!
قاعدي جي اوٺ ۾ سرڪار جو،
نيت موٺتي پي اچانڪ وار ٿيو.
ڏرنگ تيرٿ ياترا ڪرڻي پئي،
جنھن مٿان پنج سؤ چٺي پرڻي پئي.
مون سوان بيا پي ھٺا ڪي يار باند،
ڊاڪٽر، ديوان، زميندار باند.
ڏوھ تن جو ھو، جو شاھوڪار ھٺا،
غير مسلم ھٺا، ھندن جا ٻار ھٺا.
ڪالھہ ھٺي جن لاءِ رحمت جائداد،
اڄ بڻي تن لاءِ زحمت جائداد!
قيد مان نڪتا مگر ملڪيت ڇڏي،
مون جيان ھوُ پڻ پنيان آيا لڏي.
دل سان آيا ڪين، پر لاچار ٿي،
آ پيشا ھيءَ ڪان پڳا بيزار ٿي.

پرشارٿي!

مرضي منهنجي هنّي نه مان سنڌ ۾ رهان،
جنمي حق آزادگي پنهنجو لهان.
خاڪ چاڻيندي ويو گذري ڏيڍ سال،
پر مليو مونکي وچايل سو نه لعل.
مون ڪيو هٿ هو، جو سڪ آزادگي،
بڻجي پيو سنڌ ۾ سو دک آزادگي.
سٺ ورهيه ساگر ولوڙڻ سان مليو،
جيڪو امرت، زهر ٿي پيو! جگر ڪليو.
منهن چڙهي سڀ لوڪ طعنه ڏيڻ لڳا،
ويل وئي پنهنجا پراوا ٿيڻ لڳا.
معنتون منهنجون پيئون بڻجي مذاق،
جا بجا منهنجي حماقت جي ٿي هاڪ.

پانڊوَن ڪان ڪورون سيکي ڪسيو،
هي ڏسي قدرت ٿئي پاسي ڪان هسيو.
ڇو ته هنکي آئينده جي جاڻ هئي،
سڀ ڪرائڻ ڪرڻ واري پاڻ هئي.
هن ٻڌايو جيڪڏهن تقدير کي،
ساڻ پيدا پڻ ڪيو تدبير کي.
ڪورون کي راڄ لوڀ انڌو ڪيو،
پائرن پنهنجن ۾ جن سَنڌو ڪيو.
پانڊوَن جو ويا ڦري ڪل راڄ ڪاڄ،
هستناپور وارو سارو تخت-تاج!
ٻارهين سالين جو ملين اگيات واس،
ڪرڻو پيئن جنهن ڪان ٿئي جهنگن ۾ نواس.
دور پنهنجي ديس ڪان ٿي دربدر،
پٽڪندا هِت هُت رهيا سي دربدر.
سَس ٻڌجي ڪنهن ڪئي ٿئي ڪرڙه صفا،
ٿي رسويو ڪنهن ڏني جيءَ کي جفا.
ڪو ٻڌيو نرواهه جي لءِ نرت ڪار،
سارٿيءَ جي ڪنهن ڪئي ٿئي ڪرت ڪار.
دروپدي راڻي، وڃي ٻانهي ٻڻي،
سر تي ڪيڏا ڪشٽ ويچاري ڪٽي.

هي اڪيلا ڪين، ٿيا پيا پيي جوان،
وِهه بڌل نفرت جي تيرن جا نشان.
راڄ جنهن جو پايو گهرٽا تي بـڌو؛
تنهن مان ٻيو ڪهڙو نتيجو پهچندو؟
زخم دل تي پنهنجي، سي آيا ڪٽي،
ڪو چتائي اڄ اُهي، مرهم هٽي.
ڪي اڳي آيا ته آيا پوءِ ڪي،
جو نه سيني کي ڪڍيو نفرت ڌڪي.
راڄ نفرت جو هميشه جو نه راڄ،
نيٺ ٻهندو پختو هُئي، پوءِ ڇو نه راڄ.
ٿي سدا تواريخ اهڙي ساک ڏي،
پاپ پنهنجي ۾ ٿو پاپي ناس ٿئي.
وقت جي البت وٺي قدرت ڪٽي،
ڏئي ٿي اهڙن کي پيي توري کي گهٽي.
انڪري سچ، صبر ڇو پنهنجو ڇڏي؟
جو نه همت ساڻ ويسهه کي گڏي.
ٿو جهڪي همت اڳيان سارو جهان،
سورمن جـو آهـ ڌرتـي آسمان.
راز سارو ٿـو مهاڀارت سلي،
ٿو چڪر دنيا جو همت سان چلي.

ويو وڌي هرطرف مذهب جو ڪٽر،
جنهن ڪيو سنڌي هندن کي دربدر.
گهر ڇڏي نڪتا سي ٻڌجي بيوطن،
اڄ اُنهن جو آهه دک سان تار من.
ياد ماضيءَ جي ستائي ڪين ٿي،
ڪا سمک تن کي نه آهي حال جي.
حال لوچڻ جو نه جن کي آ خيال،
ٿي سياڻو پوندو تن جي لءِ محال.
جي وساري پاڻ اڄ وينا، اُهي،
آئينده ۾ پاڻ پوندا پوئتي.
ڪاهليءَ جي شل ڇڏن عادت ڪني،
جا اُنهن کي آهه ڪم-همتيءَ ڏني!
حوصلو اڄ ويو اسانجو پست ٿي،
چؤطرف ظاهر ٿي جنهن کان عاجزي.
جڻ اچڻ سان ويا هتي مادا مري،
خون غيرت جو رڳن اندر ٺري.
هِت هُتي بدنام اڄ آهيون اسين،
پَر اجا ٿا ڪين ساڃاهيون اسين.
وقت آيو آهه جو جاڳيي وڃون،
ويل عزت واپس وري ساڳيي وٺون،

داس ٻڌجي خود گذاريو ڌرم راج،
جنهن جي سر تي ڪنهن سمي جهوليو ٿئي تاج.
مهل ٿي موٽاج هر ڪنهن کي ڪري،
وار اُن جو ڪين ٿو ڪو سٿرو تري.
پل هجي پوءِ ڇو نه ڪو شاهه و گدا،
ڏسڻي سڀ کي ٿي پوي هيءَ ماجرا.
پاڻ ٿي ڀاڙڻ ٿو پر جنهنکي اچي،
ٿو اُهو موٽاج جيون کان بچي.
پانڊون کي ڏيڻي گيتا جي سکيا،
ڪرشڻ سيکاريو، وڙڻ حق پانهنجا.
نيٺ پاپي ڪورون جي هار ٿي،
پانڊون جو شيام هو جو سارٿي.
ڪرشڻ ۽ سچ ۾ نه ڪوئي ڀيد هو،
پانڊون جي سوڀ سان هي سِڌ ٿيو.
ويا هزارين سال گذري، پر وري،
اچ، ورائي ورق سي تواريخ ٿي.
عمر پر جن سان هو جڻ پنهنجو سنو،
ساٿ اچ ساگيو نٿو ڏسجي ڪنو.
اڄ سنڌي سنڌين کان ڌڪجي ڌار ٿيا،
يار جي ها سي ڦري اغيار ٿيا.

مرد جي همت، مدد ڪرتار جي،
ڳالهه آهي هيءَ رڳو ويچار جي.
ڪر نه ڪنهن پورهئي کان هرگز عار تون،
سمجهه محنت کي سکن جو سار تون.
رهه هتي هڏ ڪين ٿي شرنارٿي،
جيءُ جڳهه ۾ پر تون ٿي پرشارٿي.
سنڌ جون ڏيهون، نمبر ڪر ياد ڪين،
ڪيڙ پرشارٿ جي پر هتڙي زمين.
هڪ دنيا مان ٻيءَ ۾ پيو تنهنجو قدم،
سمجهه هي تنهنجو نئون آهي جنم.
خيال هن کي دل ۾ جي ڏيندين تون جاءِ،
پوءِ ڪندين هرگز نه همت تون هاءِ هاءِ.
سنڌڙي تنهنجي ڦري ٿي هندڙي،
هندڙي تو لاءِ ڏڪايل! سنڌڙي.

سمجهون اڄ آهي شروع اڳيان واس،
ڪا گهڙي ڀانءِ جي نہ ٿيون هرگز اُداس.
هڏي اورچائي اسانجي وصف جا،
ڀاڻ ۾ جيڏو رکون تنهن کي سدا.
سنڌ جا برپٽ وسايا ڪنهن هئا؟
باغ ۽ بنگلا بڻايا ڪنهن هئا؟
هو بزارين ۾ اُڏي ڪنهن جو اثر؟
ڪير هو واپار ۾ اُت نامور؟
تو وساري چو ڇڏيو اڄ ڀاڙڪي؟
جاڻ جڻ ڀانءِ جي وئي خود جاڻ کي!
جي ڀانءِ چاهين نہ گولهي پيڌ لهہ،
پنهنجي واڌاري جو ساڳيو چيد لهہ!
بيءَ طرح ويندين صفا برباد ٿي،
ڪين ماڻيندين ڪو سک آزاد ٿي.
تنهنڪري اُٿ ڀاڻ ٿي ڪجهہ ڀاڙ تون،
پنهنجا سي جلوا اڳيان ڏيکار تون.
ڀاڳ پنهنجي کي اُدم سان ناهہ تون،
ڀاڻ مان پيدا ٿيل شڪ لاهہ تون.
تون وري ڏيکار هٿ حيرت ڪري،
ڏوڙ مان ڏن ڪر ذرا همت ڪري.

اندر ۾ فرض ۽ محبت جي جنگ جاري هئي. اهڙي
وقت فرض ٻوڙي محبت هڪبئي جي اڳو نه اچي
اوڏو آيا. پتيءَ پتنيءَ کان موڪلايو. جيئن اڄ به
هزارين نوان شادي ڪيل جوڙا هڪبئي کان
موڪلائي نيفا ۽ لداخ ۾ هماليه جي چوٽين تي
حملا آور غنيم سان ڏو بدو ٿي رهيا آهن. اُنهن جوانن
جي نورنين جي هٿن ۽ پيرن تي شاديءَ رات
واري لڳايل ميندي اڃا به جيئن جو تيئن ثابت
آهي. هڪ طرف مينديءَ جو رنگ آهي ته ٻئي
پاسي لهوءَ ۾ لال ٿيڻ لاءِ هي سپاهي گهوٽ اُتاولا
آهن. ”نه روڪ منهنجي راڻي! نه روڪ“ ڪهاڻي
جيتو ٽيڪ آزاديءَ جي پراڻي اِتهاس جو هڪ پرلاءِ
آهي، تڏهن به اڄ جيڪو ڀارت جي آزاديءَ جو
نئون اِتهاس جڙي رهيو آهي، تنهن جو هڪ باب
بڻ آهي. اُميد اٿم ته سنڌي سورمن جو اولاد
هيءَ ڪهاڻي ايامن تاءِ ڪين وساريندو.

ٻتيهه سال اڳ جڏهن راشٽرپتا گانڌيءَ، ڀارت جي آزاديءَ لاءِ لوڻ جي ستياگرهه لاءِ ڏانڊيءَ تي چڙهائي ڪئي، انهيءَ زماني ۾ هيءَ آکاڻي وجود ۾ آئي. ٻي هٿيار فوجن جون قطارون پنهنجي لنگوٽئي اڳوان جي سڏ تي سر قربان ڪرڻ لاءِ جڻ اُتاوليون ڏسبيون هيون. هيءَ ڪهاڻي ٻه اهڙي هڪ جوان-گهوٽ جي آهي، جنهن اڃا پنهنجي نئين وواهت ڪنوار جو پورو گهونگهٽ ٻه ڪين پٽيو هو؛ جو ڪيس آزاديءَ جي هلچل ۾ شامل ٿيڻ جو چئلينج مليو ۽ هو هڪ جيڏن الهڙ دوستن سان نڪري پيو. نئين ڪنوار نيڻ-جل سان هن جي آڏو جڻ اٽڪ ٻٽي بيٺي هئي. انهيءَ وقت سندس روم روم ۾ ڪنوار جو پيار ڇوليون ماري رهيو هو. ليڪن ٻئي پاسي

تون نہ ٻڌين ٿي ڇا ؟
هو يڌ جا باجا،
جوش ڀري دل ۾،
ٻڌ نہ ڇوَن ڇا ٿا ؟
منهنجي راڻي! نہ روڪ.
دير نہ وير! ڪري،
دل نہ اڌير ڪري،
ماڳہ رَسڻ جي ڪر،
هر تدبير ڪري.
منهنجي راڻي! نہ روڪ.
ملڪ مصيبت ۾،
بي حد آفت ۾،
تون ڪٿن گهر گهارين،
عيش و عشرت ۾؟
منهنجي راڻي! نہ روڪ.
ڏيهہ ڏکر ماريو،
مرضن آزاريو،
موت لکين ماري،
رِڻ ڪيڏو ڀاريو!
منهنجي راڻي! نہ روڪ.

نہ روڪ راڻي

نہ روڪ منهنجي راڻي! نہ روڪ.
نہ روڪ منهنجي راڻي!
ديش پڪاري ٿو،
راهہ نهاري ٿو،
فرض وطن وارو.
ياد ڏياري ٿو.
منهنجي راڻي! نہ روڪ.
ناد وڄڻ وارو،
ملڪ اُٿيو سارو.
ٻوڙ ٽڪو ساٿي!
ساٿُ هلڻ هارو.
منهنجي راڻي! نہ روڪ.

ساهه پرائو آ،
جنهن ٿي ناهه بقا،
تنهن ڏيڻ ۾ پولي!
تنهنجو ويندو ڇا؟
منهنجي راڻي! نه روڪ.

فرض - محبت جو،
هه سچو ناتو،
مهل پئي ٿين ٿا،
هڪ ٻئي جو راکو.
منهنجي راڻي! نه روڪ.

فرض وساريم جي،
قول نه پاڙيم جي،
لوڪ گلا ڏيندو!
سڌ نه اُنايم جي.
منهنجي راڻي! نه روڪ.

هڪ جيڏا ساٿي،
اڳرا ويندا ٿي،
توڪ هٽي ڇوندا،
توکي ويو ڇا ٿي؟
منهنجي راڻي! نه روڪ.

آن وستر ڪاٿـي؟
پورو گهر ڪاٿـي؟
ديش دکايل کـي،
پيٽ گـذر ڪاٿي؟
منهنجي راڻي! نہ روڪ.

ديش غـلامـيءَ ۾،
مـرض مـداميءَ ۾،
غيرت پاڄي ويو،
سرس سـلامـيءَ ۾.
منهنجي راڻي! نہ روڪ.

دل وارا ايـنـدا،
مات مـري ٽيندا،
لـوڪ پڻي صدقي،
ساهہ سويـن ڏيندا.
منهنجي راڻي! نہ روڪ.

موهہ نہ ڪنهن ڪم جو،
فاني هـڏ چـم جو،
ڪال ڪڍي ويندو،
هـي دم آدم جو.
منهنجي راڻي! نہ روڪ.

نيٺ ڏڪايل ويو،
وير نہ پنتي پيو،
ڀارت ماتا جو،
ڪير سجايو ٽيو.
منهنجي راڻي! نہ روڪ.

سرتيون تنهنجون پڻ،
خوب ڪنديون پُڻ پڻ.
روز اشارن سان،
تنگ ڪندءِ ڪامڻ.
منهنجي راڻي! نہ روڪ.
ويڙ پٽي جن جا،
سوپ ڪري ورندا،
تن جيڏين جا مزا،
ٽوڪي وِهہ لڳندا.
منهنجي راڻي! نہ روڪ.
راڻي! ٿيءُ سجاڻ،
ڇڏ ناحق چڪتاڻ،
موڪل ڏي تہ مران،
ملڪ مٺي جي ڪاڻ.
منهنجي راڻي! نہ روڪ.
ثاب پڳي آزي،
ڪامڻ ٿي راضي،
موهہ پڳو هاري،
فرض ڪٿي بازي.
منهنجي راڻي! نہ روڪ.

ڪروڙن باشندن جي زبان تي آهي. اِنهن سورمن
جي قربانيءَ ئي شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جهڙا سنڌي
سپاتر پيدا ڪيا، جن ماتا جي آن-بان صدقي
پنهنجا سر صدقي ڪري ڇڏيا. اچو ته انهن شهيدن
جي چکيا جي ڀسم جو قسم کڻي ڀارت جي ء دنيا
جي ڀلائيءَ توڙي آزاديءَ جو اقرار ڪريون. ڀڪ
اٿم ته شهيد جي ويهه ورهيه اڳ لکيل هيءَ آکاڻي
ڳائيندي، اسين پاڻ توڙي پنهنجي قوم کي "جڳم
جڳت" لاءِ تيار ڪري سگهنداسين.

معصوم شهيد جو خون سگهڻ جو ڪينهي. جڏهن ڏس تڏهن هزارين ملڪي مستانا، انهيءَ خون جا تلڪ ڏيئي سر ڏيڻ لاءِ، خون جي هولي کيڏڻ واسطي اُنهيءَ ئي ساڳي راهه تان ڪاهيندا پيا وڃن ۽ ائين اِتهاس پنهنجا ڪارناما وري وري دهرائيندو ٿو رهي. ڀارت جڏهن اڃا غلام هو، تڏهن انهيءَ غلام ڀارت جو هڪ فرزند پنهنجي ٻن ساٿين سان ڦاسيءَ جي تختي تي کلندو ڪڏندو چڙهي ويو. هو سردار هو. اِنهيءَ ڪري دار يعني ڦاسيءَ جي تختي تي چڙهڻ سندس ڪٻي هٿ جو کيل هو. سر-دار جو ٿيو. سردار ڀڳت سنگهه، سکديو ۽ راجگروُ وير هئا. اڄ ٻ اُنهن شهيدن جي قربانيءَ جي ڪٿا، ملڪ جي

(٣)

سپنن جـــي دنيا آزاد دنيا،
رنگين دنيا آبـــاد دنيـا.
تونگر ڪو هجي يا فقير هجي،
هرڪنهن ڪي وڏي هيءَ شاد دنيا!

(٤)

بند نيڻ مگر ٻوڙيا ٿيَّ حواس،
هـــرطـرف هيو آنند اُلاس.
ڪڏ ي جوڳي ٿي بربن پڻڪيس ٿيَّي،
ڪڏ ي ڀوڳي ٿي ڀوڳيم ڀوڳ ولاس.

(٥)

چا چا نہ ڏٺا مون خواب نوان،
احباب نـــوان اسباب نـــوان،
اسرار جا گنج ڏٺم هرجا،
حيرت جا نرالا باب نوان!

(٦)

اسرار عجب هڪ آيو نظر،
حيران ڪندڙ هو چا منظر،
هٿ هٿ پئي وهيو ڪيسر جود ريا،
هئي ذرڙي ته نر آڪاس بہ نر! ١

شهيد جي ڪهاڻي

پيئي پهر سوا اڌا رات هئي،
ڦٽي ڪچڙي مس پرپات هئي.
چوطرف هئي خاموش فضا،
ڪجهه قدر اڃا ظلمات هئي.

(٢)

هيو ننڊ ۾ غافل هرڪو بشر،
هل هو نہ هنگامو شور نہ شر.
جڏي هوش ۾ ڪو عالم نہ رهيو،
سپنن جي دنيا جاڳي ٿئي مگر!

(١١)

سر ڪن جا ڌڙن کان ڌار ڏٺم،
ڪيئي نيزي تي هسوار ڏٺم،
چيهون چيهون ڏٺم ڪن جون ڇاتيون.
گولين جا گهڻيئي شڪار ڏٺم.

(١٢)

جنهن طرف ڏٺم پيي پئي ويڪٽ،
ڌڪ ڌڪ پيي پئي پيي پئي سٽ سٽ؛
هر طرف مٿل چينگهاڙ ڏٺم،
ميدان نه هو پر هو مرگهٽ.

(١٣)

هڪ پاسي خون جي پياس هئي،
ٻئي طرف ڏيڻ جي آس هئي؛
هڪڙا ٿئي ڪريا ۽ پيا ٿئي وريا،
ڏسندڙ لءِ عبرت خاص هئي.

(١٤)

هڪ طرف هٿيار پنوهار ڏٺم،
ٻئي پاسي مرڻ لءِ تيار ڏٺم؛
هڪ طرف شڪاري شوخ هئا،
ٻئي طرف نماڻا شڪار ڏٺم!

(٧)

هرطرف هنگامو هو هرجا
گهمسان گهٽو ڏونڌاڙ ڏکا،
هوليءَ جو مثل جڻ هو ڏمڇر؛
چؤطرف ڦوهارا پئي ڇنڪيا.

(٨)

هولي ئي چوان يا جنونُ چوان؛
ڪين ٻيو ڪو نيارو نمونُ چوان؟
هي ڪيسر ڪُنگو ڪيئن چوان؟
بس جيڪي ڏٺم سو خون چوان.

(٩)

ڪٿي اڳتي نيڻ نهاريم جان،
آيو ڪين نظر ڪجهه خون بنا؛
ڪنهن خون جي هولي کيڏي ٿئي،
لڳو لال ٿئي جنهن سان سارو جهان.

(١٠)

ڪي جوان پريان ٿئي جنگ ڏٺم،
رت ڳاڙهيندا مرد ملنگ ڏٺم،
سالم نه بدن هو ڪنهن جو، مگر،
جدا انگ ڪان ٽن جا انگ ڏٺم.

(١٩)

جنهن جي راڄ ۾ آهي نياءُ نہ ڪو،
تنهن جي راڄ ۾ گهارڻ آهہ ڏکيو،
اهڙو حاڪم، حاڪم ڪيئن چوان،
جيڪو رعيت جو رکي خيال نہ ٿو!

(٢٠)

جنهنجي راڄ ۾ رشوت روز هلي،
جنهنجي راڄ ۾ مشڪل پيٽ پلي،
اهڙي راڄ کان بيشڪ پينگم ڀلي،
رعيت جو نٿو جتي چارو چلي!

(٢١)

جنهنجي راڄ ۾ ڀاوُ نہ خدمت جو،
تلوار تي زور حڪومت جو؛
جتي قرب جو آهي نانءُ نہ ڪو،
رڳو حرف هلي ٿو حرفت جو.

(٢٢)

جيڪو حاڪم پنهنجو پيٽ ڀري،
رعيت کي لڙائي راڄ ڪري،
اهڙو راڄ ڀلا ڪيئن رهڻ ڏبو؟
جيڪو ڀاءُ کي ڀاءُ کان ڌار ڪري!

(١٥)

سرجنهن ٿئي ڏنو مرڪي ٿئي ڏنو،
هڏ مرد جو مـن ٿئي ڪين ڀنو،
ڏيندڙ کي نڪو ڏک هو هرگز،
ڏسندڙ جو مگر ٿئي هيانءُ ڇنو!

(١٦)

هيءَ ظلم سندي روئداد ڏسي،
هيءَ بي دردي بـي داد ڏسي؛
نہ وڏيڪ سٺو ٿيو موکان، الا!
هيڏو ظلم ڏسي بغداد ڏسي.

(١٧)

ست پائي وڃي ڪائونس مون پڇيو،
بيٺو هـو مرڻ لءِ جو سنبريو،
هـيءَ ماجـرا ڇاهـي بهر خدا!
ائين چوندي ٿئي منهنجو هيانءُ ڦسيو!

(١٨)

حيران ڏسي هن مونکي چيو،
سر ڏيئي، ڪرڻ ٿو وڃان سؤدو،
هيءُ مؤت نہ آهي موت، مگر،
آهـي پـاڻ ملهائڻ جو موقعو!

هن جا سڏڪا ۽ سِسڪيون منهنجي لاءِ ڪي
ڏوان ڪين هئا. رات جي سانت ۾ اهي سڏڪا
د ور د ور ٻڌڻ ۾ ايندا هوندا ؟ پر ڪنهن کي ضرورت
پيئي آهي جو پرائو سور پنهنجي پيٽ ۾ پائي.

جيل جي اسپتال ۾ هوس ۽ هي ٽيون مهنو
هو اِنهيءَ ساڳيءَ ڪٽ تي سمهئي. مون ڪٿيءَ کي
پاسيرو ڪيو ۽ اُٿي وينس. پريو پڙهيو ته ڪجهه
ڪين هو پر تڪبندي واهه جو ڪندو هو ۽ پنهنجون
جوڙيل ڪافيون پيو جهونگاريندو هو. قيديءَ
منجهان مقدم بڻيو هو. ڏنڊي-پٽي سان گڏ اٽ آنه
ماهوار پگهار به ملندو هوس. ڏينهن جو ٻاهر پارٽيءَ
سان جيل جي واڙيءَ ۾ رهندو هو ۽ رات جو ٽورا
مقرر ڪلاڪ اسپتال ۾ پيل بيمار قيدين تي پهرو
ڏيندو هو.

(٢٣)

سر ڏيئي سوين جا ڳائيندس،
مٽي ماءُ جو درد گهٽائيندس،
مونکي گانڌيءَ جي چرخي جو قسم!
وک پٺتي ڪين هٽائيندس.

(٢٤)

ڏسي ملڪ کي شوق غلاميءَ جو،
هن مارو- مرض مداميءَ جو؛
ڏيئي خون بدن جو وطن صدقي،
مان ڌوئندس داغ غلاميءَ جو.

(٢٥)

ويو جان وطن لءِ ڏيڻ وارو،
ويو ملڪ تان صدقي ٿيڻ وارو؛
ويو ديش جو وير سپاهي ويو،
ويو، ويو تن من ارپڻ وارو.

(٢٦)

هي خون اهو رنگ لائيندو،
ڪيئي مرد سنڌ جا ڳائيندو،
بند ديش دکايل جا ڪنبا،
"جئہ-هند" سان مکتي پائيندو.

آرتوار صبوح جو پريو چنيون ڪٺي آيو. ڏيڍ
سال کان پوءِ اُهي چنيون وري ڏٺيون هيون.
ڏاڍي اُتساهه سان آٽي منهنجي هٿ ۾ ڏنائين.
نيئي چنيون پينسل سان لکيل جڻ ته محبت جو
اقراري دستاويز هو. هڪ چٺيءَ ۾ لکيل هو ته 'تون
دل نه هارج، چار درويشن جو قصو ياد هوندءِ.
آخر اسين به الله جي مهربانيءَ سان هڪ ڏينهن
ضرور ملنداسين .... متان فلاڻي کي فلاڻي وانگر
روئي جيل جو عرصو گندو ڪري اچين. صاحبان
تنهنجي آهي ۽ تنهنجي ئي ٿي رهندي.' چنيون
پڙهندي مونکي صاحبان ۽ پرئي جي پهرين ملاقات
اکين اڳيان تري آئي ته ڪيئن نه خريف جي آغار
۾ رونبي ڪندي اکين ئي اکين ۾ هڪ ٻئي سان
محبت جو اقرار ڪيو هئائون. ڪيئن نه چوريءَ
چوريءَ پيا آپسي چاهه جي ترق وڌائيندا هئا.

پلاگوٺ هو نندڙو سو هن قسم جي لڪ چپ ڪيسين
ٿي هاي سگهي. نيٺ بصر پڳو ته بانس آئي. صاحبان
جي چاچي بنا دير پائڻيءَ کي پرڻائي ڇڏيو ۽ هڪ
اڻ پڙهيل ڇوڪري سان، جنهن جي عمر پنهنجي
ڪنوار کان پنج سال ننڍي هئي. ونې سترهين

هاڻي بہ هوُ منهنجي سيرانديءَ واري سيخائين دروازي کي ٽيڪ ڏيئي ويٺو هو ۽ پڻي جهونگارڻ سان گڏ سُڏڪيو! اها سندس روزاني ڪار هئي ۽ ائين پيو پاڻ سان اوريندو اوياريندو هو.

’پريل!‘ مون هن کي سڏ ڪيو. منهنجو آواز بيماريءَ سبب هونءَ ئي نرم ۽ جهڪو هو.

هن آهستي جواب ڏيندي چيو ”اجا جاڳين ٿو ڇا؟ ڇا ڪريان يار! ننڊ ئي الله ڪسي ورتي آهي. هن ڪن ٽرسي وري چيو ”ننڊ ڪسي ها تہ ڀلي، پر پرينءَ کان هيترو دور ۽ پاسي تہ ڪين ڪري ها.“ هوُ چپ ٿي ويو ۽ ساڻ ساڻ سندس گونگو سڏڪو منهنجي دل جي تارن کي ڇهي اڌ رات جي سانت ۾ سمائجي ويو. منهنجي چوڻ تي هن پنهنجي ڪهاڻي شروع ڪئي ۽ ائين پوري بہ ڪئي. ”پچاڙيءَ جو چيائين ”ادا! تنهنجي جيلر صاحب مهربان آهي، جيڪر ڪا ٿونس چٺي وٺي ڏئين تہ مان صبوح جو پنهنجا گهر وارا ڪپڙا گدام منجهان ڪڍي اچان ۽ ٽوڪي صاحبان جون اُهي چٺيون ڏيکاريان، جيڪي هن مونکي ڪچي جيل ۾ لکيون هيون.

نڪتي. جوڙو آخر پڪڙجي پيو ۽ نتيجي طور هن ڏوهه هيٺ پرئي کي اڍائي سال سخت قيد جي سزا ملي. ٻئي طرف صاحبان ساهري گهر رهڻ کان انڪار ڪيو جنهن ڪري لاچار ٿي سندس ننڍڙي گهوٽ کيس طلاق ڏنو. پر پکي ان هوندي به آزاد نه ٿيو. صاحبان کي سندس مائٽن وري به هڪ چڱي چوکي زميندار سان پرڻائي ڇڏيو. ڇوڪريءَ جو وس ڇا، جو ٻوٽ ۽ ٻوٽ جي سماج سان مهاڏو اٽڪائي سگهي. صاحبان جي مجبوريءَ هڪ دفعو وري روئي ڏنو.

پرئي ٻڌايو ته هن وقت هوءَ هڪ ٻارجي ماءُ آهي ۽ پنهنجي مرد سان خوش آهي. اهو ٻڌائيندي هو روئي ويٺو. ڪن رکي چيائين ته ٻاهر ويندس ته اول صاحبان سان فيصلو ڪندس، جي مونسان پڇجي نڪرڻ قبوليائين ته واهه، ٻيءَ صورت ۾ پهرين سندس مڙس کي ماريندس ۽ پوءِ کيس. ائين چوندي چوندي هن جي اکين جا ڳوڙها سکي ويا ۽ هن جو هٿ وچي شهپر ڏي پيو. آخر مون کيس آٿاري اُٿاري ٿڌو ڪيو. کيس ٻڌايم ته پيار ۾ رکيو ڏيڻ ٿيندو آهي ۽ نکي وٺڻ. ساڻس انجام ڪيم

جي ته ونهيو هو بارهين جو! صاحبان سور پيءِ چاچي جي تڪيءَ چريءَ هيئنان ڪنڌ ڪڍي رکيو ۽ ائين هن قربانگاهه ۾ سندس پيار ٽڙڪي ٽڙقي ٽڏو ٿي ويو. هوءَ پڙهيل ڪڙهيل نينگر هئي. روز قرآن جو دؤر ڪندي هئي، اهوئي سبب هو جو پرئي جو پيار ڪيتري به اناولي هوندي، آپي کان ٻاهر وڃي نه سگهيو. هيئنئر پرئي لاءِ چؤطرف اونده هئي. غريب وٽ نه هئا ٻه هزار نڪي ڪنووتيءَ لاءِ ڪا پيڻ يا پائٽي. اهوئي سبب هو جو هن گوءِ ۾ هوُ هارائي وينو. پريو سچ پچ ته اڄ بي وس ٿي پيو. انهيءَ وچم ٻارهن مهنا گذري ويا ۽ انهن ٻارهن مهنن ۾ هوُ الائي ڪٿان جو ڪٿان وڃي پهتو. يڪتارو ڪڍي ڳوٺ ڳوٺ چاڪاريندو رهيو ۽ ائين هڪ ڏينهن صاحبان جي ساهري ڳوٺ ۾ به اچي پهتو. نيٺ سندس ملاقات صاحبان سان ٿي، جنهن ساڙس پڇي نڪرڻ جي رٿ لاچار ٿي قبول ڪئي، جو ته ٻيءَ صورت ۾ پرئي ڪيس دڙڪو ڏنو ته هوُ آپگهات ڪري ڇڏيندو. صاحبان جو سانتيڪو پيار هن دپ هيٺ بغاوت ڪري اُٿيو ۽ هوءَ ٻيءَ رات گهر ڇڏي پرئي سان پڇي

ڀرئي ۽ صاحبان جي ڪهاڻي

ساز دل تي تار الفت ڇيڙ ڪين،
خلق دنيا جي اٿيئي تماشبين!

(١)

جان پنهنجيءَ کان ڏنم بيزار هو،
اَڪ ڦِنل، پنبڻيون پسيل، ڳؤرا ڇپر؛
ڪو لڳل هن سان وڏو آزار هو.
ڪنهن گهڙي غم جي سبب خاموش هو،
هوش ۾ هوندي به جڻ بي هوش هو!

(٢)

درد جي تابش کان ٿيس جيرا اڪيون،
ساڻيد سورن جي ڏنس ايڏو بخار!
جنهن جون ڇهري تي نشانيون پئي بَڪيون.

تہ هن ۽ صاحبان جي پيار جي کهاڻي شعر ۾ لکي
ڪيس ڏيندس. هو جڏهن هڪ مهني کان پوءِ پنهنجي
سزا پوري ڪري ٻاهر نڪتو تڏهن پنهنجو انجام
ٻاڙيندي مون کيس چيو:

”ساز دل تي تار الفت ڇيڙ ڪين،
خلق دنيا جي اٿيئي تماشبين.“

اڇو تہ هيءَ هڪ سچي ۽ حقيقي ڪهاڻي وارو
مرسيو ڳايون، ۽ ائين سماج جي قاتل ڇريءَ
هيٺان زبح ٿيل پکين جي هن پريمي جوڙي تي
فاتحا پڙهون.

(٦)

منهنجي همدردي ۽ پنهنجائي ڏسي،
جڻ ته بڌندڙ کي ويو ٻوڙو ملي،
هڪ مٺيءَ پاٻوهه ٿي پيس دل ڦسي.
زخم جا توپا ڪچا اُڪاڻ لڳا،
نيڻ هن جا ڇلڪندا اُٿاڻ لڳا.

(٣)

ڪا گهڙي هن جون اکيون ٽمنديون رهيون،
ٿيو ڍرو طوفان جيسين درد جو،
تيسين تائين سي اَجهل سمنديون رهيون!
دل جهلي هينءَ نيٺ هن ڇوري زبان،
۽ ڪيائين هن طرح ظاهر بيان.

(٨)

منهنجون هن سان جيئن نگاهون چار ٿيون،
ڄڻ نئين دنيا ۾ پاتم پاڙڪي،
جت خوديءَ جون حجتون بيڪار ٿيون.
عشق حضرت بي خودي آيو کڻي،
دل جو برپٽ جنهن ڪان پيو گلشن ٻڻي.

(٩)

مون ڏٺو، هن منهن ورائيندي ڏنيون،
مرم واريءَ مرڪ سان جڻ مرڪندي،
نيڇي نظرن ساڻ ڳجهڙيون دعوتون!

درد آنهن جا دونهان بادل بڻي،
آسري جي ڌار ٿي پيا ٽڪي ڇڙي.

(٣)

ظاهري لاشڪ هيو هو بي خبر،
ٽڪي دپيل سڏڪين سانهن ڪنهنکي سڏيو،
ڪنهن جي ورنديءَ لءِ ڏنو ٽڪي منتظر.
ڏڙڪندڙ دل ۾ هيس ڪافي گمان،
ڇا ڪندو اڳتي الائي آسمان؟

(٤)

قيد ۾ يارن عزيزن کان پري،
ناهه ڪو ويجهو جني ساٿي سڄڻ،
جي نه هو روئي، ٽڏهن پيو ڇا ڪري؟
موت گهرندي پيي جني ٽڪي بي نياز:
تو اُتي هڪ درد ئي ٽڪي ڪار ساز!

(٥)

مون وجي ويجهو چيس بهر خدا،
ايڏي غم اندوهه جو ڪهڙو سبب،
آهه اهڙي ٿوسان ڪهڙي ماجرا.
ڪم نصيبيءَ جو بڻيو آهين شڪار،
يا زمانو ناهه ٿوسان سازگار؟

(١٣)

ميخ سا ءن ۾ محبت جـي هٽي ،
هت رڳو ساسين سُڪالو بت چڏي ؛
ساهہ منهنجو پاڻ سان ويئي ڪٽي .
ويو جڏهن ذڪري هتان هرڪو ٿڪيو ،
درد هڪڙو هو تڏهن حاضر هڪيو .

(١٤)

منهنجي مردهہ دل ۾ آئي اهڙي جان ،
آس جـو پـائـر نـراسا ۾ وجود ،
جڻ ٿيا هـر آغوش ڌرتي - آسمان .
هو ڪڙو پاسي ۾ جـو مايوس پيار ،
درد اُن ڪـي پيو ڏنو هيڪر قرار .

(١٥)

درد همدم ٿيو تہ بيٺي چاهہ ٿي ،
ڪشمڪش ۾ ڳـنـڍ ويئي پيچندي .
ترا ڪين مان دل ڪان دلڏي راهہ ٿي .
ويو پکيئڙو دل سندو پانڌي بڻي ،
جـو سنيهو قـرب جـو آيـو ڪٽي .

(١٦)

ڪئي تصور حسن جـي حيران دل ،
عشق بندش جون حدون توڙي ڇڏيون ،
مـؤج مشتاقـيءَ ڪئي مستان دل .

تن بدن مون هن کي نذرانو ڪيو،
سر جهڪائي سجدو روزانو ڪيو.

(١٠)

منهنجي سامهون آسماني چنڊ هو،
تنهن تجلي کان ٿي روشن ڪائنات،
موجزن جڻ چانڊنيءَ جو سمنڊ هو!
چؤطرف هو ماهتابان جو ظهور،
حسن خوبانْ دل کي بخشيو ٿئي سرور.

(١١)

خوب سيني ۾ اُٿيا اُڀري امنگ،
وصل جي بي خبر ٿي پئي آرزو،
دل ۾ پيدا ٿيا لکين چِٽرا تَرنگ.
هُن اتي مونڻ جي ڪئي مرکي پچار:
مون چيو "وائي وچڻ جي ڪين وار."

(١٢)

اوچتو جذبن تي پيو غالب حيا،
منهنجي منٿ، بي وسيءَ جو ٿي شڪار،
نيٺ رئندي پير هن پويان ڪيا.
بي ڪسيءَ ڳوڙها وهايا بي حساب،
پيو پُسي جن کان مقدر جو ڪتاب!

(٢٠)

ويو وهي ڪرڙو قلم تقدير جو،
اوچتي هيڏو وڇوڙو پيو نصيب،
وس هليو هرگز نہ ڪو تدبير جو.
بس جدائيءَ تن بدن جهوري ڇڏيو،
ماس ٻت جو جنهن هڏي ڪوري ڇڏيو.

(٢١)

بند اچ پرديس ۾ آهيان پري،
منهن ڏسڻ آهي پرينءَ جو جٽ عبث،
تو هتي باقي بچيل هڏ، غم چري.
هي وڇوڙو باب منهنجي ۾ ٻٽيو،
ٽيو اُهو جيڪي مقدر ڪي وٽيو.

(٢٢)

شاعر جو بيان

مون ڏٺو هن جي اکين ۾ آب هو،
چوندي چوندي هن ڇڏي روڪي زبان،
هي سندس حسرت جو دردي باب هو.
عشق جو هردم هيس آڏو ڪتاب،
ٿئي مليس بس عشق جو جنهن مان جواب.

ڪا پاڪ وسريو وڇوڙي جو خيال،
ياد ايندي ئي ويھڻ ٿي پيو وبال!

(١٧)

دل ۾ پيدا ٿيو نئين سر پيچ و تاب،
مون وٽي ساجن جي چانئٺ کي چميو،
الوداع بس ويو ڪري شرم و حجاب.
ٿيو حيا دلبر جو شوخيءَ ۾ عيانُ،
مون چيو، "تون ئي ڪٿي چؤ ڇا ڪيان؟"

(١٨)

قرب مان تو جي مکيون چوريءَ چنيون،
جن ۾ اُلفت جو هيو راز و نياز،
سي ڪيون مون ساهه پنھنجي کان مٺيون.
هئي سندءِ صحبت جي هيئنڙي ۾ اُڪير،
تنھنجي در آيس ٿڏهن سهٽا سڏير!

(١٩)

پيار ۾ منهنجي ڏسي دل بي قرار،
پاڻ مونکي پنهنجو هن سونپي ڇڏيو،
هن جون ٻانهون ٿيون ڳلي منهنجي جو هار.
تاڪ ۾ هئي ڇپُ هٽي ويٺي قضا،
جنهن ڪري آخر ڇڏيو هن کان جدا.

خط پهتو، جنهن کي لکئي اڄ پريا سترهن
سال ٿيا. ۷ فبروري ۱۹۴۵ سکر سينٽرل جيل ۾
اِها ڪهاڻي لکي هيم. ٻاهر اچي دوستن کي ٻُائي
ٻڌايم ۽ ائين ٻُائيندي هيڏو عرصو گذري ويو.
هيءَ ڪهاڻي هن ڪان اڳ نه ڪنهن اخبار ۾ پڌري
ٿي نڪي ڪنهن ڪتاب ۾ ئي ڇپي. ڪٽي چڱجي
نه واڳهي واءِ تنهنجي منهنجي ڪنئين ئي پيئي
هوندي. گهڻن ئي دوستن جا خط آيا ته اِها ڪهاڻي
جيڪر ڇپائجي، پر خيال ڇيو نه ڪيو. اڄ هيترن
ورهين جي ساندڻ ڪان پوءِ نه رڳو ڪن ڳاڻ ڳڻين
دوستن اَحبابن جي لاءِ هيءَ ڪهاڻي ڇپايان ٿو،
پر اُنهن دوستن ۽ پيارن لاءِ پڻ پڌري ڪريي

(٢٣)

عشق هن جي زندگيءَ جو راز هو،
جنهن ۾ ئي هن جي سمايل هئي نجات،
حسن هن جي روح جو آواز هو.
درد شاهد هو تہ هو مهجور هو،
دل کنان، معذور هو مجبور هو.

(٢٤)

شمع تي جيئن ٿا اچي پوپٽ جلن،
هجر ۾ گل جي روئن ٿيون بلبليون،
ساهہ پنهنجي تان ٿا هٿ پنڌرا پان.
جيئن فدا سر چند تان چڪور ڪري،
تيئن بنا معشوق جي عاشق مري.

(٢٥)

ٿي اُٿي پيدا ٿڻي قربانيءَ جي لاڳ،
رهبري جنهن جي ڪري ٿي مست دل،
ٿي ٻري اُت عشق جي خاموش آگ.
ٿو ڏکايل! سو ئي منزل تي رسي،
جو مجازيءَ کي حقيقت ۾ پسي.

خط پهتو

تنهنجو خط پهتو مگر مان ڇا لکان ؟
سوال ٿو هر هر اِهو دل کان پڇان .
چوٽ ڪائي ٿي جڏهن دل کي رسي ،
تــو تڏهن پيدا بـرابـر درد ٿئي .
درد ـ دل جو تون به ٿي آهين شڪار ،
ٿي ڪري تنهنجي تڏهن اچ دل پڪار .
درد سان رشتو ٻنڌي گهارڻ ڏکيو ،
سور سانڍي پـاڻـکي ڀـارڻ ڏکيو .
هيءَ شڪايت ناهه دل وارن جو شان ،
دانهن ڪمزوريءَ جو آ ظاهر نشان .
قرب جي ڏيکاري مونکي رسم و راهه ،
ٿي گهرين ثابت ڪرڻ منهنجو گناهه ؟

رهيو آهيان، جن جي ڪنن تي ڪڏهن هـن ڪهاڻيءَ جو پڙلاءُ به ڪين پيو هوندو. اُميد اٿم ته هيءَ ڪهاڻي گهڻن کي ئي پنهنجي ڪهاڻي ٿي لڳندي. جيتوڻيڪ آهي ڪنهن اوچتي جذبي جي تخليق. ڏسان ته گهڻا دردوند هن ڪهاڻيءَ کي ڳائي پنهنجو من هلڪو ڪن ٿا.

تنهنجي فطرت ۾ پريل جذبات آهه،
جنهن کان خود مجبور عورت ذات آهه.
تو ۾ سامهون ٿي چنڊ جي دل ڪٽي؛
سمجهه توکي مهل سر نٿي ساٿ ڏي؟
جوش ۾ غلطي ڪرين ٿي بار بار،
تنهنجي ڪمزوري آ عالم آشڪار.
تو ليئو پائي وڏي غلطي ڪئي،
مرڪ هڪڙيءَ ٿي ڇڏيءَ بس دل ڏئي!
حرص محبت جو جڳين وڌندو رهيو،
شوق صحبت جو نئين وڌندو رهيو.
تو ائين پاڄي وساريو پاڻ کي،
جاڻ خود کوهي ڇڏيو جڻ جاڻ کي!
پنهنجي مقصد ۾ نه پر ٿيينءَ ڪامياب؛
پورو سو تنهنجو نه ٿيو سونهري خواب.
منهنجي دل جيڪس هان تون حاصل ڪرين،
هڏ نه هي الزام هان مونتي ڌرين.
سچ چوان ڪوڙو نه جي توکي لڳي،
تنهنجي دل ئي ٿي فقط توکي ٺڳي.
تون لڪين ٿي، تنهنجي شاديءَ جو وڳو،
غم سبب جڻ ٿئي ڪفن توکي لڳو!

بي رُخيءَ منهنجيءَ کي تون سمجهي قصور،
تي سزا مونکي ڏيڻ چاهين ضرور.
جڳ ۾ فريادي جي ٻيئي آسمان!
ظلم هي ناهي تڏهن ٻيو ڇا چوان.
بار پنهنجي دل جو لاهڻ ٿي گهرين،
فڪر پر منهنجو وڃائڻ ٿي گهرين.
وهڪ ۾ جذبات جي وهندي نه وڃ،
بي سبب جيڪي اچئي چوندي نه وڃ.
هونءَ ته مان آهيان گهڻوئي عيبدار،
پر ڪٿين تنهنجي نه مون هڪڙي ميار.
عيب هرڪو آهه تو مون مان ڪڍيو،
ڪين ڪنهن الزام کان وانجهو رکيو.
بي وفا جو تو ڏنو مونکي خطاب،
مان ڀلا اُنجو ڏيان ڪهڙو جواب؟
تنهنجي نظرن ۾ مان ظالم، سنگدل؛
نيچ، ڪانئر، بي حيا ۽ تنگدل؛
ڪاش تون، ڀيٽين نه ها انسان سان،
ڏين رڳو تشبيهه ها حيوان سان.
ڏوهه هن ۾ توکي مان ڏيندس نه مور،
هي ته تنهنجي جنس جو آهي قصور.

مون بنا تنهنجي ٿئي جاڳي آنڌ مانڌ،
اڄ ويئي ڪيڏانهن سا، ساڳي آنڌ مانڌ؟
ڇو نہ ٿي ڪولي لڪيءَ سڀ روبڪار،
مونسان تنهنجو هو نہ بس خودغرض پيار؟
پيار اَڪ جي ناهہ ماکي لاهڻي،
سيخ مکڻ جي پچائي ڪاڻڻي!
پيار پنهنجو رنگ بدلائي نٿو،
سور سهندي ڍنگ بدلائي نٿو.
جي اگر مامعي وهيڻو پيار آهہ،
پيار ناهي پر اُهو واپار آهہ.
سون جي ڪا هام جي هٽندو پتل،
باهہ جو خطرو نہ سو ڪٽندو پتل.
تؤ نہ هڪڙو آگ جو سهندو پتل،
مامعو لاهي بس وڃي رهندو پتل!
ڪا خوشامد پيار کي درڪار ناهہ،
پر حقيقي پيار آخر پيار آهہ.
تنهنجي نظرن ۾ ٻلي مغرور مان،
پر حقيقت جي اڳيان معذور مان.
تون لڪين ٿي، تنهنجي شاديءَ جو سڻي،
منهنجي دل ڀاڄي نہ ڪو ڀڙڪو ڀُڻي.

سون جي ڳهڻن وچون ٻڌجي ڏنگيو،
ڪيڏو تنهنجي دل کي ٿڌي بي چين ڪيو؟
شادي منڊپ تنهنجي لءِ شمشان هو،
هي سڄو سنسار جڻ سنسان هو!
ترس! دل ڪيترو چڏي ويندءِ نهي،
ڏيري ڏيري خفت هي ويندءِ لهي.
چار ڏينهن کي خير جا گذرڻ ته ڏي،
وقت کي ٿورو گهٽو نبرڻ ته ڏي.
وقت مدت جا ٿو ڦٽ ميڙيو ڇڏي،
ٿو ڇوي چوٽيءَ چڙهي واڪي وڏي.
چار ڏينهن اڳ تنهنجو مونسان پيار هو،
هر ادا منهنجيءَ تي تنهنجو آر هو.
وقت پيو الفت ڦري نفرت بڻي،
ڇو نه پوءِ ساڳيو هجان مان سؤ ڪٽي.
ڪالهه تاءِ هوس تنهنجي جان مان،
اڄ دنيا جو بدترين انسان مان.
ڪالهه تاءِ آءٌ تنهنجو ڇا نه هوس،
هوس جيڪي هوس سيڪجهه مان ته هوس.
تنهنجي نيڻن جو اُجالو نور هوس،
مان هزارن ۾ رڳو منظور هوس.

تون نٿي ڄاڻين تہ منهنجي زندگي،
زندگيءَ ڌاران هاڻي ٿــي زندگي.
مرڪ، جنهن ۾ تـو ڏنـو ٽڙندڙ بهار،
سؤ دفعا جنهن تي ڪئي تو دل نثار.
توکي ڪهڙي بي خبر! ڪَـرَدرد جي،
مرڪ ۾ پيي آهہ ڪا چـر درد جي.
تون نٿي ڄاڻين تہ هي منهنجون اکيون،
پنهنجي پلڪن ۾ جي تو سانڍي رکيون.
تن اکين جي تـهـہ ۾ ڪو غم جو اٿاهہ،
ٿو ٽڪر ماري ڪنارن سان درياهہ.
هو حياتيءَ ۾ نہ منهنجي چرچ ڪو،
رشڪ ٿــي تـوکـي الائي پـوءِ ڇو؟
منهنجو تو ظاهر ڏٺو رنـگين مزاج،
جـو حقيقت ۾ هيو غمگين مـزاج.
مون ڇيو جيڪي اُهـو تحقيق ڄاڻ،
مان جٺين آهيان تئين مونکي سڃاڻ.
منهنجي هستي ايتري ناهي بري،
جيتري ظاهر تـــو ڄاڻائـڻ گهري.
نرم دل ايڏي نـہ پـي شايد هجي،
جو سندءِ لڙڪن جو ڪو تاثير ٿئي.

چهري مان ظاهر نہ ڪو ارمان هو،
رنج جو هاڪو نہ ڪو نيشان هو.
چال منهنجيءَ ۾ هئي مستي هزار،
مرڪ ۾ ساڳي هئي رنگين بهار.
زيب زينت ۾ نہ ڪوئي فرق پيو؛
هئي چمڪ نيڻن ۾ ساڳيو هو نشو!
ٿو ڏٺو منهنجي اکين ۾ هو فتور،
چال ۾ مستي ۽ مستيءَ ۾ غرور!
ڪنهن خوشيءَ کان منهنجي دل هئي باغ باغ،
هو مٿي آڪاس تي منهنجو دماغ.
گفتگوءَ ۾ منهنجي ٿو گرمي ڏٺي،
منهنجي ٿهڪن ۾ ٿئي بي رحمي ڏٺي.
هئي سندم هر لفظ مان تُندي عيانْ،
جنهن جو ٿو جاندي ڪيو آهي بيان!
صبر ٿنهنجي دل کي اڄ آهي ڪٿي،
پنهنجي ماري جو ڪٽي ٻئي جي ٻڌي.
پوت خيالي سر ٿان هيڪر هيٺ لاهہ،
سون ورني شيءِ نہ هرڪا سون آهہ.
زندگي منهنجي اُها ساڳي اجا،
فرق پيو آهي ڪٿي؟ جو مان مڃان!

توکي دل وارا کپن بهتر غلام،
تنهنجي در تي دائما ڪن جي سلام.
تون هميشه شير تي آهين سوار،
توکي جيئرو جاڳندو کپي شڪار.
سرڪشي تنهنجي اڳيان پاري گناهه،
شل نه ٿئي ڪنهن کان هي هڪواري گناهه.
تون رکين ٿي پنهنجي مُٺ ۾ تيسين بند،
ڪين حرڪت قلب جي ٿئي جيسين بند.
تنهنجو رنگ ۽ ڍنگ آهي ڏيکدار،
ٿو تڏهن سولو اچي ڦاسي شڪار.
توکي اختياريءَ جو ڏاڍو مرض آهه،
تنهنجي دل ايڏو تڏهن خود غرض آهه.
جي پوي اختيار ۾ ٿوري ڪنهن،
تون ڪري برپا ڇڏين ٿي ڇا حشر.
شل نه لاپرواهه ٿئي ڪو بدنصيب،
تنهنجي هٿ مان هڏ نه سو ڇٽندو غريب.
هر هنر سان ٿي جهلي قابو رکين،
ڪين ٿي ڪا راهه نڪرڻ جي ڇڏين.
تنهنجو ڪنهن سان پيار تيسين ڪين ٿئي،
جيسين هو اختيار پورو ڪين ڏئي.

نرم هئي البت ڪٺن هيءَ دل، مگر،
ٿي زماني جي جبر کان سخت تر.
تو ڪئي الفت انهيءَ انسان سان،
پيار کي دوکو ٿو سمجهي جو اجان.
تو حياتيءَ جي ڪئي دولت نذر،
زندگيءَ جي تو ڪئي راحت نذر.
تو ڪئي جنهن چين جي مون وٽ تلاش،
غم نه ٿئي ها، جي ملي ها توکي ڪاش!
تو پٽر پيڙي ڪڍڻ پاڙي گهريو،
ڪين تنهنجي دل ۾ ٿئي سڀ ڪجهه هُريو.
تنهنجي بي صبري به هڪڙو راز آهه،
جنهنجو حاصل خير مونکي نياز آهه.
تون انهيءَ حڪمت جو آهين شاهڪار،
جنهن جو غالبو ڪُل دنيا تي آ شڪار.
تون حڪومت ٿي سدا چاهين وسيع،
جئين رهي ٿي هر ڪا دل تنهنجي مُطيع.
عمر سان گڏ حرص ٿو وڌندو رهي،
توري پي ڪا روڪ چوٽي دل سهي.
سلطنت شاهيءَ جي آ تنهنجي نظر،
آهه جنهن کان دل جي دنيا بي خبر؟

تون به ٻڌ! منهنجي حماقت جو قصو،
پل سڌي ڪو هن ڪي محبت جو قصو.
مون ڏٺو هن کي جڏهن ڪمسن هئي،
مونتي پين کان هوءَ گهڻو پرسن هئي.
اڃ نڙيل مڪڙي اڃا ٿي هئي نه گل،
جو سڳنڌ کان پڻجي ويو هرجاءِ هل.
واس لاءِ پڻدرا ڪنا ٿيا بي شمار،
سؤ دفعا سي جان گهورڻ لاءِ تيار.
هُت اڃا گل کي نه پنهنجي جاڻ هئي،
هِت مڃي ويئي وڏي چڪتاڻ هئي.
بس سؤن ۾ هوس مان هڪڙو جڻو،
جنهن کي هن جو قرب هو حاصل گهڻو.
پيار هو هن جو مگر معصوم پيار،
منهنجي دل کي جو ڪندو هو بي قرار.
منهنجي لاءِ هي پيار هڪڙو راز هو،
هو سهڻن آواز بي آواز هو.
هن جي صحبت مان ملي ٿو کو سُرور،
ايترو محسوس ٿيندو هو ضرور.
ڌيري ڌيري زور دل جو چاهه ٿيو،
گهر سندس مون لاءِ زيارتگاهه ٿيو.

آهہ عورت سان پيڙ بي حد محال،
اَنگهہ انڪائي ٿيو ڳنهتو جنڻ وبال.
مونتي اڄ جي آهہ ڪو غيظ و غضب،
بس، بغاوت جو فقط آهي سبب.
تنهنجي نفرت تنهنجي هيءَ بي حد تڪار،
ٿي ساڳي دل جي حقيقي روبڪار.
دل ۾ تنهنجي آهہ گڏ غم سان غصو،
تو جلائي جو رکي هيڪر جسو.
توکي ڪاوڙ جي ضرورت ڪين آهہ،
مونکي ڪنهن ڪان خاص نفرت ڪين آهہ.
تون بلاشڪ ٿي سگهين مونکان پري،
مرڪندو ڇو هوس مان توکي ڏسي؟
تنهنجي نيڻن ۾ جڏهن ڇُلندو هو پيار،
مونکي ڪل ايندي هئي بي اختيار.
مرڪ منهنجيءَ کي توسمجهيو پيار ٿئي،
پيار تنهنجي کي مون ڄاتو ڄار ٿئي.
جيڪڏهن مونکان حقيقت ڪو پڇي،
پاڻ تو دوکو ڏنو خود پاڻ کي.
ڪنهن سمي خود مون بہ کاڌو هو فريب،
پيار واريءَ قلبنديءَ جو صاف زيب.

هن طرح الفت جي ٿي جا ابتدا،
اڳتي بڌ، اُنجي ٿي ڪهڙي انتها.
پيار جي چقمق جهلي سوگهو ڪيو،
عشق آيو علم ۾ رخنو پيو.
ورق اٿلائڻ ويا وسري شتاب،
بار ٿي پيا جان تي جنسي ڪتاب.
وقت جا پاڇا جڏهن لڙندا ويا،
زور محبت جا نشا چڙهندا ويا.
منهنجي تصور ۾ جي ڪا صورت هئي،
مهلڪا جي دل گهري مورت هئي.
بي قراري هئي نه هڪ طرفي نه هئي،
انتظاري هئي نه هڪ طرفي نه هئي.
مون بنا هن جي نه ٿي ساعت سري،
ٿئي ورهيه ٽيس ورهه جي هرڪا گهڙي.
جي وڇڻ ۾ ويرڪا پوندي هئي،
در جهلي بهندي هئي، چوندي هئي.
جڏهن بنا پاڻيءَ مڇيءَ جو آهه حال،
تو بنا منهنجو جياپو تيئن محال!
جي هجي ها تنهنجو ڪجهه مون ساڻ پيار،
ڇو پوي ڪيڏو ها هيڏو انتظار! ١٠

مونکي ڏسندي خاڪ ٿيندا ها رقيب،
جن جي نظرن ۾ هيس مان خوش نصيب.
ڪنهن سمي مونکي وجهڻ ۾ ٿي اَوير،
منهنجي گهر آئي، پري هوءَ پاڻ پير!
مون جُهڪي ڪجهه پڻڪندي ويني لڪيو،
هن اڇي منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو.
ڇرڪ ماري منهن ورائي مون ڏٺو،
مون ڏٺو جيڪي لڳو ڏاڍو مٺو.
هن نهاريو منهنجي دل تي ٺار پيا،
نيڻ نيڻن سان مليا بس چار ٿيا.
ماٺ هنجي من جو هو خاصو بيان،
هن جي چهري مان شڪايت هئي عيانْ.
مان ڏوهاري هوس لاشڪ هن اڳيان،
مون چيو، ”سرڪار! معافي ٿو ونان.
هن ڪان پوءِ اهڙي خطا ٿيندي نه مور،
وقت سر ٿيندس اڇي حاضر حضور!“
بس خوشيءَ کان هن جو منهن بهڪي اُٿيو،
جڻ چمن ۾ گل خندانْ ٽهڪي اُٿيو.
تجربو اِج منهنجي لءِ هي خاص هو،
هن جي دل جي پاڙ جو ناهي پتو.

اوچتي سر تي مصيبت ٿي سوار،
ٿيس زماني جي مان گردش جو شڪار.
مون سان اهڙي ڪار ڪا قسمت ڪئي،
جو رهيل تعليم پ-ي ڇڏ-ڻي پئي.
حادثن جون آيون ڪي اهڙيون گهڙيون،
جو منهنجي زنجير جون پيئون ڪڙيون.
هيڪلي ڪاٿي مصيبت ٿي اچي،
پر بلائون پيون پنيان سؤ ٿي بچي!
دل اچا پورو پَنيو هو ڪين دم،
جو مٿان ڪڙڪيو اچي پيو رنج و غم!
پنهنجي دل سان منهنجي دل
جنهن هئي گڏي،
تنهن به سيني مان ڪڍي اُجاي ڇڏي!
رخ ڏسي هنجو ڪنبي ويو منهنجو ساهه،
درد جاڳيو منهنجي دل جو بي پناهه.
مون ڏنو هن مون ڪان منهن ڦيري ڇڏيو،
جاءِ منهنجيءَ تي ڪو بيو هيري ڇڏيو.
شهر جو مشهور دولتمند هو؛
جو سندس آخر وڃي خاوند ٿيو.
دل ته هن ڪان پيي ملي هوندس، مگر؛
سون چانديءَ سان ڍڪيل ڪارو پٿر.

اهڙا ذوراپا جذهن ڏيندي هئي،
ڪتڪتائي ڪا مني ٿيندي هئي.
ڏينهن قربت جا ويا جيئن بيتندا،
پيچ پختا پريت جا ويا پيچندا!
جئين هوائون تني محبت جون گهليون،
پيار جي جهرڻي جون تني ڇوليون ڇليون.
پيار هو هڪ بئي سان، جاني پيار هو،
ڪين نڙڪائو زباني پيار هو.
پيار جي گهري نديءَ جي وهڪ ۾،
تني ٿريا هينئڙا خوشيءَ جي وهڪ ۾.
اوچتي وهندي ندي ميدان ۾،
پهتي هڪڙي ڏينهن ريگستان ۾.
رفته رفته ٿيندو ويو پاڻي ختم،
ٿي ويئي آخر ندي واريءَ ۾ گم!
مون بنا اڄ ڪا دنيا جاڙي نئي،
ڪنهن سمي هت پيِ ڪا وهندڙ هئي ندي.
منهنجي نظرن ۾ جو، هو سونو سچو؛
ڪسوٽيءَ ثابت ڪيو ڪوڙو ڪچو!
چوڻي آهي، وقت آهي بادشا،
ڪالهه هو جوا شاهه اڄ آهي گدا!

’اڌوري ڪهاڻي‘ نالي ڪري اڌوري ڪهاڻي
وندي، پر ڏسبو ڪري ته پاڻ ۾ پوري ڪهاڻي
هي. قلم هلندي هلندي روڪجي ويو ۽ مون
سندس خيال رکي ڪري ڪهاڻيءَ کي پورو ڪيو.
بر نه آهي ته هن اڌوري ڪهاڻيءَ جو ٻيو باب
ڪڏهن ڪاغذ تي ايندو به يا نه! مڙيوئي من جون
رون آهن ۽ آهن اُنهن لهرين جا اُترا چڙهاوَ.
ڪانگي يا هڪ طرفيون اُڇاون آهن. چوڻ وارو
پاڻ ته ٻڌڻ وارو به پاڻ؛ پاڻ سان ئي آهن
الهيون ڪرڻيون؛ جن ڪي ڪو ڇيه يا ڇيڙو
ـي ئي ڪين. ٻيو لڪ ۽ ڳاءِ. خوشي ٿيندي
ڪڏهن ڪو ٻيو به هن اڌوري ڪهاڻي ڳائڻ ۾
ت ڏيندو ۽ سر ملائيندو.

هن وساريو، مون کان پر وسري نٿي،
ياد هنجي دل منجهان نڪري نٿي.
پيار جو ناٽڪ ٿيو يا تحقيق ٿيو،
منهنجي لءِ ٿيو جيڪي بلڪل ٺيڪ ٿيو.
مون ٻڌايو توکي پنهنجو داستان،
هن کان پوءِ پڇ ڇا اڳيان ٻيو ڪجهه لکان؟
پيار جنهن ۾ عام جو ناهي حصو،
پيار اهڙي کي د ڪايل! ڇا ڪبو.

هٿ تہ جنما جنم ساڳي آھہ ڪار،
ڳالھہ اچ منھنجي نہ ٿي ڪا اختيار.
دل ڏئي دانھنِ جي عادت ڪين آھہ،
ھونءَ بہ روئڻ ۾ ڪا مصلحت ڪين آھہ.
تون بہ ھيڪر پل تہ مونکي آزماءِ،
جو ھجئي ويھن نَھن جو زور لاءِ.
پر نتيجي جو ذرا رکجانءِ ڌيان،
لوڪ لوئيندَءِ ۽ آڻيندءِ گمان.
ڇا جو ڇا چوندءِ، ٻڌڻ لڳندءِ عبث،
چئن ۾ ويھڻ اُٿڻ لڳندءِ عبث.
دل وڃڻ سمجھين مٿان ڪا راند آھہ،
ھٿ وڃڻ ڪان ڏيڻ سندي ھيڪاند آھہ.
تنھن ڪري ٻڌ! پير ھن پِڙ ۾ نہ پاءِ،
وڃ وڃي ٻيو ڪو وسيلو آزماءِ.
عشق آھي نانگ تنھن ڪان پڇ پري،
پير مرشد ساڻ ڪو يا اَچ ڪري.
عقل جي ساٿي ڪري ايندينءَ ھٿي،
ڪين سوپاري ڪڏھن ٿيندينءَ ھٿي.
منھنجي ڳالھين تي خفا تون ڪين ٿيءُ،
ڪاميابيءَ جو اَٿئي ھَڏ دڳہ نہ ھيءُ.

اڌوري ڪهاڻي

ڏس اِهي پاڪون نہ ڪڻ گهوري نہ ڏس،
ٿو هيئنڀون دڪ دڪ ڪري ٿورو ترس!
هوند ڪا هڪڙي هجي جيڪر سهان،
چوٽ ٽـي ٿو چوٽ ڪائيندو رهان.
دل سنڀالڻ ڏي، پڇي پوءِ وارُ ڪر،
شـوق سـان پيدا نئون آزار ڪر.
تيرَ اَبـرن جا ٿيي هردم ڪائي دل،
پر ڪڏهن پاڇي نٿي ڏرمائي دل.
زخم ٿو هن کي ڪري راحت نصيب،
درد ۾ پائڻي ٿي ڪا لذت عجيب.
جي هجي هڪڙي جنم جو ڪو حساب،
پاڻ کي آئٽ ڏيان جيڪر جناب.

مونکي تنهنجي پاڻ پل صحبت ڪپي،
سا اَجهل، اَڙبنگ، چري محبت ڪپي.
نوٽ هردي ۾ وهي جنهن ڪان دَرياهہ،
ڌَرِ پوي ٿي ڏڏ نس مارَيل جو پساهہ.
مَرُ تہ نڪ تائين ٻڏان غوطہ اچن،
دم چڙهي، تم تم ڪري اکڙيون سِمن.
هٿ هٽي، پاڻهي ڪنارو پائبو،
پر ٻڏي ويس جي نہ هڏ پڇتائبو.
هينءَ ڪناري تي اُسڙڪي ساهہ ڏيان،
چو نہ تنهن ڪان سِير ۾ لڙهندو رهان.
هوءَ وهي ۽ مان وهان، ڪل جَڳہ وهي،
ڪو بہ پياسو ڪيئن ڪناري تي رهي؟
جي انديشن کي ڪندو همراهہ ڪو،
ڪين پائي دل جو سگهندو ٿاهہ سو.
دل هجي گهوڙو، پنيان گاڏي دماغ،
پوءِ پل گهم شوق سان مسرت جو باغ.
تنهن ڪري اچ، ڏيون ٽپو مهراڻ ۾،
پاڻ کي پنهنجي سمايون پاڻ ۾.
لوڪ لڄ وارو اِهو اُچاي لباس،
ڏون رکو گڏجي هاڻ جي باسَ باسِ.

چار ۾ جيسين آچي بلبل ڦسي،
تيسين ماريءَ کي رکڻ تحمل کپي.
ڪم نہ ٿيءَ صورت ۾ ايندس ڪوڙ ڪو،
جان جو جنجال ٿيندس ڪوڙ ڪو.
تنهنکري ايڏي اُتاول ڪين ڪر،
ڌار ڌيرج ۽ سنڀالي پير ڌر.
مان نٿو توکي چوان مونڊي نہ اچ،
اچ پاڻ، پر منهنجي بي صبريءَ کان بچ.
مونکي ديوانو ڪندو تنهنجو چهاءُ،
ڏين دنيا جو نکو رهندو سماءُ.
وڃ، هاءِ وڃ، منهنجي ويجهو ڪين آءُ،
مان نٿون هٽندس نٿين سر ڪين داءُ.
پر وڃڻ کان اڳ ذرا مون ڏانهن نهار،
دل چوي ٿي هڪ دفعو ڪر نيڻ چار.
ڇا ڪريان عادت ڪنان مجبور دل،
ٿي هٿان نڪتي وڃي وهلور دل.
اچ! تہ مان توکي سمايان ساهہ ۾،
چار لڳندا چنڊ دل جي چاهہ ۾.
اچ اچي هن دل جو هيڪر خال پُر،
جو اٿم پورو اچي ارمان ڪر.

ڪير جو تنهنجي ارادن کي لکي،
نيچي نظرن ۾ شرارت ٿي بکي.
زلف لهرائڻ اجايو بي سبب،
ٿا سلن تنهنجي نئين دل جي طلب.
ڇا ڪري سگهندس مگر بي زور مان
خلق ڪلندي جي ڪندس ڪو شور مان.
آرسيءَ تي ٻاڦ اُڇلي، منهن ڏسڻ؛
جڻ ته پنهنجو پاڻ تي آهي کلڻ.
ڇو، اهي ڳالهيون ٿئيون توکي وڻن؟
ڪيئن وڻن؛ طعنہ ٻـڙيوُن جو ٿيون هڻن!
ڇا ڪريان، مونکي به هي ناهي پسند،
پر ڪريان ڪيئن منهن انهن ڳالهين جو بند؟
ٿئي نہ جي ڪجهہ، ڳالهہ ئي پيدا نہ ٿئي،
ڪو ڇوي جيڪر نہ ڪنهنکي ڏوهہ ڏئي.
مون چيو جيڪي، ٻڌءِ! دل ۾ نہ ڪر،
خوامخواهہ بي فائدي آنهون نہ ڀر.
مون ڏٺو آهي سَٺو آهي گهٽو،
دل سهي سگهندي نہ هاڻي ڪو اُٽو.
تنهنڪري تنهنجو مُڪياري آهہ پيار،
ڏين نہ ڏين سو تنهنجي ئي آ اختيار.

مون کي تو کان ٻيو نہ ڪجھہ گهرجي وڏيڪ ،
بس انهيءَ کان ڪين ڪڇ تون ڏي وڏيڪ .
تو ڏنو جي هي تہ مونکي ڪل مليو ،
بي صبر دل کي وڏو تحمل مليو .
دپ تہ عورت ذات کان ٿيندو اٿم ،
قياس پيي تن تي ڪڏهن ايندو اٿم .
پر انهيءَ هوندي بہ دل حيران آهہ ،
هن جي ڇيتڻ جو نہ ڪو امڪان آهہ .
جاڻ هوندي پيي سدا اڻ جاڻ ٿي ،
ڪيئن نہ اٽڪائي دکايل ! پاڻ ٿي .
دل جو ٿي؛ هن جو پلا ڪهڙو قصور ،
ڪجھہ نہ ڪجھہ ڏيندي سدا رهندي ضرور .
ڪاش ! تو وٽ پيي ڪا اهڙي دل هجي ،
جو نہ پوءِ مستن سندي محفل مچي .
هڪ حياتي ڇا ، سوين هلنديون هلن ،
پوءِ بہ جيڪر ڪين سي پوريون پون .
تَڪ نہ تڳي جي تون سڌو رستو وٺين ،
هينءَ اجايون خوامخواهہ گوهيون نہ ڏين .
آڪ بچائي ، آڪ اڙائڻ جو قصور ،
معاف منهنجي دل ڪري سگهندءِ نہ مور .

خير ڪو هڪ اڌ ويا پويان ڇڏي،
پر سگهيو سو پيو نه مون سان دل گڏي!
پنهنجي ئي سڪ جو جتي هوندو خيال،
پيار جو ڪهڙو اُتي رهندو سوال!
پيار جي ملندو نه مطلب جو جٽيو،
ڪين ڪم جنهن مان ڪڏهن ڪنهن جو بٽيو.
دل بُڪي رهندي سدا بڪ بڪ ڪري،
ڪو هجي جو پيار سان هن کي پري.
پر شڪايت ڪرڻ هيئن دل جو نه وڙ،
هوءِ نه ڏيڻ ڏاران نه ڪجهه جاڙي آلڙ.
مر نه ڏي، مانگڻ بنا ڏيندي رهي،
جيئن ٻرو ٿئي خود ڇڳي ٽيندي رهي.
پر ڀلائيءَ يا ٻرائيءَ جو جناب،
ڪير آهي جو ڪندو پورو حساب.
ليڪه ليڪڻ سان جو ليکاريءَ لکيو،
تنهن کي ميٽڻ ڪو اڃا ناهي سگهيو.
بس اِهوئي ٿو اچي هر هر خيال،
غم غلط ڪر، دل جو هي رنج و ملال.
جا گهڙي گذري نه تنهن کي ياد ڪر،
حال لوچي دل اُجڙ آباد ڪر.

کير پٽندي جنهن جا چپ هوندا جليا،
سو ٻڌا ڦـوُڪڻ لسي پٽند، پِلا؟
هڪ دفعو ئـي آزمائيندو ضـرور،
خاطريءَ ڌاران ڪڏهن پٽندو نہ مور.
ڪيئن چوان امرت وسائڻ ٿي گهرين،
يا زهر قاتل سان مارڻ ٿي گهرين.
تـون پِلي ڪر ڳالهہ هن جـو فيصلو،
ڪيترو رهندس اجـا مان ويسلو؟
پر ٻڌءِ! توکي ڇڏي سگهندس نہ مان،
پـوءِ ڪٽي اوڙاهہ اونهي ۾ ڪران.
عشق ۽ ڳڻ تور! هي ڪهڙو حساب!
پاڻهي مان پاڻ کي ڏيندس جواب.
تون هلي اچ، منهنجي نيڻن ۾ ٿي ويهہ،
جئين ڏسي توکي نہ بيگانن جو ڏيهہ.
مان اڪيلو آهيان هـن سنسار ۾،
ڪو رهيو نـاهـي سندم گهر بـار ۾.
جن جٽيو سي ويا هليا ڇورو ڪري،
منهنجو هردو پيار ريءَ پورو ڪري.
ڪو ڇڏي ويا ڪين، جو هينئڙو پري،
ڌڙڪندڙ دل ٿي ڪڏهن هنڙو ڏري،

سڀ وڏي ٿو پر جي سالم پيار آهہ،
زندگيءَ لءِ پيار جڻ اسرار آهہ.
دل جي برپٽ ڪي بڻائي بوستان،
ٿو ڪري خود خار کي پڻ گل خندان.

تنهنڪري اڄ اهڙي ڪيميائي ڪريون،
رنگ کي بي رنگ جيون ۾ ڀريون.
ٿئي صبح سونو ۽ سوني شام ٿئي،
رات روپيءَ کان عطا خوش جام ٿئي.

تون هجين مون سان ۽ مان توسان هجان،
تو بنا پيو ڪجهہ نہ دنيا ۾ ڏسان.
راڳ منهنجي جو بڻي پرلاءُ تون،
نت پرين منهنجي ڪلا ۾ پاءُ تون.

منهنجي نيڻن ۾ ڦرين تصوير ٿي،
منهنجي خوابن جي رهين تعبير ٿي.
جي ڏسان هِت هُت رڳو توکي ڏسان،
جاڳندي يا ننڊ ۾ توکي پسان.

پنهنجي گيتن جي مان ليءِ توکي ڪريان،
جان جڻن، بي جان جيون ۾ پريان.
زندگيءَ جو راڳ اڄ ڳايون ماڻي،
مات ٿئي جئين موت واري ڪاهلي.

زخم جي آهن، اُنهن ۾ ٽي نار وجھ،
رک مُلم ان تي، نه دِل بيڪار وجھ.
پنهنجي هٿ سان ڇو ڏکائين پاڻ کي،
خوامخواهه وينو ستائين پاڻ کي!
اهڙيون ئي ڳالهيون ٻڌيندو تو رهان،
دم دلاسا دل کي ڏيندو تو رهان.
ڇا ڪريان جڳ ۾ اچي جيئڻ اٿم،
پاڻ وٽ آهي جو ڪجھ ڏيٺو اٿم.
پيار جي منزل هجي مشڪل ڀلي،
پهچبو مقصد تي پر آخر هلي.
پيار ڌاران زندگي جڻ بار آهه،
خوش حياتي آهه پر جي پيار آهه.
پيار جيئڻ موت جو ميٺي حساب،
لازواليءَ جو پڙهائي ٿو ڪتاب.
پيار آهي منهنجي لءِ آب حيات،
پيار پيو ڪجھ ناهه پر هڪ پاڪ ذات.
آهه ڪو وٽ جي کو اهڙو پيار ڏي.
آسرو نه نه کين کي بيڪار ڏي.
پيار جي هڪ ڌار جون ناريون سوين،
خصلتون، خوبيون، خوشبون، خواريون سوين.

ٻڌي جي محنت تي اڏيندا سين نه گهر،
ڪائيندا سين پـر ونـڊي ورچي ٽڪر.
ڇو؟ ڏکي توکي لڳي هيءَ راهه تي،
هيڻن ته ڏيندينءَ طعنه بازن کي هٿي.
لوڪ ڪلندو تنهنجي منهنجي پيار تي،
اوچتي هـن بي سبب انڪار تي!
مون ته هڪڙي ئي نظر ۾ دل ڏني،
تون وڃين ٿي ڪن ۾ پر سڀڪجهه ڇني.
خبر لڳندي ڪانه ميندي زور جي؛
هونءَ به رئندي ماءُ ڪنڊ ۾ چور جي!
تون ڇڏي ويندينءَ؟ ڀلي ڇڏ؛ پر ٻڌءِ!
مونکي ٻنڪائڻ ريءَ ڇا پوندءِ ڀليءَ؟
گذرندي ڏکندي ڪٽي منهنجي گهڙي،
پر نه ڪنهن جي ڪنهن بنا رهندي اڙي.
درد ٽاٽيندو مان رهندس دم بدم،
توکي پر ڇوندس نه ڪجهه، تنهنجو قسم.
ڀل رهي خوش باش تنهنجي زندگي،
منهنجي نيبهه آهه مون سان زندگي.
ڀـل اڪيلو سوز فـرقت ۾ سڄهان،
بار پنهنجي غم جو ڇو ڪنهن تي وجهان.

جيئن پنيا آيرا نہ ڏسجن ڏيهہ ۾،
سڀ ڀريا پلڪيا هجن ساٺيهہ ۾.
بي اجهي، ننگو، بکيو، جاهل، اگهو،
ملڪ پنهنجي ۾ هجي هرگز نہ ڪو.
ڪو ڪسي زوريءَ نہ ڪنهن جو روزگار،
ڪين بندن ۾ هجي ملڪي وپار.
ڪو نہ ٻئي جي خون چوسڻ جي ڪري،
حق وٺي ۽ حق ڏئي ٻن ماٺري.
سرڳہ اهڙو ملڪ ۾ آڻيون ملي،
جت گذاري هرڪو جيئن خوش ٿي ڪلي.
ڪلپنا پنهنجي ائين ساڪار ٿئي،
مطلبي ڪنهن جو نہ ڪنهن سان پيار ٿئي.
تياڳہ، قرباني ۽ پر تين پيار جا،
جيئن سچا ماڻيون مزا سنسار جا.
اهڙو اڄ سنسار ڪو گڏجي اڏيون،
جو آيامن جا لٽي ڇيلا ڇڏيون.
عيش پورهئي سان ٿو گڏ پيارو لڳي،
نہ تہ عياشي پاڻ ڪي جڙ ٿو نڳي.
عيش ماڻيندا سين ڏينا ڏاستي،
پر ڪنداسين ڪين ڪجهہ چوريءَ چپي.

مهرباني فرمائي درست ڪري پڙهو

صفحو	سٽ	غلط	برابر
٥	٥	ٽيو تيار	تيار ٽيو
٥٢	١١	سلطان بٽيو	سلطان ٽيو
٥٩	١٤	دربدر	سربسر
٨٨	١	درد آنهن	گرم آنهن
٩٠	٢	روزانو ڪيو	دوزانو ڪيو
٩٤	٩	چڪور	چڪوو
١٠٥	٤	ڪپي شڪار	گهرجي شڪار

Printed by Mellaram M. Vaswani, at the
Sunder Printing Press, Ajmer.
&
Published by Krirhna Bhambhani Secretary Lok Sahitya
Prakashan Gandhidham, Adipur (Kutch)

پيرِ تون ڳڙرا ڪري بلڪل نه هل،
منهنجي طرفان گهارِ ٿي بي فڪر پل.
مر اڌوري هيءَ ڪهاڻي پيار جي،
ختم ٿئي هِت هُت پلي اُپٽار جي.
هار هر حالت ۾ ناهي عشق جي،
نامرادي سونهن آهي عشق جي.
عشق ڪنهن جي موت جو موٿاج ناهه،
ڪيس بيءَ شاباس جي ڪا هاج ناهه.
عشق نِت جنهن دل دکايل ۾ رهي،
سا نه پيو در ٿي ڪڏهن پلجي بَهي!

قومي للكار

اسانجا ٻه اکر

راشٽريه ڪوي 'دڪايل' جا قومي گيت، سنڌ ۾
ڳونجندا رهيا. ليڪن سنڌي اُنهن گيتن کي پنهنجو ڪري
سمجهندا هئا ۽ انهيءَ ڪري اُهي 'لوڪ-گيت' بڻيا.
ٿورئين پهرئين اِهي گيت گڏ ڪري **سنگيت-ڦول** ۾
۱۹۳ ۾ ڇپايا وياه هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو وري ۱۹۴۶ ۾
ڪتو. انهيءَ کانپوءِ ڇهن ٻين ننڍين وڏن ڪتابن ۾ سندس
يش پريم بابت ڪجهه رچنائون ڇپيون.

هندستان جي آزادي آئي ته سهين، پر ساڻ ساڻ
ڪي ورهاڱو ڪٺي آئي! انهيءَ کانپوءِ ڪويءَ جي قلم
رڙي ڪلام روئي ڏنو. اڄ انهيءَ رودن ۽ سڏڪن وچ ۾
ڪي سُرَ هن ڳايا آهن، اُهي هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ
وسندڙ سنڌي، هندي جڳت لاءِ اوپرا ۽ اڻ سڃاتل
ڻين آهن. ڪوي دڪايل جي **قومي للڪار** اڄ ٻه اُتساهه
بندڙ آهي، جيترو آزاديءَ جي لڙائيءَ وقت ٻڌنب ٻاجو
جي هزارن ۽ لکن سنڌواسين ۾ جان ڦوڪيندي رهي.
لوڪ ساهت پرڪاشن گانڌي يڌام" وارن جي اِها زبردست
اهش هئي ته ڪوي دڪايل جا قومي گيت، جيڪي
ديءَ جي اِتهاس جي هڪ ڪڙي آهن، اُهي گڏ ڪري
ڪ ئي پستڪ ۾ آڻي، عام جي هٿن ۾ ڏيون ۽ اڄ اسانجي

جي بندوقن منجهان ڇٽل گوليون کائي زخمي ٿيو. جن
گولين شڪارپور جي نوجوان شري مينگهراج اُلا ٽوڙي
ڪراچيءَ جي مرهٽي هوو ٺهار شري دتاتريه کي شهيد بڻايو.
جنهن قربانيءَ جو سڌ سٽي سنڌ جو سورهيه وديارٿي
شري هيمون ڪالاڻي ڦاسيءَ تي لٽڪي ويو.

آشا آهي ته 'قومي للڪار' اسانکي اڄ به ديش
جي آزاديءَ جي رکيا خاطر، مري مٽجڻ لاءِ تيار ڪندي
رهندي.

يپور (ڪڇ)
اپريل ١٩٦٣

— ڪرشنا

اُها آشا پوري ٿي رهي آهي، هن 'قومي للڪار' ج
پڌري ٿيڻ سان. اُميد ته هيءَ اِنهاسڪ 'سنگيت-ڪٿ
پاٺڪن کي ديش جي آزاديءَ واري لڙائيءَ جي ڏينه
جون گهڻون نيون پراڻيون ڳالهيون ۽ وسريل واقعا وري
ڏياريندي. خاص ڪري اڄ جڏهن ديش چيني حم
ڪري بي چين آهي. سچ ته هن وقت ملڪ کي قوم
ايڪتا توڙي اُتساهه جي ازحد ضرورت آهي. گانڌيج
جيڪو ستياگرهه جو هٿيار، ڀارت وسيلي دنيا کي ڏ
اڄ اسانکي انهيءَ هٿيار جي جان تان گهڻي گهرج آه
انهيءَ اهنسڪ ستياگرهه ڀارتين ۾ جيڪا قربانيءَ ج
طاقت پيدا ڪئي هئي، هڪ ڀيرو اُنهيءَ قربانيءَ ج
آزمايش وري ٿيڻي آهي. پڪ آهي ته ملڪ انهيءَ گهڙ
لاءِ تيار رهندو. هونءَ ته جدا جدا ملڪن ۾، اڄوڪ
خوني ۽ وناشڪاري هٿيارن جي هلندڙ هوڏ يا چٽاپي
آخر سيني کي ٿڪائيندي. اُنهيءَ وقت ڌرين جي
پيدا ٿيل مشڪل مسئلن توڙي تڪرارن کي ختم ڪ
خاطر، اڄ پوءِ گانڌيءَ واري، هڪ ٻئي کي سم
توڙي سمجهائڻ لاءِ اهنسڪ ستياگرهه واري واٽ ني
اچڻي آهي.

اچو ته اسين انهيءَ بليدان جي سڏ لاءِ هاڻي ني
کي تيار ڪرڻ شروع ڪريون، جنهن بليدان جو سڏ
سنڌ جو سپوت شري جئرامداس دولترام ڪراچي ۾

فهرست

صفحو

مهرباني فرمائي درست ڪري پڙهو

صفح	سٽ	غلط	برابر
٢٩	٢	وجهي مٿل ملڪ	وجهي ٿي مٿل ملڪ
٣٨	٣	لات پاپوش	لات جو پاپوش
٥٢	٥	آزادي پتلي	آزادگي پتلي
٦٩	١٣	جاڳي اٿو	ساڳي اُٿو
٧٦	٧	ويندو نه	ويندو نه
١٠٢	٥	سختيون نه سهنداسون	سختيون سهنداسون
١٢٣	٤	وڏو لو وِڙ	وڏو لو وِڙ
١٥٥	١١	ووت لنهنجو	ووت بر لنهنجو
١٦٧	٩	ڍيري گڏهه	ڍيري نه گڏهه
١٨٦	٤	هيءَ درد واري	هيءَ دردن واري
٢٧٣	١٦	ذات پات جو	ذات ۽ پات جو
٢٨١	١١	چڙهيو آهيان	چڙهندو آهيان
٣٠٢	١٨	وندهه	اوندهه

Printed by Mellaram M. Vaswani, at the
Sunder Printing Press, Ajmer.
&
Published by Krishna Bhambhani Secretary Lok Sahitya
Prakashan Gandhidham, Adipur (Kutch)

ننڍڙوئي هوس، جو ڳائڻ جو شؤق هو. پنا شري
ائي ليلا رام صاحبن وٽ صبح شام ستسنگ ٿيندو
هو. اوطاق ۾ ڪو نه ڪو ڳائيندڙ فقير رهيو ئي پيو هوندو
هو. شام صبح جو ڪيرتن ۽ آئي وئي جي راڳ جون
حفاون منهنجي لاءِ اُتساه جو ڪارڻ بڻيون ۽ مون ٻه
ائڻ توڙي چوڻ شروع ڪيو. لکڻ جي اوائلي پريرنا
ستن سالن جي عمر ۾ پوڄيه پنا صاحب توڙي اُستاد
ٻيوس" ۽ دادا مورو سنگهه جي سنگ منجهان مليي.
بعد ۾ ٻيوس سائينءَ جي چرنن ۾ ويهي باقي ڪجهه
رائڻ جو اوسر مليو. ١٩٢٣ع ۾ جڏهن آءٌ اچا ٽيرهن
سالن جو مس هوس، تڏهن منهنجي رچنائن جو

ڪند و آيس، ويندي ونو بايگ ٿائين. اڄوڪا نوجوان
ڳايڪ ٿوڙي پانڪ، جن لاءِ شايد اُنهن هاڃن جو
انهاسئي سڀ ڪجھ آهي، هنن گيتن کي گنگنائيندي
ڳانڍيءَ جي اَنوکين هاڃان جو تصور ڪري سگهندا.
هن "قومي للڪار" ۾ جيڪي سنگيت مڪڙيون ٿوڙي
ڦوُل پوتل آهن، اُهي اُنهن سڀني لاءِ آهن، جيڪي
اُنهن گيتن کي پنهنجو سمجهن ۽ جهونگارين. اڄ تاءِ
آزاديءَ جي سلسلي ۾ جيڪي بہ قومي آندولن هليا
آهن ۽ اُنهن بابت جيڪي بہ گيت مون چيا ۽ ڳايا
آهن، ڪوشش ڪري تنهجي پومڪا ڏيڻي پوءِ ٿي
اُهي ڏنا اٿم. ڪي ڦُتڪر گيت بہ هن ڪتاب ۾ جدا
جدا پرڪرڻن ۾ اچي ويا آهن، پر اُهي بہ بي موقعي
چئي ڪين سگهبا. هاڻي اچو تہ هن پارٽ پارٽيءَ
جي ليءِ ۾ ڪو ڀرپارچو پاڻ کي ڪوهي ڇڏيون ۽
ڳايون اُهي راڳ، جن منهنجي دل جي تارن کي ڇُئي
ڇيڙيو آهي.

پهريون ڪتاب ”ڪرشنا پڄناولي“ ڇپجي پڌرو ٿيو. انهيءَ ننڍڙي ڪتاب ئي خاص طور 'سائين ٻيوس' تائين پهچايو. چانڊڪا ائميچوئرس ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ جي ناٽڪن ۾ پارٽ وٺندي، سائين ٻيوس جي ويجهو ته گهٽوئي آيو هوس، پر وڌيڪ ويجهو ڪرشنا پڄناوليءَ ئي ڪيو. پوءِ ته منهنجي ڪچين پڪين رچنائن تي سندس نظرثاني ٿيندي ئي رهي ۽ ائين گهٽوئي ڪجهه لکي ڳڌ ڪيم. اڄ پنهنجن اُنهن سڀني قومي گيتن کي هڪ ئي ڪتاب ۾ ڏيئي عام جي اڳيان رکي رهيو آهيان، جيڪي هن وقت تائين ڌار ڌار ڪتابن ٽوڙي چونيڙين ۾ پئي پڌرا ٿيا آهن. سنڌ ۾ اهي گيت هزارين زبانن تي پيا ترندا هئا؛ پرهت هند ۾ به انهن منجهان گهڻيئي اهڙا گيت آهن، جي اڄ به ڪيترن جي قلب کي قرار ڏين ٿا.

اوائل ۾ ئي گانڌيجيءَ جي اهنسڪ هلچلان جو قبضو منهنجي دل تـي سورنهن آنا ٿي چڪو هو. يارنهن سال عمر جو مس هوس جو باپوءَ جي ويچارن ڇڪي ورتو ۽ اُنهن ويچارن جي ڪشش، ڏينهون ڏينهن وڌندي ئي رهي. ١٩٢١ کان ١٩٤٧ تائين ستاويهه سال انهن هلچلان ڪيئن نه پين پين روپ ورتا؛ ۽ آءٌ به انهن جدا جدا روپن جو ورنن پنهنجي گيتن ۾

ڪوهه ڪُنِ فرهاد جو جيسين متو ماتم رهي.
اي دکايل رهه خوشيءَ سان خاص خادم ديس جو،
آخرين دم تي به تنهنجو قوم سيوا ڪم رهي.

مرادن جو ڏينهُن

آرزو آ يا اِلاهي! هند شل آزاد ٿئي،
هند شل آزاد ٿئي، فرياد جو ڪوداد ٿئي.
سر هزارن جا اُڏائي تيز تر تلوار سان،
خون جون نديون ڏسي دل شاد پل صياد ٿئي.
نوجوانن کي نه آ پرواهه پنهنجي جان جي،
ٿيو مگر مقصد سندن، گلشن اُجڙ آباد ٿئي.
وقت اهڙو آهه آيو خود ڏسو مقتل اندر،
ڪونڌ قرباني ڏسي ٿو شرمندو جلاد ٿئي.
سر ڪري ڪُنگري قلعي جي ڏڙ رکو ديوار ۾،
جئن هميشه لاءِ پختو ڪوٽ جو بنياد ٿئي.
سنت سابرمت ڪيو ڳولي نمونو يڻ جو،
شال هرناڪس اڳيان هرهڪ هندي پرهلاد ٿئي.
شل مرادن جو ڏينهن برندو رهي برندو رهي،
۽ وري ساڳيو دکايل، شال پارت شاد ٿئي.

قومي للڪار

دل جي خاني غمڪده ۾ شال تيسين غم رهي،
جيسين ٻوساٽيل غلاميءَ ۾ هي منهنجو دم رهي.
دامنِ هستي رهي شل سوزِ دل کان چاڪ چاڪ،
آرزو آزادگي جو زخم بي مرهم رهي.
شال هندستان ۾ هيءَ زارشاهي ٿئي ختم،
ڪير چاهيندو زماني ۾ اجا ظالم رهي؟
جهوپڙين وارا هتي جا جيسين محلن ۾ رهن،
زور تيسين بهشڪاري ملڪ ۾ قائم رهي.
ڪيئن ڀلا آزاد دل تلوار جي طابع ڪندين،
آگ لڪڙيءَ جي اندر ڪيئن ٿي دٻيل دائم رهي؟
حڪم شيرين جو ٿيو تيسين جشن ڄاڻو حرام،

او باغي !

باغي آهين ؟
لوڪ چوي ٿو.
مور نه ڪر پرواهه،
او باغي! مور نه ڪر پرواهه!
سپاهي! مُور نه ڪر پرواهه.

منزل ڪيڏانهن ؟
مقصد جيڏانهن.
موت يا آزاديءَ جي راهه،
آزاديءَ جي راهه،
سپاهي! آزاديءَ جي راهه.

هڪڙو آهين ؟
پيا ڏل ايندا.
ٿيندا ڪوڙ اچي همراهه،
ڪوڙ اچي همراهه،
سپاهي! ڪوڙ اچي همراهه.

هڪڙو هوندو!
سؤ ڳهليندو.
قائم جي رکندو ويساهه،

منهنجو وطن

هي منهنجو وطن، منهنجو وطن، منهنجو وطن،
مصريءَ کان مٺيرو ماکيءَ کان مٺيرو،
قربان تنهن وطن تان ڪريان پنهنجو تن بدن،
هي منهنجو وطن، منهنجو وطن، منهنجو وطن.

پنهنجي وطن جي آءٌ جي حالت ڪريان بيان،
سُڌڪي پوي زمين هَنجُون هاري آسمان.
دکڙا وطن جا سارينديءَ، منهنجو ڇُاپي ٿو من.
هي منهنجو وطن، منهنجو وطن، منهنجو وطن.
منڙي وطن کان آءٌ رکي ڪي ٻه نه واريان،
جيڪي هجيم ڏينئي وري ڪين پچاريان،
دل ۾ هميشهه شال رهي، ديش جي لڳن،
هي منهنجو وطن، منهنجو وطن، منهنجو وطن.
جي چاهه اٿم ڪا ته وطن شاد ڏسان مان،
آزاد ڏسان مان وري آباد ڏسان مان.
مستي اِنهيءَ ۾ آهه، دکايل جي دل مگن.
هي منهنجو وطن، منهنجو وطن، منهنجو وطن.

نٺو، غلاميءَ کان ڇا ڏکايل! حال ٻٽيا تنهنجا،
تيءِ ٽڏيءَ ۾ انگ اُگهاڙا، ماءُ جٽيا تنهنجا،
سيءَ مرن پر ڌانهن نه ڪن،
لُڇن پڇن پر ڪين ڪڇن!
ڄن ٺٺي ڍير ڍڪايا اڄ سي هڪڙي ڪپڙي جا محتاج.
ڍاهيو ڍاهيو ڏاريو راڄ،
ٺاهيو ٺاهيو پنهنجو راڄ.

رڪندو جي ويساھ،
سپاهي! جي رڪندو ويساھ.
ديش ڏکايل!
گونگو ڏُٻرو.
سورھيہ باغي وجهندس ساھ،
سورھيہ وجهندس ساھ،
سپاهي! باغي وجهندس ساھ.

ڀاهيو ڌاريو راڄ!

ٺاهيو، ٺاهيو پنهنجو راڄ.
ملڪ اسانجو مالڪ ڌاريا!
ڪٿي نہ اهڙو جڳڙو رواج،
ڀاهيو ڀاهيو ڌاريو راڄ.
لڪين ٻڪايل ڀائر تنهنجا هنجون هارن ٿا،
مٿيون پيٽ کي ڏئي جبل جي رات گذارين ٿا،
ظلم ڏسو بغداد ڏسو،
شاد وطن ناشاد ڏسو.
ڪٽي ڪٽي لءِ ٿا واجهائن هجي انبارين جتي اناج!
ڀاهيو ڀاهيو ڌاريو راڄ،
ٺاهيو ٺاهيو پنهنجو راڄ.

هڪ هڪ انش منجهان، هڪ هڪ گيت منجهان
انهن بهادر ستياگرهين جي قرباني ليڏا پائيندي ڏسي
سگهندا سين.

مهاتما گانڌي ڏکڻ آفريڪا ۾ ستياگرهه جا
وائلي تجربا ڪري هندستان موٽيو ۽ هن سرگواسي
شري گوکلي جي پيار ۽ سهواس ۾ ڀارت جي آزاديءَ
بابت سوچڻ شروع ڪيو. سنه ١٩١٥ ۾ شري گوکلي
جي ديهانت کان پوءِ گانڌيجي اڪيلي سر ديش جي
رتن ني نڪتو ۽ ائين هو ڀارتواسين سان رلي ملي
هڪ ٿيو. خاص ڪري چمپارن ۽ کيڙا جي ستياگرهه
گانڌيجيءَ کي سڄي ملڪ ۾ مشهور ڪري ڇڏيو ۽
انهيءَ ڪري هو ديش واسين جو وشواس حاصل ڪري
سگهيو. پهرئين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ جڏهن انگريز
حڪومت نون ملڪي سڌارن ڏيڻ جي آڙ ۾، هندستان
جي وڌيڪ غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙڻ لاءِ،
رولٽ ڪميشن جي رپورٽ ظاهر ڪئي، تڏهن
سڄي ديش ۾ بي آراميءَ جي لهر ڦهلجي ويئي.
گانڌيجيءَ جي ٺاهيل ستياگرهه سڀا جي سهاري هيٺ
دهلي، بمبئي، احمدآباد توڙي هندستان جي جدا
جدا شهرن ۾ اسهڪار هلچل جي شروعات پورن هڙتال
سان ڪئي ويئي. ٦- اپريل ١٩١٩ع انهيءَ هلچل جي

ڀارت جي آزاديءَ جو اِتهاس جڏهن لکج
پورو ٿيندو، تڏهن ائين چئبو ته هاڻي انهي
اِتهاس جا ڪي به باقي باب رهيل آهن ئي ڪين
ائين برابر آهي ته آزاديءَ جا مکيه سپهه سالار، لکي
بابن ۾ ڏسبا ۽ انهن جي قربانين جو بيان اسين پ
اسانجا پويان پڙهندا ۽ ائين پنهنجن سرويچ سپاهي
کي داد ڏيندا رهنداسين، جن پنهنجو سروانس قربا
ڪرڻ ۾ ڪابه ڪسر ڪانه ڇڏي. پر اهڙا به ڪي گمن
سورما هوندا، جن ڀارت - ماتا جي آزاديءَ لاءِ پنهن
سڀ ڪجهه نڇاور ڪري، پاڻ کي فنا جي گود
اُجاي ڇڏيو هوندو. اهڙن سوروِيرن ۽ شهيدن ج
قرباني جي هيءَ ڪهاڻي آهي، جنهن ڪهاڻي ج

آزاديءَ هلچل جو آغاز

(١٣- اپريل ١٩١٩)

ڀارت جي ٻانورن جي ٽربت جليانوالا.
سوراج جي نشاني نئُوبت جليانوالا.
موسم بهار ۾ ٿيو قتلام عام ٽوٽي،
تو منجهه سوين شهيدن جو رت جليانوالا.
ڀارت جي ايڪتا جو ذاتي بنياد آهين،
ويرن جو خاص ورثو وصيعت جليانوالا.
بدلي ۾ تو جا ورتي ڊايرَ جي خونريزي؛
تازي اڃا سا تو ۾ رنگت جليانوالا.
هردل ۾ ايءُ ڏکايل! ڀارت لءِ درد جاڳي،
تو مان وٺون نئين سر نصيحت جليانوالا.

يادگار ـ نت آهي. پنجاب ۾ انهيءَ هڙتال جي ڪاميابيءَ انگريز سرڪار کي پاڙيءَ کان ڪيرِي ڇڏيو ۽ اُنهيءَ جو نتيجو، امرتسر جي جليانوالہ باغ وارو ڪوس ٿيو. انگريزي عملدارن جنرل ڊائر توڙي گورنر مائيڪل اوڊائر ويساکيءَ جي پوتر تهوار تي هزارن هندستانين کي سندن ئي خون سان وهنجاريو. باغ جي سيڙهي سوڙهن لنگهن تي توبون جهلي اُنهن کي بند ڪيو ويو ۽ ائين بنا اطلاع ڏيڻ جي هزارن لوڪن تي توبن جو گهوڙو دٻائي، بارود جي باهہ جا گولا وسايا ويا. هن اوچتي حملي هزارين نهٿيار ۽ صابر پارتين کي موت جي گهاٽ اُتاري ڇڏيو. هن خون ـ ناحق سڄي ديش ۾ غم ۽ غصي جي لهر پيدا ڪئي. گانڌيجيءَ ائين جليانوالہ جي اُنهن هزارن هندو سِک ۽ مسلمان شهيدن جي گڏجي وهايل خون سان، ڀارتي ايڪتا توڙي آزاديءَ لاءِ اهنسڪ آندولن جو پهريون لڪيو ـ ”قطعہ تعلقات‘. اچو تہ اسين ٻہ هڪ دفعو انهيءَ جليانوالا باغ جي زيارت ڪريون- هيءُ گيت گُنگنائي ڀارت جي امر شهيدن جي امرگاٿا ڳايون ۽ ائين ڀارت جي آزاديءَ کي امر بڻايون.

يا ڪين. ان هوندي به ڪيس اِهو وشواس هو ته بمبئي، مدراس، بهار ۽ سنڌ سندس هن للڪار جي پٺڀرائي ضرور ڪندا. گانڌيجيءَ پنهنجي آتم ڪٿا ۾ اِهو خيال کليءَ طرح ظاهر ڪيو آهي.

گانڌيجيءَ اعتراض جي ڏينهن ملهائڻ واري تاريخ ٣٠ مارچ منجهان ڦيرائي جيتوڻيڪ ٦ اپريل ڪئي هئي پر دهليءَ وارن کي اِهو اطلاع وقت سر ڪين پهتو ۽ اُنهن اُهو ڏينهن ٣٠ مارچ ١٩١٩ع تي ملهايو. دهليءَ ۾ سرڳواسي سوامي شرڌانند ۽ حڪيم اجمل خان هن هلچل جي اڳواڻي ڪئي. شهر ۾ هن قسم جي مڪمل هڙتال اڳ ڪڏهن ڪانه ٿي هئي. هندو مسلمان جڙي ملي کير-کنڊ ٿي ويا هئا. ايتري قدر جو سوامي شرڌانند کي انهيءَ ڏينهن جامع مسجد ۾ تقرير ڪرائي ويئي. تڏهن ته سڄي ديش ڳايو:

رولٽ ائڪٽ جي خلاف ڏهاڙي ۾ ۳۰ مارچ ۱۹۱۹ع
تي پورن هڙتال ٿي. هن هڙتال جو فيصلو گانڌيجيءَ
مدراس ۾ ڪيو هو. ڏکڻ جا گهڻيئي اڳوان سندس هن
قدم ۾ شامل راءِ هئا. شري راجگوپال آچاريه به اُنهن
منجهان هڪ هو. گانڌيجيءَ اُنهيءَ وقت چيو هو ته
”ستياگرهه آتم شڌيءَ جي يڳ آهي، ڌرم يڳ آهي ۽
ڌرمي ڪارج شڌ ٿي ڪرڻ سونهين ٿو. انهيءَ ڪري
هن سڀني ملڪ کي چوويهن ڪلاڪن جي ورت رکڻ
جي صلاح ڏني ۽ پنهنجا ڌنڌا ڌاڙيون اُنهيءَ ڏينهن
بند ڪرڻ لاءِ چيو. گانڌيجيءَ جڏهن هيءَ رٿ
ديشواسين اڳيان رکي، تڏهن ڪيس اِها خاطري ڪان
هئي ته سڄو ديش سندس اِها رٿ قبول ڪندو ب

احمد آباد، نڙياد ۾ ٿيل خونن توڙي انهيءَ کان پوءِ چوُرا چوُريءَ جي هنسڪ حادثن ٿيڻ ڪري، گانڌيجيءَ ستياگرهه جو قدم واپس ورتو. ليڪن اُنهيءَ کان پوءِ پاڻ چرخو ڪاهي ٿي ڪڍي ملڪ ۾ اسهڪار جو آندولن شروع ڪيائين. ڌاري حڪومت سان اسهيوگ ڪرڻ لاءِ سرڪاري نوڪريون توڙي سرڪاري سڪول ڇڏي اچڻ لاءِ ديش واسين کي سڏيائين ۽ سندس اِهو سڏ ملڪ جي هزارين نوُجوانن اُناين. وڪيل وڪالت ڇڏي آيا. سرڪاري عملدار پنهنجي عملداري ڦٽي ڪري ملڪ جي آزاديءَ لاءِ نڪري نروار ٿيا. هزارين وديارٿي سرڪاري سڪول ۽ ڪاليج ڇڏي آيا. اُنهيءَ هلچل کي زورونائڻ لاءِ

ايڪتا جو راز

ايڪتا ۾ هند جو اعليٰ مقدر ٿي ويو،
چشم وارو خون قطرو، لعل وگوهر ٿي ويو.
نبض جنهن ۾ ٿئي فسادي خون جو ڏورو ڦريو،
تنهن تي گانڌيءَ جي هنر جو چالو نشتر ٿي ويو.
آب زمزم ۾ زهر ڏارين دغا سان هو وڌو،
گانڌي منتر سان ڦري سو آب ڪوثر ٿي ويو.
جنهن ۾ هيرن جون هماٽيون سون واريءَ جون نديون،
سو ولائت جي لٽ سان، ديس پٿر ٿي ويو.
جو اَبي ڏاڏي سڳو هو، پنهنجي مغرب ملڪ ۾،
خون دِل پيارت جو بي سائو ستمگر ٿي ويو.
ڏس دکايل! ٿون ڪرامت، لعل لانگوٽئي سنڌي،
بار بيڙو ملڪ جو اڄ مفت لشڪر ٿي ويو.

چرخي جي تار سان

ڀارت آزاد ٿيندو چرخي جي تار سان،
گهارڻ ناممڪن آهي ڌاريءَ سرڪار سان. ڀارت ....

جوڙيءَ کي جيءَ سان جوڙيو،
گانڌيءَ جو حڪم نه موڙيو،
بند غلامي ٽوڙيو،
ڪاٽي تلوار سان. ڀارت ....

ڀارت جو شان بچايو،
ماتا جو مان وڌايو،
ڀُلن کي راهه ٻڌايو،
محبت ۽ پيار سان. ڀارت ....

گانڌيجيءَ سڄي ملڪ جو دؤرو شروع ڪيو. شهرن ۽ ڳوٺن ۾ قومي سڪول ۽ پنچاتي ڪورٽون شروع ٿي ويئون. اسهڪار هلچل سان گڏ ولائتي شين ٽوڙي شراب بهشڪار جو آندولن پڻ هلايو ويو. ١٩٢١ع ۾ آءٌ لاڙڪاڻي ۾ برپا ڪيل قومي سڪول ۾ پڙهندو هوس. انهيءَ وقت سڪول جي پڙهائيءَ کان وڌيڪ شراب جي گٿن تي پڪيٽنگ ڪرڻ ۽ ڳوٺن ۾ ملڪي آزادي ٽوڙي خلافت جي هلچل جا راڳ ڳائڻ ئي مونکي وڌيڪ وڻندا هئا. اِهي گيت ڏيري ڏيري وڏڻ ويجهڻ لڳا ۽ ١٩٣٠ تائين ڍير ٿي ويا. اچو ته اُنهن گيتن جو سواد وٺون ۽ ڀارت جي هن بنيادي هلچل جي ياد تازي ڪريون.

بن چرخي آهه نه چارو، تنهن کاديءَ سان نيتارو،
ڪريو ڀهشڪار سوپارو، سردار گانڌيءَ جو.
اِهو چرخو چوٽ رسائي، بي روزگار ورسائي،
فرمان تنهن فرمائي، سردار گانڌيءَ جو.
هن چرخي سان چت لايو، بن کاديءَ مُور نه پايو،
اوهين اهڙو عرض اُنايو، سردار گانڌيءَ جو.
هڪ هڪ چرخي جو قيرو، وڃي ڪندو ولائت گهيرو،
هي بمگولو آ ڍيرو، سردار گانڌيءَ جو.
جڏهن گهرگهر ائٽ ڪتيندو، شڏ کاديءَ کي پهريندو،
پَڙي پِرن تڏهن هي ايندو، سردار گانڌيءَ جو.
ٿيو تيار دکايل جاڳيو، سستي ۽ لالچ تياڳيو،
تنهن پارت ورش سڀاڳيو، سردار گانڌيءَ جو.

ائٽ جو آواز

تنهنجي ائٽ جو آواز مون نه جهوپڙين ۾ ٻڌو،
هرڪو ڪاهيندو تنهن اوتيو،
هرڪو ڪاهيندو تنهن وتيو، ڍيرا ڪاهيندو تنهن وتيو.
تنهنجي ائٽ جو آواز مون نه آشرم ۾ ٻڌو،
چرخو چاهه سان تنهن ڪتيو،
چاهه سان تنهن ڪتيو، هرڪو چوريندو تنهن وتيو.

ايڪو الفت سان ايندو،
محبت سان سڀ ڪجهه ٿيندو.
ڪلفت ۽ ساڙ نہ ويندو،
جهيڙي تڪرار سان. پارت....
ماتا جو درد نواريو،
ٻڌندي ٻيڙي کي تاريو،
پرڻ ڏڪايل پاڙيو،
گانڌي سردار سان. پارت....

چرخو

غريبن کي روزي رسائيندو چرخو،
اُگهاڙا هزارين ڍڪائيندو چرخو.
ڪٿي قحط جي چوٽ ڪان جي ڪريا سي،
مسيحا ٿي مڙدا جياريندو چرخو.
خطرناڪ رستو آ، آزاديءَ جو،
مگر ماڳ منزل پڄائيندو چرخو.
ڪنداسين سنتنتر هندستان پنهنجو،
ڏکايل جي هرڪو هلائيندو چرخو.

چرخي جي مهما

ٿيو چرخو ڪدڙ پيارو، سردار گانڌيءَ جو،
هي آهہ مدامي نعرو، سردار گانڌيءَ جو.

سوديشي هلچل

سوراج جي سهيلي! آهي سوديشي هلچل،
سو ملڪ مان وارو، جنهن ۾ سوديشي پل پل.
جي چاهيو ٿيون ستنتر، تياڳيو وديشي وستر،
هي آهه مؤل منتر، ڏيندو ڏٻل کي ٻل ٻل.
پنهنجي سان پريم جاڳيو، جاڙو ٿيو ملڪ پاڳيو،
وستر وديشي تياڳيو، پنهنجيءَ سان پريم پل پل.
گهاتو لڳائي گهر کي، سائو ڪرين چو پرکي،
اُلٽو ڪري اثر کي، گورن ۾ آڻ گهل گهل!
پنهنجا ڏنڌا وساريا، ويا زور پنهنجي ڏاريا،
پائر بکن ۾ ماريا، آئي گهرن ۾ کل کل.
هئي هنر ۾ جا اڳري، پنهنجي هيءَ هند نگري؛
کهڙي نه صاف ستري، ڍاڪا جي خاص ململ.
آهي جا آگ آيل، ڏارين جي سا لڳايل،
ڪر مات اي دکايل! زياده نه سؤر سل سل.

ميڊ اِن انڊيا

مونکي ڏارين جو جڙيل ڪو به نه سامان کپي،
ميڊ اِن انڊيا جو لکيل صاف ٿو نيشان کپي.

تنهنجي ڪاديءَ جو آواز مون ته ڳوٺڙن ۾ ٻڌو،
هرڪو پائيندو ٿنئي وتيو،
پائيندو ٿنئي وتيو، ڳڻ ڳائيندو ٿي وتيو.

تنهنجي اهنسا جو راز دنيا دور دور ٻڌو،
حيرت کائيندو ٿنئي وتيو،
حيرت کائيندو ٿنئي وتيو، ساراهيندو ٿنئي وتيو.

تنهنجي ايڪتا جو راز هندو مسلمان ٻڌو،
ساري هندستان ٻڌو،
هرڪو چاهيندو ٿنئي وتيو، پائر پائيندو ٿنئي وتيو.

تنهنجو هريجن آواز، مون ته مندرن ۾ ٻڌو،
تيرٿ ياترين ۾ ٻڌو،
هرڪو ڳائيندو ٿنئي وتيو، ڳلي لائيندو ٿنئي وتيو.

تنهنجي روحانيت جو راز، مان ته تپسيا مون ٻڌو،
آتم ڪٿا مان مون ٻڌو،
هرڪو هندائيندو وتيو، ڳائي ڳارائيندو وتيو.

مون ته گانڌي تنهنجو نانءُ چوٽ منارن تان ٻڌو،
تارن ستارن تان ٻڌو،
هرڪو اُچاريندو وتيو، توکي سنڀاريندو وتيو.

ڀيريان هرگز نه پَرائو مفا جرمن جو،
مونکي ڪشمير سندي سرٿي صفا شال کپي.
مونکي ساسَر نه کپي ٿري نه کپي مغرب جو،
سون کان سهڻو پنهنجو تمامي سندو ٿال کپي.
مونکي عيسائي سنن ۾ نه کپي ڪوبه حساب،
پنهنجي هجري ٿي کپي ديسي سنبت سال کپي.
دل کي راحت ٿي ملي حسن مان هند واسين جي،
مونکي پڳَرس جي پَريُنِ لءِ نئو پرتال کپي.
ملڪ ماتا جي سدا آهه اِها خاص پڪار،
اي هندي! هند کي بائڪاٽ سندو ڀال کپي.
جو هو پاتال اميريڪا سو آڪاس بڻيو،
هاڻي آڪاس، هي ڀارت سندو پاتال کپي.
جنهن‌تي دنيا جون‌نديون قومون‌به ڪن‌ٿيون چرچا،
هاءِ اڄ هند جو هيٺو نه اُهو حال کپي.
اي دکايل! تون نه ٿي ڀرئين هندي پوءِ هندو،
توکي مذهب کان مٿي ملڪ سندو خيال کپي.

موڪي رختو نہ کپي ۽ نہ پالش برٽن جو،
پنهنجو ڪاڏي ۾ جو اُهو کهرو ٿلهو ٿان کپي.
پيلو، ڪئنچي ۽ نہ سگريٽ کپي پاسنگ شو،
پنهنجي سستي ۽ سٺي ٻن جي بيڙي پان کپي.
موڪي پيسٽري ۽ ڊبل روٽي، ٽٿو ٽوسٽ کپي،
پنهنجو ڏوڏو ٿو کپي، روٽ کپي نان کپي.
پين فائونٽن موڪي نہ ولائت جي کپي،
خاص چٽسال سان ڪشموري قلمدان کپي.
ڇا اميريڪا جي مان ٽارچ بجليءَ کي ڪريان،
موڪي سو ٽيڻ سنڌو ديسي شمعدان کپي.
پنهنجي بت تان جو کپي ماس منجي جرمن ڏي،
اهڙو بي جان جڏو کين ٿو انسان کپي.
جي لڙائيءَ ۾ ڪري ٻي نہ سگهو قرباني،
ديس صدقي رڳو بائڪاٽ جو احسان کپي.
جو دکايل! هو ڪڏهن باغ ارم ڪان سائو؛
هاءِ سو هند جو اُجڙيل نہ گلستان کپي.

سوديشي پريم

ٿاءِ برٽش جي نہ اِنليءَ جو ٿو رومال کپي،
سادو سُودوئي مگر ملڪ سنڌو مال کپي.

اوهانجو چاهه سوديشي هنرمند لءِ ٽڪيو-جادوُ،
اوهانجو فرضِ پنهنجي ديش سان ناتي نباهڻ جو.
نہ سادي تي ڌنوگهرجي، نڪا اَک عيب تي اَٽڪي،
ايهوئي ڪارگر رستو فقط هنرن وڌائڻ جو.
مجال آهي جو سوديشي وڃي واپار گهاٽي ۾،
مليو آ ملڪ کي موقعو وري ڪينجهر ڪمائڻ جو.
سمي جي پاٽ پلٽان کان دکايل ديس ۾ داديون،
عمل جو وقت آيو آ نڪي باتين بنائڻ جو.

کادي پرچار

پنهنجي کي همٿايو کادي پايو.
وديشي ڪپڙو ڪين گهرايو،
پنهنجي کي همٿايو کادي پايو.
ڪروڙين پائر بک مرن ٿا،
روٽيءَ ٽڪري لاءِ رڙن ٿا،
ٽن جو پيٽ ڀرايو کادي پايو.
وديشي ڪپڙو .... پنهنجي کي ....
پنهنجي بدن تي پائي جوڙيون،
چونہ بچايو سٺ ڪروڙيون،
ڌارين ڌن لٽايو، کادي پايو.
وديشي ڪپڙو .... پنهنجي کي ....

سوديشي

اَمان جيجل اچي ويو وقت ديسي واپرائڻ جو،
عجب موقعو مليو آهي سوديشي آزمائڻ جو.
ڏَرت پيا ڏيهه ۾ ڪاهي ٻکن ڍينگو وڏو ٻاهي،
اچا ساڳيو سمو ناهي اجائي زر اُڏائڻ جو.
غريبيءَ ملڪ ۾ ماتا! مچائي آهه هائيدوس،
زمانو ويو غريبن جي صدا ٿاري ٺٺائڻ جو.
مصيبت کان وطن وارن ڳجها ڳوڙها ڳهٽا ڳاڙيا،
مگر تن کي نه ڏيو موقعو ڪلمي ماتم مچائڻ جو.
دکين جي دل منجهان نڪري اُماڙي آهه جي ڦاٽي،
نه ڏيندي ملڪ کي موقعو ڪچين هجتن هلائڻ جو.
مدت کان جو جُلاهن جو زماني دؤر ڊَرُ پوريو،
اوهانتي ئي منحصر آ سو پوريل در پٽائڻ جو.
لڳايا جي ڦام قدرت خوشيءَ خوشبوءِ جي خاطر،
اسانجو وڙ نه سي ڪچڙا سلا ساڙي سڪائڻ جو.
ڪنگاليءَ ۾ قدر ڪيميا، مفلسيءَ ۾ مٽيا مروت.
نه آهي حوصلو ڪنهن ۾ دکيءَ دل کي دٻائڻ جو.
هيو هَرَ هُنر ۾ اڳرو ڇا قابل دستڪاريءَ ۾،
هينئر ويلو وري آيو، اُجڙ ٻارت ٻڌائڻ جو.

درمان کادي

دکي ديش جو آهہ درمان کادي،
وجهي مُڏل ملڪ ۾ جان کادي.
وندي کاءِ ٻين سان،ٿي اهڙو سبق ڏي،
ڪري دل ۾ پيدا ٿي ايمان کادي.
نذر ۽ نماڻن کي ڏئي آسرو ٿي،
ڪروڙن غريبن جو گذران کادي.
وٺي وال کادي، ڪيو ڪال گهر مان،
ڏکر جو ڇڏيندي نہ امڪان کادي.
غريبن اميرن کي هڪڙو ڪريٿي،
ڪري اوچو قوميت جو نيشان کادي.
دکايل، تڏهن ديس آزاد ٿيندو،
جڏهن ٿاهي گهر گهر هندستان کادي.

کادي پايو

پهنر پايو کادي جام،
پائر پايو کادي جام،
آهي اهڙو رايو عام.
پهنر پايو کادي جام- پائر پايو ....

ڪاديءَ سان ايندي خوشحالي،
پاڻ بچايون پنهنجي مالي.
گانڌيءَ آ فرمايو ڪادي پايو.
وديشي ڪپڙو .... پنهنجي ڪي ....

ملڪ سڄي ۾ ماتم آهي،
چوڌاري ڇانيل غم آهي.
ڀارت جي بک لاهيو ڪادي پايو.
وديشي ڪپڙو .... پنهنجي ڪي ....

جاڳو ديويون دير نه لايو،
ڪين اجايو وقت وڃايو.
آيل! آئت هلايو ڪادي پايو.
وديشي ڪپڙو .... پنهنجي ڪي ....

آهه دڪايل! سمو سڀاڳو،
ڀارت واسي ڀائر جاڳو،
سوراج وٺڻ جو سعبو ڪادي پايو.
وديشي ڪپڙو .... پنهنجي ڪي ....

کي ديش ماتا کي پينڊ قربانيءَ جي آ درڪار،
اگهہ دکايل! جاڳڻ گهرجي غفلت ڇڏ ۽ ٿيءُ هوشيار.
کاديءَ وارا، ڇوُ مائي! ......

شڌ کادي پايو!

پايو پايو اي ڀارت واسي شڌ کادي پايو.
شڌ کادي پايو اي پينڊ......

گهر گهر ۾ اوهين شڌ کادي جو پهچايو پيغام،
وطن وساري پنهنجو ڇوٽا ڌارين کي ورسايو.
آزاديءَ جي صدقي گهرجي کاديءَ جي ٽلوار،
تيار ڪري بم گولا سٽ جا، چرخو توب بڻايو.
ڀارت جي دک دور ڪرڻ لءِ کادي آهہ علاج،
کاديءَ ڌاران بيو نہ وسيلو، گانڌيءَ فرمايو.
صديءَ ڏيڍ کان دکي ديس کي ٻُکن ڪيو بيحال،
مگر ٽڪر لءِ ڪين ٻڪايل ڀائر ٽڙڦايو.
شڌ کاديءَ سان ديش دکايل ماڻيندو سوراج،
ڀاءُ ڀيڻ سان ڪدڙ پريمي جيءَ جيءَ ناد وڄايو.

کهري ڪادي جاڙي دادي! ڪادي ڪين تياڳ،
هن ڪاديءَ تي آهه منحصر مسڪينن جو ڀاڳ.
پينڙ پايو ڪادي جام- پائر پايو ....
سونهن ۽ سگهڙائيءَ جو پينڙ! جوڙي آهي جوڙ،
اهڙي جوڙي پائي، ناٽو ڇونه بچايون ڪوڙ.
پينڙ پايو ڪادي جام- پائر پايو ....
گهرِ گهر جي ٿئي خوب دکايل! ڪاديءَ جو پرويش،
ڇونه غريبي دور ٿئي ۽ ٿئي آسودو ديش.
پينڙ پايو ڪادي جام- پائر پايو ....

ڪادي: تلوار

ڪاديءَ وارا، ڇؤ مائي! ڪادي گهرجي- وال گهڻا؟
وال گهڻي؟ آنا چار. يارنهن وال جلدي ڏيار
ڪاديءَ وارا، ڇؤ مائي! ....
گانڌيءَ جو فرمان ٿيو آهه، ڀري ڪادي هر نر نار
وديشي ڪپڙي جي آ سراسر، بذل زهر ۽ هرهڪ ڌار
ڪاديءَ وارا، ڇؤ مائي! ......
ڀارت کي آزاد ڪرڻ لءِ گهرجي ڪاديءَ جي تلوار
هاءِ ٿڪر لءِ بچا اسانجا ترڦن ٿڪن سوين هزار
ڪاديءَ وارا، ڇؤ مائي! ......

جي سڀ ڪاديءَ سان دل لايو،
ٻاهر پڳسو ڪين پڇايو.
ٿيندو چونهه اُڌار دادي! ڪاديءَ سان ....
ڪيڏا پيائر ٿا ٻاڏائن؛
ڳاهه اُٻاري ويٺا ڪائن!
درد ڪو دل ۾ ڌار دادي! ڪاديءَ سان ...
ديس سڄو اڄ آهه دکايل،
ٻڪن ڏکن کان ويتر گهايل.
سِکڙي آهي سنوار دادي! ڪاديءَ سان ...

شرابي!

رد ۾ ٽوٽي آهي شرابي شريعت جي ڦٽڪار،
ريعت جي ڦٽڪار شرابي! شريعت جي ڦٽڪار.
رمذهب ۾ لعنت ٽوٽي، ڌرمن ڏنيءَ ڌڪار،
ائين جي گپ چڪ ۾ ڪرندي آٽين ذرو نه عار
ٽين ذرو نه عار شرابي! آٽين ذرو نه عار.
اءِ پيٽ جي ساڃهه ٽو ۾ رهي نه ڪا بدڪار،
يريءَ ۾ تون ٿِمين شرابي! زندگيءَ مان بيزار،
ندگيءَ مان بيزار شرابي! زندگيءَ مان بيزار.

کادي هندايان !

پنهنجي وطن جي مان کادي هندايان
کادي هندايان مان پئسو بچايان
لعل لکين ڀارت جا پينر! بکن کيا بي‌حال
گهر جا گهرجائو ريئي چو ڌارين کي ورسايان
صرفي، سنجم سان ئي دادي‌ون ٿيندو ديس اُڌار
هت سان ٻاهر اُچلي پئسو ٻوء کي چو پڇتايان
غفلت کان جو چمن هند جو کري ڇڏيم ويران
چون اُنهيءَ گلشن کي ٻيهر سائو سبز بڻايان
رختو بختو کين کپي ٿو ململ مور نه پايان
ديس ڌرم کيئن پلجي دکايل! اُلٽي نهر وهايان

کادي گيت

کاديءَ سان رکو پيار دادي،
کادي اسانجو آڌار دادي!
سستي سادي کادي پايو،
چرخو چوري هنر هلايو.
کادي اسانجو هشيار دادي! کاديءَ سان ....

ذرم يــذ ۾ شـراب خــوري،
دغـا ديس سان آهـ نسوري،
ڪين شــرابــي ٻٽنداسـيـن،
اسين بند ڀارت جا ڀيئنداسين.

اڄو هڏن لءِ ڪـٽـي کهاڙيون،
هڄن هٿن ۾ لنيون اُگهاڙيون،
ســوُر صـبـر ســان. سهنداسين،
اسين بند ڀارت جا ڀيئنداسين.

رشيا ۽ جرمن شـراب ٽياڳيو،
ٽـڙيـو اميريڪا بـ نـپـاڳـو،
اسين بـ پـوءِ نـ پونداسين،
پـر بند ڀارت جـا ڀيئنداسين.

پوتر ڀارت جي هيءَ ذرتي،
شراب جي شيطـان آ ورتـي،
واپس تنهن کان وٺنداسين،
اسين بند ڀارت جـا ڀيئنداسين.

دارونءَ ديس دکايل ڪيـڙو،
ذلـهي ذڪـار ذڪـايـل ڪيڙو،
موُر نـ مـوذيءَ ميئنداسين،
اسين بند ڀارت جا ڀيئنداسين.

صحت وڃائين زور وڃائين مؤت مٿي ني سوار
مانُ وڃائين مـال وڃائين پـائـيءَ لءِ لاچار
پـائيءَ لءِ لاچار شرابي! پـائيءَ لءِ لاچار
گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ لعنت نونـي، ٿٿين شرابي خوار
هيڙو هيڙو ڇـوڪر لائـي مٿي ڪني مڙدار
مٿي ڪني مڙدار شرابـي! مٿي ڪني مڙدار
گانڌيءَ جو فرمان ٿيو آ ڪِني ڇڏيو هيءَ ڪار
ڀارت کـي اڄ آهه دڪايل آزادي درڪار
آزادي درڪـار شـرابـي! آزادي درڪـار

شراب بهشڪار

خون خـوشيءَ سـان ڏينداسين،
پـر بند ڀارت جـا پينداسين.
گُـتي گـتي نـي ڌرٽـو آهـي،
شراب کـي کيءَ کـرٽـو آهي،
پـاپـيءَ پـاڙ پٽينداسين،
اسين بند ڀـارت جا پينداسين.

هاڃل جي وچ ۾ لکيل آهن. جيڪي پاڻکن جي ڇاڻ لاءِ ڏجن ٿا. دل وارا سڃڻ اِنهن گيتن منجهان محسوس ڪندا تہ آزاديءَ جي هاڃلن کي ڌاري سرڪار ڪيئن نہ جدا جدا طريقن سان ڪچلڻ ٿئي چاهيو. ان هوندي بہ اِنسان جي اندر ۾ جيڪا آزادي ۽ وڪاس جو پاءُ پيريل آهي، تنهن هٿي وڃي هنڌ ڪيو. ڀارت آزاد ٿيڻو هو ۽ آخر ٿيو. اچو تہ هنن گيتن تي بہ نظرثاني ڪريون.

مهاتما گانڌيءَ جي اسهڪار ۽ بهشڪار هلچل جي
مقابلي ڪرڻ لاءِ، انگريز سرڪار سڄي ملڪ ۾
”امن-سڀائون“ قائم ڪيون. جن ۾ لقبدار، پينشن بردار
زميندار ۽ ٿوڌي شاهوڪارن کي ڀرتي ڪيو ويو
اُنهن جي معرفت قومي هلچل کي نگهوسار ڪرڻ جو
هرڪو يتن ڪيو ويو، پر گانڌيجيءَ جي شروع ڪيل
آزاديءَ جي عوامي هلچل اِنهن رڪاوٽن هوندي ب
ويئي زور وٺندي. انگريز سرڪار اُنهن سرڪاري
پينشنرن ۽ لقب دارن کي آفرين-ناما ڏيندي هئي
جيڪي قومي هلچل کي دٻائڻ ۾ ٻڌرو وٺندا هئا.

هن باري ۾ وقت بوقت ڪي گيت لکيا وي
آهن. اُنهن منجهان ڪي اوائلي آهن ته ڪي ڦوه

گورنر جي دربار

هتن ۾ راءِ صاحب کي مليو اخبار جو پرچو،
پنيان آندي تپاليءَ پڙ چنيءَ تار گورنر جي،
خوشيءَ ۾ ڦولجي ديوان، منشيءَ سان مخاطب ٿيو،
چا لڳندي آهه منهنجي شهر ۾ دربار گورنر جي؟
اُڏامڻ عرش تي چاهي ٿي منهنجي ڀاڳ جي اُنتي،
نصيبن سان چمڻ لائق ٿيندس پيزار گورنر جي.
الاهي! شال ٿيسين کين جاڳن چيلا گانڌيءَ جا،
اچڻ سان کن متان کافر مٿي مردار گورنر جي.
دکايل هؤل کان ديوان جو آرام اُڏري ويو،
اچي در تي رسي جيسين ڪ موٽرڪار گورنر جي.

٢

کيائين جاڳندي آخر اکين ۾ رات کي پورو،
صبح ٿيڻ سان گهرائي راءِ صاحب ڪوبرا پالش.
رجي آئينہ خاني ۾ بڏائي ريش کي ڪارو،
چيائين، روبرو منهنجي ڦِکي لقمان جي دانش!
ها، کهڙي نہ نهندي سرس سهڻي، توپان وچ ۾،
ٿي تي سوَ سوا واري مشهدي پيچ دستارش.

ٽوبين جو ترانو!

سر منهنجو جهڪيو رهندو هي انگريز جي آڏو،
گردن ۾ سُهين سون جو زنجير غلامي.
ريشِ-برش سان لاٽ پاپوش ٿئي پالش،
چمڪاٽ ڪيئي ٽاٽُ ٿئي تقدير غلامي.
هن حسن خدمتيءَ جو مليو مونکي اُجورو،
ٿي آ عطا سرڪار کان جاگير غلامي.
ڪعبو آهي قسمت جو فرنگيءَ جي نوازش،
هن رنگ ساڻ ڀڪندي تصوير غلامي.
يا رب هميشه لاءِ سا زيبا ڪمر رهي،
حاسد تي ڪري حادثا شمشير غلامي!

واڻي سپيتا پنهنجي وساري جنهن ڇڏي آهي،
هو هاڃي هنيون گهر مان ڌڪي مهمان پاسي ڪر.
رو پيي ديش جي اُنتيءَ اڳيان جيڪو اچي آڏو،
، اهڙو ديش گهاتڪ منچلو مروان پاسي ڪر.
ڪايل جنهن جي رغبت مان سراسر ٿو رسي جوڪو،
رم ايمان جو دشمن شمر شيطان پاسي ڪر.

لڪائي پاڻ پردي ۾ وڃي دربار ۾ ٻهچان،
مٿان رستي ۾ ڏوٿن جي پڪيڙيل ڪا هجي سازش.
گهرڻ سان منهنجي جيئن دربار جي ڪنڊ ڪڙڇ معطر ٿئي،
انهيءَ خاطر ڪيائين خوب سرهي تيل جي مالش.
ڏسي محلات جي آخر سجاوٽ، چوندو خوش ٿيندو،
ٻڌايم لاٽ صاحب لءِ جا لائق جاءِ آرايش.
عجب ساراهه جوڳو، ڇا ته تنهنجو هي بندوبست آهه،
ائين فورن چئي، گونر خطابن جي ڪندو بارش.
دڪايل! راءِ صاحب جو دلي ارمان رهجي ويو،
رهيل باقي هئي جنهن آفرين نامي جي گنجائش.

هي ڪهڙو مهمان؟

ڇڏيندي بسترو فورن ملبو مهمان جو نوٽس،
چروٽ ۽ چانهه حاضر ڪر، حقو ۽ پان پاسي ڪر.
آرينج منهنجي ڊنر ۽ ٽفن جو ڪيڪ ڊبل روٽيءَ سان،
مَٽن-ڪٽليٽ گهرجي، هي مٺائي نان پاسي ڪر.
سَپر ٽائيم ڪي وسڪيءَ جو خوش رنگ دؤر جاري ٿئي،
اَنارن جو مِٺو شربت مگر ميزبان پاسي ڪر.

ي اوهين ڪانگريس جي هلايل آزاديءَ واري
ڪرڪ ۾ ڀرو ونندا تہ ملڪ ۾ ٿوراڻيءَ سبب هندن
ا غلام بڻجي ويندا. انهيءَ قسم جا ڀيا بہ سوين پوءُ
ا پوُٽ مسلمانن جي پٺيان انگريزن لڳائي ڇڏيا.
هيءَ ڪري سڄي ملڪ ۾ هندو-مسلم نفاق جي باھ
ري ويئي. جنهن بمبئي ۽ ڪانپور ۾ آزادي توڙي
لافت جي وقت هندن مسلمانن گڏجي پائڻ ونيءَ ۽
ڪانپوري بازارين ۾ انگريزن جي خلاف نعرا هنيا
ئا، اُتي ۽ انهن ئي جاين تي هو هڪ ٻئي جي خلاف
را هڻي، هڪ ٻئي جي گلي ڪاٽڻ لاءِ خنجر آزمائي
ڪري رهيا هئا. گيتا ۽ قرآن جي بي حرمتيءَ جا افواھ
هلائي مذهبي پاڳل هڪ ٻئي جو خون وهائڻ لڳا.
نڌ بہ اِنهيءَ زحمت کان آجي رهي نہ سگهي.
وفي سڳورن جا پوئلڳ سنڌي، سچل ۽ روحل کي
ساري، هندو ٿورائيءَ کي مارڻ توڙي ڦرڻ لڳا.
ڙڪاڻي شهر ۽ روهڙي ڊويزن ۾ سخت ماراماري
ي. هن فرقيوار ڇڪتاڻ مسلم ليگ ۽ آريہ سماج کي
ڀيرو ڪيو. حيدرآباد سنڌ ۾ اهڙي وقت هڪ
ريہ سماجي مهراج نٿورام تي قران جي بي عزتي ڪرڻ
ۃ مقدمو هلايو ويو. مذهبي ڪٽا مسلمان، ڪورٽ

انگريز حڪومت جڏهن ڏٺو تہ سندن ”امن
سپائون“ اسهڪار هلچل کي دبائڻ ۽ روڪڻ
ڪامياب ڪين ٿيون آهن، تڏهن هنن ملڪ ۾ هندو و
مسلم نفاق پيدا ڪرڻ جي شرارت شروع ڪئي
خلافت جي هلچل وقت تہ اهڙي همت ڪين ڪانـ
ٿي، پر جڏهن مهاتما گانڌي ۽ علي ڀائر ٽوڙي ڀيا وڏ
وڏا ڪانگريسي توڙي خلافتي اڳوان جيلن ۾ بند هئا
تڏهن مسلم ليگ جي اڳوانن معرفت واندن ۽ لالچي
مان توڙي مولوين معرفت هنن ديش ۾ فرقيوا
چڪناڻ پيدا ڪئي. هونءَ بہ خلافت جو سوال ترڪي
خليفي کي هٽائي خود ئي ختم ڪري ڇڏيو هو. انهي
ڪري هندستاني مسلمانن کي اِهو هائوُ بـچيو ويو ت

شهيد نٿورام

هو اُمنگ تنهنجي اندر ۾ جوش جذبو جان ۾،
آدرش ويدڪ ڌرم جو هو ڏريل نت ڌيان ۾.
ڌرم جي هاڃي ڏسي تون پئين ٽپي ميدان ۾،
آخرين محبت سان مائل ٿئين شهيدي شان ۾.
پل نہ تو جهڙو سپاتر وِير اڄ ماتا ڄڻيو.
هندو جاتيءَ جي مٿي جو چمڪندڙ سندر مُڪٽ ٿيو.

٢

سنڌ ساريءَ کي مليو نياپو وڏيءَ ڦڙڦوٽ سان،
گهاءُ سيني ۾ رسيو قاتل ڇُريءَ جي چوٽ سان.
تو چُڪايو قرض ماتا جو شهيدي موت سان،
قوم جي اُنتيءَ لڌيون لائون لڌڙ تو گهوٽ سان.

جي انصاف ڏانءِ ترسي نہ سگهيا ۽ انهن مهراج نٿورام کي ڪيس هلندي ڪورٽ ۾ ئي خنجر سان ماري شهيد ڪري ڇڏيو. هن خون- ناحق ڏسي سنڌ جي هندو ماڻر کي صدمو رسيو ۽ اُنهيءَ وقت هيٺيون گيت ٻائي اسان پنهنجي غم ۽ اعتراض جو اظهار ڪيو.

۵

اي دکايل قوم اهڙي موت تي ماتم نه ڪر،
اڄ مين لڙکن سان دل جو چاڪ ٿيل دامن نه ڀر.
بدلو جي گهرجئي ته پنهنجو پير پنتي ڪين ڌر،
فائدي لاءِ قوم جي ڪشِ جوش ٻيٽي سان ڪمر.
قوم هر ڪنهن کي دکايل وير پنهنجوئي وڏيو،
هندو جاتيءَ جي مٿي جو چمڪندڙ سندر مٽيو.

نياءِ گهر سرڪار جو تنهنجي لءِ خود مقتل بڻيو،
هندوجاتيءَ جي مٿي جو چمڪندڙ سندر ٽڪيو.

٣

جيئن ڪسي تي زور سان تلوار تي جوهر ڪيڏي،
پيسجي روهيءَ اندر خوشبوءِ تو عنبر ڪيڏي.
تو سڙي سرڪنڊ جيئن سرهاڻ تو بهتر ڪيڏي،
جئين سهي تي قوم سختيون سرس ڳڻ سندر ڪيڏي.
تنهنجي قربانيءَ ڪان آهي نازبر چوٽي جڻيو،
هندوجاتيءَ جي مٿي جو چمڪندڙ سندر مٽيو.

٤

ورق ورندو جـو نئـون آزاد هندستان جو،
تذڪرو ايندو انهيءَ ۾ تنهنجي شاهـي شان جو.
قوم ڪان ملندءِ نئوجي خاص موقعو مان جو،
فخر ڪان گردن مٿي رهندو سندءِ سنتان جو.
تنهنجو نالـو قوم جي قابـل شهيدن ۾ ڳڻيو،
هندوجاتيءَ جي مٿي جو چمڪندڙ سندر مٽيو.

ڏو شاهي مظاهرو ٿيو. ڪارا جهنڊا ڪٽي پنجابي
سپوت ۽ سپٽريون هزارن جي تعداد ۾ اچي پنهنجي
اڳوان جي ڪمان هيٺ گڏ ٿيا. هن قسم جو انتظام ۽
اُتساهہ ڏسي پنجاب جي هڪ مغرور انگريز سارجنٽ
سانڊرس غصي ۾ اچي پارٽ جي بي ٻپي ۽ پيرسن
اڳوان لالا لجپت راءِ تي لوهي لٺ جو وار ڪيو:
جنهن جي چوٽ ماتا جي هن لاڪيڻي لعل کي اصل لاءِ
سمهاري ڇڏيو ۽ ائين پنجاب جي گجندڙ شير جي
دهاڙ يا گجگوڙ وايو منڊل ۾ سمائجي ويئي سدا جي لاءِ.

سنڌ ين بہ ڪراچيءَ ۾ سائمن ڪميشن جي بهشڪار
ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي. گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ هڪ ئي
گيت گونجي رهيو هو-

سائمن! ترت روانو ٿيءُ،
سائمن! تــرت روانــو!
ري ڪونيو مهمان نہ گهرجي،
هند سند و اِمتحان نہ گهرجي.
ڇا پـال ڪندو بـيـگانـو،
ٿـيءُ سائمن! تـرت روانو.

لالا لجپت راءِ جي ديهانت ڪانپورءِ ۱۹۲۹ع ۾ مهاتما گانڌي
سڄي ملڪ جي دؤري تي نڪتو. لالاجيءَ جي يادگيريءَ

لڙائي جهيڙو هميشه هلي ڪين سگهندو آهي.
گانڌيجيءَ جيل منجهان نڪرڻ کان اڳ ۾ توڙي پوءِ
فرقيوار فسادن خلاف ورت رکيو ۽ انهن ورتن جو
اثر ڪافي ٿيو. ملڪ ۾ قومي جاڳرتا اچڻ لڳي، هن
چيتنا کي ختم ڪرڻ لاءِ چالاڪ انگريز هڪ چال چلي
انگلنڊ جي سرڪار پارٽ کي وڏيڪ اڌڪارن ڏيڻ
لاءِ ١٩٢٨ع ۾ سائمن صاحب جي ڪمان هيٺ هڪ
ڪميشن هندستان موڪلي. مهاتما گانڌيءَ جي صلاح
سان ڪانگريس توڙي ٻين جماعتن گڏجي سائمن
ڪميشن جي بهشڪار جو فيصلو ڪيو. چوڌاري ملڪ
هڪ ئي نعرو گونجڻ لڳو ۽ اُهو هو ”گوبئڪ سائمن!“
لاهور ۾ جڏهن سائمن ڪميشن پهتي تڏهن اُتي
پنجاب جي شير لالا لجپت راءِ جي اڳوانيءَ هيٺ

لالالجپت راءِ جي موت تي

مُلڪ پنجاب جو هو شير بهادر لالا،
مات ڀارت جو سچو پوت سپاتر لالا،
مانڪا ديهه ۾ هو ديو دلاور لالا،
آهه ناموس پيرو نان ۽ نشانمبر لالا،
واءِ قسمت ويو هلي موت سندي گود اندر،
قوم ساري آهي ماتم جي سبب روڄ اندر.

٢

ڪنهنجي تعريف جي تصوير ٿي تاريخ چٽي،
ڪنهنجي نالي تي وڏا ملڪ منارا ٿو سٽي،
ڪنهنجي مرڻي تي سڄي قوم ٿي روئي ۽ پٽي،
ڪنهنجي هستي ٿي سنسارجي تختي تان مٽي،

۾ 'سوراج-فند' ڪٺي ڪرڻ لاءِ هن لڳاتار چڪر ڏنا ۽ انهن ملڪ کي آزاديءَ جي نئين هلچل هلائڻ لاءِ تيار ڪيو. اُنهن ئي ڏينهن ۾ لالا لجپت راءِ جي خوني سارجنٽ سانڊرس کي لاهور ۾ خون ڪيو ويو. هن خون جي تهمت، ڀارت جي شهيدن جي سرتاج سردار ڀڳت سنگهه ۽ سندس ٻن ساٿين شهيد راج گرو ۽ سکديو تي رکي وئي. ترت ئي پوءِ وائسراءِ جي ٽرين کي ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ هند اسيمبليءَ ۾ هڪ ڦٽاڪو اُڇليو ويو ۽ ڦٽاڪي اُڇليندڙ وير انقلابي سردار ڀڳت سنگهه کي سرزمين تي پڪڙيو ويو. اُهي ئي ڏينهن هئا جو بنگال جو جتيندر ناٿ داس پڪڙيو ويو هو ۽ هن جيل ۾ راڄنيتي قيدين سان خراب ورتاءَ ڪرڻ جي خلاف مرڻ-ورت رکيو هو. ملڪ ڏٺو ته سندن اِهو محبوب سپاهي، تيهٺ ڏينهن جي اُپواس ڪاٽپوءِ شهيد ٿي ويو. ملڪ جي ماڻهن ڪيس بچائڻ لاءِ ڪيڏيون نه ڪوششون ڪيون، پر سڀ اجايون ويون. اُنهيءَ وقت جي گيت گونجيا اُهي اوهين ٻه پڙهو ۽ ڳايو.

هاءِ نوڪرشاهي! تنهنجي پٿر کان دل سخت ٿي،
قياس ڪو آيو نه هرگز رحم تو راڪاس کي.
لک مڙي تو ديو-درسن لاءِ آيا لاش تي،
ناس ٿي ڏيهي مگر نالو رسيو ابناس کي.
آخرين دم تي به قائم، پڻ ٿي پختو رهئين،
تو سچو آخر بڌايو آدرش اخلاص کي.
راجنيتي قيد وارن سان هلت آهنجي ڏسي،
پر-پلي ۾ تو ڏنو سنياس ڌاري ساس کي.

کنهن‌جو واڄو ٿو وڄي کنهن‌جو ٿو آواز رهي،
کنهن‌جي هستيءَ تي ٿو قومن کي فخر ناز رهي.

٣

جڏهن آزاد هندستان هي سارو ٿيندو،
تڏهن لاهور ۾ هڪ شاهي منارو ٿيندو،
جنهن تي آزادي پتلي جو نظارو ٿيندو،
جنهن تي لالا جو لکيل نانءُ پيارو ٿيندو،
جو مري ديس پاي لاءِ سو هرگز نه مري،
تنهن‌جي پوڄا ٿو سڄو ديس خوشيءَ سان ڪري.

شهيد جتيندرناٿ داس

روءُ نه پارت دل پگهل سان تون جتيندر داس کي
داس ويو آهي اُجاري تنهن‌جي ايندڙ آس کي
دوارڪا دانهون ڪري پهچن پُريءَ ڏائين پري
راس ڪامورن رڙي ڪنبڻي لڳي ڪيلاس کي
ظلم جي سيلاب ڪان ڏر ٿيل زمين تنهن‌جي منجها
سوز جا اُپري سلا ساڙڻ ڪندا آڪاس کي
آب داڻي کي ڇڏي ٿيهٺ ڏهاڙا بند
ڪيو فنا اُپواس واري آگ ۾ هڏ ماس کي

ياترين جو هي جٿو، سر ترءِ ٿي رکي پنهنجي منزل مقصود ڏانهن ڪاهيندو هليو. انگريز سرڪار نيٺ گانڌيجيءَ کي گرفتار ڪيو.

گانڌيجيءَ سابرمتي آشرم ڇڏڻ مهل اِهو پرڻ ڪيو هو، "يا تہ هو ڀارت کي آزاد ڪري سابرمتي آشرم ۾ واپس ايندو، يا تہ سندس لاش سمنڊ ۾ ترندو نظر ايندو." پنهنجي سپہ سالار جيءَهن اقرار ۽ گرفتاريءَ ديش کي جاڳائي ڪڙو ڪيو. پوءِ تہ سڄي ملڪ ۾ لوڻ جو ستياگرهہ شروع ٿي ويو. هزارين ڀارتواسي مرد توڙي استريون جٿا ٺاهي لوڻ جو قاعدو ڀڃي انگريز جي جيل ۾ ڏو ڪيندا ويا. اُنهيءَ وقت ڪراچيءَ ۾ شري نارائڻداس بيچر جي اڳواڻي هيٺ ستياگرهين جو پهريون جٿو گرفتار ٿيو ۽ ڪورٽ ۾ مٿن ڪيس هليو. ڪيس هلندي ڪراچيءَ جي جنتا جوش ۾ اچي ويئي. سنڌ جو برک نيتا شري جئرامداس دولترام ماڻهن کي شانت ڪرائيندي، پوليس جي گوليءَ لڳڻ ڪري زخمجي پيو ۽ هن کي بروقت اسپتال نيو ويو. ملڪ ۾ چوڌاري گوليبازيءَ ۽ لٺبازيءَ جو راڄ هو. اُنهن ڏينهن جا قومي گيت، جڻ ڀارت جي اهنسڪ آندولن جي ساک ڀري رهيا آهن. اڃا تہ هڪ دفعو اُهي گيت وري گنگنايون.

۱۹۲۹ع سال جي پوئين رات يعني ۳۱ ڊسيمبر
اڌ رات جو، لاهور ۾ راوي جي ڪناري، اکل ڀارت
قومي ڪانگريس، پنڊت جواهرلعل نهروءَ جي پرڌانپڻي
هيٺ هندستان جي پورڻ آزاديءَ جو اعلان ڪيو
سڄي ديش ۾ ملڪي آزاديءَ جي پروانن جو م
مچلي اُٿيو. اُنهن، مهاتما گانڌيءَ جي رهبريءَ هيٺ
آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ سڀڪجهه قربان ڪرڻ جو قس
کنيون. گانڌيجيءَ ملڪ جي سياسي نبض تي هٿ
رکي فيصلو ڪيو ته هو مارچ ۱۹۳۰ تي ڊانڊيءَ ت
چڙهائي ڪري، ٦ اپريل ۱۹۳۰ لوڻ ٺاهي، ستياگر
ڪندو ۽ انهيءَ اعلان کي عمل ۾ وجهڻ لاءِ هن سابرمت
آشرم منجهان پنهنجي خاص ۽ چونڊ ستياگرهين ج
ٽولي ساڻ ڪري، ڊانڊيءَ ڏانهن رخ رکيو. پيدل

ترندو شهيدي رت تي آزاديءَ جو پيڙو،
پل قتل لاءِ خنجر خونخوار آزمائي.
آهي نئون نمونو هن يڌ جو دکايل!
آتم ستيا جو دنيا اسرار آزمائي.

هندستاني!

ذاري اي هندي! ڪا سرڪار نہ گهرجي،
تو ملڪ مٿان هي آزار نہ گهرجي.

١

جميو آهين اوس مرندين مگر مر شير نر بڻجي،
بهادر سورمو بڻجي نہ مر ڪيدي گدڙ بڻجي،
ڪنجهي ڪرڪي ڪنوڻي چو مرين تو مفت مرض ۾،
اچي مر ديس جي صدقي سپاتر ۽ سندر بڻجي.
هن وڌ سهڻو پيو سينگار نہ گهرجي - ذاري ....

٢

جتي پرتاپ، شيواجي، گروگوبند پيدا ٿيا،
اُتي تون ڪيئن رهي سگهندين نماڻو ۽ نڌر بڻجي،
ڪتي وٺ چاهہ مان چرخو وڏيءَ سڪ شوق شرڌا سان،
ڪندو هي ائٽ آزادي سدرشن جو چڪر بڻجي.
ائٽ بنا پيو آڌار نہ گهرجي - ذاري ....

سرڪار آزمائي!

سٽنا ستياگرهہ جي سرڪار آزمائي،
پل بم بندوق توبون تلوار آزمائي.
پوندي اهنسا پل سان طاقت نہ ڪابہ پوري،
پل جيل خانا ڦاسيون صد بار آزمائي.
جاهل خوشامدين کي ڪوڙا خطاب ڏيئي،
اونڌيءَ امن سڀا جا پرچار آزمائي.
جاڳيون جتي جون ديويون جيلن وڃڻ جي خاطر،
ڪيئن اهڙي ديس تي ٿي هشيار آزمائي!
آزاد آهہ ڀارت آزاد آهہ ڀارت،
آفت جا پل ستمگر اوزار آزمائي.

جهڪائي جي حضوريءَ ۾ ڪيوسين ڪنڌ جي اُبتو،
نه پوندي ڪوپراڻي ٿي پنڻ وارو ڪنگر ٻڌجي،
اُٺو جاڳو سياڻا ٿيو اُٿوَ هي آخرين موقعو،
دکيل! جي هٿان هي ويو پٽيندا سين حشر ٻڌجي.
اهڙو بي شرم پينار نه گهرجي- ڏاري ......

انقلاب

انقلاب، انقلاب، انقلاب.
انقلاب زنده باد.
گونجي آزاديءَ جو ناد.
هندستان، هندستان، هندستان.
هندستان ٿئي آزاد.
انقلاب زنده باد.
او رهنما وطن جا، او خيرخواه وطن جا،
او آسرا وطن جا، مشڪل ڪُشا وطن جا.
چئو انقلاب. انقلاب زنده باد.
ڪوشش جو نيرِ ماري، چڙ آفتن کي ڏاري،
هل حوصلو سنڀاري، هيءَ ڪاهلي وساري.
چئو انقلاب. انقلاب زنده باد.

٣

جڏهن زالون به ٿي ظاهر پيڙهون ميدان ۾ ڪاهي،
تڏهن توکي نه واجب هو رهڻ بي‌دل پٿر بڻجي،
هندستاني ڏسي هيڻا مٿيا مڙدار ڏر وارا،
بڌي چرچل سندا چرچا نه رهه موڳو مٽر بڻجي.
اهڙو مندو هي مڙدار نه گهرجي- ڏاري ....

٤

لٺين، لوڙهين، بندوقن سان وتن وطني پيا ڦٽبا،
نه پيءِ بي‌غيرتيءَ تي رهه نه سرڪاري نفر بڻجي،
رهياسون ڏيڍ سؤ سالن ڪان جو ڪمزور ڪانگر تيءَ،
سزا تن جيءِ مٿان آئي، غلاميءَ جو قهر بڻجي.
اهڙو گندو سر تي بار نه گهرجي- ڏاري ....

٥

غلامن کي شريعت ۾ نه حج واجب مسلمانو،
رهي اسلام ۾ آزادگي شمس و قمر بڻجي،
پهچايو زير خنجر پي اوهان پيغام آزادي،
غلاميءَ ساڻ اسلامي رهي ڪيئن همسفر بڻجي!
طوق غلامي زنهار نه گهرجي- ڏاري ....

وير واريءَ تي گذاري، ٿا ڇڪيون پيهندا رهن،
آهہ قيدن ۾ قهر بغداد هندستان ۾.
بند ۾ نازڪ بدن نارين ۽ بالڪ ٿيج پياڪ،
جيل ۾ جمندو ڏسو اولاد هندستان ۾!
دل ودماغ اڄ ديس جو گهاٽي اندر ٿو پيڙجي،
عطر جوهر ٿو ٿئي برباد هندستان ۾.
ڪوبہ غيرتمند ديسي ناهہ: باهر جيل کان،
نرم ڏر جي دل بہ ناهي شاد هندستان ۾.
ٿو اچي سماي مان گهڙجي روز ظلمي قاعدو؛
آهہ پينل ڪوڊ پڻ افراد هندستان ۾.
ڪن ڦٽيا لوڙهين لٺين سان، ڪن کيا گولين سان ماٺ،
ٿيا سپاهي پڻ ڦري جلاد هندستان ۾.
شهر خالي ٿي چڪا اڄ گهر اُجڙ گجرات ۾،
ٿين جهنگل ويران، ٿا آباد هندستان ۾.
ديس سان همدرد اخبارن تي توڙي ڪال آهہ،
نہ بہ وڃي آزاديءَ جو ناد هندستان ۾.

قابو قلعو وطن جو، تنهنجي همٿ سان ٿيندو،
منزل ڪي نيٺ پوندو، ترقيءَ جو پنڌ ويجهو.
چئو انقلاب، انقلاب زنده باد.
گلشن جا باغبان اُٿ، ڀارت جا پاسبان اُٿ!
اُٿ رستمِ جهانؔ اُٿ، مرده وطن جي جانؔ اُٿ!
چئو انقلاب. انقلاب زنده باد.

يادگار ١٩٣٠

شعر:

مرڪندا محب الوطن ايندا مڙي ميدان تي،
ملڪ لءِ لڙندي مرڻ آ فرض هر اِنسان تي.
اصل کان آهي 'دڪايل' جي فقط هيءَ آرزو،
لاش منهنجو شل ڪڇي آزاد هندستان ۾.
لاش منهنجو شل ڪڇي آزاد هندستان ۾،
ٿئي مرڻ منهنجو نه شل ناشاد هندستان ۾.
اڄ فرشتن کي فلڪ تي ننڊ نيٺن ۾ نه آهه،
آهه ايڏي شور جو فرياد هندستان ۾.
ٿيو ڪڇهريءَ ۾ نسورو نياءَ جي نالي ڪنباءُ،
آهه يڪسان داد ۽ بي داد هندستان ۾.

ڳهڙي ميدان ۾ هيڪر، ڀُڄي هرگز نہ ڏيڻ گهرجي،
اوهانجي ڌرڪ ٿي ٿي مَرڪندو ميدان ڀارت جو.
جوانو اڄ اوهان ۾ سا، ٿي اعاليءِ ويرتا گهرجي،
ڪري آباد جا هرهڪ چمن ويران ڀارت جو.
رڳن ۾، هند ماتا جو، اوهانجي خون ناهي ڇا؟
هُيو ڪنهن وقت ۾ هرهڪ ٻچو ٻلوان ڀارت جو.
ڪڏهن هن جنگ جي ميدان ۾ سينگارجي ايندا؟
وڌائيندا وجيہ سان ٿي اوهان سومان ڀارت جو.
ڪندا آزادگي مندر جڏهن ڀارت ۾ اسٿاپن
تڏهن آسيس ٿي راضي ڪندو ڀڳوان ڀارت جو.
دڪايل ديس جي ڀومي هنجون هاري پڪاري ٿي،
ٻُڌي هيءَ آهہ شل جاڳي وري جولان ڀارت جو.

جان لڙايون!

اڇو نہ جوانو جان لڙايون،
سوپ ستيا جي آهي.
ڪو شڪ نــاهـي. اڇو نہ ....

جگر آزمايون !

اچو نؤجوانو! هنر آزمايون،
چٽن گرم گوليون جگر آزمايون.
پري ڪان پون ٿا ترارين جا تجلا،
ڪري سخت سينا سپر آزمايون.
هلي جيل خاني ۾، لوهي جون سيخون،
۽ اوچا پٿين جا پٿر آزمايون.
مِٽي مرڪ سان سڀ سهي سوُر سختيون،
اَهنسا سندو هي صبر آزمايون.
ڏئي پيٽ ۾ رت رشين ۽ مُنين جو.
دلي درد جو ٿا اثر آزمايون.

نؤجوان جو فرض

جوانو وس هينئر آهي اوهانجي، شان ڀارت جو،
کپي آزاد ماتا کي ٿو اڄ بلدان ڀارت جو.
ٿيو سختيءَ جي مکتب ۾ شروع اِمتحان آزادي،
اوهان تي ئي منحصر آهه هي اِمتحان ڀارت جو.
ڇڏيندا تيرِ ڪوشش جو نه وئرت کين کي ويندو،
ڪندو آخر وڃي مشڪل ڪڏهن آسان ڀارت جو.

ڀارت جا نؤجوان!

منهنجو هندستان.
ڀارت جا نؤجوان!
چؤ، منهنجو هندستان.
منهنجو هندستان.

جنهن ديس جو اَن کائين ٿو،
جنهن ديس جو پِئين ٿو پاڻي،
تنهن ديس جو پنهنجي سر تي،
ڇا فرض نٿو ڪو ڄاڻين؟
ڀاڄي ٿو وڃين احسان.
چؤ منهنجو هندستان.

جنهن ديس جي ڏک سک ۾ تون،
خود آهين ڀاڱي ڀائي،
اُن جي ئي ڀلائيءَ ۾ تون،
خود پنهنجي ڄاڻ ڀلائي.
آهين نہ اِڄا نادان،
چؤ منهنجو هندستان.

يڌ ڪيتر ۾ پاڻ ملهايون،
آزاديءَ لءِ جان گنوايون.
لاڳاپا ڪل لاهي.
ڪو شڪ ناهي، اچو ته ....

سهسين سورهيه جيل پريندا،
ڪي سوريءَ تي سرڙا ڏيندا.
ثابت سينا ساهي.
ڪو شڪ ناهي. اچو ته ....

گانڌيءَ جي آگر جو اِشارو،
جاڳائيندو ڀارت سارو،
ڪونڌر ايندا ڪاهي.
ڪو شڪ ناهي. اچو ته ....

ستياگرهه جي جاري لڙائي،
سوڀ ستيا جي ٿيندي جائي.
ڏانءُ ڏسيو هي ڏاهي.
ڪو شڪ ناهي. اچو ته ....

جاڳڻ جو ٿوَ موقعو آيو،
ڏيڍ صديءَ جو پختو پايو.
ڇڏيو دڪايل! داهي.
ڪو شڪ ناهي. اچو ته ......

سڌ!

جوانو! عيش عشرت ۾ اچا آيو وڃائيندا،
غلامي ويس پارت کي اچا ڪيسين ڍڪائيندا؟
غلاميءَ ۾ گذارڻ کان جوانو! موت بهتر آهه،
غلاميءَ ۾ جهڪائي سر ٽڪرِ ڪيسين گسائيندا!
غلاميءَ ۾ رهي ڇو پاڻ تي دنيا کلايو ٿا،
غلامي داغ هستيءَ تان ڪڏهن پنهنجي مٽائيندا.
بکين پائن جي آهُن ۾ اثر پورو نه آهي ڇا؟
بکن ۾ ڇا اچا جانيون غريبن جون گنوائيندا!
جوانو! ڪرم جو ميدانُ، پڪاري اڄ اوهانکي ٿو،
ڪڏهن ميدان ۾ مَرڪي مرڻ لءِ پير پائيندا؟
وفائي ۽ جفائيءَ جي لڳي جوانو لڙائي آهه،
وفا خاطر جفا سر تي کڻي ميدان ماريندا؟
کپي آزاد- ماتا کي اوهانجو خون پينا ۾،
ڪڏهن مرڪي خوشيءَ سان خون جو پيالو پري ڏيندا.
جوانو! هند وارا هام آزادي هٽي وينا،
ڪڏهن هن هام کي هيڪر حقيقت تي رسائيندا؟
'دڪايل' ديس ماتا جي اوهان ۾ آس باقي آهه،
ڪري آزاد پارت کي ڪڏهن جهنڊو جهلائيندا.

اڄ ديس ٿو ساري ٽوڪي،
ڪٿي نيڻ نهاري ٽوڪي،
دکي دل جي سَڏَنِ سان دکايل،
ٿو روز پڪاري ٽوڪي.
اُٿ ڪر مشڪل آسان.
چؤ منهنجو هندستان.
ڀارت جا نؤجوان!

جوانو!

جوانو ورش ڀارت کي اچا ڪيسين لڄائيندا؟
گذاري عيش و عشرت ۾ عمر ڪيسين وڃائيندا؟
اَڙي، دولت جا متوالا! او، شائق رنگ معان جا،
ڪڏهن بي گهر غريبن کي اَجهي جو آسرو ڏيندا؟
ڀري ڀل ڀيٽ پنهنجا، چين سان ليٽو گديان تي،
بکايل ڀائرن جي پر ڪڏهن هيءَ بک مٽائيندا؟
ملي مئخاني مان ٿي چا اوهانکي ڪين ڪي فرصت؟
پڻن ٿا خون دل تنکي ڪڏهن پاڻي پيارينداا
گهٽائيندا دکايل هي تڏهن دک ديش ماتا جو
جڏهن ڀائن جو ڀائن ۾ سچو اتحاد آڻيندا

گهري ٿي ڪشت جي ڪاليءِ، ٻوٽر خون جي پياليءِ،
ڪڏهن هيءَ پياس پياسڻ جي لهوءَ سان لعل! لاهيندا.

اي آئينده جا اڳوانو! سمهڻ ٿياڳيو اُٿو جاڳو،
اوهين جاڳيا نہ جڳ جاڳيو، اوهين جڳ کي جڳائيندا.

سمو سستيءَ سندو ناهي، زمانو ڪرم جو آهي،
ڪرم يوگي ٻڌي ڪانگريڊي کي ڪونڌ ڪاٽيندا.

سنيهو ديس ماتا جو سليو در در وڏي واڪي،
اکر آزاديءَ وارو جتي ويندا اُتي نيندا.

نوجوان!

جوانو، جوانو، جوانو اُٿو!
ڪرم جو هي آهي زمانو اُٿو!
جوانو ڇڏي ننڊ جاڳي اُٿو،
ڪيي هند کي اڄ سجاڳي اُٿو.
نہ سستي ڪيي مور جاڳي اُٿو،
اُٿو ديس جا وير تياڳي اُٿو
جوانو ...... ڪرم جو ......

نؤجوانو

سستيءَ نہ قيام گھرجي ڀارت جا نؤجوانو،
ڌارين جي دَستِ ڪيسين رهندو هي ڪارخانو.
موقعو هٿان وڃائڻ مردن جو شان ڇئبو؟
غفلت جو وقت ناهي جاڳڻ جو آ زمانو.
آزاديءَ جي منزل اوڏو نظر اچي ٿي،
هاڻي رهي نہ سگھندو ڀارت غلام خانو.
چوُنو هڏين جو گھرجي سوراج جي مندر لءِ،
تارن رڳن سان ٺهندو آزاد آشيانو.
اتهاس هي ڏکايل! دنيا جو ساک ڏئي ٿو،
آزاديءَ جي صدقي ڇاتيون ڪجو نشانو.

قرباني ڪبي!

جوانو هند ۽ سنڌ جا ڪڏهن ميدان ۾ ايندا،
ڪڏهن جند جان پنهنجي قوم جي قدمن ۾ ارپيندا؟
ٻري ٿي آگ آزادي گھري ٿي ڪونڌ قرباني،
ڪڏهن ٿي مست محبت ۾ پتنگ جان پاڻ ساڙيندا.
اکنڊ آزادگي ديوي کپر خالي کڻي آئي،
جوانو! پاڪ رت هاري، ڪڏهن سو پُر ڪري ڏيندا؟

جوانو! ھينئر سا ھوشياري ڪيو،
نئين سر سنبت ۽ تياري ڪيو،
نہ اڄ ديش ڪي دل اُداري ڪيو،
ڪيو دل مگر درد واري ڪيو.
جوانو .... ڪرم جو ......

دڪايل! پيلا ديس ڇاتي ٿڪي؛
رڳو پيٽ پالڻ ڏکيو ٿو لڳي!
ھينئر ڪا وري اھڙي جوتي جڳي،
بٽي ملڪ ساڳيو، ھو جهڙو اڳي،
جوانو، جوانو، جوانو اُٿو!
ڪرم جو ھي آھي زمانو اُٿو.

نوجوان جاڳ

اُٿ نوجوان جاڳ تي ساوڏان جاڳ،
اُٿ جاڳ، اُٿ جاڳ، اُٿ جاڳ.

جاڳڻ جو وقت آيو، ڪو ڪر اُٿڻ جو سعيو،
تو رات جو وڃايو، سو ڪر صبح سجايو.
ڪافي سمو سُتئين؛ رک منزل جو ڌيان جاڳ.
اُٿ جاڳ، اُٿ جاڳ، اُٿ جاڳ.

اُٿو! ديس جي تنگ حالت ڏسو،
غريبي، ڪنگالي، جهالت ڏسو،
خرابي، خواري، خيانت ڏسو،
دکي ديس پارت نهايت ڏسو!
جوانو ...... ڪرم جو ......

ڪروڙن ۾ آدمشماري وڌي،
مگر زور بيروزگاري وڌي،
ڪمائيءَ ۾ ڪوڙي نه ڪاري وڌي.
وڌي ملڪ جي بيقراري وڌي.
جوانو ...... ڪرم جو ......

دونهون ٿي اُڏي ڏن ٿوسگريٽ ۾،
لُڙهن لک براندي ۽ لمليٽ ۾،
ڪروڙين ڪپڙ جي وڃن پيٽ ۾،
ڪٿو ڪو ٻچي پيٽ لءِ پيٽ ۾!
جوانو ...... ڪرم جو ......

جوانو اوهان ۾ سا غيرت ڪٿي؟
مٺي ملڪ جي لءِ محبت ڪٿي؟
غلاميءَ کي ٽارڻ لءِ همت ڪٿي؟
۽ آزاديءَ لاءِ الفت ڪٿي؟
جوانو ...... ڪرم جو ......

او رهنما وطن جا، او خيرخواهہ وطن جا،
او آسرا وطن جا، مشكل كُشا وطن جا،
همت كري وسِيلو تون بي گمان جاڳہ.
اُٿ جاڳہ ....

گلشن جا باغبانؔ اُٿ، ڀارت جا پاسبانؔ اُٿ،
اُٿ رستم جهانؔ اُٿ، مژده وطن جي جانؔ اُٿ!
كر شاد دل دكايل، هندوستان جاڳہ.
اُٿ جاڳہ، اُٿ جاڳہ، اُٿ جاڳہ.
اُٿ نوجوان جاڳہ- ٿي ساوڌان جاڳہ!

او نوجوان!

قرض ماتا جو چُكائيندين كڏهن جوان! اچي.
ملڪ مادر تان كڏهن ٿيندين تون قربان اچي؟
ڇا اچا توكي زنجيرن ۾ رهڻ آهہ پسند،
هي غلاميءَ جو كڏهن ميٽيندين نيشان اچي.
قيد جي كشٽ كان وڌ آهہ غلاميءَ جو جيئڻ،
ڦوڙ سر، ٽوڙ مگر ظلم جو زندان اچي.
بدنما داغ منهانڊي تي غلاميءَ جو ركي؛
حيف، دنيا ۾ سڏائين ٿو جي اِنسان اچي.

اوڀر جا روشنائي، اولهه وڃي وڃائي،
ساڳي صبح سهائي، مشرق ۾ موتي آئي.
اهڙي سمي او ڀارت جا آسمان جاڳ.
اُٿ جاڳ، اُٿ جاڳ، اُٿ جاڳ.

سامهون ڏسي مصيبت، ٿي تون نه پست همت،
ڪانئرتا آهه زلت، همت کي آهه راحت.
سنتان سورمن جا، شيرن جا شان جاڳ.
اُٿ جاڳ ......

ڏو لاءِ ناهه مشڪل، آزاديءَ جي منزل،
ڪر دل سهڻ جي قابل، ٿيندي اُميد حاصل.
مشڪل ڪشا وطن جا نوشيروانِ! جاڳ.
اُٿ جاڳ ......

قابو قلعو وطن جو، تنهنجي همت سان ٿيندو،
منزل کي نيٺ پوندو ترقيءَ جو پنڌ ويجهو.
مشڪل ڪو مهر ناهي، او مهربان جاڳ.
اُٿ جاڳ ......

ڪوشش جو تير ماري، ڇڏ آفتن کي ٽاري،
هل حوصلو سنڀاري، هيءَ ڪاهلي وساري.
قائم ٿو رک اباڻو نالو نشان جاڳ.
اُٿ جاڳ ......

انقلاب - زنده باد

ر در تي انقلاب جي ماريو وڃي صدا،
يغام انقلاب جو پهچايو جا بجا،
ٽيندو انقلاب اوهان ۾ نه سا، سدا،
سهندا خوشيءَ سان شير جيان جند جانِ تي جفا،
اتا جي جڏهن درد ۾ دل دردمند ٿئي،
اي جوان! انقلاب جو نعرو بلند ٿئي.

٢

نامل ٿيو پاڻ ۽ ڪيو پڻ ٻين کي استدعا،
يڪو دنيا ۾ ڇا نه ڪري ٿو سگهي آدا!
هي هشيار قوم جو، اي وير! اهنسا،
اتا جي حال تي اوهين آڻيو نه ڪهل ڪا!
هتجي نه، پل نه ظالمي ڪمر ۾ ڪمند ٿئي.
اي جوان! انقلاب جو نعرو بلند ٿئي.

٣

اهين ٿو تون دنيا ۾ اچي انقلاب گر،
گِنتي هاڻي اي شير! تون پنتي قدم نه ڌر.

آگ قرباني هندستان ۾ هرجاءِ ٻري ،
جان پنهنجيءَ کي ڪجو جوان ٻليدان اچي .
آهه هن ديس دکايل جي دوا قرباني ،
ڪونڌ قرباني ڪندي مشڪل آسان اچي .

وقت آيو آهه

جوانو! وقت آيو آهه طاقت آزمائڻ جو ،
هيئنڊر اوسر اٿو ملڪي امر-جيون بچائڻ جو .
اڳيان تلوار جو چمڪو پٺيان بندوق جو ڌڪو ،
رکو پر حوصلو ٻيٽو، قدم اڳتي وڌائڻ جو .
غلامي روڳ جو ڪيڙو لڳو جنهن پيڙهه پختيءَ ۾ ،
نٿو ڏئي قوم کي ڪنهن پَرِ سمو حيلي هلائڻ جو .
ٻلي قانون جي گهاٽي اندر پيڙي ڪري پرزا ،
مگر ٻلجي نه آٽيو خيال دل ۾ سر جهڪائڻ جو .
اسين سنتان ويرن جو، مري دشمن کي ڏيکاريون ،
اسانجو حوصلو ظالم! نه آ سؤلو ڇڏائڻ جو .
شهيديءَ جي امر پدوي ملي ٿي خاص ٻاڳن ني ،
مٺان موقعو وڃايو پنهنجي جيوت جي ملهائڻ جو!
دکايل قلم دعوت ني چڱو چاهين نه ڪر قبضو ،
زمانو ڪرم جو آهي نڪي ٻاتين بتائڻ جو .

۶

قائم نشان هند جو قومي جهنڊو رهي،
ماتا کي مرڪندي هلي پيئنا ۾ خون ڏي.
ڪلندي مرين نه نيڻ مان ڳوڙهو جيئن ڳڙي،
ماتا ٿي راضي توکي دکايل! دعا ڪري.
قربان ملڪ تان پلي هي جان جند ٿئي.
اي جوان! انقلاب جو نعرو بلند ٿئي.

ديوين کي سڏ

هي وقت نه آهه وڃائڻ جو نه وڃائڻ جو،
هي ويلو ڀارڻ ملهائڻ جو نه ملهائڻ جو.

ڀارت جون اي ديوين جاڳو،
وقت سڏائو آهي سڀاڳو.
ملڪ جي مانَ بچائڻ جو نه بچائڻ جو-

ڌاريو ڪپڙو لاهيو لاهيو،
پنهنجو پايو پنهنجو ناهيو.
ڪاديءَ سان دل لائڻ جو آهي لائڻ جو-

گيتا جو گيان جوان تون ميدانن ۾ ياد ڪر،
رڳڙي پائي ٿئي خون ۾ ھي لعل جسم تر،
جيسين رڳن ۾ خون جو ھي ڏورو بند ٿئي.
اي جوان! انقلاب جو نعرو بلند ٿئي.

٤

پرواھ نـاھ راھ ۾ جي آھ ڪو خطر،
آڻج نہ خيال ۾ تون ذرو خوف ڪي مگر،
ويندو تہ آھنسا جو ڪڏھن تير بي اثر.
جوڌن جيان جنگ ۾ تون ادا وقت ڪر بسر.
اھڙو تہ وار ڪر جو جھانن ۾ پسند ٿئي.
اي جوان! انقلاب جو نعرو بلند ٿئي.

٥

آھي اُڻانگي واٽ ٿي طاقت تکي کپي
ھرڪو ھلي ڏي شوق سان آھوتي آگ کي
مينھنج جو داغ آھ ٿيو پارت جي شان تي
ثابت تون رھ سچار جيئن نيچو جھنڊو نہ ٿئي
جيسين سرير تنھنجو سچو تند تند ٿئي
اي جوان! انقلاب جو نعرو بلند ٿئي.

اُهو باغ ڪٿي بستان ڪٿي،
اُها عظمت اوُج ۽ شان ڪٿي؟
اُهو پيارو هندستان ڪٿي،
ڇو نه نيٽين نير وهائيندس. مان ملڪ....
جا آگ دڪايل آهه ٻري،
تنهنڪي زنده رکبو پاڻ مري،
جي ويندي سانگي ساڻ تري.
آءَ ڦوڪي آڙاهه مچائيندس. مان ملڪ....

هندستاني ماتا

جيلخاني ۾ هلي ٻار ٽٽن تي ڪٽندي،
پنهنجي ابهم کي وجي قيد بلا ۾ هٽندي.
حالت زار غلاميءَ جي ڪٿي جنهن محسوس،
تنهنکي گهر ٻار سندي ڪارڻ ڪنهن پر وٽندي.
آهه آزار مصيبت ۾ رهڻ لاءِ تيار،
سا سٺيڪار ڪندي جيڪا به برسر ٻٽندي.
ورثو آزادگي پوين کي ڇڏڻ آهه روا،
آس آزادي بنا ڪابه نه ٻي ڳڻ ڳٽندي.
ملڪ ۾ ڪيئن نه ڪندي قهر قيامت برپا،
خون ذارا جا سندس چشم ڇنل مان ڇٽندي؟

ڪُتي ڪُتي تـي ڌرڙو ماريو،
جهلي شراب هٿن سان هاريو.
وقت نہ عيش اُڏائڻ جو نہ اُڏائڻ جو-
مردن سان ڪڏ ڌرم يڌ ۾،
ڪاهي پڳو هن آگ شڌ ۾.
خوف نہ جان جلائڻ جو نہ جلائڻ جو-
مـرد سڏائـي پاڻ لڪائن،
چڱو اُنهن کي چوڙيون پائن.
ڪم ڪن بار نڀائڻ جو نہ نڀائڻ جو-

اقـرار!

مـان ملڪ هٿان نـہ وڃائيندس،
بين ستان کي جـا ڳـائيندس،
اهڙي دانهن ڪندس فرياد ڪندس،
دل چيري صدا ميـاد ڪندس،
تنهنجون رمزون رٿيل افراد ڪندس،
اهـڙو نـرپـڳـہ نـاد وڄائيندس. مان ملڪ ....

جي. ليڪن گوري لاٽ صاحب اِهي عام جا عرض،
ڪن اوڙو ڪن ٻوڙو ڪري لنوائي ڇڏيا! ڪانگريس
جلاس شروع ٿيڻ کان اول، هڪ شام جو ڪراچيءَ
ي رام باغ ميدان ۾ بابو سڀاش چندر بوس جي پرڌانپڻي
يٺ شاهي ميڙ ٿيو. جنهن سردار ڀڳت سنگهہ ۽ سندس
ن ساٿين جي ڦاسيءَ جي سزا رد ڪرڻ لاءِ زبردست
هر ڪئي ويئي. انهيءَ موقعي تي ڳايل گيت ڏوڙي
نهيءَ ساڳيءَ رات جو بي‌قياس انگريز سرڪار جنهن
موني لڪ چوريءَ سردار ڀڳت سنگهہ ۽ سندس ساٿين
ي ڦاسيءَ تي لٽڪائي ۽ پوءِ انهن جي لاشن کي وسندڙ
رسات ۾ گاسليٽ وجهي راتو رات، راويءَ جي
ڪناري تي جلايو؛ انهن حادثن جو اثر جيڪو ملڪ
ي ٿيو، هيٺيان گيت انهيءَ جو شاهد آهن. اچو ته
هي گيت وڏي واڪي ڳايون ۽ ڀارت جي آزادي
ائم رکڻ جو قسم کائون.

۱۹۳۱ع جو زمانو هو. گانڌي ارون ناهہ کان پوءِ
ڪراچيءَ ۾ اکل ڀارتيہ قومي ڪانگريس جو اجلاس
ٿيو. انهيءَ وقت جي اُتساهہ جا اڻ وسرندڙ نظارا،
اڄ بہ اکين اڳيان پيا ٿا ڦرن. ساڳين ئي ڏينهن ۾
سردار ڀڳت سنگهہ، راجگرو ۽ سکديو کي انگريز عملدار
سانڊرس جي خون جي ڏوهہ هيٺ ڦاسيءَ جي سزا
ملي هئي. اِهو سانڊرس صاحب ساڳيو هو، جنهن جي
لٺين جي ڪاپاري ڌڪن ڪري پنجاب جي شير
لالا لجپتراءِ جو موت ٿيو هو. گانڌيجيءَ کان وٺي
ويندي ديش جي گهڻن ئي وڏن نندن اڳوانن، انگريز
وائسراءِ کي عرض معروض پئي ڪيا تہ هنن ٽنهي
ديش ڀڳتن جي موُت جي سزا ڦيرائي جنم ٽيپ ڪئي

شهيد ڀڳت سنگهه

سوريءَ جي چڙهيو سيج تي سالار ڀڳت سنگهه،
سردار ڀڳت سنگهه.
ڀارت جو ٻٽيو لاڏلو دلدار ڀڳت سنگهه،
سردار ڀڳت سنگهه.
هر جاءِ هندستان تي ماتم مچايو، ۽ نير وهايو،
هر دل تي ڇيو محب هو مختار ڀڳت سنگهه،
سردار ڀڳت سنگهه.
لاهور مان پهتو جڏهن دل سوز نياپو، هر جا ٿيو سياپو،
سورهيه هو سچو ديش جو سينگار ڀڳت سنگهه،
سردار ڀڳت سنگهه.
ڀارت جي جوانن جو اِهو روح روان هو، روشن ۽ عيان هو،
هر دل ۾ ڦِري گپت ٿو ديدار ڀڳت سنگهه،
سردار ڀڳت سنگهه.
ڦاسي جو سُٽي حڪم خوشيءَ ۾ نه سمايو، جڙ بود ۾ آيو،
ٿيو نور ۾ وڌ وير وفادار ڀڳت سنگهه،
سردار ڀڳت سنگهه.
ڀويون جو لکيو ڀيءُ ڏي هن شير چنو هو، ڪهڙو نه منو هو،
جنهن ۾ هو ڇنيو عشق جو اسرار ڀڳت سنگهه،
سردار ڀڳت سنگهه.

ڪراچيءَ جي اعتراضي هيڻ ۾ ڳايل

چاڙهه سوريءَ تي ستمگر! ٻر چنبا رت لال سان،
ديش ڀڳتن جي ٻچاڙي ڪر ڀيانڪ ڪال سان.
ڪر تباهي عام تون تيمور ۽ نادر مثال،
ڪوس قاتل ڪر ڀلي، پنهنجي چنگيزي چال سان.
پنهنجي وحشاڻي حوس ۾ ٿي انڌو ڪر قتل عام،
ڏي گڏي جوشِ جنون ۾ آسمانُ پاتال سان.
پنهنجي هڪڙي رت ڦڙي تان، خون جا دريا وهاءِ،
پنهنجي ڪوڏيءَ جي عِوض ۾ ڪر قيامت لعل سان.
مُرڪندي منصور جان، سوريءَ تي سِرُ چاڙهي هندي،
نعرو سوراجي اناالحق ماريندا خوش حال سان.
ٻوڳهه لائي آگ قرباني سوَن شيرن سندو،
شعلي زن ٿي ڀڙڪندي چوهي دڪايل! چال سان.

٢

سائي آتشي شعله اُجاڙيو تو چمن منهنجو،
چپائي ماهه آزادي کيءِ اوندهه صحن منهنجو،
ڏئي واڳون شڪاريءَ کي ڪيو بند تو دهن منهنجو،
نهيءَ فتنه اَنگيزيءَ سان، ڪندين شايد ڪفن منهنجو.
ڏنو ڀارت، جنم اهڙن مها يوڌن سرين کي،
ڀلائيندي نه هيءَ دنيا ڪڏهن•جن سوروِيرن کي.

٣

جڏهن شيرن جي ماتا جو غضب، قاتل! ٻپا ٿيندو،
ڏهن رک ياد! هر اِنسان ڏندين آڱريون ڏيندو.
ڏهن شينهڻ جو چنبو دشمن جي جان چيريندو،
ڏهن هي خون ايءِ ظالم! عجب لالاڻ لائيندو.
ڏهن افلاڪ تي طوفان جي تلوار نازل ٿي،
ڏهن ويندا اِشاري تي مڙيئي ڪافور بادل ٿي.

٤

ڏهن ڀارت جي شيرن جي فضا ۾ گرجنا ٿيندي،
دا جيءَ جيءَ، هزارن حاسدن جي دل ڪنبائيندي.
ڏهن آزادگي ديوي وري ڀارت اندر ايندي،
ڪايل، ديس جا ماتا مڙيئي درد ميٽيندي.
وانن ۾ اِهو اُتساهه ۽ سوداءُ پيدا ٿئي،
فظ آزادگيءَ وارو پليرو ڀاءُ پيدا ٿئي.

ڀارت جي ڌڪي پون ۾ ڪنبي ٿهرڪان ويئي، پيا روح ۾ ڪيئي،
هو سرس وِڏو سوز جو آثار ڀڳت سنگهه،
سردار ڀڳت سنگهه.

ڇا چنڊ جي چهري تي ٿئي لالاڻ لڪائي، جيئن ڦاسي ٿئي آئي،
مهتاب به ماتم سان ڪيو ڏار ڀڳت سنگهه،
سردار ڀڳت سنگهه.

نعرن جو دڪايل وڳو هرجاءِ نغارو، هو دردي نظارو،
ڳوڙهن جو ڳاڻ تي ٿيو ڦِري هار ڀڳت سنگهه،
سردار ڀڳت سنگهه.

اي آسمان!

وسائيندين اجا برسات خوني آسمان ڪيسين،
غلاميءَ ۾ اڙي صياد! رهندا بي زبان ڪيسين،
لهوُ قاتل! شهيدن جو اجا رهندو روان ڪيسين،
بهاريءَ کان اجا محروم رهندو بوستان ڪيسين؟
ٿهر تنهنجو وسي ڪيسين ڪندو برباد ڀارت کي،
ڀلائي ڪر، ڀلو ٿيندءِ، نه ڪر ناشاد ڀارت کي.

سِسِيون سورهن جون ڀلي ٽوڙ ٿون،
سَتمگر! هزارين مٿا ڦوڙ ٿون.
اڇي جو به آڏو، ڇرا ڇوڙ ٿون،
دکايل دلين ۾ خنجر کوڙ ٿون.
ٿون کر قتل ايڏو، او قاتل فرنگ!
جٿين خاڪ جو ٿئي ڦري سرخ رنگ!

•

سپاهيءَ جي دل

پلي ڏينم سختيون ستمگر! ڪٽي،
ڪندو پاڻ سچ جي حمايت ڏٽي.
مصيبت جي سر تي ڪا آئي بڻي،
تہ چوندس اِها ايشور ڪي وٽي،

مگر خوف، ڏَر، جان جي هول ڪان،
بهادر نہ ڦرندو ڪڏهن قول ڪان.
دکي ديش ڀومي وسارڻ ڏُکي،
مگر ڪين سختي سهارڻ ڏکي.
حياتي غلاميءَ ۾ گهارڻ ڏکي،
وطن تان نہ جندجان وارڻ ڏکي.
پلي ملڪ جي مان پلي لءِ مران،
مگر ڪين ڏيئي پٺي، گهر وران.
مرڻ جو نہ آهي اسانجو اُمنگ،
اَڙي! جيسين موجود گانڏي ملنگ.
وڃڻ ڪين ڏينداسين ناموس ننگ،
خوشيءَ سان پريندا سين تنهنجو ترنگ.
ڀڄڻ وُڙ نہ ڀارت جي اولاد جو،
جڙيل جنهنجو سِينو آ فولاد جو.

ڪمو بڻايو ويو. ڇوئا ڇوت مٽائڻ لاءِ گانڌي ڄيءَ جيل
منجهان هريجن اخبار ڪڍڻ شروع ڪئي. نتيجو
هو نڪتو جو ملڪ ۾ ڇوڌاري پٺتي پيل جاتين کي
آڳيرو ڪرڻ لاءِ هڪ زبردست آندولن جاري ٿيو.
اڇوت جاتين لاءِ مندرن جا دروازا کلڻ لڳا ۽ ٻيءَ
طرح ٻه هندو جاتيءَ پنهنجي هن وساريل ڀائرن کي
ياد ڪرڻ جو هرڪو حيلو هلائي کين مٿي ڪڍڻ جي
ڪوشش جاري رکي. هن هيٺ هريجن هلچل جا
ڪجهه گيت ڏجن ٿا.

گولميز ڪانفرنس ۾ جڏهن گانڌيجيءَ جي ڪوري
چيڪ ڏيڻ ڪانپوءِ به جناب جناح ۽ سنڌس ساٿين قومي
ايڪتا قائم ڪرڻ کان نابري واري، تڏهن چالاڪ
انگريز پنهنجو من مانيو آوارڊ پارٽ تي مڙهڻ چاهيو.
انهيءَ آوارڊ موجب نه رڳو مسلمانن کي جدا ڪيو ويو
پر پٺتي پيل هندن لاءِ به جدا چونڊ ڪن هيٺ بچاءَ
جو ڍونگ رچايو ويو. گانڌيجي انهيءَ وقت جيل ۾
هو. ليڪن انگريز جي چال هو پائي ويو ۽ انهيءَ چال
کان ملڪ کي بچائڻ لاءِ هن جيل ۾ مرڻ تائين اُپواس
رکيو. نيٺ ملڪ جا وڏا وڏا مدبر وچ ۾ پيا ۽ پٺتي پيلن
جي اڳوان شري امبيڊڪر کي جدا چونڊ ڪن گهرڻ
کان باز آندو ويو ۽ ائين انگريز جي چاليل چال کي

اَڇوت اُڌار

اوچ نيچ جو ڪر ستڪار،
ڌرم اسانجو اَڇوت اُڌار.
ڇوت ڇات جو بنڌن ٽوڙيو،
پڪش ڇڏي ڪجهہ پريتي جوڙيو.
جنهن مان جات جي ٿئي جئڪار - ڌرم ......
اوچ نيچ جو ڀيد نہ گهرجي،
دور دور جو ڪيد نہ گهرجي.
ملڪ ۾ آندو جنهن انڌڪار - ڌرم ......
جيسين اُنهن جو داد نہ ٿيندو،
ملڪ منو آزاد نہ ٿيندو.
ڀارتواسي راهہ سنڀار - ڌرم ......
اُٿو ٽڪاڻا مندر کوليو،
ڀارت ماتا جي جيءُ بوليو.
بند نہ گهرجي هري دُئار - ڌرم ......
جڏهن دڪايل! غير ڪديو سين،
ڇوت ڇات جو قير ڪديو سين.
ٿيندو ديس جو بيڙو پار - ڌرم ......

هريجن

شال هندو قوم جو وارو وري،
جا اَڇوتن کي سڏي پنهنجو ڪري.
غرق ٿيو غوراب هندو قوم جو،
پڇ گنگا ۾ سندس ٻيڙو تري.
جي سندس هڏ ماس ۽ رت مان ٺهيا،
ڪين پنهنجن کي ڪڍي ٻيهر پري.
جنهجي گردن تي وهائي اُن ڇري،
هاڻي تنهن تي رحم جا هنڙا ڏري.
جنهن جا ڪاڏا رام جونا ٻير ٿئي،
پنهنجو هردو تنهن جي ڀڳتيءَ سان ڀري.

تنهنجي لءِ چا چا نه ڪيائين،
جيل منجهان اخبار ڪڍيائين.
تپَ تپ تي پرچار - هريجن پارت ۾......
مندر مڙهيون خوب ڪلن ٿا،
هندو - هريجن رلن ملن ٿا.
پار پئي هند ڪار - هريجن پارت ۾......
ديس دڪايل جاڳيو آهي،
هٿ ڌرم ڪي تياڳيو آهي.
جوڙي رام سان پيار - هريجن پارت ۾......

اوچ نيچ نه ڪپي

اوچ جو ۽ نيچ جو تو وٽ نه جي آ پيد ڪو،
پو پلا سنتان تنهنجيءَ هي تفاوت ڇو رکيو؟
ڪهڙا ڪهڙا ظلم آهن اڇ اڇوتن جي مٿان،
مُهر مندر ني ۽ بندش آهه کوهن جي مٿان!
نسل تنهنجي تي قري ٿي روز شب تيغِ الم،
چانئجي ويو اچ هريجن سِرَ تي ابر رنج و غم.

هريجن جاڳ

تنهنجي جڳ جڳڪار هريجن ڀارت ۾.
ڀـــارت ۾ ڀـــارت ۾- تنهنجي جڳ ....
رام ڳلي سان توکي لاتو،
گوتم توسان جوڙيو ناتو.
تياڳي راڄ اڌ ڪار- هريجن ڀارت ۾......
وقت پڇاڙيءَ نانڪ آيو،
جنهن ايڪي جو ناد وڄايو.
ڳايو ست ڪرتار- هريجن ڀارت ۾......
سوامي ديانند پاڙ پٽوڙيو،
نيڀن ۾ اِهو نيم به جوڙيو.
آوشڪ دلت اُڌار- هريجن ڀارت ۾......
ڪيڏو گانڌيءَ ڪشٽ اُٺايو،
آخر پونا پئڪٽ بڻايو.
ٺاب پيو ويچار- هريجن ڀارت ۾......
ڀارت جو سردار پيارو،
تنهنجو بڻجي پيو رکوارو.
مرڻ گهڙيءَ لءِ تيار- هريجن ڀارت ۾......
ايڪيهه ڏينهن اُپواس رکيائين،
ڪڏهن نه پاڻجي انُ چکيائين.
ڪيڏو وڏو اُپڪار! هريجن ڀارت ۾......

گانڌي- ارون پئڪٽ کان پوءِ ١٩٣٠ واري ستياگرهه هلچل مارچ ١٩٣١ع ۾ ختم ٿي. سڀ راجنيتي قيدي آزاد ڪيا ويا. اُنهيءَ کانپوءِ سڄي ملڪ ۾ هڪ قسم جي آشا جاڳي ته هاڻي ڀارت جي آزاديءَ بابت ڪجهه مڙيوئي ٿيندو.

انگريز سرڪار لنڊن ۾ ٻي گولميز ڪانفرنس ڪوٺائڻ جي پڌرائي ڪئي ۽ ڪانگريس سان انهيءَ باري ۾ ڳالهيون شروع ٿيون. لارڊ ارون توڙي ٻين ملڪي مدبرن جي ڪوشش نيٺ هٽي هنڌ ڪيو ۽ ڪانگريس جي پاران آخر مهاتما گانڌي گولميز ڪانفرنس ۾ شامل ٿيڻ لاءِ سملي کان خاص ٽرين ۾ بمبئيءَ پهتو، جتان آگسٽ جي پڇاڙيءَ ۾ لنڊن روانو ٿي ويو.

اي پنت پاون! پنت تاري اچي ڪر ڪو اُڌار،
سڀِ مان پيڙو اَڇوتن جو ڪيڍِي، لائج ڪنار.
اڄ اَڇوتن کي ڏسي ٿي بد نگاهن سان سماج،
ويا ڦِري هندن جي هن رخ کان سندن رسمون رواج.
سڌ اَڇوتن جو سٽي، اڄ پوُنءِ پارت تي وري،
جوت جاڳائيندي موهن! تنهنجي پوري بانسري!

سوروير سئنناني شري جيرامداس دولت رام به انهيءَ مهل ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ٻين ميمبرن سان گڏ جهليو ويو. اُنهيءَ ڪانپوءِ ته سڄي ملڪ ۾ مکيه ڪم ڪندڙن جون عام گرفتاريون شروع ٿي ويئون. سنڌ ۾ به سوين ڪم ڪندڙ ٨ جنوريءَ ڌاري گرفتار ڪري جدا جدا جيلن ۾ نظربند ڪيا ويا. لارڊ ولنگڊن انگلنڊ منجهان اصل فيصلو ڪري آيو هو ته، وڃڻ شرط اِنهن ڪانگريسين کي ڏينهن جا تارا وجهي ڏيکاريندس، اِهو وقت ڪانگريسين لاءِ به هڪ وڏي امتحان جو وقت هو. ڪيڏيون نه وڏيون وڏيون سزائون اُنهيءَ وقت مليون ڪم ڪندڙن کي. هن عرصي ۾ جيل ۾ ئي گهڻو ننڍو لڪڻ جو وقت مليو. هن پرڪرڻ ۾ گهڻن ئي قسمن جا گيت ڏنا ويا آهن. هريجن هلچل به هن عرصي ۾ شروع ٿي. گانڌيجيءَ جيڪو جيل ۾ پراڻ تياڳ ورت رکيو تنهن دنيا ڀر ۾ هيسايل ملڪ ۾ جڻ نئين جان وجهي ڇڏي. اچو ته هڪ ڀيرو وري اڳيون يادگيريون تازيون ڪريون.

ساڻس گڏ پنڊت مدن موهن مالويہ، شريمتي سروجني نئڊو ۽ مهاديو ديسائي بہ ساڳئي جهاز ۾ روانا ٿيا.

انهيءَ وچ ۾ انگريز سرڪار لارڊ ارون کي لنڊن گهرائي ورتو ۽ سندس جاءِ تي لارڊ ولنگڊن کي هندستان جو وائسراءِ بڻائي موڪلي ڇڏيو. هن اچڻ سان ملڪ ۾ دٻاءُ شروع ڪري ڇڏيو. اُتر پرديش، بنگال توڙي سرحدي پرڳڻي ۾ جيڪي ڪسانن وغيره جون هلچلون هلي رهيون هيون، انهن کي نگهوسار ڪرڻ لاءِ خاص آرڊيننس جاري ڪري، اڳوانن جون گرفتاريون ڪيون ويئون. ڏاريءَ سرڪار جي هن قسم جي قدمن پنڊت نهرو توڙي ٻين نيتائن کي سخت بي آرام بڻايو. سرحد ۾ خان بادشاهہ توڙي خانصاحب کي گرفتار ڪيو ويو ۽ اُتر پرديش ۾ بمبئي ويندي ڊسيمبر جي پڇاڙيءَ ۾ پنڊت نهروءَ کي هڪ ننڍڙي سٽيشن تي ٽرين ڀاري گرفتار ڪيو ويو. ڪٿي ڇنڊڇي نہ ائين آزاديءَ جي لڙائيءَ جو ٻيون دؤر شروع ٿي ويو. بمبئيءَ ۾ مهاتما گانڌي ۽ ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن کي جنوريءَ جي پهرئين هفتي ۾ گرفتار ڪري، ڪنهن نامعلوم هنڌ ڏانهن نيو ويو. سنڌ جو

سينن کي ستمگر! اسين فولاد ڪنداسين،
آزاد ڪنداسين.
ڀارت جا ڀڳل ڀونگڙا ويران ڪرايو،
گهر گهر کي لٽايو.
جي فرش ويو گهر عرش تي ايجاد ڪنداسين،
آزاد ڪنداسين.
قانون قهر سان جي. ڪيوَ بند زباني،
ٿي ظلم جا باني.
ڇيري هي گلو، ڇيت سان فرياد ڪنداسين،
آزاد ڪنداسين.
ورثي ۾ ڇڏينداسين نه پوين لءِ غلامي،
هي مرض مداميِ.
هن ڪوڙهه ۾ ڪمزور نه اولاد ڪنداسين،
آزاد ڪنداسين.
مستن جان محبت مان مٿي مُنهن سان مَر ڪندي،
سوريءَ تي لڙڪندي.
ڀارت جي ستنترتا اسين ياد ڪنداسين،
آزاد ڪنداسين.
ڀُٽنان بچاون جو تو، بوتو جو بڻايو،
۽ سانگ سٽايو.

آزاد ڪنداسين

(١٩٣٢)

مرنداسين مگر ملڪ کي آباد ڪنداسين،
آزاد ڪنداسين.
ڀارت کي نئين زندگي امداد ڪنداسين،
آزاد ڪنداسين.
گلزار وطن لاءِ ڏئي پاڻ هڏن جو،
۽ خون بدن جو.
سرسبز چمن هند جو شمشاد ڪنداسين،
آزاد ڪنداسين.
بم گولا هوا مان جي جهازن تان هلايو،
بارود وسايو.

جا آگ اُٿي آهه دکايل! نه اُجهامي،
هرگز نه وسامي.
ان آگ سان آزادگي ارشاد کنداسين،
آزاد کنداسين.

هندستاني نه هَٽُ!

هٽ هندستاني نه تون باقي قدم آهن به چار،
جي هنئين هاڻي نه پڇتائيندين پيو ساري جمار.
ڏس نه کيڏو پنڌ هنيون تو منزلِ مقصود تي،
جنهن ۾ آهن وجي سوڙهـا ٿيا بياسي هزار!
چوٽ تي پهچي ڪِرڻُ معنيٰ پيانڪ موت آهه،
ضرب زهريءَ ساڻ پيٽو آهه پنهنجو کنڌ ڪپار.
دوُد دانهن جو وجي آهي ستارن تي رسيو،
تنهنجي آنهن جو چڙهيل آڪاس ۾ آهي غبار.
تنهنجي ماتم تي متو ماتام دنيا جي اندر؛
چارسوُ ماتام پرسيءَ جي پَئي آهي پڪار.
بهشڪاري باهه تنهنجي پڙڪندي مغرب رَسي،
جنهن ولائت ۾ ڪيا ڪيئي لکين بي روزگار.

تنهنجون سي رِتون رهزني برباد ڪنداسين،
آزاد ڪنداسين.
دنيا جي اکين ۾ جا وجهڻ ڌوڙ ٿو چاهين؛
ڪاميٽيون ٿو ٺاهين!
سارو هي سٽيل ساسلو افراد ڪنداسين،
آزاد ڪنداسين.
جنهن لاءِ تون حيران، سو لشڪر ۽ خزانو،
ڇڏ، ٿيءُ روانو.
محڪم نہ سنڌ ۽ هند ۾ بنياد ڪنداسين،
آزاد ڪنداسين.
جن قوم فروشن تي سچو آهہ تو پاڙيو،
ڪاپار تي چاڙهيو.
تن جرن بہ دليون درد ۾ ناشاد ڪنداسين،
آزاد ڪنداسين.
نئين آهہ دنيا لاءِ اهنسا جي لڙائي،
گانڌيءَ جا لڳائي.
تنهن سان ٿي دکي ديس سند و داد ڪنداسين،
آزاد ڪنداسين.

جيل اُماڻن ڦاسيءَ چاڙهن،
يا لوڙهين جا ڪن وسڪار.
شير بهادر رهو تيار- سهنداسون ....
ستر ڪروڙ پُڄائن آڏو؛
ست جهليندي ڇا سرڪار.
شير بهادر رهو تيار- سهنداسون ....
آهي ستيا جي سوڀ سراسر،
آتم بل جي جيءَ جئڪار.
شير بهادر رهو تيار- سهنداسون ....
جاڳ دکايل! جاڳڻ گهرجي،
ڇڏ غفلت ۽ ٿيءُ هوشيار.
شير بهادر رهو تيار- سهنداسون ....

سچ پچ مٿي ويا؟

ٿي فغان هرسوُ تہ هندستان وارا ويا مِٿي؛
شان بڻجي غير جو؛ خود شان وارا ويا مٿي!
ڍ وِنديو نيشان تنجا پنهنجي محلن جي قريب،
ڏينهن ٻن جي ڳالھ آ بلقان وارا ويا مٿي!

ٿيا ڪٿڪ زالن جا گڏ، دررتي يرودا جيل جي،
ٿلڪ سوراجي هٿن ۾ دل ۾ گانڌيءَ جي سنپار.
تنهنجي دردن ۾ دکايل! ٿي لذت پيدا عجيب،
تنهنجي سورن جي اندر سوراج جي آهي سنار.

پرتگيا

سختيون نہ سهنداسون ڪيڻ بنا،
ڪڇ ورندوئي ڪين، ڪرڻ بنا.
شير بهادر، رهو تيار،
ڪرم زمانو ٿيو نروار.
ڪرڙيءَ ڪالي آزاديءَ جي گهري پيالي ٿي تمنار.
شير بهادر رهو تيار- سهنداسون ....
ملڪ جي خاطر هر قرباني،
آهہ مناسب ۽ درڪار.
شير بهادر رهو تيار- سهنداسون ....
بيڌڙڪيءَ سان ڇاتيون کوليو!
توب اچي توڙي تلوار.
شير بهادر رهو تيار- سهنداسون ....

قائم نہ جاڻ، آخر چن-پنگر هي زمانو،
سنسار کي ڏي سونپي، جيوت جو خود خزانو.
توکي نہ پنهنجي جيوت تي ڪوبہ حق اي ڀارت!
ماتا جي آھہ ڀيٽا، شاهد فلڪ، اي ڀارت!

٣

سيني ۾ ذار دل ۽ دل ۾ هزار همت،
لرزش جگر ۾ جاڳي، جبري جرار همت.
تنهنجو فخر کان گردن اونچو رهي سدائين،
سنتان سورهن جي ڀارت سپوت آهين!

٤

دنيا ۾ روز روشن پرستہ مکان منهنجو،
چؤ! فخر سان ”مان هندي، هندوستان منهنجو.“
مونکي هزار پنهنجي قسمت تي ناز آهي،
ڀارت جو خون آهيان، دل سرفراز آهي.
ودوان، بي علم، ڀل ڪمزور يا بهادر،
هندي سپوت هرڪو منهنجو سڳو برادر.

٥

لِيڙون پاتي لِڱن تي ڀارت جا لعل پائين،
خاني بدوش ٿي پل جهنگل وچي وسائين.
ليڪن تون پاڻ تونگر، مسڪين جو سڏائين!
برهمڻ، اڇوت کي پڻ خوش ٿي گلي لڳائين.

تہ اُڏي چوڏر ھوا ۾، غافلو! جاڳي ڏسو،
آسمانن سان سِرُ ھڻي يونان وارا ويا مٽي.
چو ٿا غيرت جي عمارت کي ڌُنالين سان ڇُٽيو؛
چوٽ سان ڇيپاٽجي سومان وارا ويا مٽي.
ايءِ دکايل! پاڻ تي افسوس ڪرڻو آ ضرور،
جوش سان لڙندي ڏرم ايمان وارا ويا مٽي!

جاڳ ڀارت

ڀارت! مٽان ڀُلائين، ويرن جا ڪارناما،
ارجن ۽ ڀيم جھڙا، ڪرشن ڀڳت سڏاما.
سيتا، ستي، دمنتي، انسويا، درگا پاريون،
ڪھڙيون نہ تو نپايون، ماتا! مھان ناريون.
تَپسي ڀڳوان تنھنجو، ڪيلاس جنھن جو مندر،
اُما-پتي، او ڀارت! ديوَن جو ديوُ شنڪر.

٢

ڀارت! مٽان ڀُلائين ريت و رسم انادي،
عشرت جي لاءِ ناھي پوتر سنبنڌ شادي.
شخصي خوشيءَ جي خاطر، پلجي مٽان اُڏائين؛
سڦلي اُھا، جا دولت اُپڪار ۾ لڳائين.

پڪار

مصيبت پاڳ منهنجي سان لڳائي ڪا لڙائي آهه،
بلا بڇڙي سندم سِرَ تي سا بيدرديءَ سان آئي آهه،
غريبي ساري دنيا جي منهنجي گهر ۾ سمائي آهه،
هيءَ آهي آپدا تنهنجي، يا ڪرمن جي ڪچائي آهه؟
نبل سنتان اڄ منهنجو، رُکي ٽڪري لءِ روئي ٿو،
اُٿڻ سان نيڻ نيراٽا، نِچوئي ٿو نچوئي ٿو!

٢

تون جاڻين ٿو ته هڪ سر جي سراسر ڇا ڪمائي آهه،
ڏهاڙي ڏيڍ آنو ڪن، عجب جهڙي سُجهائي آهه!
هزارين دربدر ڀڄڙا، مَٽي تي چارپائي آهه،
گذاري گاهه تي اڄ ڪن ڏکي ويلا ٽپائي آهه!
ڀلعي پارت کي بس چوڌر غريبيءَ جوئي گهيرو آهه،
منهنجي قسمت ۾ اي داتا! انڌيرو آ انڌيرو آهه.

٣

ديا تنهنجي، پتا! منهنجي غريبيءَ کي مٽائيندي،
ڀٽي پارس سموري لوهه کي سونو بڻائيندي.
ديا تنهنجي، منهنجي سنتان جو ڏکڙو گهٽائيندي،
سُتل پارت، وري پڳون! جڳائيندي جڳائيندي.

٦

ننڍپڻ جو آهه پينگهو، جوانيءَ جو باغ ڀارت،
پوڙهپ جو آسرو ۽ روشن چراغ ڀارت.
جنهن ۾ پلو آ تنهنجو، تنهن ۾ سندم پلائي،
تنهنجي پڳوان سان مون ڀارت! لڳن لڳائي.

٧

ٻانهن ۾ ٻل ٻُڌي ڏي، او لازوال ماتا!
سيني ۾ شير جي دل، جاهه و جلال ماتا!
شڪتي قوت جو جنني! اڻ ڪُت ڀنڊار آهين،
ڀڳتي ڀريل دلين جو جنسي قرار آهين.
پنهنجي ٻچي جو ماتا! ڪانئر پٽو هري ڏس:
دل ۾، جڳت ڀواني! بس ويِر-رسُ ڀري ڏس!
مرندي به اي دکايل! شل دل ۾ ڏيان ڏاريان،
ڀارت ڀواني تنهنجو منتر مِنو اُچاريان.

نوٽ:- ١٩٣٢ جي ستياگرهه واري زماني ۾ حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ هوس، هي مٿيون شعر اُتي ئي لکيو هيم. رچنا، سوامي وويڪانندجي هڪ انگريزي ڪوتا جي آڌار تي ڪئي ويئي آهي.

انتظاري، بيقراري، آهہ زاري پڻ ل هجي، منهنجي آنسن لاءِ آزاديءَ جو دامانُ رهڻ ڏيو. بـي رحم! آزادگيءَ ڌاران دکايل، جي صدا منهنجي هرهڪ تار ۾ هڪ تير پنهانُ رهڻ ڏيو.

اي فرنگي

مغرور تيءَ نہ لشڪر و تير و تفنگ تي،
آهي زمانو ڪين سدا هڪ رنگ تي.
موقعو ماٻو جي ملڪ کي گردش ايام جو،
پٿرن تان پاڙهي ڪجي پوند و پلنگ تي.
گرداب انقلاب جو يا دوُر چرخ جو،
موقوف صلح تي نہ آ موقوف جنگ تي.
هرشيءِ کي لوڙهي ٿو چڙهي دريا انقلاب،
جنهن جو مدار ٿو رهي دل جي اُمنگ تي.
اڄ انقلاب ۾ آ دکايل! فلڪ، مگر،
غالب ڪڏهن هو هند جو ڏاڪو فرنگ تي.

سڪن جو ڪو سمو منهنجي لڪيل قسمت ۾ ناهي ڇا؟
سچي آزادگي مونکي ملبل قدرت کان ناهي ڇا؟

۴

منهنجي سنتان پنهنجو پاڻ کي خود آهه ٻيڙايو،
غلاميءَ جو پٽر پنهنجي مٿان تن پاڻ ڪيرايو؛
غلاميءَ جي دڪايل! بند ۾ تن پاڻ ڦاسايو،
غلاميءَ ۾ گذاريندي شرم تن کي نه ڪو آيو!
نه قسمت تي رکڻ گهرجي، کپي اڄ تي اورچائي،
دنيا ۾ ڪين بزدل آ ڪڏهن آزادگي پائي.

رهڻ ڏيو

دام ۾ صياد جي منهنجو گريبانُ رهڻ ڏيو،
منهنجي سر تي رنج و غم جو سخت طوفانُ رهڻ ڏيو.
ديس شيوا جيڪڏهن اڄ ڪاهه گناهه آهي عظيم،
شوق سان زنجير منهنجي لاءِ زندانُ رهڻ ڏيو.
سيڪڙين ارمان منهنجي لءِ هزارين حسرتون،
عشق ۾ آزادگيءَ جي سور سامانُ رهڻ ڏيو.
آرزو آزادگيءَ ۾ پل سوين سختيون اچن،
ڪوهه ڪن فرهاد، مجنونءَ لءِ بيابانُ رهڻ ڏيو.

مسافر! هل اڳتي

موتي ڪرڻ نه ميار مسافر! هل اڳتي.
همت مور نه هار مسافر! هل اڳتي.

آئين ڪيڏي منزل جهاڳي،
روڪيءَ ڪهڙي وهم نياڳي؟
پنڌ تي ڪين نهار، مسافر! هل اڳتي.

ساٿ سڄو ٿو اڳتي ڪاهي،
توکي آخر ٿيو ڇا آهي؟
مقصد ڪين وسار، مسافر! هل اڳتي.

وجهه مقصد ڏي قدم ڪرارو،
موٽڻ جاڻ نه مصلحت وارو.
ناحق ٿيندين خوار، مسافر! هل اڳتي.

هلندي هلندي جي دم ڏيندين،
هڪ سرتن ۾ سرهو ٿيندين.
ساک ڪندءِ سنسار، مسافر! هل اڳتي.

رسندين پر جي ماڳ مسافر!
ماڻيندين سک سَرس سراسر.
لَهندءِ ٿَڪ هزار، مسافر! هل اڳتي.

ميدانِ عمل

هندواسي! اُٿ عمل وارو سڏي ميدان ٿو،
زندگيءَ جي وڻ کي لوڏي دهشتي طوفان ٿو.

ٿيو شروع سختيءِ جي مڪتب ۾ وطن جو اِمتحان،
جنهن نتيجي ڏي ڏسي اڄ عام و خاص جهان ٿو.

ديش جي آسودگيءَ جو وقت اُٿ، آهي قريب،
توکي غفلت ۾ ڏسي هرڪو ڪري ارمان ٿو.

ملڪ مادر ٿي غريبي ڇيڇڙي ۾ پيڙجي،
تون سڏائين پاڻکي ليڪن بهادر خان ٿو!

ويرنا راڻي ڇڏي ڇو ساک بانهيءَ ڏي پڇين؟
قدردانيءَ جو وڻ سستو گهرين سامان ٿو.

ملڪي محبت قومي غيرت جي ڪپي ٿي ثابتي،
سرخرو ٿئي سو دکايل، جو ٿئي قربان ٿو.

باندر سئنا! هو هو ......

هنومان جي آهي چڙهائي،
باندر سئنا آئي آئي - هنومان ....
آهنسا جي جنگ ڪنداسين،
انگريزن کي تنگ ڪنداسين.
سوراجين جي سوپ سدائي.
باندر سئنا آئي آئي - هنومان ....
ٻارن ۾ پڻ هوش اُٿيو آ،
ملڪ مٿي لاءِ جوش اُٿيو آ.
ڪانگريس جي سڦل ڪمائي.
باندر سئنا آئي آئي - هنومان ....
گهر گهر تي اڄ ڏرڙو آهي،
ٻيڙ لڱن گڏ ڪرڙو آهي،
ڪيڏو وديشي وستر مائي!
باندر سئنا آئي آئي - هنومان ....
ڪپڙو ڪي نه جيسين ڏيندا،
باندر پيڇو ڪين ڇڏيندا.
پرديسين جي نهندي ڪائي.
باندر سئنا آئي آئي - هنومان ....

مردن آڏو آتڪ نہ ڪائي،
جهنگ جبل جي ناهہ ڏکيائي.
گل ڦل ڄاڻي خار، مسافر! هل اڳتي.
ڪر تون بدڪايل همت هادي،
مقصد تنهنجو هڪ آزادي.
پنڌڪري پڄ پار، مسافر هل اڳتي.

گل جي چاهنا

چاهہُ ناهي شهنشاهي تاج جو سينگار ٿيان،
ڪنهن سُڏا بالا جي سندرتا سندو آڌار ٿيان.
چاهہ ناهي ديوديوءَ جي گلي جو هار ٿيان،
مات گنگا جي تکي پرواهہ ۾ پروار ٿيان.
هل، هلي مالهي! مگر مونکي اُٿي ڌر چاهہ سان،
ديش سيوڪ سر ڪٽائڻ ٿا وڃن جنهن راهہ تان.
پنڪڙي پيرن ۾ هرڪا پيسجي پل خاڪ ٿئي،
۽ اُڏامي جيئَن سڄي سنسار کي خوشبوءِ ڏئي.
اي دڪايل! جي اسان ۾ پاؤ گل جو ٿئي عيان،
مبتلا پوءِ ڇو غلاميءَ ۾ رهي ڀارت اچان.

قيد جي ڪشٽن مان ايندي خود بخود آزادگي،
۽ ڪندا هي ڪشٽ آسان منزلِ دشوار کي.
ناهه آزاديءَ جي ديواني لءِ مشڪل بات ڪا،
شوق آزادي دکايل حل ڪندو هرڪار کي.

قومي سپاهيءَ جو اِقرار

هلبو هزار پيرا سندو بڌي سر ۾،
ويهڻ اسانکي واجب گهونگهٽ ڏي کي نه گهر ۾.
آهيون اَهنساوادي ستياگرهه جا عادي،
ٿيو اِشٽ آ آزادي لوڏن پيري لهر ۾.
سختي ۽ سُور سَهڻو قابو قدم تي رهڻو،
موٽڻ اسانکي مهڻو، سوراج جي سفر ۾.
ڀارت جا فرد آهيون ميدانَ جا مرد آهيون،
تصوير درد آهيون ڪافي نِپُڻُ صبر ۾.
قاتل ٿون وار ڪر پيل هڪ ڇا هزار ڪر پيل،
گولين جي مار ڪر پيل تيزي اچي ٽبر ۾.

سوراجين جي پڪار

عاجز ٿيندا عاجز ٿيندا، آخر ڏيندا آڻ ميبندا،
باندر پنهنجو پُڇ لوڏيندا، پڇي ويندا پڇي ويندا.
هندستاني لاهي پاهي، ڏيندا راڄ سندن هي ڊاهي،
پيرين پوندا پاڻهي ڏيندا، آخر ڏيندا آڻ ميبندا.
بهشڪار وارو بم گولو، وجهندو گورن جي گهر رولو،
لئنڪشائر کي لوڏا ايندا، آخر ڏيندا آڻ ميبندا.
هندستان مان هڃي ويندا، بارئين بچئين پڇي ويندا،
ساهي وڃي گهر پٽيندا، آخر ڏيندا آڻ ميبندا.
ڦاٽي واتَ وزيرن پوندا، لنڊن وارا پاڻ پٽيندا،
روئي روئي رڃ پريندا، آخر ڏيندا آڻ ميبندا.
باروت خانا ويڙهي ويندا، لشڪر پنهنجا ريڙهي ويندا،
ليپو پائي لنڊن ويندا، آخر ڏيندا آڻ ميبندا.

عهد

ملڪ مادر سان وفا آزادگيءَ جي پيار کي،
ڏوهه جي آندو دفعي ۾ آهه جس سرڪار کي.
قيد، بيڙين يا چڪيءَ مُڇَ جو نه موکي خيال آهه،
پل هڏن منهنجن تي ظالم! تيز ڪر تلوار کي.

محبِ وطن!

مرڪندا محبِ وطن ايندا مـڙي ميدان تي،
ملڪ لءِ لڙندي مرڻ آ فرض هر اِنسان تي.
سؤ اُميدون منهنجون آهن، هند جي سنتان ۾،
ڪين لائڻ ڪو تِڪو ڏيندا رشين جي شان تي.
آدرش تـي ٿوڙ تـاءِ شال پختا ٿـي رهن،
مر نہ لڙندي جا اچي سهندا مصيبت جان تي.
ترت آزاديءَ جي بوٽي کي رسائن اوُج تي،
شل شهيدي خون جا قطرا ڪِري ويران تي.
اوُچ پدوي چون نہ پائيندا مرن جي ملڪ لءِ،
آهہ تن لءِ جاءِ بيشڪ عرش جي استان تي.
ظلم جي تلوار سامهون سـر سدا اوچو رکي،
مرد پائيندا فتح هـن ظلم جي زنـدان تي.
ڪوئذرن ۾ شال پيدا قوميت جو پاءُ ٿئي،
اهنسا جي تيغ سان لڙندي مرن ايمان تي.
صل ڪان آهي دکايل، جي فقط هيءَ آرزوُ،
اش منهنجو شـل ڪڏهن آزاد هندستان تي.

رَتَ جو درياھ وَهندو، ڀارت لتاڙي لهندو،
سڙهه سلطنت جو سهندو ڪيئَن هي ستون ٻَڌر ۾؟
شمشير سان قاتل ڀل ڪر هزار گهايل،
سينَنِ جي پر دڪايل ايندي نه ڀال ڏر ۾.

قومي پروانو

رهي ٿا وڃن دل ۾ ارمان چند،
چڙيا ڇو هي قاتل گريبان چند.
ترارين جي تيزي ۽ ٿؤ ويو هابيو؟
مرڻ لاءِ ماندا اچا جوان چند.
لڪن نؤجوانن ڀريا جيل خوب،
چڙيا ڪين خالي ڪي زندان چند،
ڪيا تو لکين خانا برباد ڏس!
بچيا ڪين تن جا ڪي نيشان چند.
شمع ملڪ تي ڪي پڇي ڍير ٿيا،
پڇڻ لءِ اچا ٻيا به پروانه چند.
دڪايل، ٿڌهن ٿيندو آزاد ديس،
جڏهن مرڪي ڏيندا ٻليدان چند.

بٺي پيرا وچي انگلنڊ لڏاي ڏن غريبن جو،
مگر هاڻي ڇڏي ٽوڪي سڄو ٽيو ڪافلو رخصت.
اُڏائڻ ملڪ جي پئسي ۾ تو ڄڻ فخر ٿئي ورتو،
شرم ۽ رنج جو باعث ٿي ليڪن قوم جي خدمت.
اَڙي! جنهن جي پلي خاطر ڪيو تو ناس گهر پنهنجو،
اُنهيءَ قاتل پلا تنهنجو ڪيو ڪهڙو قدر قيمت؟
نرادر جي ڳري نوڪر اوهان ۾ شال آڻيندي،
وصيعت ۾ ملبو وڏڙن ڪان جو سومان ۽ غيرت.
دکايل دل ۾ ڪن جي رهجي ويو ارمان لنڊن جو،
پڇاڙيءَ ۾ نه ساڻن ڪا وفاداري ڪئي قسمت.

لارڊ ولنگڊن

١٩٣٢

ظاهر ڪندي ولنگڊن ڦوليو ٿي سمايو،
ڪيئن ڪانگريس آخر گردن اَچي جهڪايو.
تيسين ڇڏيان نه تنهنجو هڪڙو به آءٌ، ساٿي،
ٿالو ستياگرهه ڪي جيسين نه تو لڳايو.
قانون اي دکايل! منسوخ ڪين ٿيندا،
گانڌيءَ کي لاٽ ڪان اچ اهڙو جواب آيو.

جنتا جو ڳائو

نيشان لاءِ ظالم! سينا سدا ڪنداسين،
آنهن سان اي ستمگر! محشر بپا ڪنداسين.
تيغِ ستم هلي ٿي هر روز تيز تنهنجي،
هن حال ۾ اي قاتل! ڪيسين وفا ڪنداسين.
روٽي نہ آ ميسر پوري جي پيٽ خاطر؛
خالي اي خانصاحب! عزت ڪي چا ڪنداسين.
ٿيندي شهيد نڪتي جيڪس صدا اندر مان،
آزاد ٿئي وطن شل، اهڙي دعا ڪنداسين.
ڏيندا ڪڏي دکايل! پنهنجا ٻچا خوشيءَ سان،
سر مادرِ وطن تان پنهنجو فدا ڪنداسين.

ڀهرئين رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس ڪان پوءِ

(١٩٣١)

ڪيم نرمن جي نيتا سان وڃي آخر اعزا پرسي
سهڻ بيشڪ ڏکي آهي فرنگين جي اِها حرڪت
ويا ڀهرئين جي، تن مان ڪي وڃي ويا ڪي رهائي ويا
لڙائڻ پاڻ ۾ پائر اصل انگريز جي عادت

۴

هٿيار اچا جنگ جا تيسين نہ ڇوڙبا،
جيسين نہ صلح جا ڪي پڪا شرط جوڙبا،
خيما ستياگرهہ جا نئين سر ٿـي کوڙبا،
خود ختم ٿيون پر ملڪ سان ناتا نہ توڙبا،
هارڻ ڪان دکايل کي پسند آهہ شهادت.

۵

گانڌيءَ جو ستيا روپي سپر مور نہ کِتبو،
هي تيج اهنسا جو ڪڏهن گهٽجي نہ گهٽبو.
سوهان تان صدقي ڪري سِر ساهہ کي سٽبو،
ليڪن نہ سمر-ڀوم مان هڪ پير بہ هٽبو.
موٽي ڇڏي ميدان تنهن موذيءَ تي ملامت.

۶

يا ملڪ کـي آزاد ڪبو يا متي مربو،
ليڪن ٿي نہ پٺ ڀِيت قدم پوئتي پربو.
خوش ٿي هي جگر جان جلادن اڳيان ڌربو،
پرهار مهي جيل مان گهر ڪين کي وربو.
ڀارت ۾ ڏبو رهڻ نـہ هي راج سلامت.

انگريز جي عقل تي حيرت دنيا ٿي ڪائي؛
اُلٽو ٿو ڀري واري ڪي چورُ ڏس، دٻائي!
جنهن جي مٿان ٻوي ٿو دنيا ۾ لعنتاڙو،
سنسار ۾ سو سياڻو صاحب عقل سڏائي!
افسوس اي دڪايل! آڪڙ ۾ ڦونڊ ٻرجي،
ٻاپوءَ جي مهرباني سرڪار ٿي ڀلائي.

۲

فتوئا جا ڏئي تو ڇڏي گانڌيءَ جي ٻنسبت،
تنهنجي نہ اسانکي آ ذرو ڪابہ ضرورت.
آهيون اسين دل جانِ سان گانڌيءَ جا پُجاري،
تقرير اثر ڪين ڪندي تنهنجي ڪا پنڊت.
انصاف اوهانجا ٻہ وجائڻ ڪان مٿي ٿيا،
واهہ، هارسان پيٽنبو ٿا هي ٻاپوءَ جي سخاوت.

۳

آئي نہ عمل ۾ گــرِ قيدين جي رهائي،
گونجي اُٿي آڪاس ۾ ائني جي صدائي.
جي ڪين گورمينٽ سِڏي ٻير تي آئي،
بس بعد ڇهين هفتي شروع آهہ لڙائي.
اڙنداسين اسين، جيسين رِها ٿيندو نہ ڀارت.

عطا قدرت ڪئي تو تي نندي کان ذات لاثاني،
لقائي بي بها طبيعت ماي ۽ قدرت کان عادت ۾.
نرالو تو وجي واجو سندءِ نالي ۽ چالي جو،
هنيلن کي بہ همت سان وڏو تو وير حسرت ۾.
رهائي ديس پائيندو سندءِ آزاد خياليءَ کان،
وري ٿيندو، دکايل! ديس اڳوڻي پنهنجي عظمت ۾.
نوٽ:- هن شعر جي هر هڪ سٽ جو پهريون اکر پاڻ ۾ گڏي پڙهبو تہ سچو نالو ٿيندو، پنڊت جواهرلعل نهروُ.

ميران بائي (مس سليڊ)

(جڏهن سنڌ ۾ ١٥ ڏينهن جي دوري تي آئي هئي)
ميل آهي بن رنگن جو گوهر ناياب ۾،
مغربي ٿيو آب ۾ ۽ مشرقي ٿيو تاب ۾.
گوري گوپي ميران بائي آهہ، جا هئي مس سليڊ،
مشرقي چانداڻ آئي مغربي مهتاب ۾.
آشرم جو چنڊ پندرنهن روز چمڪڻ آئيو،
سنڌ اڄ آهي سهائي پڪش جي پرتاب ۾.
جورو ڪادي جان تي ۽ دورو ڪادي خون ۾،
جاڳندي ٿيو جاپ ڪاپ ڪادي خواب ۾.

۷

سمجهو نہ ولنگڊن جي، سندس خير نہ ٿيندو،
انگلنڊ کي ڏٺي جاٽي ڪٿي ڪوهہ ۾ نيندو.
پارٽ مان هينئر ڪجھ بہ فرنگي نہ وٺيندو،
آنهن جي مٿان آنهون دڪايل پيو پريندو.
سمجهي نہ آ افسوس جنهن ٻاپوءَ جي صداقت.

جواهر لعل نهرو

پرن تنهنجو ڪريان هي صرف سر بس قوم خدمت ۾،
نہ گهارڻ تو سگهي جاتو، ڏسي پائن کي غربت ۾.
ٻجڻ ٻيڄو رکي پاسي، بٽائين شير جوانن کي،
تڪيو تنهنکي رکي، آڏڻ گهرين عبرت عمارت ۾،
جواهرلعل سيني مان ڪڍين سهٽين صلاحن جا،
وجهي ٻل نربلن اندر، گڏيءَ قوت ڪرامت ۾!
اچي هرگز سگهي تو شير جي اوڏو نہ ڪانئرنا،
هٿائي هيٺٽا مان تو ٻڌين ٿون جوان جرات ۾.
رهين رهبر هميشہ ٿي جوانن جي جٿي جو ٿون،
لڳائڻ زور زر چاهين پڳل پارٽ جي مرمت ۾.

اُمنگ

فکر ۾ ڪيڪ جي مون روني وڃائي پنهنجي،
پاڇو لوني جو پسي، لوني وڃائي پنهنجي.
ڪم نصيبان نہ رهيو ڪجهہ بہ دڪايل، آخر،
آسري سوُٽ جي لنگوٽي وڃائي پنهنجي.

* * * * *

جئين پاتال کي چيري چڙهي ٿو چوٽ تي پاڙي،
تئين شڏ دل مان نڪري ٿي امولڪ پريم جي واڙي.
پوَتر آتمائن جي زبانۡ ۾ چا نہ رَسُ آهي،
چڏن ڏوئي گهڙيءَ ۾، جي چڙهيل دل تي ڪا ڪَسُ آهي.
سچن پُرشن جي صحبت ۾ ملي ٿي منش کي مڪتي،
گروءَ جي مهرباني ءَ سان جِگياسوُ ٿو سِکي جُگتي،
جئين موسم بهاريءَ ۾ لِکي گل جي نئي لالي،
تئين گردش ۾ رهندي ڪيئن اُمنگن کان ڪا دل خالي؟

* * * * *

غرق آهي چيز هرڪا پريم ساگر جي اندر،
پريم روپي آگ برندڙ آهہ گهر گهر جي اندر.
پريم جي مرلي وَڄي دن رات جهنگ جهر جي اندر،
پريم جي ليلا ٿي جاري آهہ در در جي اندر.

پرودا ۾ آپنا ۽ آشرم ۾ مات آهن،
شرف حاصل هند کي ٿيو، خاص مائي باب ۾.
جي پلي آئينءَ اي مائا! سنڌ جو سنمان ٿيو،
هند آهي اڄ دکايل! درد واريءَ داب ۾.

ڊاڪٽر چوئٿرام

(لاڙڪاڻي ۾ قومي ڪانفرنس جي صدارت وقت ڳايل)

مرحبا صاحب صدر دل شاهه دولت مرحبا،
ٿي غريبن جي مٿان تنهنجي عنايت مرحبا.
وقت مشڪل ۾ ڪئي تو سنڌ ساريءَ جي مدد،
ملڪ لءِ مشڪل ڪُشا صاحب سخاوت مرحبا.
قوم سان تو فرض پاڙيو قرض ڪيو قومي ادا،
قوم جا سورهيه سچا صاحب صداقت مرحبا.
ملڪ جي خاطر ڏني تو تندرستي پيٽ ۾،
ديس سيوا ۾ ڏني تو دل جي راحت مرحبا.
جوان جسمانيءَ منجهان ٿئين تون روحاني ڊاڪٽر،
ٿي مسيحائيءَ ڪان تنهنجي آهه حيرت مرحبا.

زندگي هرڪا نہ آهي زندگي،
زندگيءَ کي خود ٿي ناهي زندگي.

* * * * *

زندگي آهي نہ ٽيسين زندگي،
زندگيءَ جنهن ۾ نہ جيسين زندگي.

* * * *

اوهانجي گهر ۾ تہ بجليءَ جو ڇهڪٽو ليڪن،
ڏئو بہ ڪين ٻري ٿو غريب خاني ۾.
رڳو نہ آهہ هتي گاسليٽ جي تنگي،
ڏکي هر شيءِ ٿي ملي جنگ جي زماني ۾.

* * * * *

سخت آفت ۾ رهي جنهن مرد جو سالم دماغ،
ٿو هزارن قوم وارن جو بڻي چشم و چراغ.

* * * * *

تون جڏهن چاهين ڳنڍڻ ٿو دوستي،
مان تڏهن توسان ڪندس ڪيئن دشمني.

* * * * *

عورت ۽ پيو راز ڳالهہ مڙيوئي هڪڙي،
هوءَ پيي اگر ساز آ هي پيي اگر ساز،
ٻنهي جو آواز، ٻڌي دکايل دل رڳو.

پڙهڻ گهٽيرو بڌڻ گهٽيرو.
جاڻ گهٽي پر عمل نہ ڪو!
علم سِکي عالم ٿيس؛ ڇا ٿيو؟
پر جي چڱو ٿيو فعل نہ ڪو!
عالم اهڙي کان ڇا جاهل؛
ڪين دڪايل بهتر آهہ؟

* * * * *

ٻرندي شمع مٿان ڪيئن پوپٽ مڙي اچن ٿا،
هڪ هڪ ٿي شوق سان سي ڪيئن پرت مان پچن ٿا.
شادي عشاق پنهنجي ڇا پيار مان رچن ٿا،
جلندي مٿي جواني سي ڏاج ۾ ڏين ٿا.
مرندي مراد ڏاري پوپٽ ئي ٿي اچان مار
يعني نہ رُو شمع ٿي پيهر اچي پچان ماز

اُڇلون

دکايل ديس ماتا جي اکين جون بي پناهہ آنسو،
ڪڏي فرياد پنهنجي بي ڪسيءَ جي سڏڪنديون آيون.
مگر افسوس بد مستيءَ کان سي انگوري ميءَ سمجهي،
کيون خالي تو پي پياليون جي رت جون ڇلڪنديون آيون!

* * * *

ويِر ماتا

ڏنائين ديش جي صدقي ڪيڏي لخت جگر پنهنجا،
ضرورت ٿي جڏهن جنني جنم ڀوميءَ کي ٻارن جي.
هئي سنسار ۾ جا ڪالهه تاءِ ٻن پٽن واري،
وطن صدقي ٻنهي ڏيڻ بڻي ماتا هزارن جي.
ڏري آيا خوشيءَ وارا اکين ۾ لڙڪ ماتا جي،
خبر هن کي جڏهن آئي سُٺائيءَ مؤت؛ پيارن جي.
چيائين، "شڪر جو ٿيس اڄ دکايل! قرض ڪان آجي.
سنڀالي مون ڏني هيڪر امانت ملڪ وارن جي."

قومي وچن

دکايل ديش جي الفت نه نڪري منهنجي سيني مان،
چي آزاديءَ جي عطر جي خوشبوُ پسيني مان.

جوانو!

اُٿو، جاڳو، جوانو! ملڪ لءِ آزادگي گهرجي،
ڪيو ايءَ ڪونڌ! قرباني سچائي سادگي گهرجي.

نوجوانو!

نوجوانو اڄ اوهانجو آهه ٿيڻو امتحان،
وس اوهانجي آهه ٻوڙڻ يا بچائڻ ملڪ شان.

خالي خطري ڪان، تِڪي محبت جي تلوار،
شڪ ڪٽاري خوف جي زهري جنهن جي ڌار،
پر بيٺي هڪ وار، ماڻهن ڪين ميان ۾.

آهه نه وٽي مور نيڪيءَ بديءَ وچ ۾،
ويجهو هڪ ٻئي جي وسن ناهن هرگز دور،
من ڪي جو منظور ساعت ۾ سوئي ٿئي.

قومي وچن

سوديشيءَ جي چاهه

مونکي پنهنجي گهرج لءِ سامان سوديشي کپي،
۽ چٽو هرچيز تي نيشان سوديشي کپي.
جي اچا بجاءِ بتي ناهي ٿِي سوديش ۾،
تِين جو ڪم-خرچ شمعدان سوديشي کپي.

اُپواس جا ايڪيهه ڏينهن

خير جا گذري ويا ايڪيهه ڏينهن،
مهر جا گانڌيءَ تي برسيا خوب مينهن.

آس

نوجوانن ۾ ڏٺي طاقت ڪيپي،
برق ۾ بجليءَ سندي عادت ڪيپي.

ديش ڀڳت جيل ۾

منهنجي گردن جي مٿان ظلم جو خنجر ٽٽي ڦريو،
چشم قاتل جي منجهان خون جو قطرو نه ڪريو،
بي تميزيءَ سان جڏهن سخت دلي ٿي شامل،
ماس ڪائڻ تي تڏهن وقت جو حاڪم به هريو!

انهيءَ تي حيف!

تير جو ماري نٿو نيشان تي،
حيف آهي تنهن جڏي اِنسان تي.

قربانيءَ جي آگ

جو نه هرگز آدرش تان ٿو هٽي،
گوءِ خوبيءَ جي دنيا ۾ سو ڪٽي،
آگ قرباني ٻري ٿي زور سان،
پؤ ٽپي اي شير! شاهي شور سان.

آوهانُ

ڏي اڳيان آزاديءَ جي پيٽ دان،
مات ڀارت جي مٿان تون جوان! جان.

قومي جهنڊو

جيسين سج سنسار اندر چمڪندو،
تيسين شل قائم رهي قومي جهنڊو.

پرولي

ڪريون سانت ڪهڙي اسين ويڙهو ماڻهون،
وڙهڻ ڪم اسانجو صلح مان نہ ڄاڻون؛
جي پيو ڪونہ وڙهندو تہ پنهنجن سان لڙبو،
ڏسي گهر جا پاڻي، ٽا ڏندي کي ٽاڻيون!

چتاءُ

حاڪمو! آهہ حوالي هي اوهانجي، جو جگر،
آهہ سو چشم هزارن جي اکيان نور نظر،
قيدخاني ۾ اوهان ڄاتو جو بيقدر پٿر،
آهہ آزاد هندستان جو سو شمس و قمر.

اعلان

عام آزاديءَ سندو اعلان ٿيو،
قوم جي خاطر اچي قربان ٿيو.

دانهن

ادا بُک ادا بک، ادا بک ادا بک
ڏنا بک وڏا ڏک، ادا بک ادا بک
ڪسيا بک مڙيئي سک، ادا بک ادا بک.

وهڙو:

ٻکيا آهيون ٻابلا! اڄ ٻکين ٻريو گهرُ،
ٻاڏائن ٿا ٻارڙا ڏس جام وهائي جَرُ.
ٿين پيا منڙي ملک جا اڄ پونگا ڍهي ٻَرُ،
پنهنجا ماري هٿ سان تون پالين وينو پرُ.
جاڻي واٽي در، ٿو پَنّين پراون لءِ.

۲ •

ٻين جي چنتا ٻنِ وجهي پنهنجا اُٺ تون پال،
آهي تنهنجي آسري اڄ جنجي سار سنڀال.
چوڻ دنيا حيران ٿئي ڏسي تنهنجا خيال،
ڏڙڪي ڏڙڪي ٻک ڪنان ڏس پائر ٿيا بيحال،
پهچن ٿا پاتال، الاّ! ٻوڙها ٻڙندي جن جا.

امرتي ٻول

سر رکي سو رهيه تريءَ تي آءُ تون،
امرتي آزادگي ٻول ڪاءُ تون.

قومي جهنڊو

نوجوانو! جان جيسين جان ۾،
قوم جو جهنڊو رهي نيشان ۾،
نوجوانو! آهه هي سهڻو سمو،
بس غلاميءَ جو آ ڪرڻو خاتمو.

سبق

ڏارين کي ڇڏ اي ادا! پنهنجا پالي، پال،
آهي تنهنجي آسري، جنهجي سار سنڀال،
پنهنجا مارين ٻين لءِ تنهنجي عجب چال،
رانيان ڏينهان رڙندي پائر ٿيا بيحال،
پهچن ٿا پاتال ڳوڙها ڳڙندي تن جا.

ٻار پاڻيءَ ۾ جڏهن ظاهر ڏسي ٿو ماهتاب،
ٻن هٿن سان جهلڻ جي ڪوشش ڪري ٿو بي حساب.

گيڙو رنگ آندو ۽ ٽنهي رنگن کي نئين معنيٰ ڏني. هن چيو ته "گيڙو رنگ آهي قرباني‌ءَ جي نشاني ۽ اڇو رنگ آهي پوترتا يا پاڪيزگيءَ جي نشاني ـ سائي رنگ لاءِ چيائين ته اِها نشاني آهي آباديءَ ۽ آسودگيءَ جي. يعني پارٽ جو قومي جهنڊو قرباني، پوترتا ۽ آباديءَ جو نشان آهي، جنهن مٿان وري ليڪيل آهي پاڻ ئي پاڙڻ جي نشاني چرخو يعني گرام اديوگ. ليڪن هندستان جي آزاديءَ کانپوءِ جهنڊي جا رنگ ته ساڳيا رکيا ويا پر چرخي جي بدران مٿس 'اشوڪ چڪر' آندو ويو. جنهن جي معنيٰ سمجهائي ويئي ـ شانتيءَ جو نشان. قربانيءَ ۾ سچائي يا پوترتا سان آئي آسودگي، جيڪا قائم رکي سگهبي شانتيءَ سان. هيئينءَ گيت جهنڊي ۾ ڪيل مٿئين ڦيرڦار وقت جوڙيو ويو.

ڀارت جي قومي جهنڊي جو اِتهاس ڏيکاري ٿو ته، جهنڊي ۾ وقت بوقت تبديل ٿيندي رهي آهي. جنهن وقت مهاتما گانڌي هندستان جي آزاديءَ جي يڌ جون واڳون پنهنجي هٿ ۾ جهليون، تڏهن هن قومي جهنڊي کي ڀارت جي مکيه جاتين جي نشان طور ڳاڙهي، سائي ۽ اڇي رنگ سان رڱيو ۽ مٿس چرخي جو نشان چٽيو. پر پوءِ تجربي ڏيکاريو ته جي هي جهنڊو جاتيوار عيوضيپڻي جو نيشان ٿي رهيو، ته اڳتي هلي، شايد جهنڊي جي رنگن جي قيرقار بابت وڏيون مشڪلاتون پيدا ٿين. انهيءَ ڪري گانڌيجيءَ دورانديشي ڪري بروقت قومي جهنڊي کي سچي قوميت جو رنگ ڏنو. هن ڳاڙهي رنگ جي جاءِ تي

يس ڀڳتيءَ جي برهه ۾ هن ڏکيا ڀڳوا لٽا،
آهه آزادي تپسيا ۾ پڪو قومي جهنڊو.
ئت جو اهڃاڻ سالم آهه ساڳيو جان تي،
جنهن سان ئي سوراج ماڻي مرڪندو قومي جهنڊو.
رنگ ٽئين آندو ڏکايل! جيئن جهنڊي ۾ انقلاب؛
نيئن حڪومت جو نئون چرخو ڪندو قومي جهنڊو.

•

اعلان هي قومي جهنڊو

آهه آزاديءَ سندو اعلان هي قومي جهنڊو،
وم هندستان جو جند جان هي قومي جهنڊو.
رزو آزادگيءَ ۾ پاڙ جنهن پختي هَنئي،
آهه ڀارت ديس جي لءِ شان هي قومي جهنڊو.
جنهن جي سايه هيٺ هڪ ٿيون مختلف جاتيون ملي،
آهه سو ميلاپ جو نيشان هي قومي جهنڊو.
ل رکي آسي ڪروڙن جي پُڄائڻ جو وڏو،
ر ته ماري مرڪندي ميدان هي قومي جهنڊو.

گيڙوءَ رنو قومي جهنڊو

آهہ ٻاڙهي جي عيوض گيڙوءَ رنو قومي جهنڊو،
رنگ خونيءَ مان بڻيو صوفي سچو قومي جهنڊو.
ڪيئن ٿري ٻاڙهي منجهان آخر اڇي هي رنگ ٿيو،
ٿو بتائي ايڪتائيءَ جو مٺو قومي جهنڊو.
ناهہ هرگز رنگ گيڙو خاص ڪنهن هڪ قوم جو،
پر هندين سيني جو هاٺي ٿيو يڪو قومي جهنڊو.
سر ٿي هي سنياس ڌاري وِڙ ويراڳي بڻيو،
دل ٿي دُنيا جو نہ ڌاري داغ ٿو قومي جهنڊو.
پرت مان پهري پوتر ۽ صفا سادو لباس،
آهہ قائل ٿيو اهنسا ڌرم جو قومي جهنڊو.

آزادي ڏينهن

(٢٦ جنوري)

آزاديءَ جو ڏينهن سڀاڳو،
ڀارت واسي جاڳو،
جاڳو! هند نواسي جاڳو!

پرهه ڦٽيءَ جون باکون نڪتيون،
دور ٿيو انڌڪار.
آزاديءَ جي آشا وارو،
سورج ٿيو نروار.

همت جاڳي مستي جاڳي،
ديس سنڌ جي هستي جاڳي،
جاڳي ملڪ جو شانُ.
پنهنجي وطن ۾ شال پڌاري،
ڀارت جو ڀڳوان.

جاڳو جاڳو ديس نواسي،
ننڊ نڀاڳي تياڳيو،
جاڳو! ڀارت واسي جاڳو.

هن هندوري هند ۾ جيسين ڏڏي ڪو لعل ٿو
ٽيسين سهندو ڪيئن پلا اپمان هي قومي جهنڊو؟
نيٺ ڀڃائيندو اوچي آدرش جي چوٽ تي
پر مرادن سان ڪندو دامان هي قومي جهنڊو
جيسين سج ۾ سوجهرو ۽ چنڊ ۾ چمڪاٽ آهه
ٽيسين شل قائم رکي طومان هي قومي جهنڊو

آزاديءَ جو اعلان

(٢٦ جنوري)

نوجوانو! جنگ آزاديءَ سندو اعلان ٿيو،
قرب مان ڪڏندا اچي ايءَ ڪونڌ اچ قربان ٿيو.
ملڪ ماتا جي محبت جي ڀپي ٿي ثابتي،
بس ڪرڻ قربان پنهنجي ديس تان جند جان ٿيو.
ٿا ڪپن سورهيه ستياگرهي لکين تعداد ۾،
آهه ڀارت اڄ اهنسا-جنگ جو ميدان ٿيو.
بم بندوقن ۽ هوابازن جهازن جي اڳيان،
بن هٿيارن ۽ پنوهارن ڏوبڏو انسان ٿيو!
جي مٽين تان سرڳ ماڻيندين، ڪٿيءَ آزادگي،
آهه ارجن واسطي گيتا اندر هي گيان ٿيو.

پاڻ پيئر قول ڪريون اڄ،
پـاڻـ پـيـئـر قــول.
ديس 'دڪاپل' شاد ڪنداسين،
پــاڙيـنـداسـيـن پــول.
يا مرنداسين، يا ٿينداسين،
مـلـڪ جـا خـود مختيار.
آزاديءَ جو وار ملهايون ....

بهار ۾ جوتِ

آزاديءَ جي جوت ٻري،
روشن ديش جي ڪنڊ ڪنڊ ٿئي،
انڌڪار ٽـري.
آزاديءَ جي جوت ٻري.
طوفان اچن، ٻجليون ڪڙڪن،
پل ٻرفون وسن، درياهه اُٿلن،
وجهه وِڪَ اڳتي همت ڌري،
آزاديءَ جي جوت ٻري.

آزاديءَ جو وار

آزاديءَ جو وار ملهايون،
آزاديءَ جو وار.
ننڍڙا وڏڙا ٻار ملهايون،
آزاديءَ جو وار.
ديس اسانجو ٻانڌي آهي،
ديس اسانجو ٻانڌي،
روز پڪاري ديس دلارو،
هند جو رهبر گانڌي.
ٻند غلامي توڙڻ خاطر،
چرخو آهي هٿيار.
آزاديءَ جو وار ملهايون ....
ڌارين جي ٿي داسي گهاري،
ڌارين جي ٿي داسي.
مرم اِنهيءَ ڪان آهي منڙي،
ڀارت مات اُداسي.
هوندي جا اولاد، جڳت ۾،
ٿئي ٿي روز خوار.
آزاديءَ جو وار ملهايون ....

ڏيئي سڦل ٿيندو، جننيءَ جا،
ڪَٽبا ڪشٽ ڪشالا.
قربانيءَ جي جوالا ڀڙڪي،
قربانيءَ جي جوالا.
قربانيءَ جي ڪالي آئي،
قربانيءَ جي ڪالي.
پياسڻ آئي پياس بُجهائڻ،
آس رکي متوالي.
رت پنهنجي سان ٺارڪري ڏي،
ديويءَ کي پُر پيالي.
رت سان آزادي ديپڪ جي،
جڳندي جوت جلالي.
قربانيءَ جي ڪالي آئي،
قربانيءَ جي ڪالي.

۲

قلوازي وطن جي قولي،
قلوازي وطن جي قولي.
بلبل، مور، پپيها ٻولن،
ڇهنب چتون ۾ چپها کولن.
سرگم جا پنج سر ملائن،
سا....گم....م....د....ني....سا، ڳائن.
آئي چمن ۾ بهار آزادي،
هر گل مستيءَ ۾ جهولي.
قلوازي وطن جي قولي.

قربانيءَ جي جوالا

قربانيءَ جي جوالا ڀڙڪي،
قربانيءَ جي جوالا.
آزاديءَ جي اگن ڪُنڊَ ۾،
گهرجي پراڻن جي آهوتي، آهوتي پراڻن جي.
انگ انگ هوم، سرير ڪنڊائي،
پيئنا ڏي تن من جي، ڏي پيئنا تن من جي.

ڪانگريس

ڪانگريس، ڪانگريس، ڪانگريس، ڪانگريس.

جڏهن ملڪ ۾ آهه زاري وڌي،
دکي هند جي بيقراري وڌي،
مفلسي، غريبي، غداري وڌي،
مدد لءِ مصيبت ۾ پياري وڌي.

ڪانگريس، ڪانگريس ....

جڏهن لوڀ لالچ کان لاچار ٿي،
آتياچار لءِ تيار سرڪار ٿي،
ڇڏي فرض غرض ۾ گينوار ٿي،
تڏهن مفلسن جي مددگار ٿي.

ڪانگريس، ڪانگريس ....

١٩٣٥ ۾ ڪانگريس جي سوني جبلي ملهائڻ لاءِ، سڄي ديش ۾ هڪ اُمنگ جي لهر پيدا ٿي. سنڌ پرانت به هن ميلي ملهائڻ ۾ پوئتي ڪين پيو. ١٩٣٢ واريءَ هلچل ڪانپوءِ ملڪ ۾ مايوسي ڦهلجي ويئي هئي. انهيءَ مايوسيءَ منجهان ڪڍڻ لاءِ، ديش جي نيتائن، پارٽ جي هن قومي جماعت جي سوني جبلي ملهائڻ جو اعلان ڪيو. ملڪ جي هر ننڍي وڏي شهر ۽ ڳوٺ ۾ ڪانگريس جي سوني جبلي ملهائي ويئي ۽ ائين وري ٽڪل ٽوڙي نراس ستياگرهين ۾ نئون ساهہ ڦوڪيو ويو، جنهن جو نتيجو اِهو نڪتو جو ١٩٣٦ ۾ ٽيل اسيمبلين جي چونڊن ۾ ڪانگريس جي شاندار سوڀ ٿي ۽ چند پرانتن کي ڇڏي، باقي پوري ملڪ ۾ ڪانگريس وزراتون ڪڙيون ڪيون ويئون. انهيءَ جبليءَ جي موقعي تي ئي هيٺيون گيت ڳايو ويو.

منجهيل ڇو رهو ذات ۽ پات ۾،
گهڙو قوميت جي گڏيل نيات ۾،
هندي هندواسي ٿيو هر بات ۾،
اچو ملڪ جي پوڄ پڄاڻ ۾.
كانگريس، كانگريس ....

هجي شال قائم ۽ آباد سا،
غلاميءَ جي گهانگهي کان آزاد سا،
دکايل! چوايو زنده باد سا،
رهي سونهي جبليءَ سان شل ياد سا.
كانگريس، كانگريس ....

جڏهن ملڪ جاتي غلامي پيري،
رهي ڪين رعيت سندي پروري،
نڪا عدل انصاف جي بهتري،
تڏهن ڪنهن اسانجي ڪئي رهبري؟
ڪانگريس، ڪانگريس ....

ڪيو ديس کي ڪنهن پلا بي ڊپو،
دنيا ۾ سندس شان اوچو رکيو،
ڪنهنجي تاب طاقت جو ڏئنڪو وڳو،
جُهلايو ڪنهن آزادگيءَ جو جهنڊو؟
ڪانگريس، ڪانگريس ....

جئين چين ۾ چين واسين جو راڄ،
۽ آهي جپانَ ۾ جپانين جو راڄ،
خود انگلنڊ ۾ انگريزي ماڻهن جو راڄ؛
چيو ڪنهن ڪيي ٿيئن نه ڌارين جو راڄ؟
ڪانگريس، ڪانگريس ....

-وڙي قوم پرست گهٽيئي چونڊجي آيا. وائسراءِ
رڊ ولنگڊن لاچار ٿي ڪانگريس کي اُنهن پرانتن ۾
زراتون ناهڻ لاءِ ڪوٺ ڪئي، جن ۾ هو گهڻائيءَ
ر چونڊجي آيا هئا. ڪانگريس انهيءَ شرط تي وزراتون
ناهڻ قبول ڪيون ته سندن روزمره جي ڪم ۾ ڪوبه
ورنر دستندازي نه ڪندو. ١٩٣٩ع ۾ ٻي مهاڀاري يڌ
روع ٿي ويئي ۽ ڪانگريس پرڳڻن جا وزير استعفائون
يئي وزيريءَ جون ڪرسيون ڇڏي آيا، ڇو ته انگريز
سرڪار جڏهن هندستان کي ٻڌا ملڪ جي صلاح دنيا
جي لڙائيءَ ۾ شامل ڪيو ته سڄي ديش ۾ ناراضگي
پيدا ٿي ۽ ائين ڪانگريسي وزير آخر ١٩٤٠ع شخصي
ستياگره ڪري وڃي جيلن ۾ باند ٿيا.

ڀارت سرڪار هندستان ڪي ڀرانتڪ خود مختياري ڏيئي ١٩٣٦ع ۾ سڄي هندستان ۾ بالغن جي ووٽن جي آڌار تي عام چونڊن ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو. لارڊ ولنگڊن سمجهيو ته اُٿويهه سوَ ٻٽيهن واريءَ هلچل ڪانپوءِ ڪانگريس ختم ٿي ويئي آهي. انهيءَ ڪري ته تڪڙ ۾ ڀرانتڪ اسيمبلي چونڊون توڙي مرڪز ۾ پارليامينٽ (هند اسيمبلي) چونڊون ڪرڻ جو اعلان ڪيو. ڪانگريس فيصلو ڪيو ته انهن چونڊن ۾ انگريز سرڪار سان مقابلو ڪيو ويندو. چونڊن جي نتيجي ڏيکاريو ته گهڻو ڪري سڀني ڀرانتن ۾ ڪانگريس کي گهڻائي ملي. سواءِ پنجاب ۽ سنڌ توڙي بينگال جي. پر انهن ٽن ڀرانتن ۾ به ڪانگريسي

۲

ڌارين جي حڪومت سان ٿيو دولت جو خاتمو،
اخلاص جو، اتحاد جو، عزت جو خاتمو،
جوانن جي جوانمردي ۽ جرات جو خاتمو،
غيرت نہ رهي هاءِ ٿيو غيرت جو خاتمو،
غفلت مان ڪيو جنهن اچي بيدار ڪانگريس،
آهي اوهانجي ووٽ جي حقدار ڪانگريس.

۳

جنهن جو ئي آهہ واسطو سوراج سان سڏو،
هڏڙين جو پاڻ ڪيٿ سڌارن ۾ جنهن وڌو،
جنهن خون دل جو ماهہ ڏئي سنمان کي گڏو،
سختيون سهي ڪيو ذرا سرڪار کي سڏو،
اڳواڻ سائي ملڪ جي مهندار ڪانگريس،
آهي اوهانجي ووٽ جي حقدار ڪانگريس.

۴

جا بي فلڪ لڙي ٿئي بهادر ٿي بي ڊپو،
ڪوري ۾ باهہ جي ڏئي سوراج لءِ ٽپو،
جنهن جائداد تي سَنو ظبطين سندو ٿپو،
جنهن جي هو سر تي بار مصيبت سندو جهپو،

حقدار ڪانگريس

آهي اوهانجي ووٽ جي حقدار ڪانگريس،
هند جو گهري ٿي هند ني اختيار ڪانگريس.

۱

ٽنگ آيو جڏهن ملڪ حڪومت جي بار کان،
هن زور، ظلم، ڏاڍ کان وحشت جي بار کان،
هن طوق غلاميءَ کان مصيبت جي بار کان،
ڌارين جي جڏي راڄ جي زحمت جي بار کان،
پارت کي کيو اهڙي سمي تيار ڪانگريس،
آهي اوهانجي ووٽ جي حقدار ڪانگريس.

ادا ووٽر

ديس وارن جي ڏکي ڏانهن اُنائڻ وڃجانءِ،
ووٽ جي مهل اٿيئي پاڻ ماهائڻ وڃجانءِ.
عام اُپکار جو ويچار رکي پاءِ ووٽر!
ملڪ منتري سان ڀلا ڀال ڀلائڻ وڃجانءِ.
چاڪو چاندي ۽ جو ڏسيءَ چاهه ۾ تنهنجي ڪين چريو،
لوڀ ۾ پاڻ ٻڌي پيا نه ٻڌائڻ وڃجانءِ.
پٽ هي دارونءَ جو ٻرو، ڌرم وڃائي ٿو رکي،
خاص محفل ۾ متن چاپ نه ڪائڻ وڃجانءِ.
جاني لوڀي هجي نوڪريءَ جا اُٺي پؤن ٻارنهن،
تون نه لالچ تي لڳي پاڻ لڄائڻ وڃجانءِ.
ڪنهن سان نيبهه نه رهيو آهه سدا هي ناٽو،
مرگهه ترشنا پويان نڪي پاڻ ڀلائڻ وڃجانءِ.
آهه لالچ لڄي جنهن لوڪ لُڇائي ماريا،
اهڙي ڏائڻ ڪان نه تون پاڻ ڏنگائڻ وڃجانءِ.
گنج چاليهه جنهن ميڙيا، تنهن هو قارون چا ڪنيون؟
ڪين دولت جي پٺيان ڌرم وڃائڻ وڃجانءِ.
ڪوٺ واريءَ جا اَڏيندين هي دکايل! ڪيسين؟
جيڪي رهڻو ناهي تنهن سان نه رهائڻ وڃجانءِ.

جا سُور سهڻ لاءِ اچـا تيار ڪانگريس،
آهي اوهانجي ووٽ جي حقدار ڪانگريس.

٥

حاصل ٿيو ووٽ جيل جي ڳوُرين چڪين منجهان،
آواز عام راءِ جو پٽري پٽين منجهان،
قيدن جي ڪشٽ مان ٿيو، لوڙهين لٺين منجهان،
ڀارت جي بيش قيمتي قربانين منجهان.
هن عام راءِ جي آهي مختيار ڪانگريس،
آهي اوهانجي ووٽ جي حقدار ڪانگريس.

٦

لالچ يا خوشامد تي لڳي ووٽ جي ڏيندا،
ورڻي ۾ غلامي پنهنجي پوين لاءِ ڇڏيندا،
خود غرض رڳو پنهنجو وڃي پاڻ ڀريندا،
ڏيو ووٽ اُنهن کي جي وڃي ملڪ اَڏيندا،
جا ديس 'دڪايل' سان وفادار ڪانگريس،
آهي اوهانجي ووٽ جي حقدار ڪانگريس.

اوهين ياد وطن جو قرض ڪجو،
پنهنجو پورو ڏڪايل فرض ڪجو،
ڏجو پاڻ ۽ پين کي عرض ڪجو،
ملڪ سوڀ سڄڻ سردارن کي. ڏجو ووٽ ....

موتين کان مهانگو ووٽ

ووٽ جو قدر سڃاڻ ووٽر!
موتين کان ٿي ووٽ مهانگو. ووٽ جو ....
ووٽ آتئي آواز اندر جو،
ووٽ وسيلو جيون پر جو،
گانڌيءَ جو فرمان ووٽر! موتين کان ....
ووٽ ۏرن ۏڪڙن کان آجو،
ووٽ تنهنجو منهنجو ڇا جو؟
ووٽ کي قاضي جاڻ ووٽر! موتين کان ....
ووٽ ملڪ پر سيوا ڪارڻ،
ووٽ جي معنيٰ پاڻ تي پاڙڻ،
ووٽ ڏکن جو ڏاڻ ووٽر! موتين کان ....

ووٽ ڏيو حقدارن کي

ڏجو ووٽ حقي حقدارن کي،
حق پليءِ وجهو حق وارن کي.
اِهو گانڌيءَ جو فرمان آ ٿوَ،
اِهو جوهر جو اعلان آ ٿوَ،
اِهو ملڪ سڄي جو مان آ ٿوَ،
ڏجو مُهٽ مٿن مهندارن کي. ڏجو ووٽ ....

ڪيئي جوان وڃي پيا جيان ۾،
دکي ديس جي خاطر ويان ۾،
وڏي ناز جا پاليل نيان ۾،
ڪجو ياد وطن جي يارن کي. ڏجو ووٽ ....

ڏيئي ووٽ وطن آزاد ڪجو،
پنهن جو ملڪ مٿو آباد ڪجو،
دکي ديس جو دادل! داد ڪجو،
پري ڪين ڪجو پنهنجي پيارن کي. ڏجو ووٽ ....

اهو ووٽ امانت وِيرن جي،
نڪي ملڪيت آهه اَميرن جي،
اِها آس آ قومي فقيرن جي،
ڪين ڏسجو ناٽي وارن کي. ڏجو ووٽ ....

ڪانگريس فرمان

اوهين ووٽ اُتي ڪم لايو، جتي ڪانگريس فرمايو،
ووٽ اُتي ڪم لايو ...

ميونسپل ۾ مطلب وارا، ڪندا وڃي ڪهڙا آڪ ڪارا:
مفت نه ووٽ وڃايو، اوهين مفت نه ووٽ وڃايو.
آهه خوشامد جنهن جو ڌندو، لب لالچ تي ٽنگي جو اندو،
تنهن کان پاڻ بچايو اوهين ووٽ چڱي ڪم لايو.
ڪانگريس جا سچا سپاهي، ڪئي وطن سان جن همراهي،
ووٽ تنهي ورسايو. اوهين ووٽ ...
ملڪ جو جن کي اونو آهي اسيمبليءَ ڏي ويندا ڪاهي،
ڪندا سي ووٽ سجايو. اوهين ووٽ ...
خوف نه جن کي آهي ڪنهنجو ووٽ اُنهن کي ڏيئي پنهنجو،
وتر پاڻ ملهايو. اوهين ووٽ ...

ووٽ نه تنهنجو منهنجو ورثو
ووٽ امانت جاڻي هرڪو.
سياڻن هي سمجهايو. اوهين ووٽ ...
ڪانگريس ڪاميٽيءَ وارن ملڪ جي اعليٰ مدبر يارن،
ڏنو دڪايل رايو. اوهين ووٽ ...

جنھن ميمبر جي ٿئي اک ميري ،
ملڪ جو تنھن کي سمجھو ويري ،
پڌرو آ پرماڻ ووٽر! موٽين ڪان ....

ڪانگريس جي نيتي پڌري ،
آھ سدا سيوا لءِ اڳري ،
اپرن جي اڳواڻ ووٽر! موٽين ڪان ....

ڌرم ڌانھن پاڙھي ووٽر ڏکجي ،
چقمق وانگر ايندا چڪجي ،
جھلي نہ سگھندا پاڻ ووٽر! موٽين ڪان ....

پنھنجو شخصي نفعو وساري ،
ووٽ ڏجو ووٽر ويچاري ،
مائجو پورو ماڻ ووٽر! موٽين ڪان ....

ووٽ نہ رکجو تنھن ڪان وانجو ،
جيڪا دکايل! ڪري اسانجو ،
ڪانگريس ڪلياڻ ووٽر! موٽين ڪان ....

پيدا ٿيا اڄ غريب جا ڪيڏا خوشامدي،
جاڏان ٿو آءُ بہ آهہ ڪرامات ووٽ جي.
هاڻي ڪٿي لڪي ٿو هي چوندن جو معاملو،
ميمبر ڪان وڌ ملي ويو ووٽر کي مرتبو.

٤

ڪنهن کي دلاسو ٿو ملي مفتي وڪيل جو،
ڪم راس مفت ٿئي ٿو ڪڇي اڄ اصيل جو.
ڪنهن کي ملي ٿو آسرو پنهنجي سبيل جو،
پر، اڄ زمانو آهہ دکايل دليل جو.
ووٽر بہ ميمبرن جو سياڻي ويا متو،
ميمبر کان وڌ ملي ويو ووٽر کي مرتبو.

٥

آخر ڇيس مون نيٺ اَدا تنهنجو ڇاهي خيال،
تنهن تي ڪاي ڇيائين هي کهڙو پڇين ٿو سوال؟
کهڙو اسان کان آهہ ڳجهو ميمبرن جو حال،
ڏيندس مان ووٽ تنهنکي، پَلائي ٿي جيڪا پال.
هرڪنهن کي ياد نانءُ آ اڄ ڪانگريس جو،
ميمبر کان وڌ ملي ويو ووٽر کي مرتبو.

ووٽر سان گفتگو

منهنجي ٿي ڪالهہ رات ڪنهن ووٽر سان گفتگوُ،
جنهن جو اوهانکي ڏيانٿو هي احوال هوُبهوُ.
مرڪي چيائين اچ اَدا! ناهيون اڳيان مجوُ،
ميمبر ڪان اچ مٿي آهي ووٽر جي آبروُ.
ويهي جنهن مونکي هيئيون سٽايو سڄو قصو،
ميمبر ڪان وڌ ملي ويو ووٽر کي مرتبو!

٢

ڪو ٿو اچي ڏي زور سان ناٽڪ جي مفت پاس،
آڻي ٿو ڏئي ڪوري گهرئي وسڪيءَ جي پئنٽ خاص.
ڪو ٿو ڏئي آسرا تہ ڪندس تنهنجو ڪم مان راس،
هيڪرتون ووٽ ڏيڻ جي رکو مون سان باسَ باسِ.
ڪيڏانهن ويو اچ اُهو اڳيون ديواني دبدبو،
ميمبر ڪان وڌ ملي ويو ووٽر کي مرتبو.

٣

ڪو ٿو چوي ڪندس تنهنجي پوٽي جي معاف في،
ڪو ٿو منهنجي سڪيلڏي پٽ کي ڏي نوڪري.

ووٽ ڏيو سيوا کي

ڏجو ووٽ لنگوٽيءَ واري کي،
هن ملڪ سندي متوالي کي. ڏجو ووٽ ....
هڪ طرف اٿو آدا ووترڏن،
ٻئي طرف اٿو پيٽا تن من،
ڏ نوان هُتي، هت ٿَوَ نرڏن،
هتِ روزجشن هتِ شيوا وچن،
متان ڀاڄي وڃو پنهنجي پياري کي،
ڏجو ووٽ لنگوٽيءَ واري کي.
هڪ طرف آ بوتل تي بوتل،
ٻئي طرف فقيريءَ جي توڪل،
هڪ طرف مطلبين جي محفل،
ٻئي طرف اَٿوَ شيوا ۽ ٿهل،
ڪري دور شراب هڇاري کي،
ڏجو ووٽ لنگوٽيءَ واري کي.
هڪ طرف اَميريءَ جو دوکو،
ٻئي طرف فقيريءَ جو سودو،
ٻنهي پنهنجو جدا جدا ڏگهه ورتو،
هڪ سوارٿ، ٻئي پرمارٿ جو،
ڪجو پڌ رو اَڇي ۽ ڪاري کي،
ڏجو ووٽ لنگوٽيءَ واري کي.

ووٽر پاڻ ملهايو

آدا! ووٽر! پاڻ ملهايو،
اِهو ووٽ چڱي ڪم لايو،
آدا ووٽر پاڻ ملهايو ....

آدا ووٽر! ڏجو ووٽ امانت جاڻي،
ووٽ ڏيڻ جي مهل- ڪجو ياد ٿهل.
پنهنجو خادم ڪين وسارجو- آدا ووٽر! ....

آدا ووٽر! نڪي ايندؤ گاڏيون هوٽر،
پيرين پنڌ اچجو- اچي ووٽ ڏجو.
اِهو قول پيارل پاڙجو- آدا ووٽر! ....

آدا ووٽر! آدا ووٽر ڪجهه ويچارو،
اهڙي راهه هلو- جنهن مان ٿئي ڪو ڀلو.
مٺي ملڪ جو ڪک سک سارجو- آدا ووٽر! ....

آدا ووٽر! آهي ووٽ، سگهور و راڄا،
نڪي ڪٽ ڪٽنبو، نڪي ماهه مٽبو.
ويهي ڪانه گهڙي وڃائجو- آدا ووٽر! ....

آدا ووٽر! مٺان پوريءَ (بلبل) واڳ ڳري لڄي،
پيئني نڀي لهي، ٿڌڪو نه ڏهي.
اهو ڏيان دڪايل! ڏارجو- آدا ووٽر! ....

ووٽر هاڻي جاڳيا آهن.
ڪين اَجا اُهي ساڳيا آهن.
هضم ڪري هڙ حال، ڪندا وڃي ووٽ سجايو،
پاڻ ملهايو. نيهن نڀايو. شهر سان ....
ڪانگريس جا سيوا ڌاري،
آهن هر ڪنهن جا هِتڪاري.
عام ڀلي جو خيال، رکي ووٽ تَنِ ورسايو،
پاڻ ملهايو. نيهن نڀايو. شهر سان ....
آهي سڌاري جو هي حيلو،
ووٽ سُکن جو جاڻ وسيلو.
ٿيندو ديس نهال، دکايل! دير نہ لايو،
پاڻ ملهايو. نيهن نڀايو. شهر سان ...

چوڏن جو ڇهڻو

اڄ ڪنهن اُميدوار جو هڪ ڪم ڪندڙ مايو،
ويچارو رات هو نہ پهر اٺ ڪو آهايو.
احوال ڏيندي، ڏيندي پڳي ڏاڍو گهڻو ڪايو؛
ڇيائين دلاسو ڏين ٿا، مگر ڏين ٿا بي دليو.

ووٽ ڏجو ويچاري (راڳ مارو)

شهرسان پائر پال پلائي، پاڻ ماهايو،
پاڻ ملهايو- نيهن نپايو.
وقت سڻائو آيو ووٽر!
مرکي پاڻ ملهايو ووٽر!
موتيو سپاڳو سال، وڃائي متان پوءِ پڇتايو،
پاڻ ملهايو- نيهن نپايو. شهر سان ....
نوٽن تي جي ووٽ وڪامن،
لاوا لنجا ڇونہ اگهامن.
ملڪ ۾ بائيتال وجهي، ڇوتا ووٽ وڃايو،
پاڻ ملهايو- نينهن نپايو. شهر سان ....
ڪرسيءَ تي جو ناٿو هاري،
پاڻ ڪري ٿو بين کي ڪاري.
مفت ڦرائي مال، ميمبر اڌو ڪئي چُٽي آيو،
پاڻ ملهايو- نيهن نپايو. شهر سان ....
ڏيندي ڏيندي پوندن ڏڪڻي،
هام نہ هاڻي هڻندا سگهڻي.
ڪهڙي؟ ”ميمبرٿين نہ مڃال؛ ناڻي آهي نرڪي نوايو!“
پاڻ ملهايو پائو! نينهن نپايو. شهر سان ....

٤

کھڙو اوھان مان شھر کي کو ٽيو آ وَٽ وَٺاءُ،
مُرڳو نفعي جي بدران ٿي پئي ميمبري وڃاءُ،
ھاڻي نہ ڪم ڪندو اڳيون سيٺن جو سٺ سناءُ،
دلبي دلاسي سان ڪڏي ڪنندو نہ ڪو ھي داءُ.
سؤلو ڏبو نہ ووٽ ھيننڱ، رستو وٺ جناب!
ھن چونڊ ميمبرن جو ڪيو آ مٿو خراب.

٥

ڪن ٿا نماڻو منھنُ ڪري ايلاض بار بار،
شيوا جا سڪڙا يار دلاسا ٿا ڏين ھزار.
ڪھڙا ڪنا گھڙيندا وڃي سي اُميدوار،
ووٽر! وسوڙھا ڪر نہ توں اھڙن تي اعتبار.
ڪارو ھميشہ جن جي ڪمن جو رھيو ڪتاب،
ھن چونڊ ميمبرن جو ڪيو آ مٿو خراب.

٦

ساري شھر جو خيال ڏسي ڪانگريس سان،
ھرڪو اُميدوار گھٽائي ٿو وسان،
معلوم آھہ سيٺي کي زيادھہ مان ڇا لڪان؟
ھيڪر وچن ڏئي وري ڦرجو نہ قؤل ڪان.
ڏسجانءِ ڪانگريس 'دڪايل' ٿئي ڪامياب،
ھن چونڊ ميمبرن جو ڪيو آ مٿو خراب.

ڪي سائينءَ جا سنواريا تہ ڏين ٿا ڪليو جواب،
ھن چونڊ ميمبرن جو ڪيو آ مٿو خراب.

٢

سوالن پڇڻ سان ڪن ٿا ڪي ميمبر جو نڪ ۾ دم،
ھيڏن ورھين ۾ کڙو ڪيو عام جو تو ڪم؛
جيڪو شھر جا ھيڏن وجي پئسا ڪندو ھضم،
تنھن جي ڪنداسين ھيل اسين ميمبري ختم.
ووٽر بہ ميمبرن ڪان گھرن ٿا تہ ڏيو حساب،
ھن چونڊ ميمبرن جو ڪيو آ مٿو خراب.

٣

سنيرون نہ ھيڏي عرصي ۾ ڪائي ٽڪس گھٽي،
ليڪن وڌي ٿي روز نئين سج نئين چٽي.
اڄ ڪاھہ ڪٿي سا آھہ اڳين شھر جي ڪٽي،
ٽڪسون غريب ڏين ٿا ٻڌي پيٽ کي پٽي!
پيرڻ تو پنھنجي شھر کي جاٿو وڏو ثواب،
ھن چونڊ ميمبرن جو ڪيو آ مٿو خراب.

شهر جي حالت ڪيئن سڌري،
جيسين ڪا خود غرضي نڪري.
هلنديءَ وارن جي اون،
ميمبر صاحب رکندا ڇونه!
ووٽ ڏيڻ جي مهل اَٿوَ ويجهي، ڳڻجو،
انڪار ڪجو، ادا ناڻي وارن کان بچجو.
عام ڀلي لاءِ ....

خود مطلب ميمبر جو حال،
جؤ ڍيري ڳڏهه رکپال.
ناڻي وارن جو دوکو،
اڄ نه سياڻي ڪندو ڪوڪو.
ناهه 'دڪايل' ناڻو، شيوا-ڏن ڏسجو،
اقرار ڪجو، ڀائو پاڻ وچي ڀيٽيون ڀرجو.
عام ڀلي لاءِ ....

سپنو

سپني ۾ رات مون ڏٺو هڪڙو اُميدوار،
ٿارا ڳڻيندي ٿڱي ڪيو ووٽن جو جنهن شمار.
نيڻن ۾ ننڊ ڪين هيس قلب کي قرار،
ڪرسيءَ جو يار کي ٿڱي ڏٺو ڏاڍو انتظار.

عام ٻلي لاءِ ووٽ!

عام ٻلي جي لاءِ ووٽر! ووٽ ڏجو،
ووٽ ڏجو اوهين ووٽ ڏجو. عام ٻلي ....

شهر جي ڏک سک جا ساٿي!
اُٿو اوهانکي ويو ڇا ٿي؟
ٻلي ٻُري جي جاڻ رکو،
وڃو نہ ٻلجي ڏسي ڏکو.

ووٽ ڏيڻ جي وقت ووٽر! سوچ ڪجو،
ويچار ڪجو، اوهين پنهنجو پاڻ سان سچا ٿجو.
عام ٻلي جي لاءِ ووٽر! ووٽ ڏجو.

ڪانگريس جي قرباني،
ڀُلندا ڪيئن هندستاني؟
سر ڏيئي جن سار لڌي،
ملڪ جي طاقت ڌار وڌي.

راءِ ڏيڻ ۾ رياءَ نہ ڪو ووٽر رکجو،
آچار ڪجو، نکي ڀؤ يا ڀرم وس ٿي ٻلجو.
عام ٻلي لاءِ ....

اڄ ووٽ ڏيڻ کان ڪيترا وارن ٿا نابري،
چؤطرف ويو هي منهنجي لاءِ ٻارڻ وڏو ٻري.
ميمبر ٿيڻ جي هيل نٿو ڏي ڪو خاطري،
پؤ ٿيس نه سپاڻي مٿان ووٽر وچن ڦري.

٥

پاڇي ڪڏهن مون کين ڪنهن ووٽر جو گهر ڏنو،
چانئٽ چڙهيس نه ڪنهن جي نه ڪنهن جو مون در ڏٺو.
اهڙو نه چوندي جو هو اڳي مون حشر ڏٺو،
جهڙو هيئڙر مون پاڻ کي آ دربدر ڏٺو!
ڪاڏهون آ ڪانگريس، ميونسپل ۾ اڄ گهڙي،
پؤ ٿيس نه سپاڻي مٿان ووٽر وچن ڦري.

٦

جنهن وقت ميونسپل جي اندر ايندي ڪانگريس،
مطلب نه ڪنهن کي پورو ڪرڻ ڏيندي ڪانگريس.
رکپال عام پٻلسي جي هڪ ٿيندي ڪانگريس،
پنهنجي شهر سان پال پلائيندي ڪانگريس.
ووٽر هي عرض جاڙو دکايل جو آخري،
پؤ ٿيس نه سپاڻي مٿان ووٽر وچن ڦري.

هر هر ٽئي اُٿرڪي اُٿيو ڪري ياد ميمبري،
پوءِ ٿيس نہ سپاٽي متان ووٽر وڃن ڦري.

٢

دل ۾ اُٿيس پئي ڏاڍا گهٽا خيالي بدبدا،
ويچاري جا ڪري چڏيا جن حوصلا خطا.
ڪنهن ٿئي چيس هتي مونکي نالي جي گهرج آ،
ڪنهن ٿئي چيس تہ اڄ منهنجي حودي نہ ٿي صفا!
حاضر، چيائين "حڪم جي ٿيندي بجاوري"،
پوءِ ٿيس نہ سپاٽي متان ووٽر وڃن ڦري.

٣

چوءِ چوءِ ڪان نيٺ تنگ ٿي ميمبر ڪيو خيال،
ناحق وڃان چو پنهنجي گلي ۾ پلا جنجال.
ليڪن جڏهن پيو مفت جو ميمبر کي ياد مال،
ويچاري جاتو، آهہ چڏڻ ميمبري محال.
ڪيئن سو چڏيندو، جنهنجي پلا ڏانءُ وئي هري،
پوءِ ٿيس نہ سپاٽي متان ووٽر وڃن ڦري.

٤

ڏاڍو ڏنو غريب جي ڪرسيءَ تان پيس ڪري،
رهندو نہ عزم، ويندي سا پڄندي سڄي پڄي.

ووٽر اوهين سچار رهيا ڪانگريس سان،
هر ڪنهن مدد لءِ تيار رهيا ڪانگريس سان.
آيا اسانجي عرض تي هر تڪ مان هزارين،
دل جان سان نثار رهيا ڪانگريس سان.

زنده دل جي خوب نشاني،
ملي اوهان ڪان اڄ لاثاني.
عرض ڪَيُوَ سڻيڪار ووٽر! شڪريه ....

اسانکي پيئرن ۽ قرب ماتائن به ڏيکاريو،
سبق سوراج جو سهڻو اسانکي تن به سيکاريو.
اوهان جا پڻ وڏا ٿورا ميون ٿا خوب ماتائون،
قرب پڻ ڪانگريسين لءِ سچي دل سان اوهان ڌاريو.

شڪريه اَدائي ڪريون اوهانجي،
شيوا جهجهائي ڪريون اوهانجي.
آس اِها هروار ووٽر! شڪريه ....

هاڻي فرض اسين پڻ پاليون،
پنهنجا نازڪ سوال سنڀاليون.
اهو اسان تي بار ووٽر! شڪريه ....

شڪريہ آدائي

ووٽرو صاحب! ڪري شڪريہ آدائي ڪانگريس،
اڄ اوهانجي ئي ڪري عزت وڌائي ڪانگريس.
ٿا ڏيون ڏنيواد دل سان شهرواسين ڪي اسين،
جن جي همت سان ڪئي حاصل وڏائي ڪانگريس.

اوهان اسانجو عرض اُگهايو،
ڪانگريس جو مان وڌايو.
ووٽ ڏيئي اُتساهہ وڌايو،
شان وڌايو مانُ وڌايو.

شڪريہ ميون صد بار ووٽرو! شڪريہ ....

ڪانگريس سان رهيا سچارا،
پرن ئي پورا رهيا پيارا.
ووٽ گهڻا ڏيئي دل وارا،
ڪانگريسي ڪَيڙو سوپارا.

پيٽيون ٽيڙيون ٽار، ووٽرو! شڪريہ ....

خود غرض مان ڪين وٺينداسين،
ٿون همت رکي هلجانءِ. ووٽ ڏنو ....
ڪوڙر ڪٽن، جهاڙو هٽن،
جڳه کي وٽن، ميمبر اُهي.
پنهنجي ديس جا، پنهنجي قوم جا،
ٿيا رهنما، رهبر اُهي.
اسين عرض اُنهن جو مڃينداسين،
پنهنجو فرض نہ ٿون پالجانءِ. ووٽ ....
اڄ ديس کي، ايڪو کپي،
تبون مهت ڏي، ووٽر! اُٺي.
هن راهہ جو، ٺڳي جو ڪنڊو،
ٿنهن کي کڍو، همت رکي.
اسين ملڪ جا مالڪ ٿينداسين،
ڪو قدم نہ ٿون هٽجانءِ. ووٽ ....
مشڪل سمي، ٿي آگ ۾،
ڪاهي وڃي، جا ڪانگريس.
شيوا رڳو، جنهن جو مٿو،
آهي رهيو، سا ڪانگريس.
اسين اُن جا دڪايل! ٿينداسين،
ٿون پروسو پل رکجانءِ. ووٽ ڏنو ....

ووٽر جاڳ !

ووٽ ڏنو تو ووٽر! هاڻي جاڻ وڏي رکجانءِ،
پنهنجي تڪ جي ميمبر کي چئو واتسنئين وڃانءِ.

جي دل لُڏي، غيرت بڏي،
پوءِ ڪيئن ڪُڏي، سگهندو اُهو.
خود پيٽ جي، جنهن کي لڳي،
ڪيئن دل وڏي رکندو اُهو.
پِڻ پرڻ نہ ڪنهنکي ڏيندا سين،
اِهو قول تون ياد ڪجان. ووٽ ....
واڪي وڏي، چئجو ڳڏي،
تون اچ ڇڏي، اِها ميمبري.
پنهنجي ٻول کان، ڪِرئين قول تان،
ڏاڍي ٻول سان، تون وئين ڦري.
اسين ڦرڻ نہ توکي ڏيندا سين.
آدا ووٽر! مڙس ٿجانءِ. ووٽ ڏنو ....
جنهن وهُہ ڇُري، لالچ بري،
ورتي گهري، آدا ووٽرو.
جنهن پيٽ جو، اونو رکيو،
پنهنجو گهر ڀريو، تنهن کان ڦرو.

۱۹۳۹ع ۾ ٻي مهاڀاري لڙائي زور شور سان چالو ٿي ويئي. ڀارت ٿي به اُنجو اثر ٿيو. قومي جماعتن جي اِها ڪوشش رهي ۽ اُنهن ائين ئي چيو، "هن وقت انگريزن کي اِها چٽي پڌرائي ڪرڻ کپي ته جڏهن هو، دنيا جي آزاديءَ لاءِ جرمني توڙي سندس ساٿي ملڪن سان لڙائي لڙي رهيا آهن ته پوءِ اُهي ساڳيا انگريز هندستان کي پنهنجي غلاميءَ منجهان آزاد ڪرڻ لاءِ تيار آهن؟" انگريزن انهيءَ هڪ ئي سوال منجهان سچو قصو ڀانپي ورتو ۽ هنن ملڪ ۾ اُسرندڙ قومي ويچار کي ڪچيءَ ۾ ئي نگهوسار ڪرڻ لاءِ فرقيوار فساد ڪرائڻ شروع ڪرائي ڇڏيا. مسلم ليگ ته اڳيئي انهيءَ لاءِ تيار ويٺي هئي، رڳو

چوندن بابت ڏوهڙا

١

أدا ووٽر! دل ۾ تون ڪري چڱ اِقرار،
ووٽ تہ ڏيندس تنهنکي جا ڪري ٿي اُپڪار.
ديس دکيءَ جو آسرو اَڙين جو آڌار،
ووٽن جي حقدار آهي هڪ ئي ڪانگريس.

٢

عام پلي جي خيال ڪان أدا ووٽر ووٽ ڪري،
شيواڌارين جون سڃيون اڇجو پيتيون پري،
بڌندو جيئن تري پائو! بيڙو دکايل ديش جو.

٣

وقت سٺائو آئِيو أدا ووٽر وارو ڪر،
پنهنجي پيارن جون اَدل تون پرڻئون پيتيون پر.
وجي اِها تون ڪانگريس اڳيان امانت ڌر،
ٿيندءِ ساري سر، جي ڏيندين ووٽ ويڪ سان.

گهرو جنگ!

چون ٿا ته اوندهه اِجها جارُ آئي،
صاحب جي چڏيندي ڍ کي روشنائي.
تباهي پري ڪان ٿي ڏس، ڏ ِيل ڏاري،
نظر هر طرف ٿي اچي بي حيائي.
الا! ڀاءُ جو ڀاءُ نيشان ٿيندو؟
گهرو جنگ ٿيندي ته نقصان ٿيندو.

۲

غلامي جو گهاٽي گرهه، ملڪ ٿاري،
چڙهيو چوٽ منزل تي منزل لتاڙي.
مگر هاءِ، سياست جو خودغرض تعصب،
ٿو چاهي، وطن پل ڪَتِيل راند هاري.
جي ترڪيو ته ٽڪرا هندستان ٿيندو،
گهرو جنگ ٿيندي ته نقصان ٿيندو.

۳

اُٿي! ڪر امن جي سچي پاسباني،
وطن کي ڏي، ڏيٺي پوئي جي جواني.
پڪاري ٿي اُلفت وطن جي دڪايل!
نه رکجانءِ واري مِٺي زندگاني،
سدا سوئي جيئرو، جو قربان ٿيندو،
گهرو جنگ ٿيندي ته نقصان ٿيندو.

اِشاري جي دير هئي. ملڪ ۾ چئوڌاري جاتيوار فساد شروع ٿي ويا. سنڌ ۾ چئجي ڪٽي ته اُنهن جي شروعات پهرئين ٿي. مسجد منزل گاهه وارا سکر جا فساد ۽ انهن کانپوءِ پنڊت ڪنور رام جو خون. سکر تعلقي جا شرمناڪ واقعا ۽ خونريزي انهن فسادن جي پهرئين ڪڙي هئي. جنگ جي ڪري انگريزن به هر وپرو اِنهن فسادن کي سڄي ملڪ ۾ ڦهلجڻ جي کلي ڇوٽ ڏيڻ نٿي چاهي، پر اُنهن اِهو ضرور پئي چاهيو ته جئين قومي شڪتين جي ڪوشش جي باوجود فرقيوار ناسازي بڻي رهي ۽ چئجي ڪٽي ته ٿورو وقت انگريز انهيءَ پنهنجيءَ چال ۾ ڪامياب ضرور ٿيا پر پوءِ گانڌيجيءَ جي تپسيا ۽ مدبريءَ ملڪ جو رخ ڦيرائي ڇڏيو ۽ ١٩٤٠ع ۾ ملڪ جي آزاديءَ لاءِ شخصي ستياگرهه شروع ٿيو. هڪ طرف ستياگرهه جون تياريون هلي رهيون هيون ته ٻئي طرف فرقيوار سازيءَ جي هلچل هلي رهي هئي. اچو ته انهيءَ پراڻي اِتهاس جون ڪجهه جهانڪيون هتي گيتن ۾ ڏسون.

سِڪَ عيسائيءَ ٻيو نہ ڀڏايو،
پَر ايڪو اونڪار،
آهي مالڪ هڪ مختيار.

دين ڌرم يا پنٿ سليٖ ٿو،
ساڳي هڪڙي راهہ.
ڀيڄي سگهندو پر سو، جنهن وٽ،
هوندي دل جي چاهَہ.
هر مذهب جو مطلب ساڳيو،
سروَ ڌرم جو سار.
آهي مالڪ هڪ مختيار.

پاڻ سيباڻي جي پر جاڻون،
فرق رهي پوءِ ڇو؟
پر اڻڀاڻائيءَ جو دڪايل!
سارو هي رولو.
دُور دئيءَ واري نفرت ڪر،
سِڪ الفت ۽ پيار.
آهي مالڪ هڪ مختيار.

ايڪتا

آهي مالڪ هڪ مختيار.
ٻوءِ پلا هي چا جو جهڳڙو؛
چا جو هي تڪرار!
هندو مسلم سِکُ عيسائِي جو هڪ سرجڻهار،
آهي مالڪ هڪ مختيار.
هندوءَ جي گهر آءُ نہ آيس،
پنهنجيءَ مرضيءَ ساڻ؛
تون جي مسلم جي گهر جائين،
هو چا توکي جاڻُ؟
شطرنج جا سڀ مهرا آهيون،
ڪيڏڻ وارو يار.
آهي مالڪ هڪ مختيار.
تنهنجي دِين بڻايو رَبَ جو،
ثاني ناهي شريڪ.
ايڪو برهم بڻايو منهنجي،
ڌرم بہ ساڳيو ٺيڪ.

ساڳيو اَن ساڳيو پاڻي؛
ڌاڻ اسان ناحق ڌاڻي،
وير وڄايون قرب وڌايون،
هڪ خالق جي خلقت آهيون.
جاڻ دڪايل ڇڏ جاڻي!
هڏ ڏين رت ڏين پائر پائر!
گڏجي مرن شل گڏجي جيئَن.
ڳوٺ وسن ....

ڳوٺ وسن

ڳوٺ وسن منهنجي سنڌڙيءَ جا،
منهنجي سنڌڙيءَ جا شل ڳوٺ وسن.
ڳوٺ وسن ....
هڪ هندو ٻيو مسلمان،
پارسي سِڪُ ۽ ڪرستان،
جُهتِ پُٽِ ڇاجي،
ڪَٿِ پِٽِ ڇاجي،
رڳڙو ڇاجو جهڳڙو ڇاجو،
گهر سڀني جو هندستان.
پرچن سرچن پيار پيار!
سائين ڪري هڪ ٻئي سان مان.
ڳوٺ وسن ....
هي مندر، مسجد، گرجا،
گهر نه ڌڙيوئي مالڪ جا،
دين جو نعرو ڌرم جو باجو،
هڪ جو ڪابو ٻئي جو ساجو،
مقصد ساڳيو راهه جدا،
حق سچائن پيار پيار!
ناحق ٿي تڪرار نه ڪن.
ڳوٺ وسن ....

ويئي. خاص ڪري ڳوٺن جي سلامتي رهي ئي ڪانه. هندو گهڻي ڀاڱي ڳوٺن منجهان لڏي شهرن ڏانهن اچڻ لڳا. امر شهيد ڀڳت ڪنور رام ۽ وير شهيد هاسارام پمناڻيءَ جي وحشاني خونن ڪانپوءِ، هندو، مسلمانن ۾ آپسي بي اعتمادي ڏاڍي وڌي ويئي. حالتون اهڙيءَ ڪڙيءَ ٿي اچي پهتيون، جو سچ لٿي ڪانپوءِ ڳوٺن جا هندو هڪ ڳوٺ ڪان ٻئي ڳوٺ تائين وڃي ڪين سگهندا هئا. اهڙي وقت فرقيوار سازيءَ جي هلچل جي ضرورت محسوس ڪئي ويئي. جڏهن مذهبي ڪٽرتا ڪري اِنسانيت جو خون ٿي رهيو هو، تڏهن سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ تائين انهيءَ سازيءَ جو پرچار شروع ڪيو ويو. وشواس اهوئي رهيو ته هن قسم جا گيت ڀيو نه ته ڪٽرتا جي نانگ جو ڏنگ ضرور ماريندا. ڇو ته اهي گيت حق جو آواز آهن. اچو ته هڪ دفعو وري دهرائي ڏسون.

پاڪستان حاصل ڪرڻ لاءِ، مسلم ليگ فرقيپرستيءَ
جي باهه کي هوا ڏيڻ جا ڪيئي طريقا ڳولهي ڪڍيا.
مسجد اڳيان باجن وڄائڻ جو سوال، عيد تي ڪُليو
ڪُلا ڳئونڪشيءَ کي همٿائڻ، قرآن جي بي حرمتيءَ
جا هٿراد و معاملا پيدا ڪرڻ، تبليغ کي هٿي ڏيڻ،
وقت بي وقت غير مسلمانن جي جذبات ڏکوئڻ،
هندو ڇوڪريون ڀڄائڻ، مسجدن ۽ مندرن جو
سوال اُٿاري خوني فساد ڪرائڻ. اِنهيءَ قسم جي
ڪترتا جو زور سنڌ جهڙي صوفي پرڳڻي تي به پيو. آرٽڪ
هيٺ مٿاهين، توڙي نابرابريءَ جو طوفان مچائي
ڌاڙا ۽ ڦرمار ڪرائڻ مسلم ليگي سياستدانن جي جڻ
کٻي هٿ جو کيل هو. انهيءَ ڪري بي سلامتي وڌي

بيڙي ڪاهي آءُ

بيڙي ڪاهي آءُ پاڻڙي !
بيڙي ڪاهي آءُ،
آهه سڄائو واءُ.
پاڻڙي ! بيڙي ڪاهي آءُ !
ڪلفت جو طوفان ترِيو،
اُلفت جو سوج اُڀريو.
ويو وِڇڙُون ڊپ ڊاءُ.
پاڻڙي ! بيڙي ڪاهي آءُ !
پرڏئُون پنڌ وارا گڏ ٿين ٿا هندو مسلمان،
سڪ سان هڪ ٻئي کي سڏ ڏين ٿا ويو ڪُل غيرگمان.
پياءُ سچائو پياءُ.
پاڻڙي ! بيڙي ڪاهي آءُ !
پَڳهه ڪٽي هاڪار پاڻڙي !
ڀڄائي اچ پار پاڻڙي !
هن بيڙيءَ جو پُور،
هل الفت آباد وڃي هل،
ناهه ڏکايل ! ڪو جِت چِل وَل.
وير وروڌ ڪان دُور.
ويڄهو جِت نه وڻاءُ.
پاڻڙي ! بيڙي ڪاهي آءُ !

اچو! اچو!

اچو هندو مسلم کو ميلاپ آڻيون،
ڪريون دل جون تازيون، جي مڪرّيون ڪماڻيون.
اچو! اچو!

ڪيون دل مان، آهي جي ڪلفت جو ڪينو،
ڀائي ڀائي ڪريون صاف سينو،
وِڇيون وير واريون ڪيدي قرب واڻيون.
اچو! اچو!

ڪيو پاڻ کان پاڻ ڪيڏو ڪنارو،
ڏسي هاءِ ورنٿاءِ هي وير وارو،
رئن رت اکيون ٿيون اَمڙ جون نماڻيون.
اچو! اچو!

ڇني ماس نهن کان ڪيو ڌارئي،
وجهي ڪير ۾ لوڻ ڪئي ڪار ڪارئي،
ڪلي ڪنڌ ٿي، ڪا مٺي موج ماڻيون.
اچو! اچو!

محبت سان اِنسان، اِنسان آهي،
اهو ڌرم مذهب جو فرمان آهي،
دڪايل! اچائي نه ٻي ڳالهه ڄاڻيون.
اچو! اچو!

ٿون، مان جو هي پيد اجايو،
هن هُن جو هي ڪيد آجايو.
پاڻ ۾ پيهي، پاڻ کي جاڙون،
جنس اُها هڪ ڇونہ سڃاڻون!

جو دک تنهنجو سو دک منهنجو، اهڙو ڪريون اِقرار،
بدن سڄي سان جيئن دکايل، آهہ اکين جو پيار.
جسم جو، جي ڪو انگ ڏکي ٿو، نير وهائن نيڻ،
پيڙ سان ٿا ساري تن جي؛ ٿوَ تي گڏجي جيئن ميڻ.

ٿون، مان، هي، هوڇونہ ملائي،
'هم' هڪڙي ۾ ڇُڏو.
سڏ ڏکي ديس جو سڏو.

ذار تہ بہ گڏ!

مذهب يا رسمن جي ڪري ٿون،
ذار ٿئين تہ بلاشڪ ٿي.
آگريون ذار رهن ٿيون جيئن، پر،
ڪم جي وقت وڃن هڪ ٿي.
آڱر آڱر ڪان جي چڻي ٿون،
ذار ڪندين تہ نہ ڪم ڏيندءيون.

ايڪتا جي ضرورت

سڻو! سڻو!!
سڏ ڏکي ديس جو سُڻو،
دانهن ٻڌي هيءَ درد واري.
من کي ڇڏڪو ڇڏو،
سڏ ڏکي ديس جو سڻو!
هڪڙي ٻوهي مگهه جا گورا،
ڏار ڪيا، ٿي پوندا ڇورا.
ڏاريا سڏيا، ڏار نه ٿيندا،
ذات مگن جي ڪين مڃيندا.
ٿيڻَن هڪ الله جا سڀ ٻندا، هڪڙو اُپائڻهار،
پالڻ واري هڪڙي ڌرتي جنهن جا اسين ڪل ٻار.
پاڻ سڏايون مذهب خاطر هندو مسلمان،
پر جي پرجهي ڏسون حقيقت آهيون سڀ اِنسان.
'هِم' ۾ اجايو اچي ڏکايل!
لڳو ڏئيءَ جو گهڻو،
سڏ ڏکي ديس جو سڻو.

پر جي پيٽ جي پرداخت تي ڪانه؛
نه پوءِ ڪيئن ڪم ڏيندو؟
ڌار رهي پيي ڌار نه ٿين،
هڪ ٿي ۽ اِهو ايمان ڪپي.
تنهنجي منهنجي لاءِ دکايل!
اهڙو هندستان ڪپي.

•

آپسي اعتبار

ڪنهن چيو توکي اعتبار نه ڪر،
يار! ياريءَ کي شرمسار نه ڪر.
توکي مذهب ڌرم ڪٿي ٿو چوي؟
پنهنجي پاڙيسريءَ کي پيار نه ڪر!
وهم جي تير سان ويساهه ڇُٽي؛
دوستيءَ کي تون داغدار نه ڪر.
تون 'دکايل' ٿي درد جاڻين ٿو،
خواهمخواهه پاڻکي خوار نه ڪر.

پرهت سالم جي هوندو، هڪ ٻئي،
جون سي مددي ٿينديون.
تنهنجي منهنجي لاءِ دڪايل!
هڪڙو هندستان کپي.
هڪ ٻئي سان همدرد هميشه،
هندو مسلمان کپي.
بت جي هر ڪنهن عضوي کي،
آزادي بخشي ٿي قدرت.
ڌار رهي خود-مختياري ماڻيندي،
پي ڪن ٿا شرڪت!
ڪنهن ڌارئي جي حماي سان سڀ،
عضوا ٿا گڏجي هڪ ٿين.
هڪ ٻئي جي خاطر رت ڏيئي،
گڏجي سڏجي ٿا منهن ڏين.
پيٽ ملائي ٿو سيني کي،
جنهن جو ڪم آهي خدمت.
کاڌو پيتو روز پچائي،
ڏي هر عضوي کي قوت.
پيٽ جي نيڪ رهيو نه صحت مند،
هرڪو عضوو پڻ ٿيندو.

ڳانءِ بچايو!

هن ڏکي ڀارت جو باقي ڌن ڳئُو-ڌن ۾ رهيو،
ملڪ جو جنسي جياپو ئي ڳـئُو ٿن ۾ رهيو.
کير اُنجو هر منش-ماتر جي ٽنٽن ۾ رهيو،
آسرو کيتيءَ جو سارو آهه ڏاندن ۾ رهيو.
اي هندستانيو! بچايو ڳانءِ کي اتحاد سان،
سڀ ڪريو فرياد گڏجي قوميت جي ناد سان.

۲

ڳانءِ سڀ جي لاءِ آئي امرتي ڌارا کڻي،
بالڪن، ٻيڙن، وڏن کي ٿيج ڏئي ماتا ٻڻي.
کير ڏڌ گهه ٿي ڪٽمب پالي سگهي هڪڙي جڻي؛
جا جڳت ۾ ڪنهن به ٻئي کان ٿي ڪري شيوا گهڻي.

مهاڀاري لڙائيءَ جو زمانو هو. جرمنيءَ جي هٽلر
جا بارودي گولا، فرانس جي شاهي شهرن کي تباهه
ڪري رهيا هئا. سڄيءَ دنيا ۾ فوجن جي ڊڪ ڊوڙ
جاري هئي. انگريز حاڪم، بنا پڇڻئي هندستان کي
جنگ ۾ شريڪ ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ زماني ۾ لاهور
اندر گئو ڪوس خانه لاءِ وڏيون شاهي مشينون لڳايون
ويئون هيون، جنهن جي خلاف، سڄي ديش ۾ ناراضپو
ظاهر ڪرڻ لاءِ مظاهرا ڪيا ويا هئا. جتي ڪٿي هن
ڪوس خاني بند ڪرائڻ لاءِ جلسا ۽ جلوس ٿي رهيا
هئا. لاڙڪاڻي ۾ پڻ اعتراضي جلسا ۽ جلوس نڪتا
هيٺيان گيت انهيءَ موقعي تي ڳايا ويا.

گـگدامن تي ديا ڪريو

سرگس لاءِ!

گـگدامن تي ڪريو ديالي گئُو بچايو گئُو بچايو
ويندي اُنهن جي آهه نہ خالي گئُو بچايو گئُو بچايو.

قياص وَهيڻي گانءِ نهاري،
جان بچائڻ لاءِ پڪاري.

آهہ مدد جي لاءِ سوالي، گئُو بچايو، گئُو بچايو.

ڪُسڻ سمي گـگدام نہ ڪـڇندي،
ڪاٽيءِ هينئان لـڇندي ڀـڇندي.

ساڻ ڪٽي ويندي اَڪ آلي، گئُو بچايو گئُو بچايو.

ڪرشن هٿن سان گانيون پاليون،
اڇو تہ گڏجي فرض سنڀاليون.

ملڪ ۾ ٿئي جنهن ڪان خوش حالي، گئُو بچايو گئُو بچايو.

گانءِ اسانجي پياري ماتا،
ڏڏ مکڻ ۽ کير ڏئي جا،

آهہ دکايل ڀولي ڀالي، گئُو بچايو گئُو بچايو.

بي‌زبانُ سا اڄ پڪاري ٿي گنگي فرياد سان،
اي هندستانيو! بچايو گانءِ کي اتحاد سان.

۳

سلسلو ظالمي سٽيل لاهور ۾ خوني ڏسو،
چار سؤ گانيون ڏهاڙي قتل جو قهري قصو،
خون جو دريا بُڏي؛ ٿئي عقل اِنساني وِسو!
ڏيڍ لک هڪ سال ۾ ٿين قتل؟ هيڏو حادثو!
بڻ کُٺي برباد ٿيندو هن بُري بغداد سان،
اي هندستانيو! بچايو گانءِ کي اتحاد سان.

۴

خون ڏيندي هڪ دفعو، پر کير ڏيندي بار بار،
جهل ڇري جلاد ظالم! ڪر نہ قاتل وار وار.
صبر سان ويندي سهي گگدام، گردن تي ڪٽار،
پر اوهان کي پيي ڪرڻ ڏيندي نہ دنيا ۾ قرار،
سک ڦٽائيندي اوهانجو پنهنجي دل ناشاد سان
اي هندستانيو! بچايو گانءِ کي اتحاد سان

•

واپاري آندولن

(۱۹۳۸)

قيد ۽ ڪنٽرول جي ٿيو ديش جو واپار باند،
ڪاڦ ڪوٺين کي لڳا، ٿي جنس جي بازار باند.
لوهه، ليسن جي ڪڙين سان ويو جڪڙجي روزگار؛
چؤطرف جنهن جي ڪري افسوس ٿيو وهنوار باند.
ٿيون مُنڊيون موڪيون، وَئي ناٽي جي بهجي لين دين،
ڪارپٽ ڏڪجي پئي ڏنڌا ٿيا ويتر ڏار باند.
ڪاڳرين، ميتن، منيبن ۽ پئي ڪيڏي ڪتر؛
چو ته پيڍين جو سمورو ٿي ويو ڪاروبار باند.
ضابطي جي نانوَ ۾ مُڪو رشوتين جو متو،
مفت خورن جي وَرن ۾ ٿيا ڪئين ڪادار باند.

جنگ جي ڪري ملڪ ۾ چؤطرف مهانگائيءَ منهن ڪڍيو. تڏهن سرڪار عام گهرجن جي شين جهڙوڪ ڪپڙي ۽ اَناج تي ڪنٽرول لڳايو. سنڌ سرڪار انهيءَ سمي اناج جو واپار پنهنجي هٿ ۾ رکڻ لاءِ سنڌ گرين سنڊيڪيٽ کي جنم ڏنو. اناج جي عام واپارين ۾ سرڪار جي هن قدم سخت بي آرامي پيدا ڪئي. ڪنٽرولي قانون فرقيپرست سرڪاري عملي کي جڻ چيڪ چڙهي ڏنو ته هو پل ته واپارين کي ستائين ۽ پيڙين. رشوت جي بازار گرم ٿي ويئي. اناج جو عام واپار جيئن ته واپارين کان گهٽي قد رکسيو ويو انهيءَ ڪري اناج جي وڪرن ٿوري دوڪانن تي ڪم ڪندڙ ميتن ٿوري منيبن کي نوڪرين کان جواب ملڻ لڳو. نتيجي طور بي ڪاري وڌڻ لڳي. انهيءَ وقت سنڌ ۾ ڪنٽرول بابت خاص ڪيڊيل آرڊيننس جي خلاف هڪ ڏينهن ملهايو ويو. هيٺيون گيت انهيءَ موقعي تي لاڙڪاڻي ۾ ڳايو ويو هو.

سڄي ملڪ ۾ ضروري شين جي مهانگائي ڪري ڪپڙي جو جڻ قحط پئجي ويو. سنڌ جي عام، شهري توڙي ڳوٺاڻن کي ڪپڙي جي ڏکر بيحد تڪليف ۾ وڌو. اهڙي وقت جوڙجڪي ڪم ڪندڙ ڪادي توڙي آڌاڻن جي ڪپري ۽ ڳوٺاڻن هنرن کي ڦهلائڻ جي خوب ڪوشش ڪئي. رتوديرو گانڌي آشرم (خدمت گهر) ۾ چرخن تيار ڪرڻ لاءِ سرانجام ڪارآليه شروع ڪيو ويو. سنڌ سرڪار به اُنهيءَ وقت آشرم کان ڪافي چرخا خريد ڪري ڳوٺن ۾ ڏنا.

ساڳئي وقت هندو مسلم سازيءَ لاءِ "مسلم ماس ڪانٽئڪٽ" آندولن پڻ شروع ڪيو ويو هو. ڳوٺاڻا خادم ڳوٺ ڳوٺ ۾ چرخي توڙي هندو مسلم ايڪتا جو پرچار ڪندا رهيا. ڳوٺن ۾ هاري-حقدار هلچل به چڱو زور پڪڙيندي رهي. اُنهيءَ وقت جا گيت اڃ به جڻ تازا پيا ٿا لڳن. اڃو ته اُهي گيت ڳايون ۽ ڳارايون.

ضابطي جو هو بهانو، مامعو سنڊيڪيٽ جو،
بد ديانت سان ڪرڻ چاهيائون ڪل ڪم ڪارباند.

آنگ جي واپار ۾، ايمانداريءَ جو هجي،
ڪنهن جي همت جو ڪري واپار جو اختيار باند؟

پر پڇي جو خيال ۽ جي پاڻ ۾ ايڪو هجي،
پوءِ واپاريءَ جو حق رکندي نه ڪا سرڪار باند.

اڄ غريبن کي دکايل آهه چنتا پيٽ جي،
ڪين ڪونين ۾ ڪري ڪو آن جا انبار باند.

چوي ٿي، هرهر اُٿي اُٿي تون!
هي پنهنجو بگڙيو نہ ٺاهہ ڀاڳہ.
اُٿ ڳوناٺا جاڳہ جاڳہ!

رهين ٿو رنج و الم ۾ ڪيڏو نہ هندواسي،
ملول چهرو، بدن اَبالو ۽ دل اُداسي.
نہ انگ اوڇڻ نہ پيٽ داڻو،
مٿي ڍڪڻ لءِ نہ گهر پراڻو.
ڏڪئي گذر تي رهين سدائين؛
بکئي پيٽ لءِ ڀِٽين سدائين.
هي هاچوڪيڏو؛ جوگهرجي راڻي،ٿي گهرجي داسي!
وطن جو ڏکڙو سٺي ڏکايل، بڻيو سنياسي.
رباب دل جو وڄي وڄي ٿو،
وطن جي سورن جو ڳائي راڳہ.
اُٿ ڳوناٺا جاڳہ جاڳہ.

اُٿ ڳوناٺا

اُٿ ڳوناٺا! جاڳ جاڳ، پرھ ڪڍيون باڪون،
ساري دنيا جاڳي اُٿي! تون نہ اُٿئين ڇاڪون؟
اُٿ ڳوناٺا جاڳ جاڳ!
دکي هندڙي ذري ٿي سڏي اُٿاري.
سُٺين ننڊ سڏ؟ مِٺي ماءُ ٿي ڪڙي پڪاري!
اکين ۾ پاٺي، ڪٺي نماٺي،
ڇوي ٿي جواٺي لون شال ماٺين.
اُٿي ڪا حالت سڌار پنهنجي،
جا بگڙي آهي، سنوار پنهنجي.
ڏسي اُگھاڙو بکيو اسانکي، ٿي نير هاري،
هجي آمڙ جو ڪو لعل جيڪو هي دک نِواري.

وطن جي خدمت نہ ڇاڏون بار،
ملي جو پورهيو ڪريون نہ عار.
اهـــڙو پـــاؤ اچـــي،
پـــرم ڪـــان ملڪ بچي.
ننڍي وڏي جا سڪڻا فرق ڇڏيون.
اچو تہ ڳوٺ اَڏيون ....
جيسين دڪايل ايندي نہ الفت،
تيسين حاصل ٿيندي نہ راحت.
هڪڙي گهر جا پاٽي گڏجن،
جمڻ مرڻ جا ساٿي گڏجن.
رهي وڇوٽي نہ جڳن ڪو وار،
هجن سي هڪٻئي جا غمگسار.
جـيـئـي رانـد سچي،
هـاري بـازي ڪچي.
اچو! اچو! ڪلفت ڪي جاءِ نہ ڏيون.
اچو تہ ڳوٺ اَڏيون. ....

ڳوٺ آڏيون!

اچو تہ ڳوٺ آڏيون سنڌ جا،
هند جا ڳوٺ آڏيون.
اچو تہ ڳوٺ آڏيون.

جيڏين سرتيي ٽئي شل سنڌڙي،
خوشبوُ جڳہ ڪي ڏئي شل سنڌڙي.
پرهہ ڦٽيءَ جون باڪون نڪرن،
سهٽيءَ سنڌ جون ساڪون نڪرن.

نئين چمن ۾ اچي بهار،
رهي گلن ۾ نہ ڪو بہ خار.
قدرت رنگ رچي؛
خاصي موُج مچي!

ڪِلي ڪِلي هڪ ٻئي کي شال سڏيون.
اچو تہ ڳوٺ آڏيون ....

پنهنجا سَرِ بَندَ پنهنجا رازا،
ريءَ مزوريءَ تڪڙا تازا!
رستا ناهيون ناليون جوڙيون،
هَڏَجي سڏڪان منهن نہ موڙيون.

هي قسمت جون سونيون ليڪون،
هت سان ڪين بگاڙ.
اُٿي پاڻ تي پاڙ!
ڏس ليڪو پيو آهي پڌرو،
پَرَ جو واڏو گَهرَ جو گهاٽو.
فرق نه جنهن ۾ آهي ذِرَ جو،
جڳه جون اُميدون تو ۾ جاڳيون.
ڪر ڪا ڏڪا يل ماڙ!
اُٿي پاڻ تي پاڙ!

هَرَ ۾ برڪت

هر ۾ برڪت هاري،
تنهنجي هڏ ۾ برڪت هاري.
هاري تنهنجي جيت نماڻا!
هڪ داڻي مان ٿين سؤ داڻا!
سائينءَ جو رنگ، داڻي مان سنگ!
ڪٽڪ هجي توڙي ساري. تنهنجي ....

ناڏا! پاڻ تي ياڙ!

ڏي پاڻ تي ياڙ!
هند نواسي، سنڌ نواسي!!
ٻئي جو تڪيو نہ تاڙ.
اُٿي پاڻ تي پاڙ!
ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڪنبر ڪوري،
لوھر، واڍي، سِربند رازو.
هنرمند جي ذات سگوري،
گَهر جوُن گُهر جوُن گهر ۾ پوُريون.
چت هنرن ڏي لاڙ.
اُٿي پاڻ تي پاڙ!
سار ڪين تون اوُج پراڻو،
ڪالھ مُٺي جو پِنڪو چاجو،
حال لوچ ۽ سوچ سياڻو.
ڪمزوري ۽ جون ڳالهيون گھوريون.
سائو گهر نہ اُجاڙ.
اُٿي پاڻ تي پاڙ!
مؤت جاڻ ٻئي جي محتاجي،
هٿ هُنرِ ڪارو ٿئي ڪاٺيارو.
ڪَاڻ ري ۽ جڻ جندڙي آجي.

ڏوهڙو:

هاري! منهنجي رَبَ ڪيو تنهنجو وڏو مانُ،
راند يگر ٿا راند ۾ ڏس هاري ڪن اڳوان.
پيٽ جي ايندو پوئتان؛ پوءِ هي ڪٽي پل خان!
تو ٿي ازل ڪـــان رهيو، مالڪ مهربان.
ڏسي پنهنجي حال ڪي ٿيءُ نہ تون حيران،
اُنتي پنهنجي هٿ ۾، جي همٿ ٻڌي اِنسان.
شوق جي ڏاڪڻ تي چڙهي ٻار علم جو شمعدان،
نہ وري تنهنجو شان اڳي ڪان اڳرو ٿئي.

هاري جاڳ

هاري!

جاڳ، هاري جاڳ!
تـو تـان جڳ ٻاهاري، جاڳ.
هاري! جـاڳ، هاري جاڳ.
علم کي ڪر ڪوڏر سان شامل،
ڪوني چوڻي تو ٿي ڪانڊي ڪامل.
تنهنجي ئي هٿ ۾ آ هاري!
پنهنجو پليرو ڀاڳ. هاري جاڳ ....

ٿون ڏاتر جي در جو دربانُ،
جيڪي ڏي سو تنهنجي هٿ سان.
پاڻ کي پيڙين، مُٺ نہ پيڙين،
تنهنجي دل داتاري. تنهنجي ....
ڪڙمي ڪڙم دنيا کي پائين،
جڳ ڪارائين پاڻ نہ کائين.
ڏيندي مرڪين، هَڏ نہ ڪُرڪين،
وَرُ رکي ٿو نہ واري. تنهنجي ....
سانوڻ، سرءُ ڪاهي ٿي ڪوڏر،
فجر وڃي، وَرين سومهڻيءَ گهر.
رت ست تنهنجي، محنت تنهنجي،
پاءُ نہ ڪوڏي ڪاري. تنهنجي ....
بنڌڻي ٿي آن واتا واتا،
ڏار ٻيا ابواب جا ڏاتا.
هي پيراڻو، هي ميراڻو،
هي سائل سرڪاري. تنهنجي ....
ٿون جي پنهنجو حق سڃاڻين،
خوب دڪايل چوڙين ماڻين.
علم پڙائين، پاڻ ملهائين،
تنهنجي ٻوءِ سِرساري. تنهنجي ....

اسين ملازم، ملزم ناهيون،
پورهئي سان ٽا پيٽ ڪمايون.
سو ڇو ڪنهن کي رنجائينداسين ؟
ڪس نہ ڪنهن کي لائينداسين.
قدرت جي نعمت جو ورثو،
آهي سڀ ڪنهن لءِ هڪ سرڪو.
محبت ساڻ مڃائينداسين،
ڪس نہ ڪنهن کي لائينداسين.
محنت مزدوريءَ جي روٽي،
گهر وينئي ڇو کائن ٽوٽي ؟
تن کي صاف سڻائينداسين،
ڪس نہ ڪنهنکي لائينداسين.
هڪڙي گهر جا ڀاتي آهيون،
ڏک ۾ سک ۾ ساٿي آهيون.
ڪنهن کي گهٽ نہ ڀائينداسين،
ڪس نہ ڪنهن کي لائينداسين.
پورهيو هڏ جو مرد جي خصلت،
آهہ ڏکايل دل جي راحت.
محنت جا گڻ ڳائينداسين،
ڪس نہ ڪنهن کي لائينداسين.

قرض ڪٽي جي پٽڪن ميلا؛
موتڻ سان منهن تن جا پيلا!
گهر ۾ کائڻ لاءِ نه هوندن،
پورو ڏوڏو ساڳيو! هاري جاڳيو....
ناحق ڏنگن تي ڏن هارين؛
جيل وجي، بُڪَ پاڻي مارين!
مرٽي پرڻي تي ٽون ڪرين ٿو،
ڪيڏو سکٽو راڳيو! هاري جاڳيو....
جي هي افعال ڇڏي تون ڏيندين،
اڳيان ڪان بيشڪ اڳرو ٿيندين.
وقت اچا ويو ناهه دکايل!
ساجهر ٿيءُ سجاڳيو! هاري جاڳيو....

پورهيت جي پڪار

ونڊي ورهائي کائيندا سين،
ڪسُ نه ڪنهنکي لائيندا سين.
پنهنجو حق بچائيندا سين،
ڪس نه ڪنهنکي لائيندا سين.

تنهنجي محنت مزدوريءَ جي،
قيمت؟ بک بيڪاري!

پورهيت! تنهنجو ڀاڙو ڀاري.
رتن اُپائڻ وارا پورهيت!
ساري جڳ جا پيارا پورهيت!

پاڻي منڙو واهن وارو،
سمنڊ سان گڏجي ٿئي ٿو کارو؛
امرت منٿن جي هڪ واريءَ،
آئي آهي واري.
پورهيت! تنهنجو ڀاڙو ڀاري.

پرم پلاڻو هيڪر لاهي،
ڪوڙ ڪپٽ جا ڇڏ تون ڊاهي.
قربانيءَ جو ديپڪ ٻاري،
ڇڏ اوديا جي اوندهه ٽاري.
ڪر حق-تلفي دور دڪايل!
حاصل ٿئي حقداري.
پورهيت! تنهنجو ڀاڙو ڀاري.

جاڳ پورهيت

پورهيت!
تنهنجو ڀِلڙو ڀاري،
تو! ڇا ڪُون دل هاري.
پورهيت! تنهنجو ڀلڙو ڀاري.
وقت، وسوڙهل! ناهي ساڳيو،
تنهنجو حق ڪَرَ موڙي جاڳيو.
اڄ ڪاله وقت سلامي تنهنجو،
سارو جڳ ٿيو حامي تنهنجو.
تون موقعي جو مرم سڃاڻي،
ڪر همت هوشياري.
پورهيت! تنهنجو ڀلڙو ڀاري.
پورهيو پنهنجو ڀاڻ نہ ڪائين؛
ڀونجيءَ وارن کي ورسائين!
خود غرضيءَ جو دَئِتُ هڇارو،
دوکي سان تو کَسڻي گذارو!

هٿ اُٽڻ ۽ دستڪاريءَ جو هنر،
پين گھرو هنرن سان پڻ دل لائجو.
جيڪڏهن چاهيو سُکيو سهنجو گذر،
هٿ جي پورهئي کان نه هَڏِ ڪيٻائجو.
آهه سستي ئي ڳراوٽ جو سبب،
پاڻ جاڳــي ملڪ کــي جاڳائجو.
جي دکايل! ديش جي اُنتي گھرو،
سڏڙو ڳانڌيءَ جو اوهين ورنائجو.

فئشن پوڄاري!

ٿا ملڪ ڪريون برباد، ايءِ فئشن پوڄاري!
اٿي عام اِها فرياد، ايءِ فئشن پوڄاري!
ڇو خوني ڪپڙو پايو ٿا،
بڪ پارت جي ڇو وڌايو ٿا.
ڇو گھر کي آگ لڳايو ٿا. ايءِ فئشن ....
اوهين علم پرائي جاهل ٿيا،
خود قوم جا قاتل، ڪاهل ٿيا.
ڇو نت شت پاسي مائل ٿيا. ايءِ فئشن ....

پورهيت جي حالت

پورهيتن جي گهر الا! افلاس غربت جو انڌير،
عيش و عشرت ساڻ روشن محفلِ سرمايدار.
مِس هجي، موٽر هجي، پڻ پُرِ هجي پيالو شراب،
پَر مزورن لاءِ مشڪل آهه پورو روزگار!
هت هزارين ۽ لکين محتاج رُلنيءَ لءِ، مگر،
سمُر يورپ لاءِ شاهوڪار کي گهرجن هزار.
لاڏلا بيشڪ زميـنـداري، اُڏائـن ڳـا ڇـرا،
پـر ڪٽنب جي پالنا لءِ آهه پورهيت بيقرار.
اُف! زمينداريءَ جي گهاٽي ۾ ٿو پورهيت پيڙجي،
جنهن جو پنهنجي زندگيءَ تي ناهه پورو اختيار!
حضرتو! هارين کي ليڪن ڪيئن وساري ٿا سگهو؟
آهه جن تي اي دڪايل، ديش جو دارومدار.

پنهنجا هنر همٿايو

پنهنجي هنرن کي اوهين همٿائجو،
پاڪ پورهئي تي هي هٿ هيرائجو.
ڪين ڌارين جو اُٽيل ڪپڙو ڪجو،
پر فقط پنهنجو جُڙيوئي پائجو.

کانگريس ۾ جيڪي تکن ويچارن جا نؤجوان هئا، اُنهن گڏجي راشٽر-سيوادل کي جنم ڏنو. سڄي ملڪ ۾ هزارين شاخائون هن قومي سنگٺنا جون کلي ويئون. سنڌ ۾ به هن هلچل ڪافي زور ورتو. هزارين جوان ۽ جوانڙيون قومي سيوادل ڏانهن ڇڪجي آيا. بدني ڪسرتن سان گڏ ڪين قواعد پڻ سيکاريو ويندو هو. ميلن توڙي ميٽنگن وقت راشٽردل جا سنگٺڪ واهه جو بندوبست رکندا هئا. سندن رئليون ٿينديون هيون ۽ ڪئمپون پڻ ڪندا رهندا هئا. ۱۹۴۲ع واريءَ هلچل ۾ هن دل جا گهٽيئي سنگٺڪ ستياگره ڪري جيل ويا. اُنهيءَ وقت قومي سيوادل جي سپاهين جا گڏيل مارچنگ-راڳ اڄ به ڪم اچڻ جهڙا آهن. پڙهو ۽ ڳايو.

ذرو درد نہ دل ۾ ڌاريو ٿا،
ڪجهہ قومي فرض نہ ساريو ٿا.
ڇو مفت غلامي گهاريو ٿا. ايءُ فئشن ....

سڀو ملڪ جڏهن ماتم اندر؛
اوهين عيشن ۽ آرام اندر.
پيئو پيگ پيالا جام اندر. ايءُ فئشن ....

اڳيان رنڌ ڪا رهائجي جي نہ اچي،
هوندا هلچل هيءَ ڪي رنگ رچي.
وڌ ظلم سهڻ کان ملڪ بچي. ايءُ فئشن ....

اوهان صدقي هزارين جيلن ۾،
وڏا ويرِ وڃي پيا وئلن ۾.
اوهين اچا تماشن کيلن ۾. ايءُ فئشن ....

جي مدد نہ ڏيو آزار نہ ٿيو،
هن شاهہ راهہ ۾ خار نہ ٿيو.
جي پنهنجا نہ ٿيو تہ بہ ڌار نہ ٿيو. ايءُ فئشن....

ڏيو آٿت ديش 'دکايل' کي،
کيو ٿنگ نہ مات ستايل کي.
وٺو موٽي ملڪ وڃايل کي. ايءُ فئشن ....

راهہ ڏکيري پنڌ اَٽانگو،
سِرَ جو ڪرڻو ناهي سانگو،
وڃهہ منزل تي قدم ڪرارو،
رک مقصد جي آس.
ساٿي! همت کي شاباس.

سپاهي جوان!

سيوا دل جا نوجوانؔ! ڏي آتم بليدان.
تون ديش جو گهمنڊ،
تون قوم جو گهمنڊ.
تنهنجي روحاني تيج جو ساڪيِ سڄ چنڊ.
تون سانتيڪو طوفان.
سيوادل جا نوجوان ....

اهڙو ڪو ڪر يتن،
آزاد ٿئي وطن.
خذمت ۾ قوم جي تون اربي ڏي تن، بدن.
ٿيءُ ملڪ مٿان قربان،
سيوادل جا نوجوان ....

راشٽر سيوا دل

همت کي شاباس،
ساٿي! همت کي شاباس.
قرباني جاڳائيندي تنهنجو،
قـومـي وشـواس.
ساٿي! همت کي شاباس.
رات انڌاري ڪاري ڪاري،
گهور گهٽا ڇانئي چؤڌاري،
ڪنوڻ ڪنوي طوفان ڪنبائي،
ڦاٽي پـل آڪاس.
ساٿي! همت کي شاباس.

گانڌيجيءَ نيٺ شخصي ستياگرهه کي عام ستياگرهه جو روپ ڏنو. بابوسڀاش چندر بوس انهيءَ وچ ۾ هندستان منجهان لڪي ڇپي وڃي جرمنيءَ پهتو هو، جتان هو جاپان آيو ۽ اُتي ڀارت جي آزاديءَ لاءِ هن آزاد-هند فوج کڙي ڪئي، گهڻيئي هندستاني جنگي قيدي خوشيءَ سان پنهنجي محبوب اڳوان جي کڙي ڪيل فوج ۾ اچي شامل ٿيا. مهاتما گانڌي ١٩٤٢ع واريءَ هلچل ۾ ملڪ کي جيڪو نعرو ڏنو، اُهو هو 'انگريز! ڀارت ڇوڙدو'- هن نعري سچ پچ انگريز حاڪمن جي ننڊ ڦٽائي ڇڏي، ان هوندي به هو سڄو ملڪ ڇڏڻ وارا ٿورو ئي هئا. هلچل کي دٻائڻ لاءِ ڏاريءَ سرڪار سڀ يتن ڪيا ۽ ٻاهرينءَ

جـــي تيز ٽڙي ٽبر،
سيني کي ڍال ڪر.
سوراج جا سپاهي! پٺتي قدم نـــہ ڌر.
تون ويرن جي سنتان.
سيوادل جا نوجوان ....

رک اهنسا جي خوُ،
ستيہ جـــي جُستجوُ.
توکي مٺي دکـايل! ماتا جـــي آبـــرو.
ڪر اوچو هندستان،
سيوادل جـا نوجوان!
ڏي آتـم بـليـدان.

ديشواسين کي سڏ

ڪڏهن سائين! ڪيئن به ڪري جوان جنگ واسطي،
جوان جنگ واسطي، جوان جنگ واسطي.
اوهين ڏيندا جٽو جٽو ڪٽڪ ٽيندو گهٽو گهٽو،
ڪُوپا ڪُڏي ڪاهي پوندا تيز ترنگ واسطي.
ڪرت ڪاريون وير! وساريون پرت پاريون ملڪ سان،
ست سنياريون جان به واريون ناڻ ننگ واسطي.
زور لڙائي آهه هلائي هندستانين هن دفعي،
اڳيون آئي ڏَرُ ڏڪيائي فوج فرنگ واسطي.
ڪُوپا! ڪاهي، سينا ساهي، هاو ڪاهي هيج مان،
سات سنباهي سڌنا ناهي، تير تفنگ واسطي.
ملڪ اڳيان اڄ آهه دکايل! سوال حياتيءَ موت جو،
دوکو آهي دير ڪندي ميدان تنگ واسطي.

آزادي!

اڄا پيي جي اڄڙ کان تون ڪندينءَ انڪار آزادي،
ته ڏسندينءَ نوجوانن جون سسيون ڏڙ ڏار آزادي.
ڏنوسين شوق سان پنهنجي بدن جو خون پيئڻ م،
نه ٿيو شايد اڄا تنهنجو ڪپر تمنار آزادي!

ريت تہ هلچل جڙ ماڻي ڪري چڏيائون. ٻئي پاسي ملڪ بہ ماٺ ڪري ڪين ويٺو هو. جنوري ١٩٤٥ تاءِ جوان ٻئي جيلن ۾ آيا ۽ ويا. هن هلچل ۾ گهٽيئي شهيد ٿيا. سنڌ جو ويرهيمون ڪالاٽي بہ هن ئي هلچل ۾ ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويو. سنڌ ”پارت ڇوڙدو“ واريءَ هلچل ۾ خوب پاڻ ملهايو. نتيجي طور، هن هلچل ڪانپوءِ ١٩٤٦ ۾ جڏهن وري اسيمبلين جون عام چونڊون ٿيون تہ سنڌ جي هندو ٽڪن منجهان سؤ سيڪڙو اُميدوار ڪانگريس ٽڪيٽ تي ڪامياب ٿيا. هڪ مسلمان بہ ڪانگريس ٽڪيٽ تي چونڊجي آيو. اُڻويهہ سؤ ٻائيتاليهہ واريءَ هلچل جون يادگيريون سڙيون وسرڻ جون ڪين آهن. اُنهن ڏينهن جا گيت اڄ بہ جڻ ڪنن ۾ پيا ٿا وَڄن.

سگهٽا گمان انديشا ڇاجا،
اُٿ او پنهنجي دل جا راجا!
اُڇل اُڇل بي فڪر جوئاري،
فڪر وري ڇا لاءِ؟
جوئاري! سر جو داءُ لڳاءِ.

ڪاڻ نه مور ڪجي ياري جي،
بازي آخر دل واري جي.
سوار نصيب جي گهوڙي تي ٿي،
پِڙ ۾ پير ڄماءِ.
جوئاري! سر جو داءُ لڳاءِ.

رانديگر جي ريت نياري،
هاري پيو جنهن راند نه هاري.
هار ۽ ڪٽ کي فرضي ڄاڻي،
دم دم بازي لاءِ.
جوئاري! سر جو داءُ لڳاءِ.

کيڏ تون ٿيسين راند جوئاري،
جيسين سوڀ ملينئي ساري.
آزاديءَ کي مقصد ڄاڻي،
داءُ دکايل! لاءِ.
جوئاري! سر جو داءُ لڳاءِ.

ٻٽي آڪاس ۾ تارا، ٽڪيون اڇ راهه ٿا ٽنهنجي،
مگر ٽنهنجو اڇا تاءِ نـہ ٿيو ديدار آزادي.
جڏهن يڪمشت ٿي ايندا هنديءِ آزاد مندر ۾،
ڪنبي ويندو سندن تعداد ڪان سنسار آزادي.
اچا توکي کپي جي رت شهيدن جو ڪُلي چئُ ٽون!
ڏيڻ لءِ اچ بہ ڀارت ۾ هزارين تيار آزادي.
ڪيو جن هيج مان هيڪر 'دڪايل' تو سندو درسن،
نہ توکان سي گذاريندا گهڙي هڪ ڌار آزادي.

سر جو داءُ لڳاءِ!

جوئاري!
سِرُ جو داءُ لڳاءِ.
جوئاري! سر جو داءُ لڳاءِ.
ماڪي محبت جي هن پِڙَ ۾،
جيڪي هجيئي هــلاءِ.
هار جيت جي چنتا ڇاجي؟
اُٿ ڍارو اُڇـلاءِ،
جوئاري! سر جو داءُ لڳاءِ.

جڳ ۾ وانگيان تون پي نہ شرابي،
رُڪ سالم نت هوش شتابي.
مئنوشيءَ جي موج انهيءَ ۾،
ماڻي ڪو مستانو.
شرابي! شال وسي مئخانو.
اهڙي پيمار ڏڪايل، سرڪي،
زاهد پاڻ پيئي خود مرڪي.
بندش ۾ نہ رهي ڪو عالم،
ٿئي نہ نجات بهانو.
شرابي! شال وسي مئخانو.

بهادر ستاگرهي

(سنواد)

سکي! ڪير آهي؟
سنگينن جي پهري ۾،
هي ڪير آهي؟
زنجيرن ۾ جڪڙيل ڪو نر شير آهي.
سکي! ڪير آهي؟
خماريل اکين ۾ عجب آهہ مستي؛
ڪري ٿي جا ظاهر دلاور جي هستي.

ملڪي محبت جو شراب!

شرابي!

شال وسي مئخانو،
ملڪي محبت جي مئہ وارو،
ڇلڪي پيو پئمانو.
ڦُرڪڙي هڪڙيءَ سان بدلائي،
جهونو رنگ زمانو.
شرابي! شال وسي مئخانو.
ٻي پل پيالن تي پُر پيالا،
ملڪي محبت جا متوالا!
پيئندي ڏس! جيئن پيرن ٿڙڪي،
لوڪ نہ ماري طعنو.
شرابي! شال وسي مئخانو.
دارون دنگ پريا ليئائي؛
ڇڏ جنسي درياهہ وهائي.
وهم غلامي ٻوڙي هيڪر،
ديس بڻي ديوانو.
شرابي! شال وسي مئخانو.

ٻڌ سکي!

جواب!

اڄــا ڏي نهاريان.
ويــا هــو ســکي!
مان اڄا ڏي نهاريان.
پڇيين ڏي، نہ ڇو ڏي اَڄهل لڙڪ لاڙيان؟
ويــا هــو ســکي!
مان اڄا ڏي نهاريان.

هو بانڪو بهادر وطـن جـو سپاهي،
سدا ديش سان جنهن ڪئي خير خواهي.
سکي! ڇو نہ اهڙي ڪي،
سڄ دل سان ساريان.
ويــا هــو ســکي!
مان اڄا ڏي نهاريان.

ٻٽي سنڌري جنهن ڪئي پاسباني،
وطن جي ٻاڃي لاءِ ويو ڏيئي جواني.
انهيءَ وير ڪان ڇا،
رکي لڙڪ واريان؟
ويــا هــو ســکي!
مان اڄا ڏي نهاريان.

مٿي مرڪ منهن ٽي،
ڪو دلير آهي!
سڪي! ڪير آهي؟
نہ لرزش آنگن ۾ نہ ڏڙڪڻ بدن ۾،
ذري خؤف جي ڪا علامت نہ تن ۾.
نڪو بي ڏڙڪ چال،
۾ ڦير آهي.
سڪي! ڪير آهي؟
مرڻ جو نہ هنڪي ڪو ارمان ٿو ڏسجي،
نہ چهري تي دهشت جو نيشان ٿو ڏسجي.
نہ سستي قدم ۾،
اڳي پير آهي.
سڪي! ڪير آهي؟
هليا ويا سڪي! ٽون اڃا ٿي نهارين؛
اڙي، هي ڇا! هنجون ته ٽون پيي ٿي هارين؟
بڌائين نہ ٿي؟
پيو مڙيوئي خير آهي.
سڪي! ڪير آهي؟

ٺاءِ ڪالر جي ڦندن ۾ ڦاسڻو مونکي نہ آهہ،
پنهنجي گردن ۾ هيءَ موذي مار صاحب رهڻ ڏيو.
پل ڪمربند سان ڪشيو صاحب اوهين هي سوُٽ ڪوٽ،
جامو منهنجي جان تي سلوار صاحب رهڻ ڏيو.
بوُٽ ڊاسن جا پِلي پيرن ۾ پايو شوُق سان،
منهنجي پيرن لاءِ هنديِ پيزار صاحب رهڻ ڏيو.
هئي اُگهاڙي ناچ ۾ نيبهہ اوهانکي ايگ پيگ،
اهڙيون رسمون سٽ سمند رپار صاحب رهڻ ڏيو.
پل پڙهو لنڊن جي اخبارن ۾ معشوقيِ قصا،
منهنجي لاءِ 'هندو' فقط اخبار صاحب رهڻ ڏيو.
مونکي ڪاليداس، ببوس، جي فقط ڪوتا کپي،
دور شيڪسپيئر جا اشعار صاحب رهڻ ڏيو.
پل تہ انگريزي ۽ لٽِنن ۾ اوهين گٽ مٽ ڪريو،
منهنجي لب تي ديش جي گفتار صاحب رهڻ ڏيو.
پل اوهين سرڪار جي سروس ڪريو، مونکي مگر،
ملڪ جي خاطر ٿيِ اڄ بيڪار صاحب رهڻ ڏيو.
مر اوهين مدابين گذاريو، پر 'دڪايل' لاءِ فقط،
شيوا مندر جي تنٽل ديوار صاحب رهڻ ڏيو.

غلامي وطن جي رهڻ ڪين ڏيندس،
ڇيائين، يا مرندس يا آزاد ٿيندس.

سڪي! ايڏو اُپڪار؛
ڪيئن مان وساريان؟
ويا هو سڪي!
مان اچا ٿي نهاريان.

جني ملڪي محبت وڏو ٻوهه آهي،
گهرڻ پنهنجي آزادگي ڏوهه آهي.

اُني ڪيئن دڪايل!
سڪي ٿي گذاريان؟
ويا هو سڪي!
مان اچا ٿي نهاريان.

ديش پريم

ديس سان منهنجو ڏٺيءِ لڳ پيار صاحب رهڻ ڏيو،
ملڪ مادر جو ٿي خذمتگار صاحب رهڻ ڏيو.
همت مغرب جي مبارڪ هجي اوهانکي اي جناب!
منهنجي سر تي مشرقي دستار صاحب رهڻ ڏيو.

پارٽواسي جاڳو

اُٿو پارٽواسي جاڳو، اڄ آيو سمو سڀاڳو،
ڇڏيو غفلت آلس ٿياڳيو، اُٿو پارٽواسي جاڳو.

جڏي ساري دنيا جاڳي،
رهي حالت اوهان جي ساڳي.
گهڙي آئي ڪهڙي نڀاڳي. اُٿو پارٽواسي....

اوهان پنهنجا هنر ورسايا،
ويا زور وٺي هٿ ڏاريا.
ڪئي پائر بکن ۾ ماريا. اُٿو پارٽواسي ....

سڄو ملڪ مري ٿيو ماندو،
سهي سُور الا! هيڪاندو.
وڏي آفت ۾ ڪنهن آندو؟ اُٿو پارٽواسي ....

هلو، هلي ڏسو گونٽا،
سدا روئن روز نماڻا.
سهي سُور گهڻا ٿيا ساڻا. اُٿو پارٽواسي ....

اڄ روز سهانگو آهي،
پر مؤت مهانگو آهي.
ڏاڍو وقت اَٽانگو آهي. اُٿو پارٽواسي ....

قومي گيت

ڪنهن سان سُور وطن جا سايان، سايان،
ٻري ٻري دل ٽٽي ٽي ٻوڙها.
ڪنهن پر هينئڙو جهليان جهليان.
ڪنهن سان سُور ....
ملڪ نهاري ٿيو من ماندو،
روز نه ڪو ڙودن ڪان واندو.
ديس جو دک ڏسندي هيڪاندو،
پاڻ پلا ڪيئن پليان پليان.
ڪنهن سان سُور ....
ننڊ سان نيهن لڳائي وينس،
همه همه هوش گنوائي وينس.
هٿ سان ملڪ وڃائي وينس،
هاڻي ٿو هٿڙا مليان مليان.
ڪنهن سان سُور ....
راز ڏسيو اِهو گانڌيءَ ڪامل،
ديس چليو ڏارين جي چل ول.
آءُ نه ڪنهن کي ڪين دڪايل!
اهڙي چَلِ ٿو چليان چليان.
ڪنهن سان سُور ....

سبز سائي گاهہ سان اگهہ چمڪندڙ چؤگان هو،
ڪير ۽ گهِہ جي ندين سان مرڪندڙ ميدان هو.
چار طرفي چندر ونسي راجپوتي شان هو،
ديس رکشا لءِ اُنهن وٽ جوش هو جولان هو.
گيان جو پرڪاش جڳہ لءِ آرين استان هو،
ڪشترين جي لاءِ سارو تاج ۽ طومان هو.
غير قومن حاسدن لءِ خسرتي سامان هو؛
اي دڪابل! دور ديسن ۾ هندي فرمان هو!

اخلاق سڌاريو!

ڀارت جي پراچين سڀيتا نہ وساريو، اخلاق سڌاريو،
بگڙي جا صدين کان سا وري ڪار سنواريو. اخلاق سڌاريو.
گوهر کي رهي ڪين نمائش جي ضرورت،
پالش جي ضرورت.
هي ناٿ ڇڏي باهريان اندر کي اجاريو. اخلاق سڌاريو.
سنسار کي تهذيب جو جنهن پاٺ پڙهايو؛
سؤ دؤر ڪرايو!

اڳي هئي هتن ۾ برڪت،
اڄ آهي ڪٿي سا شرڪت.
ڪٿي ملڪ سان ڌارين حرڪت. اُٿو ڀارتواسي....

جنهن قوم اندر ڪمزوري،
تنهن قوم جي جيوت گهوري،
اهڙي ڪانئر قوم ندوري. اُٿو ڀارتواسي....

جا قوم رکي ٿي طاقت،
خودداري حوصلو همت.
سا رهندي قوم سلامت. اُٿو ڀارتواسي....

جيسين قائم آهي غلامي،
هي مارُو مرض مدامي.
تيسين رهندي بي آرامي. اُٿو ڀارتواسي....

اڳيون اُوڄ

جڏهن پنهنجي ديس جي چيزن جو هٿ سنمان هو
هند جي هرهڪ ٻچي وٽ ڌرم هو ايمان هو
جڏهن ڀارت ورش جو چرخوئي مکيه پرڌان هو
۽ نزاڪت ڪان سمايل نڙ ۾ ململ ٿان هو

هڪڙا ڪائن پيا واجهائن،
روئي روئي حال وڃائن.
ترس ڪو ڏن تي ڪائي. شل پلو ....
هن غربت جو سبب غلامي،
آهه غلامي مرض مدامي.
مانجهي ڪو ملڪ بچائي. شل پلو ....
بانهپ شرم حياءَ ڪئي ٻوڙي،
بانهو، جو دم جيئرو، لوڙي.
بانهپ ذلت اُنائي. شل پلو ....
آزاديءَ جو ملهه نه ڪوئي،
جنهن سک ماڻيو ڄاڻي سوئي.
لوڪ سچو ٿو ڳائي. شل پلو ....
ديش جي لءِ جن ڪفني پاتي،
راهه حقيقي اُنهن سڃاتي.
وير ويا سي وڃائي. شل پلو ....
شال دکايل پارت جاڳي،
بانهپ جي هيءَ ذلت تياڳي.
مرڪي پاڻ ملهائي. شل پلو ....

ڪجهه ياد ڪري اؤج اڳوڻي ڏي نهاريو. اخلاف سڌاريو
اخلاق سان اِنسان ٿـو اِنسان چوائـي
آدرش سڌائـي.
سياڻا ٿيو اُصولن تي ڀِرو راهه سنڀاريو، اخلاق سڌاريو
هيءَ آگ بد اخلاق جي ڏارين جي لڳايل
ڪجهه سوچ د ڪايل!
آڌار ڇڏي ڀين جو، اُتو پنهنجي ڪا ڀاريو. اخلاق سڌاريو

ڀلو ڪر نه ڀلو ٿئيئي

ديس جو ڪر ڪو ڀلو شل ڀلو ٿيئي،
ڀلو اُهو جيڪو ڀال ڀلائي. ملڪ جو ....

ديش جي چنتا چت ۾ ڌاري،
ڇڏ هيءَ اؤکي ساعت ٿاري.
جاڳه ٿون جڳه جاڳائي. شل ڀلو ....

پورهيو جن جو پاڻيءَ نه تن جي،
پاڳه وجي ڀيو پائر ڀين جي!
جيڪو ڪٿي سو نه ڪائي؟ شل ڀلو ....

دهشت جو طوفان اُٿي پيو،
وحشت جو پيو ڦاٽي بادل.
نوري ٽِڙڪو آشا وارو،
ڏيندو رهڻ نه مور انڌارو.
دل جي بار مشعال،
او ڀارت جا لال!

ستياگرهي! مست سپاهي،
ساهيءَ ۾ آهي گمراهي.
آزاديءَ جو راهُه نيارو،
ترڪي پوندو ترسڻ وارو.
چست ڪيئي ٿي چال،
او ڀارت جا لال!

سنبريو ساٿُ ڪڙو واجهائي،
ڪُوَچ جو جيسين اِشارو پائي.
وَڄندو ناد جڏهن حق وارو،
ڪُڏندو ديش دڪايل سارو.
پو ڪنهنجي چا مجال،
او ڀارت جا لال!

او ڀارتي !

او ڀارت جا لال !
اُلٽ پلٽ ڪر خيال .
او ڀارت جا لال !
پيدا ٿئي جنهن خيال منجهان، ٻانهپ جو رنج ملال،
او ڀارت جا لال !
او دل وارا نڌر باغي !
جهاڳي چڙهه هي سمنڊ دماغي !
تون مشڪل تڙ تانگهڻ وارو،
توکي ڪهڙو دور ڪنارو.
ڪافي هڪڙي چال،
او ڀارت جا لال .
ٿاڪ ٿڪر وهمن جو ڀاري،
پير لڳئي ٿي پوندو واري .
ڪڙ هٿوڙو همت وارو،
داهه حياتيءَ جو تنگ چارو .
شاهي راهه سنڀال،
او ڀارت جا لال .

حوص جي لڳي آگ دنيا جلي، اُٿ!
وطن جي شجاعت جا وارث وَلي! اُٿ!
دڪايل ڪپي تــو پليدان شاهـي.
وطن جا سپاهي!

همت ڌار

نوجوان! همت ڌار،
همت ڌار، دل نہ هار.
قدم ڪٽي پٺتي نہ نهار،
نوجوان! همت ڌار.

آفت سان چوٽون ڪائيندو هل،
هل منزل تي، ٽون ڪاهيندو هل.
ٽڙڪين، ٽِڙڪين، دم نہ ٽوڙين،
دم نہ ٽوڙين، منهن نہ موڙين.
تــوڙي اَچــني ڪشٽ هـزار،
نوجوان! همت ڌار.

جوالامکي پيل ڦاٽي دڳہ روڪي،
بامِ فلڪ روڪي نہ سگهي توکي.

امن جا سپاهي!

او! وطن جا سپاهي!
امن جا سپاهي!
سڏي توکي ٿي خلق جي خيرخواهي!
وطن جا سپاهي!

صلح جو فرشتو تون توڏي نهاري،
وڃي ننگ تهذيب جو تون پڪاري.
لڙاين دنيا ۾ مچائي تباهي.
وطن جا سپاهي!

رهيو ڪين انسانيت جو زمانو،
ٿو لُٽجي دنيا جي حيا جو خزانو.
وسيلو ٿي واهر ڪري ويھ واهي.
وطن جا سپاهي!

دنيا جي ڀلي لءِ حياتي فنا ڪر،
هنئين ۾ ٻئي جي تون پيدا ديا ڪر.
وطن جي ٿئي ثابت جيئن بي گناهي.
وطن جا سپاهي!

قبوليون پين جي ٻانهپ؛ حيف صد، نٿا ربٽيو آهين،
وساري ڪلمو آزاديءَ جو تون ڪافر ٻٽيو آهين.

ٻانهپ جي حياتي جڻ ڪنڌ تي ڪاتي،
جيئري ئي مماتي امرت جا اُڃايا.
ڇو توکي ڪپي ڇا او هند جا ڄايا؟

مِٺن ٻولن جي ڌوکي ۾ وئي آزادگي تنهنجي،
ڇڏي امرت، زهر جي لءِ وڌي آمادگي تنهنجي.
وئي ڪنهن دربدر ناشاد سانگي شادگي تنهنجي؟
دنيا حيران آهي اڄ ڏسي هيءَ سادگي تنهنجي!

تو ڪئي جا ڀلائي ذارين سا ڀُلائي؛
بدلي ۾ بُرائي پيا بند نپاڳيا!
ڇو توکي ڪپي ڇا او هند جا ڄايا؟

اُٿي اڄ وقت آيو آهه طاقت آزمائڻ جو،
دکايل ديس ماتا سان سچي ناتي نڀائڻ جو.
ڪو ڪر حيلو غلامي داغ هستيءَ تان مٽائڻ جو،
دکين جي درد لاهڻ جو وري بگڙي بنائڻ جو.

اُٿ جنگ جا باني، جوڌن جي نشاني.
ڪر ياد زندگاني او نقش بقا جا،
ڇو توکي ڪپي ڇا او هند جا ڄايا؟

اڳتي هلڻ جو ڪر ڪو حيلو،
ڪر ڪو حيلو همت وسيلو.
همت سوڀ سندو هٿيار،
نوجوان! همت ڌار.
ڪانئرتا کي ذلت جاڻي ڇڏ،
قوّت ارادي کي پنهنجي سڌ.
ڪاميابيءَ جو گُر قرباني،
گُر قرباني ڳُر قرباني.
ڪندي ڏکايل جا اِسرار،
نوجوان! همت ڌار.

نوجوان!

ڇُو توکي ڪپڙا او هند جا ڄايا؟
ڇا تنهنجي تقاضا، او هند جا ڄايا،
پوري ڪٿي روٽي ڏن ٽي نه لنگوٽي،
هر شيءِ جي ٿي کوٽي سؤرن جا ستايا.
ڇُو توکي ڪپڙا او هند جا ڄايا؟
ڇڏي حق مالڪيءَ جا غير جو چاڪر بڻيو آهين؛
نمڪ تنهنجو جي کائن تن جو تون نوڪر بڻيو آهين!

پئرس جي صاف و رنگينُ گلشن جو سير باقي،
واشنگٽن ۽ ٽوڪيو، پيڪنگ جو سير باقي؟
ديوي دکن آ گهيريو هندوستان تنهنجو،
آهي سيو ۽ سکٽو ملڪي مڪان تنهنجو.

٤

يورپ ۾ نيستيءَ جو سامان ٿي رهيو آهه،
بيڪار هرڪو ديوي! اِنسان ٿي رهيو آهه،
آباد شهر منجي ويران ٿي رهيو آهه.
منچيسٽر سڄوئي سنسان ٿي رهيو آهه.
اهڙيءَ جڳهه ۾ ٽوڪي گهارڻ مان فائدو ڇا؟
رنج و الم جي چوٽن کائڻ مان فائدو ڇا؟

٥

اي لڪشمي! اسان کان پوڄا بہ نت ڪرائين،
ڪيرن ۾ پاڻ ٻوڙي ۽ تلڪ ٿي چڙهائين.
ٿي ڏيو ڏيوريءَ جو پڻ چرن ٿي چمائين،
تہ بہ گهر ڪنگال جي ٿي پيرو پٽيءَ نہ پائين.
تنهنجي ڏني 'دڪايل' بلڪل عجيب چالي،
سونو سنڌ سنگهاسڻ رهجي وڃي ٿو خالي.

دولت جي ديوي

دولت جي پاڪ ديوي! آ ڪٿ نشان تنهنجو،
ڪنهن شهر يا نگر ۾ سهڻو مڪان تنهنجو.
ڪنهنڪي نصيب ٿيو آ اڄ ڪلهه هي مان تنهنجو،
پارت ڪي آهه ديوي! هردم ڌيان تنهنجو.
ٿيندي نصيب تنهنجي عشرت ڪڏهن اسانکي،
ملندي ٻڌاءِ تنهنجي راحت ڪڏهن اسانکي.

٢

اي ديوي توکي اڄ مون هر بحر و برَ ۾ ڏِٺُو نديو،
جهنگل، پهاڙ، وادي، شمس و قمر ۾ ڏِٺُو نديو.
گنگا، ڪتاس، جمنا، سنتوڪسر ۾ ڏِٺُو نديو،
گوڪل، پرياگ، متَرا، ڪاشي نگر ۾ ڏِٺُو نديو.
تنهنجي طلب ۾ هرسُو ماريم هزار چڪر،
ليڪن ٿيو نہ مونکي جلوو تنهنجو ميسر!

٣

پورو نہ ٿيو اڃا ڇا لنڊن جو سير باقي؟
نيويارڪ، مارسيلز، برلن جو سير باقي!

ملڪي همدرد پنيان ڪين ڪڍهن رُلندي پوليس،
ديس سيوا جي پنيان قيد نہ زندان ٿيندو.
خود بخود هوش ۾ ايندو هي سچوئي مغرب،
ثاني ثانيءَ سان ملي خورم و خندان ٿيندو.
گهاري سگهندو نہ غلاميءَ ۾ ڏکايل! ڀارت،
ظلم جـــو باني زمانـــي ۾ پريشان ٿيندو.

آزاد هندستان

بعد سوراج نئون ساز ۽ سامانُ ٿيندو،
ساري دنيا کان نرالو هي هندستانُ ٿيندو.
دور ٿي ويندي سڀ دؤر خزانُ جي ڪلفت،
هرطرف رنگ و بهارِ چمنستان ٿيندو.
هندواسين جون ٿينديون پوريون مرادون من جون،
حال مشڪل جو بڻيو آهه سو آسان ٿيندو.
پنهنجو پئرس ۽ لنڊن ٿيندي ڦري هيءَ دهلي،
رشڪ گلزارِ ارم هند جو بستان ٿيندو.
آسمان هند تي وري برسندي رحمت جي گهٽا،
رنگ اخلاق و مروت جو نمايان ٿيندو.
حسد و بغض جو مٽجي ويندو ڀارت مان نشان،
ڪو تڪرار نہ هندو نہ مسلمان ٿيندو.
حورِ آزادي جڏهن مرڪندي ايندي هند ۾،
پنهنجو هي ديس تڏهن پاڪ پرستان ٿيندو.
ٿيندا منسوخ هي قانون هٿيارن جا تڏهن،
هند وارن کي عطا خنجر و پيڪان ٿيندو.
ڪنهن بہ اخبار تي بندش نہ ڪندو ڪو حاڪم،
راڄ قيدي کان ضمانت جو نہ خواهان ٿيندو.

کان بہ ٽکو ڪري ڇڏيو آهي؛ جي ڪو آيو ناهي تہ ٻڌي
کپائڻ بنا، آفيس مان وجي ئي ڇو ٿو سگهي؟"

١٩٤٢ وارو آندولن اچا چالو هو. ضلع ستياگرهہ
ڪاميٽيءَ فيصلو ڪيو تہ وڏندڙ رشوت کي روڪڻ
لاءِ بهتر آهي تہ آفيسن ۾ رشوت خلاف لڳايل بورڊن
کي ڏامر سان ڪارو ڪجي ۽ ائين ڪرڻ کي گرفتار
ڪرائجي! ستياگرهہ جي هيءَ رٿ ظاهريءَ طرح
ڏسڻ ۾ تہ بلڪل عجيب هئي، پر آفيسن ۾ لڳايل
بورڊ، جيڪي جڻ هڪ قسم جي مزاڪ بڻجي چڪا
هئا، ستياگرهہ جي هن قدم انهيءَ مزاڪ جي جڻ
مزاڪ اُڏائڻ ۾ وڏو ئي ڪم ڪيو. ٻئي پاسي رشوت
وٺندڙ سپاهي، ڪلارڪ توڙي ٽپيدار گرفتار ٿيل
ستياگرهين کي چوندا هئا، "بابلا! ڪڏهن اسانجي
مشڪلات بابت سوچيو بہ اٿوَ، تہ ڪيڏو نہ جوکو کٽي،
سين هي رشوت جا چار پئسا وٺون ٿا؟ ليڪن اِهي
پئسا اسانجي گهر ڌاءِ پهچن ئي ڪيترا ٿا، ڪڏهن
هو بہ تہ حساب ڪريو. پوليس عملدارن جون رسايون،

سنڌ سرڪار، رشوت کي روڪڻ لاءِ هڪ اِهو اُپاءُ به ورتو هو، جو هر آفيس ۾ بورڊ هڻائي ڇڏيا، جن تي لکيل هو، ”رشوت ڏيڻ توڙي وٺڻ ڏوهه آهي، جيڪو هن حڪم جي انحرافي ڪندو اُنهيءَ کي سخت کان سخت سزا ڏني ويندي.“ هڪ ڪلارڪ دوست، مٿئين بورڊ جو ذڪر ڪندي ٻڌايو، ”يار! جي سچ پڇين ته انهن لڳايل بورڊن اسانکي وڏي مدد ڪئي آهي.“ مون حيران ٿي پڇيو، ”اهو وري ڪيئن؟“ ڪلارڪ دوست جواب ڏنو، ”هونءَ جو، ڪڏهن گهٽي ڪم سبب ڪنهن کان رشوت جا چار پئسا وٺڻ پاڃي به وجهو هو، پر هاڻي هنن بورڊن، اسانجي يادگيريءَ کي جڻ سراڻ تي لڳائي تيزچريءَ

رشوتي ڪاردار

(وزن جدا جدا)

رڪائي خان مسواڙي گهرائي زين گهوڙي تي؛
اُڌاري؛ گاهہ داڻي جي پڙيل خرزين گهوڙي تي!
پڙهيائين، باادب پوري اکيون، ياسين گهوڙي تي،
و ليڪن ڪين آئي ڪيس ڪا تسڪين گهوڙي تي.
چيائين، "پنهنجي اُمت سان اچي مولا! ٿجان ساٿي،
جئين منزل تي پهچائي سگهان خوراڪ ۽ پاڻي."

اوچتو هٿ ۾ مليو تازو حڪم تپدار کي،
پيگ پاڻيءَ جي ضرورت آهہ ٿي سرڪار کي.

ڪليڪٽرن ۽ مختيارڪارن جون منزلون ٽوڙي
ڀڙتالون، صاحب بهادرن جي گهرن تاءِ پڪل چيلان
ٽنڊن ۽ مڪڻ جي چاڏن پهچائڻ ۾ ڇا ڪجهه لڳندو ئي
ڪين هوندو؟ سچ ته رشوت ۾ ورتل هاٿي، جيسين
اسانجي گهر پهچي ئي پهچي، تنهن کان اڳ ۾ رستي
ٽي ايترا ته هٿ گهمائڻ وارا بيٺا اٿس جو گسائي گسائي
ڪيس ڪُئو بڻايو ٿا ڇڏين. اسانجي به ڪرم ڪهاڻي
ته ٻڌو!"

ڏاريءَ ۾ نرڌئي سرڪار اُٺويهہ سؤ ٻائيتالهن واري هلچل جو وير وٺڻ لاءِ، بينگال ۾ هٿراڊو اناج جو ڏڪر پيدا ڪيو. هڪ سؤ رپئي مڻ چانور ملڻ به مشڪل ٿي پيا. بيڪاريءَ ڪري غريب آدمي، مهانگو اناج خريد ڪٿان ڪري سگهندا. روز هزارين بينگالي بک ۾ پاهہ ٿي مرڻ لڳا. مهاتما گانڌيءَ سميت هزارين ديش ڀڳت اُنهيءَ وقت جيلن ۾ باند هئا. انهيءَ وقت جيڪي جيلن کان ٻاهر ديش سيوڪ هئا اُنهن بينگال کي مدد ڪرڻ لاءِ جهوليون ڪرڻ شروع ڪيون. سڄي ملڪ منجهان لکين مڻ اناج جا ڪٽا ڪيا ويا. پر مهاڀاري لڙائيءَ سبب ريل جا

برف آڏڻ لءِ پڄايو ترت ڪنهن ڪمدار کي،
۽ گهرايو ناچ گاني لاءِ نچڻيءَ نار کي.
خرچ عملي جي رسائيءَ جو نمبردارن منجهان،
خاص مجلس لءِ ڪريو چندو زميندارن منجهان.

۳

رشوت کان دور آهي مختياڪار صاحب،
ساري ضلع ۾ هڪڙو ايماندار صاحب.
وٺندو فقط رسائي چانور خرار صاحب،
گهرَ جا ٻه ٽين، تحفو چيلا ٻه چار صاحب.
بيشڪ غريب پرور آ ڪاردار پنهنجو،
هردم ڀلو گهري ٿو، صاحب هزار پنهنجو.

۴

ڪو ٻڌڻ وارو نه آهي اڄ غريبن جي پڪار،
هڪڙي منزل ٿي چڪي هڪ سال جو پورو پگهار
اي دڪايل! ڪين اهڙي حال ۾ ڏي ڪا ميار،
ٿو رهي تپدار جو لاپي رسائيءَ تي مدار،
ليڪ ڪو اهڙو لکي موڪل هينئر اخبار ۾
جو سجاڳي آڻي هڪ واري سنڌ سرڪار ۾

بينگال جو ڏکر

(١٩٤٤)

ڪوئي ٻُڌي ٻڌي ڪوئي ٻڌي ٻڌي.
درد وندن جي پڪار،
ڪوئي ٻڌي ٻڌي.
ٻڪن ڪيا لاچار،
ڪوئي ٻڌي ٻڌي.
ٻڪن ڇڏيو بينگال نهوڙي،
داتهن ڏکين جي دل ٿي توڙي.
ڦياس وهيڏيون دلڙيون ڦٿڪن،
ڪين ڪريوڪَن ٿار. ڪوئي ٻڌي ٻڌي ....

گاڏا ملڻ مشڪل هئا. ان هوندي به بينگال تاءِ اناج پهچائڻ جا يتن ٿيندا رهيا. هن ڏڪر ۾ سڄا سارا پنجاهه لک پارتواسي بکن ڪري بي حال ٿي مئا. هيٺيان گيت انهيءَ وقت سنڌ جي شهرن توڙي ڳوٺن ۾ گونجندا رهندا هئا ۽ مصيبت ۾ آيل ڀائرن توڙي ڀينرن لاءِ مدد هت ڪرڻ ۾ وڏي هٿي ڏيندا هئا.

بينگال جي بکايل پيٽ

ڏکي پيٽ بينگال جي اڄ پڪاري،
بُکن جي مصيبت وڏو جنهن کي ماري.
کمائڻ پٽي ويو؛ وري کين موٽيو!
بٽيو ڪال جو بَکُ بُکن ۾ گذاري.
سمو سخت آيو پٽي ڇي ڇڏي ويو،
جيئي جي نماٽي نہ ڪنهنجي سهاري؟
نہ چارو پِنڻ جو نہ پورهئي جو چاڙهو،
بِٺا ٻار پالڻ جو ست کيئن سنڀاري.
اَبهن کئي ڏانهن وتڄن ٽا آندا،
ٽَڪا جيڪي سَڪٽيءَ ڪُنيءَ ڏي نهاري.
سڻو ٿيو نہ جيئرن جو، مُئي ماءُ ڪان ڏُکُ،
ڏکايل ويئي، ٻار روئندا رُئاري.

بک بچڙي ڇـا بـاهہ لڳائي؛
مسڪينن لۓ قيامت آئي.
داڙهي داڙهي لۓ واجهائي،
روز مرن ٿا هزار. ڪوئي بڌي بڌي ....
جوُن تي ٻار ڪُتا جهيڙن ٿا،
پيٽ پنيان پٽڪي دم ڏين ٿا.
ڪوڏين تي معصوم وڪامن،
پيءُ - ماءُ تي ٿيا بار. ڪوئي بڌي بڌي ....
درد پري هيءَ آهہ ڪهاڻي،
جَهرِ جَهرِ نيڻ وهائن پاڻي.
دل وارن جو جيءُ ڏکي ٿو،
روئن زارون زار. ڪوئي بڌي بڌي ....
دولت وارا ڌرم سڃاڻو،
اِنسانيت جو آنگ پڇاڻيو.
ڏين ’ڏکايل‘ ٿا واجهائن،
آهہ مدد درڪار. ڪوئي بڌي بڌي ....

چترنجن داس

همدرد ملڪ و قوم جا پيارا سي- آر- داس،
اي مادرِ وطن جا دلارا سي- آر- داس.
بيڪس جو ۽ يتيم جو حامي بڻئين سدا،
مفلس جي زندگيءَ جا سهارا سي- آر- داس.
ڇا مال و زر جو ذڪر تو تَنُ مَنُ ڪيو نثار،
بي زر و گهر جا جانِ جيارا سي- آر- داس.
حالت ڏکي وطن ۽ ڏکي ديس جي ڏسي،
هرگز ڪئي تو ڪين گوارا سي- آر- داس.
اڄ يادگيري تنهنجي ڏکايل وطن کي آهه،
ماتا جي ماڻڪين جا ستارا سي- آر- داس.

هر ڪنهن ملڪ کي پنهنجا شهيد ۽ ديش ڀڳت
ڏاڍا پيارا لڳندا آهن. ڀارت جي آزاديءَ لاءِ الائي
ڪيترن شهيدن، پنهنجو خون ۽ مٺڙي جواني ڏني
ڇڏي. هن باب ۾ اهڙن سڀني شهيدن جو تذڪر
ته آيو ڪونهي. ڪن جزوي سرفروش جوئي ذڪ
ڪري سگهيو آهيان. اچو ته اُنهن مرد مجاهدن کي
وري وري ياد ڪري، پنهنجي دل ۾ ملڪ جي
محبت کي تازو رکندا هلون. جيڪي ملڪان مشهو
ديش ڀڳت پنهنجي حياتي ڏيئي، ديس کي جيئر
رکي ويا، اُهي ڪنهن واقفيت جا محتاج ته آهن ڪين
ليڪن جيڪي شهيد ڪنهن شهر يا پرانت ۾ ئي پڌ
ٿيا، اُنهن بابت گيت ڏيڻ کان اڳ ۾ اکر سند
واقفيت جا ڏنا ويا آهن. سنڌين جي نئين ٽهيءَ لا
اِها واقفيت ضروري آهي.

شهيد هاسارام سندرداس پمناڻي، کهڙي سنڌيءَ
کان ڳجهو هوندو. ليڪن پارٽ ۾ اچڻ ڪانپوءِ، شايد
نئين ٿهي پنهنجي هن وڏڙن ڪي وساري ڇڏي،
اهو خيال ذري ذري ستائيندو اٿم. ڀڳت ڪنورام
جو خون ٿيو ته شري پمناڻيءَ جي ننڊ ڦٽي پيئي.
سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر هوءِ هن اسيمبليءَ جي شاهي
هال ۾ رڙ و رڙ مچائي ڏني ته "ڇو ڪين ٿو امر شهيد
ڀڳت ڪنورام جي خونين کي جهليو وڃي؟ هن سنڌ
جي هڪ وڏي مسلم پير تي باهيو، جنهن جو نتيجو
نڪتو سندس خون. روهڙي سٽيشن جي ڀرسان،
مٿس بندوق جي گولين جي برسات وسائي ويئي ءِ

پنڊت موتيلعل نهرو جي موُت تي

غم گهٽا جو آسمان تي ويو اچي ڪارو لباس
تي وسي ڳوڙهن جي ڦڙ ڦڙ ويو مچي ماتم خاص
باغ ڀارت مان ڇڄي ويو شاهه گل شوڪت ڀريو
جنهنجي خوش ناموس وارو واءُ اندر آهه واس
هندواسين جي جگر تي زخم هي اونهو رسيو
آهه مايوسي مهانڀن ۾ ۽ هرڪا دل اُداس
موُت موتيلعل نهروءَ جو سڻون ڪهڙي ڪَنين
۽ چئون ڪهڙيءَ زبانۡ سان ٿيو پنڊتجي سرڳواس
قيدخاني مان پرائي مرض مارُو لاعلاج
پيٽ قربانيءَ اڳيان سورهيه ڏري ويو ساس ساس
جنگ آزاديءَ ۾ اڳرو آهه نهرو خاندان
ديس لءِ جنهن راڄ سک ٺياڳي ڪيو ڌارڻ سنياس
هندواسين جو هي مربي، بابو جوهرلعل جو
هٿ سچو گانڌيءَ سندو ۽ سمجهه ۾ سي- آر- داس
هاءِ هن نازڪ سمي ۾ گهرج هئي تنهنجي گهٽي
ڌس 'دڪايل' ڪهڙو قهري ڪال آهي بي قياس

وڃ ڀمناڻي

جنهن گهڙيءَ تنهنجو دنيا مان ٿيو گذر ڀمناڻي،
ويو مچي سنڌ سڄيءَ ۾ ڇا حشر ڀمناڻي.
خون ناحق جو سُٺي ماڪ جو پيو هيانءَ ڦِسي،
جنهن کان وسريو هو اڃا ڪين ڪنور، ڀمناڻي!
هاءِ افسوس، ٿئين فرقيپرستيءَ جو شڪار،
توکي هَڏِ دل ۾ نہ ڪنهن لءِ هو ڪِٿر ڀمناڻي.
تون هندستاني اول هُئين ۽ هندو آخر ۾،
فرقيداريءَ کان مٿي تنهنجو هو در ڀمناڻي.
مرم مذهب ۽ ڌرم جو تو ٿئي جاتو ڀورو،
صاف صوفين کان سِکئين ايڪ اکر ڀمناڻي.

ائين هي مهاپرش، فرض جي ويديءَ تي پاڻ کي قربان ڪري ويو. هو ڌرمي آدمي هو ۽ گيتا جو اُپاسڪ؛ انهيءَ ڪري موت جو مرم هو چڱيءَ پر ڄاڻندو هو. اِهوئي ڪارڻ هو جو پنهنجي موت جا اِشارا پائيندي به هو موت کان ڊنو ڪين. ائين برابر آهي ته اڄ هو اسانجي وچ ڪونهي. پر اهڙن وِيرن کي موت ڪڏهن به ماري نٿو سگهي. نڪڏهن ته هو اسان سڀني کي ياد آهي.

شهيد هيمون ڪالاڻي، جڏهن سکر جيل ۾ پڪڙجي آيو تڏهن ڪيس مون واريءَ بئرڪ ۾ رکيو ويو. بدن جو سڀ ول ۽ هانيءَ جو پڪو. شڪول وديارٿي ته جڻ لڳندو ئي ڪين هو. شام جو گڏجي رانديون ڪندا هئاسين. خاص ڪري ڪبڏي راند ڏاڍي چاهه سان ڪندو هو. مٿس الزام هو ته هُن ريل جي پٽڙن سان هٿ چراند ڪئي آهي. اُنهيءَ وقت سنڌ سان هُرن جي هلچل ڪري فوجي قاعدو لڳل هو ۽ انهيءَ ڪري مٿس فوجي ڪورٽ ۾ ڪيس هليو ۽ ملٽري ججن ڪيس ڦاسيءَ جي سزا ڏني. ڪيس انهيءَ سزا کان بچائڻ جي ڪوشش ڏاڍي ٿي پر نرڏئي حاڪم هڪ به ڪين ٻڌي ۽ نيٺ سکر جي جيل ۾ هو ڪاندي ڪاندي ڦاسيءَ تي چڙهي ويو. انهيءَ وقت شهيد هيمون تي جيل منجهان ڪي گيت لکي مون ٻاهر موڪليا هئا پر اڄ اُهي سڀ ته وري هٿ ڪين چڙهيا آهن. ان هوندي به اڄ ته سنڌ س ياد تازي ڪريون.

ڪنهن ٻنيءَ نوع سان هئي ڪانه خصومت تنهنجي،
قرب هر ڪنهن سان هيو تنهنجو مگر پمناٽيءَ!
تون امر ويـر ٻڌئين، شانُ شهيدي پـائي،
نيارو جڳ کان ٿيو مگر تنهنجو سفر پمناٽي.
مڪتيءَ پنهنجي تو مٺل! ديس جي مڪتيءَ ۾ ڏني،
ڪشٽ ڪاٽي نہ، ٽَڪُئين سوُر سبر پمناٽيءَ.
مات ڀارت جي سدا توتي دکايل آسيس،
جنهن ڏنو توکي امر ويـر جو وَرُ پمناٽيءَ!

دشت! توکي راڄ دولت تي وڏو اڀمان آهه،
ياد رک، منهنجو به هي تَنُ ديس تان قربان آهه.

٣

جي غلاميءَ جو ٿئي ڪجهه جان منهنجيءَ تي اثر،
پل تہ اهڙيءَ جان تي ڪڙڪي پوي ڀهري پٿر.
دير ڇا جي آهه ظالم! جاد ڪر قتلام سر،
شوق سان مرندس جي منهنجو ڪال توڙيندو جگر.
مون ڪيو منظور قاتل! جان کان بيجان ڪر،
تون نہ منهنجي نوجوانيءَ تي ذرو ارمان ڪر!

٤

چارسوُ ڇٽڪون اُڏيون ۽ ٿيو زمينَ تي زلزلو،
ظلم جي تلوار کان ڇوڏر مچي ويو ٽرٽلو.
هاءِ ماتا! گود خالي ويو ڪري اڄ لاڏلو،
پيو دکايل! ثاب، ظالم جو سٽيو هو سلسلو.
ٿي شهيديءَ کان تنهنجي هيمون! حقيقت سا عيانَ؛
ڪين عالم کان ڪڏهن وسري سگهي جنهنجو بيان!

شهيد هيمون ڪالاڻي

خون جي برسات برسي پل تڪيءَ تلوار مان،
خون جون ڌارون ڇٽن پل جسم جي هر تار مان.
خون جو ڦوهارو ڇٽڪي خنجرِ خونخوار مان،
خون ئي وهندو رهي بس تيغ جوهردار مان.
پنهنجي گردن تي جهليندس ظلم جي شمشير تي،
پاڻ کي سونپي ڇڏيندس سنگدل! تقدير تي.

٢

خون نازڪ مان ڪڍي بلدان ڏي تلوار کي،
خون جي خوراڪ ڏي پل تيغ جوهردار کي.
خون جي ڪر رنگ سان پل لال در ديوار کي،
خون جو خوشرنگ ئي پختو ڪندو اِقرار کي.

سزا جُڙي. ڪيس، سندس ٻين ساٿين سان گڏ سکر جيل ۾ آندو ويو؛ جتي اچانڪ بيمار ٿي پيو. جيل منجهان ڇوڙي ٻاهران ڪوشش ڪئي ويئي، ته جيئن ڪيس بنا شرط شروط آزاد ڪيو وڃي. پر انهيءَ وقت جي هوڏي نوڪرشاهيءَ اِها ڳالهه ڪانه مڃي. اختياريءَ وارن وَر وَر ڪري ائين ئي پئي چيو ته، ”قيدي، جي معافي وٺندو ته ڪيس آزاد ڪيو ويندو.“ شاباس هجي هن ويرِ سنڌيءَ کي، جنهن پاڻ کي ڪال جو گراس ٿيندو ڏسي به جيل منجهان نڪرڻ لاءِ شرطي آزادي قبول نه ڪئي. جيل جي قانوني دقتن هوندي به سندس ساٿين سيوا ڪرڻ ۾ ڪين گهٽايو. ليڪن موت کي اِهو منظور ڪين هو ۽ نيٺ اُماس جي ڪاريءَ رات ۾ هن جيل جي چوديواريءَ اندر، ڀارت ماتا جي جئه جئڪار ڪندي پنهنجو آخري دم ڏنو. اڄ جڏهن ديش آزاد ٿيو آهي، تڏهن هن غريب ۽ گمنام شهيد جي يادگيري ڪيترن کي هوندي؟ هيٺيون گيت سندس موت ڪانپوءِ ساڳئي ڏينهن، سکر جيل ۾ لکيو ۽ ڳايو هوم.

ڀاءُ گوربخش جو جنم بنگاديري تعلقي رتوديري ۾ ٿيو هو. ننڍي ئي سنڌس پتا گذاري ويو هو، جنهنڪري سنڌس پالڻ پوشڻ ماتا جي هٿان ئي ٿيو؛ جنهن هڏ جي پورهئي ۽ ڪمائيءَ سان، پنهنجي هن سڪيلڌي کي پالي وڏو ڪيو. گوربخش جڏهن وڏڙو ۽ سمجهه وارو ٿيو، تڏهن ماءُ کي وٺي اچي لاڙڪاڻي لڳو، لاهورين جي ڳوٺ ۾ رهيو. اُتي هو ڪپڙي اُڻڻ جي ڪارخاني ۾ پورهيو ڪري پنهنجي ڏوڙي ماتا جي اُدرپورنا ڪندو رهيو. اُٺويهه سؤ ٻائيتاليهن جو "ڪئٽ انڊيا" وارو زمانو آيو ته هي جوان، گانڌيجيءَ جي سڏ تي اهنسڪ آندولن ۾ ٽپي پيو ۽ ڪيس ڇهه مهينا سخت پورهئي سان قيد جي

محمد اسلم، بلوچي خاندان جو نونهال هو. سندس پِتا، پنهنجي قبيلي جو سردار هو ۽ هن محمد اسلم کي، پاڻ ڪانپوءِ، سرداريءَ جي شاهي شان ۽ دٻدٻي قائم رکڻ لاءِ پڙهائي سيکاري تيار ڪيو. ليڪن هن جوان کي انهيءَ سرداريءَ کان وڌي ٻي ڪا سرداري پسند هئي. "ڪئٽ انڊيا" جي هلچل، هن جوان کي پنهنجي ڳوٺ جي چوڌيواريءَ مان ڪڍي، جيڪب آباد وٺي آئي. انگريزن جي دٻڙدونس ۽ اهنسڪ ستياگرهين جي قربانين، اسلم جي بلوچي خون ۾ غيرت جو دؤرو پيدا ڪيو. هو پاڻ جهلي نه سگهيو ۽ گانڌيءَ جي سڏ تي هلچل ۾ ٽپي پيو. کيس گرفتار ڪري هڪ سال سخت قيد جي سزا ڏني ويئي. هو جيل منجهان نڪتو ته سهين پر سخت بيمار ٿي ۽ ٻاهر اچڻ سان ٿورن ئي ڏينهن ۾ انتقال ڪري ويو. سندس نوجوان پتنيءَ ۽ ٻار جتي سندس موٽ تي رُنا، اُتي هزارين هندو ۽ مسلمان سنڌين، هن وطن جي جان نثار سپاهيءَ جي لاش تي ڳوڙها ڳاڙيا. اسلم آزاديءَ جو پروانو هو، شهيد هو ۽ هو پنهنجي قوم جو سردار.

شهيد گربخش

تنهنجي مرڻي جي خبر آئي ڪٽي ڪاري اُماس،
رات جي پهرئين پهر ۾ اوچتي ٿڌين سرڳواس.
آخري دم تي وڇوڙيو توکي ساٿين ڪان قضا،
هاءِ ظالم ڪال ڦهري آهه ڪيڏو بي قياس.
پيو سريرڪ ڪشت جو هرگز نه ڪو من تي اثر،
ڪاشنائن ڪان نه تنهنجو ٿيو ڪڏهن چهرو اُداس.
يگيه ۾ آزادگيءَ جي پراڻ آهوتي ڪري،
ديس سيوا ۾ ڪيو تو پنهنجو سڦلو سواس سواس.
توکي قربانيءَ جي ڪاليءَ ڪان اَمر پد ٿيو عطا،
ٿيو شهيديءَ ڪان سنڌءِ مادر جي گوديءَ ۾ نواس.
ياد اڄ گوربخش تنهنجي هر دکايل دل کي آهه،
تنهنجي معصوميت تي خود ٻوڙها تو ٻاڙي ڪاروَاس.

۴

توکي هرگز نہ هئي غير جي ڦرمار پسند،
کانہ منظور سلامي، نڪي سرڪار پسند،
تو غلاميءَ کان ڪيو، موت کي صد بار پسند.
تون ازل کان هئين سردار سپاهي! اسلام!
ملڪ مادر جو وفادار سپاهي، اسلام!

۵

تنهنجي مرڻ تي ڪري هاءِ ٿي ماتم سنڌڙي،
سانڍي سيني ۾ سهڙ، روح ڀريو غم سنڌڙيءَ.
ٿي رهي درد وڇوڙي جي کان بيدم سنڌڙي،
اڄ دکايل سوين دلڙيون ٿيون سنڀارن توکي.
تنهنجو نالو وٺي، هر روز پڪارن توکي.

سيٺ سندرداس جيل ۾ گڏ هو. اصل ته ڪڇ جو رهواسي هو، پر پيڙهين کان ڪراچيءَ ۾ واپار ڪندا آيا هئا. جڏهن گانڌيجيءَ جو سڏ ٿيندو هو، هي پيرمرد جوانن کي به شهه ڏيئي، سڀني کان اول جيل جي اندر ڪاهي ويندو هو. نيٺ سندس موت به جيل جي چئن ديوارين اندر ئي ٿيو. سندس ديهانت تي ناهيل ۽ انهيءَ وقت ڳايل گيت ڪڇ جي سرزمين، گانڌيڌام ۾ رهندي وري ياد ايندو آهي. اچو ته هڪ پيرو پنهنجي هن پيشم پناهه کي وري ياد ڪريون.

محمد اسلم

تون بلوچن جي اميراڻي هندوري ۾ لُڏيئين،
گود ۾ خان اَچزِڪَئي جي شاهاڻي ۾ ڪُڏيئين.
عيش محلن جي مٿي دور منارن تان اُڏيئين.
هيبت هرگز نہ هئي تنهنجي نظر ڌرتيءَ تي،
ڪا ڪشش توکي ڪٺي آئي مگر ڌرتيءَ تي.

٢

قياس جي ٿوَ تي ڪري، حرص پيو حسرت بڻجي،
عيش جي خاص محبت پيئي نفرت بڻجي.
تنهنجي عشرت پئي هزارن جي لءِ عبرت بڻجي!
شوق شاهي ڇڏي اختيار گدائي تو ڪئي،
سادگي پياري حياتيءَ ۾ سدائي تو ڪئي.

٣

ملڪ صدقي تو مٿل! مرڪندي گهر بار ڇڏيو،
پنهنجي پيارن جو تو، مصريءَ ڪان مِٺو پيار ڇڏيو.
پاڻ پرائي ڇڏيا، اولاد سندو آر ڇڏيو،
تو ڇڏيو ڇا نہ؟ مگر حوصلو همت نہ ڇڏي،
جبل جو جورو جفا سهندي پي جرات نہ ڇڏي.

اي ڀنامهہ! جيسين هندستان خود مختيار ٿئي،
ڪين ڀلجون تيسين شل تنهنجي اَتل وشواس کي.
واءِ قسمت مڪت-مئہ گنگا ڪناري ٿي رهي،
اي دکايل تو ڪيو ترپت نہ پنهنجي پياس کي.

ماتا ڪستوربا

سِڪن جي پنيان ڪنهنجي،
مايوسي نهاري ٿي.
ڪنهن ويوڳہ جي صدمي ڪان،
دل ڪنهنجي پڪاري ٿي؟
تو ڪير ڪري ماتم، صياد جي پڃري ۾،
فرياد دبيل ڪنهنجي، آڪاس کي ڏاري ٿي.
آواز بنا ڪنهن جا سڏڪا ٿا ٻُڌجن هر جا،
خاموشي ڀلا ڪنهنجي عالم کي رُئاري ٿي؟
خوشبوُ ڪان رهي جنهنجي، هر وار ٿئي دل معطر،
گانڌيءَ جي دکي دل سا ڪستور کي ساري ٿي.
سوراج جي صدقي جنهن جيلن ۾ ڏني جندڙي،
تنهن ماءُ مٺيءَ کي اڄ سنتان سنڀاري ٿي.
آسان دکايل نہ وسارڻ جو هي صدمو ٿيو،
دل روزگري رات ڏينهان رنج ۾ گهاري ٿي.

شهيد سيٺ سندرداس

ٿي سڏي سڏڪا پري سنڌ سيٺ سندرداس کي،
ٿو سندس رودن ڪنبائي پرٿويءَ آڪاس کي.
چاهہ تنهنجو هو نہ شل آزاد ڀارت ۾ مران،
ڪال پورو ٿيڻ ڏنو ليڪن نہ تنهنجي آس کي.
ٽوڙاو تنهنجي وڇوڙي آندو سنڌ ڪڇ راڄ ۾،
۽ رسايو موت تنهنجي صدمو عام و خاص کي.
ميل ٻن رنگن جو تنهنجي زندگانيءَ ۾ رهيو،
تو امر پد ٿي رسايو سنڌ جي اِتهاس کي.
تو هميشہ ملڪ جي اعلان کي آدر ڏنو،
۽ ڪيو هر بار روشن ڪوٺ ڪاراواس کي.
پريم هو تنهنجو نہ ڪيڏو پنهنجي پياري ديس سان،
جنهنجي ڪارڻ تو قبوليو رام جان بنواس کي.
جيل جي سختين اُجهائي جوت جيوت جي جڏي،
ڪشٽ جي ڪاليءَ اگيان تو پيٽ چاڙهيو سُواس کي.
پيرسن پنجهٺ ورهين هوندي بہ ٻل شالي رهئين،
تو ڪيو ڌارڻ مگر شيوا جي شڌ سنياس کي.
تنهنجي قربانيءَ بڇن ۾ ديش ڀڳتيءَ کي ڀريو،
آٽيندي تنهنجي ٻاڃي جنبش ۾ خود ڪيلاس کي.

خود وڃي جيل ۾ تو جيل جي ڏر کي ميٽيو،
هٿڪڙيون پائي هٿن ۾ تو خطر کي ميٽيو.

٤

مادرِ هند جو اڄ ڪين سونهين ٿو مستڪ،
روح ملڪن ۾ متو هاءِ تلڪ، هاءِ تلڪ!
باغ ڀارت مان گلن جو هي اُڏامي ويو ڪنڪ،
ظلم تي ظلم مٿان تنهنجو رهيو هاءِ فلڪ!
تنهنجي تصوير ڦري هند جي نيڻن ۾ سدا،
تنهنجو تمثيل تلڪ! ديس 'دکايل' لاءِ دوا.

ڀُلا ڀائي ديسائي

ٿي غلاميءَ رات ۾ ويو گُلُ ڏيئو گجرات جو،
هاءِ اونداهو بڻيو گهر پياري ڀارت مات جو.
موت جي طوفان کان ويو ديش جو ديپڪ ٻُجهي،
خاتمو آڻڻ گهريو ٿئي جنهن انڌاريءَ رات جو.
هند جي آزاديءَ جي ڪيس جو قابل وڪيل،
ويو اصيلن کي ڏئي ورثو وڏيءَ فڪرات جو،
ڪيئن وساريندو ڀلا ڀائيءَ کي هندستان اڄ،
ڀيد جنهن وٽ هو دکايل ڪين ذات پات جو.

لوڪمانيه بال گنگاڌر تلڪ

خدمتِ ملڪ ۾ هردم ٿي تون مخدوم رهئين،
پنهنجي هر مرد ارادي ٿي ٿي محڪوم رهئين.
ظلم سهندي تون زماني جو ٿي مظلوم رهئين،
بيگناهيءَ سان تون پيريءَ ۾ به معصوم رهئين.
ديس سيوا جو اگر تو نہ ڀلايو هرگز،
سر ڪڏهن ظلم جي نيچي نہ نوايو هرگز.

٢

قوم ۽ ملڪ جو هردم توکي همدرد چئون،
صاحب همت چئون هڪ حوصلي مند مرد چئون.
مادرِ هند جو توکي ئي سچو فرد چئون،
نانءَ نيڪيءَ ۾ ٿا فرزند ارجمند چئون.
تنهنجي ڪوشش جو وڏو هند تي ٿيو آهہ اثر،
قوم ۽ ملڪ جا شيدا ٿا اچن خوب نظر.

٣

هند ڪي سوراج جو سُر تار ٻڌايو توئي،
راڳ هي سيلف گورنمينٽ جو ڳايو توئي.
خواب غفلت مان هو ستلن ڪي جڳايو توئي،
صاف ڀلن ڪي سڌو راهہ بتايو توئي!

جنهنجي خوشبوُ کان معطر هند جي هر کُنڊ تي،
باغ دنيا مان سو گل بي‌خار اڄ ويندو رهيو.
آهه ڳوڙهن سان ڀِنَلَ اَکِ دل ۾ ڀاري درد آهه،
سنڌ ماتا جي هِنئين جو هار اڄ ويندو رهيو.
ڇونه ساري قوم ساري پياري ڇوٺرام کي،
ڊاڪٽر جنهن کي ڇڏي بيمار اڄ ويندو رهيو.
جو دکايل دانهن تي هر وقت ٺٺي ڊوڙي پُڳو،
سو غريبن جو يگانو يار اڄ ويندو رهيو.

مولانا آزاد

آزاد ڀارت جو آواز آزاد،
همدرد هندين جو همراز آزاد.
عاشق رهيو جيڪو آزاديءَ جو،
دشمن غلاميءَ جو شهباز آزاد.
ظالم اڳيان هڏ جهڪيو سر نه هنجو،
مظلوم سان نِتُ هو دمساز آزاد.

ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي

عرش تان سڏڙو سڻي سردار اڄ ويندو رهيو،
همٿ ملائڪ جا جهاي مهندار اڄ ويندو رهيو.
هوُ سپاهي هو سدا همدرد پنهنجي قوم جو،
غم ڏيئي تنهنڪي دلي غمخوار اڄ ويندو رهيو.
ٻين جي دک ۾ ٿي دکي ساعت سُکي ساري نہ جنهن،
ڍول سو ڍوئي دکن جا بار اڄ ويندو رهيو.
زندگي پنهنجي ڪئي جنهن وقف سيوا واسطي،
سو سچو نشڪام خدمتگار اڄ ويندو رهيو.
ملڪ آزاديءَ جي صدقي جنهن سوين سختيون سٺيون،
سو دلاور ديش جو دلدار اڄ ويندو رهيو.
سِرُ جُهڪائڻ جو سکيو هرگز نہ ظالم جي اڳيان،
سو ستياگرهي سپهسالار اڄ ويندو رهيو.
ڌار گهر ناهيو نہ جنهن ڀارت سڄي کي گهر ڪيو؛
سو چڱي سارو ڪٽنب پروار اڄ ويندو رهيو.
جنهن جي همٿ جي اڳيان خود زور ٻيي زاري پري؛
سو دلاور بي ڊپو بختيار اڄ ويندو رهيو!
ملڪ جي قائل ورهاڱي هن جو جيءَ جهوري چڏيو،
آرزو جهرندڙ ڪڍي جهونجهار اڄ ويندو رهيو.

ڀارت ۾ آزاديءَ جي هلچل زور شور سان هلي رهي هئي. اهڙي وقت ڌاريءَ سرڪار جي جيلن ۾ جيڪي انقلابي قيدي عمر قيد جي سزا ڪاٽي رهيا هئا، انگريز سرڪار اُنهن سڀني قيدين کي انڊمان جي ڪاري پاڻيءَ ڏانهن رواني ڪرڻ جي پڌرائي ڪئي. سڄي ملڪ ۾ سرڪار جي هن قدم خلاف اعتراض جو ڏينهن ملهايو ويو. لاڙڪاڻي ۾ به هڪ شاهي ميٽنگ ٿي، جنهن اُنهن ويرپرشن کي شرڌانجلي ارپڻ ڪندي هيٺيون گيت ڳايو ويو.

فرقيپرستيءَ ۾ اٽڪيو نه هرگز،
اتحاد جو ڇيڙيو جنهن ساز آزاد.

دانهن جي هردم ڪري دادگيري،
دائم ٻٽيو هند جو ناز آزاد.

حق گوُ هميشه قام ۽ ڪلام هُسِ،
پنهنجي پرائي کان بي نياز آزاد.

نازڪ سمي ۾ رکي بي دپائي،
حق جو دکايل! ساڻيو راز آزاد.

جيل ۾ مجال ڪو قيدي پنهنجي آفيسر سان ڪيون ملائي ڳالهائي سگهي. اهڙيءَ بَرَميچوءَ جي جاءِ انڌاري ڪوٺڙيءَ ۾ ئي هوندي هئي. راجنيتي قيدين تي ١٩٣٠ ۾ جيڪو رعب جيل جي عملدارن پهرئين رکيو هو ١٩٣٢ ۾ گهٽجي ويو؛ پوءِ ته جيل وارن جي ڏنڊي توڙي دڙڪي داب جو پاڙي ڪڍي ڇڏيوسين. وڏي ڳالهه ته اُهي به سمجهي ويا ته راجنيتي قيدي ڪو اخلاقي ڏوهاري ڪين آهن. انهيءَ ڪري سندن همدردي يا روش ۾ وڏو ڦيرو آيو. جيل عملدارن کي ڪجهه لکڻو هوندو هو ته ڪين سليٽ تي لکي واچمين يا مقدم هٿان ڏياري موڪلبو هو. آءٌ ڪڏهن جي ڪين ڪجهه لکندو هوس ته گهڻو ڪري شعر ۾ ئي لکندو هوس. جيلر به هو پنهنجو سنڌي ديوان، سو منهنجي هيءَ شرارت هضم ڪري ويندو هو. نه ته جيل جو قاعدو، قاعدو ئي هو. هي ٻچار گيٽ جيل جي يادگيري تازي ڪن ٿا.

اندمان - ڪارو پاڻي

دور آهن ديس کان پرديس ۾ لاچار باند،
هند ماتا جا سپاٽر ديش جا دلدار باند.
ملڪ جي آزادگيءَ صدقي اُهي محب وطن،
قبر ۾ جيئري وجي ٿيا مرڪندا مهندار باند.
هاءِ حَقِطلبيءَ جي قيمت؛ هيڏي هاڃي هيئن سزا!
ڪاري پاڻيءَ جي وچي ڪشتن ۾ ٿيا سردار باند.
چار وقتو پيٽ کائين ٿو هئي ٿون، پرَ هُتي؛
آب داڻي کان نراس آهن وطن جا يار باند.
ٿيا پري پيارن عزيزن، دوستن کان، دربدر؛
اندمان جهنم ۾ آهن ملڪ جا مختيار باند.
واءِ قسمت اڄ دکايل ديس خود آهي غلام،
ڪيئن رهن نه ته هند ماتا جي گاي جا هارَ باند!

پاڄي ۽ دال سُڌري،
جي گند ڪُڪرو نڪري،
ٿوريءَ نظر سان ٿينديراضي سڄي جماعت.
ٿيندي نظر عنايت؟

بس مهل سارو ماني،
رنڌڻي جا ڏين هي باني،
اهڙي اوهان اُنهن کي جيڪر ڪريو هدايت.
ٿنيدي نظر عنايت؟

سکر جيل ۾

ڏينهن سُڄي چرخي جي وندر ۾،
مان ڪاتي چڙهيو آهيان.
رات جو پهريون پهر سوا،
ڪجهه لکندو ڪجهه پڙهندو آهيان.
ڏينهن نہ خير لنگهي ٿو وڃي،
پر رات، ڏکيري ٿي گذري.
خاص ڪري جنهن ڏينهن کان،
ڪونيءَ ۾ ٿي بجلي ڪانہ ٻري.

سکر جيل ۾

ٿيندي نظر عنايت؟
ويلو وڏيڪ ايندو،
ڦلڪو وڏيرو ٿيندو،
مانيءَ کچيءَ جي ٿهڻ پوءِ رهندي نه کا شڪايت.
ٿيندي نظر عنايت؟
ماني پچي ملي جي،
بيمار پوکو چو ٿيي؟
قيدين کي کين گهرجي ٻي خاص کا رعايت.
ٿيندي نظر عنايت؟

حيدرآباد - نارو جيل

پاروٺا ٽڪر پريم سان کائي پچائبا،
ڀاڄيءَ سان سڪل ڍوڍا خوشيءَ ساڻ کائبا.
ڪوسيءَ ۽ ٿڌيءَ جو نہ ذرو خيال ڪو رکبو،
بورچي ٻٽي ٻاهہ تي ڪاڏا ٻٽائبا.
سورج جي تکي تاءَ کان ڀل پيو پگهر وهي،
ليڪن ڪِلي ڪِلي هلمي هُرلا هلائبا.
گوريون جي هٿن ڀل ڇڪيون دل سان چلائيبيون،
ڏورن جان ڦاڻايءَ تي هلي نار ڪاهبا.
قالب سان سِرون ٺاهي، سڪائي، سَٽيون هٽي،
ٽاڻيءَ ۾ مزي سان وهي، چرخا چلائبا.
ڪوڏرءِ چنجورن سان ڪٽي ڪاٽيون شوق سان،
ٽيڪم سان ٽڪر ٽاڪيندي هينئڙا نہ هاربا.
ٻڌرڪ ۾ رکن ڇا جي انڌارين ۾ رکن ڇا،
ليڪن مزي سان ٽيپ جا ڏينهڙا گذاربا.
ٻاهر جي هٿي ڪم تہ وري ٻيٺو مزو ٿئي
پيرن ۾ اُٺن وانگيان سي ڏانوڻ بہ پائبا.
ڀورهيو جي مايو ڪوبہ، ڪبو خوب خوشيءَ سان،
ليڪن نہ قدم ڀنٽي دڪايل هٽائبا.

ڪاله بتي ڦاهڻ آيو پر،
گهر جي صورت ساڳي آهه.
آهي اڃا اوندهه ساڳي،
ڪا جڳهه مڳهه جوت نه جاڳي آهه.
آس اُڻم ديوان! بتي،
ٻجليءَ وارا ڦاهي ويندا.
بلب جڏو بيڪار دڪايل،
شام اچي لاهي ويندا.

حيدرآباد سينٽرل جيل

عملداري قبوليت

خدايا باندرن کي کو صبر ڏي،
سندم تقرير ۾ ڪافي اثر ڏي.
ڪريو ناحق نه پاڳل! تنگ مونکي،
اوهان سان ڪين ڪرڻي جنگ مونکي.
پڪو انجام اچ ڪانپوءِ ڪريانٿو،
سڻائڻ ڪان اصل جانو پريانٿو.
اوهان منهنجو غرور آهي مِٽايو،
دڪايل جيل جو پوُ دوُ پِلايو!

آزادي- گيت

(آزاديءَ کان پوءِ

١٩٤٩

اسين ديش پنهنجي ۾ آزاد آهيون،
سڄو راڄ ٿا پاڻ پنهنجو هلايون. اسين ....
ڪڏهن ڪاڻ ڪيڙي ءِ آن ۾ نہ ڪنهنجي،
شيون گهرج جون پنهنجي گهر ۾ ٿا ٺاهيون. اسين....
ڪريون پورهيو گڏجي، ڪريون پيدا گڏجي،
اچي وچ ۾ جيڪي، ونڊيون ءِ ورهايون. اسين ....
هميشه هلون شال هڪ ٻئي ۾ حق سان،
لڙائي نہ جهيڙو نہ ڪورٽ سڏايون. اسين ....
نہ ڪو اُوچ يا نيچ آهي اسان ۾،
مڙيئي منش آهيون ٿا پاڻ سڏايون. اسين ....

٢٦ جنوري اسين هر سال ملهائيندا پيا اچون ۽ گذريل ٻٽيهه سال، انهيءَ ڏينهن، اسان ڪيڏي نه پريرنا پئي ڏني آهي. آزاديءَ کان اول، هر سال آزاديءَ جي پرتگيا اسين دهرائيندا رهياسين ۽ ائين ڪندي ديشواسين کي چا چا نه سهڻو پيو. ليڪن ملڪ جيڪو آزاديءَ جو اِقرار ١٩٣٠ ۾ ڪيو، اُهو آخر پورو ڪري ڏيکاريو. اڄ جڏهن ديش آزاد آهي، تڏهن اِهو آزاديءَ جو ڏينهن، اسين ملڪ کي طاقتور بڻائڻ لاءِ ملهايون ٿا. انهيءَ ڏينهن پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسڻ جو اوسر اسانکي ملي ٿو؛ جيئن اسين ڏسي سگهون ته اسانجو پيارو ديش، جنهن ديش جي آزاديءَ لاءِ هزارن شهيدن پنهنجو رت ستن ڏنو، اُهو ديش پنهنجون مرياداڻون پالڻ ۾ اڳتي ڪيترو وڌيو آهي؟ اچو ته هڪ ڀيرو آزاديءَ جا گيت گڏجي ڳايون ۽ انهنجو مرم پڇاڻيون.

پونگن، ٻاڏن وارن درد رباري جيون - جوت،
سوارٿ جي اوٿر پر ميتيو آشا جو اُهڃاڻ.
ساڻ ڪٽي آئي آزادي منگل ۽ ڪلياڻ.

لوپ - لُڪن، لوسائي ساڙيا، ٻاڙون سڪ ۽ ساءُ،
ٻاڙي وارن پريت وڃائي، ٿي پيو ملڪ مساڻ.
ساڻ ڪٽي آئي آزادي منگل ۽ ڪلياڻ.

ديسي ڌاريا ٿي پيا آندو ٻولين ٻائيتال،
ٻاٻاڏن ڏاڏاڏن وارو ڪونہ رهيو نيشاڻ.
ساڻ ڪٽي آئي آزادي منگل ۽ ڪلياڻ.

ڪُوڙن لِيڪن ٿي لٽ ٻانو، ناحق حد حساب!
ننڍي وڏائيءَ جائي جهيڙي گوڙ وڏو گهمساڻ.
ساڻ ڪٽي آئي آزادي منگل ۽ ڪلياڻ.

ميڙڻ جي عادت ڪان ٻاجهي، ويو ڏيڻ وارو ڏانءُ،
مال ڇڏي محبت وارو، ٿا چائي ميڙيون چاڻُ.
ساڻ ڪٽي آئي آزادي منگل ۽ ڪلياڻ.

قدرت جي هرڪا نعمت هٿ، پرهڪ ناهي پيار،
ليڏن سان گڏ ليڪي ويئي، مفت پيو مانڌاڻ.
ساڻ ڪٽي آئي آزادي منگل ۽ ڪلياڻ.

ڏنو جو سبق پياري ٻاپوءَ اسانکي،
ڪري ياد هردم هنئين سان هنڊايون. اسين ....
نڪو غير ملڪي نہ ڌاريو اسان لءِ،
دنيا سان محبت جو ناتو نڀايون. اسين ....
سڄي ڌرتي پنهنجي، آڪاس پنهنجو،
سڄو درد دنيا جو دل ۾ سمايون. اسين ....
اسانجي دنيا ۾ عداوت نہ ڪنهن سان،
ونڊي پريم سڀ سان سڄڻ سڀ ڪي ٻانيون. اسين....
اڄوڪو هي شڀ ڏينهن آزاديءَ جو،
'دڪايل'! اڄو خوش ٿي گڏجي ملهايون. اسين ....

آزاديءَ ڪان پوءِ

(ملڪ جو ورهاڱو ٿيو)

۱۹۴۸

ساڻ ڪٽي آئي آزادي منگل ۽ ڪلياڻ!
وهم، انديشا آديس پويان ڪوڙ، ڇپائي پاڻ
ساڻ ڪٽي آئي آزادي منگل ۽ ڪلياڻ.
سمجهيو سي سک-سورج اڀريو ٿيندي اونده ناس؛
راهو-ڪيتو آيا ڪاهي، پاپي گرهڻ ساڻ.
ساڻ ڪٽي آئي آزادي منگل ۽ ڪلياڻ.

جنهن ڀارت جي آزادي ۽ اکنڊتا لاءِ هزارين ديشواسين پنهنجو خون پسينو هڪ ڪري، جان جي بازي لڳائي، انهيءَ ديش کي آخر آزادي ته ملي، پر سنڌس اکنڊتا رهي نه سگهي. ١٥ آگسٽ ١٩٤٧ تي ملڪ کي چيري ٻه ٽڪرا ڪيو ويو. سنڌواسين هيءُ ڏک ڪائي به ٻڙڪ نه ٻاڦي. لڪين سنڌي پنهنجو سڀ ڪجهه ڇڏي، اباڻا اَجها ٽِڪا ڪري، ڏنڌا ڌاڙيون اُڇلي، ڪيتيون ۽ باغيچا ٻن ڏيئي، ننگ ساڻ ڪري نڪري آيا. اُهو وقت به اهڙو هو. آءٌ به اُنهن منجهان هڪ هوس، جن آخري دم تائين سنڌ ۾ رهڻ جي هام هڻندين هئي ۽ لڳ ڀڳ ڏيڍ پوڻا ٻه سال رهيو به پيو هوس ليڪن پاڪستان سرڪار نيٺ گرفتار ڪيو ۽

ڳوٺن ٽوڙي شهرن ۾ آ، بي ويساهي عام،
اهڙو ڪو ماريو هن ڌانئڻ پيائيءَ، زهري ٻاڻ .
ساڻ کڻي آئي آزادي منگل ۽ ڪلياڻ .
آباديءَ لءِ ايڪو گهرجي، هڪ دل ۽ هڪ خيال،
وير ونجو ڳجهه ڪنان ويندو ڪُلُ ڌاهپ وارو ڌاڻ .
ساڻ کڻي آئي آزادي منگل ۽ ڪلياڻ .
عاقل ناهيان، عالم ناهيان، ناصح ناهيان، آءٌ !
دل پنهنجيءَ ۾ جهاتي پائي پرکيان وينو پاڻ .
ساڻ کڻي آئي آزادي منگل ۽ ڪلياڻ .

ورهاڱي ڪانءُ

ڪو، ڪو ٿِي ويا هِيوُن سنڌي،
ڪـو، ڪـو، ڪـو، ڪـو.
دل جي دانهن ٻڌو ڪن ڪولي،
او دنـيـا جـا لـوڪـو.
ڪو، ڪو، ٿِي ويا هيوُن سنڌي ....
ديش ڇڏي پرديسي ٿياسين؛
هوندي گهر، گهرگهاٽ کان وياسين!
هرٿ ۾ هـو جو، ڀـورو ٿيو سو،
ڪٿ ڌان لهي اچي پٽ تي پياسين.

ڇهن مهينن جي سزا جڙي. ڇو؟ ڇي پاڪستان کي ڊاهڻ لاءِ هٿيار ٿو ناهي. چاڪاڻ جو اٺ انچ ڦرواري هڪ مڏي ڇري گهر منجهان کين هٿ آئي هئي! اپيل ۾ سزا گهٽجي ٻه مهينا ٿي يا پنج سؤ روپيه ڏنڊ. ڀوءِ؟ اختياريءَ وارن صاف چيو، ”چڱو ڇاٽين ته سنڌ ڇڏي وڃ.“ نيٺ هندستان اچڻو پيو. رتوديرو گانڌي آشرم ضبط ڪري، اُجاڙيو ويو. اهڙا گهٽيئي گهر اُجڙ ٿيا. هت اچڻ ڪانپوءِ اندر جون اُڇاون جي آيون، اُهي گيتن ۾ پڌريون ٿيون. ڀارت جي شهر شهر ۾ ڳوٺ ڳوٺ ۾ اِهي گيت گونجندا رهيا. ڪجهه هنديءَ ۾ ته ڪجهه سنڌيءَ ۾. هت ته رڳو اهڙا سنڌي گيت ئي ڏنا ويا آهن. اهي گيت سنڌي جاتيءَ جي قربانيءَ جا اکين ڏٺا شاهد آهن.

پڪڙيل هياسين ڇڱني ڪنڊن ۾،
ڌاڪ هڻي ڌارين ملڪن ۾.
هَٽَ پٽڻ هوندا ها اسانجا؛
واشنگٽن ٽوڙي لنڊن ۾.
چڙهيل ڪارپٽ خوب اسانجي،
هنڌين ماڳين هوڪو.
او لوڪو! ڪو، ڪو ٿي ....
هوش ۽ دل اچ ٻيي جي هلايون،
ٻاڻ وَسي ٻائن ڪي وسايون.
ڳُوري مصيبت ٿي پوي هلڪي،
هيءَ جي دڪايل ڳالهه هنڊايون.
ڪالهه جو وڃايل اچ ٿئي حاصل،
دکُ نه ستائي پو ڪو.
او لوڪو! ڪو، ڪو ٿي ....

چشڪي جي چٽ ۾ ئي هرڪائي،
ڀاڳ ڏنو جڻ ڏوڪو.
او لوڪو ڪو، ڪو ٿي ....
هِتڙي هُتڙي دور مِٽن کان،
سِڪَ وندن ساٿي سڄڻن کان.
ٽڙڪي تڙڪي گهاريون وينا،
هاءِ پري پيارن پنهنجن کان.
سوُر سڻائڻ آيا سنبري،
مَهِلَ ڏِنُنِ جو موقعو.
او لوڪو! ڪو، ڪو ٿي ....
ناڻ ويو پڻجي نرواسي،
ويڙهي وَئي چوُطرف اُداسي.
هونءَ ته اسين مشهور هياسين،
دنيا پر آنم وشواسي.
هاڻي پڻ جي پاڻ سنياليون،
ڪوني نرواسي چو ڪو؟
او لوڪو! ڪو، ڪو ٿي ....

پاڪستان اِهو سڀ سمجهي پوءِ به نٿو ڪجهه ڄاڻي؛
سمجهه، حسد جيءَ هٿ ۾ ڏيئي؛ سچ ٿو ڪين سڃاڻي!
ڪيس جنم ڏيڻ وارا آهن، ساڳيا يورپ وارا،
جن کي پاڪستان کان وڌ هِن پنهنجا مطلب پيارا.
جيسين مطلب هوندن، تيسين جيڱرو ڪيس ڇڏيندا،
پر جي موت مان مطلب سَرندن ويرم وجهڻ نه ڏيندا!
پير پراوا، ساههُ پرائو، پنهنجو ڇا ٿين باقي؟
آئيءَ ويل ٿي ويندن ڏسجو! يار يقينن ياقي.
عيسائين، اِسلامين جو ٿيو ڪهڙي جُڳه ۾ ميلاو،
هلندي هلندي ڏسندا ٻوهن پاڻ کي نيٺ اَڪيلو.
مذهب جي نعرن تي چِڙند و ڇونه ٻي مذهب وارو؛
ڇو ته دنيا ۾ هر ڪنهن کي آ پنهنجو عقيد پيارو.
وسري ويو پاڪستانين کان شايد تازو واقعيو،
حال فاسطيني عربن جو جنگ ۾ آخر ڇا ٿيو؟
مذهب جي نالي تي گڏ ٿيا مصري ۽ ايراني،
هارائي نقصان سنائــون، ڪيڏو ماليِ جاني.
ٻُڌ پرِ اسرائيلان تن کي ماري نيٺ ڀڄايو؛
اسلامي غـازيـن کان پنهنجو آخر راڄ ميڄايو!

چيچ تي چنبي ساڻ لڙي!

(١٩٤٩)

چيچ تي چنبي ساڻ لڙي!
ڪاڏي پاڪستان، ته ڪاڏي هندستان پنجوڙو،
پنگلو ٿو پربت تي چڙهي،
چيچ تي چنبي ساڻ لڙي.

پاڪستاني ڏمڪين تي ڪو حيرت چو ٿو ڪائي،
مفت مغزخوريءَ ۾ پنهنجو ايڏو وقت وڃائي.
پُتلين جو هي ناچ سمورو پاتيخاني پلِئا،
بوليون بين جون چاليون بين جون، بين جا ٻارا ٻلِئا.
ڪيڏ سڄي هيءَ ڪيڏن وينا شطرنج جا ڪيڏاري،
جنجي آڏو مرضي مُهرنِ جي آهي ويچاري.

هڪ پاسي اِنگلنڊ آمريڪا، پيو ٿو ڊارا ڊاري،
ٻئي پاسي ٿو روس نِٻنِ، رمزن سان مُهرا ماري.
سياسي گهوڙي ڊوڙ هلي ٿي، ڏسجي ڪير کٽي ٿو،
شرطن جي ميدان-دنيا ۾ ڪنهن کي ڪير کٽي ٿو؟

مغرب جا چالاڪ مداري هي سڀ جاڻي واڻي،
ايشيا جي اگوانيءَ جو ٿا ماڻن وينا پاڻي.

گهر جا ڀاتي ڌار ٿيا، پر گهر نہ اُهوئي آهي،
جي بہ نظام ڪڙا ٿيا، ڇا ٿيو؟ مَرُ نہ ڪو دل بهلائي!
نڪري ويندو وچ وارن جو آخر هٿ شيطاني،
نيٺ ڇوائيندا سڀ گڏجي پاڻ کي هندستاني.
گانڌيءَ جو سپنو هڪ ڏينهن نيٺ حقيقت ٿيندو،
گڏيل ڪٽنب، ڀارت کي سارو ڏيهہ مبارڪ ڏيندو.
وچ جا لوڏا کائيندا سين، هاريندا کٽنداسين،
پر هڪ ڏينهن سوڀارا پنهنجي مقصد ۾ ٿينداسين.
نيٺ دنيا ۾ جهُلندي هندستان جي 'امن پتاڪا'،
جنهن ۾ قومن جي جيون جي آهہ سمايل منشا.
جڳت گرو ڀارت جي مهما سارو جڳ ڳائيندو،
وشوَ ڪٽنبي بڻجي هرڪو هڪ ٻئي کي ڀائيندو.
ڀير ڪڏون ڏسبا نہ دنيا ۾، ڪو نہ ڏکا کائيندو،
گيتا واري سامِيہ يوگ جا هرڪو گڻ ڳائيندو.
نيٺ نظام نئون ٿيندو ٻاپوءَ جي اُصولن وارو،
پاڻ تي پاڙڻ جو بس هوندو هر ڪنهن وٽ هڪ نعرو.
گانڌيءَ جو چرخو جيتيندو پاڻ تي جڳہ پاڙيندو،
گهرج جي آهر هرڪو هڪ ٻئي کان وٺندو ۽ ڏيندو.
شل ٻاپوءَ جو قول پڙي.

هنسا ۽ نفرت کي آخر پاڳ ۾ هارائي آهي،
چوٽ نغاري تي سمجهايو جڳ کي گانڌيءَ ڏاهي.
محبت ۽ قربانيءَ سان جنهن پنهنجي ٻالهه ميائي،
'ڪئٽ انڊيا' جو نعرو ڏيئي هند آزاد ڪرائي.
ڏيڍ صديءَ کان، جن ڀارت تي زوريءَ راڄ ڪمايو؛
ستيہ-اهنسا جي اڳو تن آخر ڪنڌ جهڪايو.
هڪ جهڙن آزاد دنيا جي ديشن مان اڄ آهيون،
ڪنهن ٻي سرڪش ملڪ جي ساموهون ٿا اڄ سِينو ساهيون.
چو ته اسانکي ٻاپوءَ سيکاري آهي قرباني؛
سچ صدقي جو جام-شهادت پي ويو سچ جو باني.

سچ جي هن اوتار ٻڌايو پاڪستان نه رهندو،
نفرت تي جو راڄ ڪڙو ٿيو هڪ ڏينهن آخر ڊهندو.
سخت ورونڌي ٻٽواري جو هو گانڌيءَ ٻابا
ڪين ٻڌوسين ڪيس ته سيني ڪيڏا ٿاٻا کاڌا
ڀارت ديش اکنڊ، ڇيائين قدرت آهه ٻڻايو
جنهن کي هماليه، راس ڪماري، دوارڪا، پوريءَ ملايو
پٽ جيڪا سرحد جي ناهي، قدرت ڀارت خاطر
قائم رکڻي پوندي رکشا خاطر عزت خاطر

گانڌيجي خود، هڪ ويچار هو. انهيءَ ڪري سنڌس ديهانت ڪري، اسٿول گانڌي برابر اسان وٽ اڄ موجود ڪين آهي، پر سنڌس ويچار اڄ به دنيا کي جاڳائي رهيا آهن. پوءِ ڪيئن چئبو ته گانڌي هنوقت اسان وٽ ڪونهي؟ مهاتما گانڌي پنهنجي ساڌنائن ۽ تپسيا جو ڦل ڀارت کي ڏيئي ويو. اهڙا ست پرش ونڻ ته جاڻن ڪين، رڳو ڏيڻ ئي جاڻن. انهيءَ ڪري هو ڏيئي ويو هندستان کي 'امر-جيون' جيئڻ جو ڏس. ٻڌائي ويو رازءِ نياز جون تعبيرون، سي به سؤلي نموني. هوُ مهاتما هو ۽ مهاپرش- عمل جو صاحب هو، اِنهيءَ ڪري هر قدم تي ڪاميابي حاصل هيس. سنڌس جس جيترو ڳائجي اوترو ٿورو. هي ٿورا گيت سنڌس ويچار درشن ڪرائي ئي ڪهڙو سگهندا! ان هوندي به اچو ته پنهنجي ديش پتا، ڀارت کي آزاديءَ جي منزل مقصود تاءِ پهچائڻ واري هن ڪرم يوگيءَ جا گڻ ڳايون ۽ ڳائيندا رهون جڳان جڳ.

پاڪستان ڇڏي ڏينائي وَٽ پنهنجي جو خيال ڪري،
(نہ تہ) مارائيندس آڻي آڙي .
ڇيڇ تي ڇنبي ساڻ لڙي ؛
ڪاڏي پاڪستان ۽ ڪاڏي هندستان پنجوڻو ؟
بنگالو ٿو پربت تي چڙهي !
ڇيڇ تي ڇنبي ساڻ لڙي !!

۲۲- سپٽمبر ۱۹۴۹

٣

آهه هنسا ۾ جي اڄ ڪنهن جو نه وشواس رهيو،
پو به ڇو هرڪو هٿيارن جو بڻيو داس رهيو؟
خالي ڌمڪين کان نه ڪو ڏينهن نڪو ماس رهيو؛
آپسي خوف جو هر دل ۾ وڏو واس رهيو!
اَهنسا تنهنجي نماڻي ٿي نهاري ويٺي،
حالَ اِنسان جي ٿي لڙڪ ٿي لاڙي ويٺي.

٤

ياد هن وقت گهڻو توکي ڪري ٿي دنيا،
ڇو ته ائٽم جي ڌماڪن کان ڏري ٿي دنيا،
’ضدي- سياست‘ ڪري هڪبئي کان پري ٿي دنيا،
پنهنجي بي جاءِ ڪئي جو ڇا ڀري ٿي دنيا؟
اڄ نه سنسار کي راڪيٽي تماشو گهرجي؛
باپوءُ! پاٻوهه پريو تنهنجو دلاسو گهرجي.

٥

ڌرمُ اِنسان کي، اِنسان کان اڄ ڌار ڪري؛
ڪيئَن نه ٿو فرقيپرستيءَ جا ڇتا وار ڪري!
ذات ۽ رنگ جا پيدا نوان آزار ڪري،
پريم بنڌن ڇني ڇڪ سان ٿو تندوُن تار ڪري.
روح جي ايڪتا جو راز سلڻ آءِ وري،
بند جا دل جي دکايل! سا اچي کول دري.

گانڌي - ٻاپو!

ذات اِنسان چيو- ”آيو پلي آيو وگيان،
ڌور ڏيهَن کي ٻُڌي جو ڪندو مشڪل آسان،
ڪا غلط فهمي نه رهندي، نه دلين جو هيجان،
هاڻي دنيا ۾ لڙائيءَ جو نه رهندو اِمڪان.
آس آدم جي، ڪو دم آءُ جيارڻ وارا!
گيان امرت جي ڇُڪي جڳ کي پيارڻ وارا!

٢

جوش ۾ بيءُ اچي هوش ڇڏڻ وارو آهه،
پنهنجي هٿ ساڻ تباهيءَ کي سڏڻ وارو آهه،
ڏيرتاڻ جي تي گهر پنهنجو اُڏڻ وارو آهه؛
مٽي اولاد کي گوندر ۾ گڏڻ وارو آهه!
داستانُ ماءُ جي ڳوڙهن جا، ائين ئي ٿا چون،
پيٽ ڄاين جي وِرِهه جا ٿا پرُون جنهن کي پون.

تنهنجو عجب اِشارو،
ويجهو ڪندو ڪنارو.

گهارڻ ڏکيرو گهر ۾، سوراج جي سفر ۾،
ڀهچان جئين ڀهر ۾، آزادگي مندر ۾.
ٿيندي اُميد پوري،
ثابت ڪڏهن سوري.

ڪرشن سمان گانڌي، رهبر مهان گانڌي،
ڀارت جو شان گانڌي، ماتا جو مان گانڌي.
ڀاپيل جي راهه گانڌي،
پوري پناهه گانڌي.

ڀارت سندو مدبر، گانڌي! سچو تون ليڊر،
گمراهه لاءِ رهبر، آهنجيءَ ۾ آس آڌار.
تڙندا وري ڏکايل!
گلشن جا گل ڪومايل!

واهه واهه ٻاپو!

تو جا بتائي راهه گانڌي واهه واهه،
گانڌي واهه واهه منهنجا ٻاپوُ واهه واهه.
تو جا بتائي راهه ......

پارتي ٻيڙيءَ جو ملاح گانڌي!

آدر اٿاهه تو لءِ، هر دل ۾ چاهه تو لءِ،
سارو سپاهه تو لءِ، عزت ۽ جاهه تو لءِ،
پارت جا او دلارا!
اعليٰ اُصول وارا!

قوميت جو پاوُ توڪان، ايندو شعاع توڪان،
سهٽو سناءُ توڪانُ، ملڪي بناءُ توڪان.
شيرين ٻول تنهنجو،
ڪرڙو آ قول تنهنجو.

بي تاج شاهه آهين، دل جو درياهه آهين
اونهون اٿاهه آهين، ڪامل ملاح آهين.
عالي دماغ آهين،
روشن چراغ آهين.

جنهن تي دباءُ جاري، مشڪل سا، راهه ساري،
زنجير آهه زاري، گردن تي بار باري.
اهڙي سمي اوهانجي،
گهرجي مدد اي مانجهي.

وندهه جتي سمائي، آهي نه روشنائي؛
ليڪن سنڌ سچائي، ڏيندي ڪري صفائي.

گانڌي جنم ڏن

آزادي اوتارو اڄ جنميو گانڌي پيارو،
جنميو گانڌي پيارو اڄ آزادي اوتارو.
ڏاڍهن ٻڌي ڏک تارڻ آيو،
ديش جا ڪشٽ نوارڻ آيو.
ڀارت جو رکوارو. اڄ جنميو ....
ائين منجهان ايندي آزادي،
ڇيائين هرڪو پهري کادي.
کاديءَ ۾ نيتارو. اڄ جنميو ....
ننگو اُگهاڙو ديس ڏنائين،
پورو پهرڻ ويس ڇڏيائين.
ٻٽيو لنگوٽيءَ وارو. اڄ جنميو ....
درد ڏکين جو دل ۾ ڌاري،
ويئو پنهنجو پاڻ وساري.
حق جو ماري نعرو. اڄ جنميو ....
راز اهنسا سندو سليائين،
خون خرابيءَ لاءِ جهليائين.
راهه ڏسيائين نيارو. اڄ جنميو ....
ايڪيءِ اِتحاد جو حامي،
ڏي جو ڏکايل پيار مدامي.
اڇوتن آڌارو. اڄ جنميو ....

ڪنڪ اِشاري ٿي ٿا ڪاهن،
سورهيه سڌ تي سِينا ساهن.
مؤت ڪان بي پرواهه واهه.
تو جا بتائي راهه ....

تير ترارين ڪين ڪٽن جي،
پلجي ڪنهن ٿي ڏک نه هٽن جي.
صابر ٿيو ڇا سپاهه واهه.
تو جا بتائي راهه ....

ستياگرهه سندو راز؛
ڏيئي ڪيءَ ڇڙيا باز!
آنديءَ ڇا اُتساهه واهه.
تو جا بتائي راهه ....

ديس 'دڪايل' شاد ڪندو،
اُجڙيو گهر آباد ڪندو.
تنهنجو هي ويساهه واهه.
تو جا بتائي راهه ....

مهاتما گانڌي

رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس وقت

مردهہ دل لاءِ ٽيو اڪسير ڪرامت گانڌي،
بي وسيلن ۽ يتيمن جي حمايت گانڌي.
درد وشواس، ارادي تي هماچل جان رهي،
ٿو سلي ساري زماني کي صداقت گانڌي.
'فرينڊس آف انڊيا' وارن جوٽي رهيو دوست، مگر،
چرچل پارن جي مٿان آهہ ٽيو آفت گانڌي.
جنهن شوڪت، جي شروع آهہ پروپيگنڊا؛
ٿا چون، ٿو رکي مٿيهد تفاوت گانڌي!
ڏاهہ لءِ تيار هئڻ جو ٿا عذر ڪوڙو ڏين،
ٿا چون، جاڏي نٿو ميل ملاوت گانڌي.
هٿ ڪنگڻ کي دڪايل! نہ ڪپي آئينو،
ڪنهن بہ ٽيڪا جي رکي ٿو نہ ضرورت گانڌي.

باپوُ!

لڳي نہ ڪوسو واءُ،
توکي! لڳي نہ ڪوسو واءُ.
تون بانکو بي پرواهہ —
گونگي ۽ ڏبري ڀارت جو گانڌي تو منجهہ ساهہ،
توکي! لڳي نہ ڪوسو واءُ.

سابرمتي جو سنت

(رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس وقت لکيل)

دل ۾ آزادي شمع کي ڪير ٿو روشن ڪري،
خاڪ صحرا کي متائي ڪير ٿو گلشن ڪري.
ڪنهنجي مهما جو نغارو ٿو ولايت ۾ وڄي،
ڪير پنهنجي ديس لاءِ پرديس ۾ ساڏن ڪري؟
پر پلي خاطر خوشيءَ سان، شوق سان، وشواس سان؛
رات ڏينهن آرام پنهنجو ٿو نذر جيون ڪري.
ڪنهنجي ڪرم سان هند جي قسمت پلا چمڪي اُٿي،
ڪنهنجي نالي جو سڄي دنيا ٿي اڄ سمرن ڪري.
ڪنهنجي نيڻن ۾ نه آهي، ملڪ پياري لاءِ ننڊ،
ڪيرات پهرن مان سنت ٿو ديس کي ارپن ڪري.
ڪير ٿي سگهندو پلا بيو، سنت سابرمت سوا؟
جنهنجو اڄ اڪثر زمانو پرت مان پوڄن ڪري.
موں ۾ معدو شاعريءَ جو ناهه ڪو ذرڙو؛ مگر،
سچ نه بيوس ئي 'دکايل' کي ٿو ماهر فن ڪري.

ديش سُتل جي هستي جاڳي،
پار پيڙي ۾ مستي جاڳي،
مستي خوب الستي جاڳي،
(جاڳيو) آزاديءَ جو چاهه-
توکي! لڳي نه کوسو واءُ.

ديش دکايل جو دلبر تون،
جڳ جو لاثاني مُدبر تون،
راهه وڃايل جو رهبر تون،
بي واهن جي واهه-
توکي! لڳي نه کوسو واءُ.

سياڻو رهبر

اُٿيو جڏهن هند جي سمنڊ اندر طوفان،
چوهين چولين کان متو گوڙ گهڻو گهمسان.
ڏسي لُڙُ لهرين سندو ٿيو هرکو پريشان،
ميربحر ماندا ٿيا هاري دِل حيران.
واءُ نياڳيءَ کان رهيو قابوءَ ۾ نه سُکان،
سڙهه ساهي ساڻو ٿيو هر اڳرو اڳوان.

ننگ نهنگ نماڻا جوڳي،
سالڪ سنت سچا سهيوڳي،
نرڀئه ناٿ نسنگ نروڳي،
تنهنجي شڪت اٿاهه-
توکي! لڳي نه ڪوسو واءُ.

داتهن ٻڌي دک ٽارڻ آئين،
ٽتل جڳت کي ٺارڻ آئين،
ديش جا ڪشت نوارڻ آئين،
تي هرجا وهه واهه-
توکي! لڳي نه ڪوسو واءُ.

تون قربانيءَ جو پوڄاري،
تنهنجي راهه دنيا کان نياري.
زور پري تو آڏو زاري!
تون شاهن جو شاهه-
توکي! لڳي نه ڪوسو واءُ.

ستيه اهنسا جو وَر ڏيئي،
دور ڪيا تو وهم سڀيئي،
جانِ وطن بي جانِ ۾ پيئي،
همت تي همراهه-
توکي! لڳي نه ڪوسو واءُ.

تنهن پر رهندو ڪين پوءِ بانهپ جو امڪان،
ڌاري همٿ ظلم سان جوٽيو جنگ جوان!
ستيه اهنسا جو مگر رکجو پورو ڌيان،
ڪين ڪپي هن يڌ ۾ ڪو خوني جولان.
سر ڏيئي سرها بڻي مرد ڪٽيو ميدان،
راضي ٿي پوءِ ملڪ تي ڀارت جو ڀڳوان.
سک سمپت جو دان ڏيندو ڪايل ديس کي.

جڳ جو باپو ويندو رهيو

(٣٠ جنوري ١٩٤٨)

دين، دنيا لاءِ وڪڻڻ ڪان ڪيو اِنڪار تو،
پنهنجي حق محبوب سان پاڙيو سچو اِقرار تو.
بادشاهيءَ ڪان مٿي توڪي فقيري ٿئي وڻي؛
جو غريبن کي ڏنو بي حال ۽ بيزار تو.
ظلم زوري، ڇل ڇدر سنسار ۾ وڌندو ڏسي،
اهنسا ۽ ستيه جو ڌارڻ ڪيو اوتار تو.
ڪرم جي مارگ تي هلندي پي اڪرمي ٿي رهئين؛
پنهنجي جيون ۾ سليو گيتا جو سارو سار تو.

مايوسيءَ ڪان ملڪ ۾ برپا ٿيو هيجان،
وڏي واهر لءِ تڏهن آيو هڪ اِنسان.
چيائين، "منهنجي حڪمتي جي ڏيندا پورو ڌيان،
ٿيندس بيشڪ ديش جي ٻيڙي جو ڪپتان.
بي صبري ڪهرجي نه ڪا ٿيو دانهه ڌيرجوان،
ترندو ٻيڙو ملڪ جو، جي آٿوَ ڪو ايمان.
ميبو مڙيني هي جڏهن دڪايل فرمان،
سو رهيه تڏهن سڄان ٿيو گانڌي رهبر ديش جو.

گانڌيجي

گانڌي رهبر ديس جو گياني سو گڻوان،
نعرو حق جو جنهن هڻي ڪيو هي اعلان.
گولا گولن جا ٻڌي ڪوهيو چو ٿا شان،
پاڙي هرڪو پاڻ ٿي بچائي سومان.
ٿيندو قربانيءَ بنان مشڪل ڪيئن آسان؟
آزاديءَ جي راهه ۾ ڇا نه ڪبو قربان.
سڀ ڪجهه ڏينديءِ پيٽ ۾ مال ڪٽنب ۽ جان،
قائم رکندا جي ائين قوم سندو نيشان.

بند پيهڻ جي لاءِ ٻڌارين، سورهيه سهڪاري،
جيءَ گانڌي! گڏڪاري!
يوگ ٻل سان تو جاڳايو غافل نر ناري،
گانڌي! غافل نر ناري،
آهه الوڪڪ شڪتي تنهنجي نرمل نامياري،
جيءَ گانڌي گڏڪاري!
قربانيءَ جي ڪاليءَ جو تون پوتر پوڄاري،
گانڌي! پوتر پوڄاري.
سوپ ستنترتا تان سورهيه، سرو انس واري،
جيءَ گانڌي گڏڪاري.
مات هند جا پُوت سپاتر، مورت اوتاري،
گانڌي مورت اوتاري.
آزاديءَ جي اِشٽ ديو جا ڪامل اڌڪاري،
جيءَ گانڌي گڏڪاري.

وطن سان وداعي

منهنجا نندڙا سرڳه! توکي رام رام،
ڏو وڃان، تو وٽ ڇڏي، تنهنجو نمام.
ڇا ڪڏان، ڇا جي ڪري ۽ ڇو ڪڏان؟
طعه جڏهن نـاهـي اڃا منزل مقام.

ڪنهن بنيءِ اِنسان جي لءِ ڪينُ ڏئي دل ۾ رکين؟
تنئي ڏنو هر ذات ۾ پنهنجو جڏهن هڪ يار تو.
مختلف فرقن جا پوُئي قول هڪ ئي تار ۾،
پيٽ ماتا کي ڏيڻ چاهيو تنئي سندر هار تو.
بي گناهيءَ کان رهين پيريءَ ۾ ٻڻ معصوم ٿي؛
جو نه ساڪي ٿي سدا سچ جو ڪيو اظهار تو.
درد ٻئي جو دل ۾ ساندڻ، آهه ڇا اهڙو گناهه؟
جو سُنو همدرد سينئي کي قضا جو وار تو!
توکي وهنجاريون اسين ٿا تنهنجيءَ رَت ۾، مگر،
پنهنجي گوڙهن ۾ تنئي وهنجارڻ گهريو سنسار تو.
جو مليو عيسيٰ کي دنيا کان، مليو توکي به سو،
جو نه ڏيکاريو دکايل! سڀ سان ساڳيو پيار تو.

گانڌي آرتي

جيءَ گانڌي گڻڪاري، جيءَ ديشڪ هتڪاري،
جيءَ ڀارت جا پوشڻ پيارا، ڪرم ڪلا ڌاري،
جيءَ گانڌي گڻڪاري!
سرڳ ڌام کان ماتر ڀومي توکي وڌ پياري،
گانڌي! توکي وڌ پياري.

گانڌيجيءَ چيو هو تہ جڏهن هندستان آزاد ٿيندو تڏهن اُهو پنهنجي راڄ جو ڪاروبار سرووديہ - رٿا موجب هلائيندو؛ جنهن رٿا موجب گهٽن جي صدقي ٿورن کي قربان ڪيو ڪين ويندو. هونءَ بہ قربانيءَ جا ٻڪرا ڪمزور ئي بڻايا ويندا آهن. انهيءَ ڪري ئي ٻاپوءَ چيو تہ "هندستان پنهنجو ملڪي جوڙجڪ اهڙو ٺاهيندو جنهن موجب هرڳوٺ آزاد هوندو ۽ انهيءَ گرام سوراج ۾ طاقت کي هڪ هنڌ ڪٺو ٿيڻ ڪين ڏيو. جنهن ڪري طاقت جون ٻُڪيون پارٽيون يا ماڻهو گهٽ ئي پيدا ٿيندا. انهيءَ طرح سڀ جي ڀلائيءَ لاءِ گانڌيجيءَ اسانکي "سرووديہ" يعني سڀ جي ڀلائيءَ جو منتر ڏنو.

جي اَڱڻ تنهنجي ۾ گهاريا ڏينهن مون،
هنئڙي ۾ هُرندا سي رهندا صبح-شام.
تنهنجو اُپ، سج، چنڊ ۽ تارا ڪتيون،
پُر ڏٺا مون نوُر نياري سان مدام.
سي بهاريون، بِن خزان باغن سنديون؛
جن وڏا ٽٽي بِن ڪمند پيرن ۾ دام.
ياد پوندا ڪيئن نہ هن مئنوش کي،
ڇلڪندڙ ميءَ سان سي تنهنجا مست جام.
دور ٿيندو ٿو وڃان توکان، مگر،
خيال زيارت لءِ پيو آٿيندو مدام.
ياد تنهنجي قلب کي ڏيندي قرار،
ننڊ نيڻن جي جڏهن ٿيندي حرام.
پيو تہ قاصد آهہ اوڏو ڪين اچ،
ٿو مُنجان توکي صبا جي هَٿ سلام.
درد ۾ پيڻي دلاسو پائيندي،
دل دکايل، تنهنجو جهونگاري ڪلام.

سرووديه هلچل

جنب مان ٿي جندُ آجي عشق جانبه سان لڳو،
اڄ نه پائڻ ٿو پڇي ڪنهن پيڻ ڪان سئيءَ ۾ سڳو؛
موٽ ٿيو ميرو ڌوئڻ خود جان پنهنجيءَ جو وڳو،
باهه ٻارڻ ٻار ٿي گهرِ، حرص هوتل ڏي پيڳو.
پاڻ ٿي پاڙي هلڻ اڄ ٿيو لَڇڻُ ڪنگال جو،
نقشو ماضيءَ جو مٽائي ٻڻج مالڪ حال جو.

٢

ساهُ پل ٻُڪَ ۾ سِڄهي چرخو نه پر چورڻ پڇي،
عجُ هليو ويندو، جي گهر ۾ وال ڪو ڪپڙو اُڄي،
چؤ ڪٽي جي ڳالهه اهڙي؛ منهن ٿو مائيءَ جو سُڄي،
ڏي رُڃَلَ پرچائي، پرجي پرِ ڪو پيڪيءَ جو هُڄي!

ونوباجي اڄ انهيءَ منتر جو جاپ جپيندو، هلي
رهيو آهي پيدل ۽ ٻارنهن سال ٿيا جو هُن اِها اکنڊ پد
ياترا شروع ڪئي آهي. اڃا تہ پيئي ٿي هلي ۽ هلندي
رهندي ٿيسين، جيسين ڀارت اِنهيءَ سڀ جي ڀلائيءَ
جي راهہ تي اچي. ڀوءِ تہ ملڪ ۾ نہ ڪو رهندو بکيو
يا بيمار، نہ اُگهاڙو نہ بي اَجهي ۽ نڪي رهندو ڪو
اَڻ پڙهيل يا بي هنرو ر. ونوبا، ڀو-دان ۽ گرام-دان
جي هلچل شروع ڪري هندستان کي سرڳہ جي
ڪامڌينو تورڙي ڪلپ برڪش جو درشن ڪرايو آهي.
هاڻي ڏسون تہ اسانجو هي ٻڌيمان ديس ڇا ٿو ڪري؟
ڪامڌينو ۽ ڪلپ برڪش، سڀ ڦل ڏيڻ وارا ديوَ آهن.
رڳو ديوَن کي راضي ڪرڻ جو ڏانءُ ۽ ويساهہ کپي.
هي گيت، گانڌي ۽ ونوبا جي انهيءَ سڀ جي ڀلائيءَ
واري منتر ياد ڪرڻ ۾ مددگار ٿيندا، جي اسين اُهي
وري وري دهرائيندا رهنداسين.

مرد کو روٽيءَ مهانگو، تون ڳڻي ڳالهيون نہ ڳر،
پر رڳو کوڏر لپا هڻ ڏس پوءِ سستائي سُڪر!
گهرج کان ٿيندءِ ورءُ وڌ سرس ڪاڏو سال جو،
نقشو ماضيءَ جو مٽائي بڻج مالڪ حال جو.

٦

انءَ جو آزاد آهين پر غلامن جو غلام،
چو تہ پنهنجي گهرج جو موهتاج تون آهين مدام.
پيٽ ۽ انگ لءِ پرين ٿو، ڪيئن نہ هِنَ هُنَ جو سلام؛
ڪو رهيو ناهي دڪايل! پاڻ ٿي پاڙڻ جو نام!
خاڪ پوءِ ايندو مزو آسودگي اقبال جو.
نقشو ماضيءَ جو مٽائي بڻج مالڪ حال جو.

ا

سچي زندگي

زندگيءَ ۾ زندگيءَ کي موت سان ٽڪرائبو،
سمنڊ لوڏائيو ولوڙي منٿرو امرت پائبو.
آس جي آئيني کي جي لَتَ نِراسا جي لتيو،
قوم جي تقدير کي تدبير سان چمڪائبو.
فرض جي پنهنجو نہ ڪنهن پالبو، وسيلو ڪو نہ ٿيو،
پاڻ کي پاڻهي وري هن ديس ۾ ورسائبو.

آهه نه ته سرچڻُ ڏکيو، اهڙيءَ سياڳيءَ زال جو،
نقشو ماضيءَ جو مٽائي بڻجِ مالڪ حال جو.

ٽيل گهاٽي جو مهانگو کين گهر ۾ کائبو؛
پر مشيني پيڙ جو سادو سڙيل ورتائبو!
ڇو نه سستو آهه آنو سير تي، آڻائبو؛
عقل گيچڻ ۾ وهائي پوءِ به هِٽ هُٽ ڳائبو!
سچ نه شهرين ئي وڌو چيڏڪ مشيني مال جو،
نقشو ماضيءَ جو مٽائي بڻجِ مالڪ حال جو.

۴

اڄ پڙهيل بيڪار آهي؛ اڻ پڙهيل جي پيٽ ۾!
هُر هلائڻ چو نه گهٽتائي ٿو سمجهي کيٽ ۾.
گهر ۾ پل گهپي هجي، ديوان جي بک پيٽ ۾؛
پر نه پيي مرندو اجائي ڏيک جي اِلسيٽ ۾!
سُرُ وڏو سِرَ ۾ اٿس ڪنهن اهڙو ليءِ بي ٽال جو،
نقشو ماضيءَ جو مٽائي بڻجِ مالڪ حال جو.

۵

هٽ هلي جي، گهر هلي، پوءِ ڇو ڏکيو ٽيندو گذر؟
ڏوُر ٽيندو پاڻهي جو ڏيهه ۾ آيو ڏکر.

جيڪڏهن هن راهه ۾ روڙو ٿي ڪو آتڪي پيو،
اهڙي سائينءَ جي سنوارئي کي سڌي سمجهائيبو.
موُت جو خود خوف، خائف ٿي پڇي پاسو ڪري،
رمز اهڙيءَ ساڻ موذيءَ مار کي هيسائيبو.
موُت هونءَ پي خيال آهي، خيال آهي زندگي،
خيال کي بس خيال سمجهي، خيال کي بد لائيبو.
ختم ٿين جيئَن هي د ڪايل! موُت جا اسباب ڪُل،
تنهن ڪري اچ پاڻ ۾ جيون نئون جاڳائيبو.

گرام-سورج

پکيڙا صبح جا مٺا گيت ڳائن،
ڪڏيون پرهه با ڪوُن سڌي ٿا سڏائن. پکيڙا....
وَري نوُر اوپر جي ڇهري تي آيو،
ڪڙو ڪيتُ جوُئر جو چمڪي سوايو.
پکل سنگ ٿا سونَ ڏ نگيون وراهن. پکيڙا....
ڪڏي مال پاڳين ڪيو جهنگَ واهي،
ڪٽي نڪتا ڏاتا وڍڻ گاهه گاهي،
پريون ڪَرَبَ ڪاني جون آڻي پڇائنِ. پکيڙا....

پنهنجي پيرن تي بيهي، هلنداسين اوچي ڳاٽ سان،
هي ڏسي هر هندواسي ٿي شڪي شرمائبو.
جي اچا رهندي ڪا پنهنجي ملڪ ۾ اَن جي اڻاٺ،
پيٽ ڌرتيءَ جا ڦٽي پاڙي اُڪُت ڀرچائبو.
ٻُک نہ ڀارت جي ڪنبيلي جو ڪو جيئڻ پاڻي مري،
جو ڪٽو ڏاڍو انگوڻ ونڊي وراهي کائبو.
جي لٺي هوندي لکن کي لِبڙ اچ! ناهي نصيب،
پاڻ ٿي مالڪ مِلين جا ڀربو ڀرائبو.
ڪين ڏينداسين رهڻ ڪا ديس ۾ ڪاري بزار،
رشوتي سرڪاري عملي کي سنئين دڳ لائبو.
پنهنجي هر هڪ گهرج جي پاڙهي ڪنداسين پوري،
ڪارخانو اهڙو گهر گهر کولبو کولائبو.
ٿو پگهر جي پورهئي مان ڏس! ڦل ملنو آخر ملي،
مرتبو محبت جو جاڙي ڌنهن تي هَڏ هيرائبو.
ڪارگر ڪوڏاريو ٿي خود ڪڙمي ڪيمياگر بڻي،
ملڪ جي مٽي ۽ پٿر سون سان تورائبو.
سون چانديءَ جو سِکو جيئن محنتيءَ جو ٿئي مطيع،
قاعديسازن کان اهڙو قاعدو جوڙائبو.

دکايل! هتي رام جو راڄ آهي،
سڀڪو ڳوٺ وارن کي سوراج آهي.
نہ موٿاج ٿي ڪنهن جو نوڪر چوائن. پکيئڙا....

پوَ-دان هلچل

ڌي ڌرتيءَ جو دان بابا!
ڌي سَمپت جو دان.
ڪنڌي پلو پگوان بابا!
ڌي ڌرتيءَ جو دان.
ڌرتي آهي تو نہ اُپائي،
سمپت تو نہ اڪيلي ٺاهي.
سڀ جي مدد سمان بابا!
ڌي ڌرتيءَ جو دان.
مالڪ نؤڪر پانءُ نہ ڪوئي،
اونچو نيچو آهہ نہ ڪوئي.
ساڳيو هڪ اِنسان بابا!
ڌي ڌرتيءَ جو دان.
مالڪ هرڏاڪشپ چوايو،
نرسنگهہ تنهن کي مارڻ آيو.

ڪمي ڪاسبي ٿيا روانا ڪمن تي،
پلا لوڪ سي، جي ٿا پاڙن هڏن تي.
رهي سست ڇو پاڻ پنهنجو لڄائن! پڪيئڙا....

ٻ ڪڻ ڪم تي نڪتو ۽ لوهار ڪم تي،
هتي هرڪو هوندو ٻڇو بار ڪم تي،
بنا ڪم هتي ٻور ماني نه کائن. پڪيئڙا....

هجي رازو سِربند ڪنپر يا ڪوري،
هتي موچي تيلي ڪندو ڪانه چوري.
سڄي ڳوٺ کي چوته هڪ گهر ٿا پائن. پڪيئڙا....

مغز ۽ هٿن جو هتي فرق ناهي،
وڏائي ننڍائي ميڻ مرڪ ناهي.
هتي علم پورهئي ۾ انتر نه پائن. پڪيئڙا....

هتي ماستر پيي ڪندو هٿ سان محنت،
نه ڪا وئڊ کي هوندي پورهئي کان نفرت،
ڪري خوب محنت ٿا کائن پچائن. پڪيئڙا....

لڳي ٿي نه پئسي تي هت ڪا لڙائي،
هتي پريم ڳڻ جي وڏي آ وڏائي،
نه ٿين پاڻ لوپي نه ٻين کي لُٽائن. پڪيئڙا....

سنت ونوبا راهه بتائي،
سمجهه دکايل، مصلحت سائي،
جاڳي پريم مهان بابا!
ڏي ڌرتيءَ جو دان.

سروودي ۽ شانتي

او شانتيءَ جا ديوتا.
تهذيب جا راکا سچا!
تنهنجي ضرورت جا بجا،
سنسار کي آهي سدا.
تنهن جو بقا ۾ آستانُ،
تون امرتي پيالي سمانُ.
جهنڊي آڇي جو تون ڏٽي،
توکان ملي راحت گهٽي.
تون پيار جي آهين مٽي،
هر بات آ توسان بٽي.
بگڙيل بڻائي تو ڇڏيا،
اُجڙيل وسائي تو ڇڏيا.

چڱو ڪوڙو اپمان بابا!
ڏي ڏرتيءَ جو دان.
محنت وارو جي بک مرندو،
چونه پلا پوءِ پنهنجي برندو؟
ٿيندو خاڪ جهان بابا!
ڏي ڏرتيءَ جو دان.
دل سان آهه ديا جو ناتو؛
جنهن هي ڄاتو تنهن ڪُل پاتو،
ڏيڻ ۾ آنند ڄاڻ بابا!
ڏي ڏرتيءَ جو دان.
چوريءَ ڪائي چور چوائي؛
ڳڏجي ڪائي سو سُک پائي،
مڃ گيتا جو گيان بابا!
ڏي ڏرتيءَ جو دان.
چوريءَ زوريءَ ۾ بربادي،
ويدن جو فرمان انادي،
هنسا ۾ نقصان بابا!
ڏي ڏرتيءَ جو دان.

ڪپڙو لٽو در در نهي،
سختي نه ڪو اَن جي سهي،
ڪو ڪين ڪاٽيارو رهي،
ڏيهي هنر هلندا ڏسان.

جي گهرج واريون ڪُلُ شيون،
سي اَڻ ڳڻيون ۽ اَڻ ميوَن،
گهر گهر هجن سڀ ووٿ پيون،
ڪن جا نه منهن لهندا ڏسان.

واندو نه ڪٿ چنندو ڏسان،
پئسو نه ڪو پنندو ڏسان،
ڪو شيءِ نه ڪا ڳنندو ڏسان،
پنهنجي پالي پالندا ڏسان.

ناحق نه ڪو ڳهندو ڏسان،
بيگر نه ڪو وهندو ڏسان،
سختيون نه ڪو سهندو ڏسان،
ڪُل حق پلئي پوندا ڏسان.

همتِ ڪي نه ريجالا هجن،
بَـي بخت بدچالا هجن،
نشئي نه متوالا هجن،
ملڪي مڙيئي وٽندا ڏسان.

صوفي سگورن تو وتان،
ڪُلَ صلح جو پاتو نشانُ.
روحانيت جي راز سان،
تن ڪي ڪيو تو جاودانُ.
دنيا سندي اڄ آس تون،
پوري اڇي ڪر پياس تون.
او شانتيءَ جا ديوتا!
تهذيب جا راڪا سچا!

سڀ جي ڀلائيءَ جي آس!

وطني سدا وسندا ڏسان،
ڦُلندا ڏسان ڦَلندا ڏسان.
مچندا ڏسان سي محنتي،
پورهيت ڪمي ۽ ڪاسبي،
هت عام ٻي ۽ خاص ٻي،
هڪ چال سان چلندا ڏسان.

جڳ ساري کي پاڙو سمجهي،
ڪنهن کي ڪين رنجائيندس مان.
راند ڪندس، ڪلندس خوش ٿيندس،
ننڍي وڏي سان پيار وندبيندس.
امان، امان! مان گانڌي ٿيندس!

پاڻ ڪان ڪنهن کي گهٽ نہ سمجهندس،
هڪ جهڙو سڀني سان هلندس.
بانيڻ پنگي مڙيئي پائر،
اوچ ۽ نيچ جو ڀيد نہ رکندس.
گڻ گراهي ٿي، جيون سارو،
آدر وندس آدر ڏيندس.
امان، امان! مان گانڌي ٿيندس!

قول تي هردم رهندس پورو،
ٿيندس ڪنهن سان آءٌ نہ ڪوڙو،
جيڪي چوندس اول ڪندس سو،
ڪم نہ ڇڏيندس مور اڌورو.
ڪشٽ جي ايندا سهندس، ليڪن،
فرض ڪان هرگز منهن نہ مٽيندس.
امان، امان! مان گانڌي ٿيندس!

سڀ کي هجن سايوُن ٻنيوُن،
گُلَ کي ملن وينگس وَنيوُن،
پنهنجا پڌر پنهنجوُن چنيوُن،
بي گهر نہ کي جلندا ڏسان.
جنهن وٽ هجي جيڪي ھڪيو،
وانجي نہ تنهن کنهن کان رکيو،
ڪجهہ هِن چکيو ڪجهہ هُنَ چکيو،
کنهن کي نہ ڪجهہ آلند و ڏسان.
اهڙو دکايل ڪر اُدم،
هاري هنئون توڙِن نہ دم،
وطني، وساري ڪلَ وهم،
هردم اڳي وڌندا ڏسان.

ٻالڪ جي آس

امان! امان! مان گانڌي ٿيندس،
سر ڏيندس پر سچ نہ ڇڏيندس.
امان، امان! مان گانڌي ٿيندس!
دل تنهنجي نہ دکائيندس مان،
پيائر سڀ کي پيائيندس مان.

پيار جو مارگ، سُکَ جو،
نفرت راهه ڏسي ٿي ڏُکَ جو،
امن امان دنيا کي ڏيندس،
بَکُ نه بٽي کو جنگي بُکَ جو.
خون پياڪ پشوُ بَلَ کي مان،
اِنسانيت ۾ بدلائيندس.
امان، امان! مان گانڌي ٿيندس!

وڏو بٽي نه وڏائي سکندس،
گونگي خدمت سان دل رکندس.
من ۾ کو ايمان نه آڻي،
هِنَ هُنَ سان نِهنو ٿي هلندس.
کاڻِ کڏي کنهنجي نه دکايل!
پنهنجن پيرن تي پاڙيندس.
امان، امان! مان گانڌي ٿيندس!

مالدو ڪو انصاف نہ جنهن کي،
نياءُ وٺي ڏيندس مان تنهن کي.
يورپ يا ايشيا جو هجي پل،
گهٽ وڌ جاٽان آءُ نہ ڪنهن کي.
روس، اميريڪا يا پارٽ،
سڀ کي حق جي راهہ ڏيندس.
امان، امان! مان گانڌي ٿيندس!
هرڪو پنهنجو پورهيو کائي،
ڪو هڪ ٻئي جو ڪين ڦٻائي،
جو ڪيڙيندو سو کائيندو،
ڏاڍو هيٺي کي نہ ستائي.
هر پورهيت جو ساٿي بڻجي،
تنهن تي پنهنجو ساهہ ڇڏيندس،
امان، امان! مان گانڌي ٿيندس!
ملڪي يا سياسي آزادي،
ذهني يا مالي آزادي،
هرڪو پنهنجي خيال جو مالڪ،
ڪونہ ڪسي ڪنهن جي آزادي.
زور زبردستي نہ هلي ڪر،
جڳہ کي اهڙو راز سليندس.
امان، امان! مان گانڌي ٿيندس!

اُٿ، اُٿ! وقت سڀاڳو آيو،
آزاديءَ جو آهي سعايو.
رهندي وَڏ نہ غلامي.
دنيا جي صاحب جا حامي.

هنرمند کي شاباس!

رات جي فڪرات ڇاجي حوصلو ڏينهن جو رکي،
ڪانہ ڪا جوتي جڳت ۾ جڳمڳائيندا هلو.
هل هلان مردن جي خصلت، ماڳ مُڙدن جو مُقام،
هيءَ وهڻ جي ويل ناهي، وک وڌائيندا هلو.
هَڏَ بنا سَڏُ ڪير ڏيندر؛ ڀروسو هَڏَ جو ڪريو،
هڏ ڏئي هر وقت پنهنجو هڏ گسائيندا هلو.
موت موٽاجي سدائي ڪارو ڪاٽيارو ٿئي؛
پاڻ ڀاڙي پاڻ تي، پيا پئي هلائيندا هلو.
هنرمند ۽ محنتي هردم ڪٿي شاباس تو،
چون مٿيءَ کي اوهين ڪنچن بڻائيندا هلو.

صلح جا حامي!

دنيا جي صلح جا حامي!
موقعو در بينو ڪڙڪائي،
ڇڏ هيءَ اونگهہ مدامي.
روئي ٿي دنيا جي حسرت،
هند ڏسي آرامي؛
دنيا جي صلح جا حامي!
پاڙي وارو چين اُٿيو آهہ،
مصر و فلسطين اُٿيو آهہ.
عرب اُٿيو اسلامي.
دنيا جي صلح جا حامي!
يوناني ايراني جاڳيا،
بُلقاني لبناني جاڳيا.
جاڳيا رومي شامي،
دنيا جي صلح جا حامي!
اوسيڙي ۾ پيارا ساٿي،
تنهنجي لءِ سيڙيا بينا ٿي.
مفت نہ ڪر بدنامي.
دنيا جي صلح جا حامي!

سنگیت ورکا

اسانجا ٻه اکر

'سنگيت ورکا، ڪوي دڪايل' جي گيت-مالها جو نئون ڪتاب آهي، جيڪو پاٺڪن جي هٿن ۾ ڏيئي رهيا آهيون. سنگيت-ڪهاڻين ٽوڙي قومي-گيتن کان پوءِ هيءُ گيت-گونجار اسانجي اڳيان اهو ڳوناٺو ماحول آڻي ٿي سامهون ڪري، جو ٻاڙ کي سچ پچ کيڏڻ جي وچ ۾ پيا پائيون.

هن ڪتاب ۾ ڪويءَ جا چونڊ گيت ڏنا ويا آهن. آشا آهي ته هي ڳوناٺا گيت، جيڪي ديهاتي معصوم پيار جا شاهد آهن، جهونگاريندڙن جي اندر ۾ پيار جو اهو جهرڻو وهائيندا، جو اجوڪي ٽونٽس ماريل دنيا جي دلين تي ٺار وجهندو. وڌيڪ ته گيت پاڻهي ڳالهائيندا.

— ڪرشنا

آديپور (ڪڇ)

٢٥ اپريل ١٩٦٣

فهرست

پلناهون

صفح	ست	غلط	برابر
۴۹	۱۰	مهر خدا	بهر خدا !
۷۵	۹	قُتْرُ پَلَوُ	قُتْرُ قُتْرُ پَلَوُ
۱۰۰	۱۲	کر کین	کر عین

ٻٻن ڪڙي !

ٻٻَنِ ڪَڙي ٻيهي ٽي ڍوليا! پل پل ڪريان پڪار،
ڪانوَ ٽڙي تو طرف مُجانٽي مَنَ کو ڀيجي پار.
رونبا نڪتا، اوبر نڪتا، نڪتو پئي جڻ ساهه،
ساوَنِ مان ٻيلا ٿيا ٽيلا لاب ٻيا ٿيو ڳاهه.
تڏهن به تون موٽئين نه مسافر! کهڙي ڏيانءِ ميار،
ٻٻن ڪڙي ٻيهي ٽي ڍوليا! ....

وائُر ۾ ڇَجُ ويهه ويهه پيرا جڻ ٽئي هٿ مان ٽڙڪيو،
پورهيو پيارو بار لڳو پئي ٽوريءَ هڏ هڏ ٽڙڪيو.
تَنُ مٻرو ٿيو ڏوڙ وسائي ڇيڙهه وڃايم وار،
ٻٻن ڪڙي ٻيهي ٽي ڍوليا! ....

Printed by Mellaram M. Vaswani, at the
Sunder Printing Press, Ajmer.
&
Published by Krishna Bhambhani Secretary Lok Sahitya
Prakashan Gandhidham, Adipur (Kutch)

چلڪي پوي ٿو پاڙي

اکڙين ۾ چُلڪي چُلڪي،
ڏُلڪي پوي ٿو پاڙي.
چپ چاپ لُڙڪ لاڙي،
بس راتڙي وهاڙي. اکڙين ۾ ....

محبت مِٺي مون پانئي،
ڪوڙي ڪساري ٿي پئي؛
هن حال ۾ نہ روئان،
بيو چا ڪريان نماڻي. اکڙين ۾ ....

ويهان ويهڻ ٿو ڪائي،
بيهان تہ پير پَڃِرنِ؛
هن آنڌ مانڌ مئيء جي،
سُک جي ڪئي پڃاڙي. اکڙين ۾ ....

ڏيرا ميرا لڳن مسافر! تو نہ ڪيو جي ڏيرو
اوطاقن ۾ اوندھہ پانيان پيو نہ جي تنهنجو پيرو
ڪين وڻن ٿا من منهنجي کي تو بن اَن انبار
پٻن ڪڙي پيھي تي ڍوليا! ....

منهنُ اُڪريءَ ۾ پائي وينئي ھُوري تي ڪڙڪايان
آھٽ پائي، چرڪ پري اَڪِ وَر وَر در ۾ پايان
مايرسيءَ ڪان اَن ڪٽن کي ڏيان ٿي ڪيڏي مار
پٻن ڪڙي پيھي تي ڍوليا! ....

آس وڃائڻ واري ناھيان، چو تہ گَھيلي آھيان
تڏھن تہ دم دم ڏڳہ واجهائي پڳي تي دل پرپايان
نيٺ تہ ھڪ ڏينهن ايندين دڪايل! پاڙيندين اِقرار
پٻن ڪڙي پيھي تي ڍوليا! ....

آليون اکڙيون

آليون ئي آليون؛
اکڙيون، آليون ئي آليون.
روئن رَت پيالا ليون،
اکڙيون آليون ئي آليون.

ديد آڙائي وس ڪان ويئون،
جهانورجي بانورجي پيئون؛
بي سُڌ بي خيالي ليون.
اکڙيون آليون ئي آليون.

سپنن جو سنسار سجائي،
وينيون سکڻي آس لڳائي،
موڙهيون متراليون.
اکڙيون آليون ئي آليون.

سڏڪا پـري سڏيانئي،
سَڏَ جو نہ سَڏُ ٻڌانئي،
سڪ پٺي سمهي الاجي،
ٿي پريت وئي پراڻي. اکڙين ۾ ....

جيسين مان جيئري آهيان،
تيسين نہ آس لاهيان.
گهر ۾ گهڙي اچي من،
ساجن ڪڏهن سڃاڻي. اکڙين ۾ ....

آهيان اصل ڏکايل،
سک ڪين ڪي سڃاڻا؛
جمندي ڄڻي هيس، پر،
سورن ڪيس سياڻي. اکڙين ۾ ....

گل ڪڙيا

ڪڙيا نيلا پيلا گل، سرنهن مَٿر چرنِ ٻَڪر؛
ڏيئِي ڏاڙهيءَ ٻُلَ، ڪڙيا نيلا پيلا گل!
رونق ربيءَ ڪئي چڱي، چمڪن ٿا چوگان،
ساوڪ هريا پريا ڪيا، مشڪن ٿا ميدان.
مِهر جُهلي آس پڳي، ٿيا جام فصل.
ڪڙيا نيلا پيلا گل!

مائن پاي پٽي پلي، چاڙهيو هندي ساڳ،
ڏويڻن ٿهي ٿبيءَ پڪي؛ ڪائي ڀائين ڀاڳ.
مکڻ لسيون ونڊي جهجهيون، وجهن ونهيون هُل.
ڪڙيا نيلا پيلا گل!

وندر واري ڪن موچاري، پيڙو ڪين سماءُ؛
ميلا مٺا چڱا چوڪا، ٿيڙو خوب لقاءُ!
سَنجي گاڏيون ڪڙهين ڪنيون، وجهي ڏاندن جُهل.
ڪڙيا نيلا پيلا گل!

پورهيت سُکيو سهنجو ٻٽيو، محنت سندو زور،
ويهي ڪيڻ پيڻ ٻُرو، ڪاهل ڳٽن چور؛
تنهنجو منهنجو رهيو ڪاٿي؟ وچين ويئي ڀُل.
ڪڙيا نيلا پيلا گل!

بس ڪن ڪيڏن ٽيسين اوشاقي
ٿيا نہ سڄڻ جيسين اوطاقي؛
ڳائن ڳڻ ڳاليون.
اکڙيون آليون ئي آليون.

عشق تماشو ناهي دکايل!
سهندا سَٽ هنڙي ڪي گهايل؛
چُست ٻجهن چاليون.
اکڙيون آليون ئي آليون.

ٻهڪن ٽا ٻج

ٻج ٻارين ۾ ٻهڪن ٽا .
جام ڇُڙيا ٻاڙي آيا ،
هاري ناري ٽهڪن ٽا .
ٻج ٻارين ۾ ٻهڪن ٽا .

واٽر فيڊر خوب وهيا ،
ڪنڌيءَ سنڌا ڪين رهيا ،
رؤنِ ڪري گهارا ڪن ٽا .
ٻج ٻارين ۾ ٻهڪن ٽا .

ريج ڏيڻ ڪڙمي آيا ،
هرن ڏيڻ جا ڪن سعايا .
ڏاند ٻٽارا سهڪن ٽا .
ٻج ٻارين ۾ ٻهڪن ٽا .

آءُ پرديسي

آءُ پرديسي سڄڻ!
ڳَلَ ٿا روئن، تنهنجي ياد جا.
اڌ پٽيل اکڙيون سان،
افسانا دل ناشاد جا. آءُ پرديسي!

پيار جي ماضيءَ جون تصويرون،
نه گونگيون ٿي پون؛
رنگ جن جا پيا سمهي،
سپنا ڏسي بيداد جا. آءُ پرديسي!

زندگيءَ جي هن جلائيندڙ،
بپهريءَ ۾ متان.
پَنَ سُکي ڇڻندا وڃن،
هن آس جي شمشاد جا. آءُ پرديسي!

بيڪسي، محروميءَ سانديندي،
دکايل ٿي سڏيان.
من پون تنهنجي ڪَنئين،
پرلاءُ هن فرياد جا. آءُ پرديسي ....

تيلن جهليا آن

تيلن جهليا آن، او يار!
تيلن جهليا آن.
مونکين نہ اچا من،
او يار! تيلن جهليا آن.
لابن سندي ويل، پرين!
جاڳيو جڳ سويل.
ماتيا منهن ماٺ، پرين!
وينيس جهليون واٺ.
مونکين نہ اچا من! تيلن ....

زيان ڪرڻ ڪاڏي ڏيندا ؛
هر ڪنهن جا وارا ٿيندا .
پاڙيءَ يڪ لءِ ڦٿڪن ٿا .
ٻج ٻارين ۾ ٻهڪن ٿا .

روئن جي وانگار ٻڻي ،
ننڍڙيءَ وڏڙيءَ ڪاهه ڪئي ،
ٽوڪي مونکي سڏ ڪن ٿا .
ٻج ٻارين ۾ ٻهڪن ٿا .

واهُ گُهاي ٿُڻي ٿيِ سَرِ سرِ ،
ڇا نہ خوشي ٿِهاي گهر گهر .
سبز ڇهڪ سَنگَ ڇهڪن ٿا ،
ٻج ٻارين ۾ ٻهڪن ٿا .

جاڻ دڪايل ! لاب ٻيا ،
ملڪ جا ڪشت ڪليش ويا ،
چانور چوڏر چمڪن ٿا .
ٻج ٻارين ۾ ٻهڪن ٿا .

انبن جهليا ٻور

انبن جهليا ٻُور،
ڦُٽا گل انگوُر.
ڙي يار! انبن جهليا ٻُور!
ڀريو وهي واهه، وهي ڀريو ڀريو واهه.
سڄڻ! سِکي ساهه، وهي ڀريو ڀريو واهه.
ڀون سوين ڀُور.
ڙي يار! انبن جهليا ٻُور.

ٽائي طلب ٽانت، پرين!
گهاري وچ ڪا رات،
چوڪو اٿم چاءُ، پرين!
چارو مٺيون آءُ.
موٽئين نہ اچا من! ٽيلان ....

هيڪر پڙي پير، پرين!
ساجهر اچ سوير،
گوندر مٿن غم، پرين!
ميٺيون وچ وهم.
موٽئين نہ اچا من! ٽيلان ....

نيٽن اجهل نيرُ، پرين!
هاري ٽيس آذيرُ.
جيٺان رکي آس، پرين!
پورا بارنهن ماس.
موٽئين نہ اچا من! ٽيلان ....

سورن کيڙس سنئي

شل سوُر نہ ڏيندم پُنئي،
درد ڇڏي ويا جي درمنُيءَ جو،
چونديس، قسمت رُنئي.
شل سوُر نہ ڏيندم پنئي.

غم جا بادل ويا جي وِٺڙي،
جڻ نہ ڏهاڳڻ مُنئي،
سچ تہ سهاڳڻ ٿيڙس جنهن ڏينهن،
بوند برهہ جي اُنئي. شل سوُر ....

کير سڃاڻي هان نہ تہ سرتيون!
سوُرن کيڙس سُنئي.
دائم شال هجان مان دکايل!
کوهيارل جي کُنئي. شل سوُر ....

مٺي مٺي هيرِ، گُهلي مٺي مٺي هيرِ،
سڄڻ! دل سڌِرِ، گهلي مٺي مٺي هير.
اُٺيا سٺل سوُر.
ڙي يار! انبن جهليا بوُر.

وڇوڙي جي ويل، ڏکي وڇوڙي جي ويل.
سڄڻ! اچ سويل، ڏکي وڇوڙي جي ويل.
نچويان ٺي نوُر.
ڙي يار! انبن جهليا بوُر.
اُڏايان ٺي ڪانگ، ويٺي اُڏايان ٺي ڪانگ،
سڄڻ! اچ ڪنهن سانگ، ويٺي اُڏايان ٺي ڪانگ.
وڃي دل وهلوُر.
ڙي يار! انبن جهليا بوُر.

دڪايل ڪي ديدِ ڪيو دڪايل ڪي ديدِ،
سڄڻ! بيءِ خريد، ڪيو دڪايل ڪي ديدِ.
مُنو هڪ ئي گهوُر.
ڙي يار! انبن جهليا بوُر.

پکيئڙي جو ديس؟

پکيئڙا!
کھڙو تنھنجو ديس؟
بند اکين مان پيھي آئين،
پھري سھڻو ويس.
پکيئڙا! کھڙو تنھنجو ديس؟

دل جو غنچو ڦوُليَ ڦوُلي،
جيون جھوُلو جھوُلي جھوُلي.
من جا ساز وَڄن نِتُ نيارا،
سُرَ نکرن آئي پيارا پيارا.

پيار خوشيءَ جون بوندون برسن،
گيت بھار جا ڳائي جوپن.
گوري قدرت ناچ رنگ سان،
نِڱڙي کري آديس.
پکيئڙا! کھڙو تنھنجو ديس.

بند اکين مان پيھي آئين.
پھري سھڻو ويس.
پکيئڙا! ....

عجيب دستور!

وڻي صورت آيم سوُر جي،
سوُر جي صورت، درد جي مورت.
وڻي صورت آيم سوُر جي.
ساڄهه هوندي ڪين سڃاتم،
جوڙي نرمل نوُر جي.
ڳالهه ڳُڌيتي ٻڌنديون جيڏيون!
منهنجي هوت حضور جي.
وڻي صورت آيم سوُر جي.
هجر جي ڪهني زخم ڏکويس،
دانهن ڪيم ناسوُر جي،
مرهم بدلي، خوب ڪيائين،
ٻُر ٻر ڪندن ٻوُر جي.
وڻي صورت آيم سوُر جي.
سوز انهيءَ کان باقي وينس،
باق اِنهيءَ بابوُر جي،
سچ ته دکايل! سڌ نه هئي،
مونکي دلبر جي دستور جي.
وڻي صورت آيم سوُر جي.

آئي مند ملهار

آئي مند ملهار، پکيئڙا! آئي مند ملهار.
ڪول ڪول ڪَنيَ ڪول،
گگن ۾ جهولي مست بهار. پکيئڙا! آئي ....

ميگهن سان ڇانيو نيلو آڪاس،
ڦول ڪلين ۾ جاڳيو پريم اُلاس.
رنگ اُمنگ ڀريو هر دل ۾،
ٿيو سونو سنسار- پکيئڙا! آئي ....

من مندر ۾ مڌر وڳا باجا؛
مَدَ ڇُلڪيو جاڳيو جوڀن راجا!
پراڻن جي سازن ٽي آشا،
ڇيڙي جيون تار- پکيئڙا! آئي ....

ٻهري جو مانڻ!

پکيئڙا!

چڱ ٻهري جو مانڻ، پکيئڙا!
چڱ ٻهري جو مانڻ.
تون جيون جو روپ پکيئڙا،
تنهنجو ديس انوپ پکيئڙا!
هي ٻهرو مايا جو پاڇو،
مايا ڇرنن ڇيلي؛
(نج) پنهنجو پاڻ سڃاڻ. پکيئڙا! ....

موڪ ٻهري جو سک ڪوڙو،
موهه ۽ ممتا جو دک ڪوڙو.
ڀولو ڀرم ڌڪايل ڇاجو؟
آشا رنگ رنگيلي.
هي جڳ سپنو جاڻ. پکيئڙا! ....

بي سمجهيءَ ۾ ڪوهي هستي،
وينا مُول وڃائي مستي.
جيڪي پڙهن، اُهو ٿا ٻولن،
مرضيءَ ساڻ زبان نہ کولن.
ڪوڙي ڏيک ٿي ڏيئي وينا،
ڪهڙو مٺڙو ٽول!
آءُ پکي ڪجهہ ٻول.

آءُ پکي! هيڪر ڀيري جو،
ڪول دکايل، در ڀيري جو.
دور اُڏي آڪاس مٿاهون،
ڪائن مر آزاد هوائون.
سک دک جو جيئن فرق سڃاڻن،
ماڻي رنگ رٽول.
آءُ پکي ڪجهہ ٻول،

ڪجهه ٻول پکيئڙا

آءُ پکي ڪجهه ٻول.
پراڻين ٻيري وارن جيَ،
سک جو پردو کول.
آءُ پکي ڪجهه ٻول.

آزاديءَ جي ديس جا واسي،
سوني ٻيري ۾ ٻيا ڦاسي.
ملڪ اصل ويو وسري جن کان،
ننگ نسل ويو وسري جن کان.
هيڪر ياد ڏيار اُنهن کي،
آزادي انمول!
آءُ پکي ڪجهه ٻول.

پکيڙا!

جيون جي اُڏاري ڏي جيون جي اُڏاري،
پکي! جيون جي اُڏاري.
تاري تاري آشا واري،
جهولي پياري پياري.
برسي بوند بهاري- جيون جي اُڏاري ....
سونهري رنگين پَرَنِ تي،
چِٽ چِٽ ميناڪاري،
سوپنا جو درسن سپنن ۾،
رونق رنگ خماري.
برسي بوند بهاري- جيون جي اُڏاري ....
ڦولن جي جهُولي ۾ جهولي سندرتا جي راڻي؛
رات چِڏي ويئي ساجن لءِ نيڻ-ڪمل جو پاڻي،
ويوگڻ ياد پُراڻي!
پرڀاتي تارن جي ٽم ٽم سان ٿيو رنگ نرالو،
نوُري نڙڪن ڪان ٿيو جڳ ۾ جڳ مڳ جوت اُجالو.
سندر گهڙي سهاڻي.
پريت واٽڪا جي گلشن جي،
ڦولي ڪياري ڪياري.
قدرت جي باهاري- جيون جي اُڏاري ....

پکيئڙا لنؤ لات

پکيئڙا!

مٺي مٺي لنؤ لات.
منهنجي پرديسي ساجن جي،
آءُ! سلي وڃ بات.
پکيئڙا! مٺي مٺي لنؤ لات.
ڪڏهن مُنهنجي ڪي ياد ڪندو هو،
پُلاجي سهڻو ساجن؟
جنهن جي قدمن ۾ مون ارپيو،
پنهنجو سارو تن من.
پاڻ پلي هو وينو چو هُت؛
ڏيئي مونکي تات.
پکيئڙا! مٺي مٺي لنؤ لات.
تُرت اُڏام پکي پرڏيهي،
زور پرَنِ تي ڏيئي.
پهچائج پيغام 'دکايل'،
پيرين هن کي پيئي.
عرض ڪجانس اچي من هيڪر،
هتڙي ڪا هڪ رات.
پکيئڙا! مٺي مٺي لنؤ لات.

منزل دور

بڌان ٿي، اڃا تہ منزل دور،
هاءِ اڃا تہ منزل دور.

١. هڪ اڻ تارو ٻي تر هاڪي،
هٿرا هٽي ويڻي ڌڪيان ڌڪيان،
ونجهہ وسيلو ناهي مُنهنجي جو،
پڳهہ ٻنا ڪيئن ڇڪيان ڇڪيان؛
جڏو جيءُ ٿو وڃي وهلور،
بڌان ٿي، اڃا تہ منزل دور.

ٻيڙي تار!

پائٽي!

منهنجي ٻيڙي تار!
ٻيڙي آڻج سنڙ ڪنار.
پائٽي! منهنجي ٻيڙي تار.
ٻيڙيءَ جا سڀ سنج پراڻا،
ويتر وير ڪيا لڳ ساڻا،
ويجهو ساحل وار.
پائٽي! منهنجي ٻيڙي تار.
ونجهه هلائي آءٌ نہ ڄاڻان،
واءُ سڻائو ڪين سڃاڻان،
ڪنهن ٽوري ڪر پار.
پائٽي! منهنجي ٻيڙي تار.
عرض ڏکايل! ڄاڻ آگهاڻا،
آيا اِجهي منهنجا مير مهاڻا،
حاصل همٿ نہ هار.
پائٽي! منهنجي ٻيڙي تار.

نہ ڪنڌي ڪنارو

نہ مانجهي نہ منزل نہ ڪنڌي ڪنارو،
ڏڪا ونجهہ-واهرَ نہ سڙهہ جو سهارو.

نہ هاليسو هٿ کي، وسيلو نہ ويٺو،
ڦٽو پاڳہ پاڻيان ٿي اوندهہ انڌارو.

گهٽي رات ڪاري پيو طوفان ڀاري،
وڃان ڏس مان کهڙيءَ، نہ ڏسجي ٿو تارو.

ٻُڌي رعد رڙڪا، ڪري هيانءُ ڌڪ ڌڪ،
اچانڪ پيو سر تي مصيبت جو مارو.

ڏکيءَ ويل تنهنجي حوالي ڪريان ٿي،
ڏلي ڏول! مڪڙي، ٻڏل ساٿ سارو.

ٻڌا تنهنجي پيو آءٌ ڪنهن کي پڪاريان،
ڌڪايل کي تنهنجو فقط آهہ پنارو.

ڏوهڙو

سهڻا ڪنگ درياهہ جا اَڇڙو سندن ويس،
پِيَنِ ڪرڙي نهاريان، دلبر سندو ديس.

۲. نيڻ نهارن هنجون هارن،
ساري ساجن سڪان سڪان.
واءُ ڪڏهن جي نِنڊين ٿو پير ڏي،
ڏي ٿو ڪنارو پڪان پڪان.
ڪيو ويِر ڇڏي مجبور،
بڌان ٿي، اڃا تہ منزل دور.

ڏوهڙو

ڪارو اُپ ڪري ڪيو لٿو وايوُن ڪندو واءُ،
هيٺ مٿي پاڻي وسي، اُٿيو دانهون ڪري درياءُ.

۳. تو بن مُٺيءَ جو ڪير دکايل!
ڪنهن دي پناري لڳان لڳان،
ڪيئي جنم منهنجا لُڙهندي گذريا،
آس رکي ٿي تڳان تڳان.
ڪڏي پار رسي من پوُر،
بڌان ٿي، اڃا تہ منزل دور.

تنهنجي حوالي

لنگر ڪٽي مون ٻيڙو تنهنجي ڪيو حوالي،
توکان سواءِ ڏولڻ! ٻيو ڪير جو سنڀالي.

ڪوڙي ڪِلو ڪناري، ڪيسين پيئي هجان مان؟
هاڪاري هوڙيون نڪتا ساٿي جڏهن سمالي.

بي پايان جهاڳڻو آهه درياهه سِير وارو؛
هينئڙو ڇڏيو ڇو هاري؛ هن منهنجي من اُبالي.

آخر نه آهه رسٽو تنهنجي پڪي دڪايل!
پهچايا پار ڪيئي هڪ هوت تنهنجي نالي.

ويچاري وِرهڻ

لنگر هڻي لٿا سڀ بيڙا ٻڌي ڪناري،
وَر پر وريو نہ جنھنجو، ورهڻ اُبي نهاري.

اکڙين ۾ نير آهي، منهن ۾ زبان ڪانهي؛
گونگيون ڪري صدائون بي حال دل پڪاري.

ڪينئجھر ڪمائي موتيا، وڻجارا ڪُل وطن تي،
ڪجھ ۾ نہ ڪانڌ جنھنجي سا ڪيئن سُکي گذاري.

ڪرڻا هي چنڊ جا اڄ ناريل جي وڻن تي،
مايوس ٿي ڪرن ٿا، همدرد لڙڪ هاري.

فرقت جي آگ آهي، جنھن جيءُ ڇڏيو جلائي،
ساجن بنا سڙيءَ جو هينئڙو ٻيو ڪير ٺاري؟

ڪا آس آهہ جنھن تي هوءَ ٿي ٽڪي دکايل،
هن ڪان اڳي ڇڏي ها، نہ تہ هوند پاڻ ماري.

ٻيڙي پراڻي

کير لگائي پار سائين!
ٻيڙي پراڻي،
کير لگائي پار.

سڙهه ٽٽو پاڳه ڦٽو ٻيو نه کو چارو آهي،
خطرو ٻيڙيءَ کي وڏو دور کنارو آهي.
تارڻ وارا تار، ٻيڙي پراڻي،
کير لگائي پار.

سخت برسات ۽ اڌرات جو انڌيءَ کان بچي،
آهه هستيءَ جو ڏيئو بيٺو اُجهاڻ تي اچي.
صاحب! ٻرد سنڀار، ٻيڙي پراڻي،
کير لگائي پار.

آءُ آفت ۾ سُٽي ترت دکايل جي پکار،
ناخدا بنجي اچي لاءِ تون ٻيڙيءَ کي ڪنار.
تار مصيبت تار، ٻيڙي پراڻي،
کير لگائي پار.

جيون نئيا

جيون نئيا پيؤ ساگر مان،
جڳت سهارا تار اچي.
ٻيڙي آشا جي لهرين مان،
لعلن! ڪر تون پار اچي- جيون نئيا ....

ٻوڙندي ٻيڙي پڳهه پراڻا،
مان اڻ تارو ترڻ نه ڄاڻا.
ڪر واهر لڳن ڄاڻ وساڻا.
ويجهو ساحل وار اچي- جيون نئيا ....

سڙهه ۾ باقي ساهه نه ڪوئي،
لوڏي واجهايان ٿي روئي.
اچ ٻيڙيتا! اچ او مالڪ،
آئي زحمت ٽار اچي- جيون نئيا ....

آس ٿي تنهنجي لنگر ڇوڙي،
نڪتيس جڳ سان ناتا توڙي.
آءُ ڏکايل جا او وسيلا!
پنهنجو ٻرڏ سنڀار اچي- جيون نئيا ....

لٿو سج، سنجها ٿي، مٿان رات آئي،
وڻـــي ٻور سُتي سپڪا اوڍي رضائي.
روئي رات پر مان ڪنبندي رهان ٿي؛
رکي ڳل ٽريءَ تي ....

دلو چيلهه تي آهه پر بـــار من تي.
پوي ٿو جڏهن طعنو جيڏين جو ڪن تي،
تڏهن سوُر پي، سڏڪا ڏيندي رهان ٿي.
رکي ڳل ٽريءَ تي ....

وڃي ڏينهن چاهه سان نه ڪو وارُ واندو،
هلان ٿي، مگر من ڪٺي ساڻ ماندو.
تڪي راهه، تارا تڪيندي رهان ٿي.
رکي ڳل ٽريءَ تي ....

جيئان ٿي دکايل! نه هڪڙي سهاري،
ڪڏهن من اچي پنهنجو انجام پاڙي.
انهيءَ آس تي دل جهليندي رهان ٿي.
رکي ڳل ٽريءَ تي ....

پراڏو ۽ سڏ

رکي ڳل ٽڙيءَ ٽي ڳٽينديءَ رهان ٿي،
ٿڌا ساهه دم دم ڀريندي رهان ٿي.

پيئا آ، پيئا جون ڪيريون ٽنواروں،
ڀوَن ٿيون جي مورن جون ڪن ٽي پڪاروں.
پڙاڏي ۾ ٽن جي سڏيندي رهان ٿي.
رکي ڳل ٽڙيءَ ٽي ......

پيار نہ ٿئي بدنام

مونکي پنهنجو دپ تہ پنيءَ کونهي،
جي خيال اٿم تہ رڳو هڪڙو،
متان پيار نہ ٿئي بدنام.
مونکي پنهنجو دپ ....

آيو قاصد پويان خط پهتو،
وجهہ کين ماڻهو چارو نہ چايو،
ٿيڙيم نيڻين ننڊ حرام.
مونکي پنهنجو دپ ....

پرين! ڏينهن ڏهاڙي کيئن اچان،
هن حاسد اک کان کيئن بچان.
جي گهر ٿي چڏيان تہ ٿو حرف اچي؛
ناحق ٿي ٻلن جي ٻيگهي مچي،
مونکي آهي ياد انجام. مونکي پنهنجو دپ ....

وَجهہ رات ڏنو تارن نہ سٺو،
متان چنڊ چغل دڳہ بند کيو.
ڪا راهہ دکا يل! ڪانہ رهي،
تو تائين اچان مان کيئن کهي.
بند واهون ٿيم تمام. مونکي پنهنجو دپ ....

پهتم نياپا ڏير

پهتم نياپا ڏير!
آءٌ اچان ڪيئن؟ ٿيون بند راهون؛
پيا سوڙها گهٽ گهير! پهتم نياپا ڏير.

هوليءَ آڏ گوليءَ جون راتيون تڙقائن ٿيون جيءُ،
هڪ ڏڪڻيءَ جو ماڻ مسافر! پيو ڏاڻن جو سيءُ!
ماٺيل چارن جي چڪ ۾ ٿي،
پوندم پڌرا پير! پهتم نياپا ڏير.

هڪ گهر جي لوڙهي جو گهيرو؛ هيانءَ ۾ پيو گهيرو!
ماندو من ٿيو مٽيءَ جو ڏاڍو، ڏنگڻ آيم ڏيرو.
لوُنءَ لوُنءَ چغلي مارڻ وينئي؛
اکڙين پاڙيم وير. پهتم نياپا ڏير.

ايڏا غم ڪاڏا ٿم جو اڄ ماڻ مهانگا ٿي پيا؛
سوُرن ڏاران جيئمنديس ڪيئن جي درد چڏي پاسو ويا!
دک آهن مون وٽ ڏون آهين،
ڏ ڏ ڏ دکايل ڪير؟ پهتم نياپا ڏير.

درد سان رهاڻ

کير؟
ٻاهر کير آهي؛ کول در.
درد آهين؟
اچ اندر اچ کر خبر!
هن اويلي وقت؛
ڪيڏانهن نڪري پيئين؟
ڪنهن جي دل جوئيءَ لاءِ
شايد پيئي وئين!
تو ڏٺو مايوس هوندو ڪو غريب،
تنهنجي همدرديءَ جو طالب بدنصيب.

دل کان دل ڏي

موکي وڻي هل دل کان دل ڏي،
مستن جي محفل ڏي.
موکي وڻي هل ......

زهر دماغ، دماغ کي ماري،
امرت دل ٿي، دل کي جياري.
پاڪ نہ رمزون چل ول.
موکي وڻي هل ....

چترائي مستيءَ کي ماري،
عشق مٿي آڪاس اُڏاري.
پار رسائي ٽوڪل.
موکي وڻي هل ......

چڏ انگل جو انگ وساري،
بازي هڏ ويساهہ نہ هاري.
ڊر نہ دکايل وجهہ پل.
موکي وڻي هل ......

منهنجو هينئڙو؛
توکي پاسي ۾ ڏسي!
درد جيسين آهه دل سان،
ساز باز!
راز؟
تيسين کيئن رهي سگهندو،
پوء راز؟
ڇڏ ڪٿي بهرِ خدا!
منهنجي پڇر.
ڏِس! مٿان ڪنهنجي وجي،
پئنجي نظر
سونهن ويندي پيار جي،
جي ٿيو پڌر.
تنهنجو پيي رهندو نه پوء
ڊرَ جو اثر!
تنهنجي خاموشيءَ کان ڏاڍو ٿو ڊجان،
ٿو اچي طوفان پوُسٽ جي پنيان.
توکي موٽڻ ۾ الائي ڪهڙو عار؟
رهه پاي؛
پوء يا نه گوشي ۾ گذار.

چو؟
ڪاين ٿو؛
ڳالھ ڇا ھي؟
چؤ ڪٿي.
او گونگا مھمان!
ڪٿي تو ڇُپ گھٽي.
ھي شرارت جا اِشارا صاف ڪر؛
ڇا چيء؟
مون لاء آئين!
معاف ڪر.
مھربانؔ! تنھنجو مبارڪ ٿيو اچڻ،
ڪشت پر منھنجي ڪري تون ڪين ڪڻ!
تون اچي، مون ڪان پڇين!
صبر و قرار؟
خوامخواه وھندس وڃائي غمگسار!
تنھنجي ھمدردي ۽ غمخواري چڱي،
پر نہ ھيڏي لوڪ جي خواري چڱي.
تون ئي ڏس!
ھر ھر پوي ٿو،
ڪيڏن ڦسي!

ٿي اچي، ڇم ڇم ڪندي،
بادِ صبا.
در کُليو هيڪر،
ته ايندا ڪوڙ پيا.
بند ڪر در، تون هي ٻيٺو
ڇا ڪرين ؟
خوامخواهه ٿو خلق ۾،
رسوا ڪرين !
ايترو سمجهين نٿو؛
مهرِ خدا !
هي جي هت ايندا،
دڪايل ! ڇا ڪندا ؟
جي بهار آئي خوشيءَ جي ڇا ٿيو؛
هو نه جي آيو ته سڀ ڪجهه کِهه پيو.

ماٺ ڪر!
ٻاهر مڙيوئي آهه ڪو.
جو وِٺين ڪان ٿو،
لڪي پائي لِڪو.
هوءَ ڏسين ٿو؟
آهه ڪائي روشني،
او! چغل چنڊ جي آ شايد چانڊني!
ڇا ڪندس مان،
آس جو، هي ٽرورو.
جنهنجو ڪائي ٿو اکين کي سوجهرو.
ڏس! مٿان ٽوٽي پوي هن جي نگاهه،
ٽون نه وٺ ڪنهن دل جي گوشي ۾ پناهه.
هان! ڪرين ڇا ٿو؛
ٽون در ڇوٿو پٽين؟
هٿ وٺي هن کي،
ٽون گهر ۾ ٿو سڏين!
هوءِ اڪيلي ناهه؛
پر هُنَ جي پنيان.
پيا به ڪي آهن؛
جي ايندا ٿو ڏسان!

علاج تنهنجو،
ڪري قضا سان،
ڇُٽو هجي ڪو!
هتي ته اهڙو ڏنو نه مون ڪو،
جو ڪجهه اثر ٿيو!
او وقت ڪُوڙا! ڏنو ڏنو مون ....

ڪُرڻ ڦٽنْ جا،
هي گهاوُ اونها؛
نه چين ڏين ٿا.
گهٽو جلن ٿا، ٺرن نه هرگز،
سڙن پچن ٿا!
او وقت ڪُوڙا! ڏنو ڏنو مون ....

جراح! دل جو،
ڪرين نه ڪرڪو،
علاج پورو.
ڪپي اجايو، فقط دکايل!
نه ڪو دلاسو!
او وقت ڪُوڙا! ڏنو ڏنو مون ....

٭

او ڪوُڙا جراح!
ڏنو ڏنو مون،
جراح ٽوڪي، او وقت ڪوُڙا!
جواب ڏي تون،
اُميد ٿي ڇو ٿڳين وسوُڙا؟
او وقت ڪوُڙا! ڏنو ڏنو مون ....
هي زخم دل جا،
ايام ٿي ويا؛
ڪٿي ڇُٽڻِ ٿا!
جيئن پون ٿا گهٽا ڏهاڙا،
تيئن سِمن ٿا!
او وقت ڪوُڙا! ڏنو ڏنو مون ....

پريت ۽ لاج

پريت کان لاج سنڀال.
لاج سنڀال! وَڏ پريت کان، لاج سنڀال!

آرزوءَ کي ڏي لغام،
صبر دل جو ٿام ٿام،
روڪ من جي چال.
وَڏ، پريت کان لاج سنڀال!

پريت جي مکڙي ٽڙي جي گل ٿئي،
موهہ بڻجي سک جي بدلي دک ڏئي،
پُرجهہ ڳوڙهي ڳال.
وَڏ، پريت کان لاج سنڀال!

مرم جي پردي ۾ آهي حسن جي،
دل اُمنگن ۾ نہ کوهي پاڻ کي،
پيار پوءِ بي مثال.
وَڏ، پريت کان لاج سنڀال.

ڪريان نه ڇا ڪريان!

ڪاهي تي رکي سا مٿي تي ڪٽان ٿي،
ڀري آهه ڳؤري جهاينديءَ هلان ٿي.

ڀؤن ياد جيئن جيئن پريشانيون گهر جون،
اچن ٿيون مڙي منهن تي بوندون پگهر جون؛
گهڙي ڪا جي سرتين سان ٻاهر رهان ٿي!

وئي هرڪا سرتي وٺي راهه پنهنجي،
لڳي جنهن کي جهڙي سُکي، سؤلي، سهنجهي؛
اَڪيلي ڏُکي وات ٻر مان وڃان ٿي.

چڙهي دم اچي ٿو نه اُڀري ٿي ڇاتي،
نظر ڪا ڪجي ٿي نه ماري لڄا ٿي،
وڪؤن ترت تڪڙيون ڀريندي ڀڄان ٿي.

لڪايان ڀلا ڪيئن نياڳي جواني،
اُٿي جيڪا ڪَرَ موڙي جاڳي جواني.
سڀاري ڇڏڻ، سا نه منهنجي وسان ٿي!

ڏکي آهيان ڏلگير، بيوس، 'ڏکايل'،
ڪڙهان ٿي ڪڇان ٿي مگر ڪين گهايل.
سهارو وڃائي حياتي ڪٽيان ٿي.

بي دم او سيڙي کي پنهنجي دم سان آس جياري،
آس وندن جي ورهه - ويدنا کن ۾ ڇڏي نواري.
خود مستي جيون ۾ جاڳي هردا رهيا نه نيارا،
بن پريمين جي پريم بندن جا ساکي بڻيا ستارا.
سجني! ساکي بڻيا ستارا.

درسن ورهه کئيو ورلاپ - پريم نه ....

جذبن جي طوفان ڇڏيو هر انگ انگ تڙقائي،
ديدن جي درپڻ ۾ دل جو ڀيد نه سگهيا ڇپائي.
آئي پرڦلتا جيون ۾ نرمل نيهن نظارا،
پريمين جي پلڪن ۾ سمايا سپنا پيارا پيارا.
سجني! سپنا پيارا پيارا.

آيو رڳ رڳ مان آلاپ - پريم نه ....

امرت راڻي آشا، جي آڌڪار سان لڳن لڳائي،
پريم پري، مدَ پري ديواني جيون زهر بڻائي.
من منهنجي جي بات بتائي ويا پرڀاتي تارا،
تمکي تمکي اُهي دکايل! ڏيندا ويا هي اِشارا.
سجني! ڏيندا ويا هي اِشارا.

جپ هر وار پريم جو جاپ - پريم نه ....

پريم نہ آهي پاپ

پريم نہ آهي پاپ سڄڻي!
پريم نہ آهي پاپ.
جو ڪجهہ هو، من جي بي تابي،
جيون جو سنتاپ - پريم نہ ....

اِنڌڪار جي گهور گهٽا، آڪاس تي ڇائي ڇائي،
تيرِ اُمنگن جا ڇوڙيندي رات جي رمٽي آئي.
ڏينهن خوشيءَ ۾ پاڻ وساريو، ڇلڪي امرت ڌارا،
پريم جي اوجل جهرٽي، ٻيڙي ٻوڙي ڇڏيا ڪنارا.
سڄڻي! ٻوڙي ڇڏيا ڪنارا.
تيرڙو دُور ڏئيءَ جو تاپ - پريم نہ ....

پيار ۽ قيدي؟

پيار نہ منهنجو قيدي، منهنجو قيدي ناهي پيار،
آزاديءَ سان خوب اُڏامي بندش پائين بار.
منهنجو قيدي ناهي پيار-
آهہ پکيئڙو هي آڪاسي،
ڇُڙڪَ ۾ ڪين سگهي جو ڦاسي،
عنقا وانگر سڏُر هوا ۾.
پوَن ڪري آهار. منهنجو ....
سر گهورڻ جو مرم پڇاڻي،
پريت جي ريت نيائي جاڻي،
پيڙي جو پرَ آهہ نہ عادي.
نت پرواز پسار- منهنجو ....
ڪونہ سگهي هن کي ڦاسائي،
پنهنجيءَ مرضيءَ پاڻ اڙائي،
لوڀ جي چوڳي مور نہ موهيو،
انڪڻ کان انڪار- منهنجو ....
محبت جون نت ٻوليون ٻولي،
ڇرڪ يا پيرم نہ آندس پولي.
قرب جو قيدي آهہ دکايل!
پر نہ مڃي انڪار- منهنجو ....

پيار جي منزل

اوچي منزل پيار جي.
جيت جي ناهه خوشي کا جاتي،
گهٽتي مور نه هار جي.
اوچي منزل پيار جي.

ترڪڻ وارو ڏاکو ڏاکو،
چڙهندو کو سورهيه چاڙهاکو؛
چاهه اڳيان هرگز نه ڏکيري،
چاڙهي هن مونار جي - اوچي منزل ....

هي آکاسي باغ عجائب،
ميريءَ اک کان غائب غائب،
قرب وندي کا دل ماڻيندي،
مؤج مٺي هبڪار جي - اوچي منزل ....

پيار جو پختو پوتر ناتو،
ڪن ورهين ويراڳين جاتو.
توکي مونکي سُڌ نه دکايل!
از غيبي اِسرار جي - اوچي منزل ....

رُوپ بسنت

رُوپ بسنت نيڻن ۾ راجا!
ڦاڳ ڦُنڊو، منهن مڪڙين ڪوليا،
ٻول رسيلا بلبل ٻوليا.
شاخ شاخ تي رنگ گلابي،
سونهن ٻکي پن پن ۾.
راجا! رُوپ بسنت......
ماڪ ڳلن تان موتي گهوريا،
چپا نرگس جا نيڻ ڪڪوريا.
آءُ پسان ٿي پنهنجو ساجن.
روز نئَن سپنن ۾.
راجا! رُوپ بسنت......

پريم جو جوڳ

جوڳي! پريم جو جوڳ ڪماءِ،
در در پريم جو آلک جڳاءِ.
پريت نگر جو پار سجاڻي،
اڳتي وک نه وڌاءِ.
مايوسيءَ جي عالم ۾ تون،
آس جي جوت جڳاءِ. جوڳي پريم ....

روُپ-چنڊ چانڊيءَ تي چانڊي،
ڌياني ڌيان جماءِ.
آنسن جي گنگا جمنا ۾،
من جي مئل مٽاءِ. جوڳي پريم ....

پريم پروانو

پريم جي ديپڪ جو پروانو آيو،
آيو آيو ساجن!
سِرَ جو ساڻ ڪٽي نذرانو آيو. آيو ....

ميءِ محبت جو مست شرابي،
برهه جي آيو وٺڻ بي تابي.
آيو، آيو ساجن! دل جو لٽڻ خزانو. آيو ....

دل هڪڙي پر سوُر هزارين،
چونه گهڙي ڪن مون سان گهارين.
آس رکي هت آيو آهيان.
ڪين ڪجانءِ بهانو. آيو ...

پريم سمرٽي

پريم سمرٽي سور پريمي!
چت ۾ چندن تن من ارپڻ.
چاهه رکي پيو چور- پريمي! پريم سمرٽي سور.

رعد رڳن جي تار وڄائي،
پريم سرس مستي جاڳائي.
مست مگن رهه سک درسن ۾،
ور السٽي اور پريمي! پريم سمرٽي سور.

پريم پنٿ جي ريت نرالي،
پريم رکي ڪنهن سرت سنڀالي.
پريم جي چالي آهه نرالي.
چست ٿري، نت نور- پريمي! پريم سمرٽي سور.

•

پريم جي دنيا

پريم جي آھہ نرالي دنيا،
پريم جو پنٿ نرالو آھہ.
پريم کان ڪا خالي دل ناھي،
پريم جو گھر گھر چالو آھہ.

پريم جو ٺاڪر، پريم پوڄاري،
پريم جو شنک شوالو آھہ.
پريم جي اوجل آد سدائين،
پريم جو انت اُجالو آھہ.

پريم جو گيت

کوئي پريم جو گيت ٻڌائي اچي،
کوئي من جي پياس مٽائي اچي.
کوئي پريم جو پيد ٻڌائي اچي،
جنهن کان تڙقي هي تن ۽ من ٺٺي مگن.

پرديسي پريت، مان چيا جاڻي،
الفت جو مزو کو ٿو ماڻي؛
مان کنهن سان لڳايان دل جي لڳن؟
جنهن کان تڙقي هي تن ۽ من ٺٺي مگن.

کهڙو پريم بنا جيوت جو مزو،
هن ميءَ جو نرالو آهه نشو،
رستو آ ڏنگو سؤڙو آ ڏکيو،
هڪ راهه کنن ٻي دل جي جلن.

دل پريت جي ريت ڏي مائل آ،
من پريت جي گيت جو قائل آ،
آءٌ کنهن سان لڳايان دل جي لڳن.
جنهن کان تڙقي هي تن ۽ من ٺٺي مگن.
کوئي پريم جو گيت ٻڌائي اچي.
کوئي من جي پياس مٽائي اچي....

پريم جو شان

نرالو پريم نگر جو شان ،
نرالو پريت نگر جو شان ۔

پريم جي مالها پريم جي ڪنٺي ،
پريم جي پوڄا پريم جي پڳڙي ،
پريم عبادت پريم جي تصبي ،
پريم جو جپ تپ ڌيان ۔
نرالو پريم نگر جو شان ۔

پريم جي گنگا پريم جي جمنا ،
پريم جي مسجد، مندر، گرجا ،
پريم جي آهه انوکي رچنا ،
پريم هري سبحان ۔
نرالو پريم نگر جو شان ۔

پريت جي جوت جڳائي جنهن ڪئي،
پنهنجي روشن دل پريمي،
اهڙي نرمل نيهيءَ جي ٿي،
دل درسن قابل پريمي.

پريم جي پوڄا آهه جڳت ۾،
پريم جي مهما نياري آ،
پريم سدا پيچ پاپ کان نيارو،
پريم جي مَتِ نرمل پريمي!

پريم ڪرم ۽ پريم ڌرم، هنَ،
پريم جي ليلا پياري آ،
پريم ۾ دک سک ناهه دکايل!
پريم جي گَتِ پربل پريمي.

پريم جي آهه نرالي دنيا،
پريم جو پنٿ نرالو آهه.

پريم نگر

آءُ پريم نگر ۾،
آءُ دل جي مندر ۾.
تارن جي ٽمڪ ۾،
بجليءَ جي چمڪ ۾،
بادل جي سفيدي.
هيري جي جهلڪ ۾،
ڦولن جي مهڪ ۾،
ڇا حسن فريبي؟
پرانن کان پيارا،
جيون جا سهارا،

پيئا وٽ هلڻو آهي

تن پريم جي خاک رماءِ،
پيئا وٽ جوڳڻ بڻجي هلڻو آهه.

هل پريم جي بيک پنڻ لءِ،
خالي جهول کڻي هل جهلڻو آهه.

هل لڙڪ کڻي، هل ساجن جي،
قدمن ۾ پاڻ اُڇلڻو آهه.

هي داغ کڻي دل جا، پريتم کي،
حال دکايل سلڻو آهه.

پريت جي ريت

جوني پريت جي ريت مسافر!
جوني پريت جي ريت.

کايا جي سوني پڃري ۾ بند پکي پرڏيهي.
ڀوڳي پيرم ۾ جيون کوهي ڀاڳي ٻٽيو سنيهي؛
آشا جي سندر سپنن ۾ گذري ساري رات،
بند لالسا ۾ ٿي مکتي رهي روڳ جي ٿات.

طوفان موهه جو ڀاري طوفان؛
من وياکل ٿيو حيران!
سک اُداس ٿيو، چين ناس ٿيو.

اهڙي پاپڻ پريت مسافر! جوني پريت جي ريت!

اوجل ۽ اُجارا،
او نيڻ ستارا!
آءُ پريم نگر ۾،
آءُ دل جي مندر ۾.

٢

درياهہ جي رواني،
صورت ۽ جواني،
هي حسن بهانو.
رک ياد اي جاني!
هي بات حقاني،
يکسان نہ زمانو.
فرقت جو جلايل،
دروازي تي آيل،
عرصي کان ستايل،
بيحال دکايل.
آءُ پريم نگر ۾،
آءُ دل جي مندر ۾.

پريت جا پيچ

پريت جي ريت نيايان.
مان پايان توسان،
پيچ هي پريتم پايان.
نيايان توسان پريت جي ريت نيايان ....
تن جي سيجا، جگر وهاٹو،
من مندر ۾ سندء ڏکاٹو،
پريت جي جوت جڳايان.
مان پايان توسان پيچ هي ....
ديس پيئڙا جي ويندس کاهي،
سر جا کل لاڳاپا لاهي،
ييا چو پنڌ پچايان.
مان پايان توسان پيچ هي ....
پريت نگر جي ريت نياري،
ڇا ٿو دکايل رُت متواري.
گهاري آنند پايان.
مان پايان توسان، پيچ هي ....

ڦاڳهہ ڦٽو ڪرَ مکڙين موڙيا پيئي ٿري جوانِي
گيت پريت جا ڳائي ڳائي بلبل ٿي ديواني.
سک بسنت ۾ اچي دکايل! لڳو خزان جو روڳہ،
آس نراس بڻي ويوگڻ جي، سپنو ٿيو سنجوڳہ!

ويران باغ چوڌاري ويران،
ٿيو ظلمت جو سامان.
من نراس ٿيو، جيءُ اُداس ٿيو.

هي جڳہ دک جو گيت مسافر! جوڻي پريت جي ريت.
مکڙين ٿي گونجار ڪري ٿو گل کي گلي لڳائي،
رس جو لوڀي ڪارو ڀئنرو گيت پريت جا ڳائي.
مست سُڳنڌ کيو ڀئنري کي ٿيو مدهوش مدام،
روُپ ڪمل جي گل ڪوبي ۾ آيس جيون-شام.

زندان حسن جو زاري زندان؛
تن تڙڦي ٿيو بيجان.
گل ۾ واس ٿيو- بند سواس ٿيو.
ڪهڙي نيهن جي نيت - مسافر! جوڻي پريت جي ريت!

انحد گيت

مان ڳايان انحد گيت،
پرڇايان من جو ميتُ - مان ڳايان ....

دل جي چنچل تارن تي هو ايندو نچندو ايندو،
منهنجي وِرهي گيتن تي هوجَرِ ٿَرِ ڳج ڳاڙيندو.
نيڻ ڪٽي ايندو بادل جا؛
آڪاسي دل ساڻ.
ايندو منهنجي گهر ۾ ساجن،
رهندو دک نه اتيت - مان ڳايان ....

سونيءَ شام جو ساڻ ڪري هو ايندو جيج تارن جي،
سرتين وچ ۾ سرهي ٿيندي يس رکندو لڄ وارن جي.
حاسد گونگا ٿيندا، ڪَکُ پن
ٿيندو طعنه باز.
جونه دکايل تنهن پرِ رهندو،
آس جو ڪوٽ اجيت - مان ڳايان ....

جڳ جي پريت

جوڙي جڳ جي پريت، مسافر!
جوڙي جڳ جي پريت.
ڪوئي نہ ڪنهن جو ميت، مسافر!
ڪوئي نہ ڪنهن جو ميت.

مطلب جي سڀ دنياداري،
مطلب جو هرڪو سنساري؛
ڏک ۾ ڪوئي ساٿ نہ ڏيندو،
سک ۾ ٿين سڀ ساٿي - بابا!
چل ڪپٽ جي ريت.
مسافر! جوڙي جڳ جي پريت.

دنيا آهي مسافر خانو،
اڄ پنهنجو تہ سڀان بيگانو،
موهہ جي آخر رنج دکايل!
موهہ ڪري ٿو انڌو - بابا!
چنچل من کي جيت.
مسافر! جوڙي جڳ جي پريت.

وهلور واجهہ

وهلور واجهہ پايان،
خطُ اڄ بہ ڪين آيو!
سرتيون سڄڻ جو آهي،
کهڙو الاجي رايو.
وهلور واجهہ پايان ....

قاصد ڪُئي نٿو ڪڇ؛
ٽوڙي ڪريان ٿي پڇ پڇ!
بادل اکين جا برسن،
ڦڙ پاڻ پسايو.
وهلور واجهہ پايان ....

پرديسي ڍوليا

تنهنجي اٿم رڳو ياد،
آءُ آءُ، او پرديسي ڍوليا!
تنهنجي اٿم رڳو ياد.
زخم سِهن ٿا، نيڻ ٿمن ٿا،
روئي ٿي دل ناشاد.
آءُ آءُ، او پرديسي ڍوليا!
تنهنجي اٿم رڳو ياد.
روز ٿي ساريان، راهه نهاريان،
ايڏو نه ڪر بيداد.
آءُ آءُ، او پرديسي ڍوليا!
تنهنجي اٿم رڳو ياد.

درد جي ماري دل ويچاري،
روز ڪري فرياد.
آءُ آءُ، او پرديسي ڍوليا!
تنهنجي اٿم رڳو ياد.

ڇڏ بي دردي، هيءَ لاغرضي،
ڪر ڪو 'دکايل' داد.
آءُ آءُ، او پرديسي ڍوليا!
تنهنجي اٿم رڳو ياد.

جنمن جو وڇوڙو

جنمن جو هي وڇوڙو،
جنمن جي هيءَ جدائي.
پيڙا مٿان مون پيڙا،
ڪيڏي نہ ڏس اُٺائي - جنمن جو ....
تو ساز دل جو ڇيڙيو،
ٿيو درد جنهن کان پيدا.
نيٺن ڏٺي نہ پلڪي،
جا ننڊ تو ڦٽائي - جنمن جو ....
ڳجهڙو هي راز دل جو،
توکي جو مون سڻايو.
تون ڪاش! معب سمجهين،
بس آس تم اِهائي - جنمن جو ....
سک پائي آءٌ هيکر،
دک پلجان چون نہ جيکر.
ڳولها ۾ هاءِ تنهنجي،
ڪيڏي نہ عمر آئي - جنمن جو ....
سنسار ڪلپنا جو،
پيارو ڪري دکايل!
تنهنجي ملڻ جي خاطر،
مون ڪُل دنيا پلائي - جنمن جو ....

هڪ ڏينهن سال سوَ ٿيا،
هڪ سال جا سوين ڏينهن.
ساجن سندي وڇوڙي،
ويتر جيئڻ وڌايو.
وهلور واجهه پايان ....

سُڌ ڪي سڌيانءِ جيڪر،
پر ٿـو لعاظ ماري.
محبت مٿان مسافر!
بدنام ٿئي اجايو.
وهلور واجهه پايان ....

جنهن آس تي ٽڪيان ٿي،
سا آس ڪيئن ڇڏيان مان.
آخر اچي دکايل!
لايو ڪندو سجايو.
وهلور واجهه پايان ....

ڏکڙو ٺن جو ڇونـہ سليان،
ساڄن سان، ڪر موڙيا ويچار.
جوانيءَ جي موڄن کان ڀرين،
جيون بار بڻي بيڪار!

تير لڳو کو تيز الا!
جو نڪري ويو سيني جي پار.
سُرَ ڇيڙڻ کان هاءِ ڇني آڳہ،
دل جي ويڻا جي هيءَ تار.

شوخ دنيا جي آگ جلائي،
پيڙيل تَنُ منهنجو هروار.
دل چاهي ٿي لڙک وسائي،
ڪارؤ تپت اندر جي نار!

آنسو کيئن روکيان

روکيان کيئن آنسن جي ڌار؛
نيڻ ڇلن پاڻيءَ سان ٽار.
روکيان کيئن آنسن جي ڌار.
ٿي سوني پرڀات رواني،
ساڙيندڙ اُس ٿي نروار.
هاءِ! صبح جي لاليءَ کان اڳ؛
ڇانيون سانجهيءَ جو انڌڪار!
من جي مکڙي کين ٽڙي،
ٿيو جڻ نہ ٻهانو موج بهار.
هيانءَ ڦٽي ٿو روئي منهنجو،
ٻالڪپڻ اڄ زارون زار.

پشپ آرتي

پشپ- آرتي شيام! اُتاريان،
تن من واريان واريان.
پشپ آرتي شيام اُتاريان.
پريم جي جوت جڳايان جڳ مڳ،
چندن ڌوپ جلايان.
چتَ آسڻ تي، چرڻ ڪمل ۾،
نُت پريو! ڌيان جمايان.
شيوا ساڌن شردا ڀڳتي،
ڀاوَ سان پيت لڳايان.
تن من ارپي ناڪر دئاري،
پريم رتن ڌن پايان.
گيت ڪميا جا ڳائي پل پل،
هڪ توسان لِنوَ لايان.
من جي تار ستار وَجائي،
لک لک شپ گڻ ڳايان.
شيام شرن ۾ شال دکايل!
پنهنجو پاڻ پسارايان.
پشپ آرتي شيام! اُتاريان،
تن من واريان واريان.

او بادِ صبا!

اُگهہ لڙک نہ منهنجا بادِ صبا!
کر آلو نہ چولي جو دامن.
چؤماسي جو ھي آهي نہ، مگر،
هر روز وسڻ وارو ساوڻ.
اُگهہ لڙک نہ منهنجا بادِ صبا!

ٿو ڏينهن ڏسي نکي رات ڏسي،
نکي پيچ پِني پرڀات ڏسي،
پل پل ٿو وسي جل ٿل ٿو وسي.
وسي منهنجو کري ٿو هلکو مَن!
اُگهہ لڙک نہ منهنجا بادِ صبا!
کر آلو نہ چولي جو دامن.

دل نہ رکن ٿا صاف،
پيائيءَ جي ٻوليءَ ٻَڌا،
مُور نہ کن انصاف!
مطلب جو کن پيار.
لالچ لوڪ آنڌا ڪيا؛
دين ڌرم کان ڌار.
پرمارٿ کان ڏُور،
ڪُوڙا ڪرڻ ڪرتگهن،
سوارٿ ۾ سي چُور.
ديس ڌرم ۽ ڪال،
ويچاريندا ڪين ڪي،
کهڙو تن جو حال.
سچ ڪري اڳواڻ،
شال دکايل، بي ثمر،
پُرجهي پنهنجو پاڻ.

پرهه جون باکون

سک سان گذري رات،
صبح نيون باکون کيڏيون.
پِرهه ڦٽي پرڀات.
سورج اُڀريو ڄاڻ،
جڳ پڻ سارو جاڳندو،
پورهئي ٻارئي ڪاڻ.
هلندو ڪاروبار،
ڪرت ڪندا ڪي ڪوڙ جي،
ڪي صاحب سچيار.
غرض جي وس اِنسان،
سڀ ڪجهه ٿا پالجي وڃن.
ٻڍجن ٿا حيوان.

درد سهڻ جو ڪونہ رهيو دم،
هڏُ ڪائي بس رت پي ويو غم.
گونگو رودن گونگا سڏُڪا،
عمر گذاريم دردن ۾.
جاڳن ٿا اُڌما من ۾.

آءُ دکايل جا، او ساٿي!
پل پل کن کن ٿي واجهايان،
ويوڳڻ آهہ اُميد نہ لاٿي.
جنم جنم ۾ توکي پايان،
مون کان پيا سڀ وسري ويا ٿي.

اڄ ڍولڻ اڄ او پرڏيهي!
آءُ پکي اڄ مئيءَ جي پيهي.
اڄ نہ ڏسي وڃ هيکر، رهندي
ڪيسين ڪاڻ نصيبن ۾؛
جاڳن ٿا اُڌما من ۾.

من جا اُڌما

جاڳن ٿا اُڌما من ۾،
ايڏو اوسيڙو؟ مان مُنبيس؛
تاب رهيو ناهي تن ۾،
جاڳن ٿا اُڌما من ۾.

هجر جون هيڏيون لنبيون راتيون،
سيج اڪيلي جڻ ٿي کائي؛
ڇُپڪن ٿيون پاسن ۾ ڪاتيون.
سِر سِر نيٽڻ جي ٽڙقائي،
اڄ نه اڳيون سي آهن چاتيون.

وڇوڙي جا ڳوڙها

ستارن کي شاهد بڻائي رئانئو،
وڇوڙي جي ڳوڙهن سان منهن مان ڌئانئو.

بڻيو عشق مجبور، بي تاب تني دل،
اڃا وصل جي دور ڏسجي ٿي منزل.

فراقن ڦٽي دل ٿيون غمگين آنهون،
ڏنا ساهہ سُڏڪا ڪيون درد دانهون.

پوي بار ٿي عشق جي هيءَ اسيري،
نہ بخشي جي تسلي مني يادگيري.

ڦُٽا ٻُور انبن جا باغن ۾ هرسوُ،
ڪري هاءِ وياڪل ٿي ڪوئل جي ڪوُ ڪوُ.

دلين کي ڪرڻ مست آئي بهاري؛
ڦٽي نئد جذبن جي، ٿي بيقراري.

گلن جي سُگند چارسوُ واءُ واسي،
مگر دور ٿي ڪين من جي اُداسي.

پري ڪلپنا ڪان وسي دل جي مئنا،
جتي ڪين پهچن ٿا مايوس سپنا.

ڪيئن عيد ڇوان؟

بن چنڊ ڏني ڪيئن عيد ڇوان،
مون لءِ ساڳيا روزا تيهہ سنوان.
بن چنڊ ....

تنهنجي راهہ تڪي آڪاس منجهان،
ٺر ٺر ٿيو اکين جو آب روان.
بن چنڊ ....

تنهنجي وصل جون راتيون ياد ڪري،
منهنجا جاڳن ٿا نِتُ سور نوان.
بن چنڊ ....

در تنهنجو ڇڏي پلا ماهجبين
ٻئي ڪنهن جي دڪايل! پيش پوان.
بن چنڊ ....

اُپي اُپ نهاريان

گوندر گهاريان کيئَن،
الا! گوندر گهاريان کيئَن.

اُپي اُپ نهاريان جانب ويو جيئَن،
سانوڻ بادل جيئَن وَسن اکڙيون وَسن تيئَن.
الا! گوندر گهاريان کيئَن.

روئي راتيون ڪاتيان ڏکيا لنگهن ڏينهن،
آجي هيس آءُ تان نجهري نِيو نيهن.
الا! گوندر گهاريان کيئَن.

کين دکايل ٻاڙيو جو ڏنو قول پرينءَ،
ٻانهيءَ ٻڌو ٻاڻ کي سهڻي سانول سينءَ.
الا! گوندر گهاريان کيئَن.

ڏوهڙو

سُولي سيج، ڏکن جي ڏولي،
ٻاگهہ جدائيَ پيانءِ.
روئي ريجهي ٻاڻ سان صورت نين سماءِ.
خيال سان خيال خوديءَ جو ڪائي،
خيال ۾ خيال وڃاءِ.
تهان پوءِ ئي پاءِ، رانول پنهنجي روح ۾.

جوڳڻ جو گيت

جوڳڻ ڳاتو گيت اجيت،
موتيو نہ ليڪن من جو ميت.
پريت جو گيت نرالو گيت.

ديس ٿيو ويوڳڻ جو پرديس،
ڦري آئي ڀڳوئون ويس.
پريت جو ديس نرالو ديس.

ياد ڪري ساجن جو سنگ،
تڙپيو جوڳڻ جو انگ.
پريت جو رنگ نرالو رنگ.

ويوڳ ۾ ويٺي وساري پاڻُ،
روءِ نہ اُداسڻ! آيو ڄاڻ.
پريت جو ٻاڻ نرالو ٻاڻ.

من جي تپت

کو نہ ٻجهائي تپت منهنجي من جي،
سُڌِ ٻڌ رهي نہ تن جي.
کو نہ ٻجهائي ....

پريتم تنهنجي پريت جي،
مون ٽاڻي ٽن سان ٽات.
ڏکندي ڏينهن لنگهي ويو،
منهنجي رئندي گذري رات.
فقيري فڪرات، حاصل ٿيا ٿم هوت کان.
کو نہ ٻجهائي .. ..

ديرنہ وجھہ درسن ۾

ساجن! ديرنہ وجھہ درسن ۾،
ديرنہ وجھہ آلا! ديرنہ وجھہ - پرين! دير....

رات گذاريم ويھي ويھي،
پر نہ پرين آئين پرڏيھي.
آءُ رسڻ جي ريت وساري،
پرچي پيھہ پکن ۾ - ساجن! ....

سھڻي صورت جوڀن واري؛
بات رسيلي پياري پياري.
ساري جڳ جي سونھن سمائي،
ديدن جي درپن ۾ - ساجن! ....

محب! دکايل، تو ري ماندو،
رودن کان پل ناھي واندو.
دل ۾ دلبر دوُد دکائي،
آگ لڳائي تن ۾ - ساجن ....

ٽارن ڀري رات

ٽارن ڀري رات،
فرقت ۾ فڪرات.
اُٺ ڏٺ ۾ اوقات،
ٻاروچل جي ٽات.
ٽارن ڀري رات ...

روئي ٽڪا نيڻ،
ماڳ نه موٽيا سيڻ.
ويٺي سهان ويڻ،
ڏاڍي ٽنجي ذات.
ٽارن ڀري رات ...

سسئيءَ سٺا سُور،
ڏونگر ڏوري ڏور.
ڀنهل سندا ڀُور،
وائي ڏکايل وات.
ٽارن ڀري رات ...

آءُ نہ ڄاڻا پريم کي،
کي آهن گهاتا گهير،
هٿ نہ ڇيان سان هان،
منهنجا پٿون ٿيڙا پير.
ڏاڍا ٻڏجي ڏير، پنهل ونئي ويا پاڻ سان.
کو نہ ٻجهائي ....

آءُ نہ ڄاڻو پريت جو،
هيءُ هيڪاندو پنڌ.
سُورن سازي رکيو،
اچ دکايل سَنڌُ سَنڌُ.
سوڊل جو سنبنڌ، ٿيو موچارو مِٽن کان.
کو نہ ٻجهائي ....

آس جا تارا

راتِ انڌاري ٽمڪن ٽم ٽم،
تـارا تـنـهـنـجـي آس ۾.
پريم جو ديپڪ ٻاريم پريتم!
چـنـڊ ٻـڏـجـي آڪاس ۾.
آءُ سهاڳـڻ توسان ساجن!
پريم پوڄارڻ ارپيو تن من.
پريم مندر ۾ آئـي داسي،
شيام سندر مـن موهن پيارا،
ڪيول تنهنجي پياس ۾ - رات ....
پريم جي مرلي شيام وَڄائي،
جوش ۾ جمنا ڇانڊي آئي.
پريم نـگر جا واسي آيـا،
گـوپين گيت سرِيلا ڳـايـا.
پريم جي راس ولاس ۾ - رات ....

ڏوهڙو

جيسين تون آئين نـ، ٽم ٽم تيسين تارن ۾ رهي،
تنهنجي آئي، سي صبح پلڪن ۾ ٿي ويا لا پتا.
پريم جو ديپڪ ٻاريم پريتم.
چـنـڊ ٻڏجي آڪاس ۾ - رات ....

اڇ پريتم!

گنگا جي اڇ پار پريتم.
گنگا جي اڇ پار!

پريم گنگا جون اوجل لهرُون،
پريت پهڻَ سان ٽڪري کن ٽيون.
پريتم! پريم پچار.
گنگا جي اڇ پار.

پريم گنگا جـــي نرمل جل سان،
شرڌا روپـــي ٽاسي ڏل سان.
پريم پوڄاري تيار.
پريتم! گنگا جي اڇ پار.

پريم جي آنند ميءَ ڀڳتيءَ ۾،
پريم جي مؤج ڀريءَ مستيءَ ۾.
آءُ چڙي گهر ٻـــار.
پريتم! گنگا جي اڇ پار.

ٻريم جي انبؤ ديس جا واسي،
پريم ٻکيا لءِ آئـــي داسي.
ترڪ ڪري سنسار.
پريتم! گنگا جي اڇ پار.

ڪر نہ پري پريتم!

پريتم ڪر نہ پري، نہ پري، نہ پري،
رات وهامي، رات وهامي.
پريتم ڪر نہ پري ......
تو بن ساجن، چين نہ پل ڇن،
ساعت ڪين سري، نہ سري، نہ سري،
پريتم ڪر نہ پري ......
دل جو درپن ٽوڙ نہ ساجن،
پيار ڪري منهن موڙ نہ ساجن.
پيالا پيلاءِ، واڳ وراءِ،
توريءَ جند جري، جري، جري.
پريتم! ڪر نہ پري ......
آءُ اُڌامي، آءُ اُڌامي. پريتم ...
ورهہ وڇوڙي دل تڙڦائي،
آگ دکايل! ڪنهن نہ اُجهائي.
پريت نڀاءِ، سانگ رساءِ،
من جي تپت ٺري، ٺري ٺري،
پريتم! ڪر نہ پري ......
ٿيءُ انجامي، ٿيءُ انجامي،
ساعت ڪين سري. پريتم ...

جادوگر ايندو!

جادوگر ايندو ٻڌائي، جادوگر ايندو،
جادوگر جا منڊ نرالا، منتر ساڻ منڊيندو.
ٻڌائي جادوگر ايندو.
نيڻ ڏسي ٿيا نيلا پيلا،
هاري وينا هيانءَ هنيلا.
ٿڙڪ ٿڙڪ ٿي پيدا دل ۾،
آڙيس اچي ته وڏيءَ مشڪل ۾.
زلف ڪنڍيءَ ۾ دل ڦاسائي،
ٿڙڦڻ لاءِ ڇڏيندو- ٻڌائي جادوگر....

جادو سليمانيءَ ۾ چاهي؛
هوُ ته اڪابر منتري آهي!
جنهن ٿي هيڪر ڦيڻو پڙهندو،
رنگ نرالو تنهن ٿي چڙهندو.
ٻهرئين سڪ جا سبق پڙهائي،
پوءِ وڇوڙو ڏيندو.
ٻڌائي، جادوگر ايندو.

جڳمڳ جوتي

جڳمڳ جوتي ٻاري، پريم دئاري،
جوڳڻ آئي ساجن! پاڻ وساري.
پريم، پريم، پريم.
پريم جي ليلا ڪير لکي؟

پريم بڪارڻ آئي پريتم! ٻانهه پساري،
چت ۾ آس رکي درسن جي ناٿ! نهاري.
تو هر شيءِ ۾ پريم بکي.

پريم جو نرمل نانو جوڙڻ آئي داسي،
پريتم تنهنجي پريت پسڻ لءِ پرڻئون پياسي.
جڳمڳ جوتي ٻاري ....

ساجن نت سنڀاريان

آءُ تہ توکي ساريان،
ٿي ساجن نت سنڀاريان.
آءُ تہ توکي ساريان ....

نيڻن ۾ تنهنجو نشان،
تير جگر مان پار جان؛
وِنين ۾ وهاريان،
ٿي نيڻ ڪٽي نهاريان.
ساجن توکي ساريان.

تو ساڻ منهنجو ميل دل،
آ پريم سندو هي کيل دل!
توکي ڪيئن وساريان،
مان پريت دکايل! پاريان،
ٿي ساجن! نت سنڀاريان.

شاستريہ گيت:

نياز مندي

مون عمر گذاري نياز ڪري،
نت يار ٺڳون ٿو ناز ڪري

مون سانديو دل جي تاڪين ۾،
خود پاڻ پڌر ٿو راز ڪري!

جا گذري دڪايل! ياد نہ ڪر،
شل يار نظرانداز ڪري.

ڪر رقص رڳن جي تارن تي،
اُلفت جو منو آواز ڪري.

بي چين من

منڙو ڏاڍو ٿيو بي چين ٠
ترڦي تڙڦي ڏينهن گذاريم،
رئندي ڪاٽيم رين ٠
منڙو ڏاڍو ٿيو بي چين ٠

تنهنجي ياد ستائي ٿي، اچ!
بيوس دل تڙڦائي ٿي، اچ!
آگ لڳي پڙڪائي ٿي، اچ!
نير وهائن نين - منڙو ڏاڍو ....

ڏينهن وهامي ڪوئل ڪُوڪيو،
ورهه وياڪل بلبل ڪُوڪيو ٠
آءُ نه ڄاڻان ڇو دل ڪُوڪيو؟
سَل، احسانُ ڪر ڪين - منڙو ڏاڍو ....

پرهه ڦٽي درياهه ڪناري،
آيو هڪ رمتو ڇوُ باري ٠
باهه دکايل ويو ڪا باري ٠
صبح هٽي در سئن - منڙو ڏاڍو ....

ڏوهڙو

نيڻ ڇلان هينئڙو ڇڄي کٿ کٿ تڙقي جيءَ؛
پيءُ رنو بوچڻ پنو ماءُ اُساري ذيءَ.
کڻي ويندا بابل! کڻي ويندا، ڏولي جاڻ کهار،
بابل! ڏولي کڻي ويندا.

ڏوهڙو

نيڻ نہ آلا کر امان، بابل، لڙک نہ لاڙ،
اڄ پرديسڻ جنهن کيو، کندو دکايل ماڙ.
کڻي ويندا بابل! کڻي ويندا، ڏولي جاڻ کهار،
بابل! ڏولي کڻي ويندا.

منهنجا بابل!

ڪٽي ويندا بابل! ڪٽي ويندا، ڏولي جاڻ ڪهار
بابل! ڏولي ڪٽي ويندا ...

ڏوهڙو
بيوس ڏيئڙي بابلا ڏيندي ڪنهن کي ڏوهه،
قسمت پرديسڻ ڪئي لوهه لڪئي جو ٻوهه.
ڪٽي ويندا بابل! ڪٽي ويندا، ڏولي جاڻ ڪهار،
بابل! ڏولي ڪٽي ويندا.

ڏوهڙو
هنجون هاري ڪيئن پڇان روئي پڳم چولي،
گهبر گهتيون سوڙها ٿيا، گذري ڏکي ڏولي!
ڪٽي ويندا بابل! ڪٽي ويندا، ڏولي جاڻ ڪهار،
بابل! ڏولي ڪٽي ويندا.

کلپنا عرش جي چوٽين تي،
اُڏائيندي رهي،
هاڻ سانگي سان مان،
ڌرتيءَ تي اچڻ چاهيان ٿي.

سوز اونهي کان جا ڏُکندي،
ٿي ايامن کان رهي.
ٽنهن ٽٽل دل تي هينئر،
ٿار وڄهڻ چاهيان ٿي.

وصل جي رات کا هڪ ئي سهين؛
گهاري ته ڏسان.
دل جو آرمان دڪايل!
مان کڍڻ چاهيان ٿي.

حال وندڙ چاهيان ٿي

خال کيٿن دل جو پريان،
حال وندڙ چاهيان ٿي.
ميت من جو کو ملي،
پيار کرڻ چاهيان ٿي.

پياس جنمن جي کٽي،
آس ٿي آيس ٿڳندي،
عمر جا خواب حقيقت ۾،
پسڻ چاهيان ٿي.

ليڪن تنهنجي دل جي ڌڙڪڻ،
ڦڙڪ ڇپڻ جي آس وندي ڪِن.
ڏَر جي ڏونگر سان ٽڪري ڇڻ،
ٿي ويئي هڪ پل ۾ ڇِن ڀِن!
لوڪ لڇا، لَٽِ ڦَٽِ جي آڏو؛
داءُ ڪٿي ٻيو تو هارايو — مان آيس پر

ڦوُل - نگر مان نڪري آيس؛
ٿيندي ڌار نہ ڪنهن هڏ توکيو!
پيونديءَ لاءِ پهتس تو وٽ،
پر تو ماليءَ جو هٿ روڪيو!
ڇيٽ ۾ سرءُ اچانڪ آئي؛
گلشن جو راکو گهبرايو — مان آيس پر

دور گهڻو توکان تارن جي،
محفل ۾ اچ وينو آهيان.
پيار جي توکيءَ منزل جا تو،
هڪجيڏن کي حال سڻايان.
آءُ دکايل دک جو عادي؛
عبث سکن جو پايان سعيو — مان آيس پر

دل جا سڏڪا

مان آيس پر تـو موٽايو؛
دل سُڏڪي، دم چين نہ آيو!

چاهہ جو روپ وٺي آيس مان،
آشائن جـا گُـلَ ٽيڙيندو.
مون سمجھيو خرش ٿيندين ۽ کلندين ۽،
ٺـوڪـي ڏايو آتـت ايـنـدو.
تنهنجي بي رونق گـلشن ۾،
ايندي ئي مون رنگ جمايو- مان آيس پر

ڏُکڻو پيار

وڇوڙي ۾ تڙڦي ڏُکي پيار ساجن !
حياتي ٻٽي جڻ پئي ٻـــار ساجن !

وسن وَس ڪري ٿا سياري جا مينهڙا،
ٿڌيون روز راتيون ٿڌا گهٽ نہ ڏينهڙا.
گذارڻ اڪيلو ٿيو دشـــوار ساجن !

اکيون در ۾ آهن، اگر هاج هٿ ۾،
نشاني نہ پنهنجي ڇڏي وئين ڪا ڪچ ۾،
ٻُکي دل ۽ ڇاتي ڇڄي ڌار ساجن !

ڪندي ڪيسين رهنديس اچا آبر باري،
لڪي لڙڪ لاڙيندي مون عمر گهاري،
رهن نيڻ جل سان سدا تار ساجن !

نہ ڪو لڙڪ اک جو لڪائي سگهان ٿي،
نڪي حال ڪنهن کي ٻڌائي سگهان ٿي؛
ڪيو لڄ دکايل کـــي لاچار ساجن !

ساجن جي سار

اَنئِي پهر اندر ۾ آهي ساجن! تنهنجي سار،
گهر ڏَرَ ۾ دل ڪانہ لڳي ٿي، تانگهي طلب تنوار.

ڏينهن نهاري رات نهاريان؛
ڪن ڪن اوسيڙي ۾ گهاريان.
وري وري ويٺي ويچاريان!
پاڙيءَ چون نہ قرار؟

ٿون منجهہ شايد ڏوهہ ڏٺہ ڪو،
وينئَين مٽ! ڪري جو موشو؟
خط پَٽَ ڪان پيي جڻ تو وانجو
کهڙيءَ وِڏَ ويچار؟

جيڪا گڏجي سا ورجائي؛
ڪير پلا تن کي سمجهائي؟
جڳہ چُپ ٿيندو تنهنجي آئي،
موتي موکِ ميار!

آءٌ دکايل پيو چيا چونديس،
محبت لائي منهن نہ مٽينديس.
جنهن در آيس سو نہ ڇڏينديس،
ڪولِ ڪرين يا ڏار!

جوڳي ٻڌي جوڳ ڪمايم،
ڏُوٺي ٻاري خاڪ رمايم،
راتيون جاڳي پاڻ پڄايم.
تنهنجي لءِ سرڪار- ساجن! ماندين ....

ڪي ٿا توکي ڳولهن بن ۾،
ڪي ڳاڙهن ڪارن ڪپڙن ۾،
ڪي ٻاهر ڪي اندر من ۾.
ڳولهن هر پرڪار- ساجن! ماندين ....

تون چؤ توکي ڪنهن ڀِر پايان،
ورت رکي ايڪهٽا ڳايان؟
ميرو ڀيري وار وڌايان؛
ريت نه سَل ڪا يار! ساجن! ماندين ...

آءُ دکايل ٿي هٿ ڌر تون،
دور نه مون ڪان رهه پل پر تون.
جهڙو تهڙو پنهنجو ڪر تون.
عيبن ڏي نه نهار- ساجن! ماندين ...

ساجن! ڪيئن ملند ين

ساجن! ملنديـن ڪهڙي پار،
ڍولڻ! ملنديـن ڪهڙي پار؟
جيءَ اندر آهي جنگ جاري،
قلب کي ڪا ڪِنَ ناهہ قراري.
هِن هُن کان پانيان بيزاري،
ڪانہ وڏي ڪا ڪار- ساجن! ملند ين...

شاستري گيت:

وڇوڙي جي رات

هجر پري رات گذري نٿي،
وصل جي پرڀات نڪري نٿي.

حسن جي تصوير ڇاپي ڇڏيم،
ختم نہ ٿي تات وسري نٿي.

ڏوهڙو

ڇٽنگ لڳائي وئين چنتا جي،
ڏيئي نينهن نشو.
پريت جي ريت نڀائڻ ساجن!
آهي پنڌ ڏکيو.

هجر پري رات گذري نٿي،
وصل جي پرڀات نڪري نٿي.

سينو چاڪ ڪر

آگ جذبن جي جلائي،
دل جو ڪِينو خاڪ ڪر.
درد ۾ ٻئي ڪي ڏسين جي،
پنهنجو سينو چاڪ ڪر.

جي حسد آهي ڪو تنهنجي دل ۾،
تنهن ڪي ڪر فنا،
پيار رک سيني سان، جي
چاهين دکايل! تو بقا.

پريم ۾ سوارٿ نہ آهي،
پريم قرباني جو راڳ.
پريم ۾ گهرجي نہ گهرجي،
تو رڳو ڪامل تياڳ.

آتما ڳائڻ چڏيو
گونگا ٿي جنسي پيا پراڻ؛
ڪونہ اِندرين لءِ سهارو،
ديهہ ۾ باقي رهيو.

ٿن رانديڪن ريءَ دل ماندي،
حُبَ انـــدر آهي هيڪاندي،
مالڪ هڪ جاڻي - امڙ! ڏي رانديڪا ....

ملن نہ جيڪي عام هٽن تان،
گهڙيل هـجن جي خاص هٿن سان.
آڻج پهچاڻي- امڙ! ڏي رانديڪا ....

ســج چنڊ جهـڙا سڦرا سهڻا،
جڳ کي موهن جي من مهڻا،
طلب سندن ڻاڻي- امڙ! ڏي رانديڪا ....

ڏک سک ۾ جي گڏجي گهارن،
ڌيرج ڌارن هيانءُ نہ هارن،
مهل ڏکيءَ ٿاڻي - امڙ! ڏي رانديڪا ....

جيجل نـنـڍڙو آهيان جيسين،
رانديڪن سان کيڏي تيسين،
مؤج وٺان ماڻي-- امڙ! ڏي رانديڪا ....

پوءِ ڪا دکايل! بات نہ رهندي،
رانديڪن جي تات نہ رهندي.
سورهيہ ساماڻي-- امڙ! ڏي رانديڪا ....

او امڙ!

او آيل! رانديڪا آٿـي،
امڙ! ڏي رانديڪا آٿـي.

ٽن ريجهي جن رانديڪن سان،
شام صبح پيو کيڏان ٽن سان،
دير م وجهه هاڻي - امڙ! ڏي رانديڪا ....

ويئي ڪيئن وري!

ويئي دل ڪيئن وري ۰
حيلا پل ته هزار ڪجن ،
ٿئي نه سڄڻ کان پري ۰
ويئي دل ڪيئن وري ۰

جن سان ماڻ جي آس نه ڪائي ،
ياد سڄڻ سي پوَن سدائي ،
ساعت مور نه سري ،
ويئي دل ڪيئن وري ۰

جيئن جيئن نياز ڏسي ٿو نازڪ ،
تيئن تيئن نازجي ماري ناوڪ ،
هنر هزارين ڪري ۰
ويئي دل ڪيئن وري ۰

عشق اچانڪ آهه آڙايو ،
قرب دکايل خوب ڪَڙايو ،
تهمت ڪنهن تي ڏري ۰
ويئي دل ڪيئن وري ۰

مسافر هلي آءُ

مسافر! ويڙهو ڪين وسار.
ڪڏهن پُلي پيڙو ٿي مئيءَ سان،
ڪا ته گهڙي اچ گهار— مسافر! ويڙهو ....

سَنگَ پڪل مڪئيءَ جا داڻا، آڀِنِ جي آچار
دل جا داڻا جهيٽيءَ ڪرِ ٿي، ڪيمِ سِجهائي تيار
ڍولڻ! اچ مهنڙو ڏيکار.
تنهنجي آهيان تنهنجي رهنديس،
بِنِ وجهه بين جي پچار— مسافر! ويڙهو ....

سوُر سوادي، ٿيا رنج راحت، تون جي آهين ساڻ
گهر جا ڏوُئا ڏک، سک سمجهان، پيار نه کهڙو پاڻ
ڍولڻ! گهوريو گذارڻ ڏار،
ويڻ وڏن ٿا ٿو هوندي، پر،
توريءَ ڪن بيزار— مسافر! ويڙهو ....

ٿانگهي ٿانگهي ٿي دل ماندي، پورا پيا نه دليل
ڪوڙ مندون آيون ۽ ويئون، آئين پر نه اصيل
ڍولڻ! ڪيءَ ڪڏهن ويچار؟
هڪ جيڏيون چا چونديون دڪايل!
چوندو چا سنسار— مسافر! ويڙهو ....

صحبت ساڻ ڪري دلجوئي،
دور ڪري دلگيري ڪوئي،
بيو نہ ٻہ، جهٽ پل پيار ڪري،
ڪير ٻہ هلڪو بار ڪري.

ڏاڍن ساڻ عداوت ڪهڙي،
سورن ساڻ شڪايت ڪهڙي؟
وٽبو ڇا تڪرار ڪري،
ڪير ٻہ هلڪو بار ڪري.

مون وٽ قياس ڪٽي نہ اچي ڪو،
جوٺي پياس ڪٽي نہ اچي ڪو!
طلسم جو اِقرار ڪري،
ڪير ٻہ هلڪو بار ڪري.

آءُ دکايل مَن جي ٿوري،
جند آڙائي ورتم جهوري،
قرب ڪو پنهنجا يار ڪري،
ڪير ٻہ هلڪو بار ڪري.

کو تہ هلکو بار کري

کير تہ هلکو بار کري،
سخت زمانـي آهــ ستايـو؛
دل تــي پـاري وار کري.
کير تہ هلکو بار کري.

سر سر مور نہ ٿئي ٿي پوري،
نيڻ پـيـا بڄجي نـاسـُوري؛
لـڙک ڳـلـي جو هـار کري،
کير تہ هلکو بار کري!

گل ٿا ورئن تنھنجي ياد جا

چِٽ چور

ٻاروهي ٻارن سان کيڏان،
ٻـارن جـو چـٽ چـور.
پَنک پساري وڻ وڻ ورڙيان،
منهنجو نالو مور- ٻارن جو ....

بادل منهنجا ساٿي، همدم،
ٿيون گهنگهور گهٽائُون.
پاڇولن سان لڪ چپ لايان،
چـا مـن-پـاءِ چَٽائُون.
بُوندن جي نُورن جو چمڪو،
ڏي مستيءَ جو دور.
منهنجو نالو مور- ٻارن جو ....

پريم-مگن ٿي پاڻ وساري،
ناچ نچان هر ويـر.
نير اکين مان وَهندو آ، جي،
ڏسندو آهيان پير.
کير دکايل ڏاران سمجهي،
منهنجو دک هي گهور.
منهنجو نالو مور- ٻارن جو ....

اسانجا ٻه اکر

ڪوي دڪايل جو هي چوٿون ڪتاب آهي، جيڪو
مين پاٺڪن جي هٿن ۾ ڏيئي رهيا آهيون. ڪويءَ جا
ريان ٽي ڪتاب، 'جهونگار' 'قومي للڪار' لوڙي
سنگيت ورکا' گهڻن ئي هٿن ۾ پهچي چڪا هوندا. اَج هي
ون غزلن جو گلدستو "گل ٿا روئن تنهنجي ياد جا" جدا
ت ڪري رهيا آهيون. ڪويءَ جون رچنائون هن
ڪتاب ۾ جيڪي ڏنيون اٿئون، اهي گهڻيون ٽڻيون
١٩٤ع تاءِ ئي لکيون ويئون آهن. پوءِ جي تخليق ڪا
ري ئي آهي. اُميد ته لوڪ ساهتيه پرڪاشن جي
يءَ ئين پيمت جهجهن هٿن تاءِ پهچندي ۽ قبول پوندي.

'ڪرشنا'

١- مئي ١٩٦٣ع
آديپور (ڪڇ)

فهرست

دل جي ڳالھ!

سڄي عمر ڇوندو ۽ ڳائيندو رهيو آهيان. جڏ
جڏهن دل لُڇندي ۽ ڇُلندي آهي، تڏهن ڪ
نہ ڪجھ ٻاهر ايندو ٿي آهي. ١٩٢٤ع کان وٺي لک
"غزل" اَج ڏاءِ سانڍيندو آيس. انهن منجهان ڪيترن گرامون ف
رڪارڊن ۾ آيا ۽ ڳايا سنڌ جي پرسڌ ڪلاڪارن.
ڪنهن بہ ڪتاب ۾ هن طرح گڏي ڇپايو ڪين.
اَج اُهي سڀ، هن هڪ ئي ڪتاب ۾ ڏيئي،
ڪي جڻ ڇِڪي ٻاهر وٺي آيو آهيان، نڄاڻا ڪهڙو
ٿيندو!

دکايل

مون کان ڇو ٿا پڇو؟

ٿا پڇو مون کان ته هُن تي ٿيس فدا ڇاجي ڪري،
سوار ٿِي هيءَ عشق جي سِر تي بلا ڇاجي ڪري؟

ڪنهن مُکو نياپو هو بلبل کي، ته گلشن ۾ اچي،
دربدر ٿي خوامخواه هوءَ پو پلا ڇاجي ڪري؟

حسن مقناطيس جي کو کل پتنگن کان پڇي،
جي شمع جي لاٽ تي جيڏري جليا ڇاجي ڪري؟

پلناھو

صفحو	سٽ	غلط	برابر
۲۱	۱	دل وني	دل وني
۳۶	۲	نار تلوار	ناز تلوار
۵۳	۳	اور	اؤر

Printed by Shri Mellaram M. Vaswani, at the Sunder Printing Press, Ajmer.
&
Published by Krishna Bhambhari Secretary Lok Sahitya Prakashan Gandhidham, Adipur (Kutch)

اکڙين کي خطاب

آهه اکڙين کي مليو اڄ بي ترس خوني خطاب،
نازداريءَ جي نظرسان ڪن ٿيون عاشق کي ڪباب.

تيز ترارون، تفنگ ۽ نيهن جا نيزا نوان،
برهه جي برڇين اڳيان ڪي جوان ئي ڏيندا جواب.

بي قراري آهه زاري جوش جاري روز شب،
هرطرف ڪان عاشقن جي لءِ اُتيل آهي عذاب.

ملڪ محبوبي پسڻ لءِ ٿي ڪپي جرات جفا،
اُلٽ پاسٽان ٿي لکن ۾ جاءِ اُتِ ناهي جناب.

وقت وئرت ڇو وڃائين هن دنيا جنجال ۾،
ڪنهن سمي ويهي نه ڪرڪو وقت قيمت جو حساب!

اُٿُ سويرو سوچ ڪر، غافل دڪايل ڇو رهئين؟
باغبان بڻجي ڪرين خود باغ کي ڇو ٿو خراب!

گهر ڇڏي سانجهيءَ صبح ٿين ٿا وڃي اونڌا سنوان
ٿا گهمن مسجد مندر ٻانيڻ مُلا ڇاجي ڪري

ڇاهَه ڪنهنجيءَ ۾ پلا شب روز فاقــه ٿا ڪڍن
ورت روزي جا ٿا ڏين تنَ کي ٽَسا ڇاجي ڪري

هي حسد ناهي ته ڇا، نه ته سوال کڙا ٿا ڪريو
ويو ملي اڄ آهه ڪافر کي خدا ڇاجي ڪري

مون ته پنهنجي يار جي صورت ڏسي سجدو ڪيو
اَڻ ڏٺي جي عشق ۾ هوُ ٿيا انڌا ڇاجي ڪري

راز هن ديوانگيءَ جو ڀرئين پل نن کان پڇو
پو ڇڏُو تو ڪئي دکايل! هيءَ خطا ڇاجي ڪري

ڪٿان آڻيان سا دل!

ڪٿان آڻيان سا تو لاءِ محب؟ نئين دل نقد ڏهاڙي؛
ني ہ مون وٽ آهي، پر پرزا پرزا ٿيل پراڻي.

شي-دل تي شام صبح جي ٿيندي رهندي هيئن سنگباري؛
ندي پُرندي، چوُرڻ ٿيندي؛
ثابت ڪيئن رهندي سا راڻي!

ي پالي دل ويچاري پاڻ ڏيئي جنهن پاڻ وساريو؛
ڪ ئي ديد ڪئي ديواني
ري ملهہ تنهن جي دست وڪاڻي.

ي گهرجي روز نئين دل روز نئون رنگين فسانو،
ٿون آڻيان آءٌ اُهو رنگين مزاج، سدا جي جُواڻي!

ن وٽ آهہ دکايل دل جا، ڏيڻ جاڻي پر وڏڻ نہ جاڻي،
ءِ ڏٽي ڪرسا تون پنهنجي، پيگل پُريل جا آهہ نماڻي.

هستيءَ جي باغ جا رنگ

باغ هستيءَ جا پيا رنگ نرالا ٻڌجي،
عشق سهڻي ۾ ويس ڇا منجهان مان ڇا ٻڌجي!

جان بخشي ٿو نٿين، پيار جو گفتو هڪڙو،
آيو مون لاءِ الله جاڻي مسيحا ٻڌجي.

قيص يارن کي چيو سؤ دفعا مان سجدو ڪريان،
جي اچي منهنجي اڳيان خود خدا ليليٰ ٻڌجي.

عيش جي شام هجي وصل سندي رات هجي،
حسن دلبر اچي شب روز تماشا ٻڌجي.

دل عيوض ڏوکي دڪايل! ٿيو پلا ڇا حاصل؟
موڪي، دلبر کان مايا درد دلاسا ٻڌجي.

تو وٽ جا سدا حضرت!
هن حسن سندي دولت.
خالي نہ دلاسو ڏي،
ڏيکار ذرا قربت.
ڏي وٽ جو ڪريون سودو هجي خيال جي سرڪار!
آهي ڪو خريدار؟

•

هن دل جي تمنّا تون،
مشتاق جي منشا تون،
هن وصل جي دنيا جو،
دلدار! شهنشا تون.
دل وٺ تون دڪايل جي خدا لڳ نہ ڪر انڪار.
هڪ دل جو خريدار ڪيپي دل جو خريدار؛
آهي ڪو خريدار؟

آهي ڪو خريدار!

هڪ دل جو خريدار ڪيپي دل جو خريدار
آهي ڪو خريدار؟
قيمت ۾ اٿم طلبيو رڳو: وصل جو اقرار.
آهي ڪو خريدار؟

او نازو آدا وارا!
او ترڇي نگاه وارا،
سستو هي آئڻي سودو،
او زلف بلا وارا!
هي دل جو خزانو ٿو وڃي مفت ۾ لاچار،
آهي ڪو خريدار!

ياد نہ ڪر!

ياد نہ ڪر بي تاب دل،
روز جا غم نوان نوان.
يار جي بند زلف جا،
پيچ ۽ خم نوان نوان.

تنهنجي نگاهہ ناز جو،
گهايل نہ مان هڪڙو، مگر
پيدا ڪرين ٿو روز روز،
گهايل صنم نوان نوان.

ٻين سان تہ روز وصل جا،
سهڻا ڪيئي وعدا ڪرين؛
مونکي رڳو ٿو ڏين عجيب،
رنج و الم نوان نوان.

هاءِ! دکايل هو اڳي،
هن سوزشِ غم کان بي خبر،
عشق ۾ تنهنجي ٿيا نصيب،
ڪيڏا ستم نوان نوان.

ديدار صدقي دل

لُٽائي دل مون در تنهنجي فقط ديدار جي صدقي
ڏنم خود جان نذرانو ڪري هڪ پيار جي صدقي

نگاهن ۾، ڏنيءَ جو واعدو سهڻا وفا وارو
اچڻ توکي مناسب هو، انهيءَ اِقرار جي صدقي

رقيبن سان رهاڻين ۾ گذاريءَ روز شب، ليڪن
گهڙي هڪڙي نه فرصت آهه هن بيمار جي صدقي

پڙهي جنهنم مون تنهنجي حسن جي تعريف اي جانان
ڏيارين وصل من پنهنجو انهيءَ اخبار جي صدقي

تمنا دل دکايل جي اچي ڪر اي صنم پوري
انهيءَ شيرين زبان جادوءَ پري گفتار جي صدقي

هاءِ دل!

تو ڪئي هاءِ دل زخمي نگاهه سان،
تو ڪئي هاءِ دل، بس وئي هاءِ دل!
تو ڪئي هاءِ دل زخمي نگاهه سان.

نيچي نظرن سان جڏهن يار! نهارڻ وينئين،
وار آئيني ۾ دلدار سنوارڻ وينئين،
مرم جي مرڪ سان مشتاق کي مارڻ وينئين،
دل دکايل جي دلاسن سان ڏنارڻ وينئين،
تو ڪئي هاءِ دل زخمي نگاهه سان.

عشق جي چوٽ کو اُستاد ارسطوءَ کان پڇي،
قيس ليليٰ ۾ لڌو ڇا هو، کو مجنوءَ کان پڇي،
ٿي چري چاهه چنيسر ۾ کو ڪونئروءَ کان پڇي،
مون ڏٺو ڇاهو پنهنجي يار ۾ کو مون کان پڇي،
تو ڪئي هاءِ دل زخمي نگاهه سان.

مائل ستمگر ٿي ويو

دل وڃڻ جي واسطي مائل ستمگر ٿي ويو،
رات محفل ۾ هي سارو راز ظاهر ٿي ويو!

سحب ماري ٿئي رکيو تنهنجي رسامي جي آدا،
مرغ دل مان ڏيري ڏيري پار خنجر ٿي ويو.

ڪيئن پلا ديدار تنهنجو دلربا ٿيندو نصيب،
آئينو ڪمبخت پي حيرت ڪان پٿر ٿي ويو.

ناز واري چال آهي چال وليي معشوق جي،
پيچ جنهن جنهن زلف ۾ پيو سو نه گهونگهر ٿي ويو.

اي دکايل حسن وارن جي عداوت کان امان،
منهنجي دل مان ناز جو بس پار نشتر ٿي ويو.

بي وفائي ڪين ڪر

دل وني قابو ڪري پوءِ بي وفائي ڪين ڪر،
پيار ڏيئي پهريون هينئر جور وجفائي ڪين ڪر.

ڏينهن تنهنجي ياد ۾ ۽ رات اوسيڙي لنگهي،
آتشِ فرقت ۾ ايذي دل جلائي ڪين ڪر.

پل وچي پرپٺ رقيبن سان رهاڻيون ڪر، مگر،
روبرو منهنجي نه ٻئي سان اکه اڙائي ڪين ڪر.

دل ڏئي پوئين شڪايت جو چيائين، ڇا ضرور؟
اي دڪايل! يا نه اهڙي دل لڳائي ڪين ڪر.

هجر جي هر ڪا گهڙي آهه مصيبت جي گهڙي،
سوز فرقت ۾ سڄهي ويو آ سندم ساهه سڙي،
انتظاريءَ ڪان اکين ۾ ٿا اچن لڙڪ لڙي،
پرت پاڙي مون پرين تنهنجي مگر ڪين پڙي،
تو ڪُٺي هاءِ دل زخمي نگاهه سان.

دل وٺي پهرين پوءِ دلدار دغاباز نه ٿيءُ،
پنهنجي همدم کي ڇڏي غير سان همراز نه ٿيءُ،
ناز بردار دکايل سان تون ناساز نه ٿيءُ،
نياز وارن سان ستمگر! ايڏو بي نياز نه ٿيءُ،
تو ڪُٺي هاءِ دل زخمي نگاهه سان.

سڪڻا دلاسا

مونکي دلدار دلاسن تي وهارين ڇو ٿو،
لڪي لڪي غير جي گهر رات گذارين ڇو ٿو؟

ٿون رقيبن سان نڀائڻ کي وفا ٿو سمجهين،
مات منهنجيءَ کي مِٺا منهنجي رضا ٿو سمجهين؛
شوق ديدار کي دلدار خطا ٿو سمجهين،
دل جلائڻ ٿون رڳو ناز و ادا ٿو سمجهين!
ڏيئي هرروز بهانا، مونکي ٽارين ڇو ٿو،
لڪي لڪي غير جي گهر رات گذارين ڇو ٿو؟

عشق تنهنجي ۾ بُرا حال ٿيا منهنجا دلبر!
ٿو بنا آب اکين مان ٿو وهايان هر هر،
مونکي ڏينهن رات پرين آهه رڳو تنهنجي پچر،
ٿون مگر پاڻجي ۽ منهنجي ٿو لهين ڪين خبر!
واعدا پهريان سڄڻ يار وسارين ڇو ٿو؛
لڪي لڪي غيرجي گهر رات گذارين ڇو ٿو؟

دل روءِ پل

دلبر جي بي‌رخيءَ تي دل بيقرار روءِ، پل روءِ پل روءِ
حسرت جا لڙڪ هاري ليل و نهار روءِ، پل روءِ پل روءِ

فرقت جي زندگيءَ کان بي جان، جان ٿڪي،
کر چاڪ چاڪ دامن، سينو فگار روءِ، پل روءِ پل روءِ

هن بيڪسيءَ ۾ اي دل ٿيءُ ڪين نا اُميد،
مرندي گهڙيءَ ملي‌من ديدار يار روءِ- پل روءِ پل روءِ

هي درد دل دکايل جنهن کان نصيب ٿيو،
ماهن سيم‌تن سجڻ تان گهوري هزار روءِ، پل روءِ پل روءِ

ڪُوڙو اقرار

ڪري اقرار الفت جو اي سهڻا! عام محفل ۾،
لائي ڇو نٿو پاڙين پرين انجام محفل ۾!

ڏني مون دل ڪڏهن توکي رڳو هڪڙي اشاري تي،
مگر مونکي ڪرين ٿو روز شب ناڪام محفل ۾.

نگاهون شوخ پهرن ٿيون جڏهن جامون اَدائن جو،
ڏهن ٿو بي خوديءَ ۾ ٿي وڃان بدنام محفل ۾.

ھندم گوڙهن جي وهندڙ نهر ۾ خود وهنجي ٿو ڪوثر،
ڇي ٿو بي ڪسيءَ منهنجيءَ تي اَڄ ماتام محفل ۾.

لي وئي دل رقيبن جي دڪايل آتشِ غم کان،
ڏهن ساقي! ڏنو پلجي تو مونکي جام محفل ۾.

منهنجي لءِ آهه ڏکي تنهنجي جدائي سهڻا،
هڪڙو پيرو نه اچي ڪر ڪا پلائي سهڻا،
آهين مونکي تون فقط ياد سدائي سهڻا،
مون نڀايو تو مگر ڪانه نڀائي سهڻا!
ڏس دڪايل ڏي رکيو، پين ڏي نهارين ڇو ٿو،
لڪي لڪي غير جي گهر رات گذارين ڇو ٿو؟

تنهنجي ڪري

ال مون اهڙا بڻايا بي وفا تنهنجي ڪري،
سڻم هرڪا مصيبت مهلڪا تنهنجي ڪري.

ل پاڻي پنهنجن ڪان مون توڪي فقط پنهنجو ڪيو،
چيم خوش رنگ دنيا کي وداع تنهنجي ڪري.

ڪن چيو آهي چريو ۽ ڪن جنوني ٿئي سڏيو،
پ سڻا ٿئي ويڻ مون، جي جي وريا تنهنجي ڪري.

وهه ڏاران جي ڏِنا تو دلربا مسڪين کي،
وُرسي ساڻيم سڄڻ! سؤ سؤ دفعا تنهنجي ڪري.

هه اُلفت ۾ دکايل جي چٿيا ڪندا رقيب،
ي چُپايم جان پنهنجيءَ ۾ مٺا! تنهنجي ڪري.

اِنڪار جو آزار

اِقرار ڪري يار چو اِنڪار ڪرين ٿو،
پيدا هي نئين سر نئون آزار ڪرين ٿو!

فرقت ۾ سندءِ محب ٿو شب روز گذاريان،
منهنجو نہ ڪڏهن پلجي تون ويچار ڪرين ٿو.

رغبت ٿو رکين ٻين سان؛ مگر مون سان بهانا!
افسوس رقيبن کي رکيو پيار ڪرين ٿو.

ٻين سان تہ دڪايل ٿو ڪرين روز رهاڻيون،
مون سان نہ محبت جو ڪو اظهار ڪرين ٿو!

دل جلائي ڇا ڪندين؟

جان اي جانا جدائيءَ ۾ جلائي ڇا ڪندين؟
منتظر دل کي اچا ايذو رلائي ڇا ڪندين!

روح ڪان خالي نہ آهي انتظاريءَ جي گهڙي،
بيقراريءَ جا ڏئي صدما ستائي ڇا ڪندين.

تنهنجي اک جو هڪ اشارو ئي پيام موت آهہ،
ناز جي تلوار تيزيءَ سان نچائي ڇا ڪندين.

زندگيءَ ۾ ڪين سنيہران وصل جي ڪا رات مان،
درد فرقت ۾ سڪايل کي سڪائي ڇا ڪندين؟

دل دکايل ۾ رکيو ارمان رهجي ٿو وڃي،
بعد مرڻي لاش تي ايندين الائي ڇا ڪندين.

نقاب هٽايو

دلبر هٽايو نقاب، نقاب، نقاب اي جانا!
عاشق سان ڪهڙو حجاب، حجاب،حجاب اي جانا!

دل ٿي تو ريءَ تڙڦي دلبر!
ڪرڪو اقرار اي سهڻا! ڏي ڪو ديدار اي سهڻا
بي - جا هي ناز جناب،
وصل ڏي يار شتاب، شتاب، شتاب اي جانا!

تون ميءِ حسن جو هڪ جام پيري ڏي ساقي؛
ڏي دکايل کي، مگر پِر نہ ڪري ڏي ساقي!

محب مارڻ جي ڪرڪا مون سان،
تير نظر جو گهايل - دلبر هي آهہ دکايل،
هردم هي ڪين شباب.
بِرهہ ڪيو بي تاب، بي تاب، بي تاب اي جانا!
دلبر! هٽايو نقاب....

زوريءَ تو ڪسي دل ڪٽي دلدار ڏني مون،
ليڪن نہ خوشيءَ سان هٿي منٺار ڏني مون.
حيلو نہ هليو هاء ڪو، لاچار ڏني مون،
انڪار ڪريان ڪهڙو مان، سرڪار ڏني مون،
دل ڏيڻ جي اِئين ڏوهہ آ سؤ وار سزا ڏي،
تون ڪجهہ تہ پلا ڏينم سڄڻ ڪجهہ تہ پلا ڏي.

آخر مون چيس روئي سڄڻ ڪي تہ پلا ڏي،
خيرات پرئي گنج مان ڪجهہ نام خدا ڏي،
ڪافي ٿيو سمو سوُر ڪي دلدار دوا ڏي.
هن برهہ جي بيمار کي هڪوار شفا ڏي،
دلدار وٺي دل نہ ڏکايل کي دغا ڏي،
تون ڪجهہ تہ پلا ڏينم سڄڻ ڪجهہ تہ پلا ڏي.

ڪجهه ته پلا ڏينم

تون ڪجهه ته پلا ڏينم سڄڻ! ڪجهه ته پلا ڏي،
توں ڪجهه ته پلا ڏينم سڄڻ ڪجهه ته پلا ڏي.

ڪنهن ڏينهن ٿيو گذر اوچتي دلدار جي در ڪان،
دل کي مون لڪايو ڪٿي دلبر جي نظر ڪان،
واقف نه اگي هوس انهيءَ زور و زبر ڪان،
دل تڙقي اُٿي عشق جي آنُهن جي اثر ڪان.
هڪ آهَ ڪري مون چيو ”الله پناهه ڏي!“
توں ڪجهه ته پلا ڏينم سڄڻ ڪجهه ته پلا ڏي.

اُف دانهن جي آواز تي در بند ڪيائين،
هڪ چِرڪ پِري بي خطا پردي کي ڇڪيائين،
مِنٿن سان پلؤ ڪين ڪٿي ڪين ڪنيائين،
وچ! شوخ نگاهن سان چڙي نيٺ چيائين،
دل ڏيئي هٿن سان ته ڏي ڏوهه قضا ڏي،
توں ڪجهه ته پلا ڏينم سڄڻ ڪجهه ته پلا ڏي.

وصل جو ارمان

شعر:-

چو اجايو ٿو جراحن جي هٿان ڏيارين عذاب؛
مرض ۾ ايندو دوا سان ڪين هَڏ ڦيرو جناب!
تنهنجي ئي هٿ ۾ رکيو آهِ دِلَ دڪايل جو علاج،
يا مسيحا ٿيءُ دلبر! يا تہ ڏي هڪڙو جواب.

نہ سر ۾ هوش آ منهنجي نہ تَنَ ۾ جان باقي آهہ،
مگر هان، دل ۾ تنهنجي وصل جو ارمان باقي آهہ.

سندءِ ترڇي نظر سهڻا رسايا زخم سيني ۾،
ملڻ ميلاپ جو مون لءِ رهيل درمان باقي آهہ.

جدائيءِ جي گهڙي هرڪا اي سهڻا ٿي ورهيہ گذري،
ملڻ جي ڪر، اِهو تنهنجو رهيل احسان باقي آهہ.

دنيا جي بي بقائيءَ تي ڪرڻ بانور اجايو ٿي،
دکايل حسن جو چند گهڙي مهمان باقي آهہ.

بي خطا نہ مار

شعر:-

خيال يار ۾ سمجھو ٿئي مون مجاز نہ آھہ،
مگر مجاز سوا موج برقِ ناز نہ آھہ،
زبانِ حسن جو قاصد ڪان ھي پڌم مصرع،
نيازَ تنھنجي جو خواھان بي نياز نہ آھہ!

بي خطا سھڻا نہ ڪنھن کي مار تون،
اچ، اچي ڏس! منھنجي حالت زار تون.

بسترِي تان موت جي پيو جي اُٿان؛
لعد تي ھارين جي آنسوُ چار تون!

بي وفا توکي سڏن جي عام ٿا،
باوفا تنکي بڻي ڏيکار تون.

دل دکايل جا ڏنھان دکندا ڏسي،
ھاءِ پيھر ڪين ٿوکي پار تون.

اکڙين جو تاب

عر :-

دانهن منهنجيءَ ڏي نہ ٿو ڪو ڏيان ڏين؛
پر نٿون هر روز ٿـو خفخان ڏيـن!

تنهنجي اکين جو تاب سهاري نٿو سگهان،
دلدار دوبدو ٿي نهاري نٿو سگهان.

مان بي ڪنار بحر وهايان ٿو هجر ۾،
ليڪن هنجون بہ تو اڳيان هاري نٿو سگهان.

ٿي ٿا وڃن سمي سان زماني جا غم غلط،
ليڪن شب فراق وساري نٿو سگهان.

ماهر هو دل وڏڻ ۾ دڪايل اڳي، مگر؛
اڄ ڪنهن حسين کي مان ڏتاري نٿوسگهان.

ڏسان ته سهين!

شعر:-

اجا ڪيسين اُجاڙي دل، غريبن کي ستائيندين،
وڇوڙي ۾ تون عاشق کي ڀلا ڪيسين رلائيندين،
چيائين ڇا اجا بڪوات هيءَ مونکي ٻڌائيندين،
دڪايل! لاڙڪاڻي کان ڪڏهن تون موڪلائيندين؟

دلبر ڏسان ته ڪيسين جورو جفا ڪرين ٿو،
جا دل ڏني مون توکي تنهن دل سان ڇا ڪرين ٿو؟

مونکي رکو رکين ٿـو ناڪام آسرن ۾،
ٻين سان ته روز سهڻا! وعدي وفا ڪرين ٿو.

منهنجي وفا جي عيوض تو ڇا ڏنو اي ظالم!
محفل ۾ غير جي خود منهنجي گلا ڪرين ٿو.

دل جو وڻـڻ دڪايل! آهي ڏکيـو چيائين،
هو ٻي گلا ڪري ٿو، تون ٻي خفا ڪرين ٿو.

منهنجي هر عرض تي هروار تو ڪن ٽار ڪئي،
توئي دل سخت ڪلاميءَ سان ٺڪر چار ڪئي،
تو حياتي منهنجي خوش باش مان بيزار ڪئي،
تو ڪڏهن مونتي نظر رحم نہ سرڪار ڪئي،
ڏارين نفرت جي ٿو مونکان؛ توکي نفرت جو قسم،
منهنجي خوابيده محبت کي جڳائين ڇو ٿو.

مون چيو- آهيان مٿا توتي مثل پروانو،
تنهنجي محبت سندو مشتاق مثل مستانو،
تو غصي سان ٺٺي چيو- آهين نہ ڪو ديوانو،
ڇا دڪايل! تو آ گهر سمجهو يا پاڳل خانو،
منهنجي رودن جي ڪڏهن تو نٿي پرواه ڪئي،
اڄ منهنجي ياد ۾ تون آنسوُ وهائين ڇو ٿو؟

وساريل افسانو

مون وساريو وري افسانو ٻڌائين ڇو ٿو،
تار تاوار کي تيزيءَ سان نچائين ڇو ٿو.

مون چيو- سهڻا سڄڻ! شور شمع ۾ ڇا جو،
رهيو خاموش مدت کان سو وڃي ٿو باجو،
رهڻ توکان ٿئي گهريو ڪين ڪڏهن مون آجو،
اڄ ڪيپي ڪين مگر تنهنجي ڏکن جو ڏاجو،
منهنجي ڪوشش ٿي رهي توکي فراموش ڪريان،
پاڻ هر وار اچي ياد ڏيارين ڇو ٿو؟

مون چيو- منهنجي ڪڏهن وصل جو وارو ايندو،
تو چيو تنهنجو گذر رنج و الم ۾ ٿيندو،
جاڻ اهڙي نه رهي درد ۾ دلبر نيندو،
سوز سوُرن جو نه جانم نه ستمگر ڏيندو،
ساز دل آهه ٿُنو تارَ محبت آ خموش،
جا اُجهامي سا وري آگ لڳائين ڇو ٿو؟

مايوس دل

مدت کان بعد آيو جلائڻ جي واسطي،
مايوس دل ۾ آگ لڳائڻ جي واسطي.

پيدا ڪري رقيب سان سهڻو شناس خاص،
آيو هو پاڻ مونکي ٻڌائڻ جي واسطي!

ٻانهون وجهي ڳلي ۾ ٻئي جي؛ غضب ڏسو!
آيو ٿئي ڪيس مون سان ملائڻ جي واسطي.

هن بي وفا جي ذات کان مولاءِ امان ڏي،
آيو هو مفت دل کي دکائڻ جي واسطي.

آخر چڙي هوُ شوخ دکايل چئي ويو،
لائق نون آهين نوڪرون ڪائڻ جي واسطي.

هوُ رئندو رهيو!

شعر:-

حال مون هيٺان بڻايا بي وفا تنهنجي ڪري،
ٿو سهان هرڪا مصيبت مهلڪا تنهنجي ڪري،
ڪن چيو آهي چريو ۽ ڪن ٿئي سودائي سڏيو،
سڀ سهان ٿو وين مان جي جي وريا تنهنجي ڪري.

منهنجي دردن جا ٻڌي هو داستان، رئندو رهيو،
پنهنجي ظالمن جا سڻي ظالم بيان، رئندو رهيو.

عشق مجنونءَ جا قصا اڪثر پراڻا ٿي ويا،
مون ۾ سؤدا جا ڏسي سهڻو نشان، رئندو رهيو.

ٿي پشيمان يار وارن جو وڌو رُخ تي نقاب،
منهن لڪائيندو حجابان، مهربان، رئندو رهيو.

حسن خوبان، ماهه تابان کي ڏسي قربائنو،
دور ٿي ويا دل دڪايل جا گمان، رئندو رهيو.

ياد پيا ٻهريان زمانا

تنهنجي الفت جا ٻرين ٻهريان زمانا ياد پيا،
ياد پيا بلبل جا سي خوشدل ترانا ياد پيا.

اڄ رڳو هڪ جام عيوض ٿوا کيون ڳاڙهيون ڪرين،
پر پياريءَ جي اڳي پئمانہ جانا ياد پيا.

تو رقيب روسيہ کي عذر ٿي جيڪي ڏنا،
اڄ اُهي ساڳيا وري مون لءِ بهانا ياد پيا!

بيوفا جي عشق ۾ بي خود دکايل کي ڏسي،
ڪوهہ ڪن فرهاد پارا ٿئي ديوانا ياد پيا.

بي لحاظ سڄڻ

مون رکيو سهٽي جو هر بات ۾ هر بار لحاظ،
پر نہ سنيہران جو ڪڏهن منهنجو رکيو يار لحاظ.

ڏينهن ڏکندي ٿو لنگهي، رات گذاريان رئندي،
عمر ساريءَ ۾ سِکيو ڪين ستمگار لحاظ!

جلد بازي نہ ڪجي دل جي ڏيڻ ۾ ايڏي،
دل وٺي جي نہ رکي ٿو ڪوئي دلدار لحاظ.

فتنہ سازيءَ کان رهيٺو نہ ڪڏهن باز رقيب،
ناهہ گُلَ ۾ جي مروت، ڇو رکي خار لحاظ.

سخت دل آهہ دکايل سان ستمگر، ليڪن،
غير جو ٿو رکي هو بيوفا سؤ بار لحاظ.

او ساقي!

ساقي پري ڏي شراب بهار آئي!
ٿيو شروع دؤر نئون عشق جي افساني جو،
کوليو دروازو جڏهن ساقي تو مئخاني جو،
چؤطرف رنگ ڄميو ڇلڪندي پئماني جو،
جنهن کان سالم نہ رهيو هوش ڪنهن مستاني جو،
ساقي پري ڏي شراب بهار آئي.

ٻين هزارن کي ڇڏي تنهنجو ٿيڻ آيس مان،
دل ڪيڏي سيني منجهان توکي ڏيڻ آيس مان،
تنهنجي در تي مري هڪوار جيئڻ آيس مان،
ميءِ محبت رڳو عيوض ۾ پيڻ آيس مان،
ساقي پري ڏي شراب بهار آئي.

روبرو منهنجي رقيبن کي وهاري وينئين،
دل حريفن جي هوشياريءَ تي تون هاري وينئين،
جام تي جام پرين ٻين کي پياري وينئين،
رڳو دلدار دکايل کي وساري وينئين!
ساقي پري ڏي شراب بهار آئي.

دور ڪر حجاب جو پردو

دور ٿئي جي حجاب جو پردو،
منهن مٿان تان نقاب جو پردو.

رخ تان دلبر پري جي زلف ڪري،
چاڪ ٿئي آفتاب جو پردو.

بوچ بوتل جو کول اي ساقي!
چڏ هٽائي شراب جو پردو.

دل دکايل ٿي ڪيسين رهندو اچا،
مهه‌لقا هي عتاب جو پردو؟

ساقي ڀري ڏي جام

جام ڀري، جام ڀري، ڏي جام ڀري،
پُر ته ڪري، پُر ته ڪري ڏي پُر ته ڪري.

آهه شيشي ۾ نِهان راز حقيقت ساقي،
تنهنجا شيدائي ٿا ڪن تنهنجي زيارت ساقي،
تنهنجي مشهور زماني ۾ سخاوت ساقي،
تون رهين ۽ تنهنجو مئخانو سلامت ساقي!
ڏي جام ڀري....

مست رِندن کي ڪري ساڻ ڪا محفل ڪر تون،
هوش وارن کي به مدهوش ۽ غافل ڪر تون
جام زاهد کي ڏئي جام جو قائل ڪر تون،
ٿو رهي دور جو توکان تنهنکي شامل ڪر تون،
ڏي جام ڀري....

شاد اي ساقي! هميشه تنهنجو مئخانو هجي،
جام تي جام ۽ پئماني تي پئمانو هجي،
مست مخمور رهي پنهنجو يا بيگانو هجي،
پلٽ پلٽان ٿئي دکايل جيسين ديوانو هجي،
ڏي جام ڀري....

دلبر جي بي رخي

شعر:-

ڪلهوڪي خاص محفل ۾ اگي ڪان دور ٿي وياسين،
رڳو تنهنجي رُکي رخ ڪان سڄڻ رنجور ٿي وياسين.
تڏهن دلبر چيو- پل چؤ دڪايل! پنهنجي قسمت ڪي؛
اسان ٻين جي نگاهن ۾ هينئر منظور ٿي وياسين.

محفل ۾ مون نه سمجهو منٺار جو اِشارو،
مونکي هو ياد پهريون دلدار جو اشارو.

قسمت ۾ غير جي هو حاصل وصال، شايد!
نادار کان مٿي ٿيو زردار جو اِشارو.

آزي گهٽي ڪئي مون پيرا گهڻا پريا مون،
افسوس، پر نه آيو اقرار جو اِشارو.

دلبر جي بي رخيءَ کان گهائل ٿي دل دکايل،
نشتر کان تيز نڪتو اِنڪار جو اِشارو.

بي نياز يار

وٺي دل نہ باز آيو هو بي نياز،
ڏسو منهنجي سهڻي سڄڻ جو مجاز.

رقيبن سان ڳالهيون ڪري قرب جون،
رکيئو هُو مون ڪان مگر دل جو راز.

ٻُڌن جو لڳو عشق اهڙو اچي،
رهيو ياد جنهن ڪان نہ روزو نماز.

وڃي ڳُهنڊ مُنهن ۾ چيو بي وفا،
نندي ڪان ئي شايد هئين عشق باز.

ملڻ جو هُو آخر دلاسو ڏئي،
دکايل، هليو ويو سندم دلنواز.

خودِ نما دلبر

خوبرؤ! غيرن اڳيان هيءَ خود نمائي ڪين ڪر،
هي حريف آهن انهن سان اک اڙائي ڪين ڪر.

عاشقن ۾ اڄ اڳيون ڪونهي سچائيءَ جو رواج،
نانگ آهن تون اُنهن سان آشنائي ڪين ڪر.

تنهنجي واسينگن ڪان وِڌ وهه آهنن جي وات ۾،
تون اُنهن سان پيار جي ڀُلجي ڀلائي ڪين ڪر.

حسن جيسين آهه، تيسين ناز برداري ڪندا،
سونهن وئي سڀڪجهه ويو اهڙي ڪچائي ڪين ڪر.

ڪونهِ آ ناصح دڪايـل، پر حسينن جو غـلام،
هج ڀلي جگ سان ڏنگو مون سان ڏنگائي ڪين ڪر.

طبيب ڪونهي

بيمار هجر جو ڪو يارو طبيب ڪونهي،
مون جهڙو بيو دنيا ۾ ڪو ڪمنصيب ڪونهي.

سيني ۾ تڙق آهي ڪنهن غم نشان دل جي،
هن وقت دل وٺي جو اهڙو حبيب ڪونهي.

آتش ڪان ٿي جلي دل چپ ڏار خشڪ ٿي ويا،
هيڪر ڏي پياس لاهڻ اهڙو رقيب ڪونهي.

هن بيڪسيءَ ۾ همدم همراز ڪير ٿيندو،
اڄ درد و غم سوا ڪو منهنجي قريب ڪونهي.

تنهنجي هٿن ۾ آهي منهنجي شفا دڪايل!
مون جهڙو بيو دنيا ۾ بيڪس غريب ڪونهي.

بيِ قراريءَ جو علاج؟

ڪو اچي مونکي ڏَسي هن بيقراريءَ جو علاج،
رات واريءَ انتظاريءَ آهه زاريءَ جو علاج.

ٿيو بُتِ ڪافر جي آهيان عشق ۾ بدنام خوب،
آهه ڪو حاذق ٻڌائي اهڙي خواريءَ جو علاج.

جن ڇڏائڻ جي هَٿين ٿئي هام؛ ٿيا خود مبتلا!
واهه جو آيا ڪرڻ هن برهه باريءَ جو علاج.

عشق بازيءَ کان دڪايل باز ايندس ڪين، پر،
بيءَ طرح ڀل ڪو ڏسي هن انتظاريءَ جو علاج.

غمزده دل

غمزده دل تي ستم ايذو تون ايجاد نہ ڪر،
مونکي برباد ڪري غير کي آباد نہ ڪر.

آهَ تي آهَ ۽ فريـاد تي فرياد ڪيم،
خون ناحق منهنجي اُميد جو جلاد نہ ڪر.

آه ڇا ڪي ٿا چون، ڇا ڪي چون ٿا نالان؟
روبرو منهنجي ڇپائين- تہ ڪو فرياد نہ ڪر.

چشم گريانُ جي هِتي آهہ، هُتي سنگ جگر،
درد جي ڏانهن زيادهہ دل ناشاد نہ ڪر.

داستان غم جو ٻڌائين ٿو دڪايل ڪنهنڪي،
اهڙي بيدرد پڻيان زندگي برباد نہ ڪر.

مون کان نہ پڇو!

شعر:-

رات ڏينهن تنهنجو رقيبن جي بغل ۾ گذري،
منهنجي هرڪا گهڙي هت ياد ۾ تنهنجي نبري.
پهريون اقرار پرين تنهنجو ڀلا ڪيئن وسري،
ٿي سري تنهنجي سڄڻ! منهنجي مگر ڪين سري.

پڇو نہ مون کان زماني ۾ هاءِ ڇا آهيان،
اوهانجي عشق ۾ ظالم مان مبتلا آهيان.

ڏنو نہ راهہ محبت ۾ آسرو ڪنهن دل؛
دعا بغير اثر، درد لادوا آهيان.

دنيا ۾ ناهہ عزيزن مان ڪو رهيو باقي،
رفيقو خود مان هينئر جان مان خفا آهيان.

دلاسو ترت دکايل کي ڏي اچي دلبر،
سوا تو رنج و الم ۾ اي بي وفا آهيان.

زور آهي اڄ خريدارن جي پيڙ،
ٿي هزارن ۾ طلبگارن جي ڀيڙ،
اور ٿيندو ڇو نہ اڄ دلبر جو ناز،
ٿي وڏي درتي جڏهن يارن جي ڀيڙ،
دل هزارين تا ڪيڏي ڏين ري گهرئي.
درد جي ڪهڙي خبر بي درد کي.

بي وفا هر وقت ٿو طعنہ ڪري،
ڇا ڪريان منهنجي نٿي ساعت سري،
غير سان سهڻو رهي ٿو ساز باز،
پر رهي ٿو هو رڳو مون کان پري!
دل وٺي ڏاڍو ٻڏي ويهي رهي.
درد جي ڪهڙي خبر بي درد کي.

عشق سهڻن جا ٻڌي هي داستان،
تا حقيقت ٿي رسن دل جا گمان،
هيءَ ستم سازيءَ کان ايندا ڪين باز،
بس دکايل! بند ڪر قلم و زبان،
بي وفا جي ياد ۾ دل ٿي ڏکي،
درد جي ڪهڙي خبر بي درد کي.

ڪهڙي خبر بي درد کي

درد جي ڪهڙي خبر بي درد کي،
درد جي..............
مونکي هو رئندو ڏسي کلندو رهيو،
بي تڪلف غير سان ملندو رهيو،
منهنجي تڙپڻ ڏي نهارڻ کان سواءِ،
ٿهڪ ڏيئي بي خبر ٽلندو رهيو،
ڪيئن پٿر دل ۾ پلا ڪندو ڇپي،
درد جي ڪهڙي خبر بي درد کي.

سؤ نياپن سان نڪو مون وٽ اچي،
بي رخيءَ کان دل ٿي جڻ ڪامي پچي،
اڄ ڏسي سهڻي کي مون سان بي نياز،
ٿي رقيبن جي اچي بيگهي مچي،
دربدر مونکي ڏسي تو ٿهڪ ڏي.
درد جي ڪهڙي خبر بي درد کي.

هر زلف بٽيو ڪاڪل

خالي نہ ڪڏهن ويندو هي وار حسينن جو،
هر زلف بٽيو ڪاڪل خمدار حسينن جو.

مونکي نہ رڳو زخميو هن ترڇي نظر وارن،
اڄ آهہ زماني سان تڪرار حسينن جو.

هن حسن پرستيءَ کان هرڪو ٿو ڪري توبهہ،
مون سان نہ رڳو ناهي آزار حسينن جو.

وعدي ۾ وجهن ٿا ڪا ويرم نہ ڪڏهن، ليڪن؛
هڪ رات پڙيو ڪينهي اقرار حسينن جو.

ڏي دل نہ دڪايل تون، رهہ باز، خدا ڄاڻي،
ڪنهن سان نہ رهيو نيبهہ هي پيار حسينن جو.

عجب دستور

اڄ رکيو واھ جو دستور ستمگر سهڻن،
دل وٺي پوءِ به خدا جي نٿا نالي ٿي پڇن!

رات ساري هو سندن زلف سِيَهَ جو سودا!
منهن منوّر کي ڏکيندي ڏيو سحر جو درشن.

آھ سهڻن جي چپن کي نه مِسيءَ جو کو ضرور،
تو جهڪو جهيڻو لڳي جن جي اڳيان لعلِ يمن.

چنڊ منهنجي کي ڏسي چنڊ کي ويو داغ لڳي؛
شرمندو ٿيو ڏسي ڳل يار جي لالـي گلشن.

انتخاب آھ عجب تنهنجو دکايل لاشڪ،
جنهن ڏي هيڪر تو ڏٺو تنهنکي هزارين ٿا ڏسن.

دلدار جو رخ

ر:-

ڪر پري پرد و پرين! نور نظر، منهن تان نقاب،
برهه وارن سان مناسب ناهه دلبر هي حجاب،
جي غصو مسڪين تي آهي سجڻ ڪر درگذر،
ماهتابي منهن مثل مان مرڪ سان گهرجي جواب.

ڏٺو اڄ اؤر مون دلدار جو رخ،
الائي ڇو مٺيو منٺار جو رخ!

ڪئي قسمت سان جي مون ڪا تقاضا،
ته بس آئي قضا تڪرار جو رخ.

اسان سان ٿي شروع ساڳي عداوت،
ڦري ٿيو غير ڏي غمخوار جو رخ.

سَنو ڪيئن ٿئي پلا مون ڪان دڪايل!
رقيبن جي چپن تي يار جو رخ.

ڇا لکان؟

شعر :-

منهنجي لءِ هڪڙي گهڙيءَ جي ناهه ڪا فرصت جناب
پر رقيبن سان ملڻ لءِ وقت آهي بي حساب
دل دکايل جي دکائڻ ٿو سجڻ سمجهي ثواب
سوَ سنيهن جو ڏنو آخر نہ جنهن هڪڙو جواب

اي پکي! تنهنجي پرَن، تي جي اجازت ڏين لکان
پنهنجي سوزِ دل جو هِي کُهنو ۽ دردي داستان

نوڪ غم سان چيرجي ٿيو دل جو دامن چاڪ چاڪ
چاڪ ٿيو سينو، گريبان چاڪ ٿي چشما ڇنان
خون منهنجي حسرتن جو غير جي خاطر نہ ڪر
تون ئي چئُ هن دل پڳل جي دانهن ٻئي ڪنهن کي ڏيان

ويو وڌي هن بيڪسيءَ کان دل دکايل جو بخار
بي خطا جنهن کان پرين ٿو اوچتو روئي وهان

خدمت ۾ منظور ڪر

مونکي پنهنجي خدمت ۾ منظور ڪر،
دفع درد دل جو هي، غم دور ڪر.

سوا تنهنجي منهنجو ڏکيو ٿيو گذر،
نڪا ٿات تن جي نہ من جي خبر،
وساري ڇڏير پاڻ مون سر بسر،
رکيو تون ئي تون بس اچين ٿو نظر،
ڏئي جام محبت جو مخمور ڪر.
مونکي پنهنجي........

غرور آهہ تنهنجو اجايو جناب،
هميشہ رهڻ وارو ناهي شباب،
نہ رهندو جمال ۽ نہ صورت جو تاب،
ستائڻ بيڪس کي ڏاڍو خراب.
شرف وصل جو ڏيئي مشڪور ڪر.
مونکي پنهنجي.........

مونکي ياد نہ آهہ

مون ڪيو ڪنهن سان ڪو اقرار،
مونکي ياد نہ آهہ.
درد فرقت جو ڪو بيمار،
مونکي ياد نہ آهہ.

پيار جي رات گذاري مون،
ڪڏهن ڪنهن سان، غلط،
مون ڪيو ڪنهنکي ڪڏهن پيار،
مونکي ياد نہ آهہ.

درد ۾ منهنجي ڪڏهن،
ٿيو ڪو دکايل، افسوس،
اهڙو همدرد ۽ غمخوار،
مونکي ياد نہ آهہ.

ڪيڏن ايندو دلدار

منهن ڏسڻ کان آهه جو بيزار اڄ،
ڪيڏن اسان وٽ ايندو سو دلدار اڄ.

تير فرقت سان ڪري گهايل صنم،
دل دکايل کي ڪيو بيمار اڄ.

درد دل کان جي ڪريانئو آهه ڪا،
ٿو مزي سان تهڪ ڏي منٺار اڄ!

زخم دل کولي چيم ثاني مسيح!
مهربانيءَ جي اٿم درڪار اڄ.

اي دکايل! دلربا آخر چيو،
وچ ماڻ کان آهيان مان لاچار اڄ.

نرالي ڏسي تنهنجي ناز و ادا،
ڪٿي پيٽ مون توکي دل دلربا!
ڏني موٽ ۾ تو چڱي مرحبا،
هينئر مون ۾ شايد ڏٺيءَ ڪا خطا؟
شروع يا نہ اهڙو نہ دستور ڪر.
مونکي پنهنجي.....

مُنجهائي ڇڏي آهہ دل غم گهٽي،
ڏکيو بار هي ڪير دلبر ڪٽي،
جيئڻ تو وڇوڙي جو توکي وٽي،
مگر مان گذاريان تو پل پل ڳٽي.
دکايل کي ناحق نہ رنجور ڪر.
مونکي پنهنجي....

پڱل دل

ڏي دلاسو دل پڱل کي دلربا ديدار سان،
يا ٽه موڙکي وڃ ڪُهي انڪار جي ٽلوار سان.

آ ٽمنّا آستاني پاڪ تي پهچان، مگر،
لاڏلا! همدرد ڪونهي بي پَر و لاچار سان.

ڇا اِها الفت اوهان وٽ، ڇا اِهو انصاف آهه؟
قياس ڪر، پردو نهي ٿو، برهه جي بيمار سان!

شاهه خوبانؔ وٽ دڪايل! بي اثر فرياد ٿيو،
ٿمّي ڇپائين ڪيئن ڪندس گفتار ڪنهن نادار سان.

وڃي پاڻ ڇاڻو

اسان ٻانڌ ڪٽيسبين وڃي پاڻ ڇاڻو،
ڇڏي شهر وڃبو ٿيڻ ڏيو سياڻو.

اهي تاب سُهڻا! سَهڻِ ڪان مٿي ٿيا،
جتي ناهہ الفت سو ٻن پيو نِڪاڻو.

مجال آ ڪيان جي ڪٿي ٻاڦ ٻاهر،
ڪريو بخش ۽ ننگ پنهنجو سڃاڻو.

دکايل سان ايڏي نہ ڪاوڙ جڳائي،
اڳيئي دکن جو ڪيو آهہ ساڻو.

پهرينءَ نظر ۾ وئي

دل وئي، دل وئي، دل وئي، دل وئي.

ڏسڻ سان ئي پهرين نظر ۾ وئي،
فقط پيار واري اکر ۾ وئي،
ڏسي وئسي خوف و خطر ۾ وئي.
وئي دل وئي دل وئي دل..............

جڏهن توتي هيءَ منهنجي دل آئي يار!
سڏيو تنهنجي تڏهن عام، سودائي يار!
ڪئين تنهنجي خاطر مون رُسوائي يار!
وئي دل وئي دل وئي دل..............

صبح شام سهڻا رهين تو خفا،
سهڻ ڪان مٿي هيءَ ستمگر جفا،
ڪٿي ڪين مون سان تو وعدي وفا.
وئي دل وئي دل وئي دل..............

نظر جو هٽي تير گهائل ڪيو،
ڪيو زخم سيني ۾ قاتل ڪيو،
نہ اُف تڪ دڪايل! مگر دل ڪيو.
وئي دل وئي دل وئي دل..............

عجيب مجاز

خبر ناهي نہ اڄ ڪلهہ ٿيو مجاز يار ۾ ڇاهي،
الاجي هن ڏٺو هر هر انهيءَ انڪار ۾ ڇاهي!

ڪڏهن پاڄي ڪيم جي وصل جو ڪو عرض سهڻي کي،
تہ مشڪي پئي پڇيائين: پر پلوءَ دستار ۾ ڇاهي؟

طلب جي مون ڪئي ڪا پيار جي هُنَ ڪان، تہ بگڙي ويو،
”خدا ڄاڻي ڏٺو منهنجي تو هن رخسار ۾ ڇاهي.

نہ زر آهي نہ گهر آهي، نڪو ساٿي سڄڻ آهي.
لٽايم دل سان گڏ دولت هيئڙ نادار ۾ ڇاهي؟

جدائيءَ ۾ دکايل زخم دل ناسور ٿي پوندا،
ڪرم جي ڪر نظر جانب رکيو تڪرار ۾ ڇاهي!

يار ڦري اغيار ٻڻيو

وڻي دل جو سندم دلدار ٻڻيو،
اُهو يار ڦري آزار ٻڻيو.

ڀِريون پيار ڏئي دل قيد ڪري،
ڪيو پوءِ سڄڻ چني ڀاڻ پري،
ڏسي هيڏيون ڏنگايون ٿو ڏيل ڏرئي،
گل ڪالهہ جو هو، اڄ خار ٻڻيو.

جيڪي وعدا ڪيءِ سي نہ پاڙ اچي،
ڪر محب مُنيءَ سان ڪا ماڙ اچي،
ڏس ڏکن ڪئي ڪيڏي جاڙ اچي،
جنهن ڪان آهہ جيئڻ لاچار ٻڻيو.

وڄي دانهن دکايل ڪنهن کي ڏيان،
ڪو نہ منصف ٿئي، آءٌ ڪنهن جو ٿيان،
ڀلا فرقت ۾ اچا ڪيڏو جيان؟
خود يار نہ جي غمخوار ٻڻيو.

او دلربا!

دلربا، دلربا، دلربا، دلربا! ٠٠

جڏهن کان تو مونکي وساري ڇڏيو،
هٿي پاڻ پنهنجو مون ڳاري ڇڏيو،
مگر تو نه جيئري ئي ماري ڇڏيو.
دلربا، دلربا..................

سڄڻ منهنجو ناهي ذرا پي قصور،
سڙيءَ کي اَجايو ڏنو تو هي سُور،
مگر ڏوهه قسمت جو آهي ضرور.
دلربا، دلربا..................

نه ڏس عيب منهنجا خطا بخش ڪر،
ڪيو جيڪي ساجن مون، ڪر درگذر،
مري مفت ويندس نه ايندين اگر!
دلربا، دلربا..................

ڪڏهن توکي مونتي ڪو آيو رحم؟
ڪسي دل جي راحت ڏنيءَ ڪيڏو غم؛
سوا تنهنجي کهڙو دکايل هي دم.
دلربا، دلربا..................

آگ اُجهائي وڃجانءِ

عر:-

مون خطا ڪهڙي ڪئي مونکي وساريو ڇو ٿي،
غم جدائيءَ جو ڏئي ايڏو رئاريو ڇو ٿي.
ويجهو ڪنهن ٻئي کي پرين پنهنجي وهاريو ڇو ٿي،
مونکي ڌاريو ڪري دلدار ڌڪاريو ڇو ٿي.

آگ سيني ۾ لڳي يار اُجهائي وڃجانءِ،
وصل جي آب سان هيڪر سا وسائي وڃجانءِ.

گرچ آ توکي رقيبن سندو آغوش پسند،
وچ پلي مونکي مگر ڪين ٻڌائي وڃجانءِ.

غير ڏي ويندي مٺان، توکي سڃاڻي نه وٺان،
تنهن کان پردي ۾ پرين پاڻ لڪائي وڃجانءِ.

دل جي بدلي ۾ دکايل کي کپي دل سهڻا!
يا نه واپس منهنجي دل مونکي ورائي وڃجانءِ.

نظر جو تير!

دُگانو

„ هي تير نظر آهه ڪافي صنم؛
پيو ناز و ادا جو وار نه ڪر.

„ ڪجهه سهڻ جو گر توکي آهه نه دم،
دل ڏيئي خطا هروار نه ڪر.

„ تنهنجي ترڇي نِگهہَ ڪيا ڪيڏا زخم،
وجهي زلف ۾ خم لاچار نه ڪر.

„ ڪيڏي دانهن ڪيءَ افسوس اٿم،
بدنام سرِ بازار نه ڪر.

„ منهنجي حال پريشان تي ڪرڪو رحم،
هٽي طعنه پرين تڪرار نه ڪر.

„ اهو آهه فقط تنهنجي دل جو وهم،
بڪوات ڪري بيزار نه ڪر.

„ مون ۾ تاب نه آهه تنهنجي سر جو قسم،
ايڏو ظلم روا سرڪار نه ڪر.

„ ڪونين چاڪي الائي تو ظلم و ستم،
ڏيئي دانهون دڪايل! خوار نه ڪر.

...فا جا واعدا ڀهريان پرين پنهنجا وسارين ٿو،
...راڻا ڀرت وارا پيچ پل پل ياد ڏيارين ٿو.
...قيبن کي بڌائي رازدانءُ ويجهو وهارين ٿو؛
...گر دلبر دکايل کي، کري ڏاريو ڏکارين ٿو.
...ي داد نه کر، بغداد نه کر،
...رباد نه کر، بيزار نه کر. اقرار کري......

اِنڪار نہ ڪر!

اِقرار ڪري اِنڪار نہ ڪر،
پرين پيدا ٿئون آزار نہ ڪر.

اِتي تون خوش رقيبن سان هتي تنهنجو ذڪر آهي
فقيرن کي سدائي بيوفا تنهنجو فڪر آهي
ڏسڻ ۾ تون نرم، تنهنجو مگر سينو پٿر آهي
جدائيءَ ۾ تون خوش سهڻا! هتي مون لءِ حشر آهي
تنهنجي ماه لقا، ڀرئين مهر و وفا،
ڪاٿي سخن سخا؟ ڪن ٿار نہ ڪر. اِقرار ڪري.....

هزارن مان مٺا توکي مڙين ڪان سرس ڄاڻياتئو
ڏئي پيغام تنهنجي لءِ گهڻا ڪانگا اُڏاياتئو
سڄڻ آءُ تنهنجي ويڙهي ۾ وڏائي واجهہ پاياتئو
ڏيايو ڪين تو، پر مان اڃا توسان نڀاياتئو
اچ قياس ڪري، ٻنڌي پير پري،
تو ريءَ ڪين سري، ڏکي ڏار نہ ڪر. اقرار ڪري.......

اچانڪ جو نظر اڙي!

توسان جو اچانڪ مون نظر يار اڙائي،
دل پنهنجي هٿن سان مون پرين پاڻ ڦرائي،
تصوير سندءِ منهنجي نگاهن ۾ سمائي،
هڪ ڇاپ سڄڻ تنهنجي مون سيني تي ڇپائي،
تنهن تي ٿو چوي-تنهنڪري محبت نہ ڪندس مان،
دستور ڪان زياده ڪا عنايت نہ ڪندس مان.

مون ڇا نہ لٽايو تو سڄڻ يار جي صدقي،
شيرين زبان، جادوءَ ڀري گفتار جي صدقي،
مرڪي ٿو پڇي ناز سان "پيار جي صدقي؟
زردار ڇڏي مان اچان، نادار جي صدقي!
توسان نہ اِها خاص رعايت نہ ڪندس مان،
دستور ڪان زياده ڪا عنايت نہ ڪندس مان.

روز روز جي جدائي توبه

ٿي عبث جاني لڳي تنهنجي جدائي روز روز،
پيار عيوض آهه نفرت جي ادائي روز روز!

هونءَ تہ پيش سان وصل جون سهڻا ڪلي ڳالهيون ڪرين،
پر فقط مون سان ڪرين ٿو بي وفائي روز روز.

پنهنجي ڪمزوريءَ تي روئي ٿو اکيون آليون ڪريان،
جي پوي ٿي ياد تنهنجي دلربائي روز روز.

خشڪ ٿي ويو تنهنجي رنجش ڪان دڪايل دل جو خون؛
آگ ڪا اهڙي ستمگر تو لڳائي روز روز.

ڪا واعدي وفا ڪر

ڪا واعدي وفا ڪر پرين ڪا واعدي وفا ڪر!
ڪا واعدي وفا ڪر الاّ ڪا واعدي وفا ڪر.

سهڻا جي هجين ها ذرا هن سور ڪان واقف،
هن سوزِ جگر، عشق جي ناسور ڪان واقف.
ڪنهن حوُر جي بي‌تاب ڪندڙ گهوُر ڪان واقف،
دل ڏيڻ ۽ وٺڻ جي سچي دستور ڪان واقف.
اهڙي نہ ڪرين هان ڪا خطا، قرب آدا ڪر،
ڪا واعدي وفا ڪر پرين ڪا واعدي وفا ڪر.

روئي مون چيو من اچين ڪنهن ڪم جي بهاني،
همدرد جي خاطر پرين، بي دم جي بهاني.
مجروح جي صدقي ڪڏي مرهم جي بهاني،
ماري رکيو ليڪن مُنکي ظالم جي بهاني.
”چا جاڙان علاجن مان طبابت نہ ڪندس مان،
دستورڪان زيادهہ ڪا عنايت نہ ڪندس مان.

آخر مون چيو يا نہ پرين وعدي وفا ڪر،
يا روبرو هيڪر اچي هيءَ ڳالهہ صفا ڪر،
جانب نہ غريبن تي روا جورو جفا ڪر،
تڏهن ٿو چوي ”وڃ هليو مونکي نہ خفا ڪر!
ڪو بحث دکايل اِن بابت نہ ڪندس مان،
دستورڪان زيادهہ ڪا عنايت نہ ڪندس مان.

بي خطا نہ مار

بي خطا سهڻا نہ ڪنهن کي مار تون،
اڄ اچي ڏس منهنجي حالت زار تون.

بستري تان موت جي پيءِ جي اُٿان؛
لحد تي هارين جي آنسو چار تون!

بي وفا تـوکي سڏن جـــي عام ٿا،
با وفا تـن کي بـڻيءِ ڏيکـار تون.

دل دکايل جا دونهان دکندا بہ ڏس،
خود بري ويندي نہ توکي بار تون!

هڪڙو نه وني دل ٿو سڄڻ يار وسارين،
اقرار ڪري ڀورين پرين! پوءِ ٿو نٿو پاڙين،
مونکي ٿو دلاسن تي سچو ڏينهن وهارين؛
هوڏانهن ٿي رقيبن سان بغلگير گذارين!
نازل نه سڄڻ سر تي ائين قهر و بلا ڪر،
ڪا واعدي وفا ڪر پرين ڪا واعدي وفا ڪر.

ڏاڍي ٿي ڏکي گذري سڄڻ! رات ڏکن جي،
سورن جي صبح لءِ پڳي پرڀات ڏکن جي.
اهڙي ڪا دکايل ڪي ڏنيءَ ڏات ڏکن جي،
هر طرف نظر ٿي اچي هر بات ڏکن جي.
ايذي نه ستمگر! تون روا جورو جفا ڪر،
ڪا واعدي وفا ڪر پرين ڪا واعدي وفا ڪر.

قول پاڙجانءِ

قول جي جيئري نہ پاڙيءِ سي مُئي تون پاڙجانءِ،
منهنجي مرقد تي اچي ڪي چار ڳوڙها ڳاڙجانءِ.

ساڪ تي آيس لڱهي مان نيهن لائڻ واسطي،
پرت وارا پيچ پختا توسان پائڻ واسطي،
دل جي پونجي تنهنجي قدمن ۾ لٽائڻ واسطي،
هڪ ڏنو بيڪار قسمت آزمائڻ واسطي.
مون چيو سڀ ڪجهہ وٺي سهڻا نہ دل آزارجانءِ،
قول جي جيئري نہ پاڙيءِ سي مئي تون پاڙجانءِ.

غم سان ٿار دل

بيڪسيءَ ۾ آهه غم سان ٿار دل،
آهه مشڪل ۾ نه ڪا غمخوار دل.

بار آهي هجر واري زندگي،
بس جيئڻ کان آهه اڄ بيزار دل.

زخم دل آخر ٿـري ناسور ٿيا،
ڪابه مرهم آ هيئنڙر بي ڪار دل.

درد فـرقت ۾ فقط دمساز آهه،
بيو دکايل ناهه ڪوئي يار دل.

تنهنجي در تي صدا

تنهنجي در تي صدا،
سڻ نام خدا،
ڪر قرب ادا،
تنهنجي در تي صدا.
فرقت ۾ تنهنجي جانا،
حال برا ٿيا،
خيال خطا ٿيا،
وصل عطا ڪر، وصل عطا!
تنهنجي در تي صدا.
دل ٿي وڌا تو دلبر!
دام زلف جا،
ناز و ادا جا،
دست حنا جا دست حنا.
تنهنجي در تي صدا.
درد دکايل دل ۾،
دُود دکايا،
مچ مچايا.
ماهه لقا اچ، ماهه لقا،
تنهنجي در تي صدا.

دل وٺي سهڻا نباهڻ جو ڪيءِ جو واعدو،
ڪين تو پاڙيو ڪڏهن پاڻجي سو پنهنجو واعدو،
مون ڪان اڄ وسري نٿو دلبر سو تنهنجو واعدو،
جيسين جيئرو آهيان، تيسين ياد رهندو واعدو،
آسرا سڪڻا ڏئي ناحق نه ڪنهن کي مارجانءِ،
قول جي جيئري نه پاڙيءِ سي مئي تون پاڙجانءِ.

مون چيو ڪنهن کان سِکئين هي بي وفائيءَ جو سبق،
دل جلائڻ جو سبق جورو جفائيءَ جو سبق.
دل ڏڌارڻ ۽ سڄڻ ايذي صفائيءَ جو سبق؛
روز پيدا ڪرڻ ڪنهن سان آشنائيءَ جو سبق.
دل دکايل آ اڳي ٻيهر نه ساڙي ٻارجانءِ،
قول جي جيئري نه پاڙيءِ سي مئي تون پاڙجانءِ.

چار نگاهون

توسان ٿيون جڏهن منهنجون ملي چار نگاهون،
سيني جي سڄڻ ويئون لنگهي پار نگاهون،
محبت جي نشي ۾ تنهنجون سرشار نگاهون،
وسرن سي ڀلا ڪيئن مون ڪان مٺار نگاهون،
باري تو نئين سر وري؛ هيڪر جا وساڻي،
بڻي ڪنهن کي ٻڌايان پنهنجي دردن جي ڪهاڻي.

اوسيڙي جون راتيون نه ڪٽيون ڏينهن نه ڪاٽا،
ڏس! توکي نهاريندي ٿڪا نيڻ نماڻا،
سؤ عرض ڪيم ڪين مگر منهنجا اگهاڻا،
ڇا کون تو روا جاتو ڏمر آءٌ نه ڄاڻان،
هيءَ ٿيندي الائي ڪڏي سورن جي پڄاڻي،
بڻي ڪنهن کي ٻڌايان پنهنجي دردن جي ڪهاڻي.

يار ڪجي نه پڪو

ڀولهي پڪو يار ڪجي،
ڪجي منجهان ڪين ٿيندو،
ڀولهي پڪو يار ڪجي.

هجر جي رات سڄي تارا ڳڻيندي گذري،
دل جي سڌ ڪن سان سڄڻ توکي سڏيندي گذري،
انتظاريءَ ۾ سندءِ راهه تڪيندي گذري،
جا گهڙي گذري پرين آنهون پرينديءَ گذري.
ايڏو ڪين خوار ڪجي - ڪجي منجهان ......

مون ٿڻي سمجهيو رڳو مونکي تو منڻ پيار ڪرين،
تون سدا نيهن نڀائڻ جو تو اقرار ڪرين،
اڄ الائي ڇو اچڻ ڪان تو وري عار ڪرين،
واعدا روز ڪري روز تو انڪار ڪرين،
سخن سچار ڪجي - ڪجي منجهان ......

عشق تنهنجي ۾ دکايل کي ٿي رسوائي نصيب،
منهن چڙهي تو اچي طعنه هڻي منهن ڪارو رقيب،
جو پري ڪالهه هو، اڄ آهه سو اغيار قريب؛
بي وفا نڪتو جو هو با وفا ڪالهه تائين عجيب!
ڪهڙو اعتبار ڪجي - ڪجي منجهان ......

ويهه گوڏو گڏي

ڏکڻ جو ڏسڻ ڏي مسافر چڙي.
اچي کا گهڙي ويهه گـوڏو گڏي.

اِها ديـد دل جا سـاي پيد ٿي،
اشارن گنـگن سان سڏيو ٿي سڏي.

چوان هوند، ڏس! پر ٿو ماري حجاب،
رهي وچ کا ڪِنَ ئي جڏيءَ جي تڏي.

پرين! پيار سارو ٿي پوندو پڌرُ،
سڏي توکي وينيس جي واکي وڏي.

وجين ٿو پاي وچ، مگر ڪجهه ڏئي،
نه پيو ڪجهه جي ڏين ياد هڪڙي نه ڏي.

ماڻ جي اُميدن تـي دل جو محل،
دکايل! مان وهنديس عمر پر آڏي.

هر وقت ۽ هرجا ٿو ڪرين منهنجي شڪايت،
ليڪن ٿو رقيبن جي ڪرين خوب حمايت!
بين سان ٿي سڄڻ تنهنجي روا روز رعايت،
ليڪن ٿي رڳو بند اسان لاءِ عنايت!
بي تابيون منهنجي دل جون رڳو تون ئي ٿو ڄاڻين،
ٻئي ڪنهن کي ٻڌايان پنهنجي دردن جي ڪهاڻي.

دل توکي ڏنم منهنجي محبت جو قصور آهه،
محبت جو نه ليڪن سو طبيعت جو قصور آهه،
افسوس رڳو منهنجي سخاوت جو قصور آهه،
ٻئي ڪنهنکي چوان ڇو، منهنجي قسمت جو قصور آهه،
دل ڏيڻ نه دکايل منهنجي عادت آ پراڻي،
ٻئي ڪنهن کي ٻڌايان پنهنجي دردن جي ڪهاڻي.

ڀيو ڇا ڪپي؟

حسن وارن جي گهڙي صحبت ماي، ڀيو ڇا ڪپي،
دل گهرين جي دم سوا محبت ماي، ڀيو ڇا ڪپي؟

جن جي نيڻن جي خماري ٿي چڙهي چاڙهي نشو،
تن سان گڏ گهارڻ سندي ساعت ماي، ڀيو ڇا ڪپي.

جن جي چورڻ سان چڙي، دل جي دنيا ٿئي ٿي چڙي،
تن سدا سهڻن ڪان جي الفت ماي، ڀيو ڇا ڪپي.

جي رهڻ وارا نہ آهن ۽ رسائيءَ ڪان پري،
دل ڪي تن ڪان پاءِ پل راحت ماي، ڀيو ڇا ڪپي.

آس ٻي ڪا ڇو رکان هونءَ پيي مڻن ماڻهن منجهان؟
ديد ڪي ديدار جي دولت ماي، ڀيو ڇا ڪپي.

رنج ڏيڻ آهي سدا جن جي دڪايل! ريت ۾:
تن ماڻڪن ڪان جي ڪا مروت ماي، ڀيو ڇا ڪپي؟

ڇا چوان؟

ڪجهه هجي دل ۾ سڄڻ توکي چوان؛
دل جي مالڪ کان لڪائي ڇو رکان؟

خواهشون دل جون جڏهن ڏيئي ڇڏيم،
چاهه ٻي باقي پلا ڪا ڇو ڪريان!

تون اچين ٻي يا نه اچ منهنجي پڪي،
ڏوهه مان جيڪر ڪڏهن توکي نه ڏيان.

مان نه هڪ تنهنجي رکو تاريءَ پرين!
سرس مون کان پر سوين تنهنجي پنيان.

مهربانيءَ جي رهي مون تي نظر،
بس دکايل ٻيو نٿي توکان گهران.

ٿڌو پيار ٿي ويو!

ڏسڻ سان ئي هن جو ٿڌو پيار ٿي ويو،
الائي سبب ڪهڙو هي اسرار ٿي ويو.

رهي آسري ۾ زمانا گذاريم،
فقط رات خاطر ورهيه پڇَئي نهاريم،
مليو ئي نه پورو جدا يار ٿي ويو!
ڏسڻ سان ئي ....

مان سمجهان نٿي مون کان ڪهڙي خطا ٿي،
مصيبت جي ڇو سوار سر تي بلا ٿي؟
نه ويٺو نه بيٺو هو بيزار ٿي ويو!
ڏسڻ سان ئي ....

بي وفا جي لاءِ مرانٿي

بي وفا جي لاءِ مرانٿي ڇا ڪريان،
مفت ڳٽنين ۾ ڳرانٿي ڇا ڪريان؟

آس جو ڏرهو ڏئي هٿ سير جي؛
ڪنَ ٻڌانٿي ڪنَ ڏرانٿي ڇا ڪريان.

پيڪڙا هُنَ جا نه آهن پير ۾؛
پاڙهي آهيءَ اڙانٿي ڇا ڪريان.

ڏوهه ٻئي ڪنهنکي اجايو ڇو ڏيان؟
آگ فرقت ۾ سڙانٿي ڇا ڪريان.

بي مُدي ۽ بي هُدي جو غم ڪٽي،
ڏور پنڌ جاٽي ڏرانٿي ڇا ڪريان.

دل دکايل جو نه پيو ساٿي ڏسي،
درد ڏي ورور ورانٿي ڇا ڪريان؟

اکيون ته نه ڦير

مان ڏسان ۽ تون ڇڏين ڦيري اکيون،
نانگ زهريءَ جڻ ڏسون ڪائي ڪکيون!

ڇا ڪريان مجبور آهيان پيار ۾؛
مروتون تنهنجون نه مون ڀرين لکيون!

دل سندم ٽڪجي نٿي صدما سهي،
هُنَ سدا چوٽن تي پئي چوٽون چکيون.

ٿي چيو هر ڪنهن؛ ملڻ تنهنجو محال،
پر الائي مون اُميدون ڇو رکيون؟

تون دکايل جو رڳو هڪڙو سڄڻ،
تنهنجي لءِ سنسار ۾ پر سؤ سکيون!

وڃڻ کان اڳ ۾ ڪجهه ٻڌائي وڃي ها،
اجايو ڏکيءَ جي نه هينءَ دل پڇي ها،
نئين سر شروع هاءِ آزار ٿي ويو!
ڏسڻ سان ئي ....

هينئر ڇا ڪريان ڪو سجهي ٿو نه چارو،
اجايو ڪري ويو هليو مونکي ڪارو،
بنا ڏوهه مئيءَ کي ڏکي، ڏار ٿي ويو!
ڏسڻ سان ئي ....

نه نياپو ئي پڇندو نه مئيءَ جي رسائي،
ڇڏيندي هينئر ماري جنسي جدائي،
هيو آسرو سو به دوچار ٿي ويو!
ڏسڻ سان ئي ....

دکايل انهيءَ کان مري مان وڃان ها،
عمر جو نه هيڏو وڇوڙو سهان ها،
اچانڪ ئي اقرار انڪار ٿي ويو!
ڏسڻ سان ئي ....

بار ڍوئيندو وڃانٿو

ڳُڻ ڳڻيندو بار ڍوئيندو وڃانٿو،
دُور پنهنجي محب کان ٿيندو وڃانٿو.

وقت جي مجبوري آهي ڇا ڪريان مان،
ڏوهه پنهنجو پاڻ کي ڏيندو وڃانٿو.

دل نٿي چاهيو ته ايڏو ترت نڪران،
پاڻ کي لاچار ڳاهيندو وڃانٿو.

پيار ڪِن ڪِن ۾ مايا جي اڻ ميا ٿئي،
ساهه سان سي پيار سانڍيندو وڃانٿو.

ناهه دُوري جي حضوري خيال آهي،
ڏِيَ انهيءَ تي مَنُ مڃائيندو وڃانٿو.

هڪ جنم جو ناهه هي ناتو، خبر ٿم؛
رشتو جنما جنم جوڙيندو وڃانٿو.

هي ملڻ وڇڙڻ ته هڪڙي راند آهي،
زندگي خود کيل پائيندو وڃانٿو.

هونءَ پوي جيڪر اڻانگو ٿي دڪايل!
پر سفر سولو بڻائيندو وڃانٿو.

تون ٿي ٻڌاءِ!

مونکي ٻڌي ڪنهن ڏانهن ڏسڻ ۾ عار ڇوٿو ٿئي، ٻڌاءِ؛
توکي هِنَ هُنَ سان سڄڻ! هينءَ پيار ڇوٿو ٿئي، ٻڌاءِ؟

ڪين سنيڙان مون ڪڏهن پاڄي ڪيو ڪوئي قصور،
پوءِ به مون سان تنهنجو پيو تڪرار ڇوٿو ٿئي، ٻڌاءِ!

واعدا ٻين سان ڪري پاڙين، مگر مون سان پرين،
هر هميشه تنهنجو هيءُ انڪار ڇو ٿو ٿئي، ٻڌاءِ.

آب ٻين لءِ، تاب مون لءِ، هو ٺرن ۽ مان جلان!
دم بدم مون تي رڳو هي وار ڇو ٿو ٿئي، ٻڌاءِ.

ٿا جلن ارمان دل جا، خاڪ ٿين ٿيون حسرتون،
منهنجو هينءَ برباد هيءُ سنسار ڇو ٿو ٿئي، ٻڌاءِ.

هونءَ نه سهندو هوس، ليڪن اڄ دڪايل! ڇو ڀلا،
جيءُ منهنجو ايڏو هينءَ بيزار ڇو ٿو ٿئي، ٻڌاءِ؟

دم دم هجي غم

غم الم دم دم هجي؛
ارمان هيڪاندا هجن.
روح ۾ راتيون لنگهن؛
ڏک ڪان نہ ڏينهن واندا هجن!

دور پل جاني هجي،
بي حد پريشاني هجي،
پٽ سنوان هرگز نہ ٿين؛
دل من ٻئي ماندا هجن.

تڙ ڦندو هردم رهان؛
منهن سان نہ پرکجهہ مان کهان!
سور اينءَ سمجهان تہ جڻ،
سوغات ڪنهن آندا هجن!

دل دکايل مَرُ جلي،
آتش فِشان ڏونگر ٽلي،
مَنِ، مگر سوريءَ نگوريءَ،
جا نہ سيئاندا هجن.

واهه واهه سڄڻ

سونهن آهي واهه جو،
سينگار آهي واهه جو.

ديد لء دلدار جو،
ديدار آهي واهه جو.

حسن آهي واهه جو،
هٻڪار آهي واهه جو.

ڪابلي ڪنڌار جو،
گلنار آهي واهه جو.

واهه جو آهي مٺو،
مٺار آهي واهه جو.

سونهن آهي واهه جو،
سينگار آهي واهه جو.

گل ٿا رئن تنهنجي ياد جا

موٽُ پرڏيهي پرين! گُلَ ٿا روئن تنهنجي ياد جا،
بَندَ، ڏِسُ! پوندا پڄي لاشڪ دلِ ناشاد جا.
موٽ پرڏيهي پرين! گل ٿا روئن تنهنجي ياد جا.

دم دلاسن تي ڪندو ڪو نيٺ ڪيسين اعتبار،
ننڊ نيڻن ۾ نہ آهي قلب منهنجي کي قرار،
گرم آنهُن کان چڙهيو اکڙين تي آنسن جو غبار،
جڙ ڏسانئي پاڻ سان رُسندو جوانيءَ جو بهار،
سوُر هي ڪنهن سان سليان توکان سواءِ بي داد جا،
موٽ پرڏيهي پرين! گل ٿا روئن تنهنجي ياد جا.

وري بہ شڪر آهي

زمانو ويو، جڏهن ليکو نہ هو،
ڏوهن ثوابن جو.
مگر اڄ، وقت آيو آ،
رڳو سوالن جوابن جو!
مڇيءَ مان ٿا ڪنڊا نڪرن،
اٽي مان وار نڪرن ٿا.
پري سِرَ تي رکيا آهن،
پرينءَ اڄ بار فڪرن جا.
اثر ڪجهہ آهہ قسمت جو،
اثر ڪجهہ آهہ پيريءَ جو،
سمو قدرت تڏهن ڏيکاريو آ،
اهڙيءَ زهيريءَ جو،
وري ٻي شڪر آهي جو،
اڃا در بند ٿيو ناهي.
دکايل تي صَفا هُنَ جو،
خفا خاوند ٿيو ناهي.

لاهوتي لهم

ڏَرَاڄا ڪا ڏُورَ ڪان ڪنهن طرف ٿِي اُڏندي ڏِسان،
واٽ پَنڌ ڪنهن جي مُنهان ڪو قافلو ايندو ٻڌان،
ڪيئن نہ تپ ڏيئي وڃي تنهن دم ٿِي ڪونئي تي ڀچان،
پر نراسائيءَ ڪان هاري هيانءُ ٿِي ڦُٽڪي پوان،
ڇو نہ ٿو وٺ ٽا پڇن پرلاءَ هن فرياد جا؟
موٽ پرڏيهي پرين! گل ٽا روئن تنهنجي ياد جا.

مَنُ ڦري ويو آهہ تنهنجو، يا رهيو ساڳيو نہ چاهہُ،
يا دڪايل ڪان ڪڏهن اهڙو ڪو ٿي ويو آ گناهہ،
ٽون ئي چؤ ڪيسين ڪندي رهنديس حياتيءَ سان نباهہ،
يا تڏهن ايندين، جڏهن پويون سندم هوندو پساهہ؟
ڪين موٽي ساهہ وجهندم آسرا افراد جا،
موٽ پرڏيهي پرين! گل ٽا روئن تنهنجي ياد جا.

پيڇن

فهرست

گرو نانڪ ديو (ڪروڙا)

نفيءَ ۽ اثباتي غوغاءُ

ڪو بہ ڌرم يا مذهب، ڪنهن هڪ فرقي يا گروهہ جو ٿي نٿو سگهي؛ نڪي سنتيہ يا حقيقت، ڪنهن مخصوص شخص جوئي ورثو آهي. انهيءَ ڪري ڌرم يا مذهب جي نالي تي، جيڪي جهڳڙا فساد ٿين ٿا، يا لڙايون لڳن ٿيون، اهي ڌرم ڇاهي مذهب جي نالي تي داغ آهن ۽ ائين چوڻ ۾ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ اهڙيون ڳالهيون، حقيقت شناسيءَ کان ڏهہ کوهہ ڏُور ٿي ٿيون وڃن.

ڀارت ۾ ڪيئي ڌرمي فرقا پيدا ٿيا ۽ هر ڪنهن فرقي، ڪنهن نہ ڪنهن اوتاري پرش جي نالي پنهنجو پنٿ شروع ڪيو. حقيقت ۾ انهيءَ سنتيہ يا سچائيءَ جا حصا تہ ٿي نٿا سگهن؛ تہ پوءِ جدا جدا اوتارن يا اُنهن جي ويچار جا مڃيندڙ پاڻ کي هڪ ٻئي کان الڳ ڇو ٿا سمجهن؟ جڏهن مول ويچار ۾ متڀيد آهي ئي ڪين، تہ پوءِ هي ڀن ڀن وقت يا استانن تي چيل يا ڳايل ويچار اصل 'حقيقت' کي وراهي، ٽڪر ٽڪر ٽوڙوئي ڪري سگهندا.

'لاهوتي لهر' انهيءَ 'حقيقت' جي ساک ڀريندي تہ ايشوري شڪتيءَ جو درشن ويساهہ بنا ٿي نہ سگهندو، ڇو تہ ويساهہ ئي هر ڪنهن ڌرم جو روح آهي. ڪرم ڪانڊي هجو يا ويدانتي؛ شريعت جا پابند هجو يا طريقت کي مڃيندڙ: مطلب تہ ڪير بہ هجو؛ ليڪن ويساهہ

پرارٿنا گيت

مهرباني فرمائي درست ڪري پڙهو

صفحو	سٽ	غلط	برابر
۲۳	۳	هِتِ هُتِ	هاڻي هِتِ هُتِ
۳۷	۳	رکو نانءُ	رکو نانءُ
۵۶	۸	مفت تي حيران	مفت ۾ تيءَ حيران
۵۹	۳	پنڌ گهاري	پنڌ ۾ گهاري

…وات نہ ونندو، تيسين سندس کوج وئرت ئي وڃڻ واري
آهي. سماجواد بہ تيسين ٽڪڻ وارو ڪونهي، جيسين
انهيءَ جو بنياد اڏ ياتم يا هڪ آتما تي ٻڌل نہ هوندو.
انهيءَ ڪري ئي گيتا، 'واد' کي ڇڏي 'يوگ' تي زور
ڏنو آهي. 'ساميواد' جيسين 'سامي يوگ' نہ ٿئبو، تيسين
ستيہ جو درشن پوروتي ڪين سگهندو. نڪي نفيءَ ۾
ثباتيءَ جو غوغاءَ ئي ٻڌڻ ۾ ايندو. اڇو تہ اسين بہ
ين پن ڏرمن ۾ هڪ ئي 'حقيقت' جو ديدار ڪري،
انهيءَ ساڳيءَ مؤل 'سچائيءَ' جي ساک ڀريندا رهون،
جيڪا اسان کان دور آهي ئي ڪين. اَلبت انهيءَ لاءِ
سرت سنڀال جي ساڃائي کپي.

'دکايل'

بنا اوهين ڪجهه ڪين آهيو. چو ته آتم وشواس بنا
ڪوبه ڪم اوهين پورو ڪري ڪين سگهندا. انهي ڪري
ستيه يا 'حقيقت' ئي تنهنجي منهنجي ويساهه جو ضامن
آهي. تڏهن ته اِنهيءَ 'سچائيءَ' جي سرائيءَ تي سنسار
جو چرخو هلي پيو ۽ انهيءَ ستيه جو درشن جدا جدا
ڪوجنائن ذريعي اسانکي ملي رهيو آهي.

آخر اِهو درشن ئي ته سپني کي کپي ۽ انهيءَ درشن
لاءِ هرڪو سرگردان آهي. پوءِ اُهو ڀڳت هجي يا گياني،
توڙي ڪٽي هجي سنياسي. شريعتي هجي يا طريقت جو
حامي، يا معرفت جي مڪان جو ڳولهائو ڪو عابد هجي؛
پر هرڪنهن کي انهيءَ درشن جي ئي پياس آهي.

ويدانتي ۽ صوفي چون ٿا ته اِهو درشن، تنهنجي ئي
ڇايـا آهي ۽ توکان ڌار آهي ڪٿي؟ انهيءَ ڪري
پاڻ ۾ پيهي، مؤل 'سچائيءَ' جو ديدار ڪري 'حقيقت'
کي بي نقاب ڪر. جڏهن اِها 'حقيقت' بي نقاب ٿيندي
تڏهن اِهي فرقائي ۽ طبقاتي ڌرم توڙي مذهب، ڪوبه
وڳوڙ ۽ وڇوڙو پيدا ڪري ڪين سگهندا.

سنت ونوبا چوي ٿو ته "هاڻي ڌرم جي جاءِ تي
روحانيت اچڻ کپي." يعني ڌرم جو مؤل آڌار روحانيت
يا اڌياتمڪتائي ٿيڻ گهرجي. هونءَ به هي زمانو فنا ۾
بقا کي ڳولهڻ جو آهي ۽ وگيان، انهيءَ ڏس ۾ وڏي
مدد ڪري رهيو آهي. ليڪن وگيان کان ڪم وٺندڙ
وگياني يا سائنسدان، جيسين روحانيت يا اڌياتم جي

لاهوتي لَهَر

الائي، سچ پچ آهي ڇا ؟
لُٽُ آهي يا لقا.
ڪي ٿا چون ته آهه فنا،
پر ڪي ٿا چون بقا !
الائي، سچ پچ آهي ڇا ؟

اندر کوج

ندر کوج ڪري لھ لعل، اندر کوج ڪري.
ٻاھر جي ڏيکن ۾ ڇاھي؟ وارُ نہ لاءِ سري.
اندر کوج ڪري ....

رُوپن رنگن جو لوڀي من ناحق ڀاڻ رلائي،
ڪُوڙيءَ رُڄ جي پياس ڪٺي تو درد رجيءَ ڀٽڪائي!
ڻ ھونديءَ اُلجھن ۾ آيو، ماريس ذوق ذري.
اندر کوج ڪري ....

ھي سڀ ڪُوڙو ناٽ آڏمبر، ڪُوڙو ڪلَ اپمان،
ڪُوڙو راجا، پرجا ڪُوڙي، ڪُوڙ سَتا جو ماڻ،
ايڪو سچ رڳو پرماتم، ساکي ساک ڀري.
اندر کوج ڪري ....

ويد، پراڻ، قران پڙھين پر من ۾ ڀيد اگيان،
تيرٿ تکيا مَڪا پيٺين؛ ناھہ ديا جو ڀانُ
دل جي درپن ۾ ڪر درسن، ساڌڪ! ڌيان ڌري،
اندر کوج ڪري ....

ستگر لعل لَکايو پَلَ ۾ آنيم جوت جڳائي،
ٻيائي تاپ رھيو نہ دکايل! نارُ ھنئين جو پائي،
حاصل ھوت ڏنم ھڪ ھرجا ڀانيانَ ڪين پري.
اندر کوج ڪري ....

ڪي ٿا چون نہ آھہ نفيءَ ۾،
اِثباتي غوغا.
ڪين ۾ ڪيڇ ڏسي ڪي ڏين ٿا،
حيرت جا ھوڪا؛
الائي، سچ ڇچ آھي ڇا؟

سالڪ ڪي سڪ وارا آھن،
ساڪي ھن ڳجھہ جا،
جن جوڳين پرجھايا پيھي،
پيد پريا نُقطا!
الائي، سچ ڇچ آھي ڇا؟

اڻيؤ واريءَ پاس ٻڌايو،
يار وسي ھرجا.
ديد جي ڀيچ ڪان دور دکايل!
دلبر جا ڏيرا.
الائي، سچ ڇچ آھي ڇا؟

ساڳيو روپ

دل جي درپڻ ۾ لاهوتي!
تنهنجو منهنجو ساڳيو روپ،
ڪعبي بت خاني ۾ سوئي،
نرگڻ سرگڻ هڪ سروپ.
گيان گگن ۾ ديپ جلائي،
اوديا انڌ اڱيان مٽائي،
سوڪيم من جو ڀيد لڳائي،
ڀُرجهه اَگم سو روپ انوُپ.
دل جي درپن ۾ لاهوتي! ....
پاڻ ۾ ڀيهي جنهن جَن پاتو،
جاڻُ ۾ جاڻُ وڃائي جاتو.
مام انهيءَ جو مرم سڃاتو،
انيڀؤ وارن ڪان نه الوُپ.
دل جي درپن ۾ لاهوتي! ....
ستگر مهر ڪري سمجهايو،
ڀيد اِنهيءَ جو ڇيد بتايو.
حق اِلهام دکايل! آيو،
ٿون ئي پرنءِ مٿي هِن پوُپ.
دل جي درپن ۾ لاهوتي! ....

لعل کي جھلِ

لعل کي جھل تہ ڏسين سڀ ليِلا،
ليلا ٿي سڀ لعل جي.
هاتِ ۾ هاتِ کري ڏس حيرت،
پنھنجي قرب ڪمال جي۔ ليلا ٿي ...

پاڻ وڃائي پاڻ جي جاڏين،
حد بي حد جو پيد سڃاڏين،
بيائي ٻوڙي حق پڇاڏين،
ڪارڻ پوءِ کھڙي ڪال جي۔ ليلا ٿي ...

دوُر نہ ھوُ ڪنھن دِسِ تي آھي،
دم دم وينو پاڻ لڪائي،
جو پرکي سو سنمڪ پائي،
حاجت سُرت سنڀال جي۔ ليلا ٿي ...

موڳائي ڪم مور نہ ڏيندي،
چترائي ڪجھ ڪين وٺيندي،
در دوساڻي دکايل نيندي،
ويسھ وات وصال جي۔ ليلا ٿي ...

عاشق ايندا اوچي ڳاٽ

لڪ چپ جا ڪُل سانگ ڇڏي هٿ،
عاشق ايندا اُوچي ڳاٽ.
عاشق ايندا اُوچي ڳاٽ،
سالڪ ايندا اُوچي ڳاٽ.
لڪ چپ جا ڪل سانگ ڇڏي ...

بدناميءَ پر سي ڪيئن ڊڄندا؟
ماري جَنِ کي چاهَ چماٽ.
لڪ چپ جا ڪل سانگ ڇڏي ...

گل ڦل پائن راهه ڪنڊائين؛
عشق وڻايَن جيڪا واٽ!
لڪ چپ جا ڪل سانگ ڇڏي ...

دُود دکايل، پڙڪا ڏيئي،
برهه جي باهه ڪيا پڙڪاٽ.
لڪ چپ جا ڪل سانگ ڇڏي ...

گونگيون ٻوليون!

گونگن جون ٻُڌ ٻوليون يار!
گونگن جون ٻڌ ٻوليون.
ڪولي منهن چوندا نہ، ڪندا
پر پيدا اندر چوليون يار! گونگن جون ...

لوڪن ڪان سي لڪندا وتندا،
سانڍي سڪ سي سڪندا وتندا.
چاھہ ڀرينءَ ۾ چڪندا وتندا،
چاڪ ڪري ڪُلُ چوليون يار! گونگن جون ...

نانگن جون ڪھڙيون پوشاڪون؛
جوڳين جون ڪھڙيون خوراڪون؟
سج پٽيءَ تن جون اوطاقون!
سوُرن جون سنگ ٽوليون يار! گونگن جون ...

اھڙن ساڻ ڳنڍي جن ياري،
حاصل رمز ڪئي تن ساري.
جاڻُ دڪايل! مَتِ موچاري،
ويساھين ڳَلِ جھوليون يار! گونگن جون ...

شل نہ آتکي

دل جهوري نيڻن جي جهتکي،
شل نينهن نہ کنهن سان آتکي.

عشق اکابر عقل وڃايو،
برهہ هٺي بدنام بڻايو.
سُرت کسي هک ستکي- شل نينهن ....

برهہ نسوري ترکڻ بازي،
پاڻ جهلي کر جيتي غازي.
هاري، جيکو هتکي- شل نيهن ....

عشق شمع تي ڦيريون پائڻ،
آهہ دکايل پاڻ پچائڻ.
سر پيو سوريءَ لتکي- شل نينهن ....

حق، حسن ۽ خير

حق، حسن ۽ خير جو هڻ نعرو،
پيدائيءَ جو وجهي بُنَ پاڄارو.

حق رحمت جي جُهڙ ڦُڙ لائي،
محبت جا نغما ڳارائي،
ٿو موج منٺري ماڻائي،
سِکُ ساز سدا سو حق وارو.
حق حسن ۽ خير جو هڻ نعرو.

پَتِ حسن پڇاڻڻ واري آک،
هن رمز کي ڄاڻڻ واري آک،
صاحب کي سڃاڻڻ واري آک،
پَس پوءِ اندر جو سک سارو.
حق حسن ۽ خير جو هڻ نعرو.

وٺ واٽ دکايل! خير سندي،
وائي نہ جتي کا وير سندي،
جهونگار جتي سک سير سندي،
سلي مام ويو مرشد موچارو.
حق حسن ۽ خير جو هڻ نعرو.

اڻ تارونءَ جي بات نہ هت؛
ڪو تارونڊڙو تَـڙ تـانگهي؛
سيرِ تـڪي سرتيون هن ڏُنگ جي،
اڙ ٻـنـگ ڪـو اورانگهـي.

روُد ڪري ٿو رڙ ڪا باري
چاڙهي چڙهہ چؤڌاري،
مؤجون هن مهرانْ جون پيڊر!
ڪَپر ڪين ٿيون پاري.

تارِ ڪَنين ڪر جُنگ وَهي ٿو،
تـرنـدو تـؤڪـل وارو.
تُنبي واري ڪان نہ ڏ ڪايل!
هـرگـز دوُر ڪـنـارو،
هن پـر رسندو سو هڪ واري.
اچو تہ سرتيون ......

ڳجهارت

اڇو ته سرنيون سليون ڳجهارت،
هيءَ ڳجهه واري،
سليون ڳجهارت هيءَ اِسراري.
اڇو ته سرنيون ......

اوڀارو لاهوارو هڪڙيءَ مهل
چڪي ٿو پاٽي،
هڪ پاسي ٿو راجا ڳهلي
ٻئي پاسي ٿي راڻي.

دنيا مونکي چا پئي سمجهي،
مونکي تنهن جي کهڙي پروا.
دنيا ڏار کري پل مونکي،
اُن جي هرگز ناهي چنتا.
خيال اچي ٿو ور ور هڪڙو،
پاڻ کي شل پڇي نہ وچان مان،
پاڻ سان قؤل کيا ٿم جيڪي،
پڇي سي هرگز نہ پڄان مان.

ٻئي کنهن جي هيءَ ناهي مايا،
ٻئي کنهن جي هيءَ ناهي ڇايا.
روپ ۽ نانءُ ٻيئي مان آهيان،
مان ئي وينو سانگ رچايان.
کيل کريانٿو دم دم وينو،
راند رمانٿو هردم وينو.
مان پتلي مان ئي بازيگر،
راند پڻ مان، مان ئي راندیگر!
پَرَ جي هيءَ پر کجھ پرکائي؛
آتک نہ ٻڌجي کين پلائي.
جاڻي پڻ آڻجاڻ ٿيانٿو،
ڏس! کيئن پڇي پاڻ وچانٿو،

ڇا گهرجي مونکي؟

آخر مونکي گهرجي ڇا؟
لڳا ٿا وڃن وسامي ڇا لءِ، ايذي بي آرامي ڇا لءِ.
ڪين ٿو سمجهان، ڪين ٿو ڄاڻان؟
سڀ ٿو سمجهان، سڀ ٿو ڄاڻان! آخر مونکي ....
ٻوءِ پيي ڇو آڻ ڄاڻ ۽ مورک
ٻڌجي وينو پوُر پڇايان؛
مان جيڪي آهيان سو آهيان،
مفت لغڙ پيو چاڙهيان لاهيان.
مان جيڪي آهيان سو آهيان - آخر مونکي ....

واسِڻ سان وس ڪوهي وينس،
اُڏندي ڳس، ڳسُ ڪوهي وينس!
هِت هُت پيو ٿـو پتڪان،
رات ۽ ڏينهن پيو مان سڏڪان.
پنهنجو پاڻ وسيلو ٿيان جي،
پنهنجي دک جو حيلو ٿيان جي!
جيڪر پوءِ هيڏو نہ رئان ها،
لڙڪن سان منهن ڪين ڌئان ها.
هاڻي ڀـي جـي ڀولو نڪري،
هن هُن جو هي رولو نڪري.
پاڻ پـڇاڻ جو پنڌ نہ پاڄان،
آدي جـاتل سَنڌُ نـہ پاڄان.
پوءِ جيڪر ڪو دک نہ ستائي،
آنند ساڻ چڏيـان دل ڀائي.
پيار جو پارَ سڃاڻـي پُرجـهان؛
اَڻ هوندي ۽ مايا ۾ نہ اُلجهان!

ڪو نہ سبب اُنجو ٻيو هوندو؟
ڪارڻ ڪنهن ٻولي هي هوندو؟
هائو، هي ٻولو سمجهائنئو،
وچ وارو رولو سمجهائنئو.
مان جو سک دک ذاران آهيان،
سو ڇو ٿو سک دک ۾ ڦاسان؟
پاڻ ڪُنڊي ۽ پاڻ مڇي ٿيس،
پنهنجو پاڻ کي ٿو ڦٽڪايان!
واهہ جو منهنجا رنگ نرالا،
ڇا تہ عجب ٿيا منهنجا چالا.
وحدت مان ڪثرت ۾ آيس،
مُسرت مان حَسرت ۾ آيس؟
حسرت هيءَ مسرت ٻڏجي ها؛
جي وحدت، وحدت پسجي ها.
مان ڪثرت جي ڦير ۾ پئجي،
اڻ هوندي جي گهير ۾ پئجي
پاڻ کي پاڻ ڪٽي ڦاسايم،
اڻ هوندي ٻولي ۾ ٻلايم
اهڙي ڪنهن ٻولي ۾ ٻُلي ٻيس؛
راهہ ڇڏي بي راهہ رُلي پيس

واسِڻ سان وس کوهي وينس،
اُڏندي، گس، گَسُ کوهي وينس!
هِت هُت پيو ٿـو پڻڪان،
رات ۽ ڏينهن پيو مان سڏڪان.
پنهنجو پاڻ وسيلو ٿيان جي،
پنهنجي دک جو حيلو ٿيان جي!
جيڪر پوءِ هيڏو نہ رئان ها،
لڙکن سان منهن ڪين ڌئان ها.
هاڻي ڀـي جـي ڀولو ٺڪري،
هن هُن جو هي رولو ٺڪري.
پاڻ ڀـڃاڻ جو پنڌ نہ ڀاڃان،
آدي جـاتل سَنڌُ نہ ڀاڃان.
پوءِ جيڪر ڪو دک نہ ستائي،
آنند ساڻ چڙيـان دل ڏائي.
پيار جو پاڙ سڃاڻـي پُرجـهان؛
آڻ هوندي، مايا ۾ نہ اُلجهان!

ڪو ته سبب اُنجو ٻيو هوندو؟
ڪارڻ ڪنهن ٻولي هي هوندو؟
هائو، هي ٻولو سمجهائنئو،
وچ وارو رولو سمجهائنئو.
مان جو سک دک ڏاران آهيان،
سو ڇو ٿو سک دک ۾ ڦاسان؟
پاڻ ڪُنڊي ۽ پاڻ مڇي ٿيس،
پنهنجو پاڻ کي ٿو ڦٿڪايان!
واهه جو منهنجا رنگ نرالا،
ڇا ته عجب ٿيا منهنجا چالا.
وحدت مان ڪثرت ۾ آيس،
مُسرت مان حَسرت ۾ آيس؟
حسرت هيءَ مسرت بڻجي ها؛
جي وحدت، وحدت پسجي ها.
مان ڪثرت جي ڦير ۾ پئجي،
اڻ هوندي جي گهير ۾ پئجي.
پاڻ کي پاڻ ڪٽي ڦاسايم،
اڻ هوندي ٻولي ۾ ٻلايم!
اهڙي ڪنهن ٻولي ۾ ٻُلي پيس؛
راهه ڇڏي ٻي راهه رُلي پيس

ڪيئن چوان ڏُور؟

ڪيئن چوان ٽون ڏُور سڄڻ!
ڪيئن چوان تون ڏُور.
آنئي پهر پايان هرد وحاضر منجهه حضور
سڄڻ! ڪيئن چوان ٽون ڏُور.
ڪاڪ جي جادوءَ ڪين ڀُلايس،
نَتَ ناگر جي مان نه لُڀايس.
مُنڌ جي طلسم منجهه نه آيس،
ٽون جو وسين نت نُور سڄڻ! ڪيئن چوان ...

تارَ ۽ تاڻ

تاڻِ نه تار تنبُور جي،
سُڌ نه ھيڪڙيءَ جي سُور جي.
تاڻ نه تار تنبور جي.

سؤلو ھي نه سرُود وڄائڻ،
ھٿ لائي آ جند آزائڻ.
حاجت ھِٿ نه حضُور جي،
تاڻ نه تار تنبُور جي.

ڄاڻُ محبت سستي ناھي،
ملھ مھانگي مستي آھي.
پَچَرَ نه ڪر ھِن پوُر جي،
تاڻ نه تار تنبُور جي.

نيھن ڪرين ته نڪر ٿي نانگو،
لاھ دڪايل سِر جو سانگو.
نؤبت ھٿ ناسُور جي،
تاڻ نه تار تنبُور جي.

مهر جا هنڙا

ڪاڪ واريون ڇا ڪنديون ؟
جي خاڪ وارن جو ڏٽي ،
مهر پنهنجيءَ جا ڏئي هنڙا ،
متي وننڊم ڪٽي .

من منداين چون مون منجهه ،
پر هو بخشيندڙ گهٽو .
نرم نت سو نامور ،
توڙي سندم دل پاهٽي .

صورتن جي سورتيءَ جا ،
داءَ مون ڪيڏا هنيان .
هر گهڙيءَ هر حال ۾ ،
هن جي مدد پهتم گهٽي .

در دڪايل ڪيئن ڇڏيان ،
اهڙي مٺي محبوب جو .
لطف جنهن جي سان اڄ ،
آهي سندم قسمت بٽي .

علم عقل کو مون نہ پرايو؛
حرفت هنر نہ مور هلايو.
پائڻ خاطر پاڻ پلايو،
ديوانيءَ دستور سڄڻ! ڪيئن چوان ..

جانم هرڪا ديہہ دئارو،
جت ڪٿ ساڳيو هڪ پسارو.
حاصل واصل ٿيو ڪُلُ سارو،
ٿي جو ٻي آک پوُر سڄڻ! ڪيئن چوان ..

انيئہ آک ڪُلي جا خاصي،
ڪانہ دکايل ٻيائي پاسي،
اندر ٻاهر هير هُلاسي.
موُج ڪيو مخمور سڄڻ! ڪيئن چوان .

جاڻ دنيا جي ڪُوڙي ياري ،
ياريءَ مان ٿي پوندءِ خواري ،
لهندين ڪنهن مان ڪين سچاري ؛
ٻُهَه مان وادِ وٺيندو ڪير.
وٺيندو ڪير؟ شوق خوشيءَ ۾ ....

جوٿنو جوڀن جوٿني جواني ،
دنيا فاني ڇڏ ناداني ،
ايندءُ آخر موُت نشاني ،
واريءَ ڪوٺ اَڏيندو ڪير.
اَڏيندو ڪير؟ شوق خوشيءَ ۾ ....

صورت سهڻي ڪين سدائي ،
حسن ۾ ناهي واٺ وفائي ،
آهه دکايل! جورو جفائي ،
پاڻيءَ پُرڻُ پڙيندو ڪير.
پڙيندو ڪير؟ شوق خوشيءَ ۾ ....

اؤڪيءَ ۾ ڪم ايندو ڪير؟

شوق خوشيءَ ۾ شامل ھرڪو،
اؤڪيءَ ۾ ڪم ايندو ڪير،
ايندو ڪير؟ شوق خوشيءَ ۾ ....

زر سان يارن جي آ ياري،
بن زر سڏجي شاھہ بکاري.
زر جي ھر ڪنھن کي درڪاري،
ساٿ سُچي کي ڏيندو ڪير.
ڏيندو ڪير؟ شوق خوشيءَ ۾ ....

ذکر الاهي

آللهو آللهو آللهو آللهو،

١

تون رازق رحيم آنهن رحمان تون،
منهنجي عاقبت جو نگهبان تون،
کندين ساري مشکل کي آسان تون.
آللهو ....

٢

سندءِ نور جلوي نما جابجا،
چون ٿا تہ آهين تون مشکل کشا،
بُلند آهہ چؤطرف اهڙي صدا.
آللهو ....

حق موجود

حق موجود سدا موجوُد،
ڪنهنجو ٻئي ڪنهن سان ڇا سوُد؟
حق موجود سدا موجود.

ظاهر باطن نوُر الاهي،
عابد تون، تون ئي معبوُد.
حق موجود سدا موجود.

ٻئي هنڌ ٻاهر ڇو ٿو ڳولين؟
وارث ڪنهنجي آهه وجوُد.
حق موجود سدا موجود.

دنياداري حق جو پاڇو،
پٽڪڻ جنهن پويان بي سوُد!
حق موجود سدا موجود.

عشق الله جو دل ۾ دائم،
ڏُڪندو شال دڪايل! دوُد.
حق موجود سدا موجود.

عشق الاهي

سمجھڻ سوليِ مام، ناھي سرتيون
عشق الله جي – سمجھڻ سولي ......

عشق الله سان جيءَ کي جوڙي،
ٻي سڀ ٻيائي ڇڏ، تون ٻوڙي،
تون، تون جو پيءِ جام – سرتيون ......

عشق جي جاءِ خوديءَ کان خالي،
عشق دنيا جو واحد والي،
عشق ئي آھي امام – سرتيون ......

عشق ڏکايل جيکي ڪن ٿا،
دنيوي سک جو صدقو ڏين ٿا.
نيڻين ننڊ حرام – سرتيون ......

ڏوھڙو

عشق الاهيءَ سان اديون چولا رڱيا جن،
پائي ڪفني پريم جي حق سڃاتو تن،
سي ڪينڪن دوروچن، جن جو عشق الله سان.
سمجھڻ سؤلي مام ناھي سرتيون!
عشق الله جي – سمجھڻ ....

٣

سنبالط سان جنهن جي ٿئي جنت نصيب،
اچي ڪين منڪر، نڪير آنقريب؛
ڪري جنهن ڪان پنهنجو، خدا جوحبيب.
آ للهو ....

٤

اتل قاعدو جنهن شهنشاهہ جو،
عجب آهہ دستور داناهہ جو،
اسم پاڪ آهي تنهن الله جو.
آ للهو ....

٥

ڪري ڪير قادر جو ظاهر بيانُ،
سندس روشنيءَ کان ٿيو روشن جهان.
نہ هستيءَ ۾ جنهنجي ڪو ذرڙو گمان.
آ للهو ....

٦

ملي جنهن جي قدرت جو مشڪل سبب،
دڪايل! سندس ڪارسازي عجب،
زبان تي رهي ذڪر هي روز شب.
آ للهو ....

ڪُل ذات سبحان جي

ڪُلُ ذات آهي سبحاني،
هي فرقن جو فرق عبث،
اِهو مرڪ ناهي اِنسانيِ!
ڪل ذات ....

هي جڳ سارو نور اُپايو
هر صورت ۾ پاڻ سمايو،
نرمل نور ظهور ۾ آيو،
ٿي هر شيءِ نوراني - ڪل ذات ....

نرالا رنگ

تنهنجا عشق نرالا رنگ - وي ميان ! رنگ .
وجهين روزنوان ٽرونگ - وي ميان ! ونگ .

ليليٰ ٻڌجي مجنون موهيءَ ؛
سَتُر ستيءَ سهڻيءَ جو کوهيءَ !
چوريءَ اهڙا چنگ - وي ميان ! چَنگ .

سسئيءَ حال وڃايا روئي ،
هوت ڪيو بدنام هو، تو ئي .
جهاڳيائون جهر جهنگ - وي ميان ! جهنگ .

رمز رکي راڻي کي رُسايءَ ؛
مومل کي جيئري هو جلايءَ !
خوب ٿو جاڻين ڍنگ - وي ميان ! ڍنگ .

جنهن هيڪر هيءَ پيتي سُرڪي ،
سر سي ڏکا يل ! ڏيندا مُرڪي ،
ڏاڍا هٽين ٿو ڏنگ - وي ميان ! ڏنگ !

ڏوھڙو

ڪنير ويھي چڪ تي ٺاھيو ھڪڙو ٿانءُ،
گهڙ ساڳي ليڪن ڏنس ھر ڪنھن پنھنجو نانءُ،
ٺيڪرن ٺون ۽ آءٌ، رکو نانءَ ڪٽي نيارو ڪيو.

٢

مٽي دلي ۽ مٽ تي ساڳي ڪم آئي،
نانءُ سڃاڻپ لءِ پيو نه ته ذات نه ساڳيائي.
ليڪي ۾ جوڙو اکيون پر نظر نه ھڪڙيائي،
ھڪڙيءَ جا ڪاري ڏٺي، سا ٻي نه ڏسي سائي.
ڪُوڙو جو ھڪ ڪَن سُٽيو سو ٻئي نه سٽيو جائي،
ڪاري جيپ ڪي چو لڳي؟ جي آھي ٺنائي.
ٻن ناسن ھوندي رھي خوشبوءِ آھڙيائي،
جدا سنگهڻ سان پوي فرق نه ڪو پائي.

خاڪي پتلو خاڪ اُٺائي،
هندو، مومن، سِکُ عيسائي،
هڪ ڪاريگر يار بڻائي.
جوڙ سڀئي جسماني - ڪل ذات ....

هي قدرت جا کيل تماشا،
وحدت جا ڪثرت ۾ پاچا،
حيرت جي حد ڪانهه رهي ڪا،
رمز پسي روحاني - ڪل ذات ....

گانڌيءَ مرشد حق پُرجهايو،
ايڪ انيڪ جو ڀيد ٻڌايو،
راز هي مرم جو سمجهه ۾ آيو،
(ٿي) حاصل بات حقاني - ڪل ذات ....

جڏهن دکا يل پائي جهاتي،
سهڻي يار جي ذات سڃاتي.
جاتو تڏهن هي کيل صفاتي.
ڪانهه رهي حيراني - ڪل ذات ....

خيال رک !

من جي ڪتاب تي لک مس سان،
متان قلم سليٽ ڌهي نہ وڃي.
قلم سليٽ ڌهي نہ وڃي؛
هي خيال رَباني لهي نہ وڃي!
من جي ڪتاب تي لک مس سان....

جيل اَٿيئي جاءِ عبادت،
وقت وصال وهي نہ وڃي.
متان قلم سليٽ ڌهي نہ وڃي.
من جي ڪتاب ...

سختي من جي ڪسرت خاصي،
حيف! جي سُور سهي نہ وڃي.
متان قلم سليٽ ڌهي نہ وڃي.
من جي ڪتاب ...

صبر دڪايل! ٿيءُ جي ساٿي،
منهنجي ميار؛ نهي نہ وڃي.
متان قلم سليٽ ڌهي نہ وڃي.
من جي ڪتاب ...

نالو پرکڻ لءِ پيو رکو ڪابي ۽ ڏائي،
پر حقيقت ۾ جي ڏسون ته شيءِ آهه اُهائي!
خالق هڪڙو خالق جو جنهن خلقي خدائي،
تنهنجي منهنجي پاڻ ۾ آ عبث جدائي.
گهوريو جهيڙو گهر جو بن پئي لڙائي،
حق جو نعرو جي سڻُون ته ڪانهي ڪا پيائي.
هندو، مومن، سک هجي توڙي هجي عيسائي،
سڀ ۾ سمائي هڪ ذات دکايل! رب جي.

۳

منهنجو منهن هيڏي ڪري تنهنجو منهن هوڏي؛
مونکي پڙڪائي وري آيو تئي توڏي!
وجهي ليمو ڪير ۾، ٿو سبب وينو ڏي؛
ڏارئي جي ڏوڏي الا! ڦِنائي ڦاڪوُن ڪيو.

۴

ٺياڪڙ جو گهر ۾ پيو جنهن پل گوڙو پيو،
ڪلفت ڪيڻي منهن ڪڍيو وَڏي ويڙو وير.
ڏاريائپ ڪاهي پئي آيو ڦند ۽ ڦير،
هر ڪنهن پَٽڪي جو رکيو پنهنجو پنهنجو پير!
رت وچوڙيو ملڪ ٿيو تون ڪير ۽ مان ڪير؟
پنهنجو جاڻي غير! اسان پَرڪي اچ اوڏو ڪيو!!

جي مُڪت چاهين ته ......

ڪت جي چاهين ته ڇڏ وڪُ سَمر وشيءِ واسنا،
انت، ڌيرج ۽ ڪميا جي ساڌِ پورن سادنا.
هه برندڙ آگ جيئَن سنسار، پاسو ترت ڪر،
سبِڌل ديس ۾، ٿيندين اجر ٿيندين امر!

رٿوي آهين نه جل آهين، نه تون آهين آگن،
نڪي آڪاش آهين ۽ نڪي آهين پوَن.
ون پنجن پوُتن جو داتا، سرودا ساکي مگر،
اڻ رک نج روُپ جي، ٿيندين اجر ٿيندين امر.

نُ جدا، چيتن جدا، وٺ صبر جي سرمايگي،
ي سگهي نت ماڻ تون سنسار جي آزادگي.
شرم ۽ ورن جو پلجي نه تون اڀمان ڪر،
رڙ بندن ديه جا، ٿيندين اجر، ٿيندين امر.

ور اڌرم ڌرم ڪان، تو ۾ نه دک سک ڪامنا،
ن جا آهن ڌرم سڀ، ڪرتا پڻا پوڳتا پڻا؛
روَ جو ساکي تون آهين، درشيه ڪان پر دوُر تر،
ي سچاڻين پاڻ کي ٿيندين اجر، ٿيندين امر.

اجائي لاف نہ هڻ!

هڻ نہ اَجائي لاف لباڙي!
سورن جو پنڌ آهہ پري.
هڻ نہ اجائي لاف ...

ڏور ڏسي ڏونگر ڏُکڙن جو،
هِت ٿو تنهنجو ڏِيل ڏري.
هڻ نہ اجائي لاف ...

آگ اُلن واري سا ڪاٿي؟
ٿوَ ٿي تنهنجو هيانءُ ٻري!
هڻ نہ اجائي لاف ...

رُوَدَ ڪشالن ڪُنَ ڪشٽن ۾،
ڪو دل وارو پير ڌري.
هڻ نہ اجائي لاف ...

عشق بنا پيو ڪير دڪايل!
ايڏا بَرسِر سُور ڪري.
هڻ نہ اجائي لاف ....

حيرت!

پاريءَ جو رات ساري،
ساڳيو ڏيٺو صبح جو.
سورج ڪَني ڪيڏي مَس؛
هٿ سان ڇڏيءَ وسائي!

تنهنجو ڪتاب ٽيسين،
رهبر رهيو دڪايل!
جيسين ٿيءَ گيان حاصل،
پستڪ ڇڏيءَ جلائي!

پاڳل سڏي ٿو هرڪو،
حيران آهه دنيا،
حاصل ڪري ورهين ۾،
پل ۾ ڇڏيءَ وڃائي!

اهو جي ايمان آندو توکي ڪيول ناس م
پر نہ ڄاڻيءَ ڀاڻ ڪي، ڦاٿو رهئين پوَ ڦاس م
ٽون نہ تن لوڪن جو ڪرتا، ڀاؤ شرڌا سان وچر
پريم جو امرت چکي ٿيندين اجر، ٿيندين امر

آءٌ شڌ ۽ آءٌ ٻڌ، ايءَ گيان جي جوٽي جڳاءِ
ناس ڪر اگيان انڌارو ۽ ڀيائيءَ ڪي ڀلاءِ
نانگ نوڙيءَ منجھ جيئن ڀاسي ٿو تيئن برهمانڊ پر
ٻوڌ ۽ سک ڀاڻ تون، ٿيندين اجر، ٿيندين امر

ٿو رکي جو مڪت جو ايمان، سو نَر مڪت آهہ
بنڌ جو ايمان جنهن کي، مُوڙهہ بنڌن ۾ ڦٽ آهہ
تَج غلامي پاپ، سِک آزاديءَ وارو اڪر
پوَ بنڌن مان مڪت ٿي، ٿيندين اجر، ٿيندين امر

آتما ۽ ماڪي، اچل ۽ آهہ پورن سروَگڻ
دور جنهن کان سروَدا هي آهہ پوُ منڊل پنوڻ
اي دڪاڌل! پنهنجي نج سوُ روُپ جو هڪ ڌيان ڌر
اهڙي رک شڌ ڀاونا، ٿيندين اجر، ٿيندين امر

طلبيندو رهه

کاندو رهه خوش ٿيندو رهه،
مشڪل کي منهن ڏيندو رهه.

مرد! مصيبت سان منهن ڏيئي،
آفت آڏو ايندو رهه.

ساهه ۾ سڪ ۽ سوز سمائي،
ساهڙ کي تہ سڏيندو رهه.

توڙي ڌار ڪري هو توکي،
هن سان پاڻ گڏيندو رهه.

هِجران وِرچي دل نہ دکايل!
وصل سدا طلبيندو رهه.

ڀڄن

سڀ يار جي حوالي

جيڪي ھڄيُّ ڪري ڇڏ ھڪ يار جي حوالي،
تنھنجون مڙيئي خوشيون غم پل سو سڄڻ سنڀالي.

جنھن لاءِ خاص پنھنجو ڏاريو نہ ڪو دنيا ۾،
سيني کي ھڪ سريکو جو پيار ساڻ پالي.

ذرڙي نہ بار لڳندءِ نڪي آسمان ٻوڙو،
ھن جو ٻڌي ھميشھ جڳ ۾ ڏسين جي جالي.

تنھنجي ڪسيءَ ڀڪيءَ جو ھرڪو حساب جنھن وٽ،
بيزار ٿيءُ نہ تنھن کان ٿوڙي ڪٽي ڏمالي.

وھم و گمان دل جا جنھن دم ويا دکايل!
ھيٺو ڪيو نہ ھرگز ڪنھن ڪشت يا ڪشالي.

او سؤداگر!

اُٿ سؤداگر! سودو سار،
بند مٽان ٿي وڃڻ بزار- اُٿ سؤداگر! ....

تنهنجي ساٿين سؤدو ساريو،
تو غفلت ۾ وقت گذاريو،
سڀ سنواريو پر تو هاريو،
مهل جو ماهه ويچار- اُٿ سوداگر! ....

ڪال دڪايل! ڪين سڃاڻي،
جيڪي اڄ ٿئي ڪر نه سڀاڻي،
گذري ڪي ڪر ياد نه هاڻي،
بگڙي بات سنوار- اُٿ سوداگر! ....

وچن پالڻا

ڳرڀ ماتا ۾ ٻڌو تو پاڻ جنھن اِقرار ۾،
سو وساريو ڪيئن اي غافل! تو اچي سنسار ۾.
زر جواھر جو قدر بيشڪ ڪٿيندو جوھري،
ڪوھريءَ وٽ ڪين ايندو لعل ڪنھن ويچار ۾!

ڏس صرافيءَ جي نظر سان پَرکَ ڪر سچ ڪُوڙ جي،
ڪين دائم ڪُوڙ ڪُو ڏيندو نفعو واپار ۾.
ڪر سچائيءَ جي خريدي ڪُوڙ کي ڍڪ ڏ ڪُوڙسان،
جاڻُ ڪُوڙي جي حياتي دوزخي، ڦٽڪار ۾.

بت پرستي بانورا! نيندءِ نہ دلبر جي قريب،
سمجھ سياڻا ڪر سھي، آھي رکيو ڇا ڇار ۾؟
ڪين قابو مندرن ۽ مسجدن ۾ دلربا؛
ٿو پسان جلوو سندس ھر جنس ۽ جنسار ۾!

ڏس ڪنول جو گل رھي جل ۾، رھي جل کان جدا؛
بس اِھوئي راز مخفي آ انھيءَ اِسرار ۾!

بات سؤلي ناھ سٿري، ساڌنا ساڌڻ کپي،
گيان جي پرڪاش سان نِجِ نِرتِ نرآڪار ۾.

ايڪتائيءَ جو اکر دائم دکايل! ياد رک!
شوق سان ڪر يار جو ديدار در ديوار ۾.

چا ڪريان ؟

هن چنچل من کي چا ڪريان،
چا ڪريان مان چا ڪريان - هن چنچل ....

بــانــدر وانگـر اَڪ مَٽڪائي،
هِتِ هُتِ پيو ٿو جهاتيوُن پائي.
هَن جاهل مَن کي چا ڪريان - هن چنچل ....

ڏيان سماڌ جو مُور نــہ آدي،
ڪِن ڪِن ۾ گهرجيس اُپادي!
هن دربل من کي چا ڪريان - هن چنچل ....

آتم سک جو پيد جي جاڻي،
مؤج دکا يل! جيڪر ماڻي.
هن بيقل من کي چا ڪريان - هن چنچل ....

او وڻجارا!

اُٺ وڻجارا وڪر وهاءِ،
ڪالهہ وڃايءِ اڄ نہ ڪماءِ ـ اُٺ وڻجارا ....

هڪڙو آهي سفر اٽانگو،
ٻيو گهر سؤدو ٻيءِ مهانگو!
جاڳہ سمي جو ڪر ڪو سانگو،
غفلت ۾ نہ گنواءِ ـ اُٺ وڻجارا ....

وقت وڃائين تو عيش ۾،
رات سمهڻ ۾ ڏينهن رونشن ۾؛
ڪڏهن دکايل! سوچ تہ من ۾،
ويهي ڪجهہ وِيچاءِ ـ اُٺ وڻجارا ....

گيتا جو وچن

پيت پرجڻ جو نہ آهي هن هچاري ڪام جو،
آهہ گيتا ۾ چيل اهڙو وچن گهنشيام جو.

رُوپ جي واسينگ واسيو آهہ ٻولي پيار ڪي،
ڪو اچي جوڳي پڙهي منتر مذر هري نام جو.

پريم جي اچ ڪاپ وڻ ڪي ڪو لڳو ڪيڙو اچي،
مارجي ويٺي ٻُڌي، پيو تاپ سهڻو عام جو.

موهہ جي ڦاسيءَ گُهتي هئہ هئہ جهلي سوگهو ڪيو،
ڪيئن ڪَتيان پوءِ آءٌ هي زنجير ڌُهري دام جو.

اچ ٻٽيو آهين دڪا يل! نفس جو ايڏو غلام!
جو ويو پلجي آهہ توڪان نانءُ پياري رام جو.

جيئڻ جو سچو مزو

سُکن ۾ وچائي ڏُکن ۾ ٿي پايان،
جيئڻ جو مزو ٿي دکن ۾ پيو پايان.

هوائون لڳن ٿيون جي مؤجون اُٿن ٿيون،
ڏنگي دل جي لهرين ٿي نت ٿي نچايان.

ڪنارو پيو ايندو ڪڏهن هي ڪڏهن هوُ،
سُکن کي ڇو روئان دکن کي ڇو ڳايان.

بيٺي منهنجا ساٿي، ٻنهي جي مان آهيان،
ڇو هِن سان لڳايان، ڇو هُن سان ڦٽايان.

نہ ترندي ٿيو حاصل نہ ٻڏندي وچايم،
ٿيءَ سان ملي تو ٿيون ٿي لڳايان.

دکايل! هي درياهہ دل جو پيو وهندو؛
لڙهي لهر ۾ ڇو مان سڀ ڪجهہ وڃايان.

سڏيندو ئي رهه!

سڏن ٿي ڪري سڏ، سڏيندي رهان شل،
سدا پاڻ توسان گڏيندي رهان شل.

بڪارڻ مان آهيان تون ڏاتار منهنجو،
ڏنو تو جو توکي ئي ڏيندي رهان شل.

ڏسان سنگ جنهن ۾ نه سو رنگ تنهنجو،
اُهو سنگ سڪڙو ڇڏيندي رهان شل.

دڪايل ڏسان مان جتي تنهنجي صورت،
اُتي نيڻ-مندر اڏيندي رهان شل.

ڪوئي نہ ڪنهن جو سنگي

ڪوئي نہ ڪنهن جو سنگي ري بابا!
ڪوئي نہ ڪنهن جو سنگي.

ڪُوڙي مايا ڪُوڙي ڪايا،
لاڀ پدارٿ ورڻ جي ڇايا،
چئن ڏينهن جو چِٽڪو دنيا،
دنيا آهہ درنگي ري بابا.
ڪوئي نہ ڪنهن جو سنگي.

مورک جيئڙا ماڻ ڇڏي ڏي،
مان، تُون جي ڇڪتاڻ ڇڏي ڏي.
ويجهو پسندين پوءِ دکايل!
دور نہ راهبُ رنگي.
ڪوئي نہ ڪنهن جو سنگي.

سنڌا نہ وڃ!

سنڌا وڃيِ ٿو سمجهين هيِ منهنجو ملڪ آهي،
هي تنهنجو ملڪ ناهي، هيِ ڪنهن جو ملڪ ناهي.

ڏاڏو ڳهيلو آهين، جيڪس ٿو پنهنجو پائين،
ڪنهنجو هي ٽيڏو ناهي، لڪ جي ڪٽيِ ڪو چاهي.

هيِ محل هيِ منارا، تابوت تاج وارا،
سوَ جي ڪٽيِ اَڏيندين، وڃندءِ گهڙيءَ ۾ ڍاهي.

هيءَ جات پات قوميت هيءَ تنهنجي منهنجي ملڪيت،
سڀ ڪجهہ ڇڏي دکايل! منزل ڏي هل تون ڪاهي.

اڪيلو سفر

ڳوڪي سفر تي وڃڻو آهي سڄڻ اڪيلو،
پائڻ پڻن جي سنگت ڏينهن ٻن جو جاڻ ميلو.

پڃسي جي پريت ڇاجي ڌرتيءَ جو موهہ ڇاجو؛
ماسو مٽي نہ ڪٽنديون ٽامي جو ڪو اڌيلو.

هي محل يا اٽاريون هي روپ ۽ جواني،
ڪنهن ساڻ ٿيا نہ نيبهہ ناحق نہ ڪر جهميلو.

پورهيت نہ پائي ڪاڌو؛ هُت پاپ ساڻ واڌو!
هڪڙا هزار ميڙن، ٻين وٽ وَرءُ نہ ويلو.

جيڪي بہ ڳون ڪمائين، ڌاتر جو ڄاٽين ڪائين،
جس پائين، جڳہ ٿئيئي هي ڳوڙي هڙُ سهيلو.

اهنڪار کي وساري دل ۾ ڳون ڌار سائين،
چوندي نہ پوءِ ڏڪايل! ڳوڪي دنيا گهيلو.

مايا جو سنگ چڏ!

سوچيو سوچيو اوهين چڏيو سياڻا ٺن-مايا جو سنگ .
من-مايا جو سنگ چڏيو اوهين من-مايا جو سنگ .
سوچيو سوچيو ....

وِهه اٿس واسينگن وانگيان آهي قاتل مار،
کين سنڀالي سگهي اُهو جَنُ،
ماري جنهن کي ڏنگ .
سوچيو سوچيو ....

ڏرو ڪرم ڪان دور ڪري ٿي ڏنگي ڏسائي راهه،
هري پيتن جو سنگ چڏائي،
وجهي پيچن ۾ پينگ .
سوچيو سوچيو ....

هن چلٽيءَ مايا جي هرڪا بُري دڪايل! بات،
چنتا لائي چاهه وڌائي،
وجهي وشيہ جو وَنگ .
سوچيو سوچيو ....

کر بی نقطي غين

نالو وٺ هروار هريءَ جو نالو وٺ هروار
راس ڪندءِ ڪرتار سدا ڪم راس ڪندءِ ڪرتار.
هريءَ جو نالو وٺ هروار ....

جهنگ ڪڍي ڪر صاف ٻني جيئن لاهہ نہ پکڙي پاڙ،
لوڀ اٿيئي جڙ پاپن جي رک تون تنهن جي تاڙ.
کيڙ ڪري، ٻج- ڇٽ ڪر، تنهن پوءِ، ڪڻ تون فصل تيار،
هريءَ جو نالو وٺ هروار ....

مايا جي چڪر ۾ ڦاسي مفت ٿي حيران
ڏن ۾ ڪستوري نہ سڃاڻي، ٿئين ڇو سرگردان!
سون اٿيئي اندر تنهنجي، ٻاهر ٿي ٻُک چار
هريءَ جو نالو وٺ هروار ....

سانت سچي ممتا ۾ ڪانهي، هي ويدن جو واڪ
انترمک ٿي چپ ساڌي ڪر بند دريءَ جو ناڪ
تول مٺو سنتوشي ملندءِ، وير نہ پوندءِ وار
هريءَ جو نالو وٺ هروار ....

ٻاجهي مان ورندو نہ دکايل! ڪر هٿ اصلي عين
عين ٻين جي عين ٿئين تون! ڪر بي نقطي غين
موهہ جو ڪُوڙو ڪڙم ڇڏي، ڪڻ پريم جو سچ پروار
هريءَ جو نالو وٺ هروار ...

دل جو مندر

دل جي مندر جو در کولي،
ڏس ڪير اندر ٿو ٻولي.
ٻيڙي جي ٻئڌ گهاري،
تون وينئين پاڻ وساري،
ڪهڙي پرم وڏيءَ مَن پولي — ڏس ڪير ...

خود ذات ڀُلائي ذاتي،
وڃي وينئين فرق صفاتي؛
پيو ڪير ڳجهاندر ڳولي — ڏس ڪير ...

سڀ دنيا گورک ڌنڌو،
ڏس! ٿيءُ نه 'دکايل' انڌو،
اِهو راز وڃهندءِ رولي — ڏس ڪير ...

کولي ڏس در

دل جي مندر جو در کول،
من جي مندر جو در کول.
کهڙي ڪارڻ جڳهہ ۾ آئين،
مورک! ڇوٿو من ڀرمائين،
مفت مهانگي مهل وڃائين،
جيون جو ڏن ڳول- دل جي ...

جاڻي تو نہ دکايل جاني،
ڪين سڄڻ جي راهہ سڃاڻي،
حرمن جي هٿ ڏنءِ حياڻي،
بي نہ ٻيائي ٻول- دل جي ...

مسافر حيران نہ ٿيءُ

مسافر ٿيءُ نہ ٿون حيران،
رات انڌيري راهہ ڏکيري،
سنڪٽ ۾ آهن پُران،
همت وسيلو ڪر ٿون مسافر!
رک منزل جو ڌيان - مسافر ٿيءُ ...

دنياداري ڍونگ سراسر،
دک سک چاڻ سمان،
دوکو آسا، آسا دوکو،
مهر ڪري ڀڳوان - مسافر ٿيءُ ...

ڏوهڙو

آنند ڌام نہ دور دکايل!
ناحق چو گهبرائين ٿو،
پريم سنيهو پريت نگرمان ايندو،
چو من پرمائين ٿو؟
مسافر! ٿيءُ نہ ٿون حيران.

سوچ سمجھ نادان !

ڏوهڙو

نغاري ڪوچ جو آواز ڪن آيو،
سفر جو ڪافلي وارا ڪريو سعيو،
ٿلهه — سوچ سمجهہ نادان مسافر!
جڳ ۾ ڪيسين رهڻو آهہ ؟ سوچ ...

ڪوچ جو ڪر سامان ڪنو، اڳيان
ڪشٽ سفر جو سهڻو آهہ — سوچ ...

رنگ عجب قدرت جا، جيڪي
ڪالهہ ٿيو اڄ ڍهڻو آهہ ! سوچ ...

من مايا جي ريت نرالي،
ڪي نہ دکايل ڪهڻو آهہ — سوچ ...

مسافر خانو

سنسار مسافر خانو،
بندا! ڏينهن ٻن جو گذرانو- سنسار ...

انت سمي ڪم ڪوبہ نہ ايندءِ،
ڪُڙم قبيلو ساٿ نہ ڏيندءِ.
جڏهن آندو قضا پروانو- سنسار ...

ڪهڙي ڪل ڇا ٿيندو هاٽي،
سمهہ نہ غافل چادر تاڻي،
ڇا لاءِ ٿئين ديوانو- سنسار ...

جنهن دنيا کي پنهنجو ڀائين،
مورڙهہ دکايل! وينو آهين.
سا دنيا آٿيئي بهانو- سنسار ...

مسافر جاڳ ذرا

تنهنجي جيوت جا ڏينهن چار!
مسافر جاڳ ذرا.
ڪُهنبو چٽڪو جوڀن جواني،
دنيا فاني ڇڏ ناداني.
غافل غرق ڪندءِ غلطاني.
نِت نه باغ بهار- مسافر! جاڳ....

ڌن دولت جي هوڏ اجائي،
ساڻ نه هلندءِ ماڻ وڏائي.
آخر پوندءِ ڻاب ڪمائي،
مورک! من کي مار- مسافر جاڳ....

يڪسان آهه نه رنگ زمانو،
دنيا آهه مسافر خانو،
ٿيندو هرڪو نيٺ روانو،
سانت دڪايل! سار- مسافر جاڳ....

ڪجھ ڏيو!

ڪجھ ڏيو، ڪجھ ڏيو،
ڏيندڙ جو ڀلو ٿيندو.
ڪجھ ڏيو، ڪجھ ڏيو ....

او شاهي محلن وارا،
ڌن دولت جا متوارا.
ٿا واجھ وجھن ويچارا،
همدرد ۽ همدم ٿيو.
ڪجھ ڏيو، ڪجھ ڏيو ....

قارون، سڪندر، دارا،
جن ماڻيا تخت هزارا.
سي گنج ۽ گنجن وارا،
ويو خالي هٿين هرڪو.
ڪجھ ڏيو، ڪجھ ڏيو ....

هڪ ڏينهن ڏکايل! هلبو،
هي راز سمورو ساڃو،
ڪُل دنيا آهي دلبو،
ٿيو سياڻا ڪجھ سوچيو!
ڪجھ ڏيو، ڪجھ ڏيو ....

ھوند منجھان ڪر

ڪجھہ ھوند مان بندا ڪر.
ڪنھن خالي ھٿ ڪي پر- ڪجھہ ھوند ...

تون جن لءِ ٿو مايا ميڙين،
سنگہ نہ ھلندءِ سيڻي.
مٽي پڇاڙي ساڙي ايندءِ،
ڏک پڇاڙيءَ ڏيڻي- ڪجھہ ھوند ...

جيوت جي ھن سخت سفر ۾،
جاءِ بَديءَ کي ناھي.
وٺ نيڪيءَ جي راھہ مسافر!
دور نہ منزل آھي- ڪجھہ ھوند ...

سنسار اَٿيڻي کيت بندا!
اَڪ پوکي ڪينءَ انب کائيندين؟
ڪاھجڳہ ناھي؛ ڪر جڳہ آ،
جو پوکيندين سو پائيندين- ڪجھہ ھوند ...

ھي جو سونو محل بڌايءِ،
ڪين سدا ٿي رھندو،
جو اڄ پانڊو بڻبو دڪايل!
ھڪ ڏينھن آخر ڍھندو- ڪجھہ ھوند ...

اڻ ڳڻيا عيب منهنجا

عيب مون منجهہ اڻ ڳڻيا، کھڙا ڳڻي کھڙا ڳڻيا ،
پنهنجي اعمالن ڪري اڄ حال بد منهنجا ٿيا .

راهہ حق واري ڇڏي گمراهہ ٿي در در رُليس ،
تنهنجا سڏ منهنجن ڪنن کي پر نہ هرگز ٿڏي وڙيا .

شاهہ بازيگر ڇڏي، بازيءَ پٺيان حيران ٿيس ،
جھول ڪَچ ڪوڏيون ڪنيم ، سچ جا ڇڏي موتي مٽيا .

مهربانيون جنهن ڪڏهن تنهنجون سچائيون ڪين ڪي ،
تنهن ڏڪايل تي سدا احسان تنهنجا اڻ ڳڻيا .

گمان نہ کر!

جوڀنو گمان نہ ڪر.
جوڀن جي ڪنبي چٽڪي ٿي،
هٿ ايمان نہ ڪر.
منڙا! جوڀنو ....

چار ڏهاڙا حسن جواني،
آخر ٿيندي هڪ ڏينهن فاني،
ڪُوڙن ڏيکن پويان مورک!
من مستان نہ ڪر.
منڙا! جوڀنو ....

پرمارٿ جو جيون گهاري،
ڇڏ سوارٿ جي ريت وساري،
خود غرضي، خواهش جي گولي،
دل حيران نہ ڪر.
منڙا! جوڀنو ....

مانش چولو بندا پائي،
غلطائيءَ ۾ ڇڏ نہ گنوائي،
اماهہ دڪايل! هي جيون ـ ڌن،
هٿ سان زيان نہ ڪر.
منڙا! جوڀنو ....

رام جپيو

سري رام جپيو سک ۾ دک ۾،
مايا جو مُور نہ مانُ ڪريو. سري رام ...

ڪئي راج ٿيا مهراج ٿيا،
رهيو ڪير پلا ڪجھہ ڏيان ڏريو. سري رام ...

ڪنهن کي شاهہ ٿو شاهوڪار ڪري،
ڪنهن کي مفلس ۽ نادار ڪري.
ڪئي خالي رڙي، ڪئي روئي پريو! سري رام ...

اهڙي رچنا رام رچائي آهہ
ڪائي غم آ ڪئي سرهائي آهہ.
سدا دل سان دکايل! سو سُمريو. سري رام ...

رام پڳني

(ستيہ)

رام رنگ سان من رنگ جوڳي !
ڇاھي ويس رڱائڻ ۾. رام رنگہ سان ....

ڳِلِ مالھائون جوڳہ جٽائون ،
ڇاھي ٽلڪ لڳائڻ ۾ ،
تيرٿ پيٽي عمر گنوايءِ
انگہ ڀڀوت رمائڻ ۾. رام رنگہ سان ....

جُڳت بنا تنھن نالي جوڳي ،
من ۾ ڀوڳي ، تن ۾ روڳي ،
ڪين پُڄڻ پَرَ ڪو پرشارٿ ،
من جي مئل مٽائڻ ۾. رام رنگہ سان ....

مانش ديھہ املوڪ پائي ،
ڳپڻ ۾ ڇو وڍءِ گنوائي ،
رام امر رَس ڇڏي دڪايل ،
عمر ويءِ وِڪ ڪائڻ ۾. رام رنگہ سان ....

هئي رام سان سنگ سيتا ستي ،
سپاتر سمترا جو لڇمڻ جتي .
ڇڏي راڄ ڌاني ٿيا راهي جئين ،
سندن پويان ماڻهو پيا ڪاهي تئين .
رَسيو رنج ايڏو هُيو عام کي ،
هاليا سڏڪندا، سَڏَ ڪندا رام کي .
مگر رام سڀني کي واپس ڪيو ،
ايوڌيا وڃڻ لاءِ تن کي چيو .
دکي من سان پرجا وداعي ڪئي ،
هئي رام جن سان جدائي ڪئي .
اڪيلا ٿيئي پوءِ اڳتي وڌيا ،
ايوڌيا جي پرجا سندا داد لا .
نديءَ جي ڪناري تي پهتا جڏهن ،
وڏي آيو ڪيوٽ ماڻهو تڏهن .
ڇيائين اسانجا ڀلا ڀاڳ ٿيا ،
ڪري رام-درسن ٺري نيڻ پيا .
ڪجي منهنجي لائق ڪا سيوا ڪريان ،
اُتي ڀوڙندي آئي شبري پريان .
نماڻي هئي نيچ سا ڀيلڻي ،
چکي ٻير جونا جا آئي کڻي .

رام بنواس

ايوڌيا جي پرجا رُني زار زار،
جڏهن رام بنواس لءِ ٿيو تيار.
متو خوب ماتام محلات ۾،
هئي ڪوشليا راڻي فڪرات ۾.
رُنو موهه ماتا جو سڏڪا ڏئي،
جدائي نماڻيءَ کي سَهڻي پئي.
هليو وس نه ڪنهنجو جڏن ٿيو جڏو،
وڏو اهڙو پاويءَ اچي کو ڦڏو.
مريادا جو پالن ڪري پيارو رام،
هليو بَنِ ڇڏي راڄ جو سک تمام.

گگن ۾ خوشيون ديوتائن ڪيون،
وڏيون پرٿويءَ تي پچارون پيون.
عجب جي نہ ڪيوٽ سندي حد رهي؛
شِلا مان ٿِري ڪيئن بڻي اِستري!
اُڏاڻو جي پٿر نہ وٽ ڪاٺ ڇا؟
پوَن ڏو ٺٺا هٿ نہ ٻيڙيءَ منجها.
اِهوئي تہ آهي ٻچن جو جُهاو،
ڪرڻ تنهن کان انڪار آهي ڀلو.
رزق جي اُڏامي وڃي هيئن هليو،
گذر جو ٻيو ڪهڙو پوءِ ٿيندو بلو؟
ائين من ئي من آزمائي دليل،
لڳو خوب سوچڻ مهاڻو سبيل،
انهيءَ دم ڪري دل ۾ هو فيصلو،
وڏي آيو پڳوان جي ويجهڙو،
چيائين، ڊڄاڻو انهيءَ پير کان،
پرينءَ پر لنگهي ٿل هلو خير سان!
لڳو پير پٿر ڪي، اُڏري ويو!
اِهوحال جي منهنجي ٻيڙيءَ جو ٿيو،
تہ منهنجا ٻچا بک ۾ ويندا مري،
لڳي ڳالهہ ٿي ناٿ! ڏاڍي ڳري.

گهڻي پريم سان رام ڪائڻ لڳو،
ڪري ساڪ تن جي، وڏائڻ لڳو.
ڪٿي جي نه هي تحفو ناياب هو،
مگر ڀاؤ ڀڳتيءَ جو اسباب هو.
وڏن کي وڏائي ڏئي عام ٿو،
ننڍن کي وڏو پر ڪري رام ٿو.
هئي جا دنيا لءِ پتت نيچ جات،
ڪري تنهن کي پاون، ڏني نات ذات.
هريجن وڻيا، اوچ ٿي سي ڳڻيا،
ٻڻيا رام جا هي ڳلي جا مڻيا.
اُتي رات رهڻي پئي رام کي،
هيو ڏسڻو اچرج ڪو جو عام کي!
رشيءَ جي سَراپيلَ هئي نار جا،
ڪڏهن کان ٻڌي چپ پي ڀوڳيئين سزا.
چرن رام جو جيئن ئي تنهن کي لڳو،
اُنهيءَ دم ڪَٽيو پاپ آهليا سندو.
ايامن کان جنهن ٿئي ڪيو انتظار،
هئان رام جي اڄ ٿيو تنهن جو اُڌار.
ٻَڌي هٿ، اُڏامي وئي سرڳ ڏي،
رهيل هو پتي هن جو گوتم جتي.

اِئين چوندي هن جا ڇُلي نيڻ پيا،
ڏسي پريم، ڪل لوڪ گد گد ٿيا.
چيو رام، جو لوڪ-سيوا ڪري،
اسان ڪان اُهو ڪين آهي پري.
ٻڌي شپ وَچن سڀ رهني ۽ مني،
مچائڻ لڳا خوب جيءِ جيءِ ڌني.
ٻڌي باب هي رام بنواس جو،
دکايل جو من جنسي جهوُمڻ لڳو.

انهيءَ لءِ اوهانجا چرڻ مان ڌئان،
اجازت جي ڏيو، آزمائي ڏسان.
اُنهيءَ کان پوءِ ٻيڙيءَ تي پڻ سوار ٿيو،
مزي ساڻ تنهنئي جڻا پار ٿيو.
ٻُڌي هي وچن ڀڳت کيوٽ سندو،
وڌي آيو ڀڳوان پڻ مشڪندو.
چيائين، ڪري وٺ ڀلي خاطري،
رهي پائي! جيڪا تنهنجي ٻيڙي بچي.
ٻڌي ناٿ جا اهڙا مٺڙا وچن،
ڪٽي گنگاجل آيو ڌوئڻ چرن.
ڌوئي پير، هاڪاري ٻيڙي هليو،
پلو پاڳ ٻيڙيتي کيوٽ جو ٿيو.
ڏسي هي نظارو ٿي گنگا نهال،
چيائين، ”ڀڳت صدقي مون سان ٿيو پال!“
اچي جڏهين ئي ٻيڙي ڪناري لڳي،
تڏهين رام ڏي خلق ڊوڙي پئي.
هليو رام، کيوٽ جا ٿورا مڃي،
مليو ڀڳي يتنا يوگ سڀ سان وڃي.
ڇُهي پير کيوٽ چيو، منهنجا ناٿ!
ڇڏايو نه مونکان اوهان پنهنجو ساٿ.

ڪانہ خبر ڪنهن آندي آهي،
پار سمنڊ جي ٻانڌي آهي.
پياسي دل هيڪاندي آهي،
منهن ڪيئن ڪولي نار نماڻي.

ڏينهن سنڀاري رات سنڀاري،
ساعت ساعت ويٺي ساري،
آس تي پيئي جيءَ جياري؛
نيندو آخر ننگ سڃاڻي.

محل بغيچا هن ڪي ڪائن،
تڏ ڙيون هيرون چڪ ٿيون پائن،
بوندون برسن آگ لڳائن،
راحت ڪانہ ڏکايل ماڻي.

ويڳاڻي سيتا

رام بنا سيتا ويڳاڻي،
هر هر ويني هاري پاڻي.
پُور ٿا پونس نيڻ ٿا ٽمنس،
جنهن کان دل تي پيَڙس چاٽي.

ناريلن جا وڻ هي اونچا،
لنڪا جا پاسن ٿا راڪا؛
ايندو رام نه لهندس اولا،
ويني راهه نهاري راڻي.

وماڻ هيٺ لٿو تہ پرجا جي خوشيءَ جي حد نہ رهي. ماڻهو سڀ ڏسج خوشيءَ ۾ اچي نچڻ ۽ هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائڻ لڳا. مندرن ۽ شوالن ۾ شنڪن جي مٺي مٺي ڌنيءَ، جڻ تہ هن آنند لنڊ لاءِ ديوتائن کي سڏ ڏني ڪيا. گهنڊن ۽ گهڙيالن جي آوازن جنسي آسمان ٿڏي ڏاريو.

چؤ طرف آنند جون لهريون اُٿيون،
دل جون ڪومايل تڙي ٻيبون کليون.
بعد مدت آيو اج ايوڌيا پتي،
ڌرم پتني رام جي سيتا ستي.
رام لڇمڻ سان، جڏهن رٿ تان لٿو،
پرت شرڌا سان اچي ٽيڪيو مٿو.
پير پڪڙي رام جا رئندو رهيو،
نير ڌارا سان چرن ڌئندو رهيو.
پريم ۾ وياڪل ڏسي خود پرت کي،
رام روئي ڀاءُ کي لاتو گلي.
ويل ويئي اؤکي وڇوڙي جي ٽري،
اج ايوڌيا ۾ وري آيو هري.

ڀرت ميلاپ

رام جي بنواسُ کان پوءِ ڀرت جو،
ٿيو وڇوڙي جو گذر ڏاڍو ڏکيو.
رام بِن جنهن راڄ-سُکَ ماڻيو نہ ڪو،
ڀرت ۾ هو رام جي پورو پڪو.
ڏينهن گوندر جا ڳڻيندي ويا لنگهي،
اڄ مهاندو ٿو سندس سرهو لڳي.
اڄ ايوڌيا ۾ ٿو ٻڌجي خاص شور،
ٿو اچي پرجاپتي، دسرت ڪشور.
اڄ اچڻ جو رام جو انجام آهہ،
ياد نر ناريءَ کي سيتا-رام آهہ.
اوچتو ايندو نظر آيو وماڻ،
هرڪو هرڪو ٻُلائي وڃو پاڻ.
ٿي خوشيءَ جي جوش ۾ پرجا چري،
اڄ ايوڌيا ۾ وري آيو هري.

سال چوڏهن ختم ٿيا بنواس جا،
چوُطرف ڏيئا ٽا چمڪن آس جا.
موتيو اچ آ ڪوشليا ماتا جو نوُر،
ڪرشن پک ۾ ٿيو ڏياريءَ جو ظهور.
ٿيو دکايل جشن هرجا عام جام،
ياد هرڪنهن کي ڏيو اچ رام نام.
جنهنجي نالي تي ويا پٿر تري،
اچ ايوڌيا ۾ وري آيو هري.

جڏهن روئي مات ڪيائون، تڏهن شري
رامچندر پرت کان پڇيو "پرجا جو ڪهڙو حال آهي،
ڪو شڪايت ته ڪونه ٿو ڪري؟ نياءُ ته پورو
ٿو ملي، ڍل ته وڌائي ڪانه ويئي آهي؟ عملدار
پنهنجي زيردستن کي تنگ ته ڪين ٿا ڪن. ڪا
چوري چڪاري ته ڪانه ٿي ٿئي؟" پرت جواب
ڏنو- "راڄن! پرجا هرطرح سکي هوندي به
پنهنجي پياري رام جي وڇوڙي ۾ ڏاڍو ڏکي
گذاريو آهي. اڄ پرجاپتيءَ جي آئي سندن خوشيءَ
جو انت لهڻ نهايت ڪٺن آهي."

شهر ۾ اچي پرت حڪم ڪيو ته "چوڏهن
ورهيه بنواس ڪاٽيوءِ رامچندر جي موٽي اچڻ ۾
سڄي شهر ۾ عام جشن ڪيا وڃن. دوڪان
سينگاري، ڏيئا ٻاري، ڏياري ملهايو!"

اڄ ايوڌيا جو نظارو اؤر آهه،
رام جي جيءَ جيءَ جو چؤڌر شور آهه.
راڄ محلن ۾ ٽيون واڌايون وڄن،
شهر ۾ هرجا مشعالون ٽيون ٻرن.

هيِ بہ موهن، هوُ بہ موهن

مات يشودا جو پيارو موهن،
نند پتا جو دلارو موهن،
ڪٿي ڪٿي متوارو موهن،
مرليءَ وارو ڪارو موهن.
او موهن جي پياري جمنا،
نيليءَ ساڙهيءَ واري جمنا!

ڪرشن ڀڳتي

(پريم)

شيام روپ ۾ پريم سمايو،
پريم روپ ۾ شيام.
مَن مندر جي پريم ڀوَن ۾،
براجي ٿو گهنشيام.
شيام سندر جي چرن ڪمل ۾،
ڀيٽيم چارئي ڌام - شيام روپ ....

بندرابن جي ڪنج گلين ۾،
ڪين مابيو منهنجو شيام.
شيام رنگ جمنا ۾ ڳولهيم،
نند جو دل آرام - شيام روپ ....

ڪرشن نام جي مالها سوري،
پاتو مَن وسرام،
مڪتي داتا آهه دڪايل!
ڪرشن جو پيارو نام - شيام روپ ....

موهن جو نالو ٻڌي، ماڻبيٺي جمنا جي لهرين ۾ جوش پيدا ٿيو. سندس ٻنهي ڪنارن تي بيٺل اُڀا اُڀا وَڻ، جي موهن جي جدائيءَ ۾ لڙي پيا هئا، هڪوار، مرلي منوهر جو نالو ٻڌي، چرڪ ڀري ڪڙا ٿي بيٺا. بندرابن جا پکي پنڇي ڪرشن چندر جو نالو ٻڌي، جمنا جي نيل وَڻ مٿان اُڏامي اُڏامي ٻولڻ لڳا. برج جا وڇڙا ۽ ڳانيون، برج بهاريءَ جو نالو ٻڌي چرڻ ڇڏي، هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ لڳيون. اهڙي آنند جي سمي، ڀڳت جي سڏ جي جواب ۾ جمنا منجهان هيٺيون آواز آيو.

جنهن مرليءَ جي موج مچائي،
بندرابن ۾ راس رچائي.
هاڻي تنهن گجرات وسائي،
سابرمت سان لگن لڳائي.
جمنا ڪي تنهن موهن پياري،
آهي دکايل ڇڏيو وساري.

٢

گوالن جون جنهن ٺاهي ٽوليون،
مٺيون مٺيون ٿئي ٻوليون ٻوليون.
ڪٿي ڪٿي سو ماڌو ڳوليون؟
جنهن تو منجهه ٿئي ڪيون آلوليون.
جمنا جمنا مونکي ڏَسُ ڏي،
جيڏانهن ويو موهن سو گس ڏي.

٣

گان ٿلن جون پياريون پياريون،
جنهن تو منجهه ٿئي ٻيڙيون تاريون.
ڪٿي ڪٿي جنهن گايون چاريون؟
گوالن سان ماري ڪلڪاريون.
جمنا مئيا گوپين دَل سان،
ڪيڏيو ٿئي جو تنهنجي جل سان.

٤

مور مڪٽ پيتامبر ڌاري،
نٽور، گرڌر، شيام مراري.
ڪٿي ڪٿي ڀڳتن هتڪاري،
جنهن مٿرا ۾ ڪُبڙي تاري.
جنهن پاپي مامي کي ماريو،
ڀارت جو جنهن بار اُتاريو.

راڌي شيام ٻول

راڌي شيام، راڌي شيام،
راڌي شيام ٻول.
ٻول من هردي اندر شيام ٻول.
راڌي شيام، راڌي شيام ....

ڀڳتبکاري پريم جا، پريم سندن ڀڳوان،
پريم جڳائي پريم سان، پائن پد نربان.
ٻول من هردي اندر شيام ٻول.
راڌي شيام، راڌي شيام ....

سنگ هريءَ جو ساچ پراڻي!
ڇڏ مايا جو سنگ،
ڀيا سڀ ڪوڙا رنگ ڏکايل!
سچو شيام جو رنگ.
ٻول من هردي اندر شيام ٻول.
راڌي شيام، راڌي شيام ....

مرليءَ وارو

ڪرشن ڪنئيو ڪارو مرليءَ وارو.
گوڪل ۾ ٿو گايون چاري،
لال، يشودا وارو- مرليءَ وارو.
برهم بانسري نات وَجائي،
بندرابن ۾ راس رچائي،
برج ڪيو متوارو- مرليءَ وارو.
مور مڪٽ پيتامبر ڌاري،
نٽور گرڌر شيام مراري،
نندڙو نند دلارو- مرليءَ وارو.
گيتا جو جنهن گيان ٻڌايو،
ارجن جو اگيان مٽايو،
ڀڳتي پاءُ پندارو- مرليءَ وارو.
پاپي ڪنس ڪي ناس ڪيائين،
ڪبڙيءَ جو انجُ مانُ رکيائين،
ڀڳتن جو رکوارو- مرليءَ وارو.
جڏهن دکايل پاپ وڌي ٿو،
سنتن جو سنتاپ وڌي ٿو،
پاڻ اچي ٿو پيارو- مرليءَ وارو.

ڏئـــت سنگھارن ڀڳتن تارن،
گانين جـــو گوپال.
منهنجو آهـــہ نرالـو نئوُر،
ڏينن جو تـــہ ڏيال. گوپيون ....

بندرابن جـي ڪنج گلين ۾،
ڍونڍيم پنهنجو ڍول.
ڪانَ بنا سُکُ ڪوئهي سرتيون،
آهہ سچو هـي جهول. گوپيون ....

ورهـــہ وياڪل مات جسودا،
ڏين ڏسي نندلعل؛
ڀاڻ ڏڪايل! پـــريـ پڌاريو،
بـرج چڏي برج بال. گوپيون ....

سانورو سڄان

گوپيون! منهنجو سانورو سڄان،
راسيون ڪاٿي ٿو رچي؛
آڄا گهر چونه ٿو اچي؟
گوپيون! ....

شام ٿئي سڀ گهر ڏانهن موٽيا،
ڳايون چاري گوال.
دير الائي ڇا ڪون لائي،
منهنجي پياري لعل! گوپيون ....

گووند گرڌر!

اي شيام سندر گووند گرڌر،
اي مرليڌر مادو مَنهَر.
تنهنجي مرلي عجب اِسرار موهن،
اي شيام سندر ......

ڪهڙو نه آهه پيارو آواز بنسريءَ جو،
هردل کي ٿو لُڀائي هي ساز بنسريءَ جو.
ٿون نه تار اچي، ڪرتار اچي،
هروار اچي، لَهُه سار اچي.
ڪر پيؤ ساگر مان پار موهن!
اي شيام سندر ......

ٿوريءَ لڳي ٿو گرڌر! اوندهه سڄو زمانو،
جوٿو جهان جاڙان ڪوڙو هي ڪارخانو.
تنهنجي ڀڳت ڪريان، تنهنجو جاپ جپيان،
تنهنجي شرڻ اچان، توسان ئي رهان.
ٿون دکايل جو آڌار موهن!
اي شيام سندر ......

آءُ تون مهراج!

منهنجي گهر آءُ تون مهراج ·
آءُ تون مهراج! منهنجي گهر ....

ٺاڪر! مهج مزماني رک لاج ،
منهنجي گهر آءُ تون مهراج ·
تنهنجي خاطر پلنگ وڇايان ،
تنهنجي سرهي سيج بڇايان ·
چاهه منجهارون چنوَر جهلايان ،
آءُ تون مهراج! منهنجي گهر ....

ڪير پيڙا پکوان مٺائي ،
دال ۽ ڀات مون شيام بڻائي ·
پان جو بيڙو ڪاءُ ڪنهائي ،
آءُ تون مهراج! منهنجي گهر ....

مور مکٽ پيتامبر ڌاري ،
ننڌور گرڌر شيام مراري ·
ميران دکايل موهن تاري ،
آءُ تون مهراج! منهنجي گهر .....

اياڻي پريت

مرليءَ وارو وسي منهنجي من ۾،
بنسيءَ وارو وسي منهنجي من ۾.

پريت موهن جي ڪيس آياڻي،
ڀري ڪفني ٿيس جوڳياڻي.
گوڪل ڳوليم متَرا ڳوليم؛
ڳوليم بندرابن ۾.
مرليءَ وارو وسي منهنجي من ۾.

سڪندي ساري رات گذاريم،
ويٺي تنهنجي واٽ نهاريم.
آءُ نه ڄاڻان ڇا ڪوُن دڪ ايل!
دير وڌيءَ درسن ۾.
مرليءَ وارو وسي منهنجي من ۾.

لِيلا ڏان بلهار

شيام تنهنجي لِيلا ڏان بلهار،
وڃان لک وار، گيان پندار- شيام ....

مرلي جڏهن چپن تي موهن کڻي اچي ٿي،
بي سرت بانوري ٿي هرڪا پڄي اچي ٿي.
تنهنجي مرليءَ ۾ اِسرار،
ڇڏي گهر بار، تياڳي پروار- شيام ....

گوپين سان راس ليلا گرڌر جڏهن رچائي،
ٿي شاد دل 'دکايل' چؤطرف موج ڇائي.
اي ڪرتا-مئہ ڪرتار،
درد دک تار، پريم اوتار- شيام ....

شاستريہ گيت:

پريت جو پيغام

ڏئي ڪوئي ڪرشن ڪنهي کي،
منهنجي پريت سندو پيغام.
سکيون شيام ....

راس رچائي، بين وڄائي، مست بڻائي، شيام،
مست بڻائي شيام، پرڀو! مست بڻائي شيام.

جمنا ڪناري، گانيون چاري، پاپي تاري شيام،
پاپي تاري شيام پرڀو! پاپي تاري شيام.

ڳت ڀلايل، دين دکايل، تو در آيل شيام،
تو در آيل شيام پرڀو! تو در آيل شيام.

منڙي تانَ

وڄايو مرليءَ ڌر پڳوان،
مرليءَ واري پياري پياري،
منڙي منڙي تانَ.
وڄايو مرلي ڌر پڳوان!

پارت ماتا آھ دکياري،
گرڙ چڙھي اچ گرُوَر ڌاري!
ڪرشن ڪنئيا ڪان،
وڄايو مرلي ڌر پڳوان!

ديس دکايل ڌرم وساريو،
تنھنجو بتايل ڪرم وساريو.
گيتا وارو گيان،
وڄايو مرلي ڌر پڳوان!

شاستريہ گيت:

برج بهاري

مٿرا ويو پيئرو برج بهاري،
ڪنس مُکو آکوؤر سنباهي،
پاپيءَ جي مت ماري.
مٿرا ويو پيئرو ....

موهن پيارو مٿرا پڌاريو،
بڻي ڪنس جو ڪال.
پاپي مئو ٿيو آنند گهر گهر،
ٿيا هر ڀڳت نهال.
مٿرا ويو پيئرو ....

شاستري گيت:

پڌاريو شيام

منهنجي گهر پڌاريو شيام!
نظر فضل واري، ڪري بنس-ڌاري.
منهنجي گهر ....

پريم پسج واري گهڙي،
آئي آتي پياري گهڙي.
رڪمڻي پتي راج،
ڪارج سنواريو شيام.
منهنجي گهر پڌاريو شيام ....

پريم وَس پريو

پريم وَس آيو.
پريو، پريم وَس آيو ....
پيلٽيءَ جا ٻير، سداما جا چانور،
رچ رچ ڀوڳ لڳايو.
پريو، پريم ......
دريوڌن جا ميوا تياڳي،
ساڳ ودر گهر کايو.
پريو، پريم ......
پريت جي ريت نباهي جنهن جنهن،
تنهن جو ڪشٽ مٽايو.
پريو پريم ......
درسن پياسي دين دکايل،
داس جي پياس ٻُجهايو.
پريو! پريم .....

شاستريه گيت:

ڪنج بهاري

بانسري وڄائي پياري؛
ڪشت ڪٿي ڪنج بهاري.
گوال ٻال، گوپين سنگ کيلي،
بانسري وڄائي پياري ....

جمنا ڪناري شور،
لائي نند ڪشور.
مک سان مرلي ميلي،
بانسري وڄائي پياري ....

من ۾ بنواري

پنڪين ڇو ٿو مورک بندا! من ۾ بنواري،
ڪين ملي متّرا ۾ موهن برج ۾ ڪين بهاري.

ڪي ٿا ڳولهن مڪي مديني ڪي گوڪل ڪي ڪاشي،
پريم روپ ۾ پاڻ سمايو آهه الک اَبناشي،
پريم جو آهه نرالو جادو پريم جي وس گرڌاري.
پنڪين ڇو ٿو ......

پريم رکي جن پاڻ سڃاتو پاتو پريتم گهر ۾،
پريم ديوتا رهي دکايل! ٿو دل جي مندر ۾،
پريم جو آهه انوکو انيؤ، پريم جي مهما پياري.
پنڪين ڇو ٿو ......

او ڪرشنا!

ڪرشنا، ڪرشنا، ڪرشنا، ڪرشنا،
ڪرشنا! ......

ڇڏي گوڪل تو مٿرا کي پنهنجو ڪير،
ڏاڍو نند يشودا کي آهنجو ڪيو،
رڳو پاڻ وڃي سکيو سهنجو ڪيو،
ڀلا سات سکين جو تو ڪنهنجو ڪيو؟
ڪرشنا، ڪرشنا ......

نٿي جمنا ۾ ناٿ ڪا ڌوڄ مچي،
نڪي برج ۾ راس جو رنگ رچي،
نڪي ديل ڪلي نڪو مور نچي،
نٿي مرلي وڄي نٿي راڌا نچي!
ڪرشنا، ڪرشنا ......

روئي مات يشودا پڪاري، تون آءُ،
رانهون روز ٿي راڌا نهاري، تون آءُ،
تنهنجي ڏاران پيو ڪيرسنياري، تون آءُ،
گايون ڪير' دڪايل' چاري؟ تون آءُ!
ڪرشنا! ڪرشنا ......

آءُ تون!

شيام مراري آءُ تون،
برج بهاري آءُ تون،
گِرِوَر ڌاري آءُ تون،
شيام مراري آءُ تون.
تنهنجي هميشه تات آهه،
منڙي وائي وات آهه،
رات ڏينهان فڪرات آهه،
موهن پياري آءُ تون. شيام ....

ڪرشن ٻول

ڪرشن ٻول، ڪرشن ٻول، ڪرشن ٻول، ڪرشن ٻول.
ڪرشن ٻول، ڪرشن ٻول ....

جي چاھين دنيا کان ڪنارو ڪريان،
ڪري پاپ، دامن نہ ڪارو ڪريان،
ٻئي وھنوار جو ڪل وسارو ڪريان.
ڪرشن ٻول، ڪرشن ٻول ....

سڌارڻ جي پنھنجي گھرين آخرت،
۽ چاھين جي رھجي اچي ڪارپت،
چڙھي بدتريءَ کان ٿئي بھتر رھت.
ڪرشن ٻول، ڪرشن ٻول ....

ڏکيو تو مليو ھيءُ حياتيءَ جو تول،
ھي مانش جنم ۽ ھي چولو آمول،
ڇڏي چاھہ سنسار جو ٿي آڏول.
ڪرشن ٻول، ڪرشن ٻول ....

دکا يل! ھي جيوت جو جاڳي خواب،
نہ ڪر زندگي پنھنجي ناحق خراب،
ڪو ڪر وقت قيمت جو ويھي حساب.
ڪرشن ٻول، ڪرشن ٻول ....

ڪنهن ويندو ڏنو؟

ويندو ڏٺو گهنشيام پيئر!
ويندو ڏٺو گهنشيام؟

گوڪل ڳولهيم، متٿرا ڳولهيم،
ڳولهيم برج تمام پيئر! ويندو ....

ڪان بنا بندرابن کهڙو؛
کهڙو گوڪل گام پيئر! ويندو ....

پنهنجو پيارو شيام دڪايل!
ساريان صبح و شام پيئر! ويندو ....

گوپيون تـڳن تبون آس تي،
هڪ درشن جي پياس تي،
تنهنجي ڏنل وشواس تي،
پڄ سنواري آءُ تون. شيام ....

قول ڪيل تون ياد ڪر،
بـــرج اچي آبـاد ڪـر،
دين دکين کي شاد ڪر،
ڪرڪا ستاري آءُ تون. شيام ....

گـوڪل کهڙو ڪانَ بنا،
مـرلي ڌر ڳــوان بنا.
دين دکـايـل دان بنا،
مان ٻلهاري آءُ تون. شيام ....

شيام پيارا!

ڪڏهن ملنديـن شيام پيارا!
منهنجا ڪرشن ڪنئيا ڪارا.

تنهنجي سدائي تات آ پريتم،
رات ڏينهان فڪرات آ پريتم.
ڀڳتي ڀاو ڀنڊارا. ڪڏهن ملندين ....

پاپي ڪنس کي مارڻ وارا،
گج جو ڦندُ ڇڏائڻ وارا،
مرلي ڌر متوارا. ڪڏهن ملندين ....

ساڳيه وڌر جو ڪاٺ سڪ سان،
راضي ٿئين هڪ پريت جي چڪ سان.
شيام دکايل وارا. ڪڏهن ملندين ....

ڪڏهن ملنديون شيام!

ڪڏي ملنديون شيام مراري،
منهنجا گووردن گرڌاري.

سڪ تنهنجيءَ ۾ راڌا روئي روئي رات گذاري،
پريت جو هڪ هڪ پير پيري ٿي وياڪل ٿئي ويچاري.
ڪڏي ملنديون ....

اڄ نه اُٿن جمنا ۾ لهريون، لامن لوڏ وساري،
گوڪل وارا ٿا رت روئن، گاين ڪي نه قراري.
ڪڏي ملنديون ....

مکڻ وجن موتائي گوپيون، ڪين ڏسي گرڌاري.
تو ريءَ ڪير دلاسا ڏيندو تن کي اڄ دلداري.
ڪڏي ملنديون ....

گرو نانڪ ديو

(ڪروڙا)

اوٽ اَجھو توُن واھہ وسيلو،
نانڪ شاھہ اوتاري- آءٌ ٻلھاري ۔

جنھن جنھن سڪ سان سمريو ستگر،
تنھن جي ڪيءَ ستاري- آءٌ ٻلھاري ۔

پنجن ڪوڏين تي ٻيڙو تاريءَ،
ڪرم ڪلا ڏا ڌاري- آءٌ ٻلھاري ۔

دين دکين جي سار لڌي تو،
نانڪ نرَ اَنھڪاري ۔ آءٌ ٻلھاري ۔

نام بنا تنھنجي ٻيا ستگر!
ڪوُڙا سُک سنساري- آءٌ ٻلھاري ۔

آس رکي جو آيو دکايل،
تنھنکي ڏين توُن ڀنڊاري- آءٌ ٻلھاري ۔

ڏوهڙو

بولبو پکيڙا !

رڙي پُسايم پوتڙي لڙکن سان لوئي،
هنجون هاري ڪئن پُڄان، رَچ پريم روئي.

بوليو بوليو ٿئي پکي پکيڙا ڪٿي شيام سان سنگ،
چنت چورائي چيتڪ لائي،
چڏيو نهوڙي نات.
آگ لڳائي جان جلائي نانءُ نهوڙي ننگ.
بوليو بوليو ....

اهڙو برهه بڇو تو برها !
ڏياڳه ڪيم تن تات.
مرلي مست بڻائي اهڙو چاڙهيو پڪت جو رنگ.
بوليو بوليو ....

ويس آميري ڇڏي، فقيري،
پهريم گيڙو ويس !
ڪرشن پريم جي ڪفني پائي ڏوريان ٿي جهرجهنگ.
بوليو بوليو ....

هيڻن جو همراهه گرو

ستگر نانڪ شاهه تون،
هيڻن جو همراهه تون،
بيواهن جي واهه تون،
منهنجي پشت پناهه تون. ستگر! ....

جيوت کهڙي گيان بنا،
مسڪيني گذران بنا،
منزل تنهنجي ڏيان بنا،
ڏيندين سچي ساڃاهه تون. ستگر! ....

شاھہ نانڪ!

سدا شاھہ نانڪ! سدا شاھہ نانڪ!
شھنشاھہ نانڪ! شھنشاھہ نانڪ!

نگاھن ۾ منھنجي وسين تو وسيلا،
بنا تنھنجي منھنجا ھلن ڪين حيلا،
ھلي آءُ ھيٺڻ جا ھمراھہ نانڪ!
سدا شاھہ نانڪ! شھنشاھہ نانڪ!

تون بخشين ٿو داتار! تنھن کي وڏائي،
جنھن دل ۾ آ تنھنجي عقيدت سمائي،
غريبي صفت تنھنجي ساراھہ نانڪ!
سدا شاھہ نانڪ! شھنشاھہ نانڪ!

دکايل اچي جيڪو در تي سوالي،
وڃي ڪين موٽي ڪڏھن مور خالي،
سدا تنھنجي روشن آ درگاھہ نانڪ!
سدا شاھہ نانڪ! شھنشاھہ نانڪ.

بابو نانڪ ڄايو

بابو نانڪ ڄايو خوشي ملهايو،
اڄ تہ اسانجا ڀاڳ ڀلا ٿيا.
بابو نانڪ ڄايو ....

ڪالوءَ جي گهر جنم لڌائين،
گهر گهر آنند ڇايو، خوشي ملهايو.
اڄ تہ اسانجا ....

پُرکُ ابناسي پاڻ پڌاريو،
آنند منگل ڳايو، خوشي ملهايو.
اڄ تہ اسانجا ....

پيڙ ڏسي ڀڳتن ٿي داتا،
ڪشٽ نوارڻ آيو، خوشي ملهايو.
اڄ تہ اسانجا ....

داس دڪايل سوالي در جو،
تنهن کي نام جپايو، خوشي ملهايو.
اڄ تہ اسانجا ....

ڊرجو وڏو ڏاتار جو،
نانءُ منو ڪرتار جو،
سنگ ٻُرو سنسار جو،
ڏسِ ڪا رباني راهه تون. ستگر! ....

ساڌن کهڙو شڪت بنا،
شڪتي کهڙي ڀڳت بنا،
ڀڳتي کهڙي مڪت بنا،
ڏي چرنن جو چاهه تون. ستگر! ....

ڪاڄڳهه جا اوتار آءُ،
اؤکي ۾ آڌار آءُ،
آهه مدد درڪار آءُ،
درسن ڏي داناهه تون. ستگر! ....

داس دکايل پيش پيو،
ستگر پنهنجي مهر ڪيو،
پيو ڪي هٿ وس ڪين رهيو،
ساجن منهنجو ساهه تون. ستگر! ....

ستگر کي ريجهايان

ستگر کي ريجهايان درسن پايان،
جنم جنم جا پاپ مٽايان - ستگر کي ....

ست سنگ روپي گيان گنگا ۾،
گونگو غوطو لڳايان، پاپ مٽايان - ستگر کي ....

جن ني ستگر پاڻ ديالو،
تن جوداس سڏايان، درسن پايان - ستگر کي ....

سنتن جي سيوا مَت پائي!
پيوسڪ مور نہ پايان، درسن پايان - ستگر کي ....

دُور دنيا جي دُورن کان ٿيان،
چرڻ ڪمل چت لايان، درسن پايان - ستگر کي ....

ستگر ڪرپا ساڻ دکايل!
من جي پياس بُجهايان، درسن پايان - ستگر کي ....

نانڪ شاهہ

سٽي ورلاپ ڌرتيءَ جا اُتارڻ بار آئين تون
حسد جي باهہ ۾ سڙندو ڏسي سنسار آئين ٽون
نانڪ شاهہ، نانڪ شاهہ، نانڪ شاهہ!

پنجن ڪوڏين تي بيڙو تاريءَ،
ڪوڏي راڪس جو ڪشت نواريءَ،
سڪ سنگت جو ڪاج سنواريءَ،
ويساهين ڪان مور نہ واريءَ،
دينن جـو دک تـاريـو،
پنهنجو بـرد سنڀاريو. نانڪ شاهہ! ...

بنا تنهنجي گرو ٻيو ڪو وسيلو ڪين پانيانئو
جڏي جيوت کي ناهڻ جو ڪو حيلو ڪين پانيانئو
در تنهنجي تـي آيس داتـا!
ٻيا سڀ جڳہ جا ٽوڙي ناتا،
تون گـرديو تـون گيان گياتا،
ٻيـچ 'دڪـايل' ٽـوسان پاتا،
تـنـهـنـجـو درسـن پـايـان،
من جي پياس مٽايان. نانڪ شاهہ! ...

پلا پاڳہ پايان

آيا سنگر، آيا سنگر، پاڳہ پلا پايان،
درشن پايان، پاپ مٽايان،
چرنين چت لايان - آيا سنگر ....

پريم ڏسي پرڀ پاڻ پڌاريا،
داسن جا اچي درد نواريا،
مهر ڪيائون، مُهتُ ڏنائون،
کهڙا ڳڻ ڳايان - آيا سنگر ....

جن جن سمريا سنگر پوُرا،
تن جي من جا ويڙا وسوُرا،
راهہ ڏسيائون، ڪشٽ ڪٽيائون،
سمري سُکَ پايان - آيا سنگر ...

داس دکايل در جو منگتو،
شاهن شَهہَ جي شرڻ اچي پيو،
پال پلايون، پاڻ ڪيائون،
لائق مان ناهيان - آيا سنگر ...

اُڪير

اڇي سنگر تون مل مون سان،
روئي رانهون نهاريان ٿي.
تنهنجي سڪ ۾ پيري سڏڪا،
هنجون ڏينهن رات هاريان ٿي.
بنا تنهنجي پلا ڪهڙو مزو هن زندگانيءَ جو،
ڏکن وارا ڪٽي ڏينهڙا،
گهري گهچ روز گهاريان ٿي - اڇي سنگر ....

جڏهن مايا جي وس ٿي مَنُ وساري ٿوچڏي توکي،
تڏهن تنهنجو منو ناڻو،
وٺي ممتا کي ماريان ٿي - اڇي سنگر ....

ڪٿي دل ٿي ادمبر مان، دنياداري سراسر مان،
جدا ٿين ٿا جتن، پر جي،
ڪو پل توکي وساريان ٿي - اڇي سنگر ....

تمنا تنهنجي درسن جي سڄڻ! مون ساهه سان سانڍي،
دڪا يل! دل ڪٽي توکي،
صبح سانجهيءَ سنڀاريان ٿي - اڇي سنگر ....

مرادن جو گنج

ڪانءِ سري، ستگر! تنهنجي نانءُ بنا .
منهنجي ڪانءِ سري ' ستگر! تنهنجي ....

جنهن جنهن سڪ سان ستگرو! توکي سنڀاريو،
تنهن سيوڪ جو تو اڇي تتل مان ٺاريو،
ڪارج سنواريو، ڏيئي هٿ همٿ جا .
ڪانءِ سري ستگر! تنهنجي ....

جو، جو تنهنجي در تي آيو سوالي ،
موٽيو مُوران ڪينڪي صاحب! سو خالي .
داتا ديالي آهي تنهنجي. آڻ مَٽي .
ڪانءِ سري ستگر! تنهنجي ....

ٻاجھہ ڀريا! جيڪو اچي توکي ٻاڏائي ،
دين، 'دکايل' دردوند، ٻيوس سڏائي .
سيوڪ سو پائي مڙيوئي مرادون من جون .
ڪانءِ سري ستگر! تنهنجي ....

آپار مهما

مهما آهه آپار، پينر! ست سنگ جي
ست سنگ جي گُرَ رنگ جي.
مهما آهه آپار- پينر! ....

اکر اکر ۾ الک لکائي،
واهگرو نام جو جاپ جپائي.
آهه رسيلي تار- پينر! ....

ست سنگ مايا موهه مَٽيٿو،
جمڻ مرڻ جا ٻنڌَ ڪَٽيٿو.
اوٽ وٺو هروار- پينر! ....

ست سنگ دل ۾ ڪرٽا اُپائي،
تون ۽ مان جو ڀيد ڀُلائي.
ڏي ايڪو اونڪار- پينر! ....

ست سنگ جو رنگ آهه نرالو،
اونده ٽاري ڏي ٿو اُجالو.
سُرتِ دکايل ذار- پينر! ....

واهگرو نام جهاز

ستنام، ستنام، ستنام جي،
واهگرو، واهگرو، واهگرو جي.

تون جپ پاڻ پيارا ۽ ٻين کي جپاءِ،
نتو پرت شرڌا سان گُرَ گيت ڳاءِ،
رکي پريم ستنام سان لِنوَ لڳاءِ،
اچي آنند ويلي جو ٿيندءِ سهاءِ.
ستنام، ستنام ....

سندس نام سمرن جو پل پل ڪري،
تتل هردو تنهن جو ٿو سيتل ڪري،
ڪڍي مئل، ٻڌِ کي ٿو اوجل ڪري،
ڏئي آتما گيان پربل ڪري.
ستنام، ستنام ....

پرڳٽ پاونا سان پڪاري اچي،
ڪري دُور دک، درد ٽاري اچي.
ڪڍي لهر لوڏن مان تاري اچي،
دکايل لڳائي ڪناري اچي.
ستنام، ستنام ....

ست نام جپيون

ست نام، ست نام، ست نام جي،
واهگرو، واهگرو، واهگرو جي.

اَسر جوُ اُٿي اهڙو آلاپ ڪر،
ورهہ ۾ پڳل دل کو ورلاپ ڪر.
ترن تار ستنامُ جو جاپ ڪر،
سڀ دور من جو هي سنتاپ ڪر.
ست نام ....

وٽي اوٽ جن آهہ ستنام جي،
رهي ڪين تن کي طلب طعام جي،
گهٽيري نڪا گهرج آرام جي،
ضرورت نہ چاڙهن سرڳہ ڌام جي.
ست نام ....

سدا ساڌ سنتن جي ٽولين منجهان،
دکايل سندن صاف بولين منجهان،
اچي مات گنگا جي چولين منجهان،
پکين جي مٺيءَ لات لولين منجهان.
ست نام ....

گرو گوبند سنگهه

پر-اُپڪاري آيو گوبند پر-اُپڪاري آيو،
پُرکُ اوتاري آيو گوبند پر-اُپڪاري آيو.
ڪلنگيءَ وارو باجن وارو،
تيغ گروءَ جو لعل پيارو،
پٽنا نگر ۾ ڄايو. گوبند پر-اُپڪاري آيو.
پوهه سَتَنءِ تي پرڀ پڌاريو،
اوندهه ويئي ٿيو اُجيارو،
قدرت چنڊ چمڪايو. گوبند پر-اُپڪاري آيو.
ڀاڳن واري گُجري ماتا،
گود ۾ جنهن جي کيڏيو داتا،
لايو ٿيس سجايو. گوبند پر-اُپڪاري آيو.
هوس ننڍيئي نينهن ڌرم سان،
چاهه چڱيرو هوس ڪرم سان،
ڪڏهن نه هن ڪيٻايو. گوبند پر-اُپڪاري آيو.

گرو گوبند سنگهه جا صاحبزادا

هنجن سان هلي ڏر ٿون شهيدن جي چکيا ڪر.
اي چرخ ستمگر!

جن جان ٻليدان ڪئي ڌرم جي خاطر،
اي چرخ ستمگر!

ٻيءَ ماءُ جو جن پورو اڃا پيار نه ماڻيو،
سنسار نه ماڻيو؛

هو جن جي ڇپن تان نه سُڪو کير سراسر،
اي چرخ ستمگر!

ڀُسي ڪان مٿي ڌرم جو جن پار سڃاتو،
۽ پيار ٿئي جاتو.

قربان ڪيو ديش تان جن آئينده آخر،
اي چرخ ستمگر!

جنهن وقت ڇُٽيا پِٽ ۾ گرو سَنگهه جا فرزند،
فرزند ارجمند.

ماتم ٿيو بپا هرسُو نظارو هو ڀرائر،
اي چرخ ستمگر!

پرارٿنا گيت

جڳ جا مالڪ

جڳ جا مالڪ وِسُ جا پالڪ تنهنجو هڪ آڌار،
تنهنجو هڪ آڌار سدائي تون قائم ڪرتار.
جڳ جا مالڪ! ......

ڌرتي تنهنجي ذات اِلاهي سورج ۽ آڪاس،
پاڻيءَ سان تو پياس مٽائين پوَن وجهي تو ساس،
پنج مهاڀوتن سان تنهنجو چالو ڪاروبار.
جڳ جا مالڪ! ......

ڪشميري پنڊتن پاڏايو،
پنهنجي ڪن جو حال سڻايو،
تن جو سڏُ ورنايو. گوبند پر-اُپڪاري آيو.

تيغ پتا کي عرض ڪيائين،
تن جي واهر لاءِ چيائين،
ڌرم جي لاج بچايو. گوبند پر-اُپڪاري آيو.

ديش ڌرم لءِ ڇا نہ سٺائين؟
صاحبزادا چار ڏنائين،
منڙو پيءُ ڪُهايو. گوبند پر-اُپڪاري آيو.

ظالم سان هردم لڙندو آيو،
ڪنهنجي اڳيان هن سِرُ نہ جُهڪايو،
ديس جو جهنڊو جُهلايو. گوبند پر-اُپڪاري آيو.

جهرڪيءَ کي جڏي باز بڻايان،
گوبند سنگهہ تڏي نانءُ چوايان!
اهڙو وچن نڀايو. گوبند پر-اُپڪاري آيو.

اچ دسميس جو جنم ملهايون،
گيت دکايل تنهن جا ڳايون.
جنهن نرَ نام جپايو. گوبند پر-اُپڪاري آيو.

ڳڻ ڳايون

سائين! چرن سرن تنهنجي آهيون،
تنهنجا ڳڻ انيڪ نت ڳايون،
سائين! چرن شرن تنهنجي آهيون.

چنڊ جي چاندني سج جي روشني،
تارن جي ٽم ٽم تون.
تون بادل، بادل جي ڪنوڻ تون،
بوندن جي رم جهم تون.
تون رنگي، هي سڀ رنگ تنهنجا،
تنهنجون وڏيرون وڏايون.
سائين! چرن سرن تنهنجي آهيون.

تون اپار قدرت جو ڪرتا،
سک داتا دک هرتا.
تون خالق خلقت جو والي،
ساري جڳ جو پرتا.
جُڳ جُڳ تنهنجي جئه جئه ڳائي،
جوت اکنڊ جاڳايون.
سائين! چرن سرن تنهنجي آهيون.

نندي وڏائي تو نہ ٻڏائي تو وٽ پيد نہ ڪو،
جيڪي تو خلقيو سيني لءِ هڪ جهڙو خلقيو،
وَڏ اولادي آهين تنهنجو ساڳيو سڀ تي آر.
جڳ جا مالڪ! ....

ٻل ٻڌي تو بخشيو سڀ کي پورهئي لاءِ سرير،
محنت ساڻ ڪمائي کائي هرڪو ڪندون کير،
گڏجي مسجي پائن پهرن ڏين هڪ ٻئي کي پيار.
جڳ جا مالڪ! ......

سمجهہ سچي ڏي، راهہ سئين ڏي، هي جڳ جا ڀڳوان!
تنهنجو توکان ڪجهہ نہ لڪايون، ڪونہ ڪريون ايمان،
تنهنجو روپ ڏسون ڪَڻ ڪَڻَ ۾ هڪ آنم اِسرار.
جڳ جا مالڪ! ......

تنهنجو سيني سان هڪ جهڙو آهہ عدل انصاف،
چوري زوري جي ڪوهاند وڪين ڪندين تون معاف،
پيار سان گڏ گڏ تنهنجي دکايل! آهہ سزا نروار.
جڳ جا مالڪ! ......

ديش جي ڀڳتي ديش جي سيوا،
سرڳ جي باغ جا مٺڙا ميوا،
ڏيئي ڀال ڀلائين - او سائين ...

پاڪ خيال ۽ دل پوتر ڏي،
همدردي تنهن سان شامل ڏي،
سيرت سرس سدائين - او سائين ...

اوچ ۽ نيچ جو ڀيد ڀُلايون،
پاڻ کان ڪنهن کي گهٽ نه ڀايون،
پريم جي جوت جڳائين - او سائين ...

بالڪ آهيون ننڍڙا ننڍڙا،
پير اسانجا ڪچڙا ڪچڙا،
شال سئين ڏڳ لائين - او سائين ...

او سائين!

سائين! مهر وسائين .

او سائين، سائين مهر وسائين .

ساريءَ وِس کي پالڻ وارا،
مهر ميا جا ڪر وسڪارا،
رم جهم رنگ رچائين - او سائين ...

چرن سرن تنهنجي سنگت ساري،
ڦولي ڦلي شل هيءَ ڦلوارِي،
گل ڦل باغ بڻائين - او سائين ...

اسين ٻالڪيون

اسين ٻالڪيون ٽنهنجي در تي سوالي،
مهر ڪر اسانتي سڄي جڳ جا والي!

اسين باغ دنيا سنديون ننڍ مکڙيون،
تون راکو اسانجو شهنشاهه مالي.

وديا ڏن وٺي، ڏيون سدا فيض ٻين کي،
سڄڻتا سان سڀ جي ڪريون پرت پالي.

سدا سيل ست جو ڪريون موتي پيارو،
سندءِ نام سيوا سان پايون نهالي.

سگهڙ ٿي سنڀاليون ٻڌي وشو ڪُڙمي،
مدد ڪر اسانکي ٽنهنجو شان عالي.

ڏجون ڪين ڪنهن کان رکون بي ڏپي دل،
ڏري روپ ڪاليءَ جو ٻڌجون اڪالي.

راهہ ڏي سنئين!

راهہ ڏي سنئين، منهنجا مالڪ!
آءٌ اُئين ڪريان، جيئن تون چئين.
راهہ ڏي سنئين. منهنجا مالڪ!

ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ، اهنڪار،
ويا وڪوڙي پنج وڪار،
چنتا چت جي جاڳي ٿي روز روز نئين.
راهہ ڏي سنئين، منهنجا مالڪ!

جُڳت مُڪت جي رهي نہ ڄاڻ،
ويئي وڌي من جي چِڪتاڻ،
ڪايا روڳي جيوَ ڪيا پاپ تاپ ڪئين.
راهہ ڏي سنئين، منهنجا مالڪ!

ڏيئي هيڻي جاڻي داتار،
ڏيا ڏکايل تي ڪا ڏار،
نفس نِجس جي جنهن خواري بار بار ڪئين.
راهہ ڏي سنئين، منهنجا مالڪ!

آپار رنگ

عاليشان سنڌءِ دربار،
والي! تنهنجا رنگ آپار.

تون حاڪم تون حڪم هلائين،
تن لوڪن جو راڄ ڪمائين،
تنهنجو راڄ اکنڊ سدائين.
سائين! سرجڻهار- والي! ...

گلن ڦلن ۾ رنگت تنهنجي،
هرجا حسن حقيقت تنهنجي،
سڀ ٿا ساڻ صداقت تنهنجي.
تنهنجو ڪن اظهار- والي! ...

تون منهنجو، مان تنهنجو اُپايل،
تون جڳ ۾ جڳ تو ۾ سمايل،
داتا! تو در آيو ڏکايل.
دان ڏجانءِ داتار- والي! ....

روٽيءَ جي پرارٿنا

ننڍڙي ماتا گود ۾ کير ڏيئي پالين،
وڏڙي روٽيءَ ساڳ سان سهجي سنڀالين.

رازق! تنهنجي رزق جو سارو جڳ محتاج،
پنهنجيءَ رحمت راز سان سارين سڀ جو ڪاج.

جيڪي جڳ ۾ آهه سو جاڻي ذات ڏنو،
تنهنجي ڀاڱي ٿي رهي منهنجو من ڀنو.

تنهنجي هڏ ٿوڪان نه شال امانت واريان،
ڏيئي تنهنجيءَ وات ۾ پوءِ نه پچاريان.

مونکي سياٽپ زور جو بخشيو تو ڀڳوان!
هردم حق جي راهه ۾ آٽيان ڪم سبحان!

هِنِ هُنِ آهه پسارو تنهنجو،
نرمل نُور نظارو تنهنجو،
سڀ کي ناٿ! سهارو تنهنجو،
تو بن منهنجي ڪير پُراڙي،
ناو لڳائي پار،
سائين تنهنجا رنگ اَپار.

علم سان روشن ڪر دل منهنجي،
مهر ميا سان ڀر دل منهنجي،
توسان رهي اڪثر دل منهنجي،
سيوا مقصد رهي دکايل!
وسري ٻيو وهنوار،
سائين تنهنجا رنگ اَپار.

تون ئي تون

سائين تنهنجا رنگ آپار،
تنهنجا رنگ آپار سائين! تنهنجا رنگ آپار.

تون برَ ۾ تون بحُر بستيءَ ۾،
تون جهر جهنگ وسنءَ وستيءَ ۾،
تون ئي فنا ۾ تون هستيءَ ۾،
وانجو ناهه وجود ٻون تنهنجي،
جوڙيءَ جو جنسار،
سائين تنهنجا رنگ آپار.

ڏي ذات ڪڙي، خاوند ڪڙي،
سائين سا بڙي، جا توکي وڻي.
تنهنجي مهر مڙي، اِسرار ڏڙي!

هر ڪنهن کي ري گهڙيءَ نون نت روز تو رسائين،
توڙي اسين بُرا ٿيون ته به بُرو نه پائين.

تنهنجي حمد و ثنا، ڳايون شام و صباح،
ڪر فضل عطا، ڏي سمجهه صفا،
تنهنجي در تي صدا، داتار ڏڙي!

پاڄي نه فرض پنهنجا والي! ڪڏهن وساريون،
پاپن ڪان نت پري ٿي شل ڏيان تنهنجو ڏاريون.

اي شاهن شاهه، ڏي پنهنجي پناهه،
جا تنهنجي رضا، رهون راضي سدا.
تون دکايل جا دک ٽار ڏڙي!
اي والي وڏا، آڌار اَجها ....

آڌار آجها

اي والي وڏا، آڌار آجها!
اي سائين سچا، ساري جڳ جا،
ڪر مهر ميا، مختيار ڏٺي!

در تنهنجي تي اي داتا! شاهه و گدا اچيٺو،
تنهنجي ديا سان سائين، هرڪو رجي رچيٺو.

پتي ڀڳتي

ديوي جاڻ پتي ڀڳوان .
ساڪي ڏين ٿا ويد پُران - ديوي ! ....

پَت آڳيا جو نرادر جيڪا ڪري هنياءِ نار،
تنهن ناريءَ جو اڀڄس جڳ ۾، هرجا ٿئي اپمان .
ديوي ! جاڻ پتي ڀڳوان .

پت - ڀڳتي سيتا ماتا جي ڳائي ٿو سنسار،
انسويا، چوڙالا، اهليا، جن جو اوُچ آستان .
ديوي ! جاڻ پتي ڀڳوان .

جاڻ اُتم ناري سا جڳ ۾ جنهنجو پت سان پيار،
پت چرنن ۾ پريت لڳائي، ڌاري پت جو ڌيان .
ديوي ! جاڻ پتي ڀڳوان .

جپ تپ نيم نہ پالي، جنهنجو پت ويسھ پربين،
پتورتا جو آهہ دکايل ! مول پتيءَ ۾ پران .
ديوي ! جاڻ پتي ڀڳوان !

ڪرم ڪر

صاحب ڪرم ڪري ڪري ·
ڏات ڏيا جا مهر ميا جا،
ڏيندين ڏاڻ ڀري ڀري ·
صاحب ڪرم ڪري ڪري ·

تن لوڪن ۾ تنهنجي ڪايا،
ٽن لوڪن ۾ تنهنجي مايا،
نرگڻ روپ، آلک آنوپ،
جڳ مڳ جوت ٻري ٻري ·
صاحب ڪرم ڪري ڪري ····

تنهنجا ڳُجهي اسرار اشارا،
ٻون ۾ اندر ٽا هلن پندارا،
ٿوڪي ساريون، پل نہ وساريون،
تنهنجو دکايل نانءُ اُچاريون ·
ٿون ڪُلَ جو، ڍک پردو،
اؤکي ويل ٽري ٽري ·
صاحب ڪرم ڪري ڪري ····

پلاؤ

فهرست

مُومل راڻو

هير رانجهو

سسئي پنهون

حيدرآباد سينٽرل جيل اسپتال جي مٿئين
وارڊ ۾ داخل ٿيل هوس، جتان هڪ طرف هيراباد
جا عاليشان ۽ پڪا بنگلا نظر ايندا هئا ته ٻئي
طرف ڪاليءَ مندر جي آس پاس واريون ڪچيون
پونگيون ڏسبيون هيون. هڪڙيءَ شام جو، جيئن
آءٌ باٿ-روم واريءَ ڪڙڪيءَ وٽ بيٺي ٻاهرئين
دنيا جو ديدار ڪيو، ته اوچتو ڪنهن اچي
ڪلهي تي هٿ رکيو. هوُ بيمار ٿي منهنجي پر
واريءَ کٽ تي تازو آيو هو. خون جي ڏوهه
هيٺ عمر قيد جي سزا مليل هيس. ڪاليءَ
طرف وسندڙ جهوپڙين ڏانهن اِشارو ڪندي
چيائين، ”آدا! هوُ نه جيڪو جهنڊو ڦڙڪندو ٿو

سهڻي مهار

لاڏا ۽ لوليون

ڀلناهو

صفحو	سٽ	غلط	برابر
٣٣	١٠	ڏکيو ڏينهن	ڏکيو ڏينهن
٩٠	٣	وٺي ڌر ويا راهه	وٺي ويا ڌُر راهه
٧١	١	اڃڻ عام	اَچڻ عارُ
٥٦	٦	ٻرڙا ٿي نه ٻيو	ٻرڙا ٿي نه ٻيو
١١٠	٨	سياڳي اچي	سياڳي شل اچي

منهنجي شنڪا دُور ڪرڻ لاءِ هن چيو- ”پالڻو مايو جو هڪ مشهور ڪاريگر هو. سندس ناهيل رٿ ۽ چڪرا وڏن وڏن اَميرن وٽ ڪچهي ويندا هئا. منهنجو گمان ٿيئڻ ئي وڌيو. چيومانس- ”واريءَ جي پِٽن تي اِهي رٿ چڙهندا لهندا هوندا؟“ چيائين- ”اُن ئي ته گهاي ويندا هئا. اڄ به ڪي پراڻا چِيلا اِنهيءَ ڳالهه جا شاهد آهن.“ خير مون ته ٿر انهيءَ وقت اچا ڏٺو ڪونه هو. انهيءَ ڪري سندس ڳالهه کي اُڌيل ڪونه ڏنم. هن چيو- ”هڪ ڀيري پالڻي هڪ نهايت سندر رٿ ناهيو. ڪنهن دوست صلاح ڏنس ته اِهو رٿ ڪڇ-راڄ جي حاڪم وٽ جي ڪٽي وڃين ته جيڪر دهرا اِنعام پائي موٽين.“ پالڻي جي دل سان هيءَ ڳالهه لڳي ۽ هو پنهنجي ڪاريگريءَ جو اَمت شاهڪار، ڪڇ ڪاهي هليو. اُتي پهچي هن رٿ راجا جي اڳيان آڻي بهاريو. ڪڇ جو حاڪم، سنڌ جي هن ٿري ڪاريگر جي ڪلا ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ رٿ خريد ڪرڻ جي هام پريائين. ليڪن قدرت کي ڪا ٻي ڳالهه پسند هئي. حاڪم جون تيئي راڻيون اِهو رٿ

ڏسين، انهيءَ جي پاسي ۾ ئي منهنجو گهرڙو اَٿيئَي. منهنجي ٻيڏي ماءُ، زال ۽ ٻه ٻار اِتي ئي رهندا آهن ۽ آءٌ هت مارئيءَ وانگر جڻ عمر جي ڪوٽ ۾ بند آهيان." اِئين چوندي چوندي سندس اکين ۾ پاڻي ڀري آيو. اُنهيءَ وقت منهنجي اندر ۾ ڪا مِٺي خاش پيدا ٿي ۽ اچي ڪٿ تي ليٽي پيس.

سامهون واري بادوان منجهان، چنڊ جا ترورا منهنجي منهن تي پئجي رهيا هئا. دل ۾ جذبات جو طوفان هو. اُنهيءَ گهڙي مارئيِ ۽ اَمرڪوٽ اچي منهنجي اکين اڳيان بيٺا. مون جهونگارڻ شروع ڪيو ۽ اِئين ٻئي ڪافيون لکي ورتم. تنهن ڪان پوءِ تــه عمر مارئيءَ بابت جهجهيون ئي رچنائون وجود ۾ آيون.

١٩٣٢ع جي جيل واري عرصي ۾، هڪ ٽري راجنيتي قيديءَ عمر مارئيءَ جي ڪهاڻي ٻڌائي هئي ۽ اُها اَڄ به جيئن جو تيئن مونکي ياد آهي. هن ٻڌايو هو ته مارئي، ميراڏيءَ جي ٻيٺان جائي ٻرابر هئي، پر هوءَ پالڻي جي ڌيءَ نه هئي. سندس حقي پيءُ ڪڇ-راڄ جو هڪ اَمير هو.

هوءَ سهيلين سان گڏجي اِهو ڏسڻ آئي هئي. هن رٿ جو ناهيندڙ پالٽو بہ ڏنو ۽ هرک هاري ويٺي. دل ۾ پڪو پهہ ڪيائين تہ انهيءَ ڪاريگر سان ئي رهنديس. انهيءَ ڪري مُنهہ اونداهيءَ جو وجهہ وٺي، رٿ جي پوئين پاسي هڪ ڪنڊ ۾ لڪي وڃي ويهي رهي. رٿ هلبو ۽ هوءَ اُنهن لوڏن ۾ غرق ٿي ويئي. رٿ جي ڦيٿن سان گسندڙ ڪستوريءَ جي سڳنڌ، ٽوڙي هرڻ جي آنڊن جي وڄندڙ تارن، جن کي هوا رکي رکي ڇيڙي رهي هئي، ميراڏيءَ کي خمار ڏيئي ڇڏيو ۽ هن جي ائين اَک لڳي ويئي.

پرهہ ڦٽيءَ جو پالٽي اُٺ کولي ڇڏيا. آزاد ڊورن جي ڇينڪهاڙ ٿي ميراڏيءَ جي اک کلي ۽ هوءَ پاڻ کي رٿ ۾ ڏسي وسي ٿي ويئي. ڏيري ڏيري سڄي ڳالهہ سندس حافظي ۾ جاڳي اُٿي ۽ هن ڪان هڪ گونگو سڏڪو نڪري ويو. پرڀاٽي تہ هن جو پوئتي موٽي وڃڻ بہ محال هو. ڪنهن اَچانڪ جذبي وس هوءَ نيم مدهوشيءَ ۾ رٿ ۾ وڃي ويٺي هئي. وڏي ڳالهہ تہ سندس پيٽ ۾ بار هو ۽ ٽورن مهينن ۾ هوءَ ماءُ ٿيڻ

پنهنجي پنهنجي راڄ-طبياي ۾ بهارڻ جو هٿ ڪرڻ لڳيون. نتيجو اِهو ٿيو جو راجا لاچار ٿي رٿ خريد ڪرڻ تان هٿ ڪنيون. هن، پالڻي کي چيو، "جڏهن اهڙا ٽي رٿ تيار ڪري هٿ ڪڻي ايندين ته اِنعامن سان اصل اهڙو ته ڏئي ڇڏيندوسانءِ، جو تنهنجون ست ئي پيڙهيون ويٺيون اُنهيءَ تي ٽڳنديون."

پالڻي، هن رٿ ٺاهڻ ۾ ايترو گهڻو وقت لڳايو هو، جو وڌيڪ به رٿ تيار ڪرڻ جو هُو خيال به ڪري نٿي سگهيو. انهيءَ ڪري هن نهايت معذوري ڏيکاريندي چيو، "قبلا! اگر حياتيءَ ساٿ ڏنوءِ همت برقرار رهي ته ٽيئي رٿ ڪاهي اچي حضور جـي خذمت ۾ حاضر ٿيندس. نه ته اهڙو ته آهيان ئي...."

رات جو جڏهن هن ماهر موٽڻ لاءِ رٿ ڏڪايو، تڏهن هن وٽ نراشا کان سواءِ ڪجهه ڪين هو. ڪيس ڪهڙي خبر ته آشا جي روپ ۾ رٿ جي پوئين حصي ۾ هُو ڪڇ جي هڪ اَمير جي سداملوڪ ڪنوار ڪنيون ٿو وڃي! ميراڏيءَ جڏهن پالڻي جي رٿ جي ساراهه ٻڌي تڏهن

کان پوءِ کو بار ٿيو ئي ڪين. اينتري قدر جو
جڏهن ڪين پنهنجي اولاد جو خيال ٿيو ته ڦوڳه
نالي، پاڙي جو هڪ اناٿ ٻار پنهنجو ڪري
پاليائون؛ جو ئي وڏو ٿي ماروئيءَ جي مصيبت
جو ڪارڻ بڻيو. ڦوڳه جي مرضي هئي ته ماروئي
ساڻس لائون لهي. ٻئي پاسي پالڻي کي اِها ڳالهه
پسند نه هئي. هن سمجهيو ته آخر ڦوڳه کي پنهنجو
ڪري پاليو آهئون، انهيءَ ڪري هوءَ ماروئيءَ
جي پاڻ سمان آهي. اِهوئي سبب هو جو پالڻي
توڙي ميراڌيءَ نهه تڪڙ ۾ ماروئيءَ جو مڱڻو
کيت سين سان ڪري ڇڏيو، جو ماڙير جي جوانن
جو چڻ نڪ هو. ماروئيءَ کي به اِها ڳالهه ڏاڍي
وڻي. ليڪن ڦوڳه کان اِهو سٺو نه ٿيو ۽ هن
رقابت جي جوش ۾ اچي امرڪوٽ جي
حاڪم همير سومري جي پٽ عمر کي وڃي ڀڙڪايو
۽ آخر هن کان اِهو ڪم ڪرايائين، جو هوءَ ماڙير
اچي ماروئيءَ کي زوريءَ کوهه تان کڻي ويو.
وڏيڪ آکاڻيءَ جي باري ۾ ڪجهه گيت ٻڌائيندا
۽ ڪجهه کهاڻيءَ بابت جاڻ جي جڳياسا. اچو
ته وطن جي پيار سان لبالب اِهي ڪافيون

واري هئي. سڀ ڳالهيون سوچيندي هن کان
هڪ هاڪي چيخ نڪري ويئي. پالٹو، رت جي
پاسي کان واريءَ تي ليٹيو پيو هو. سفري
اوجاڳي جي ٿڪاوٽ سندس اکين تي ڪيپ
چاڙهي ڇڏيا هئا. ميراڏيءَ جي اچانڪ ڪيل
چيخ، پراڏو بڻجي هن جي ڪنن ۾ وڄي ويئي
۽ هو اُٿي ڪرُو ٿيو. هن ڏٺو ته هڪ وچولي جوان
عمر زعفا، سندس پرسان بيٺي هئي. پالٹي کي
نيٺ سڄيءَ حقيقت جي خبر پيئي ۽ هن ميراڏيءَ
کي دلداري ڏيندي چيو، ”ڇٽين ته پنٽي موٽائي
هلان ءَ؟“ ليڪن اُنهيءَ موٽي هلڻ جو نتيجو ڪهڙو
ٿيندو؟ اهو ويچاري گهٽ ۾ گهٽ ميراڏيءَ جو
بدن جڻ بيد جي لڪڻ وانگر ڏڪي ويو. نيٺ
گهڻي ڳڻ ٿور ڪان پوءِ اِهائي ڳالهه بيٺي ته ميراڏي،
پالٹي سان گڏجي ماٻر وڃي وسائيندي. ٽريءَ
پاءَ وڌيڪ چيو، ”پالٹو، ميراڏيءَ کي ماٻر وٺي
ته آيو ۽ هن کي زال بڻائي گهر ۾ رکيائين پڻ؛
اِن هوندي به ميراڏيءَ کي سداءِ پرائو ننگ
سمجهي سنڀاليائين. هن ڳالهه جي پشتي يا تاعيد
۾ هن اِهو دليل ڏنو ته ميراڏيءَ کي مارئيءَ

عمر مارئي

وطن ڪيئن وساريان

عمر پنهنجو پيارو وطن ڪيئن وساريان،
ڏينهان راتيان ويٺي مِٺو ماڳ ساريان.

مٿي سون چانديءَ کان واري وطن جي،
وَسنءَ پائُو! پايان ٿي پياري وطن جي،
وطن کان پري شل نہ پل ڪو گذاريان،
عمر! پنهنجو پيارو وطن ڪيئن وساريان.

جهونگاريون ۽ ڳايون. جيڪي هندستان جي آزاديءَ جي لڙائيءَ وقت ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڳائي اسان پنهنجو ملڪ آزاد ڪرايو ۽ هاڻي به اِهي ساڳيون ڪافيون ۽ ڪلام اسانکي وطن جي حُبَ جا سبق پڙهائيندي، ملڪ جي آزادي برقرار رکڻ جو اُتساهه پريندا رهندا. اسانجيءَ نس نس ۾.

پنوهارن جي ياد

جڏي پوَن ٿا ياد پنوهار عمر!
ڏُکي دل جا اُٿن ٿا بخار عمر!

•

ڪيئن گهوٽ بنا هٿ گهاريندي‌س،
ميان! ويڙهيچن کي وساريندي‌س،
تنهن کان پاڻ مُني آءٌ ماريندي‌س،
متان مارو نه ڏين ڪا ميار عمر!

نڪي ڪاڄ سلوڙا ڪائيندي‌س،
تنهنجو ريشم راؤ هنڊائيندي‌س،
مَتِ مُور نه پيرُن پائيندي‌س،
تنهنجا هيرا لعل هزار عمر!

پل پل ٿا دکايل پوُر پون،
شل مارُو ميِر ماپِر ملن،
ڪري ياد سنگهار ٿا نيڻ ٿمن،
مِني آهه مِٿن جي سنپار عمر!

لِڳن ٿان نہ لاهيان لَڱو هي وطن جو،
ٻرين پَٽَ کان کُهرو ڪڻو هي وطن جو،
ڇڏي ڪين پنهنجو، پرائو پڇاريان!
عمر! پنهنجو پيارو وطن ڪيئن وساريان.

ٽڪيندي آباٽا ڏُکيو ڏينهن لَٿي ويو،
عمر! وِيرُ قسمت جو آخر ٻڙي ويو،
کٽي نيڻ، پيڪا پَکا ٿي نهاريان،
عمر! پنهنجو پيارو وطن ڪيئن وساريان.

دکايل، اٿم وات وائي وطن جي،
مِٺي دل ۾ محبت سمائي وطن جي،
وڇوڙي وطن کان هنجون روز هاريان،
عمر! پنهنجو پيارو وطن ڪيئن وساريان.

•

ڪيئن سري

مارن ريءَ ڪيئن سري،
عمر! منهنجي، مارن ريءَ..........

واڳهه وطن شل وري،
عمر! منهنجي، مارن ريءَ..........

ساعت ساعت سال ٿي پايان،
پيڪن ڪان هٿ پري،
عمر! منهنجي، مارن ريءَ..........

ڪوٽ چڙهي جڏي ڪانگ لنوين ٿو،
اوچتو اُک ٿي ڦري،
عمر! منهنجي، مارن ريءَ..........

ڪيئن بنان هت دل نه دڪايل،
ڳاري ڳچ ٿي ڳري،
عمر! منهنجي، مارن ريءَ..........

آدا ڙي عمر!

عمر! ڏاڍي ڳالھ ڪري ڇڏيءَ ڪسي،
چوري مَـرڪُ مَلوڪ نہ تنھنجو،
بات بـٺي بي جسي - عمر! ڏاڍي ......

مان نہ ھيس حق ٻڌڙي ڪينت جي،
جنھن ڪان تو ناحق ڪسي. عمر! ڏاڍي ......

ڪيـر سايندو سانگيڙن سان،
مُٺي جي وچي بيڪسي. عمر! ڏاڍي ......

گھوريا شـراب ۽ شربت تنھنجا،
پيڪي پيئان وچي لسي. عمر! ڏاڍي ......

اُتـــڙا مينھن مـايـــر تي،
پيا واريا سا پٽ وسي. عمر! ڏاڍي ......

مر نہ ڪجي مڙھ مٺيءَ جو دکايل!
پيڪا پـڪا سي پسي. عمر! ڏاڍي ......

آئي مند تي مند واءِ موتي،
موتيا کين مگر مُنڌ جا ٻوٽيِ،
پايان زهر پيٽڻ کائڻ روتي،
ويٺي پوُر پچايان پنهنجي پيارن جا.
پل پل پوُر.......

اَک سانگين ڌاران مُڪي ئي نٿيِ،
هيءَ مهل ڏُکيري مُڪي ئي نٿي،
چوُک پاڳ ٻُري جي چُڪي ئي نٿي،
ساري سُهڄ رَئان ٿي سنگهارن جا.
پل پل پوُر.......

هن بندَ بهار کي باهه ڏيان،
گهاريان سرءُ وڃي جهنگ وارن سان،
گولا گوُنڇ دکايل شال پسان،
پنهنجي گاهه پٽن گلزارن جا.
پل پل پوُر.......

پنوهارن جا پوُر

پل پل پوُر پون ٿا پنوهارن جا،
پنهنجي ٽاٽيچن ٿر وارن جا.
پل پل پوُر.......

ڪائي رات هجي ته وڃي نبري،
ڪوئي ڏينهن هجي ته وڃي گذري،
هت آهه اڃا پر بي خبري!
ڦيرا روز ڳٽيان چنڊ تارن جا.
پل پل پور.......

كيئن ويڙهيچا وساريان،
سنپاريان سانگين کي ٿي ساريان،
نهاريان - کيئن ....

هنڙي رهنديس کين مون،
ونديس ماڳ ميان! ضرور،
چاکن کئي دل چور چور،
پريت دکايل پاريان،
کيئن ويڙهيچا وساريان،
سنپاريان ....

سانگين جي سنڀار

ڏوهڙو:-

عمر! آباڻـــن ريءَ ٿي انـــدر آگ ٻري،
ٿون ڪڏي آئين ڪوهہ ٿان مونکي ريهي ريب ڪري،
ٿڪي ٿڪي راهہ ٿو منهنجي اکڙين آب ٽري،
ڏسي ٿنهنجو ڪوٽ ٿو منهنجو ڏوروُن ڏيل ڏري،
قيد قهر جا ڏينهڙا منهنجي ڦـٽيو دل ڳري
لکيو لوهہ نصيب جو ٿـو ٽاريو ڪين ٽري،
منٿ ڪري موڪل گهرانءِ پائو! قدمن سر ڌري،
سانگين ڌاران سومرا! منهنجي ساعت ڪين سري،
ڀنوهارن ڪان ڀري، شل پاڪ ٻرور نہ ڪندو.

مارُو رنج نہ ٿين

شل مارُو مُنيءَ سان رنج نہ ٿين،
پنهنجي پيٽ ڄڻيءَ کي ڏهاڳہ نہ ڏين.

ويم قيد ٿئي هت عرصو گذري،
جاڳيو وارث کونہ ولهيءَ جو وري،
ايڏي ڪيئن سگهن نسانگين کان سري،
ڪَن لاشڪ تن جا پڙيا ٻُهڙن.
شل مارو مُنيءَ...............

چڙهي ڪوٽ جي چوٽ تي ٿيان ٿي وِسي،
پوي همّت ڪان منهنجو هيانءُ ڦسي،
رئان روز مليرِ، سو ملڪ ڏسي،
ڪري ياد اَباڻا ٿــا نيڻ نِمن،
شل مارو منيءَ...............

روز سوَ سوَ ڪانگ اُڏايان ٿي،
وينــي پيــر فقير منــايــان ٿــي،
رکو آس ئي دل پرچايــان ٿــي،
من مــارو دکايــل ميــر مــلن.
شل مارو منيءَ...............

پيڪن جي لڄ

ڏاڍي ياد ستائي وطن جي ،
پنھنجي مارُوئڙن منڙن جي ۔
بند ۾ آءٌ عمر جي باندي ،
ويئي روز پڇايان پاندي ،
ڳٽين ڳاڙي دل هيڪاندي ،
گھٽي سار اٿم سانگين جي ۔
مرضيءَ سان هو گھر نه ڇڏيو مون ،
جاڙي واڙي وَر نه ڇڏيو مون ،
ٿاڻي ڇن جو ٿر نه ڇڏيو مون ،
بُکي هيس نه مان بنگلان جي ۔
لوڪ جي ليکي ڪاري آهيان ،
ٿر وارن لاءِ خواري آهيان ،
جاڙي ڏٽي حق واري آهيان ،
لڄ پياري اٿم پيڪن جي ۔
ڏينهن سو نيٺ ڏڪايل ايندو ،
مارُوئڙن سان ميلو ٿيندو ،
ڏيهه مبارڪ سارو ڏيندو ،
جڏي مارُئي ٿيندي مِٺن جي ۔

آليون پلڪون

عمر منهنجي پکيري پريت آ،
پيڪن پيارن سان.
وڃي هيڪر ملان شل تن،
مان ويڙهيچن ولهارن سان.

وڇوڙي جون ڳڻي پاڪون،
أدا آليون ٿيون ٿين پلڪون،
نڻي روڪي سگهان رودن،
عمر! حيان هزارن سان.

وڻي ٿو ڪين تنهنجو ڪاچ،
دسترخوان شاهيءَ تي،
ڪٿا ڪاوان، ڀاڙ پيئان،
جتيءَ جو چاهه چارن سان.

سري ٿي ڪين سانگين ريءَ،
مران ٿي مفت مارن ريءَ،
دکايل دل گهڻي منهنجي،
سدا سهڻن سنگهارن سان.

ڀَلا ڪر ڀَلائي

عمر! تن مارن جي آٿم وات وائي ،
اصل جن جي آهيان ميان! ڀيٽ جائي .

ڦٽيون ۽ ڦٽوتا ڪنديس آءٌ ڪاڏي ،
عطر تيل سُرها ميان، مُنجِ نه ماڏي ،
ڪڍي بند مان ڪا ڀَلا ڪر ڀلائي .

وڏي ٿي نه سوُسي ستارن سان ٻوئي ،
وڃي ڀيڪي ڀريان اُها لاک لوئي ،
عمر! مَٽيءَ جي لءِ جا اَباڻن اُٽائي .

اَدا! ڪوٽ جا ڇڏ ڪڙا ڪلف لاهي ،
وڃان ڀيرين ڀاڏي ويڙهيچن ڏي ڪاهي ،
اٿم جن جي دل ۾ سدا سِڪ سمائي .

'دڪايل' نه پنهنجا پڪا ڪنهن وساريا ،
ڀلا ڀال کهڙا ڀَلائيندا ذاريا ،
ملان مائٽن سان ، ميان! ڇڏ منڌائي .

مارئيءَ جي فرياد

جڏهن مارُو پون ٿا ياد عمر!
دکي دل ٿي ڪري فرياد عمر!

تو قيد ڪري هڻ آندو آهه،
هڪ پل نه روئڻ ڪان واندو آهه،
ڏس مارن ريءَ من ماندو آهه،
منهنجي دانهن جو ڪرڪو داد عمر!

تنهنجو پَٽ نه پٽيءَ آءُ پائيندس،
ڪين لوبون اباڻيون لڄائيندس،
نڪي محلين مَنهَن مٽائيندس،
ڪيڏي ڪوٽ مان ڪر آزاد عمر!

ڪيئن وسرن قرب اَباڻن جا،
پنهنجا ڏڏُنرا ڏٿ ڏاڏاڻن جا،
گهوريان هيج هي هنڌن وهاڻن جا،
ڪر دل تون دکايل، شاد عمر!

ليک لکيو ڪرتار

ڪيئن وساريان سنگهار،
عمر! آءٌ ڪيئن وساريان سنگهار.
آءٌ ڪَيتَ جي ڪيتُ مُٺيءَ جو،
ليک لکيو ڪرتار. عمر! ....
عطر نہ لايانءُ ميٽ نہ پايان،
وٽن ٿا اَٽيا وار. عمر! ....
ڪؤڙا ڪٿورا، باسڻ ڪورا،
پاتل سان ٿم پيار. عمر! ....
لنڊڙا پراٽا لِيڙن هاٽا،
لويون سندم سينگار. عمر! ....
صبح سنڀاريان سانجهيءَ ساريان،
عمر! اباٽا پار. عمر! ....
اوٺي اباٽا پکڙا پراٽا،
وسرن ڪين پنوهار. عمر! ....
عمر! تو آندي ڪئي جا باندي،
آهہ سا نماڻي نار. عمر! ....
سؤر دکايل، سر ڏي آيل،
ڏاج ڏنو ڏاڏار. عمر! ....

•

آباڻن جي تات

دوگانا :-

ماروئي: تڪي آهه آباڻن جي تات،
ڀڄي ويئي ڀُور ڀچايان،
ساري پيڪا پڪا ڏينهن رات،
ڏکي روز دل تي ڏکايان.

آيا دل تي عمر! بار غم جا،
رسيا صدما ڪي رنج و الم جا،
ڪري ياد پنوهارن جي ذات،
نيڻين ويئي نير وهايان.
تڪي آهه آباڻن جي تات......

عمر: ڇڏ مارئي! رسامي جي بات،
توکي پٽ-راڻي بڻايان،
لَنوءَ پيار جي هيڪر لات،
سِرُ هيءَ توتان گهوري گهمايان،
ڇڏ مارئي! رسامي جي بات......

پاڪ نه پئي تدبير

منهنجا مارو ملڪ ملير عمر!
آءٌ هتي تن لاءِ ويڳاڻي.
ويٺي نيڻين وهايان نير عمر! منهنجا ماروئڙا.

ڪنگڻ پايان قيد ڪڙيون تنهنجا.
پاءِ زيب زنجير عمر! منهنجا ماروئڙا.

عرض ڪندي ڪيئي سڄ اُڀريا،
پر نه مڃيو تو مير عمر! منهنجا ماروئڙا.

لوهه لڪئي جو لوڙيان ويٺي،
پاڪ نه پئي تدبير عمر! منهنجا ماروئڙا.

دور وطن کان ڪيئن ڏکايل،
دل کي ايندي ڌير عمر! منهنجا ماروئڙا.

ٿر جا ٿاڏا

سانگين ريءَ ڪيئن سري عمر! منهنجي.
ساهہ سانگين کي سڪندي ساري.
آهن جو پل پري- عمر منهنجي سانگين......

مارو منهنجا گهارن بر ۾،
ٿاڏا جن جا آهن ٿر ۾،
واڳہ سندن شل وري. عمر منهنجي سانگين.....

قسمت قيد ڪري هت آندي،
ڪير ڪري ها پيو ڪو باندي؟
لوهہ لکيو ڪيئن ٽري. عمر منهنجي سانگين......

هنڙون ويندءِس موُر نہ رهنديس،
سوُر ڏکايل، خوش ٿي سهنديس،
واڻون سؤ سؤ ڪري. عمر منهنجي سانگين......

عمر: ڏني توکي مون دل جي حڪومت.
مارئي: هجي نيبهه اِها توکي عزت.
عمر: وائي آڻ نه اهڙي تون وات.
مارئي: آءٌ نه توکي پاءُ ٿي پانيان.
تکي آهه اَباڻن جي تات،
پڇي وينئي پوُر پڇايان......

وڇوڙي جا ڏينهن

ڏاڍا ڏينهن گذاريا تم وڇڙئي،
ساري ديس آباڻو دل تي پُري. ڏاڍا ڏينهن......

ڏاڍو ورهه ڪيس وياڪل ڙي ادا!
رڳه رڳه تي روئي هڏ هڏ ٿو ڪري،
تنهنجي محل منجهان ڇا جاڻان ميان!
منهنجي دل ته اباڻا گهر ٿي گهري. ڏاڍا ڏينهن......

ڪري ڏوهه دغا سان آندو ٿو،
ڏنو سور عمر! هيڪاندو ٿو،
ڪنهن کي ڏوهه ڏيان؛ ڪنهن سان سور سليان؟
اچي بنديس هٿ ڪنهن ڏينهن ٻري. ڏاڍا ڏينهن.....

ٻڌ دَرُ ڀيري جو عمر! اُڏان،
وڃي پنهنجي دکايل ديس ڪُڏان،
مٺي ملڪ جا وڻ ٽڻ ياد ڪري،
ڏُکي دل تي ڏُکي جڏو جيءُ ٿو جُهري. ڏاڍا ڏينهن.....

ڪونجن سان رهاڻ

اُڏو، اُڏو! او ڪُونج قطارون،
جتي وسن ٿا منهنجا مارون.
اي ڪونج اُڏي وڃ جادي،
ڇڏيجان ته ايڏي بي دردي!
مٺان ملڪ نه ڏين مهارون،
اُڏو اُڏو او ڪونج قطارون.
ڏکي تارا نه رات کُٽي ٿي،
آيا هو ڏکا جند ڇُٽي ٿي،
وينئي پل پل ڪيم پڪارون،
اُڏو، اُڏو، او ڪونج قطارون.
اَک پيهج پنيءَ ٿي ڦڙڪي،
دل درد ڪنان ٿي ڏڙڪي،
ڏکيون طلب جون تيز تنوارون،
اُڏو، اُڏو، او ڪونج قطارون.
هت آهي ٻانڌ ٻنديواڻي،
مري مفت ٿي نار نماڻي،
ويني پائي دکايل ڦارون،
اُڏو، اُڏو، او ڪونج قطارون.

اُيري، اولهه آيو

ڏاڍو تات اَباڻن جي تايو. اَلا!
ساري ساري سانگيئڙن کي، اُيري، اولهه آيو.
ڏاڍو تات اباڻن ....

ويڙهيچن لءِ واجهه وجهانئي،
پاڙيچن جا پند پڇانئي،
وهمن ويهڻ وجايو. اَلا! ڏاڍو تات..........

ايندا ايندا ڪين ڇڏيندا،
ننگ سڃاڻي پنهنجو نيندا،
مون چو من پرمايو. الا! ڏاڍو تات..........

وچڙئي دکايل! تي وئي مدت،
ڪرڙو قلم وهايو قسمت،
انهنجي انگ آڙايو. اَلا! ڏاڍو تات..........

پراڻا پکا

پـنّن ٿي وسن ٿـا، عمر! سي آبـاڻا،
ڪچا گهر ڪکن جا پکن جا پراڻا. پنّن ٿي......

اهي محل ماڙيون هجن توکي نيبهه،
ميان! پل ته پنهنجي قبيلي سان خوش رهه،
ڏسان شل وڃي مان ٿريچن جا ٿاڏا. پنّن ٿي......

هنڌايان نه ريشم پٽيءَ پٽ نه پايان،
آڏا کيٽن مان لوئي آباڻي لڄايان،
انهيءَ چوڙ مان آءُ جنبياڙي ڇا جاڻان. پنّن ٿي......

پَکا پيرون ٿَر جا پنوهارن سان ڪاوان،
آڳيئي لڏيون مون عمر جن سان لاوان،
ڏکايل، سي مٽيءَ جا ٿي سانگي سباڻا. پنّن ٿي......

آباڻن کي نه لڄائيندي س

عمر منڙن آباڻن کي نه پٽُ ڀري لڄائيندي س،
گدائي پنهنجي مارن جي نه شاهيءَ تي مٽائيندي س.

مرڻ جو غم نه کو دل ۾، جيئڻ جي کا خوشي باقي،
اُتم جي آرزو کا شل وڃي ويڙهو وسائيندي س.

جڏهن آجي ٿي تنهنجي بند مان، ويندي س وطن پائو،
سهيلين سان ملي تنهنجا سوين ڳڻَ روز ڳائيندي س.

جي جيئري تنهنجي کوٺن ۾، مٽن سان کين ٿيو ميلو،
مُئي پڪ پنهنجي مارن سان عمر! ناتو نباهيندي س.

پنوهارن کان پري منهنجو ڏکيو ڏينهن ٿو گذري،
دکايل! دل سوهي سُور ٻئي کنهن کي سڻائيندي س.

ڪو ڏس ڏيندو

ڪو جهانگيـرن جو ڏس ڏيندو،
ڪو مارو‌ئڙن جو ڏس ڏيندو،
ڏس ڏيندو، اَلا ڏس ڏيندو، ڪو ڏس ڏيندو؟

ڪانگل تنهنجي ڪار اُڏامڻ،
اَچ نہ نماڻيءَ جو نياپو ڪڻ،
صاحب توکي جس ڏيندو، اَلا! جس ڏيندو...

سانگيـئڙن کي چنج زباني،
ناهہ لکڻ هت خط آساني،
ڪير قلم ۽ مس ڏيندو، اَلا! مس ڏيندو...

وڃ موٽڻ ۾ دير نہ لائج،
حال دکايل! تُرت سڻائج،
واءِ ڳُهاڙي توکي گس ڏيندو، اَلا! گس ڏيندو...

روئن ٿا نيڻ نماڻا

جڏهن پون ٿا ياد اباڻا،
منهنجا روئن ٿا نيڻ نماڻا.
زور عمر! تنهنجي آندي آهيان،
مارُن ڌاران ماندي آهيان.
ڪڏهن مان ڇا ڄاڻان. منهنجا........

قياس ميان! ڪو مٽيءَ تي آڻج،
لاش ملير ڏي منهنجو اُماڻج،
منهنجي مرڻ پڇاڻان. منهنجا........

جن سان منهنجي ڪَن جون تارون،
نيث دکايل نيندم مارون.
ڏيهه وٺي ڏاڏاڻا. منهنجا........

جهنگ وارن جا جهوُپا

عمر وسريو نٿا وسرن ٻڪا پنهنجي پنوهارن جا
سدا ساريان، آدا ويڻي سي جهوُپا جهنگ وارن جا

وسن ٿا مينهن ماڳن تي، پڇن ٿا ڍير ٻيڙن جا
وچي ٻاجهر جا ڍوڍا کانْ، ٻارسان پنهنجي پيارن جا

وَلر وارا جي ويڙهيچا، چڙهي پٽ چانگ چارن ٿا
پوَن پرلاءُ ٿا ڪن تي، سڦدن واين ونگارن جا

عمر سڪڻ سرودن تي نه ٿيندي مارئي موهت
وڻن وڌ ٿنهنجي واڄن ڪان، نرم آواز نارن جا

ڀلائي ڪر عمر ڀائو! وڃان شل مان وطن پنهنجي
مُڪا نياپا ميان مون ڏانهن مِٺن مارن ميارن جا

ٿي واٽون نهاريان

عمر پنهنجا سانگي سڀئي ڪيڏن وساريان،
صبح شام روئي اَباڻا ٿي ساريان.

ويڙهيچن جي پل پل اٿم وات وائي،
اصل جن جي آهيان عمر آءُ جائي.
مِلان شال تن سان، گهڙي هت نہ گهاريان. عمر پنهنجا...

ورائي وجهو ڏاسرا طعام وارا،
وڻن ٿا نہ ڏنهنجا ڪٿا ڪاچ ڪارا،
وڃي شال پيهن ڏي پيرُون پٿاريان. عمر پنهنجا....

ڏکايل ڏڏيءَ مان اُميدون نہ لاهيان،
وصل تن جو ٿيندو اصل جن جي آهيان.
وطن نيٺ ويندي، ٿي واٽون نهاريان. عمر پنهنجا...

ڪوٽ چڙهي ڪانگ اُڏايان

ڪيئن وسرن مون کان عمر آباڻا،
جيڪي سانگي ساهہ سيباڻا. ميان ڪيئن ......

ڪوٽ چڙهي ٽِي ڪانگ اُڏايان،
مير! آباڻا مِلڪ پڇايان،
سانگ رَسن مَن سياڻا،
اوُهي سانگہ رَسن مَن سياڻا، هوءِ سياڻا ......

هو هُت مئيءَ لءِ ڳچ ٿا ڳارن،
رويو ويٺا راهہ نهارن،
هاري نير نماڻا،
اوُهي هاري نير نماڻا، هوءِ نماڻا، الا نماڻا ......

مِلڪ وري جي ويندي‌س آئون،
هوُ تہ دکايل ڏيندءِ دعائون،
ڏمر چڙي ڏاڏاڻا،
اوُهي ڏمر چڙي ڏاڏاڻا، هوءِ ڏاڏاڻا، الا ڏاڏاڻا ......

ڪوٽن ۾ قابو

تَنُ قابو ڪيو تو ڪوٽن ۾،
منهنجو من نہ وسي ٿو مابير عمر!
نہ تہ ڪير هتي جو آٽي ها،
مونکي قيد ڪيو تقدير عمر! تن قابو....

تنهنجو ڪوٽ لُهانگو ڪيئن پڇان،
ڪيئن موٽي ماڳ مابير وڃان،
اها آس اَدل مونکي آهہ اڃان؟
ڪَجانْ ڪين مونکي دلگير عمر! تن قابو....

هڏ ڪونڌري حاڪم! هيٽي مانِ،
ڏک درد ڏکايس ڀيٽي مانْ،
ڪر قياس، ڪو، قياس وهيٽي مان،
وڃهہ زوريءَ ڪين زنجير عمر! تن قابو....

هي ڏؤر ڏکايل! آهہ ڪو ڏم،
ڪر ڪنهنجو حاڪم! حق نہ هضم،
توکي آهہ عمر! تنهنجي سِر جو قسم،
ڇڏ زور مُڙي وڃ مير عمر! تن قابو....

لاڏي آباڻن اوير

ڏاڏي لاڏي آباڻن اوير، اَلا!
آءٌ نہ ڄاڻو ويڙهيچا هيمَن،
وڃهندا ايڏي وير!

راهہ تکي ٿي دلڙي ماندي،
ڇو نہ الائي آيو پاندي،
واجهايم سپ سير، الا! ڏاڏي ....

ماڙيچن کي هو نہ مناسب،
ننگہ ڇڏي هُت ويهڻ واجب،
مهڻا ملندن ڍير، الا! ڏاڏي ....

پاڻ وڃهان ها جيکر ماري،
آس رکُو ٿي مٽيءَ کي جياري،
نہ تہ آءٌ دکايل کير، الا! ڏاڏي ....

بادل بيھ اِئي

کر خبر وسڻ جا ويس ڪري،
ڇو بادل! آئين نيڻ ڀري. ڪر خبر....

مونکي ڳرندو ڏسي ٿو ڳجھ ڳارين،
يا سوُر ٿـو پنھنجا اوسارين،
ڏينھن رات ھنجون ھرھر هارين،
ڇا تون بہ وطن کان آھين پري؟ ڪر خبر....

وڃي ويجھو ويڙھيڇن جي وَسجانءِ،
ڪي پوک پنوھارن جي پسجانءِ،
ڏکيو حال ڏکايل، جو ڏَسجانءِ،
جا مارن ريءَ ٿي مفت مري. ڪر خبر....

ڇھاڙن جي ڇويان

ڇھاڙن جي ڇويان ھو ڪڪرن قطارون،
ڏيارن ٿيون مٽيءَ کي مٺا ياد مارون.

ھيم جي ڀٽن جا ھو نيلا وسيلا،
پسي سي پرانھون وڃن دل جون تارون.

ھتي ڪوٽ ڪنگريون، ھُتي چوٽ چاڙھيون،
مٿيون جاتي ماٽيم ڪي بوندن بھارون.

وسيا ھوندا ڀاٽي اُساتيل پٽن تي،
ھيٺئين پوندا يون ھونديون پَارتي پُڪارون.

گھٽا گاھہ ساوا ٿيا ھوندا ٿر ۾،
مٿن کي نہ پاڙي جون ماڻديون ميارون.

مٿو مال ھوندو ڏيا ھوندا پاڳيا،
پرئي ٻيٽ وھندا سي ھوندا ونگارون.

ڪڏھن ٻانھن ڦڙڪي ڪڏھن اکہ ٿي ڦڙڪي،
دکايل ستائن ٿيون سانگين جون سارون.

وڃان ملڪ آباڙي

ڏوهڙو:-

راتيان ڏينهان تار، ميان مارُوئڙن جي،
چنيءِ ڪيءِ ڌار، ڇوري زوريءَ سومرا!
وڃان ملڪ آباڙي مُهاڙ ڪري،
منهنجي ماڳہ ملير ريءَ ڪين سري. وڃان.......

آئين نارَ تان زوريءَ نارِ ڪڍي،
ايها ڳالهہ عمر! توکي ڪيئن وڻي؟
ميئان! ڏيندءُ ملڪ ميار گهڻي،
جيسين وطن وري ويچاري وري. وڃان.......

اِڃهي آيا اوٺي ڄاڻ ٽران،
ڏي موڪل مير ملير وران،
هت مارن لءِ ٿي آءٌ مران،
ڏُورون ڪوٺ ڏسي ٿو ڏيل ڏري. وڃان.......

مونکي مارن ريءَ ٻي تات نہ ڪا،
بِن رودن گذري رات نہ ڪا،
تنهنجي عمر! وڻي ٿي بات نہ ڪا،
گهاريان پل نہ دکايل! تنهن کان پري. وڃان.......

اباڻا ڄاڻ آيا

آيا عمر اباڻا ڄاڻ،
نيڻدم سانگي نيڻيءَ ساڻ. آيا عمر!.........

هيڏڪر ڳنڍيو ڳنڍي ڪيئن ڇرڙيان؛
عمر! اباڻا ناتا تروڙيان؟
پنهنجو ننگ سڃاڻ. آيا عمر!.........

لوئيءَ لاهي پٽ نه پايان،
منهن ڇڏي ڪيئن محل وسايان،
مارن کهڙو ماڻ. آيا عمر!.........

ڪنهن کي حال سڻايان پنهنجو،
روئي پاند پسايان ڪنهنجو؟
ڏينم ڏکايل ڏاڻ. آيا عمر!.........

٥

عمر! آباڻي ڏيهه جا ڏنگرا ٿا سارين،
مُنهن تي مارُو چڙهي پيرون پٿارين،
رويو رت هارين نيڻ نهاري تن کي.

٦

هوڏ ڇڏي هل سومرا هوڏ نه هاندء ساڻ،
ڪنهن سان نيهه ڪين هي ڏن جوپن جو ماڻ،
چار ڏهاڙا زندگي کِهنبو چُٽڪو جاڻ،
ميان حق سڃاڻ، موٽائي مُنُجِ مارئي.

٧

عمر! آباڻن ري هتي مري ٿيس ماندي،
ناحق نماڻيءَ کي تو مير! ڪيو باندي،
اٿم هيڪاندي سِڪ ڏن سانگيئڙن جي.

٨

سر تي پل نه ڪِري عمر! قهر قهار جو،
جان جدا ٿئي جسم کان، تَڪَرم ٽڪري،
جنهن پل ۾ وسري، وطن ويڙهيچن جو.

ڏوهڙا:-

آءُ نه اچڻي ماڳهين، مڙئين تنهنجي ميڙ،
ڪڍي آئين کوهه تان، تون زوريءَ جام امير،
قيد ڪيم تقدير، نه ته ڪوٽ لُهائڻو ڇا لڳي.

۲

عمر آڻي مارئي تو جيءُ وڌو جنجال،
جيڏري ٿيندءِ ڪين هي پورو خام خيال،
منهنجو ماڻ مڙال سمجهي ڇڏ تون سومرا!

۳

جيڏري جي منهنجا عمر! عرض نه اُٺاڻا،
مُڏي پڇاڻا، ماڳه مُنجين من مارئي.

۴

عمر! آيو اوچتي سنبري اهڙو سُور،
روئي اَباڻن کي نيڻن ڪوهيو نُور،
ياد اَباڻن ڪان وڌيو هڏ هڏ ۾ ناسُور،
پنوهارن جو پُور جيڏري ويندو ڪين ڪي.

سسئي، سُورن جو مجسم هئي. جتي سڪ آهي، اُتي سور ته آهن ئي آهن. تڏهن ته لطيف سائينءَ چيو ”پنهون ٽيس پاڙ، سسئي تان سور هئا“- سڪ کان سواءِ ڳولهيندو ئي ڪير؟ جڳياسا يا ڳولها، سڪ جو ٻيو نالو آهي. ’سڪ، ڳولها ۽ سُور ڳالهه هڪڙي‘- ٻوءِ ته سائين ٻه ٻري ڪونهي. رواجي ريت سورن کان هرڪو ٿهندو آهي، پر اِنهن سورن کان سواءِ ڪنهنجي سري ٻه ته ڪانه ٿي! شل نه ڪنهن جي گهر ۾ سور نه ٿين، سوين حڪيم ۽ طبيب پڇائيندو، پيرن فقيرن جي درن تي پيو مجرا ڀريندو. ڇا لاءِ؟ ڇي اسانجي گهر سور نه ٿا ٿين! ڇو ته

٩

آهه اُڪير اڃان، ڏاڏاڻن جي ڏيهه جي،
سڪندي روڪ نه سومرا! شل موٽي ماڳهه وڃان،
پيرو ڪيئن پڇان، ميان! ماڙيچن سان.

١٠

آيا اوٺي جاڻ ميان! ماروئڙن جا،
سانگي ايندا وسيلي وٺي ويندا ساڻ،
ويجهو آهه وٽاڻ، منهنجي ويڙهيچن جو.

١١

اکين هاريو آب، راهه تڪيندي تن جي،
ڪانگ اُڏايم ڪيترا، پر آيو ڪين جواب،
بٺيو ڏکيرو ڏيهه ڪان هاءِ بنديءَ جو باب،
حق وارن کي حق ڏئي، عمر! ڪٽُ ثواب،
پنهنجن ڏاران تاب، ڪنهن ٿي وڃان پرديس ۾؟

١٢

صبح سانجهيءَ تات آهي اَباڻن جي،
ڏکندي ڏينهن ويو رئندي گذري رات،
سانگين ساريندي اچي مٿان پئي پرڀات،
وائي جن جي وات ملندا شال ملير ۾.

ڏي وٺي وڃڻ وارا قاصد يا رهبر آهن. پوءِ اِنهن
کان ڏکڻ ۽ ڇرڪڻ ڇاجو؟ سسئيءَ کي به اِنهن
سورن ئي تہ سانگ رسايو. تڏهن تہ اڄ هوءَ وقت
جي ڇاتيءَ تي پيئي ٿي نچي؛ ڇو تہ سور وقت
جا زيور آهن، سورن وارو وقت ئي سپني کي ياد
رهندو آهي. تڏهن تہ شاهہ بہ چيو:

”ڏک سُکن جي سونهن، گهوريا سُک ڏُکن ري“

سورن بنا، گهر ۾ وسڻ کانھ ٿيندي. انهيءَ ڪري
جي چاهيون ته گهر ۾ سائين اچي، ته پوءِ سورن
سان اَليڪ سليڪ ڪرڻي ئي پوندي.

سُکيا سَنهنجا ٻه هٿ وٺي سور ڳنهندا آهن
نه ته سک ۾ ساک کوهه ڏُور پڇندا وتندا
ڏکن کان پوءِ ئي ته ڪوسکن جو اَنيؤ ڪري سگهندو
سچو مزو ماڻي سگهندُو.

اُهو کهڙو ديوي ديوتا يا گرو گوسائين آهي
جنهن ڏک نه ڏٺا هجن يا ڪاشٽائون نه ڪاٽيون
هجن ۽ اسان انهيءَ جو قدر ڪيو هجي؟ راڄ پاٽ
ڇڏي، گهر گهاٽ ڦٽائي، جن ڏکن ڏاکڙن سان
ياري ڳنڍي، اسان اُنهن کي ئي پنهنجو سائين بڻايو
پوءِ اُهو رام هجي يا ڪرشن؛ ٻُڌ هجي يا گانڌي
گرو نانڪ هجي يا مهاوير. ڪوبه پير پيغمبر، ٽيسين
آدمين جي دلين تي راڄ ڪري ڪين سگهي
آهي، جيسين هن ڏکن جي ڪرن-ڦل ۾ پڻ جي
پاڻ کي ڇڪايو ناهي.

جي سُور اسان کي مِٺا نه هجن ته پوءِ سور
ٽوڙي سُورائتن جون ساکيون يا سُر ٻُڌي، جهُوليو
۽ ڦنڪون ئي ڇو؟ حقيقت ۾ اِهي سور ئي سائين

آديون نيت ايندو

آديون نيت ايندو ڪڏهن مٽيءَ جي پاڙي،
سنياري سڄڻ کي ڇڏيم ڏينهن لاڙي.
پَتا روز پنهنجي پنهل جا پُڇانئي،
ڪڇان ڪين ٻاهر اندر ۾ لُڇانئي،
وڇوڙي سڙيءَ جو ڇڏيو ساهه ساڙي.
نهاري نهاري اکين نير هاريو،
وِلهيءَ کي الاجي وَنهيل ڇو وساريو،
آڙيو انگ اهڙي ڏکئي کنهن ڏاڙي.
دکايل! نکو ننگ ڏيرن سڃاتو،
نکي نياز اُلفت پنهل پاڻ جاتو،
اچي شال ڍولڻ ڪيل قول پاڙي.

ايندِيس هوت لهي

منهنجون سياڻيون سرتيون،
نيڻن ننڊ نہ رهي،
راتيان ڏينهان ٿُم تات پنهل جي،
منهنجون سياڻيون سرتيون ....
ڏير ڏکيءَ سان ڏاڍ ڪري ويا،
هڪڙي رات رهي،
منهنجون سياڻيون سرتيون ....
پاڻهي لهنديس پار پنهل جو،
سؤ سؤ سور سهي،
منهنجون سياڻيون سرتيون ....
صدقي پنهل جي ڏونگر ڏوري،
ويندِيس ڪيچ ڪهي،
منهنجون سياڻيون سرتيون ....
نيٺ دکايل هڪ ڏينهن پنهنجو،
ايندِيس هوت لهي،
منهنجون سياڻيون سرتيون ....

زوريءَ هوت وٺي ويا

وٺيو هوت زوريءَ، وڃن ٿا اديون!
نڪو قياس ڇوريءَ تي ڪن ٿا اديون.
پٺون ٿي پيا پير، مهنديءَ رتا؛
ڏهاڙي ڏکيءَ جا ڏکن ٿا اديون.
وٺي هوت..........
پون ٿا جڏهن ياد سک سهاڳ جا،
ڏکيا ڪين ڏونگر لڳن ٿا اديون.
وٺي هوت..........
نهاري نهاري ٿا پيرجي اڇن،
نبل نيڻ تم تم تمن ٿا اديون.
وٺي هوت..........
هٽي هوت ويو جا چٽنگ چاهه جي،
دکايل! سي دونهان دکن ٿا اديون.
وٺي هوت..........

هوت وٺي ويم وَرُ

وَر ريءَ ڪيئن گهاريان پيڪن ۾،
ڪيئن گهاريان پيڪن ۾، ور ريءَ.......
پاؤ آڙيو هو تن سان آهنجو،
پرڏي ڪين ڪيائون پنهنجو،
هوت اڪيلو ڇڏي هليا ويا،
ڪونه حيا هو تن ۾. ور ريءَ.......
مان نه ڏڪايل سورن هيري،
پريت پنهل جي ڪيس پڪيري،
سڪ ساجن جي سانگ رسايو،
لَاج لٿي لوڪن ۾. ور ريءَ.......

ڏونگر کين ڏکاءِ

ڏوهڙو:-

ڏونگر کين ڏکاءِ آءٌ ڏکياري آهيان،
آيس تنهنجي آسري تون تپي کين ٽپاءِ،
اهڙي کنهن دڳہ لاءِ جو پهچان ترت پنهل کي.

مان تہ ڪيچ پنيور تي ڪاهيان، ڪاهيان جيڏيون،
قول ڪري ڪيچين نہ نباهيو،
مان ٿي نيهن نڀايان. جيڏيون! مان تہ ....

ويندڙيس جيڏيون

ڏوهڙو:-
ڪنهن سان هي اوريان درد ڪهاڻيون دل جون،
چنتا تنهنجي چاهه جي شام صبح چوريان،
اڃا اُميدن جي ويٺي وَٽ سوريان،
سو دل سِر گهوريان، هيڪر جي هنڙي اچين.

آءٌ نه هوت پُنهل ڏي ڪاهي،
ويندڙيس جيڏيون هوريان هوريان،
هوريان، هوريان، هوريان، هوريان،
پنڌ پُڄهي ٿو اوريان اوريان. آءٌ نه......

ساهه نه ساجن ساڻ ڪٽي ويو،
ڪنهن سان اورون اوريان اوريان. آءٌ نه......
پوئين پير وري شل مونن،
سرگورن تان گهوريان گهوريان. آءٌ نه......

سار سڄڻ جي روز ستائي،
چت ۾ ويٺي چوريان چوريان. آءٌ نه......

پنهنجي ڍولڻ ڪاڻ ' دڪايل ' !
آءٌ نه ڏونگر ڏوريان ڏوريان. آءٌ نه......

هوت جا ديرا دل ۾

صبح پنهل جا ڪٽندي پيرا؛
ڏينهن ڏکن جو لاڙي سسئي؛
ڏسندي ڄام پنهونءَ جا ڏيرا!
صبح پنهل......

پير پٿون ٿيس ڏونگر ڏوري،
برهه جي باهه جلايس جيرا.
صبح پنهل......

ڪيچ پنهور جا ونءِ واجهائي،
صدقي ٿيندي سؤ سؤ ڀيرا.
صبح پنهل.......

ٻئي هنڌ ڪين وسي ٿو دڪايل!
هوت پنهونءَ جا دل ۾ ديرا.
صبح پنهل.......

رات وڏيءَ ويا چوريءَ چاڙهي،
منهنجو پنهل پراهان،
ڏير ڏکيءَ سان ڏاڍ ڪري ويا،
ڪنهن جي در تي دانهيان. جيڏيون! مان تہ......

هوتُ هٿن سان ڪير ڇڏيندي،
آءٌ نياڳي ناهيان،
سيج تہ سهاڳہ بنا هت سڙنيون!
آءٌ اُداسڻ آهيان. جيڏيون! مان تہ......

جانب جيئري ڪيئن پرڙي جو،
جيڏيون! جورو لاهيان،
هوت بنا هيڪاندو ڏکايل!
ويني نير وهايان. جيڏيون! مان تہ......

رات ڏيئي تات ويو

پرديسي پريتم رات ويو،
ڏيئي طلب تڪبيري تات ويو. پرديسي....

پنهل وٺي ويا ڏاڍا ڏير،
رات ڪيائون پويان پير،
آءٌ سي ڪين سڃاڻان سير.
ويو رات، وڏيءَ پرڀات ويو. پرديسي....

اوريان ڪنهن سان دل جو حال؟
ريءَ پنهل ٿيم ساعت سال،
جيڏيون منهنجو جيئڻ محال،
ڪري ظاهر دڪايل ذات ويو. پرديسي....

سانول جي سڪ

مون تہ سانوَل سان لنوَ لائي،
دل تہ ڪٿي ويو ڪيچ اديون! منهنجي،
جانب پائي جهاتي. مون تہ...
آءُ اُداسڻ راتيان ڏينهان،
آهيان پنهل ريءَ آئي. مون تہ...
ڏينهن اچي مهمان لٿا،
وٺي رات ويا منهنجو پاڻي. مون تہ...
روئي وڃايم نُور نماڻو،
ڇيهون ڪٽي مون ڇاڻي. مون تہ...
زوريءَ منهنجو هوت ڪٺي ويا،
ڏيرن ريت نہ جاتي! مون تہ...
پنهنجي پنهل لءِ مون کہ ڏکايل!
قرب جي ڪني پاتي. مون تہ...

روئن نماڻا نيڻ

ڏڪا روئي نيڻ نماڻا،
اَڄ سوڍل يار سياڻا.
ڏڪا روئي نيڻ ....

حال اندر جو ڪنهن سان اوريان،
ڏينهن ڏکن جا ويٺي ڏوريان،
پورا پيا نہ پُڇاڻا.
ڏڪا روئي نيڻ نماڻا.

برهہ بدن ۾ باهہ لڳائي،
ورهہ وڇوڙي ننڊ وڃائي،
سور ڪيا لڳہ ساڻا،
ڏڪا روئي نيڻ نماڻا.

رُسڻ ڇڏي اڄ پرچڻون راڻا،
ڪير ڏکايل، سهنڊء ماڻا،
منهنجي مرڻ پڇاڻا،
ڏڪا روئي نيڻ نماڻا.

ڪٿي پنهل جو پار

ڳوليان ڳوليان ڪوڏسي ڏُکيءَ کي،
ڪٿي پنهل جو پار.
ڏيرَ ڪري ڏاڍائي مٺيءَ جو وٺي وَرُ ويا رات،
ريءَ پنهل جس ڪهڙو جڳ ۾، آهه سڀو سنسار،
ڳولهيان ڳولهيان ....
ٻَرَ جي هوا اُڏائي هل تون، پار پنهونءَ مونکي،
پنهل بنا سسئيءَ جو جيئڻ! آهه جيئڻ بيڪار.
ڳولهيان ڳولهيان ....
پير پٿون ٿيا پچي دکايل! لڳا ٽٻيم ليڙون،
ڪيم پنهل جي ڪارڻ جيڏيون جهنگ جبل اختيار.
ڳولهيان ڳولهيان ....

وٺي ويا منهنجو پنهون

سڄو لوڪ سڏيندم لوٽي،
جي نہ سڃاتم ذات پنهل جي،
لوڪ سڏيندم لوٽي،
سڄو لوڪ.........

رات اچي مهمان بڻيا،
منهنجي ڳڻن وندي جا ڳوٺي،
سڄو لوڪ.........

چوريءَ منهنجو هوت ويا چاڙهي،
آري جام جا اوٺي،
سڄو لوڪ.........

ڪاهي ويندي‌س ڪيچ دڪايل!
ڪوڻڻي يا ري ڪوڻڻي،
سڄو لوڪ.........

راهه تڪيان

روئي روئي راهه تڪيان،
پاروچل! موٽ سگهو.
سڏي سڏي ڪين ٿڪان،
پاروچل! موٽ سگهو.

آيون ويئون ٿيون ورجائن،
جيڏيون سرتيون وڻ ورائن،
ٻڌيو ٻڌيو لڄ مُران،
پاروچل! موٽ سگهو.

ڪيچين ڪي هو ڪين مناسب؛
ننگه ڇڏڻ ڪيئن ڄاڻئون واجب!
سهي سهي وڻ ڏجهان،
پاروچل! موٽ سگهو.

آءُ سگهو ڪوهيارل! ڪاهي،
تو بن چين دڪايل ناهي،
مري وري شال ملان،
پاروچل! موٽ سگهو.

ساريِ رانئڙي

شاستريہ گيت:-

سوديل! ساري رانئڙي،
هيڪل گهاريم ڪاري رانئڙي.
ڏڪندي ڏڪندي ڏينهن لنگهي ويو،
رئندي رئندي ماري رانئڙي.
سوديل ساري رانئڙي. هيڪل گهاريم....

سر تہ سڄڻ تان گهول گهول،
رسڻ ڇڏي اچ ٻول ٻول،
راڻا! ساري رانئڙي. هيڪل گهاريم....

شاستريه گيت

درد جي دوا،
ڏي کو،
درد جي دوا.
گهايل جي دل کي گهايل ڄاڻي،
راما گهايل ڄاڻي.
زخم ڏکيا،
دل جا نه مڙيا،
درد جي دوا ڏي کو. درد...
برهه سنديون بي ٿابيون،
تو جي ڏنيون،
اي سويا!
ٿن کان دکايل کي ڏي شفا،
درد جي دوا،
ڏي کو،
درد جي دوا.

مُومل، جڏهن راڻي جو وڇوڙو سهي نہ سگهي
۽ هن پنهنجيءَ سڪ کي دلاسو يا آٿت ڏيڻ
سانگي، سُومل کي مڙداڻا ويس وڳا پهرائي، پاڻ
سان سمهاري ڇڏيو، تڏهن سچو راڻو، سيج تاءِ
اچي بہ موٽي ويو. موٽيو بہ وري اهڙو جو وري
ڪاڪ جا وڻ بہ ڪين ڏٺائين، نڪي ڪڏهن
لڊاڻو ئي لنگهيو.

ويچاري مومل پنهنجي ڪئي تي پڇتايو
ڏايو، پر سوڍو سرچي نہ سرچيو. پر جڏهن هُن
پاڻ جلائي خاڪ ڪيو، تڏهن تہ آپي - سياپي
جي سزا کان ڇٽي ۽ سدا لاءِ ميندري جي منهن

دلبر جو دلاسو

ملبو کين دلبر جي در تان دلاسو،
مکو کين محبن کو خطرو خلاصو.

جدائيءَ جون راتيون مون لُڇندي گذاريون،
اسانجي اگھڻ کر اچي يار واسو.
ملبو کين ....

دکايل اُميدون اچا کين لاٿيون،
ڏئي وج کو دل سان پرين خير خاصو.
ملبو کين ....

پاڻ لاءِ ڪيڏا نہ ڪشٽ توڙي ڪشالا ڪڍڻا پيس؟ ويندي ايسين تاءِ، جو نيٺ پاڻ جلائي فنا ڪرڻو پيس. هونءَ بہ فنا ۽ بقا ٻہ شيون تہ آهن ڪين. فنا ٿئي تہ مومل بقا پاتي ۽ ائين مينڌري سان ملي هڪ ٿي.

چڙهي سگهي. پاڻ مارياٸين تہ قبول پيئي.
منهنجي راڻي جي ريت ئي نرالي آهي
هو سڙرو ريجهڻ وارو ڪاٿي آهي؟ جڏهن بي
وسيلا ڇڏي، هُنَ هڪ جي سڪ ۾ پاڻ سڄهائجي
ٿو، تڏهن ئي ٿو وڃي قبول پئجي. هلندي
هلندي جي ٿڪجي، ڪٿي ويهي رهئين ۽ ڪ
پاءُ پلڪ روح ريجهائڻ لاءِ ڪنهن رِڌيءَ سڌي
سان سنگ ڪيءِ، تہ اِئين سمجهبو، تون راه
وڃائي گمراهہ بڻجي مالڪ کان پري ٿي وئين
جنهن جي سزا توکي مؤمل وانگر ڀوڳڻي ئ
پوندي.

ونوباجي، گيتا پروچن ۾ چوي ٿو- "ما
۾ ئي تہ رام پيو اٿيئي؛ رڳو اُنڪ بڻجي اُنهي
کي ڳول." جڏهن هي سڀ ڪجهہ مايا
پسارو، رام جوئي پسارو آهي تہ پوءِ رام کي ما
کان جدا ڪيئن ڪري سگهبو؟ انهيءَ ڪري را
۽ ڪاڪ جدا هئا ڪٿي؟ راڻو تہ ڪاڪ معل
هوئي هو. پر مومل جي جڏهن اُها سرت ساجا
نہ رهي تہ هن راڻو وڃائي ڇڏيو ۽ پوءِ انهيءَ ڪ

مومل جي معذوري

اچڻ عام ڇو ٿيو، ملڻ بار ڇو ٿيو؟
پري يار ڇو ٿيو! ٿڌو پيار ڇو ٿيو!
سا-ي کا سهيلي!
ڏکي هـي ۽ پهياي.

نہ کا کجھہ لکائي، رکي پاند پائي.
ڏٺي جو چوائي، پلي ڏي ٻُڌائي.
چڱي يا مَٺي جو،
کري کانہ سوٿو!

مومل - راڻو

مومل جي آرزو

نماڻيءَ ڏي هيڪر نهاري وڃين ها،
کيل قول راڻا تون پاڙي وڃين ها.

سلامن سان سڪ کين لهندي ستمگر!
انهيءَ کان ولهيءَ کي وساري وڃين ها.

سڄو ڏينهن گذاريءَ رقيبن جي گهر ۾،
گهڙي کا نه مٽيءَ وٽ به گهاري وڃين ها.

ڏکايل ڏکيو آ جدائيءَ جو جالڻ،
انهيءَ کان نه مومل کي ماري وڃين ها.

مومل جو رودن

ڪو حال نہ ڏي ڪانگا،
ڪڏي ڀهڪڻ ايندو ٻول تون.
ڪو حال نہ ڏي ڪانگا!

رئندي رات گذاريم ساري،
پر نہ ورڻ جي راڻل واري،
ٿيو بدن پُري پانگا،
ڏيئي ريب نہ ناحق رول تون.
ڪو حال نہ ڏي ڪانگا!

درد ڏکايل آيا ڏُوڪي،
تو ريءَ ڪاڪ سڄي ٿي ڪُوڪي،
سپ سر جا ڇڏيم سانگا،
منهنجا عيب نہ خاوند کول تون،
ڪو حال نہ ڏي ڪانگا!

ٺراري نشاني، ڇڏي ويو ڇو جاني؟
ڪري مهرباني، ٻڌائي ڪا سياڻي!
رُٺو ڇاڪون راڻو؟
جهلي وينو ماڙو!

ڏِسي هيءَ ڪُمهري، رَسي چوٽ ڪَهِري؛
حياتي ٿي زهري، لڳي ڪاڪِ ڦهري.
وئي مرڪ مُنهن جي.
رهي سُڌِ نہ سنهن جي!

اڄي نيهن لائي، نڌون پيچ پائي،
سڄڻ دل لِيائي، ويو منهن مٽائي!
لڳائڻ ٿيو سؤکو؛
نڀائڻ ٿيو اؤکو!

بنا راڻي، مؤمل، رهي ٿي دکايل،
اُڌائي ٿي ڪانگل، ٺٽي ڏيس دل جهل.
گونگا لڙڪ هاري،
حياتي ٿي گهاري!

مومل جي شڪايت

آءُ آڳڻ اڄ پيارا پيهي ايڏي دير نه لاءِ،
پيار ڏنيءَ جو پهريون سهڻل سائين سو تہ نڀاءِ.

تنهنجي لءِ ٿي ڌاڙون پايان،
ڏهه ڏهه ڏينهن ۾ ڪانگ اُڏايان،
پوُرل ڪين پڇاءِ. پيار ڏنيءَ جو......

توسان جنهن ڏينهن نيهن لڳايم،
پريت جو مارُو مرض پرايم،
دل به وڃايم هاءِ. پيار ڏنيءَ جو......

پهرئين ڏکايل دلڙي ڏيئي،
هاڻي ڪرين ٿو شڪوا ويهي،
پوءِ نه تون پڇتاءِ. پيار ڏنيءَ جو......

مومل جي پڪار

هڪ رات رهي وچ تون سڄڻ ٽوڪي ٽي ساريان،
فرقت ۾ تنهنجي روئي ويئي راهه نهاريان،
ڳچ روز ٽي ڳاريان.

ڪوني ني چڙهي ڪانگ ٽي تو لاءِ اُڏايان،
ماڙي تو بنا مينڌرا! پڙپانگ ٽي پايان،
ڏڪندي ٿو لُڙي ڏينهن رڙي رات گذاريان،
فرقت ۾ تنهنجي روئي ويئي راهه نهاريان،
ڳچ روز ٽي ڳاريان.

اقرار دکايل کي اچڻ جو ڪو پلا ڏي،
لڪ مون ۾ منداٻون نه مگر ايڏي سزا ڏي،
وٺ سوري، اُميدن جو ڏيئو ويئي ٽي باريان،
فرقت ۾ تنهنجي روئي ويئي راهه نهاريان،
ڳچ روز ٽي ڳاريان.

هڪ رات جي تقاضا

دوگانو:-

مومل: هڪ رات رڳو هڪ رات،
رهي وڃ رات......

اڄ قرب ڪري ٻئي پير پري،
منهنجي تو ريءَ سوڊل ڪين سري،
ڏاڍي طلب تڪيري تات.
رهي وڃ رات رڳو هڪ رات......

هڪڙي رات رهي وڃ

هڪڙي رات رهي وڃ راڻا!
رات رهي وڃ راڻا. هڪڙي رات...
عيب نہ ڏس تون ڪر نہ اُگهاڙو،
سوڍل يار سياڻا.
هڪڙي رات رهي وڃ راڻا!
تڪندي رات گذاريم تارا،
پر نہ پريتم آئين پيارا!
ڏوهہ ڏنيءَ کو مہاڻا.
هڪڙي رات رهي وڃ راڻا!
دل ۾ درد دکايا دونهان،
سور دکايل! ٿيندم سونهان،
سوز کيا لڳہ ساڻا.
هڪڙي رات رهي وڃ راڻا!

او راڻا!

او راڻا! مان دل لائي.
مان دل لائي، اڙجي ويڙس،
مان دل لائي، هائي هائي. مان....

ناحق توسان نيهن لڳايم،
عشق جو ڀڇڙو مرض پرايم،
دل جو چين وڃائي،
هائي هائي. مان....

رودن ۾ ڏينهن رات گذاريان،
هيانءَ ڦُٽي ٿي هنجون هاريان،
سيج سڄي ٿي کائي
هائي هائي. مان....

درد دکايل ماري آهيان،
تو بن جڻ ويچاري آهيان،
کاک ٿي ڏيل ڏکائي،
هائي هائي. مان....

راڻو: تون ذات زناني ذات زناني ذات،
بي درد صفا، ڄاڻين نہ وفا،
تنهنجي عادت مومل! جورو جفا،
ڏوکو پيار جي هرڪا بات.
زناني ذات.......

مومل: رهي وڃ رات، او راڻـل! رات،
رڳو هڪ رات.
ڏک ڏات ڏنـا ڏک ڏات،
ڏٺي ڏک ڏات.
مون نہ ڏوهہ ڪيو لڪڻي لوهہ ڪيو،
مون سان سومل ڌوهڻ ڌوهہ ڪيو.

راڻو: اهـڙي آڻ نہ وائـي وات،
زنـاني ذات، زنـاني ذات.

مومل: راڻا! فڪر ڦٽيـو فڪـرات،
رهي وڃ رات رڳو هڪ رات.
اچ قرب ڪري ٻڌي پير پري،
ڏاڍي طـلب تـڪيـري ٿات.
رهي وڃ رات، او راڻل رات.......

آئي آهي؛ يعني قيامت کان پوءِ به ڳائيندي رهندي. هير، جي سراپا سڪ هئي، ته رانجهو، پاڻ سائين هو. جيسين سڪ سالم آهي، تيسين رانجهو دُور آهي ئي ڪين. پر سڪ جڏهن ڀَڪي وڃي ٿي ۽ هن مايا جي چڪر ۾ اچي، هِت هُت پٽڪڻ شروع ٿي ڪري، ته پوءِ اصل ديس جو مالڪ جڻ وڃائي ويهي ٿي رهي.

انهيءَ سڪ ئي ته رانجهن کي پنهنجي راڻ کپي، پرينءَ کي پڇائي ڪارائڻ لاءِ مجبور ڪيو. جي سڪ ڳجهه ڳاريندي آهي ته ٻين جا ڳجهه ڳارائيندي به آهي. صدقي انهيءَ سڪ تان. شل دل سدائي سِڪندي، سَڏيندي ۽ سُڏڪندي رهي، پر پوءِ به اِئين ئي چوي :-

”ڳولهيان ڳولهيان مَ لهان شل نه ملان هوت

متان هينئڙي سنڌي لوچ، ماڻ سان ماڻي ٿئي“

رانجهو، تخت هزاري ڇڏي، هِير جي صدقي
ماهيوال بڻيو. هونءَ به ڀڳت جي سڪ ۽ ڀڳتي
ڪري، 'ڪبير ساگر' ڇڏي ڀڳوان هن پرٿويءَ تي
ڇڪجي ڪين آيو؟ نه هڪڙو ڀيرو، پر وار و
هو آيو ۽ اِنهيءَ سڪ جي ئي صدقي، ڪٿي بنواسي
بڻيو ته ڪٿي رٿ هڪالڻ وارو سارٿي؛ ڪٿي
ڳايون چاريائين ته ڪٿي گهوڙن کي کَرِکرو هڻي
وهجاريائين. مطلب ته سڪ صدقي هن ڇا ڇا
ڪيو ۽ ڇا ڇا نه بڻيو!

هير-رانجهو جي ڪهاڻي، انهيءَ سڪ جو هد
اهڙو لازوال مثال آهي. جنهن کي دنيا ڏيسي
ڳائيندي رهندي، جيسين قيامت جي قيامت

هير: منهنجي نگاهن ۾،
وارث ٿون ٿو وسين،
هائي هائي او ماهي!
اُونهين آهُن ۾.
رانجهو: تنهنجي تات گهٽي،
ورهه وڇوڙو ڏکيو،
هائي هائي . او هير!
توکي ڪيئن وڏي؟
هير: ساجن موٽ سگهو،
روئي روئي نيڻ ٿڪا،
هائي هائي او ماهي!
ٿو بن چين نه ڪو.
رانجهو: تنهنجي تات گهٽي،
آهه دکايل ڪي،
هائي هائي او هير!
شل ڪندو ميلو ڏٽي.

هـيـر - رانجهو

آهُون ٿي روز پريان

دوگانو:-

هير: درد فـراق كـنـان،
آهُون ٿي روز پريان،
هائي هائي او مـاهي!
تو رانجهن يـار بنان.

رانجهو: كوئـل كُوك كري،
ٻُڌي ٻُڌي دل ٿي ڳري،
هائي هائي او هيـر!
ساعت كيـن سري.

ڪيئن ٻجهايان

آگ ڏنَ ۾ لڳي ڪيئن ٻجهايان،
ڪيئن ٻجهايان رانجهن! ڪيئن اُجهايان.

جيءُ گهٻرائي، چين نہ پائي،
هينئڙو تڙڦي ڪنهن کي ٻڌايان. آگ ڏن...

ڏوهڙو:-

پيارو پايان جڳ سڄو جي پيارو آهي پاس،
پيارو جي نيارو رهي جڳ جي کهڙي آس.

آٺم اُميدون، تنهنجي اچڻ جون،
واٽون ڏسي ويٺي واجھ ٿي پايان. آگ ڏن...

آگ دکايل! تنهنجي لڳايل،
زور ٻري ٿي ڪيئن سا اُجهايان؟ آگ ڏن...

نيڻ ڪٽي تہ نهار

نيڻ ڪٽي تہ نهار، منهنجا رانجهن سائين.
ڪا گهڙي مڻيءَ سان گهار، منهنجا رانجهن...

ڏينهن ڏکي ٿي رات نهاريان،
تنهنجي فراق ۾ هنجون هاريان،
جيئڻ ٿيم لاچار، منهنجا رانجهن سائين.

عشق ۾ تنهنجي حال وڃايم،
راحت ڏيئي رنج پرايم،
دردن ماريو ڏار، منهنجا رانجهن سائين.

ماڻهن وانگيان ڪين ملهايان،
سال سڄو ٿي محرم پانيان،
واڳہ ڏکايل وار، منهنجا رانجهن سائين.

شاستري گيت:-

هيِر پڪاري

رانجهن رانجهن هيِر پڪاري،
رويون ويــنــي راهہ نهاري.
نيهن نشي ۾ نـار نماڻي،
رانجهن جي وچي دست وڪاڻي.
برهہ جا بادل برسڻ آيا،
ٺم ٺم نيڻن نيــر وسايا.
رانجهن سائين!
شل نہ ڀُلائين.
دل ڏتـاري، ڏاڙو ماري،
رانجهن ويهہ نہ پوءِ وساري.
رانجهن رانجهن هير پڪاري،
رويون ويٺي راهہ نهاري.

رانجهن ڪين وسار

رانجهن! ڪين وسار،
عيبن ڏي نه نهار،
ايڏو ڪين رُئار،
رانجهن! ڪا نه گهڙي اچي گهار،
رانجهن! ڪين وسار.

صبح سنڀاريان، سانجهيءَ ساريان،
ڪين وساريان، ڳجهه ٿي ڳاريان،
راهه نهاريان، رت ٿي هاريان،
قياس ڪو دل ۾ ڌار،
رانجهن! ايڏو ڪين رئار.

هير کي هاڻي، تانگهه ٿي تاڻي،
ڏکڙن تاڻي، آب ٿي آڻي،
ماري جا ماڻي، الله جاڻي،
مُٺن کي ته نه مار،
رانجهن! عيبن ڏي نه نهار،
رانجهن! ڪين وسار.....

سهڻي، نفس روپي ڏَمَر سان پاڻ بڌي ﺑﻪ
ياڻ ميهار روپي مالڪ جي حوالي ڪيو هو. هوءَ
آڌيءَ رات ويساهه جو دِلو ڪڇي دنيوي - درياهه
لتاڙي پنهنجي ميهر يار سان ملڻ لاءِ نڪري
پوندي هئي. چون ٿا تہ سهڻي اَڻ تارو هئي،
يعنيٰ اياڻي هئي، سياڻپ کان سؤ ڪوهہ ڏُور.
ڏم جي مٽياڻين يعنيٰ نفس جي مددگار اِندرين
سهڻيءَ روپي جيوَ - آتما جي پڪي ويساهہ کي
ڪچو ڪرڻ چاهيو. پر هوءَ انهيءَ ڪچي ويساهہ
روپي دلي کي ڪڇي ﺑﻪ گهڙي پيئي گهير ۾ ۽ آخر
پڌيءَ جا پيٽا ٿيا.

گنڪا ﺑﻪ تہ اِئين، اڌ رات جو نفس جي

شاستري گيت :-

ياد ڪري ٿي جيڏان

ٽوڪي ياد ڪري ويٺي جيڏان، جيڏان.
فرقت ۾ غم ڪائي دل جو،
خون جگر ويٺي پيئان پيئان.
ٽوڪي ياد ڪري ....

سُورن جي سڌ ھُور نہ پيئي،
دل تہ دکايل! وينبس ڏيئي،
ڏوھہ ڇو ٻين کي ڏيان ڏيان،
فرقت ۾ غم ڪائي دل جو،
خون جگر ويٺي پيئان پيئان،
ٽوڪي ياد ڪري ويٺي جيڏان.

سهڻي - ميهار

پار وسي ٿو ميهر

ڊ وڳانو:-

سهڻي: منهنجو پار وسي ٿو ميهر،
مونکي ڪانئ جهلي، هرڪا پاڻ پلي،
مان تہ ويندس پار ڙي جيڏيون،
منهنجو پار وسي ٿو ميهر.

صحبت کان پاڻ ڇڏائي، طوطي روپي وويڪ
جي ڏنل ڏس تي هلي، وڃي رامسان ماندي هئي
ميهار سان ملڻ لاءِ راتين جا اوجاڳا ڪپن
۽ آخر پاڻ غرق ڪرڻو پوندو، ٻوڙڻو پوندو هن
آپي ڪي. ائين محبوب جو مشاهدو ٿوروئي ماڻي
سگهبو، وصال ٿوروئي ٿيندو؟

سهڻي - ميهار جي ڪهاڻي، فنا ۾ بقا جو اُه
اَمر گيت آهي، جيڪو دل وارن جي ڪنن
سدائي پيو گونجندو.

اَچو ته اسين به اهڙي گيت جو رس وٺو
۽ سهڻي ٿوڙي ساهڙ جي سڪ جو راز پروڙيون

ميهر بڻا ڪيئن جيئان

د وگانو:-

سهڻي: مان ميهر بڻا ڪيئن جيئان ڙي مائي !
ڪانهه جهاي مونکي ڪائي،
جيجل ڪانهه جهاي مونکي ڪائي .
مان نه ميهر بڻا..........

منهنجي هن سان پريت پراڻي،
ازلئون لوهه لڪائي،
مان نه ميهر بڻا..........

ميھر: منهنجي سھڻي، جڳھ ڪان سھڻي،
اڄ لوڪُون لِڪي وڃ رات تڪي،
مون سان ڪر نہ مٺي ھڏ ھيڏ يون.

سھڻي: منهنجو پار وسي ٿو ميھر،
مونکي پار سڏي ٿو ميھر.
ڇڏيو ڇڏيو نہ وچان، ڪيئن پيرو پيچان،
ٿيو ڪين نٺرُ اديون ايڏيون،
منهنجو پار وسي ٿو ميھر.

ويئي سھڻي، دڪايل! ڪاھي،
ويئي سھڻي سير ۾ ڪاھي،
ڪچي گھڙي جي قضا ڪيا جاني جدا،
ھن برھہ پُـلايون ڪيڏيون،
منهنجو پار وسي ٿو ميھر.

ڪيئن سمهي؟

ساهڙ ساري ڪيئن سمهي،
دل ته وسي ٿي پار درياهه جي،
ساري ڪيئن سمهي- ساهڙ....

ڏينهن رات جي تميز ويئي،
ويٺي جڳ جي ڳالا وساري،
ساري ڪيئن سمهي- ساهڙ....

اکيون اُڪنديون جنهن ساجن لءِ،
ڏنَ ۾ ڪنهن جي طلب تنواري،
ساري ڪيئن سمهي- ساهڙ....

ڪچي گهڙي جي رهي نه ساجهه،
سِير ۾ سهڻي ميهر سنڀاري،
ساري ڪيئن سمهي- ساهڙ....

چنڊ چورائي چريو ڪري ويو،
ڪانــڌُ ڪري چنـڊرائي،
مــان نہ ميهر بــنا..........

ساهيڙي: پريت جي ريت نڀائڻ سهڻي!
سؤلي جاڻ نـــہ جائي،
اؤکا آهن پنڌ پريت جا،
گهرجي خــاص پڪائـي،
سهڻي! سؤلي جاڻ نہ جائي.

سهڻي: سڪ ساهڙ جي آيل! منهنجي،
آهـــي نــنـڊ ڦــٽائي،
جيڏجل ڪانہ جهاي مونکي ڪائي.
مان نہ ميهر بــنا..........

رات اَنڌاري ڪُنَ گهٽا ٻيو ڇولين سندو ڇوهه،
پڪو پاسيرو ڪري مون سان ڪيڙو ٻ وهن ٻ وهه،
پر ٻڏي جو ڪهڙو ڏوهه، جو قسمت ڪاٽيارو ڪيو.
لڙهندي لاءِ ڪنار يار! ٿار اچي......

ٻاُر ٻُسي ٿيا ڪپڙا ٻيا ڳوُرا ويتر وار،
ٻڏنديءَ کي آهي رڳو، هڪ ساهڙ تنهنجي سار،
اڄ سهڻيءَ جا سينگار، مونکي سيرجهاي سوگهو ڪيو.
ڪر نه ڍ ڪايل ڏار يار! ٿار اچي......

ڪچي دلي دغا ڪئي،
هٿ جهاي ڪر پار.

سهڻيءَ جا سڏ

تار اچي مبهار يار!
سڏ سڻي ميهار يار،
ڪچي دلي دغا ڪئي،
هٿ ڏئي ڪر پار يار! تار اچي....

هٿ گهڙو آيو ڪچو منهنجي ڪچي ڪين ڪيو،
وهندي وچ درياهه ۾ الا! پرزا ٿي نه پيو،
ويسلي ئي ويو، جيڪو ولهيءَ وسيلو پائڻيون.
ساهڙ! سڻ پڪار يار! تار اچي.......

لولبون ۽ لاڏا

شادي مبارڪ

ٻن منجهان ٿي هڪ ڪري جا،
هڪ منجهان ڦيري انيڪ،
سا رَسَمَ ناهي رڳو، پر،
زندگيءَ جي نيڪ ٽيڪ.

شوق شادي ناهه، پر آنيؤ،
سچي آنند جو.
ٿي ڪرائي آتما جي ڄاڻ،
جاڳائي وويڪ.

لوليون ۽ لاڏا، موقعي ٽي ئي چيا ۽ ڳ
ويندا آهن. مون به اِهي موقعي ٽي ئي چيا ٽوڙ
ڳايا آهن. اِنهن لولين ٽوڙي لاڏن ۾ ڪن جا
آهن. پر آهن ته اِهي آخر بي نام جڳه جا. اڳ
هلي جڏهن اِهي عام زبان ٽي آيا ته بنا لاڏ
۽ لاڏيءَ جي ٻيو نالو شايد ئي ڪو رهندو.
بدلجندا ئي رهندا ۽ بدلجي ويندو اِنهن لاڏ
ٽوڙي لولين جو روپ. اَلبت انهيءَ ٽبديل
وقت جي ڪائي پابندي ڪانهي.

حال ته جن لاءِ لکيا آهن، ٽن جي ئي نا
سان پڙهبا. جيسين اُنهن کي ٻيا به پنهنجو ڪ
ڀوءِ ئي ته اِهي لاڏا چاهي لوليون جڳه جا ٻٽبا
هت هُت جهونگاريا ٽوڙي ڳايا ويندا.

شانتيءَ سان تون به سو،
سنسار ناهڻ ٿو وڃين،
فرض سان گڏ پريم جو،
ناتو نباهڻ ٿو وڃين.

آهي خرد نالي منجهان پڌرو،
سرل . تنهنجو سڀاءُ،
پاڻ نالي ساڻ گڏ، اَرجن!
ملهائڻ ٿو وڃين.

شل جڙيو جوڙو رهي،
سنهنجو سکيو آباد شاد،
گهر گرهستيءَ ۾ رکي،
هروقت سيوا ڌرم ياد.

پريم - گڻ پڳسي کان وڌ،
سمجهي هالي سنسار ۾،
اهڙي جوڙي ني کري،
ماتا پتا آشيرواد.

كالهہ تـــاءِ جو ٻرائـــو هو،
ســـو اڄ پنهنجو ٽيـو،
تنهنجو منهنجو ويو وڇون نڪري،
سفر سنهنجو ٽيو.

ڇو نہ گذرن تنهنجي جيون جون،
گهڙيون فرحت ڀريون.
گهر گرهستيءَ کي آڏي جي،
ڪو وڇي ڪنهنجو ٽيو.

راڄڌاني ٿي نهي ننڍڙي،
ڪٽمب پروار جي.
زور جي حاجت نہ جاتي،
پر حڪومت پيار جي.

مون ڪيو ڇا، تو ڪيو ڇا،
تنهن جو ڪجهہ ليکي بنان،
ٿي رهي سنسار اهڙي ۾،
نہ ڪا ڳم بار جي.

منهن بڏائي کو جڏهن کجھ کيس چوندو،
ٻيءُ جو گهر هُنَ کي ڏاڍو ياد پوندو،
سڀ سهي ويندي مگر ڪجھ ڪين ڪڇندي.
منهنجي راڻي ڏيءَ آهي عقل واري،
ڳالهه ٻي ويندي ڇيل ڪؤڙي کساري،
سمجهندي ٻڌندي ورائي ڪين چوندي.
پيٽ تي پٽجي جڏهن ويندي نئين گهر،
ساک پونديس ۽ سمائيندي نئين گهر،
پيئرن پٺين کان هوءَ پٺتي نه پوندي.
هڏ پڳل جيڪا رهي پيڪن گهرن ۾،
ڇو نه سيبائيندي اهڙي ساهرن ۾.
هوءَ جتي هوندي اُتي راڻي ٿي رهندي.
اَک مِٺي ۽ مُک مِٺو جنهن جو سدائي،
سا سدوري ڪيئن رهي سگهندي پرائي،
وَرُ وڳُرُ پنهنجو ڪري هروقت هلندي.
سو سڀاڳو ڏِڻُ ڏکايل نيٺ آيو،
منهنجي درگا، شيام جو گهرڙو وسايو.
مهر مالڪ جي سدا جوڙي تي جُهلندي.

وواهه جون واڏايون

ساهري گهر جيٺن ئي ڀريون ڀير رکندي،
شڪ کندي شرمائبي، ڪيڏو نه منجهندي!
لڄ کندي سهري ۽ سس، ڏيرن وڏن کان،
اڻ ڏٺل توڙي سڄاتل مائٽن کان،
لاڏلي منهنجي اُتي گهونگهٽ نه ڪڍندي.
خوش سدا رهندي، ڪڏهن غم ڪين ڏسندي،
نت نندين ڏيرن نڻانن سان کِلندي،
پيار ڏيندي تن کي، هردم پيار وٺندي.

ٻوڇڻ ڏيڻ جي رسم

(لاڏو)

پنهنجي لڏڻ جي ٻوڇڻي ڏايان،
ٻوڇڻي ڏايان سرتيون سڏايان.

مالڪ من جي آس پڄائي،
آيو ويو ٿو ڏئي واڌائي،
ڦولي ڪين سمايان،
ٻوڇڻي ڏايان سرتيون سڏايان.

مڱڻو

مبارڪ ٿيو مڱڻو مبارڪ سڳائي،
وري ويئي ڏاسي - هريءَ جي واڌائي.

جي هڪ چنڊ آهي ته ٻيو آهه چڪور،
وڏاڏا عجب آهه جوڙي ٻڻائي.

درياناڻي ۽ پوڄواڻين جـو ناتو،
جڻڪ ڪير ۾ ڪنڊ قدرت ملائي.

انادي هي سنبنڌ آدي جڳادي؛
هريءَ نت آ ڏاسيءَ سان شادي رچائي.

ڏهين ڪنت بدي جي سنبنت ويهه سؤ سورهن،
گهڙي شڀ ڏڪايل سڳوري سا آئي.

جنم ڏينهن تي

ننڍڙا وشنو، ننڍڙا وشنو، وشنو چولاٽي،
سال ڇهين ۾ پير ٿو پاتو راندين جا باني.

لاٽون، گوليون توکي پياريون، توکي پيارا کيل،
موٽر موچاري گهرجيئي ڇو ڇو گاڏي ريل،
لغڙ اُڏائين ڊوڙون پائين پڳهري پيشاني.

جيڏن سرتن تي آهه تنهنجو هردم خاصو روب،
توسان بَرَميچڻ چاهيندو ناهي ساٿي ڪوبه،
تنهنجن يارن ڪي آهه تنهنجي پياري اڳواني.

ڏينهن گروءَ اڄ سو ڏيکاريو،
مون جنهن لءِ ٿڄي روز نهاريو،
ٿـورا ڪيئن ســي لاهيان،
بوچٽي ڏايان سرتيون سڏايان.

پينر ڪپڙن ۾ نہ سمائن،
هڪ ٻئي سان ٿيون لاڏ پچائن،
ڏيـنـهـن سپـاڳـو پايـان،
بوچٽي ڏايان سرتيون سڏايان.

وندرون وندريو رهندو جڳ سان،
اَمڙ اَبي جي ويڙهي وڳ سان،
ڪـهڙا ڳـڻ مـان ڳـايـان،
بوچٽي ڏايان سرتيون سڏايان.

شال دکايل ڏينهن سپاڳو،
جڳ وارن لءِ ايندو ساڳو،
آءُ ســوالـڻ آهـيـان،
بوچٽي ڏايان سرتيون سڏايان.

جنم ڏن جي موقعي تي

جنم-ڏن تنهنجا دلاري! ايندا شل ور ور ڪري،
جوڳ-مايا، جي ديا سان ڀاڳ نت تنهنجو وري.

سال تيرهن تو ڪيا پورا ۽ چوڏهون ٿيو شروع،
ڏس! ڏسي توکي ٿو سيتا-رام جو هينئڙو ٺري.

سرڳ جو تون پشپ اندرُوُ! بي خزان آهين بهار،
پنهنجي لڇڻن جي سڳنڌين سان ڇڏي ۽ گهر ڪيي پري.

تون سچي وديا پرائي شل سگهڙ سياڻي بڻين،
ڏک پَرائي ۾ ڏکي، تنهنجي نه سيوا ري سري.

اڄ ڏکايل ڏل خوشيءَ کان آهه بي حد باغ باغ،
پيار جي قولن سان جنهنجو تو ڇڏيو دامن پري.

موهڻ وارا آهن تنهنجا مٺڙا ٻاتا ٻول
هرڪو دل سان چاهي توکي سيتا-رام جا ڍول
گهر، ٻاهر تون پيارو سڀ کي لعل لاثاني

راند ڀلي ڪر، پر لکه پڙهه پيي رکه پورهئي سان چاهه
علم پرائي ٿيءُ نماڻو پاڻ ۾ رک ويساهه
هوش، هوشياري سڀ صاحب جي جاڙي، ٿيءُ گياني

تنهنجو ذهن چگيرو آهي طبيعت تبريزي
سنڌي، هندي ڳالهائيندو تامل، انگريزي
ٻوليون چار سکئين ننڍڙي ئي ڪونه سنڌءِ ثاني

پيار ڪري ٿي اندرؤ توکي، ٻيبي ۽ لاجو
سيتا-رام گهرن ٿا توکي او منهنجا راجو
ماما، ماميءِ چاهن توکي ٿا نانو نانيءِ

آهه دسيمبر جي اڄ يارهين، سن آهه چاونجاهه
هڪ سؤ سال عمر ماڻيندين هي منهنجو ويساهه
ڏيئي ڪائيندين تون دکايل! رهندءِ دل داني

وسند جائي

بعد مدت سؤڻ ٿنهنجون ٿيون مرادون برڦواب،
ٿو ملي هرطرف کان ٿوکي مبارڪ جو جواب.

آهه اڄ فرزند جي تشريف کان دل باغ باغ،
جڻ بهار آئي چمن ۾ ۽ ٽڙيو خوش رنگ گلاب.

هن خوشيءَ جي چانڊنيءَ کان بي صبر دل ٿي پئي،
مشرقي پردي کي چيري پاڻ آيو ماهتاب.

آهه هن جلوي گريءَ کان خاص تاباڻ تازگي،
س جي آڪاس ۾ خود آهه اُڀريو آفتاب.

ي ڪِلي ڪنهن پاءُ کان ٿوکي مبارڪ ٿي ملي،
و مهانڊي تي نمايان خاص ٿئي شرم و حجاب.

ل لڳيءَ کان ٿوسان پائو! ٿو ننڍو چرچو ڪريان،
ڪر جو سالن جي ڪوشش ۾ ٿئين آخر ڪامياب.

رب مان آندم ڪکي جي لاءِ ڪاڌيءَ جو بنڊڻ،
و ته منهنجي لاءِ ڪاڌي آهه مخمل ڪيمخاب.

ن خوشيءَ کان دل دکايل کي جهجهي راحت ملي،
خوشي پائر وندن ۽ پڻ خوشيءَ ۾ ماءُ باب.

جنم ڏينهن جون واڌايون

جنم ڏينهن تنهنجو ڪٽي آيو سرءُ ۾ جڻ بهار،
چؤطرف واشي! ماڻ توکي ٿيون واڌايون هزار.

سانوري صورت ۽ سيرت آ پيري سا شيام جي.
ٽوکي سيوا کان ڪڏهن آهي رهيو هرگز نه عار.

تيرهن اونهارا سيارا کيڏيندي کِلندي ويا،
سال چوڏهون تو ڪيو آهي شروع اڄ شير بار.

ٿا رهن گهرندا دعا داور جي در ڪملا-ليڇُو،
سترهين سپٽمبر سڀاڳي اچي پڃي بار بار.

اڄ ڪيو مڙيني مِڻو منهن خوب ڪائي چاڪليٽ،
ويو ٽڏهن پڃجي دڪايل! آهه ٿافين جو ڏڪار.

سنگیت قول

لولي

لوليءَ لعل ملايو.
منهنجو جيءُ جيءُ آيو،
منهنجو نج نج آيو،
لوليءَ لعل ملايو.

گهر گهر مانُ واڌائي آئي،
پيڻ ڏڏيءَ تنهنجي آس پڄائي،
مالڪ عرض اگهايو،
منهنجو نج نج آيو.

پنهنجي لڏڻ جون لولڙيون ڳايان،
کير پتاشا خوب ورهايان،
آهه چنيءَ جو سعيو،
منهنجو جيءُ جيءُ آيو.

گود امڙ جي آهه پيري اڄ،
واهه دڪايل! دلڙي ٺري اڄ،
ڳايو خوب وڄايو،
منهنجو لوليءَ لعل ملايو.

فهرست

مهرباني فرمائي درست ڪري پڙهو

صفحو	سٽ	غلط	برابر
۲۱	۹	ڦگڻ	ڦگڙ
۲۷	۷	عصمت	عظمت
۵۲	۱۶	چڏ همت	چڏ لون همت
۵۹	۱۱	ساوڻ ميدن	ساوڻ ميدانن
۶۰	۶	هردم موسُور ۾	هردم جوين ۾
۱۴	۲	درتي	ڌرتي

Printed by Mellaram M. Vaswani, at the Sunder Printing Press, Ajmer.

&

Published by Krishna Bhambhani Secretary Lok Sahitya Prakashan Gandhidham, Adipur (Kutch)

گرديو ٽئگور

ساڌنا ٺاب ٻڌي ڪلپنا ساڪار بڻي،
رش ٿي عرش لٿو پوربي پرڪاش ڪڻي،
آتما ڳايو مڌر گيت، ويو پراڻن کي وڻي،
رد ٻڌي جي ٿي متاثر ٿي پيا نيڻ ڇڻي.
ساز گرديو جو ڇيڙيو، ٿو اَڃي پهر وڄي،
يڪ دنيا جو بڻي، روح ٿو آدم جو رڄي.

٥

ٽوڪي هر وقت مهاڻي جي رهيو ڄار جو خيال،
عام مزدور جي گردن تي رکيل بار جو خيال،
ٻيل جوڙي ٽوڙي هاريءَ سندي هر ڦار جو خيال،
بي ثمر تنگ غريبن جي ٻچي ٻار جو خيال،
ٽوڪي هر مهل رهي اون ٿئي ڳوٺاڻن جي،
مالڪ جي مال جي ڀاڳين جي ڀُڻن ڀاڻن جي.

٦

عشق کي مرض نہ سمجهو تو محبت کي ملال،
ڪِم ڪڏهن ڪين ڏٺو تو پنهنجي جانب جو جمال،
هرِ گهڙيءَ محب جو ماڻيندو رهئين خوب وصال،
تنهنجي آڏو نہ رهيو پاڻجي وڇوڙي جو سوال!
روح جو بند پڪي جسم جي پڃري نہ ڪيو،
تنهنجو هردم مٿي آڪاس ۾ پرواز رهيو.

٧

ٽوڪي هرچيز منجهان حسن هزاري ٿئي ٻکيو،
ڏوُر ۽ نارَ ۾ نت لهري سو لعان ٿو لَڪيو،
پنهنجي محبوب کي پاڪن ۾ ڇپائي ٿو رکيو،
بي خوديءَ ۾ ٿئي سدا چاهہ سندو ساءُ چکيو،
سونهن ساگر ۾ ٽٻي اونها ٿو غوطا ٿئي هنيان،
پريت جا گيت ڇڻي موج جا موتي پئي ڪنيان!

٢

ڌنهنجي ڪوتا ٿي چون ٿا، نہ لکي ڪجھ ڳايان،
ڌنهنجي قدمن ۾ رهي، ٿوڪان سکي ڪجھ ڳايان،
ٿو چئي جيڪي ٻڌايو، اي رِکي! ڪجھ ڳايان.
تار ويڻا جي سا ٽاڙي مان ٽکي، ڪجھ ڳايان،
موتي ڪوتا جا مگر ڪيئن سي پٽان ڏوري ۾؟
خيال اعليٰ ڪري ظاهر نہ سگهان ٿوري ۾.

٣

درد مشرق جو هو مغرب کي ٻڌايو تو ئي،
نغمو آزادي هو لئہ تار ۾ ڳايو تو ئي،
نعرو جنگين جو مخالف ٿي لڳايو تو ئي،
وشو-شانتيءَ جو سچو راهہ بتايو تو ئي،
ڀنهنجي واڻيءَ سان سُتل جڳہ جو تو جاڳايو ضمير،
تو چيو بند غلاميءَ جو نہ رهندو ڪو اسير

٤

ذات اِنسان کي نفرت کان بچائڻ تو گھريو
رنگ ۽ جات جو ڪُل فرق مٽائڻ تو گھريو
نانءَ ۽ رُوپ سندو مرم ٻڌائڻ ڌو گھريو
هيڪڙائيءَ جو سبق هڪڙو پڙهائڻ تو گھريو
ڌنهنجي دنيا ۾ رهيو ڪين ڪو ڪوڙو يا مَنو
ڀنهنجو ڀڳوان ٿو هر جيوَ جي اکڙين ۾ ڏٺو

امڙ جيجل

(ماتا ٽڪل باني‌ءَ جي ديهانت تي)

٢٨ جون ١٩٣٠

ٿون جاڳي گود پنهنجي جهل ،
امڙ جيجل ، امڙ جيجل !
ڇڏي ڪيئن ٿي وچين هيڪل ،
امڙ جيجل ، امڙ جيجل !

چمن کي باغباني‌ءَ جي ،
ضرورت نغمہ خواني‌ءَ جي ،
وڏي پرورش سان ڦل ڦل ،
امڙ جيجل ، امڙ جيجل !

٨

توکي دنيا تي ميچي امن جو بيباڪ سفير،
توکي دنيا تي ميچي هند جو هڪ مست فقير،
توکي دنيا تي ميچي سمنڊ جان گِهرو ۽ گنڀير،
تنهنجي ڪوتا ۾ ماپيو وشو کي تلسي ۽ ڪبير،
فيلاسوفيءَ جا سرل راز سلڻ آئين تون،
وشو ساري ٻنهي ٻانهن ۾ جهلڻ آئين تون.

٩

واک ويدن جا چوان، تنهنجا هي اشعار چوان،
قول مردن جا چوان، گيت ٻقادار چوان،
جا روانيءَ سان وهي تي سا گنگا تار چوان،
جن ۾ ڪنڊو نہ رهيو، قول سي بي‌خار چوان،
گنج پنهنجي مان ڏکايل کي تو بخشي جا رتي،
رنگ لائيندي زماني ۾ رهي ڪوتا - پتي!

ڦنڊي ٿو ناز سان پالي،
ڪيو صالح جفا جالي،
مگر اُنجو نہ ماڻيءَ ڦل،
امڙ جيجل، امڙ جيجل!

ڪيا جي مون انگل آرا،
سَٺا ٿو مُرڪندي سارا،
نہ ڇينيپيو هَڏَ ڏسي ڇنڇل،
امڙ جيجل، امڙ جيجل!

جتي منهنجو ڳڙيو ڳوڙهو،
ڏنيءَ اُت خون جو لوڙهو،
ڪيءَ همدرد دل شامل،
امڙ جيجل، امڙ جيجل!

ٿئي آيو ٿاءُ آنڊي ٿي،
مٺي! تنهنجي مهانڊي ٿي،
ڏسي ڪومل ڪي ڪومايل،
امڙ جيجل، امڙ جيجل!

لطافت تنهنجي لوليءَ ۾،
اَمتُ ميٺاج ٻوليءَ ۾،
پڙيو ڪنهن؟ راج راڻي! سل،
امڙ جيجل امڙ جيجل!

امڙ جي هنج ۾ جوهر،
پٿر مان ٿمي ٿري گوهر،
عجب ڪيمياگري ڪامل،
امڙ جيجل، امڙ جيجل!

نڪو اڄ اوج گلشن جو،
لڌي ويو لاڏ گل پن جو،
نڪا اڄ باغ ۾ بلبل،
امڙ جيجل، امڙ جيجل!

نڪو ماھ ماءُ جي هنج جو،
نہ ڪاٿو پريم جي گنج جو،
ڏين نربل کي خاصو بل،
امڙ جيجل، امڙ جيجل!

وڃائي ماءُ جي محبت،
ڪسائي پيار پرداخت،
وهائن ٿيون اکيون جل جل،
امڙ جيجل، امڙ جيجل!
اُٿي هيڪر نہ تون ماتا!
دلاسو ڏين جنم داتا!
تہ اوريون اور ڪا آيل،
امڙ جيجل، امڙ جيجل!

١٩٣٢ واري ستياگرهہ آندولن ۾ نظربنديءَ
كانپوءِ وري آناويهہ مهينا سخت قيد جي سزا ملي.
ذاريءَ سرڪار طرفان اُنهيءَ وقت هلچل کي دٻائڻ
جا سڀ حيلا وسيلا ٿي رهيا هئا ۽ سچ پچ تہ
ڏيري ڏيري آندولن ٿڌو پئجي ويو. ٻين سوين
ستياگرهين وانگر مان بہ حيدرآباد سينٽرل جيل ۾
ٻن سالن ۽ ڇهن مهينن جو عرصو ڪاٽي رهيو هوس.
هينيون شعر پنهنجي اُستاد سائين 'بيوس' جي ياد
۾ انهيءَ وقت لکيو هيم جڏهن سندن آسيس جا بہ
ا ڪر پهتا هئا. هن دفعي شعر جي پهچ، سائينءَ شعر ۾
ٿي ڏني. هن هيٺ ٻئي شعر "دلي آرزو" ۽
' پڙاڏو دلي آرزو" جي عنوان سان ڏنا وڃن ٿا.
پڙهندڙ 'سائينءَ' جو جوابي شعر پڙهي، محسوس ڪري
سگهندا، تہ سندن پنهنجي هن ناچيز شاگرد کي
پالڪ ٿي ڪيڏي نہ مهربانيءَ جي نظر هئي. هونءَ
، مونتي سندن احسان اڻ ڳڻيا ئي تہ آهن.

رڳي ۾ پريم جو چشمو،
ٿو ڳائي حيرتي نغمو،
مَچي قربانئي هلچل،
امڙ جيجل، امڙ جيجل!

ڏسي ٿو کي مِٺي! بيدم،
اُٿيو دل جو سَمُوٽو غم،
هينئر مشڪل صبر تحمل،
امڙ جيجل، امڙ جيجل!

ڦسي ٿي فڪر ڪان ڏهه ڏهه،
دفعا اُٿائي اڄ اک ۾،
دکايل جي دکايل دل،
امڙ جيجل، امڙ جيجل!

پڙاڏو دلي آرزو

ڏسان پنهنجي پيارل کي سدا ٿو دل جي درپن ۾،
ڦري تصوير دلبر جي اکين جي ماڻڪن، من ۾.

أجايل چو دکايل! ٿي، نهارين آسمان ۾ ٿو؟
رهي جُر جام مون وٽ ٿو منا نيڻن جي چشمن ۾.

ڀوتر دل پرين تنهنجي تمنا کان مٿي آهي،
سچيرو عيش دنيا جو ڏئيءَ شيوا جي شغلن ۾.

اهي ٻوڙهن سندا موتي، دکن ۾ پيسجي پوندا،
کندا قوّت قوي پيدا هزارها دل شکستن ۾.

رچايل ياد جي آيو، تہ سمجهو جاڻ ٿيو حاصل،
حياتيءَ جو املھ هيرو، اچڻ ٿي آھ چمکن ۾.

سچڻ صدقي ٿين توتان، ٿا خود بحر و وزن، قافيہ
مجسم شعر ٿي پئين مات قربانيءَ جي چرنن ۾.

کايل روپ ۾ 'بيوس' ٿيو پنهنجو پاڻ تي موهت،
حقيقت ۾ اُهو هڪڙو، جُدارو جو ک جسمن ۾.

ببوس ۾ دکايل

دلي آرزو

اُٺي ٿي آسمان هر هر نظر توڏانهن اُڃايل جي
ٽنهنجي پندار ۾ اٽڪي رهي ٿي دل بکايل جي

ٽمنا عيش دنيا جي نہ دل ۾ کا رهي باقي
فقط سيوا جي درشن لءِ سِڪي ٿي دل سڪايل جي

روئي ڏينهن رات پنهنجي حال تي پلڪن پسايانٿو
هينئر کر آرزو پوري مصيبت کان مسايل جي

حياتيءَ جو اماھ هيرو وڃايم پوڳھ وشين ۾
پوي ٿي يادگيري ليک هاٽي شيءِ وڃايل جي

نہ مون ۾ شعر جو مادو، نہ ڄاڻان بحرو قافيہ مان
مگر سمجهان ڪرامت ٿو فقط آسيس آيل جي

سمت ڏي شل سچو سائين، سدائين ڀاوَ ڀڳتيءَ سان
رهي ببوس جي چرنن ۾، انل شرڌا دکايل جي

تابش کان باغ تالان کومائجي ويو لالان،
وانجي رهي وصالان ٿي اندليب نالان.

فرياد تي اچين ٿو،
امداد تي اچين ٿو.

بادل ٿهي اچن ٿا ڳڙندا کهي اچن ٿا،
وِڄُ سان وهي اچن ٿا ٽڙندا لهي اچن ٿا.

ڌرتيءَ جي گاهه پن تي،
چوڌس اُجڙ چمن تي.

جيکي ڦڳن ڦٽايا ساڙي سرءُ سُکايا،
پيهر وري سي جايا تو ناز سان نپايا.

سبزيءَ جو ساهه آهين،
پختي پناهه آهين.

سيتلتا چاندنيءَ جي تو منجهه پيري رهي ٿي،
خالص سخا جي سرسي خدمت خداءِ ترسي.

تو ۾ ڀلائي برڪت،
شامل رهي ٿي شرڪت.

قدرت ڪمال تو ۾ جلوو جمال تو ۾،
گل جو وصال تو ۾ هرشيءِ ٿئي لال تو ۾.

تو ۾ مدام مستي،
آهي عجب الستي.

ٻلي آئين سيارا

پوشاڪ سبز پائي سرهو سِنڌر لڳائي،
چوطرف رنگ لائي جڳ مڳ جشن منائي.

منڊن ۾ ناميارا،
آئين ٻلي سيارا.

آرهڙ جي تيز تابش جبري سِٺي ٿي سازش،
چوڌر وسائي آتش پيدا ڪري ٿي نالش.

هرجا مچي حشر ٿو،
توبهه پري بشر ٿو.

سورج جو تاب تجاو تو ۾ جهڪو پوي ٿو،
گل ڦل سڙي وڃڻ جو بلبل کي ناھ اونو.
پويان بهار ايندو،
دل کي قرار ڏيندو.
مکڙين سان لنو لڳائي مشڪ و عطر لُٽائي،
سازن سان سُر ملائي گهڻ گهٽ ڪري ٿي گائي.
ويساک جا وچايل،
تو ۾ لذا دکايل.

ساون وٽن ٽڪن تي گھاٽين ۽ ماڙين تي،
پوتن مٿان ڳان تي رابيل ۽ سمن تي.
ٿو پوش سبز جهرڪي،
شبنم جو هار چرڪي.
کيتن ۾ آن پرين ٿو گهر گهر ۾ ڏن ڏرين ٿو،
هرسوُ جشن ڪرين ٿوڪيڏي مزي سان ڏين ٿو.
راهن کي سبز پوشي،
بلبل کي جام نوشي.
چوهو اُتر گُهاي ٿو وڻ ٽڻ جَهاي جُهاي ٿو،
شيشي جو در کُلي ٿو پيالو ڀِي ڀرِ چُاي ٿو.
عشرت جو اوُج تو ۾،
محفل جي موُج تو ۾.
گلشن جو ڪونو ڪونو سوڏي ڪرين ٿو سونو،
هر گل جو توکي اونو فرحت لٽي ٿو فونو.
سگهندي ڊلائي ڪنهن پرِ،
بخشيش ڪنهنجي ٿانگر.
اُڏري نسيم آئي رهندي نه ڪا اَگهائي،
تو ۾ صفت سگهائي آهي سدا سمائي.
توکي اَگهو سنڀالي،
سيڪو سگهو سنڀالي.

٣

گلشن سندي صحن ۾ ڀونئرا نہ ڪيئن اُڏن ٿا،
اُڏندي گلن مٿان سي رونشا مزا ڪُڏن ٿا،
ڪنهن ٽار تي ٽپڻ سان ڏوڏين ۽ ڏڏن ٿا،
لامن تي لوڏ لائي، پينگهي مثل لڏن ٿا،
هر ڪنهن زبان ۾ آهي چؤ ٻول هي سمايو،
ڇهہ ڇهہ چمن ۾ لائيءَ خوش دل بهار آيو.

٤

سؤ لطف سان چمن ۾ مورن جو ناچ ٿيندو،
مهتاب پڻ مزي سان سڳنا سميت ايندو،
هر گل نقاب پنهنجي منهن تان پري پٽيندو،
هر ڪنهن کي باغبان جِتِ ڏهرو انعام ڏيندو،
هر ڪنهن زبان تي اهڙي آزاد تان ٿيندي،
گلشن جي صدر در تي عالي ڪمان ٿيندي.

٥

ٿيو باغ ۾ گلن جو چالو عجب نرالو،
موتين سان آ لبالب ياقوت جو پيالو.
چؤطرف ڇهڇٽو آ خورشيد جو اُجالو،
فرحت جو آهہ باعث قولن جو هي اٿالو.
گلشن ۾ اي دڪايل رونق عجيب آهي،
آزاد بابلين جو جاسو قريب آهي.

بهار

لک ناز، ساز واري خوش رُوُ بهار آئي،
ڦولن جي سيج جنهن لۓ آ باغبان وڇائي،
گينڊي، گلاب، ناڙگر، موتئي ڇا مؤج لائي،
نرگس ڪري ٿي ظاهر قدرت جي دل لُڀائي،
هر ڪنهن زبان ٿي اڄ بس هڪڙيئي تار آهي،
آيو بهار هرسوُ، هرسوُ بهار آهي.

۲

بلبل جي اڄ زبان ٿي آهي اِهو ترانو،
ماتم حشر جو دردي گذري چڪو زمانو،
ويئي خزان دفع ٿي، اڄ آهه شادمانو،
رونق پيو لڳي ٿو قدرت جو ڪارخانو،
آئي بهار ڪان ڇا هر شيءِ ۾ مؤج مستي،
ظاهر ڪري ٿو هر گل قدرت ڪمال هستي.

٢

گجگوڙ سانِ گجي ٿي ڏس! آبشار هولي،
ڦولن سان پُر ڪري ٿي ڇا ڪوهسار هولي،
هر ڪنهن زبان تي ظاهر آهي تنوار هولي،
ڪياڻي ٿئي مرڪندي خود بانڪي مرار هولي،
منهن تان پري پٽيندي مرڪي نقاب هولي،
گيدين لءِ خون جو رنگ آ لاجواب هولي.

٣

ڀارت جي آهه بيشڪ عصمت نشان هولي،
قائم ٿئي تنهنجي دائم هندوستان هولي،
خوش ٿي هميشه ڳايون جيئن شاد مان هولي،
گڏجي سدا ملهايون پيرو جوان هولي.
ٿيندي نه ڪنهن بشر لءِ هيءَ اضطراب هولي،
هر چونڪ ۾ چمن جي ٿيڙي گلاب هولي.

٤

آڪاس ۾ اُڏائي ٿي ڇا گلال هولي،
ڇا رنگجي ٿئي ٿو افلاڪ لال هولي،
ظاهر ڪري ٿي ذاتي جلوو جمال هولي،
قدرت ڪنان ڪيو تو حاصل ڪمال هولي!
هر تار ۾ شجر جي آهي رباب هولي،
شوقين لاءِ شيشو آهي ثواب هولي.

هولي!

هر طرف شور آهي آئي بهار هولي،
لائي ٿي ڇهڇٽو ڇا هيءَ رنگدار هولي،
ظاهر ڪري ٿي ڇا ڇا، قدرت اَپار، هولي،
ڏسندي ڇا شاد ٿئي ٿي دل داغدار هولي.
ڀارت ۾ شال آڻي اڄ انقلاب هولي،
مُڙده دلين ۾ ڦوڪي جوش شباب هولي.

هولي پرب

هولي پرب ماهايو پوتر هولي پرب ماهايو
پيار جو رنگ اُڏايو، پوتر هولي پرب ماهايو.

پريم رکي پرهلاد پڪاريو نرسنگهہ ديو هو پاڻ پڌاريو،
کشٽ نوارڻ آيو، پوتر هولي پرب ماهايو.

هرناڪس جو ظلم مچايو، دور ڪرڻ ڀڳوان سو آيو،
ڀڳتن جو رکي رايو، پوتر هولي پرب ماهايو.

هوليءَ ڏينهن تي هار مِٽياجي، سوپ سچي ڀڳتي ۽ ستياجي،
هولڪا پاڻ جلايو، پوتر هولي پرب ماهايو.

ڏينهن اجوڪو آهہ سڀاڳو، پارٿواسي ڀائر جاڳو،
جو ٿا وقت وڃايو، پوتر هولي پرب ماهايو.

مور نہ ڪائو ماس پَرايو، ڪين ڪِنو هي مَدُ ورتايو،
جو ٿا پاپ ڪمايو، پوتر هولي پرب ماهايو.

۵

ٿنهنجو اچڻ وڄائي رنج و ملال هوليءِ،
هر ڪنهن سان تون ڀلائين بيشڪ ٿئي ڀال هوليءَ،
ڀارت تي شال ٿئين تون دائم دِيال هولي،
آباد ٿي ملهايون هر ڪنهن هيءِ سال هولي،
ڪيئن آدمي ڪرين ٿي، تون بي حجاب هولي،
ڪر مسخري نہ مون سان جبري جناب هولي.

٦

ڳائي ٿو ڌالَ سُرَ سان ڇا آسمان هوليءِ،
ڪيلي ٿو ڇا گلن سان ڏس! باغبان هولي،
معلوم آ دنيا کي هيءَ داستان هولي،
ٿو مند ٿي ملهائي سارو جهان هولي.
ڪلندي ٿو ڇا ملهائي ڏس آفتاب هولي،
مرڪي ٿو ڇا دکايل! شب ماهتاب هولي.

ڏياري

وت جهڪي نيڻن جي آهي دل ۾ پر اُتساهه گهڻو،
ياريءَ جي ڏينهن جي ڏسڻ جو چت ۾ آهي چاهه گهڻو.
پتا، من جي شرڌا لوڏي چا تہ ڪيو گمراهه گهڻو،
ام جي نانءَ جي شڪتيءَ ۾ پر اڄ بہ اٿم ويساهه گهڻو.
يث پچاڙي ٿيندي هن پيڙا جي ۽ ملندو آرام،
گهپت راگهوَ راجا رام پتت پاون سيتارام.

جنهن جو سنگ ڪري ٿو ڪارو، اهڙو آهه شراب هڇارو،
مول نه مرض ٻرايو، پوتر هولي ٻرپ ملهايو.

نشئي ٿي ڦڏڪار پوي ٿي، هبڏانهن هوڏانهن مار پوي ٿي،
چوٿا خلق ڪلايو، پوتر هولي ٻرپ ملهايو.

ڪين ڳنهو هت سان خواري، ٿئي هتِ هَت بدنام جواري،
ٻوء متان پڇتايو، پوتر هولي ٻرپ ملهايو.

ملڪ اسان جو ٿيو ويڳاڙو، ڪٿي اڳيون سو آهي ناڙو،
ويهي ڪڇ ويڇايو، پوتر هولي ٻرپ ملهايو.

ڪيئي اڄ نوَ و رٽيون نباٽيون، رَڃ ٿيون روئي پرن نماٽيون،
جنڪي سُسن ستايو، پوتر هولي ٻرپ ملهايو.

ڏيتي لينتي ڏنگي ماريون، سُهما وڻ سهن ويچاريُون،
لڇمين ڪي نه لُڇايو، پوتر هولي ٻرپ ملهايو.

داس اوهان جا ونٽا ڳائن، ڳلي ڳلي ۾ ڦيريون پائن،
تن جو ڪڇ وَرنايو، پوتر هولي ٻرپ ملهايو.

جنهن مان وطن جي حالت سڌري، ڦِڏل ڏڪا يل قسمت سڌري
اهڙو ورق ورايو، پوتر هولي ٻرپ ملهايو.

٥

پرت کٿي پارت ۾ جنهن وٽ پائن وارو پاءُ هجي،
سونپ کٿي شتر وگهن وارو، جنهن ۾ سک ۽ ساءُ هجي.
سُور وچن وسري، جي پنهنجن وٽ کجھ پي کھاءُ هجي،
پرجا ۾ جي پريت هجي ۽ راجا وٽ کو نياءُ هجي.
داسن وانگر پر هِتِ کرڙو آهي ڏر ڏر ڏي پرڻام،
رگهپت راگهوَ راجا رام پتت پاون سيتارام!

٦

رامايڻ جا ورق ورائي رام کي پيا ٿا ياد کريون،
روئڻ بد ران تهک ڏئي ٿا وڏند ڙ وِک منزل ڏي پريون.
دل جا سپ ارمان جلائي پنهنجا دک ٿا پاڻ هريون.
کاڻئر ٿي جي پاسو کن، ڏن پائن ڏي چو بار ڏريون؟
ڏياري ويرن جي آ دکايل! کمزورن جي لءِ ماتام،
رگهپت راگهو راجا رام پتت پاون سيتارام!

٢

رام ورهيه چوڏهن بن ڀوڳيو، پاڻ هميشه بنواسي،
پوري ٿيندي نيٺ ڪڏهن هي ڏرواسين جي چوراسي؟
رام رشين جي آشرمن ۾ گهاريو ٿي تيرٿواسي،
پاڻ به پيا ٿا ڀٽڪون پشڪرراج ڪڏهن ته ڪڏهن ڪاشي.
رام جا ڳاڻ ڳڻيا ڏينهڙا، پر ٻي - گهر آهيون پاڻ مدام،
رگهپت راگهوَ راجا رام پتت پاون سيتارام.

٣

رام وڏن جي آگيا پالي، گهر تياڳي ٿيو بن راهي،
پاڻ به ساڳي آگيا پالڻ ۾ نه ڪئيسين ڪوتاهي.
رام اَيوڌيا موٽيو، هنڪي ٿي حاصل شوڪت شاهي،
دهاي دوُر اجا پنهنجي لاءِ، بارئين ٻچين بي واهي!
هو مريادا پرشوتم ٿيو، پاڻ مگر آهيون بدنام،
رگهپت راگهوَ راجا رام پتت پاون سيتارام.

٤

پاڻ ته سمجهوسين سک ملند و ٿيند و پارت جيئن آزاد،
آزادي آئي، پر پنهنجي ماڳهين حالت ٿي برباد
ظالم ڏسو! جن لاءِ مئاسين تن کي جڻ ڪا نه آهيون ياد،
صدقي جا ٻڪرا ٿي پياسين؛ هاءِ فلڪ! هيڏو بيداد؟
پنهنجي گهر ۾ گهر جا مالڪ گهارن ٿا جڻ ٿي ته غلام،
رگهپت راگهوَ راجا رام پتت پاون سيتارام.

اڄ ايوڌيا ۾ نہ سورج ونش جو باقي نشان،
ٽڙقندي ڪنھجي وئي ميانن اندر شمشير، رام!

اي دکايل هند کي اڄ آهہ تنهنجي جستجوُ،
پنهنجي آمد سان عطا ڪر ملڪ کي توقير رام.

جواب

اڄ ايوڌيا ۾ نہ ساڳيو پرت وارو پاءُ آهہ؛
منهنجي مونٽ ۾ نہ منهنجي آهہ ڪا تقصير هند!

هن اُداسائي، علالت جو فقط هڪڙو سبب،
داستا جا پَيَڪڙا ۽ زِهُہ لڳل زنجير هند!

ڪين گهر ويٺي ملي ڪنهن کي آماهہ آزادگيءَ؛
راهہ اُنتيءَ تي رسائي ٿي رڳو تدبير هند!

ڪرشن پڪ ۾ ٿو ڏَسائي ديپ مالا جو ظهور،
نااُميديءَ ۾ اُميدن جي لڪل تنوير هند!

اي دکايل رات پياري رام جو نياپو مليو،
هند وارن جي هٿن ۾ هند جي تقدير هند!

ڏياري

(رام سان سوال جواب)

اڄ ڏياريءَ جي ماهاڻ جي نه وصعيت ملڪ ۾
ٿا غريبيءَ ۾ لڳن جوُتا جشن رگهبير رام

جهوپڙين جي مالڪن کي هن انڌاريءَ رات ۾
تيل جو ڏيئو جڳائڻ ٿيو عبث بلوير رام

مڻ مٿاين جا لٽڻ مشڪل غريبيءَ حال ۾
ناهه قدرت هند سان همدرد عالمگير رام

اڄ اُهي آڪاس-گنگا ۾ ٿيون لهريوُن اُٿن
جن جي تهه تهه ۾ نهانْ تنهنجي سندر تصوير رام

ٿو چڙهيل ڏسجي ٿئو، چانديءَ جي رٿ ۾ چند کي
مند ستاري ديپڪن جي روشني رٽڏير رام

٣

ام سان مطلب نہ ڪو تعليم جو ذرڙو خيال،
ھہ هڪڙو پل پڙهڻ سڪول ۾ جنهن لءِ محال.
شق تنهن لءِ آهہ اڄ ڪاهہ زال جو هرهڪ سوال؛
جاگرافي هسٽري پڻ پنهنجي پياريءَ جو جمال!
ـالپڻ جي آهہ شادي زندگانيءَ لءِ خزان،
و چوي افسوس هرڪو "آهيان مئٽرڪ فيل مان."

٤

عد شاديءَ چاهہ ڪيئن تعليم جو ٿيندو جناب!
ٿيو جڏهن ميلاپ پنهنجيءَ ارڌانگنيءَ جو ڪتاب.
زال جي ساهون وچڻ سڪول جي ٿئي ٿو حجاب؛
ڪيئن پڪي امتحان ۾ ٿيندو پلا پو ڪامياب؟
رحم ڪائو بزرگو! پنهنجيءَ مٺيءَ اولاد تي،
پل سندس شادي ڪريو ٿئي جوان جڏهين ايم-اي.

٥

خواب غفلت مان اُٿي اي همدمو هوشيار ٿيو،
ـجر جون باکون ڦٽيون ۽ ٿيو صبح، بيدار ٿيو.
جيڪڏهن نندپڻ جي شاديءَ کان صفا انڪار ٿيو،
ڻ پڇو پارت جو بيڙو پار ٿيو بس پار ٿيو.
يءَ حالت ديش جي جيڪس دکايل! دور ٿئي،
ظم هي منهنجو جي اهلِ ملڪ کي منظور ٿئي.

ننڍپڻ جي شادي

ڪاڻ پارت جو اُهو اڄ زيب ۽ زينت ڪٿي
خوش فضا فرحت ڪٿي ۽ رس ڀري راحت ڪٿي
اڄ اُهو ساڳيو اباڻو شان ۽ شوڪت ڪٿي
رس ڪٿي رغبت ڪٿي مصلحت ڪٿي مروت ڪٿي
آهه بربادي‌ءَ جو ڪارڻ خاص ننڍپڻ جو وواهه
جنهن اسانجي ديس دلبر کي ڪيو آهي تباهه

۲

عمر ۾ ٿورو وڏيو تعليم جي قابل ٿيو
بعد شادي‌ءَ پنهنجي پياري‌ءَ زال ڏانهن مائل ٿيو
ڪنوار جي ڪمري ۾ شدمد شوق سان داخل ٿيو
الغرض هم بستري ٿيو، عيش پڻ حاصل ٿيو
جسم ۾ ڪمزوري ٿئي ٿي اهڙي شادي‌ءَ کان عيان
تو ٿئي اولاد پڻ پيدا ضعيف و ناتوان

کيا چوٽ تنھنجي ھزارين چريا،
وتي رنج و غم دل، جي جيئري ٻريا،
گھڻا تنھنجي ڳاراٽي اندر ڳريا،
وَيل رت اُنهن جا نه موٽي وَريا.
تنھنجو ڪاچ پرائو ماس،
ھاءِ ھاءِ ڏيتي ليتي.

ڏسي ڏيل تنھنجو ڏُکياريون ڏرن،
مصيبت جون چوٽون سھي ٿيون مرن،
حياتي گذارن ٿيون پيڪي درن،
وري ڪين جي ساھري گھر وَرن!
نياڻيون ڪيئي ڪيءِ نراس،
ھاءِ ھاءِ ڏيتي ليتي.

وري جي ھٿن سان ھلائين مُٺا،
گھڻن جا دنيا ساڻ ناتا ٽُٽا،
چڙھيا تنھنجي وَر جي، سي جادو ڪٺا،
ٻچا سي دکايل جي تو مان ڇٽا.
ڪٿي نه شل تون ڪرين نواس،
ھاءِ ھاءِ ڏيتي ليتي.

ڏيٺي ليٺي

ٽنهنجي ٽڱي شل ستيا ناس،
هاءِ هاءِ ڏيٺي ليٺي.
ٽنهنجو آهه ندورو واس،
هاءِ هاءِ ڏيٺي ليٺي.

رکين ٿي جتي پنهنجو ڳؤرو قدم،
کرين ٿي اُنهيءَ گهر کي آخر ختم،
هڻي ڏنگ زهري رسائين زخم،
ملي ڪين جنهنجو وري ڪو ملم.
ٽوکي نندن عام و خاص،
هاءِ هاءِ ڏيٺي ليٺي.

٢

چِٽ پِٽ جي ڪُنڊ پاسو،
تنهن ۾ ڪري ٿي باسو،
جيڪن ٿئي بچاءُ خاصو،
ويري ڪري نہ واسو،
ڪو ڪانءُ باز بحري،
ڪاهي نہ ٺانگ زهري.

٣

قائم رهي ڪکن ۾،
پهرو ٿي ڏئي ٻچن ۾،
آرو ڪري ٿي ڏن ۾،
تازن جٽين ڪچن ۾،
جيسين پرين پڪا ٿين،
ٻاهر اندر اُڏامن.

٤

جهرڪيءَ جي چهنب ننڍڙي،
چوُن چوُن ڪري ٿي ڏکڙي،
قد بت ۾ آهہ ننڍڙي،
پر عاقبت ۾ وڏڙي،
ڪيڏو ڪٽنب ٿي پالي،
گهر ٿي سچو سنڀالي!

جهرڪي

ڪک پن ڪري ڳڏي ٿي،
ڪيڏو لڏو لڏي ٿي،
عمدو آڏو آڏي ٿي،
حيرت ڪري ڇڏي ٿي،
تعمير سادگيءَ جي،
تصوير سادگيءَ جي۔

ڪبوتر

وَهَه وَهَه تنهنجي نورَ ڪبوتر،
منڙي منڙي اور ڪبوتر!
ڪيتن ۾ چِٽ چور ڪبوتر،
تنهنجي چُڳه چُڳه زور ڪبوتر!
لڪي لڪي ٿو جهانيون پائين،
چوڳو ٿو چورائي کائين؟

٢

ڦِر ڦِر سان هر دل هرکائين،
هُو هُو جو آلاپ آلائين.
ڦرڙيءَ واريون ڦيريون پائين،
جهرڪيءَ واري جُهمر لڳائين،
پنهنجن پيارن ساڻ اُڏين ٿو،
باد زمان سان راند ڪُڏين ٿو.

٥

چرنديون ڇڄون جهاي ٿي،
گهر ڏي ڪٽي هلي ٿي،
سَرِ سَرِ ڪري سلي ٿي،
پائين ٻلي ٻاي ٿي،
ٻچڙا ڏسي نچن ٿا،
ڪيڏو نه شور ڪن ٿا.

٦

سٽيي سَڄَر سوادي،
آندي جا چيز ڪادي،
ميٺڙي مڃي اُپادي،
اُن جي ٻٽي نه آدي،
ڪُلَ سان ملي ٿي ڪائي،
آنند نت منائي.

٦

ڏُور ڪان پرڪي ايندو ماري،
ڪسڪڻ جي ڪرين ٿهه پهه تياري؛
مگر وچايل چوُڏر جاري،
آڏي قاسايءِ چوُڏاري،
تو ٿئي عيش اُڏائڻ چاهيو،
ليڪن قسمت قيد ڪرايو.

٧

ماري ڏوري ترت ڪشي ٿو،
دست جفا سان بند ڪري ٿو،
ٽڪڙو ٽڪڙو پاند پري ٿو،
آخر ۾ تڪبير پڙهي ٿو!
هينئڙ ڪٿي سا ذات دڪايل؟
لالن واري لات دڪايل!

۳

پَر پَر ۾ سُر تار سمايو،
سڌل سَتا کي جنهن جاڳايو،
بيحد جو درياهہ وهايو،
سا، ري، گ، م، پ، ڌ، ني سا، ڳايو.
ٽُڪ ٽڪ ۾ جا تارُ هلي ٿو،
قدرت جو اِسرار سلي ٿو.

۴

سورج جا ڪرڻا ڦاسائي،
تن جا خاصا ويس بڻائي،
رنگ برنگي نقش ڪڍائي،
بت ساري کي ڏين ٿو ڍڪائي!
پر پر ٽي چِٽ ميناڪاري،
سهڻي سڦري نقشنگاري.

۵

سئر فلڪ جا خوب ڪرين ٿو،
ڌرتيءَ تي پڻ ڌيان ڌرين ٿو،
ڪيتن ۾ آنبار تڪين ٿو،
اَڙجي لالچ منجهہ لهين ٿو،
ٿو ٺٽي پانيون جنهن کي چوڳو،
نڪتو آخر ۾ سو ڏوکو.

وَر وَر ڪري نماڻي، ڦڙ ڦڙ ڪندي اُڏاڻي،
ليڪن ڪري ٿي ساڻي، آڪاس جا اُماڻي.
مشڪل اِجا صبر هو،
صياد جو فڪر هو.
پرواز جي نہ طاقت، تفريح يا تراوت،
ويجهي نہ ڪا حمايت، ساٿي نڪو سلامت.
سيني ۾ هاءِ ڌڙڪڻ،
دِل ۾ هزار اُلجهڻ.
ڦٿڪي گهڻو زخم کان، صياد جي ستم کان،
وانجي رهي رحم کان، محروم ٿي مام کان.
آئي ٻري پکين تي،
لڙڪن جي لڙهہ اکين تي.
صياد جي هٿن کان، حرفت، فريب و فَنَ کان،
هن گردشِ زمن کان، هن عارضي وطن کان.
مونکي امانَ گهرجي،
اي آسمان! گهرجي.
قدرت جا ساز سهڻا، ميدان هي ڪشادا،
ساٿين سوا وڏن ٿا، ساوا نہ هي چراگا.
ٿي دور نغمي خواني،
هي سئر آسماني.

كونج

كيڏي قطار ٽوڙيءِ، هڪ ساٿ مان وڇوڙيءِ،
جهٽ پٽ بندوق موڙيءِ، داغي نشان ڇوڙيءِ.
كيڏي مفاصلي تي؛
كونجن جي كافلي تي!

ساٿين سان گڏ سفر تي، ويٺي ٽٽي كنهن كيپر تي،
گولي چٽيندي پر تي، آڻي هٿين ڇپر تي.
تو بي رحم شڪاري!
هڪ وار ساڻ واري!

پنجتيهہ سالن جي پراڻي ڳالهہ آهي. لاڙڪاڻي
جي وڏي بازار کي، رات جي وڳڙي ۾ اچانڪ اچي
باهہ لڳي. ڪيترائي ڪپڙي توڙي ڪڇارجا دوڪان
باهہ جي لپيٽ ۾ جلي رک ٿي ويا. انهيءَ وقت
اڄوڪين فاير برگيڊ موٽرن جو بندوبست ڪٿي هو.
ميونسپالٽيءَ جون هٿ سان پمپ ڪرڻ واريون
مشينون هونديون هيون، جن جي وسيلي ئي باهہ
تي پاڻي وجهي، جهڙن سان باهہ وسائي ويندي
هئي. پاڻي بہ پري پري کان کوهن ۽ بورنگ پمپن
تان آندو ويندو هو. پر انهيءَ وقت هرڪو زندهہ دل
شهري باهہ جي گهنڊ جو آواز ٻڌي هن سيوا جي ڪم
۾ اچي مدد ڪندو هو. ويندي زالن ۽ ٻارن تائين
سڀ شهر وارا، پنهنجي پنهنجي وت آهر پاڻي
پهچائڻ، توڙي باهہ کان بچيل سامان ڍوئڻ ۾
همراهي ڪرائيندا هئا. پاڻ تي پاڙڻ جو اُهو زمانو
ڪيڏو نہ سونو زمانو هو، جڏهن هڪ ٻئي سان
همدرديءَ جو جڻ عملي سبق ملندو هو. هيٺيون
بياني شعر اُنهيءَ وقت جو جهونو آهي، جو پڙهندڙن
جي سيوا ۾ پيش ڪجي ٿو.

ڇُربرڻسي شڪاري، هلڪي ڇلانگ ماري،
ڇپ ڇپ ڪري پڇاري، اُف! خون خوار جاري.

ٻوڙي جهلي جهڙيءَ ۾،
سڪرات جي گهڙيءَ ۾.

ڻي ڪم تڙپ بدن ۾، صياد جي چنبن ۾،
باقي رهيو نہ تن ۾، ڪوڊم هو الوطن ۾.

ڪيڏو نہ غم ڏکايل!
جيوت جو دم ڏکايل؟

٣

جيئي جار جَرَ جو ڇڏيو ڇا وڃائي،
ڪيا خاڪ ڳهرڙا ڳهٽن جا جلائي،
اُٿي! ڀڄ، ڀڄڻ ٿو توکي جڳائي،
نہ ڇڏ لعل! شيوا جو سڏڙو نڏائي،
وِسائڻ جو ڪڻ بس سمر تون سنڀاري،
اُٿي باھہ جو ڳهنڊ ٻيڻو پڪاري.

٤

پکڙجي پوَنَ ۾ جي شعلا اُڏن ٿا،
اُڏرندي ڳهڙيءَ ۾ وڃيو گم ٿين ٿا،
پُري پَڙڪ سان ڏس تہ محلا ڪرن ٿا؛
ڏڏي ڏڙڪ سان ڏوُ زمينۡ تي پون ٿا،
ڏئي خوب پڙڪا اُلا ٿي اُٿاري،
اُٿي باھہ جو ڳهنڊ ٻيڻو پڪاري.

٥

ڇڏي ننڊ آرام پنهنجو ڦٿائي،
اچي ڀڄ جادي ٽڪي ٻوڙ پائي،
ڪٽي ڏول، پاٽي ڀري ۽ ڀرائي،
ڳهڙيءَ لاءِ ڇڏ جوان! گنگا وهائي،
اکر ڇڏ تون شيوا جو دل تي اُڪاري،
اُٿي باھہ جو ڳهنڊ ٻيڻو پڪاري.

باهہ جو گهنڊ

اُٿي ! مينهن ٿانڊن جو ڇوڏر وسي ٿو،
غضب ٿيو، مدد ڏيو ڪا هر ڪوڇوي ٿو،
ظالم، روڄ، راڙو، ڪنن تي پوي ٿو،
نظر غم جو هرسوُ نظارو اچي ٿو،
تڏهن تون بہ وڃ، پڻ ٻين کي اُٿاري،
اُٿي باهہ جو گهنڊ ٻيئو پڪاري.

٢

پڇي جاڊ ٻوڙي جو انسان آهي،
مدد لاءِ ٿيو عام اعلان آهي،
وڏيءَ ڪنهن مصيبت جو اڪان آهي،
نباڳو شهر لاءِ نيشان آهي،
ٻري آهہ ڏيندي جهڳا ٻيا بہ ٻاري،
اُٿي باهہ جو گهنڊ ٻيئو پڪاري.

٩

کيپي آگ نارڻ ۾ ٿي خاص حشمت،
خطر راهہ ۾ آ حياتيءَ جو الفت،
کندي شيوا سر ٿي اچي جي مصيبت،
مصيبت نہ آهي، مگر آهہ رحمت،
چڙهندي اچانک جا آفت کي ٽاري،
اُٿي باهہ جو گهنڊ بيٺو پڪاري.

١٠

کيپي اڄ ٿو شيوا سندو دان تنهنجو،
ڏکئي وقت آهي هي اِمتحان تنهنجو،
پرينديا دعا سارڻ دامان تنهنجو،
وسيلو ٿئي شال پرڳوان تنهنجو؛
نہ چڙهہ فرض پنهنجو وسوڙها وساري،
اُٿي باهہ جو گهنڊ بيٺو پڪاري.

١١

نہ ڪاءِ خوف، سامهون مصيبت اگر ٿي،
نکي هار دل، جي کو خطرو نظر ٿي،
دڪايل! سدا ڪرتون شيوا بي ڏر ٿي،
کري نانءُ جيڪا دنيا ۾ امر ٿي،
سچو سک وٺي ڏس! تون شيوا ۾ گهاري،
اُٿي باهہ جو گهنڊ بيٺو پڪاري.

٦

وِسائِلُ جو تو کي نہ سامان آهي،
نہ هَمَت، جي ڳپا ڳيهہ گهمسان آهي،
نہ کا راهہ رستو، خطر جان آهي،
گهڙي پڻ اگر توکي ايمان آهي،
مِٽي يا ڪٽي آب ڇڏ ترت هاري،
اُٿي باهہ جو گهنڊ بيٺو پڪاري.

٧

ٻ جي وچ نہ ساهون جي سردي اگر آهہ؛
سڄو ٻُٽ يا تنهنجو پُسايو پگهر آهہ،
نہ ڇڏ فرض توٽي اُڏانگو سفر آهہ،
اڳيان سخت واري يا ريتي پٿر آهہ،
همت ڪار ساري ڇڏيندي سنواري،
اُٿي باهہ جو گهنڊ بيٺو پڪاري.

٨

چوَن باهہ ناهي مگر آهہ قيامت،
اچانڪ آ ڪڙڪي غريبن تي شامت،
رهي ڪين شايد ڪو هڪ گهر سلامت،
ڪري ڇڏ همت سان جنسي ڪرامت،
اِرادي جي طاقت تي ڏونگر کي ڏاري،
اُٿي باهہ جو گهنڊ بيٺو پڪاري.

آهه رکڙيءَ ۾ سمايل،
پيڻ جي آشيرواد،
جنهن ۾ پاوڪتا سان شامل پريم واري ويدنا،
ٿي ڏياري سخت آفت،
جي سمي سؤمان ياد،
فرض قربانيءَ سان جوڙي سنگ ٿو،
ساهه کان پيارو لڳي خود ننگ ٿو،
حوصلو ڏيئي ٿي رکڙي،
سرخرو جڳ ۾ کري،
پاونا قولي ڦري.

آڱريون نازڪ وجهن ٿيون،
جان، بت بيجان ۾،
ڳنڍ رکشا جي ٿي جاڳائي پوتر چاهنا،
ريشمي سوٽي تندون،
آٽيو چڙهن ايمان ۾.
پيڻ جي رکشا لءِ دل ٿي بي قرار،
آبرو صدقي ڏئي ٿي تار تار،
ٿو دکايل پاءُ مرکي،
پيڻ جي خاطر مري،
پاونا قولي ڦري.

رکشا بنڌن

پيارا ڦولي ڦري ،
رکشا بنڌن جي امر جوتي جري ،
پاڙ جاڳي پاڻ جو شل ،
پيار جو هردو پري ،
پيارا ڦولي ڦري ۔

تند ڪچڙي ناهه رکڙيءَ جي،
مگر ممتا جي ڏور،
جنهن ۾ آهي ڪرتويه جي پالنا جي ساڪنا،
ڪاپنا سگهي نه آهي،
پر امر آشا جي ڏور۔

هرش جي آئي گهڙي تو من ڪڏي ،
دل ٿي پينگهي ۾ اُمنگن جي لڏي ،
دل اُڇل سان نيڻ جل بڻجي،
ٿي اکڙين ۾ ٺري ،
پيارا ڦولي ڦري ۔

ڪٽڪ رنگا محبوب مهانجا،
مرڪ چپن تي، نيڻ گلابي،
هلڻ چلڻ ۾ بي حد سادا!
دل جذباتي مرم وسيڪي هنري ۽ هوشيار،
سدائي هريو ڀريو ملبار.
محنت سان هرڪنهن جي محبت،
هڏن سچو هت آهي سيڪو،
زالين مردين ڪن ٿا مشقت!
ويهي ڪائڻ ڏوهم سماجي، پورهئي جي لءِ پيار،
سدائي هريو ڀريو ملبار.
ٻوٽ نہ ڪو مندر ڪان خالي،
پوڄا پاٺ ڪري ڪائيندا،
خالي ڪيندا مور نہ سوالي،
ڪو پنج وقتو ويندو مسجد، ڪنهن ديول ديدار،
سدائي هريو ڀريو ملبار.
هڪ پاسي ساگر جون ڇوليون،
ٻئي پاسي پربت جو اولو،
هيرِ صبح جي ڏئي ٿي لوليون،
مند موافق آهم دڪايل! هنڙي هر پرڪار،
سدائي هريو ڀريو ملبار.

ملبار- ڪيرل

هريو ڀريو ملبار سدائي هريو ڀريو ملبار،
اسانجو هريو ڀريو ملبار.

سارين جي هت کيتي خاصي،
آنب گهٽا، ناريل جهجهيرا،
ڌرتي ڪجهه آهي وارياسي.
ڪاجن جي پيدائش چڱي، هت خاصو وڻج واپار،
سدائي هريو ڀريو ملبار.

ماڻهو دلَ پر ڌرتي ٿوري؛
ڳوٺ ڳتيل وک وک تي بستي،
ورلي ڪا هت ٻڌي چوري!
ڪونه گناهه غريبيءَ هوندي، گهٽ جهيڙو تڪرار،
سدائي هريو ڀريو ملبار.

ڏينهن جُهـڙالا ٻـوندا باري ،
رات أنڌاري ڪاري ڪاري ،
اونچا نيلا ديـوَن جهڙا ،
راتيون جاڳي ڏين ٿا پهرا .
خاصا چـؤڪيدار ـ ڏڪڻ ۾ ....

نِٿَهَڻِ ۾ چايا ڏيـڻ وارا ،
نيلگريءَ جا ' وڻ سونهارا ،
ڏارن تي ٿا نينگ تپا ڏين ،
ڏينهن جا پنڇي رانديون ڪيڏن .
خوب وندن ٿا پيار ـ ڏڪڻ ۾ ....

ساون ميدنن جون مؤجون ،
ٻارن جي ٻوڙڻ جون شرطون ،
هـارڻ وارا جيتڻ وارا ،
پـاڪ فـرشتا پيارا پيارا .
نازڪ نديڙا ٻـار ـ ڏڪڻ ۾ ....

ٿڌڙيون ٿڌڙيون شوخ هوائون ،
ڪيتن ۾ ڪڙمين جون صدائون ،
سوپارين جا درخت اونچا ،
ڪيت چڱا چانهه و ڪافيءَ جا .
ڏسجن ٿا چؤڌار ـ ڏڪڻ ۾ ....

اوٺا ٻمنب

ڏکڻ ۾ نيل - گري هن پار.
نيل - گري هن پار- ڏکڻ ۾ ....

سايون ڇهچ پهاڙي چوٽيون،
اُپ سان جڻ جي گسنديون موٽيون،
جهرڻن جا روپا ڦوهارا،
اِنـدلـٺـي رنگين نظارا.
ساک ڏين هروار- ڏکڻ ۾ ....

وَروَڪڙن سان چاڙهيون لاهيون،
هاندي خوب پٺائن ساهيون،
آهہ ڳڏيءَ جهڙي هٿ ڳاڏي،
بند ٽي ٻوڙي آڏي ٽاڏي.
ڏندن جي جهَلَ ٽار- ڏکڻ ۾ ....

اسانجو گانڌ يڌام

اسانجو پيارو گانڌ يڌام،
ڌڻون ۽ نيارو گانڌ يڌام.

لاڙيءَ سنڌ جي لاڙي وٽ ٿي سنڌ ڌڻين ڌوار،
ساڳي ٻولي، چالي ساڳي، ساڳيو ارٿ اُچار،
ديس ٻہ ساڳيو، ويس ٻہ ساڳيو،
ساڳي طرز تمام- اسانجو پيارو گانڌ يڌام.

ٻئي هنڌ هرجا ڌاريا آهيون در در آهہ ڌڪار،
هت پنهنجي گهر وارا آهيون پيو پنهنجن جو پيار،
ڪنڌ نہ جهڪايون، ڪين ورايون،
ڪنهنکي مور سلام- اسانجو پيارو گانڌ يڌام.

ڪيتي واڙي هنڙي پنهنجي، پنهنجو وڏج واپار،
هت روٽيءَ پنهنجيءَ تي رهندو پنهنجو ئي اختيار،
هت موتا جي، ٻئي جي چاجي،
حاصل ڪُل آرام- اسانجو پيارو گانڌ يڌام.

ڙُ-يُگ جو نرماڻ ڪنداسين هنڙي هر پرڪار،
نيا وارا ڌسندا رهندا همت جو اِسرار،
هر گهر ساڳي، در در ساڳي
چندي مؤج مدام- اسانجو پيارو گانڌ يڌام.

گــدرن جيڏا لعل تماتا،
آت آت سيرڪ گول پٽاتا،
گجرون موريون گوبيون توريون،
فوٽ فوٽ لنبيون ڪمند گوريون.
قل قُلَ اڪيچار- ذڪر ۾ ....

هـردم موسم ۾ قلواري،
موسم جــي ناهي ڪاٺياري،
گرمي سردي سرء بهاري،
هرڪا مند هتي موچاري.
ذئي ٿي خاص خمار- ذڪر ۾ ....

قدرت جي هت سونهن الاهي،
ايندو ويندو ٿئي خوش راهي،
ماندي دل نہ دکايل ڪنهنجي،
شام صبح جڻ دنيا پنهنجي.
سستو سئر شڪار- ذڪر ۾ ....

وڻ پوکيون - برسات وسايون

گهر گهر وڻ پوکينداسين،
اسين در در وڻ پوکينداسين،
ٻاهر وڻ پوکينداسين،
اسين اندر وڻ پوکينداسين - اسين گهر گهر...

وڻ ڌرتيءَ جا ڳهڻا آهن،
ڌَرَ ٻرَڪي سينگارن ٿاهن،
قدرت جي هيءَ پياري نعمت،
پائي جهول جهليندا سين - اسين گهر گهر ...

١٩٣٩ ۾ جڏهن ڀائي پرتاب گانڌي ڌام رتا کي
عملي جامو پهرايو، نئون نگرآڏجڻ لڳو، تڏهن هن
سڀ کان اول رستن جا ٽڪ ڏياري، وڻن پوکائڻ
جو اُتم ڪم شروع ڪيو.
اسڪول جي اُستادن ۽ وديارٿين سان گڏجي
رستن ۽ گهٽين ۾ ڳائيندي ڳائيندي، پنهنجي هٿ
سان هن گهٽيءَ وڻ پوکيا. انهيءَ وقت اٽڪل ٽيره
هزارن وڻن جون ڇڪيون لڳايون ويئون. اتساه
نرواسي، گهرن جي ڪچ ويٺر، ڀاڻ ڪري ڪم آڻ
لڳا. اُنهيءَ وقت هر گهر ٽوڙي گهٽيءَ منجهان اِهوئ
آواز ايندو هو- ’اسين گهر گهر وڻ پوکيندا سين، اسين
در وڻ پوکيندا سين.‘ ”اسانجو پيارو گانڌي ڌام، نئو
۽ نيارو گانڌي ڌام“ اچوته اُهي گيت، جيڪي نرواسين
جي اُدم ۽ ساهس جا شاهد آهن، هڪ دفعو ور
جهونگاريون.

قدرت جا اسين چور نہ آهيون،
قرض ڪٽيءَ جو پوءِ نہ لاهيون،
جي ڏيون ڪان وٺنداسين،
ڏيون کي ڏيڻ نہ ڇڏينداسين ـ اسين گھر گھر ...

جنھن ڌرتيءَ تي سنڌو ماتا،
پيچ ڏيڻ وارا پيرا پاتا،
تنھن ڪڇ جي اُتر ڌرتيءَ کي،
ڌرتي مھان مڃينداسين ـ اسين گھر گھر...

وڻن ٽڻن وارو هي ڏڪايل!
ڳلن ڦلن وارو هي 'ڏڪايل'!
ڀارت ماتا جي ڪڇ ۾ اسين،
ڳانڍ يڏام اَڏينداسين ـ اسين گھر گھر ...

بِرک جي لڳندا، بِرکا ايندي،
درتي ڦلندي، اَن ڌن ڏيندي،
پوندا مال مڇي گاهن ٿي،
پرجي پاڳيا ٿيندا اسين - اسين گهر گهر ...

وڻن منجهان جا گهِر نڪري ٿي،
ڪکر بڻي اُپ ۾ پڪڙي ٿي،
ميگهن جا اسين . راجا بڻجي،
اِندرسان برُميچيندا اسين - اسين گهر گهر ...

هن حڪمت جا مالک بڻجي،
وڻن تڻن جا پالک بڻجي،
پنهنجي هٿ سان پيڙ لڳائي،
پاڻهي پاڻي ڏيندا اسين - اسين گهر گهر ...

وڻ ترڻ ديش جي دولت آهن،
طاقت ملک کي ٿا پهچائن،
هي اِسراري ڳجهه ڳولهي، اسين،
خاک مان سون وٺندا اسين - اسين گهر گهر ...

وڻ سچ ۾ ٿا وسڻ لڳائن،
آئي وئي کي سک پهچائن،
اهڙن سڌ اُپڪارين جا اسين،
شيواداري ٿيندا اسين - اسين گهر گهر ...

هئي رات سڄي چنڊ جي دريا سان لڙائي،
جنهن موج مچائي.
ڪڏندو ٿئي رهيو قرب سان، سيني ۾ سٿر تي،
سنڌوءَ جي ڪپر تي.
سيني تي هو درياهہ جي هڪ ديو لُهائون،
ماندار ڪوهائون!
گاڏي ٿئي چڙهي گرجندي اُن ديو جگر تي،
سنڌوءَ جي ڪپر تي.
ٻيڙي ڪڏڻ جي لاءِ مهاڻو هو منتظر،
چيائين تہ سفر ڪر.
چڙهياسين وڏي چاهہ سان تِي چُست چڪر تي،
سنڌوءَ جي ڪپر تي.
ٻيڙيءَ مان لهڻ جي جڏهن آخر ٿي تياري،
دل تي هئي ڀاري.
ٻيوس جو دڪايل سان ٿيو شوق شعر تي،
سنڌوءَ جي ڪپر تي.

سنڌو

(سائين ڀيوس سان)

١٩٢٨

سانگي سان وڃڻ ٿيو منهنجو سائين سان سفر تي،
سنڌوءَ جي ڪپر تي.

ڇا نرم وڇاڻو ويو ماڻي سبز ڇپر تي،
سنڌوءَ جي ڪپر تي.

چوڏس هئي چمڪاٽ ڪيان چانڊاڻ ڇتائي،
ڇا صاف سهائي.

چؤطرف چڙهي نور جي چادر ٿئي نظر تي،
سنڌوءَ تي ڪپر تي.

ٻجلي چمڪي، چمڪي قسمت،
پاڻي برسي، برسي رحمت،
نِسري اَنڪُر، نڪري حسرت،
گهر، گهر، در، در، جهولي مسرت،
ڪارا ڪارا بادل ٻوڙو!
ٻوڙي ٻوڙي ڪارا بادل!
جل سان تار ڪري ڇڏ جل ٿل،
اُپرن تازا تازا گل ڦل،
جهنگل ۾ ٿين مؤجون منگل،
ڪارا ڪارا بادل ٻوڙو!
ٻجلي چمڪي چم چم، چم چم،
پاڻي برسي رم جهم، رم جهم،
ٿئي چؤڌاري ڇم ڇم، ڇم ڇم،
رڱجي رنگ نئين ۾ عالم،
ڪارا ڪارا بادل ٻوڙو!
مرڪي مرڪي مست ٻڌايو،
مئخاني جو دؤر چلايو،
گل گل تي ڪو رنگ ڇمايو،
بلبل ڳائي، مور نچايو،
ڪارا ڪارا بادل ٻوڙو!

بادل ٻوڙو!

پيارا پيارا بادل ٻوڙو،
ميگهه ملهارا بادل ٻوڙو،
او مستوارا بادل ٻوڙو،
پاڻيءَ وارا بادل ٻوڙو!
ڪارا ڪارا بادل ٻوڙو!

گلشن جو مالي گهبرايو،
کيتيءَ جو والي گهبرايو،
دانا ۽ سوالي گهبرايو،
ادني ۽ عالي گهبرايو،
ڪارا ڪارا بادل ٻوڙو!

بارانا گبسنا

پوپٽڙو سردار

اُڏر، اُڏر ڪر پوپٽ! بات،
او سيڙي ۽ گذري رات.
اُت يارن کي تنهنجي تار،
ڏينهن چڙهئي نڊ ڪهڙي يار،
واهـ ڙي پوپٽڙا سردار!

گهور گهٽا ڇانئي پل ڪاري،
مستيءَ ۾ جهومي هر ناري،
فرش زمين تي ٿئي گلڪاري،
خاص خوشي ڊوڙي چوڌاري،
ڪارا ڪارا بادل ڊوڙو!

سال پڇاڙا ساوڻ آيو،
ڀاڳين جي اڄ ڀاڳ ڀرايو،
هر ڪنهن ديوي، ديوَ منايو،
سرس دڪايل سارنگ ڳايو،
ڪارا ڪارا بادل ڊوڙو!

ٽڪي جو گهوڙو

شابس منهنجا گهوڙا تيار،
ٽڪي ريل جي هل رفتار.
هَتَ گهوڙا جهٽ پٽ گهوڙا،
ڀل پير اڳي پوءِ مَتِ گهوڙا،
ڪر هڪ وِڪ سان چانئٺ پار،
ٽڪي ريل جي هل رفتار،
شابس منهنجا گهوڙا تيار.

ٽور مور جي هل گهوڙا،
چال ٻيل جي چل گهوڙا،
قدم قدم تي ڪر هٽڪار،
ٽڪي ريل جي هل رفتار،
شابس منهنجا گهوڙا تيار.

جڏهن مان ٽورو ڇڪيان لغام،
تون رخ فلڪ ڏي رکي اُڏام،
دل آرام، ڪر پرنام،
تهه ٿيهه ٽپڪيءَ سان هوشيار،
ٽڪي ريل جي هل رفتار،
شابس منهنجا گهوڙا تيار.

ڇڏ آلس، اُٿ ڪر نہ آوير،
اڳتي حاڪم! اُٿج سوير،
نيرڻ ساجهر آهہ تيار،
چانهہ ۽ ڪيڪ تي پوندي مار،
واهہ ڙي پوپٽڙا سودار!

گڏن گُڏين جي راند رچاءِ،
لاڏيءَ سان لاڏو پرڻاءِ،
منهنجو گهوٽ ۽ تنهنجي ڪنوار،
ڏاجي ۾ ڏج چُوڙا چار،
واهہ ڙي پوپٽڙا سردار!

صبح گهمڻ هل سر بازار،
شام جو باغ جا سير شڪار،
رات ڪمر سان ٻڌ تلوار،
ٿيءُ سپاهي، رهہ هوشيار.
واهہ ڙي پوپٽڙا سردار.

ڪوپ قدرت ڪان هلي حيلو نہ ڪنهن اِنسان جو،
آهہ مالڪ جي هٿن ۾ ئي سمورو معاملو.

ٿي غضب گذريو هي ٻيو پيرو اسانجيءَ هند سان،
هاءِ هيڙن حادثن ڪان هارجي ويو حوصلو.

ڪالهہ تائين جو ڪروڙن ۽ لکن جو هو ڌڻي،
اڄ اُهو محتاج ٿي دَر دَر وتي ٿو ويسلو.

بات بندي جي نہ آهي بن سَهَڻ چارو نہ آهہ،
پر اسانجي وس رکيو آهي ڪريون گڏجي ڀلو.

اي ڌني پرشو دليون کوليو، مُٺيون کوليو، اچو!
پنهنجي ڀائن کي گهڻي لائي مصيبت ۾ ملو.

آب جي عيوض ڪرن ٿا گرم ڳوڙها خون جا،
پر نہ ٿيندو خون هارڻ ساڻ دُک دل جو ڍلو.

اي دکايل هل هلي سيوا ۾ ڪنهن جي جان ڏي،
جو اچي ڪوئنيا ڪان ڪاهي بي ثمر ٿو ڪافلو.

ڪوئٽيا جو زلزلو

(١٩٣۴)

قهر ڪوئٽيا سان ٿيو، ٿي ظلم جو ويو زلزلو،
هند ۾ ۽ سنڌ ۾ ٿيو واءِ ويلا ولولو.

رات وسپت اوچتو پونءِ ڪَمپُ ٿي ڀاري چڪو،
جنهن ٽڏيري شهر ۾ آندو آچانڪ ٿرٿلو.

ري ڪنڌيءَ جي موت ۾ جانيون هزارين ناس ٿيون،
ٿيو اچي غالب غضب غوغاءَ وارو غلغلو.

منٽ اڌ ۾ محل، گهر، بنگلا ڪَکين برباد ٿيا،
ڪوئٽيا بدران اُت مٽيءَ جو ڍير! اڄ آهي نِلو.

بي خبر اڌ رات جو آنڌا ڇڇي آنڌن ڪان ويا،
مرد زالن کي ڇڏي ويا ٻيءَ ٻچن کي هيڪلو.

ديو

ديو بيماريون بڇي،
ويجهو ويهڻ نه ڏي.
ڏينهن ٿرئي ڏاڍي گندي،
سِر جي ٽپ ڪڍي.
زهري مڇر مُنجي،
منهن اونداهيءَ ملڪ ۾.

مڇر

منهن اونداهيءَ ملڪ ۾،
نڪري ڪن ٿا مار.
چَڪ هڻي چڇري چيڏن،
مهان هي ڏنگدار.
ڏيئي بَٺ بخار،
وجهن تات طبيب جي.

طبيب

بڇڙي آهي بابلا!
طبيبن جي تات.
ڦندي ۾ ڦاسي نه شل،
ڪو اچي آڪسمات.
چُنڊڻ سولي بات،
ناهي ٿرت طبيب کون.

پاڻي ۽ وهندڙ

درياهه

بيهان ته ٿئي بدبوءِ،
وَهان ته ٿئي وهه واهه.
بيٺي ڍنڍ ڍبو چوَن،
وهندي ڏنگ درياهه.
وهندڙ ٿــي ويساهه،
بيٺل ٿي بانور نه ڪو!

ڍنڍ

بيٺل ٿي بانور نه ڪو،
پــوڙي يــا مــاري.
هوندي پيٽ وڏي نه ڪو،
ڪــارج ســنــواري.
هـــــردم آزاري،
بيمارين جي پيڙ سان.

ڪري لوپ کاڌي جو، بدهاضمو،
خوشيءَ جو ٿو جنهن ڪان ٿئي خاتمو!
اَگهائي نڪي عرش جو قهر آهه،
نه ڌرتيءَ مان پيدا ٿيل زهر آهه.
اگهو آنهه جي تون! نه روئي نه کاءُ،
ڏسي طعام آڏو، نه لالچ ۾ آءُ.
مٺو آهه ميوي سجو رَسُ ۽ سواد،
ڏئي خوب لذت، ڪري دل کي شاد.
پُڳل پاڄي هرگز نه ورتائجي،
نڪي ساڙي باري رڌي کائجي.
ڪچي يا اُباريل ئي کائڻ کپي،
سندس سَت نه وئڙت وڃائڻ کپي.
بدن مان ته بيماري، ڪوشش ڪري،
وڏيل زهر زوريءَ ٿي ٻاهر ڪڍي.
دوا سان چڏڻ روڪي اگيان آهه،
سراسر وڏو جنهن مان نقصان آهه.
علالت جي ڪن ٿا دوا ڏاڪٽر،
مگر ڪين ڏين ٿا شفا ڏاڪٽر.
دوا مرض کي ٿي دٻائي ڇڏي،
سنهو سوُر اندر لڪائي ڇڏي!

جيئڻ جو جس!

صحت ڪي سُکن جو خزانو چون،
اِها لاٽ سباٽا سدا ٿا لنوَن.
حياتِي صحت جي بنا بي چسي،
سدا بي رسي ۽ سدا بي جسي.
صحت ۾ سُکن جو نهان گنج آهه،
نه جنهن ۾ رتيءَ جيترو رنج آهه.
صحت صدقي اِنسان ڇا ٿا نه ڪن؟
هماٽيون هٿن سان پيدا ٿا لٺن!
سگهائيءَ سنڌي جي گهرين بهتري،
اِضافو ۽ ٻي عمر جي برتري؟
نه ڄاڻج ڏلهي پيٽ ڪاڻ خراب،
وڏي جنهن مان بيماري بي حد عذاب.

خوشي کير ڏئي ۽ ڪريٿو اُداسَ؟
لڳائي ٿو بُک ۽ وڌائي ٿو پياس!
مڙيوئي هي شڪتين سندو کيل آهه،
دوا سان نه جن جو ذرو ميل آهه.
صبح جو اُٿي خوب ڪثرت ڪريو،
بدن خوب مهٽيو ۽ محنت ڪريو.
رکو جام تازيءَ هوا سان پيار،
صحت جو سدا جنهن تي دارومدار.
ٿي ورزش ڪرڻ سان طاقت وڌي،
۽ 'سنِ-باٿ' سان دل جي قوّت وڌي.
ڪريو روز چمڙيءَ کي مهٽي صفا،
صحت لۓ بدن کي ڏيو ڪجهه جفا.
رکو وير ڪنهن سان نه سياڻا اوهين،
ڪريو دور رنجش کي پاڙان اوهين.
غصي ايرشا کان ڪنارو ڪريو،
ڪري ڪروڌ، مَنُ ڪين کارو ڪريو.
ڇڏيو آپ سوارٿ، نه خود غرض ٿيو،
دکايل ڇو پنهنجي لۓ ٿا مرض ٿيو؟
مٿو آهه ماڪيءَ کان سيوا جو رَسُ،
انهيءَ ۾ ئي جيئڻ سندو آهه جَسُ.

دوائون ٿا جيڪي مريضن کي ڏين،
اُنهن کي وري خود اُهي ٿا نندن!
سندن واهپو گهٽ حياتي کري،
دوائن ٿي جيئندڙ سُٺن ٿو مري.
دوائن ۾ آهي اثر جوش جو،
کري خاتمو جو سدا هوش جو.
ڇڏي ٿو بدن کي ٿڪائي جلاب،
پوي پيٽ کي جنهن مان عادت خراب.
دوا سان زهر ٿو وڃي جان ۾،
وجهي زندگي جا وڃي زيان ۾.
ضعيفي دوا نيٺ پيدا کري،
زهر سان ٿي ساري بدن کي ڀري.
صفائي بدن جي کريو ٻوش سان،
بچائي اوهانکي جو سڀ مرض کان.
شفا ڏيڻ جو حق ناهه ٻئي کي نصيب،
علاج آهه پنهنجي هٿن ۾ قريب.
علالت جو قدرت کري ٿي علاج،
سٺيل آهه جنهنجو سمورو هي ساج.
غلاظت اندر مان کڍي ڪير ٿو؟
هي ڪنهنجو ٿو هي آٿل قاعدو؟

فئشنبل سنڌي صاحب

ڪالهه رستي تي ڏٺو مون هڪ سنڌي صاحب،
جنهن تي مڪتب جي خُطابين جو هو خاصو ميڙو!

ڪي ٿمي مبهم ۾ کِليا؛ ڪن ٿمي وڏا ٽهڪ ڏنا،
ٺاءِ ٽيڙيءَ جي مٿان ڪوٽ تي ڪالَرُ ٽيڙو!

سرج جي سُوٽ تي، ناڙي جا ٿمي ڇيڙا لٿڪيا،
ٻرٽ ڪيسي تي ٻريل جنسي ٻرين جو ٻيڙو!

ٻويان ڇورن جي ڏسي ڳهل، آئِي صاحب کي ڳجهي،
ڪي ٻڇِي اڳتي ٿيا، ٻوين ڪيو هيڙو، هيڙو!

"ايڏي اِنسلٽ!" چيو جوان، لڪڙ لوڏيندي،
ايندو اُردوءَ ۾ غصو مونکي "آڙي مَتِ ڇيڙو!"

نقل ڏارين جو ٿو آخر ۾ پشيمان ڪري،
اهڙي فئشن ئي فقط ملڪ جو ٻوڙيو ٻيڙو.

ڪنهن به اِنسان جي دل ڪين ڏکائڻ گهرجي؛
اي دکايل مون وڏي جُهد سان ٽاريو جهيڙو.

خوشامد

قسمت سان ڏنو ڪالهہ مون اخبار ۾ نوٽيس،
ڀُڳسي جي لڳي پاڻ لڇيدار خوشامد.
چاهيو جي نفعو ترت ۽ سؤدي ۾ ڪفايت،
يارو! اچي ڀوڙي ڪريو واپار خوشامد.
سرديءَ ۾ بابيزر جي ٻري خرچ ڪي بُنجو،
اونهاري ۾ فرحت ڏي ٺنڊينار خوشامد.
جاهل منجهان ٿيري وڏو عالم ٿي بٽائي،
پينوءَ مان ڪري ترت پٽيدار خوشامد.
بازر ۾ گراهڪ ٿئي وڏيرو ۽ سِرائي؛
هاريءَ کي بٽائي ٿي زميندار خوشامد.
محفل ۾ يا مجلس ۾ فقط ٿي هلي چرچا،
اڄ ڪالهہ گرم خوب آ بازار خوشامد.
ڀُڳسي جي يا ڪا سڪٽي، خوشامد جا نمونا،
هر جنس ڪامياب مگر يار خوشامد!
عالم ۾ نہ اڄ آهہ سچائيءَ جو زمانو،
هر طرف جهجها تنهنجا خريدار خوشامد!
ٻئي ڪنهن کي زماني ۾ ڏکايل نہ سچائي،
توسان ئي رکو منهنجو سروڪار خوشامد!

ڏکي ايڊيٽري

مشڪلاتن سان ڏئي ڪنهن کي ڏيا ايڊيٽري،
اي دکايل! آهه مالڪ جي مَيا ايڊيٽري.

نااُميديءَ ۾ اُميدن جي ضيا ايڊيٽري،
ٿي غريبن جا ڪري ڪم آڻ ڇيا ايڊيٽري.

جو سچي ايڊيٽريءَ جي ٿو اصولن تي هلي،
اهڙي ايڊيٽر لءِ ڪندن جي شَيا ايڊيٽري.

ٿي غريبن جي حمايت لاءِ ڪافي ڪم ڪري،
۽ ڪري مسڪين تي دهري ديا ايڊيٽري.

ٿو هلي جنهنجو قلم بين جي هميشه اوَن تي،
اهڙي ئي ايڊيٽري بيشڪ سهاڳو سون تي.

سُکي ايڊيٽري

آهه اڄ ڪاهہ جو سُکيو سهنجو گذر ايڊيٽري،
عيش عشرت جو خلاصو ڏئي سمر ايڊيٽري.

ٿي پرائي خوب سيڪاري پڇر ايڊيٽري،
۽ ڪري اخلاق تي اُلٽو اثر ايڊيٽري.

ڪنهن کي ڏ مڪائڻ جي خاطر آهہ ڏر ايڊيٽري،
ملڪ ۾ جهٽ پٽ ڪرائي ٿي قدر ايڊيٽري.

سرڳ، دنيا جو مگر دوزخ جو در ايڊيٽري،
ڪين اهڙو بيو ڪنر جهڙو ڪنر ايڊيٽري.

ملڪ ۾ جاوا دکا يل! اهڙو ايڊيٽر ڪري،
ڀل بنا محنت مزوري ۽ پنهنجو پالهو گهر ڀري.

جيوتَ جي جيوتِ کي ڏاهيو تو جنهن نينهن نظر سان،
ليلا رام ڪيو ڪلُ حاصل تنهنجي ئي هڪ در تان.
چانڊ ومل کي مُهَتَ ڏِنئي،
شل داس تي مهر وسائين - وهه واهه ....

تنهنجي ڪراماتن جون ڳالهيون ڳائن ٿا سنڌ وارا،
ڀڳتِ ٻول ٻُڌڻ لءِ شائق آهن اڄ هند وارا.
سالڪ! پنهنجي سوالين جو شل،
اهڙو عرض اگهائين - وهه واهه ....

هالن وارا لعلن پيارا، ڪهڙا حال سٽايان،
آصاي توڙي نقلي گهر کان دور، مان ٻي گهر آهيان.
شال حقيقي گهر پُرجهائي،
من جو وهم وڃائين - وهه واهه ....

مان هڪڙو ڇا جڳت مڙيوئي تنهنجي آهه پڄاري،
بانهو در تنهنجي جو دڪايل ٻئي ڪنهن ڏي ڇو نهاري.
ڪرم ڪري پنهنجو واڄ تنهنکي،
شال سنئين داڳه لائين - وهه واهه ....

والي ولائت راء

وهہ واهہ ولائت سائين،
تنهنجو نالو امر سدائين،
وهہ واهہ ولايت سائين!
گهر- باري تي جوت جڳائي تو جا جگياسا واري،
اونداهن هردن ۾ اڄ تنهن گيان جي جوتي ٻاري،
منهنجي هردي ۾ شل ساڳي،
جڳ مڳ جوت جڳائين - وهہ واهہ ....

سورج ستگر، گيان اُجالو،
موهہ اگيان انڌارو.
پريم جي يوگ جو شبد ڏئي جن،
ڪاٽيو بنڌن سارو.

بند ڀڳا ڪوڙيءَ ڪلپت جا آنند ساگر ڇُلڪيو،
هر جاءِ نيهن نظارو ساڳيو آيو ڪين نظر ٻيو.

منصوري اَنلحق جا جن،
مستن نعرا ماريا،
شري سچ کنڊ سنت پڌاريا.

پاڻ ڌرم اوتار پڌاريا،
ڌرمون نانءُ ڌرائي.
نيڻ نماڻيءَ ساڻ رهيا جي،
من جو ماڻ مٽائي.

سک دک سر جاڻي سنتن کل دکڙا من جي ڪاڻي،
آتم درشن جي خاطر جن ٻاري گيان ڏياڻي.

هوت حضوري ٿيو، دوريءَ جا،
وهم سڀئي جن واريا،
شري سچ کنڊ سنت پڌاريا.

ڀائي ڌرمداس

شري سچ کنڊ سنت پڌاريا،
ڪال اڪال جا ساکي صاحب،
موت نہ جيڪي ماريا.
شري سچ کنڊ سنت پڌاريا.

پنهنجيءَ مرضيءَ سان جي آيا،
سمُر ڪرڻ سلطاني،
انهيءَ ديس ويا اڄ موتي،
سي جوڳيسر جاني.
پيري ڪين پکي روڪيا پرواز ڪري ويا پيارا،
جيون مکت سدا سي هر جنِ موهہ ممت کان نيارا.
ديهہ وديهہ جو ڀيد سلي جن،
پرم ڀلاڻا تاريا،
شري سچ کنڊ سنت پڌاريا.

ڀڳت ڪنور رام

ٿي اکنڊ ٻرندي رهي نت تنهنجي ڀڳتيءَ جي مشعال،
ڪير جو حاسد، وِسائي، ڪين طوفان کي مجال.
پاڻ تو پنهنجو جڏهن هڪ يار کي سونپي ڏنو،
نيستيءَ هستيءَ جو پوءِ باقي رهيو ڪهڙو سوال!
پريم ۽ سچ ٿي سدائي ڀروسو تنهنجو رهيو،
تو ڪڏهن ڌاريو نه ڪنهن لاءِ وير جو ڪپٽي خيال.
ذات هڪڙي تو جڏهن هرذات آدم ۾ ڏٺي،
پوءِ ڀلا ٻيائيءَ جي سگهڻي ڪيئن ڪرين قال و مقال؟
تو نماڻو ٿي سدا هر منش جي سيوا ڪئي،
فرق ڌاران تو لڌي هر فرد جي سولي سنڀال.

مستن جي محفل ۾ ساڳي،
اڄ نہ ڏکا يل مستي،
موڳي تن لاهوتين ڏاران،
بيراڳين جي بستي.
ويڳاڻا هن ويڙهي وارا ويڻا تا واجهائن،
سوامي جن جي صحبت جون، تا پل پل ڳالهيون ڳائن.
امرت واڻيءَ ساڻ جگياسن،
جا جن هردا ٺاريا،
شري سچ کنڊ سنت پڌاريا.

سوامي ٽيئُون رام

تنهنجو مئخانو سدا وسندو رهي ڊِب جا ڌڻي!
جام ٿي پُرِ جام نت ڦرندو رهي ڊب جا ڌڻي!

١

جي اچن چاڙهي چُڪي، مدهوش ۽ مخمُور ٿين،
فڪر دنيا جا وساري مست ۽ مسرُور ٿين.
تاپ آپي جو مٽائي چاهه ۾ نت چُور ٿين،
جي رهن ويجها وسن ڪي، سي نه هرگز دور ٿين.
دل جو پيالو ڇلڪندو ڇاندو رهي ڊب جا ڌڻي،
تنهنجو مئخانو سدا وسندو رهي ڊب جا ڌڻي!

٢

عشق سلطانيءَ جو چاڙهي رنگ جي بي رنگ ٿيا،
سنگ مايا جو ڇڏي تنهنجي سدا سي سنگ ٿيا.
جن ڪيو ديدار، دل جو تاڪ کولي، دنگ ٿيا،
هڪ پسي هرجاءِ ساگيو حق نه ڪنهن مان تنگ ٿيا.
تو ڏنو هوڪو جو، سو هلندو رهي ڊب جا ڌڻي،
تنهنجو مئخانو سدا وسندو رهي ڊب جا ڌڻي!

پيت پالڻ لاءِ پورهئي کان نہ توکي عار هو،
تو سدا محنت ڪري پنهنجو ڪيو ڪاڌ و حلال.
ريس محلن جي نہ هڏ تنهنجي مٿان غالب پئي،
چو نہ تو وٽ هئي سدا سنتوش جي مضبوط ڍال.
تو رکي هردم وِلهڻ نيچڻ نماڻن تي نظر،
پيو تڏهن توتي نجو نالو هو دينن جو ديال.
توکي جيڪي پي مليو سو تو نہ پنهنجن لءِ رکيو،
پر ڪيو وَنڊ ورچ جو تو ملڪ ۾ قائم مثال.
تنهنجون خوبيون تنهنجا گڻ ڪيڏا ڇئي ڪيڏ چوان،
منهنجي جڀ ويچاري ڇا ورنن ڪندي تنهنجا ڪمال!
تو پروڙي رمز سهڻي سان ملڻ جي راڳ ۾؛
چير جي چِمڪي ۾ تو پاتي سا لذت بي مثال.
پر مليو توکي سو دنيا کان، جو سنتن کي مليو،
سيني تي گوليون سهي تو يار سان ماڻيو وصال.
تون ڪنول گُلَ جان ڪنور! سنسار ۾ ترندو رهئين،
شل 'دکايل' کي ڪندين نرمل نگاهن سان نهال.

ڀڳت ڪوڙومل صراف

گرهست ۽ سنياس جو رهسيہ ٻڌائيندو وئين،
تياڳہ تتپرتا جو جڳہ کي ڏڳہ ٻتائيندو وئين.

تو رڳو پنهنجا ڄڻيا، پنهنجا نہ دنيا ۾ ڪيا،
پر پراون کي بہ تون پنهنجو ٻڌائيندو وئين.

زور تنهنجو هو پٽن جيان ڇو نہ ڌيئر پڻ پڙهن،
پاٺ اهڙو پنهنجي جاتيءَ کي پڙهائيندو وئين.

هو گنگو-ڌن ڪان مٿي تو لءِ نہ ڌن سنسار ۾،
پنهنجي سيوا سان سدا سو ڌن وڌائيندو وئين.

ٻارڙن ۾ تو ڏٺو سڀ ڪان وڏو پرماتما،
پيار تن معصومڙن تي نت وسائيندو وئين.

سنت-سيوا سان ننڍي ڪان تنهنجو ڏاڍو هو سنبنڌ،
نينهن پيريءَ تاءِ سو پنهنجو نڀائيندو وئين.

سون ٿوريندي سدائي تو سِڌي ڳنڍي جهاي،
هيءَ سڪيا سڄ جي هنئين سان نت هنڊائيندو وئين.

٣

تو فقيريءَ کي اميريءَ کان مٿي ڄاتو سدا،
بي سمر، بي گهر نماڻن سان رکيءَ ناتو سدا.
پاڻ کوهي پاڻ ۾ تو پاڻ کي پاتو سدا،
نينهن پنهنجي يار سان مطلب بنا لاتو سدا.
سُرت وارو ساز نت وڄندو رهي دب جا ڏِيي،
تنهنجو مئخانو سدا وسندو رهي دب جا ڏيي!

٤

اڄ به ورتي جنهن جگياسوءَ نيڪ نينهُن رام جي،
ڇوٽ هڏ رسندي نه تنهن تي خيال خالي خام جي.
ڪانه پرواهه سو ڪندو مايا جي ڌُهري دام جي.
اوٽ تنهن کي موٽ ۾ ملندي سچي ستنام جي.
جنهن رکيو ويسهه اُهو هسندو رهي دب جا ڏيي،
تنهنجو مئخانو سدا وسندو رهي دب جا ڏيي!

٥

پريم جي پرڪاش سان روشن ڪيو جو راهه تو!
پوءِ پلا باقي دکايل! دل رهي گمراهه ڇو؟
يا نه ڇمبو ناهه پختو ۽ پڪيرو چاهه سو!
سچ نه دنيا مان ڪڏائي هڪ رکو ويساهه تو.
جيئُو هرڪو هي سبق پڙهندو رهي دب جا ڏيي،
تنهنجو مئخانو سدا وسندو رهي دب جا ڏيي!

ساڌو ريجهومل لاهوري

(لاڙڪاڻي ۾ ڪالرا وقت سيوا ڪندي سرڳواس ٿيو)

(موت سان شڪايت)

ڪيان ڪهڙي نموني دل مان،
تنهنجي سخت تيرن کي.
لڪائي لعل لاهوري رلايءِ
راهه گيرن کي.
ڏٺي جاڙي، خوشي هئي يا الم، ليڪن
ڏٺو مون ڇا؟
پيامِ مرگ هو، افسوس، سيوا جي اسيرن کي.

ويھي ڪائڻ يا بنا پورھئي گذارڻ پاپ آھ،
ڪرم جي اھڙي منئي مرلي وڄائيندو وئين.

جو ڪمائين، ڪرشن ارپڻ ڪر ۽ پوءِ پرساد پاءِ،
اھڙي جڳتيءَ سان جيئڻ جو ڀيد پائيندو وئين.

رک سدا سادو گذر پنھنجو مگر ويچار اوُچ،
حيدرابادين کي چا، سنڌ کي سٽائيندو وئين.

ديھ سان سنبنڌ نہ ڪو، ھئين آتما-ساکي اَچل،
تون دکن ۾ ڀي سدا سک ئي سو پائيندو وئين.

تنوکي ڪاشيءَ جي ڪشش ڳھلي ويئي گھر بار ڪان،
وات وئنڪٽ جي وٺي ھرنام ڏيائيندو وئين.

ڦاڳ ۾ جيڪي ڦتو سو چيٽ ۾ چمڪي اُٿيو،
پاڻ سان گڏ ٻين سوَن کي رنگ لائيندو وئين.

پريم ڀڳتيءَ جي ڪري نالو ٻيو تنوکي ڀڳت-راج،
ڀڳت ڪونوملُ تنڌھن جڳ ۾ سڏائيندو وئين.

تو سکين سبنئين اڳيان ويھي نہ ڳايا راڳ کي،
جو 'دکايل' گيت ڳايو، سوئي ڳائيندو وئين.

ڪاڪو گيانچند موٽواڻي

گيان - گهر جو ٿون آبو، بابو وِشي نانڪ جو،
ڪاڪو ڪل جوٽِي رهئين، ڪين مگر ڪنهن هڪ جو.

تو ڪڏهن پنهنجي پرائي ۾ نہ ڪو پيد رکيو،
ساهہ ۾ جاءِ ڏنيءِ جي ڪو بکيو هو سڪ جو.

سنت ساڌن ۽ فقيرن جو رهئين داس بڻي،
پيالو واليءَ ڪو سڄڻ! اهڙو پياريءِ پِڪ جو.

علم ٿورو پڙهئين پر مهر سان مرشد جي ڪڙهئين،
چاڙهيون چؤڦير چڙهئين، ڊپ نہ رهيو ڪنهن چڪ جو.

گيان گلشن مان سدا گُل ٿو آلوفيءَ جا ڪنيا،
ياد هر ويل سبق توکي هو لوڪان لِڪ جو.

جاڻ ۽ ماڻ جڏهن هوت حوالي تو ڪيا،
پؤ پو باقي ڇو رهي يار جي در تان ڏِڪ جو؟

ايندي ويندي جا بندڻ توکي بندي ڪين سگهيا،
خيال دم دم جو ڪنيو ن بيٺو هو ڇوهو ڇِڪ جو.

آهہ اَڄ وَڄ جو هي دستور پراڻو، ليڪن
ماڳہ شل پاڄون دڪايل! نہ مٺي مالڪ جو.

۲. وَبا جي سخت واچوڙي،
جڏهن جڪڙيو وطن تنهنجو.
تڏهن تو شير! توڙيو خوف
ڏيئي جي زنجيرن کي.

۳. خوشي دل جي رکي پاسي،
ٿئين همدرد پائن سان.
ڪئي تو دست سان دولت،
ملي مشڪل اميرن کي.

۴. سَنو قسمت، دکايل ڪين
اهڙو لعل لاڪيڻو.
ڪيو مشتاق جنهن موهي
اميرن چا فقيرن کي.

سنگيت ـ ڇهٽو

ٺارو ـ اُپگرهه ۾ اُڏري ويندس،
چاندو! چندر لوڪ.
چاندو ـ اون هونُ، تُوم ڪٿي سا تو منجهه،
ٺارو ڦاڙ نه پوڪ.

ٺارو ـ روس، اميريڪا نه اُڏايا پنهنجا نقلي چنڊ؟
منهنجي لءِ سوڪين ڏکيرو جوڙ، ضرب، ڪٽ وَنڊ.
آهه حسابي ڪم وگياني،
کيل ڪبي هٿ جو سو جاني.
ٺورو ٺرسي ڏس رنگ منهنجا ناحق ڌار نه ٺوڪ.
اُپگرهه ۾ اُڏري ويندس ....

ڀڳت پورومل چنديرام رام رکياڻي

وقت کان اڳ، وئين هليو،
ڇا کون ڀلا پورل فقير.
ڪال کي پنهنجي ڪئي تي،
ڇينيو خود هوندو ضمير.

•

تون اڃا مس رنگ پنهنجي ۾ هينئر آيو هئين،
جو ڪنيي توکي ڪٽي تڪڙو پڳا منڪر نڪير.

ڪيئن فرشتو موت جو تن کي چوان؟ جيڪي قهار،
ويا سوين سينن ۾ ڪوڙي اڄ سنڌ فرقت جا تير.

پر وڇڻ جي وقت پيو تن سان ڪِليو هوندين ضرور،
جو نہ مشڪل جي هيءَ عادت سدا سهڻا سڌير.

شغل شيوا جو رهيو، تو لءِ سدا اخبار جو،
رات ڏينهن جنهن لءِ ڪري پورهيا، وڌءِ ڊاهي سرير.

ڀاءُ ڀڳتيءَ سان سدا تنهنجو ڀريو هردو رهيو.
تو تڏهن عقبا ڪان، دنيا کي سڄڻ! سمجهيو حقير.

اُڄ دکايل سان ڪندو بيو ڪير تو بن ڳالهڙيون،
جنهن سان اورڻ لءِ رهي باقي فقط تنهنجي اُڪير.

مذهب ڌرم جو پيد نہ جن وٽ،
اوچ ۽ نيچ جو ڪيد نہ جن وٽ.
ڌرم رڳو جن جو اِنساني،
مست ڪوي سي ٿيا لاثاني.
محفل ۾ تن جي هلٽو آهہ،
سرڳہ ڏي چاهہ رکي چلٽو آهہ.
همت وارا پِل نہ اُڏامن سَڌُون ڪن ڊرپوڪ.
اُپگرهہ ۾ اُڏري ويندس ....

چانڊو- سرڳہ ڏي جيڏري هلندس مان پيِي،
پر جي موڪل ڏيندي پاپِي!
يار چگو ٿي تيار هلانئو،
ڏسڻ ڪوي دربار هلانئو.
درويشن جو ٿيندو درسن،
ميلي سان من ٿيندو پرسن.
دير چگي ڪم ۾ چو وجهجي ٿارو! ڪلندا لوڪ.
اُپگرهہ ۾ اُڏري هلبو ٿارو! چندر لوڪ
(ٻئي گڏ) هلبو چندر لوڪ هاڻي هلبو چندر لوڪ.

(طبلي ٿي) پاڻ نہ ڪنهن جا دشمن آهيون،
بگڙيل ڪارج ٿا نت ٺاهيون.
جڳ ساري سان پريت اسانجي،
ڪانہ لڙائي ريت اسانجي.
جنهن سان لايون توڙ نباهيون،
غم ڪائون سنگت نہ ڦٽايون.
وعدو اوڏر وڙ نہ اسانجو، ڏيڻ ونڻ سڀ روڪ.
اُپگرهہ ۾ اُڏري ويندس ....

(سرم) سوڀ۔ وچڻ جو آهي رايو،
جنهنجي لاءِ ڪريانٺو سعيو.
آهن جت صوفي سونهارا،
شاهہ سچل ۽ ساميءَ پيارا.
پيار، صلح جو جن سُر ڳائو،
روحانيت جو راهہ سيکائو.
ٿن وت ويندي، ايندي ناهي سِڪ وارن ٿي روڪ.
اُپگرهہ ۾ اُڏري ويندس ....

٤

اچي شٿيج دنيا تي ٿو هرڪو ائڪٽر بڻجي،
مريضن کي شفا ڏيڻ لاءِ روحاني ڊاڪٽر بڻجي.
گذاري عيش دنيا ۾ نٿو جاڙي، ته رب تعاليٰ،
سڀني مخلوق ۾ سرجو ڏنو انسان کي اعليٰ.
اچڻ سان دؤر دنيا ۾ اصل ناتو وساري ٿو،
دڪايل! فرض کي ترڪي رڳو غرض ۾ گهاري ٿو!

٥

جيڪڏهن چاهين دنيادارن جو بڻجڻ رازدار،
۽ گهرين پيدا ڪرڻ پنهنجي لاءِ خاصو روزگار.
ها ۾ ها جو سُرُ ملائڻ، سِکُ ٿنا وارو ستار،
روبرو ڪافي خوشامد جو لڳائي ڇڏ انبار.
اهڙي ڪوشش سان دڪايل خود جشن وارن منجهان،
تون به هڪ ڏينهن ٿيندين اهڙن خاص سردارن منجهان.

٦

علم موسيقي رسائي خاص منزل ماڳ تي،
اي دڪايل مهر مالڪ جي هميشه راڳ تي.

اُچلون

طبيعت ۾ حب وطن جي خصلت ۽ خوُ رهي،
پارت جي فائدي جي دليِ آرزو رهي.
جنهن ۾ مٺي وطن جي عزت آبرو رهي،
آزادگيءَ جي دل ۾ اُها جستجوُ رهي.

۲

جي مصيبت ٿي اچي مرد کي بهتر ٿي ڪري،
پهرين تڪليف ڏيئي بعد ۾ پُر سَرِ ٿي ڪري.
رتبو بالا ٿي ڪري اوُج تي آخر ٿي ڪري،
آگ قرباني سچي سون کي ظاهر ٿي ڪري.
ملمع سوني جو پلا باهه جو ڪيئن تؤ سهندو،
پنهنجي اصليت کي لڪائي ڪيسين پتل رهندو؟

۳

نہ ڏس نفرت سان بڻي ڪنهن ڏي ادا! دشمن ڪتر سمجهي،
تڪاري ڇڏ نہ دنيا کي گندي سِر جو گتر سمجهي.
نہ ٿيءُ اهڙو نرم گهڻي مٿان ماڻهو بتر سمجهي،
نہ ٿيءُ اهڙو مڇوُ، ڇڏ ني مٿان موکو مٿر سمجهي!
دکايل! همت ڪرڻ ڏاران پڙهڻ سان ڪانہ پورت آهہ،
مريضن کي دوائن سان، ڪِريءَ جي پڻ ضروت آهہ.

٧

جي گهرين واقف ٿيان دنيا جي اسرارن منجهان،
غيب جي پردي منجهان عالم جي اظهارن منجهان.
اي دڪايل! صاف ڪر دل جي اُگهي تون آرسي،
جنهن جي پاڇي ۾ سڄو قدرت جو رنگ سگهندين پسي.

٨

هي ڪڙو محلات خيالي ڪير آهي جو پڇي،
جو ڇُٽو هيڪر، وري سو تير ڪيئن خالي وڃي!
منهنجي ترڪش ۾ هزارين تيز تيرن جو مڪان،
اي دڪايل! ڪين ويندو منهنجو خالي ڪو نشان.

٩

اي شاهہ! ڪر نہ ڪاوڙ پينوُ فقير آهيان،
سنسار جي نظر ۾ هڪڙو حقير آهيان.
مونکي نہ زر زمين يا سهڻو لباس گهرجي،
سائين! فقط اوهانجو قرب و قياس گهرجي.

١٠

اڄ اچڻ سان شمس سِرَ تي تاج سوني جو رکيو،
چارسوُ سينگار سهڻو ساج سوني جو رکيو.

١١

مُلهہ ڪٿڻ آهي ڏکيو قدرت جي زينت زيب جو،
اي دڪايل! ڪين جنهن ۾ آهہ نقطو عيب جو.

لہرہ ساہتیہ
پرکاشن کالا پدار
آن ہور (جی)